# سامي ءَ جا سلوڪ

(ٽئي ڀاڱا مڪمل لغت سميت)

پروفيسر بي. ايڇ. ناگراڻي

روشني

# سامي ۽ جاسلوڪ

[ٽئي ڀاڱا - سامي لغت سميت]

ترتيب ڏيندڙ

## پروفيسر بي. ايڇ. ناگراڻي

ترتيب لغت

## گل محمد ٽنيو

روشني پبليڪيشن

ڪنڊيارو

2000ع

Roshni Book No. 168

كتاب جو نالو: ساميءَ جا سلوڪ
ترتيب: پروفيسر بي. ايچ. ناگراڻي

ڇاپو پهريون: © روشني 2000ع
ڪمپوزنگ: حبيب قادر قريشي
روشني ڪمپوزرس، حيدرآباد.
ڇپيندڙ: فائين ڪميونيڪيشن، حيدرآباد
ڇپرائيندڙ: روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو

قيمت: 180.00 رپيا

# SAMI'A JA SULOK'A

[(Poetical works by Sami (1743-1850 A.D)]

Translated by: Prof. **B.H. Nagrani**
Composed by: Habib Qadir Qureshi.
Roshni Composer, Hyderabad
Printed by: Fine Communication Hyderabad.
Published by: Roshni Publication Kandiaro

3rd Edition © Roshni 2000

**اسٽاڪسٽ**

شاهه لطيف ڪتاب گهر - حيدرآباد
ڪاٺياواڙ اسٽور - اردو بازار، ڪراچي
رابيل ڪتاب گهر - لاڙڪاڻو
عزيز ڪتاب گهر - بئراج روڊ، سکر
ڪتاب مرڪز - فيريئر روڊ، سکر
يونائيٽيڊ بڪ لينڊ - مهراڻ مرڪز، سکر
نيشنل بڪ اسٽال - پنج گلو چوڪ، خيرپور ميرس
استاد ڪتاب گهر - سوڪ سينٽر، خيرپور ميرس

# فهرست


| | |
|---|---|
| ٻہ اکر | 7 |
| ساميءَ جي سلوڪن جو تاتپرج — رشي ڏيارام گدومل | 11 |

## پاڱو پهريون

| | |
|---|---|
| مايا (الف) | 3 |
| مايا (ب) | 13 |
| اوديا (الف) | 31 |
| اوديا (ب) | 46 |
| مورک (الف) | 53 |
| مورک (ب) | 71 |
| اگياني (الف) | 84 |
| اگياني (ب) | 98 |
| وبساسي (الف) | 138 |
| وبساسي (ب) | 148 |
| ياونا (الف) | 156 |
| ياونا (ب) | 157 |

## پاڱو ٻيو

| | |
|---|---|
| سلوڪ ساڌ مهما (الف) | 163 |
| سلوڪ ساڌ مهما (ب) | 172 |
| سلوڪ ست سنگ مهما (الف) | 180 |
| سلوڪ ست سنگ مهما (ب) | 217 |

سلوڪ ساڃ ست سنگ مهما (الف) 221
سلوڪ ساڃ ست سنگ مهما (ب) 233
سلوڪ گُرُمُکُ (الف) 243
سلوڪ گُرُمُکُ (ب) 297
سلوڪ ايشور مهما (الف) 313
سلوڪ ايشور مهما (ب) 323
سلوڪ اپديش مهما (الف) 332
سلوڪ اپديش مهما (ب) 351
اپديش ياڳو 2 (الف) 359
اپديش ياڳو 2 (ب) 375


## ياڳو ٽيون


پڳتي (الف) 385
پڳتي (ب) 393
سڪ (الف) 407
سڪ (ب) 424
پريم (الف) 431
پريم (ب) 453
نيهي (الف) 465
نيهي (ب) 481
محبت (الف) 491
محبت (ب) 519
عشق (الف) 528
عشق (ب) 545
عاشق (الف) 551
عاشق (ب) 582

| | |
|---|---|
| سہاگنْ (الف) | 591 |
| سہاگنْ (ب) | 600 |
| چھہ، انارھن، چار (الف) | 603 |
| چھہ، انارھن، چار (ب) | 608 |
| لکشنْ (الف) | 614 |
| لکشنْ (ب) | 636 |
| فقیر (الف) | 647 |
| فقیر (ب) | 650 |
| دردوَند (الف) | 652 |
| دردوَند (ب) | 656 |
| دردوند (پویان) (الف) | 662 |
| دردوند (پویان) (ب) | 668 |
| اَذُوتَ (الف) | 670 |
| اَذُوتَ (ب) | 677 |
| ساذُوجَنَ (الف) | 679 |
| ساذُوجَنَ (ب) | 683 |
| سنتَ | 688 |

۾ هئا. چت چاهيو تہ اُهو سامي ۽ جي سالوڪن وارو امبرت سَرُ نئين ڍنگ ۾ لوڪن اڳيان رکجي. جي اها امانت مون وٽ نہ هجي ها، تہ هوند، مون کي اهڙو ويچار ئي نہ اچي ها. ڪن سڄڻن، جهڙوڪ شري ڏرمداس بجلاڻيءَ ۽ سيٺ پرسرام پارومل سان جڏهن صلاح ڪيم، تڏهن اُنهن کي پڻ اها ڳالهہ وڻي ۽ هر طرح مون کي همٿايائون.

ڏبي ڪولڻ سان مون کي معلوم ٿيو تہ چانتيل سلوڪ، جي ڪتابن جي صورت ۾ هئا، اُنهن مان هڪڙو ڪتاب هوئي ڪونہ. خود سلوڪ بہ فقط چانتيل هئا ۽ سندن اُچارن وغيره تي اجا ڌيان نہ ڏنو ويو هو ۽ نہ وري معنيٰ وغيره جو ڪم ڪو هٿ ۾ ڪنيل هو. گرمکي ڇاپي جي اڪيچار چُڪن ۽ سلوڪن جي جدا جدا ڇاپن ۾ مختلف پڙهڻين مون کي مجبور ڪيو تہ نئين سر اُهو ڪم هٿ ۾ ڪڻان. جيتوڻيڪ مان مٿين ذڪر ڪيل صاحبن جي مضمونن جي چونڊ سان شامل راءِ هوس، پر سندن چانت ۽ جنهن نموني ۾ اُهي سلوڪ ڏنا ويا هئا، تنهن سان نہ. هرهڪ سلوڪ اِن ڪري نئين سر ڪٽي، جدا جدا ڇاپن ۾ اهو ڀيٽي، اُن جي پڙهڻي پنهنجي چوڻيءَ بُڌيءَ آهر درست ڪئي اٿم ۽ ڪوشش ڪئي اٿم تہ صحيح ڇاپو عام جي اڳيان رکان.

مون کي هِن ڪم ۾ ٻن قسمن جي مدد ملي آهي. هڪڙي ڪتابن جي، ٻي ڀئسن جي. سامي صاحب جي سلوڪن جا سنڌيءَ ۽ گرمکيءَ ۾ جدا جدا ڇاپا مون کي شڪارپور جي مشهور ڪتابيءَ، سرڳواسي پوڪرداس ٿانورداس جي سپاتر پُتر شري پوجراج صاحب، ميسر ڪري ڏنا آهن، جنهن لاءِ مان هن صاحب جو تهہ دل شڪر گذار آهيان. آءٌ ٿورائتو آهيان پروفيسر ڊاڪٽر واگهہ، فلاسافي پروفيسر، ڪشنچند چيلارام ڪاليج جو، جنهن سان وقت بوقت ويدانت نسبت پئي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي اٿم. هن صاحب چڱي ڪارائتي ويدانت نسبت ڄاڻ ڏانهن پئي منهنجو ڌيان ڇڪايو آهي ۽ مون کي اها ميسر ڪري ڏني آهي.

سيٺ پرمانند سڳني مل پنهنجي عملي شڌ ڀاونائن سان پڻ منهنجي همٿ افزائي ڪري، ڀاڻ کي ڏنيواد جو ڀاڳي بڻايو آهي.

ڪتاب جي ڇپائيءَ جو سمورو خرچ سرڳواسي سيٺ نارائڻداس لُلي جي سپاتر پٽرن - سيٺ گرڌاريداس، سيٺ جمناداس، سيٺ دوارڪاداس، سيٺ رامچند، ڊاڪٽر ڀڳوانداس، سيٺ لڪمنيچند، سيٺ

پرسرام، پاڻ تي هموار ڪيو آهي، ۽ پنهنجي ذرماتما پنا جي نمت هيءُ ڪتاب ڇپائي، سنڌي جاتيءَ جي شيوا ڪئي آهي. سرگواسي سيٺ صاحب جو پنهنجي جيوت ۾ ساڌ سنگت ذي گهڻو لاڙو هو ۽ اهو رامر رس سديو ونندا هئا. سندس پٽرن پڻ ان ڪري ساميءَ جي سلوڪن ڇپائڻ ۾ خاص دلچسپي ورتي آهي. منهنجي من جي اها ڀاونا هئي ته سندن پئسا ۽ منهنجي محنت ڪا دائما صورت وٺي، اُن ڪري هڪ ٽرسٽ ڪڙو ڪيو پيو وڃي، جنهن نسبت قاعدي جا قدم ڪڇي رهيا آهن. ٽرسٽ جو مکيه مقصد ۽ مراد ٿيندي ته سنڌ جي سنتن ۽ ساڌن جي باڻي ڇپائي لوڪن اڳيان رکجي. ساميءَ جي سلوڪن جا اجا ٽي ڀيا به ڀاڳا نڪرڻا آهن. انهن ڪان سواءِ نانڪ يوسف، روحل فقير، دلپت ۽ ٻين جو ڪلام پڻ ڇپائڻو آهي.

ذڻيءَ در وينتي اٿم ته "سڀاڄها سائين ٻلُ ۽ ٻُڌي ذي ته جنهن ڀاونا سان هيءُ ڪم شروع ڪيو ويو آهي، اُهو انهيءَ ئي ڀاوَ سان هلندو هلي ۽ اُن دواران هند ۽ سنڌ جي سنڌين جي شيوا ٿئي." مون ڪي اميد آهي ته سنڌي جاتي اُن جي پنيرائي ڪري، هيءُ ڪاريه اٿيندي لاءِ پڻ سوپارو ڪندي.

بي. ايچ. ناگراڻي

بمبئي
15 جون 1955ع

#ساميءَ جي سلوڪن جو نانپرج

هن جهان ۾ اسان جا پنج دشمن آهن، جن جهڙا ٻلوان دشمن پيا ڪي ڪينهن. سندن نالا مشهور آهن، پر سندن نشان ڪن ٿورن ڪي معلوم آهن. ڪو آدمي ڪونهي، جو اُنهن ڪي ظاهر ڦٽ لعنت نٿو ڪري، پر ڪو ورلي آهي، جو اُنهن مان هڪڙي نہ ٻئي ڪي اندر ۾ نٿو ساندي. اُنهن دشمنن سان اڪثر جيترو اسان جو پيار آهي تيترو پنهنجن ٻارن سان ڪونهي. پر تڏهين بہ جيڪڏهن اسان ڪان ڪو پڇي تہ "اهي توهان جا دشمن آهن يا نہ؟" تہ جيڪرِ ڪڏهن ڪين چئون، "نہ!" اُنهن دشمنن بابت چاڻ بہ اتئون، پر تڏهن بہ اڄاڻ آهيون. اُنهن ڪي نڪي سپاهه آهي نڪي توبخانو، پر تڏهن بہ حاڪمن ڪان هو وڏيڪ محڪم آهن ۽ حاڪم خود سندن محڪوم آهن. اُهي آهن دشمن، جن ڪي مات ڪرڻ لاءِ شرتيون ۽ سمرتيون، قرآن ۽ انجيل، سڀ نازل ٿيا. وياس ۽ والميڪي، ٻڌ ۽ زردشت، موسيٰ ۽ عيسيٰ، ڪافيوشس ۽ حضرت محمد، پيغمبر ۽ ڪَوِيسَرَ انهن دشمنن ڪي دفع ڪرڻ لاءِ جاڳيا. پر دشمن اڄ ڏينهن تائين اسان تيِ غالب آهن. اُهي نہ رڳو اسان جن هردن (دلين) ۾ پاتاري پائي ويٺا آهن، پر اسان جي سڄڻ ۽ اسان جي ديوتائن جون شڪليون وني، سڀ شيوا ۽ پوڄا پاڻ ڏي ڇڪيو ونن. اُنهن پَريتن ڪي ڪڍڻ لاءِ ڪيترائي منتر پيا آهن، پر اُنهن دشمنن سان اسان جي اهڙي پريت لڳي ويئي آهي، جو منتر ساڌڻ جو ڪوبہ پڪو پهہ اسان ڪان بلڪل نٿو اُڃهي. مانُڪ ديهہ جو مطلب هاٿي آهي اُنهن دشمنن جي غلامي ۽ نہ جيئن سامي چوي ٿو "ڪال ڪاٽي اڪال ٿيڻ"، ڪال تہ تندرستيءَ ۾ اسان جي خواب و خيال ۾ ڪونهي ۽ فقط جڏهين ڪا وڏي آفت يا پيڙا اسان تي پوي ٿي، تڏهين دشمن جي دشمنيءَ جي ڪا اسان کي ڪل پوي ٿي. اهڙي وقت ڪام جو نشو لهيو وڃي، اهڙي وقت ڪروڌ جي ڦهري وڪُ گهتجيو پوي، اهڙي وقت لوڀ ماڪيءَ جهڙو منو ڏسڻ ۾ نٿو اچي، اهڙي وقت سنسار جي موهہ جي اورتائي پروڙجي ٿي، ۽ اهڙي وقت اهنڪار جي اونده جا پردا ڪريو پون. اهڙي وقت اهي پنج پوت اسان جا سچا ويري نڪري نروار ٿين ٿا ۽ اهڙي وقت ڀڳوان جو نالو اسان جي زبان تي اچي ٿو ۽ ستگروءَ جي محتاجي ٿئي ٿي. اهڙو

روڳ ئي پلو جنهن ۾ اسان جو سچو حبيب قريب ٿئي، اُها تندرستي گھوري، جنهن ۾ هو دور رهي. اهڙو روڳ درحقيقت مرض آهي. اُنهيءَ مرض جي دوا ساميءَ جي چوڻ موجب ساڌ سنگت آهي ۽ ساڌ سنگت جي معنيٰ اها ناهي، تہ انهن جي سنگت، جي پاڻ کي ساڌ سڏائين يا پنج پئسا پنن، پر انهن جي جن کي ست ڪرم، سيل، سنتوک، نرويريا، شيوا، ديا ۽ ڌرم آهي. ساڌو اُهي آهن، جي پاڻي ۾ پنا رهن، جي جڳت کي جوٺ سمجهن، ڪايا ۽ مايا جي موهہ ۾ غلطان نہ رهن، ۽ جي ڪلپت کي ڪتي سنگسار ڪري ڇڏين. ساڌو اُهي آهن جن جي من ۾ رمتا رام سدائين وسي ئي وسي، جن کي نوش ۽ نيش، نشيب ۽ فراز، رنج ۽ راحت سڀ سمان آهن، ۽ جي سروپ تان ائين قربان آهن جيئن چڪور چنڊ تان ۽ پتنگ روشنائيءَ تان. تاتپرج هي آهي تہ ساڌو اهي جن جو ڏن آتم ڏن ۽ جن جو گيان آتم گيان آهي. ڪوبہ انڪار نہ ڪندو تہ اهوئي ڏن اتم آهي، اهوئي گيان اتم آهي.

پر دشمن کي ناس ڪرڻ هڪڙي ڳالهہ آهي، دوست هٿ ڪرڻ ٻي. ساڌ سنگت ڪرڻ هڪڙي ڳالهہ آهي، ساڌو ٿيڻ ٻي ڳالهہ. ساڌ سنگت ڪري من جا پوت ڪڍي سگهجن ٿا، پر ساڌو ٿيڻ کان سواءِ سائين نٿو ملي، ڪي ائين پيا سمجهن تہ ساڌو اُهي آهن جن جهان کي ڇڏي فقيريءَ جي جهولي پاتي آهي. پر جهان جي ڪڏن ڪوبن، چڪُن ۽ ترڪٽين جي جنهن کي آزمائش نہ هوندي، تنهن کي سچي لنؤ ڪَڏهين نہ لڳندي. جو لهرن جو لحاظ ڪندو سو ترڻ مور نہ سکندو. جو دنيا جي هَوَس سان نہ لڙندو، تنهن کي سورمو ڪير چوندو؟ جو ڏکن ڏاڪڙن کان گيدي ٿي پڄندو، تنهن کي آسماني واهر جي کهڙي خبر پوندي. سڀ ڪنهن جي آتما تي ڳرو قرض آهي ۽ اهو قرض لاهڻ مٿس فرض آهي. وجهن پنيان وجهہ، اشارن پنيان اشارا اسان کي ملن ٿا، پر قرض ۽ فرض جي اسان کي ڪا يادگيري نٿي اچي. شاهوڪار نٿو سمجهي تہ قرضي آهيان. عالم نٿو سمجهي تہ قرضي آهيان، ٻَئي بيقرض بيغرض بيفرض آهن. نٿا سمجهن تہ مٿن مسڪينن ۽ نادانن کان وڌيڪ قرض آهي ۽ وڌيڪ جوابداري. نٿا سمجهن تہ نوڪر آهن، نہ خاوند، تہ ڏن وٽن ڌراوت طور آهي چڱن ڪمن ڪرڻ لاءِ ۽ نہ پنهنجي تن پروريءَ ۽ پنهنجي سرخروئيءَ لاءِ. ساميءَ جي سلوڪن جو گهڻو زور آهي ممتا مارڻ تي، پر ممتا ڪيئن مرندي، جي اسين پاڻ کي وڏا پدارٿ ڪري سمجهنداسين ۽

جيڪي ڪي اسان ڪي آهي - حواس ۽ عضوا، مال ۽ ملڪيت، عقل ۽ علم، هنر ۽ هوش - سو پنهنجو ڪري سمجهنداسين ۽ نہ اسان جي خاوند جو. هردم جڏهن اسين اهڙي وبساهہ گهاتي ڪنداسين، تہ پوءِ اسان جي پڇاڙي ڪهڙي ٿيندي؟ هيئنر تہ چڱي جوڻ اٿئون، پر جي انهيءَ جوڻ ۾ ڏٺي پنهنجو وساري ڇڏينداسون ۽ ڪافر نعمت ٿينداسون تہ آخر اسان جو ڪهڙو حال ٿيندو؟ ماڻهن انساني حسن تي اکن چڪن ٿي، سوين گهمرا ساهہ ڇڏيو آهي، پر جنهن ڏٺيءَ اهڙو انساني حسن ناهيو تنهن جي حسن جو اسان ڪي ڪو خيال نٿو اچي. جيڪڏهن پنهنجي سائينءَ جي سونهن جو ٿوروئي ڪري تصور ڪريون، تہ هن جي خدمت ڪان جيڪر اسين ڪڏهن اُرها نہ ٿيون ۽ پيائيءَ جا بندن جيڪر هڪدم ڇڇي پون. مون، آءٌ ۽ منهنجو جيڪر اسان جي مُکون ڪڏهن نہ نڪرن. شاهہ عبداللطيف چيو آهي "سوري جنين سيج مرڻ تن مشاهدو." ساميءَ بہ اهڙا سلوڪ چيا آهن. انهن جو مطلب بہ آهي تہ ڪڙي ۽ قاتل تي ڪرڪڻ نہ گهرجي ۽ پنهنجي ايمان، پرمن، پولائن ۽ قُرنن ڪي قاسي ڏيڻ گهرجي. خوديءَ ڪان پاڪ رهڻ گهرجي ۽ پنهنجو من، تن ۽ ڌن ترىءَ تي رکي، سائينءَ جي شيوا ۾ تياڳ ڪجي. هيءَ آهي سچي وديا، جنهن جي سامي هيتري ساک ڪري ٿو. اهڙيءَ وديا ڏي شال اسان سڀني جو چت مائل ٿئي. انهيءَ وديا موجب سوري سيج آهي، زهر شربت آهي مرض صحت آهي، ڏک سک آهي، غريبي شاهوڪاري آهي. موت حياتي آهي. انهيءَ وديا موجب ڪا بہ شيءِ حڪمت جي نُڪتي بنان نہ آهي، ۽ ڪوبہ حادثو، ڪوبہ اتفاق قاعدي جي قيد ڪان خارج نہ آهي. انهيءَ وديا موجب پين جو خير پنهنجو خير آهي، پين جي شيوا پنهنجي شيوا آهي، ۽ پڳوان جي پانهپ بادشاهہ جي سلطانيءَ ڪان وڌيڪ آهي. اهي آهن سبق، جي ويدانت سيڪاري ٿي. اهي ساڳيا سبق هنن سلوڪن منجهان پُرجهي سگهجن ٿا.

شال اسين سڀ اهي سبق هندايون، شال اسان جون رڳون رباب وانگي انهن سان وڄن ۽ اسان جا روح انهن سان رچن.

رشي ڏيارام گدومل

# ڀاڳو ڀهريون

# مايا (الف)

(۱)

اَڻَ هُوندي بازِي، تُنهنجي ڪري سِڌِ ٿِي،
ڪَلِپَتَ جي ڪَلَنڪَ سان، سامي تو ساجي،
ڪَڍِين پانهنجِي پائُهي، ٿـو مِنَتُ موتـا جي،
رڙهي ٿِئِين راضي، پَٽُ ڏيئِي تون پاڻ کي.

(۲)

ڏرِين ڪوهُ پِيارُ، سامي مايا موهَ سان؟
اَٿـي سپُ اَوِديا سندو، اَڻ هوندو اِسرارُ،
جئِين نانگُ نوڙيءَ ۾، سِپَني ۾ سَنسارُ،
ڪَرِ نـَ جيءُ خُوارُ، مِرِگَ تِرِشِنا جي جَلَ ۾.

(۳)

مايا پُلائي، وِڌو جيءُ پَرَمَ ۾،
اَڻ هوندي دَرِياهَ ۾، غوطا نِتُ کائي،
سامي ڏِسي ڪِينڪي، مُنهن مَڙهيءَ پائي،
سَتِ گُرُ جا ڳائي، تـَ جاڳي جُڙي پاڻَ سان.

(۴)

مايا ڀُلائي، وِڏو جيءَ ڀَرَمَ ۾،
پانُ ڀَانهنجو پانَ ۾، وينو وِڃائي،
سُپَني ۾ سامي چئي، ڪوٺَ جَنَمَ پائي،
اَوِديا ڀَٽُ لاهي، جاڳي ڏِسي ڪِينَڪي.

(۵)

مايا ڀُلائي، وِڏو جيءَ ڀَرَمَ ۾،
پانُ پانهنجو پانَ ۾، وينو وِڃائي،
اَنَ هوندي دَرياهَ ۾، غوطا نِتُ کائي،
منهن مَڙهيءَ پائي، سامي ڏِسي ڪِينَڪي.

(٦)

مايا ڀُلائي، وِڏا جيءَ ڀَرَمَ ۾،
سامي ڏِسي ڪونَڪو، منهن مَڙهيءَ پائي،
جَنهِن کي اَوِديا نِندَ مون، سَتِ گُرُ جاڳائي،
سو ويهي وَڃائي، نگارو نِرِبانَ جو.

(٧)

مايا ڀُلائي، وِڏا جيءَ جهانَ جا،
نانا رُوپَ رَچي ڪَري، وينا نَٽُ ناهي،
پاٺوواٺو مَتِ کي، سَيڪو وَڏائي،
منهن مَڙهيءَ پائي، سامي ڏِسي ڪونه ڪو.

(٨)

مايا پُلايو، سامي جوڙي جيءَ کي،
نانگُ ڏِسي نوڙيءَ ۾، ڏورؤن ڏهَڪايو،
ڳَنڍيءَ ليکي ڏُکَ جي، سَنسي مَنجهِ آيو،
سَتِگُرَ سمجهايو، تَڏِي سَمُجهي سُرِ جهيو پاڻ ۾.

(٩)

مايا پُلايو، سامي جيءُ سَروپَ کون،
ديهي مَنِي پاڻَ کي، سَنسي مَنجهِ آيو،
جئين ناريءَ نِندَ ۾، ٻالڪُ وِڃايو،
جاڳئي جاڳايو، تَڏِي ڪَٿُو ڪَلِپَتَ نَہ رهيو.

(١٠)

مايا مَهان پَرِبَلُ، جيتِي وَجي نَہ جيءَ کون،
وِڏو جنهن جَهانَ ۾، اَنَ هوندو خوفُ خَلَلُ،
اُتندي وِهَندي نِندَ ۾، سامي چِڌي نَہ چَلُ،
ڪوگُرمکُ رَهي اَچَلُ، جنهن جاڳي ڏِٺو پاڻ کي.

(١١)

مَهان چَلُ پَرِبَلُ، مايا مَحَبوبَنِ رِجي،
وِڏو جنهن جَهانَ ۾، نانا ياءِ خَلَلُ،
سامي چَڙهيو سَڀ کي، اَنَ هوندو عَمَلُ،
پانهِنجو پاڻَ پَتَلُ، ڏيئِي وينا پاڻَ کي.

(١٢)

آهي چَلَ پَرِپَلُ، مايا مَحَبوبن ِ جي،
جنهن اَنَ هوندو جوڙي وڌو، نانا ڀاءِ خَلَلُ،
سامي چڙهيو سَپَ کي، اَوِديا جو عَمَلُ،
کو وِرلو جَنُ اَچَلُ، جو رهي گُرَ گِيات سان.

(١٣)

مَهان پَرِپَلُ مايا، تَرِي سگهي ڪونہَ ڪو،
جَنهن سِدَ، ساڌَڪَ، جوڳي، جَتِي، پٹؤ پِ ڀُلايا،
مَنِي ويٺا ڀانَ کي، کَلپِتَ جي ڪايا،
سَتِگُرَ ڇَڏايا، سي سامي ڇُٽا ڏُکَ کون.

(١٤)

مَهان پَرِپَلُ جانُ، مايا مَحَبوبَن ِ جي،
سامي سيڪنهين جو، جنهن ڀُلايو ڀانُ،
ساکِي رَهي سانُ، سو نَظَرِ اَچي ڪينَ ڪي.

(١٥)

چَلَ پَرِپَلُ آهي، مايا مَحَبوبن ِ جي،
ڏِنا ٻُڌا ڪِينَڪي، سي وَهَنَ وَهائي،
وِجهي جارُ ڀرَمَ جو، ڀَلا ڀُلائي،
پانهِنجا ڪِيون ڪائي، ڪَنؤن جي چَلي ڪانہَ ڪا.

(١٦)

سَيوئي سَنسارُ، مايا ڪِيو وَسِ پانھنجي،
خالي ڇڏِيائين ڪونہَ ڪو، جُوانُ بِرِڌُ ۽ بارُ،
وِجھِي ڄارُ ڀَرَمَ جو، ڪِيائين خَلقَ خُوارُ،
ڪو سامي پُرکُ سَڄارُ، جاڳِي ڇُٽي جِنَ ڪون.

(١٧)

سَڀُ سَنسارُ ڇَلِي، مايا ڪِيو وَسِ پانھِنجي،
سامي سُپِيرِينِ جِي، وِيٺِي راهَ مَلي،
ٻَلِي ٻَلُ ھاري رَھيا، ڪَنھن جي ڪانہَ چَلي،
جَنھِن کي سَڄُ پَلي، تَنھن کي ڏورؤن ڏنڊوَتَ ڪَري.

(١٨)

سارو جڳُ انڌو، تيو مايا جي موهَ ۾،
وِجھي ويٺا پاڻَ کي، ٻنان سَمُجَھ سَنڌو،
ڪو عاشِقُ چَڙِھيو اَچ تي، جاڻِي ڏُورِ ڏَنڌو،
واري کَپِتِ کَنڌو، سامي مليو سَروپَ سان.

(١٩)

سارو جڳُ جُھري، تو مايا ڪارَڻِ مَنَ ۾،
جَنھِن کي ڏائِڻِ ڏينھن ۾، ڦِڪَل ساڻُ ڦري،
ڪو نيھي نارائِڻَ ڪون، دَرَسَنَ دانُ گُھري،
پَرِچِي پِريمَ پُري، سامي ويٺو سَمَ ڙِتي.

(٢٠)

سارِي وِسُ لُٽِي، مايا موهَ مَمَتَ سان،
ڪَنهن کي چِڏِي ڪِينَڪي، بنا ڏَنگ ڏِٽِي،
ڪو نيهي وِيس نِڪري ڪيري ڪَلبِ ڪَٽِي،
سامي پِيو چِٽِي، جَنَمَ مَرَڻَ جي ڏُکَ کون.

(٢١)

ڪَئي خَلِقَ اَنڌي مايا موهَ مَمَتَ سان،
مِرگَ تِرِشنا جي جَلَ ۾ وَيحي سَڀَ وَهَندي،
وِرلي ڪَنهن گُرَ مُکَ لَڌي ڪِرِپا سانُ ڪَنڌي،
بانيءَ جنهن بَنڌِي، پَنج ٺي ڪِيا وَسِ پانهِنجي.

(٢٢)

ساري خَلقَ خُوارُ، رَهي مايا موهَ ۾،
اُتنڌي وِهَندي نِنڊ ۾، ڪَري ڪِينَ قَرارُ،
وِرِلو ڪو گُرَمُکُ بَچيو، سامي چَئي سچارُ،
ڏِنو جَنهن ديدارُ، پانهنجي اَکِين پانهِنجو.

(٢٣)

مايا سَڀِ موهي، جيءَ ڪَيا وسِ پانهِنجي،
وِڏائِين وَلَ چَلَ سان، اَنڌا بَنڌِي ڌوئي،
پِٽي ڏيئي پاڻَ کي، ڪَنِ هوئي هوئي،
آتَمُ ڏَنُ کوهي، مُورکَ وينا مَتِ ري.

(٢٤)

مايا سَبِ موهي، جيءَ ڪَيا وَسِ پانهِنجي،
سامي سَنتَ اَچاهَ ڪي، سگهي ڪونہَ جوهي،
وِڏا جنهن ڪوهي، پَنجَئي پَرَ پڪيءَ جا.

(٢٥)

مايا ڪِيا موڳا، سامي جيءَ جَهانَ جا،
هَٿَنِ واتُ ويچارَ ري، اُتَنِ جان اوڳا،
جَنِين نہَ جوڳا، تَرِڪَ چِلائِنِ تَنِ تي.

(٢٦)

مايا موهي جڳُ، وِڏو سَبُ وَهَڻَ ۾،
ڪوڙِنِ ۾ ڪو هِڪڙو، بَچو پُرِڪُ اَلڳُ،
جنهن اُلَٽي پَدَ اَواچَ جو، لِنوَ سان لَڌو ڏڳُ،
سامي ٿيو سَرِ بڳُ، چاهَ مِٽائي چِتَ جي.

(٢٧)

وِڏا سَبِ ڪيري، مايا جيءَ مَحَلَ مون،
چِڏِيائين چِلَ وَلَ سان، حِرصَ مَنجھ هيري،
ويٺا مُنهن ڦيري، سامي چَئي سَروپَ ڪون.

(٢٨)

وِڏا جيءَ لُٽي، مايا سَبِ مَرَمَ ري،
بَڌائين بِيائيءَ جي، نوڙيءَ سانُ ڳُهٽي،
سَنسي جي سوٽـَنِ سان، راتِيون ڏينهنَ ڪٽي،
ڪو وِرِلو جَنُ ڇٽي، جنهن کي سامي مِلي سَتِگُرو.

(٢٩)

وِڏا سَبِ ونگي، مايا جيءَ ممت سان،
ڏاڍي ڏائڻ ڏندرِي، ڪنهن کون ڪِينَ سَنگي،
ڪو نيهي وِيُس نِڪري، اَتِـڪَلَ سانُ اڳي،
تـيئي لوڪَ لَنگهي، سامي وينو سَمَ تـي.

(٣٠)

تِياڳِي، ويراڳِي، مايا سَبِ مَستانُ ڪِيا،
سامي ڪو وِرِلو بَچِيو، گُرَمُکُ وَڏَ ڀاڳِي،
ڏِنو جَنهن جاڳِي، پَنهنجي اکئين پانُ کي.

(٣١)

مايا مَدِ ماتو، سامي سَبُ سنسارُ رِتي،
ڪوڙِن مِ ڪو هِڪڙو، آتَمَ رَنگِ راتو،
مِلي ساڌَ سَنگَتِ سان، جنهن صاحِبُ سُڃاتو،
واري ڪَتُ ڪاتو، ڪَڊِيائين ڪَلپَتَ جو.

(٣٢)

مايا ڪَسي مَتِ، سامي وَرتي سَڀَ جي،
سُپني جي سَنسارَ کي، مورکَ ڄاڻن سَتِ،
ڪوڙن ۾ ڪو هِڪڙو، عاشقُ ٿيو اُپَرَتِ،
ڄاڳي ڄُڙيو تَتِ، جتي تون مان نانهِن ڪا.

(٣٣)

مايا ڀُلايا، ڀوَنِ جيءَ ڀَرَمَ ۾،
مَني وينا پاڻ کي، ڪَلپِتَ جِي ڪايا،
اُلٽِي پانهِنجي گهرَ ۾، ڪي عاشقَ آيا،
جيڪي جاڳايا، سامي پوُري ستگُروءَ.

(٣٤)

مايا ڪري غُلامُ، سامي وِڌو سَڀَ کي،
ڪو نيهي وِيُس نِڪري، نِروِڪَلپ نِهڪامُ،
لَڌو جنهن گُرگِياتِ سان، اَنيڪِ آدي ڌامُ،
جنهن ۾ رَمِتا رامُ، سورجَ جان ساکي رَهي.

(٣٥)

ڪِلَ سان مَتِ ڪَسي، مايا وَرتي جيءَ جي،
ڏَوڙِي پنهنجو پاڻهي، ڦاهيءَ مَنجهِ ڦَسي،
تنهن کي ڏِسي ڪينَڪي، جو حاضر هَرِ وَسي،
جي سَتگُرُ راهَ ڏَسي، تہ سُکي ٿئي سامي چئي.

(٣٦)

مايا جڳتُ نڀڳي، سامي سارو وَسِ ڪيو،
جَنِ تي سايو سَنتَ جو، تَن کي ڪينَ لڳي،
هو لَنگهي وَرَ سَراپَ کون، پهتا پار اڳي،
جِتي جوتِ جڳي، اَٿ ئي پَهَر اَنيئِي.

# مايا (ب)

(١)

پَري ڪون پَري، مايا مَحَبوبَنِ جِي،
ڪَنهين پاتو ڪِينَڪي اَنتُ اُٿانُ ڪَري،
ڪَيْسِ گُمُ گِياتِ سان، ڪَنهن گِيانَوان گهَري،
سامي ڏِسِي نَري، پانهنجي اکئين پانڌَ ڪي.

(٢)

چَلُ پَرِبَلُ آهي، مايا مَحَبوبَنِ جِي،
سامي ڇَڏِيو جَنهن سَڀَ ڪي، ڦاهيءَ مَنجهه ڦاهي،
ڪو عاشِقُ چَڙِهيو اَچَ تي، دُنيا گُنوائي،
نَڪِي ڪِي ناهي، نَڪي پَجي پيدَ پَرَمَ سان.

(٣)

ياري يَو ساگَرُ، لَهرون ماري لوبُ جون،
لوڙي بوڙي لوڪَنِ ڪي، وِجهِي ڪُنَ ڪَپَرُ،
ڪو پِريمي لَنگهي پارِ پيو، ڇَڏي موهُ مَڪَرُ،
پورَنُ پَرميسَرُ، سامي ڏِسي سِيتلُ ٿيو.

(۴)

ڪٿي اَڻَ هوندي حَرِڪَتَ، مايا خواب خِيالَ جي،
جَنهن ۾ مُنا ڪيترا، مورکَ ڪَري مَمتَ،
جَنمَنِ مَرَنِ مَتِ ري، پَوَنِ اِتي ڪون اُتَ،
سامِي سَهَنِ دقَتَ، جاڳي ڏِسنَ نَـ جوتِ کي.

(۵)

رولو وِڌو رَن، جُدائيءَ جو جڳَ ۾،
ماري مُنجهائي سَڀَ کي، ڏاري نانا وَنَ،
سوتو هَنيس سَمَ جو، ڪنهن جاڳي ساڌوجَنَ،
سَمُجهِي ويدَ وَچَنَ، سامي چڙهيو چِٽَ تي.

(٦)

مايا مِٽِيئي، رَچيا نـاهَ نِـڳيءَ جا،
ماري مورکنِ کي، ڏائڻِ ڏُکَ ڏيئي،
وِرِلي ڪنهن گُرمُکَ کي، سامي سُڌِ پيئي،
لوڪَ پَرَلوڪَ بيئي، لَنگهي چڙهيو لکَ تي.

(٧)

مايا مُنهن ڪاري، ڪَنهن سان نيهه ڪِينَڪي،
سَڀَ کي ماري موچڙا، ڏيئي ڏيکارِي،
سامي بچيو بَلا کون، ڪو ياڳوانُ ياري،
جَنهِن کي پِياري، سَتِگُرَ سُرڪي سَچَ جي.

(٨)

اَنــڌَنِ ڌي آئـي، مـايا بـٽـي مـوهِـٽـي،
ڦـُـري ڪـِـيائين ڦوڪَ سَـڀ، ڌيئي وَڌائي،
سامي سُجاڪَنِ ڪون، پـڳـي پـِـٺـُ ڪائي،
ڪَنِ شادي سَدائي، ماتامي گُرگِياتِ سان.

(٩)

سَـڀَ سان سانُ لَڳي، رَهي مايا موهٽي،
سامي سَدائي ڪَري، ٻَڌِي ٺـاهَ ٺـڳي،
سوٽـي هَنيسِ سَمَ جي، ڪنهن جو ڳيسَرَ جڳي،
پـِٺِ ڪون اُٺي پـڳي، ڪان ڪان ڪَندي ڪـُتيءَ جان.

(١٠)

مايا مچايو، ڪُوڙو ڪيلُ ڪَلپَ جو،
تنهن ۾ ڪَنِ تَدَروپُ ٿـِـي، مورکَ مَنَ پـايو،
وِرلي ڪَنهن گُرَمُکَ کي، اَنيئَـِ ۾ آيو،
سامي سَمايو، جَلَ پـِيوتـو جَلَ ۾.

(١١)

مايا مَچائِي، ڪوڙي راندِ ڪَلپَ جي،
سَچي جاڻي سَڀُ ڪو، ڇاڻي نِتُ ڇائي،
وِرلي ڪنهن گُرَمُکَ کي، اَنيئَـِ ۾ آئي،
سامي سَدائي، اِستِتِ رَهي آڪاس جان.

(١٢)

مايا مواسِي، ڪِٿا جيءَ جَهانَ جا،
پُلي پِوَنِ پاٺي، چِتَ ۾ چوراسي،
سامي ڪَٿِي ڪنهن سورمي، ڦُرني ڇِي ڦاسي،
اَلَکُ اَبناسي، جاڳي ڏنو جنهن جوتِ ۾.

(١٣)

مايا مَواسِي، ڪيا سَڀِ جيءَ جهان جا،
پائي پِوَن پاٺي، ڦُرني جي ڦاسي،
وِرِلو ڪو گُرمکُ بَچِيو، اُتَمُ اَپِياسي،
اَلَکُ اَبناسي، سامي ڏِٺو جنهن سَمَ تي.

(١٤)

مايا مَنجه مَستانُ، مورکَ رَهنِ ڪيترا،
ڪالُ نہ ڏسَنِ ڪَنڌَ تي، ڪَشِيو بينو ڪانُ،
وَرِتَن ويدَ ويچارَ سان، نيهي نِر اَيمان،
پِڳَتِ ڏِني پِگوان، جن کي پَرچي پانهنجي.

(١٥)

مايا سَڀِ غلامَ، ڪيا جيءَ جَهان جا،
پِتِنِ ڪارَڻ پيٽَ جي، وَڏا ويرَ وَريامَ،
سامي بچيا ڪي سورما، نِروِڪَلپَ نهڪامَ،
جَن کي رَمِتا رامَ، ڏنو دَرِسَنُ ديهِ ۾.

(١٦)

چوڏهن لوڪَ ڇَپي، مايا ڪاڏا موهَ سان،
زورُ تنهين تي جيوَ جو، قاتِي ڪينَ ڦَبي،
ماريو تنهن مَنحوسِ کي، ڪَنهن ڏَرَڏَوندَ ڏَبي،
سامي سَڃي ڪَبي، پورنُ ڏِسي پيءَ کي.

(١٧)

مايا موهي مَنُ، موڳو ڪَيو ماڙُنِ کي،
سَدا ڪَن سامي چئي، بنا گِيات گَوَنُ،
پَرِچي لَڏو پانهنجو، ڪنهن ويساسيءَ وَطنُ،
ميٽي جَنَمُ مَرَنُ، اِستَتِ تيو آڪاسَ جان.

(١٨)

مايا سَبِ موهِي، خَلقَ پانهجي خيال سان،
پُلائي پِڳونتَ کون، ڊوهُ ڪَري ڊوهي،
سامي بَچيو ڪو ساڌَ سَنگِ، عاشقُ آڌوهي،
پوڏَ روپُ پوهِي، ڪيتِي جنهن خاموش مون.

(١٩)

مايا مُنجهائي، وِڏا جيءَ وَهَڻ ۾،
سامي سَڀَ کي غيبَ جا، گوتا ڪارائي،
ڪو پريمي لَنگهي پارِ پيو، مَنَ کي مَنائي،
ڏئو جاڳائي، ڏِنو جنهن اَنيِئي.

(٢٠)

مايا مُنجهائي، موڳو ڪِيو ماڙنِ کي،
پاڻُ پانهِنجو پاڻَ ۾، وينا وِچائي،
سامي لَڌو ڪنهن سُورَمي، ساڌوءَ جي سايي،
وَتو سو پائي، جو اَصُلُ هو آد جو.

(٢١)

مايا مُنجهائي، موڳو ڪِيو ماڙنِ کي،
پاڻُ پانهنجو پاڻَ ۾، وينا وچائي،
سامي لَڌو ڪنهن سورَمي، ساڌوءَ جي سايي،
اَندَرُ اُجلائي، ماڻي سُکُ سَروپَ جو.

(٢٢)

مايا مِنائي، ڪائي جيءَ خُوارُ ٿِيا،
پَوَنِ پَوَ ساگَرَ ۾، سامي سَدائي،
وِرلي ڪَنهن گُرمکَ کي، انيئـِ ۾ آئي،
پانهنجي پَرائِي، تاتِ ميٽي تَدَ روپُ ٿيو.

(٢٣)

مايا مِتُر بَڻِي، موهي ماڙي سَڀَ کي،
رولي پانهنجي راج ۾، سدا ساڻُ ڪَٽِي،
سامي بَچيو ڪو سورَمو، ساڌوءَ جِي سَرِڻي،
گهرَ ۾ گهرَ ڏَٺي، اَچلُ ڏِٺو جنهن آدِ جو.

(٢٤)

مايا ماءُ بَڻي، موهي مُسائي سَڀَ کي،
سامي ڪَسي سارُڏَنُ، ڪوهَ ۾ وِجهي ڪَٽِي،
ڪَيُس ڳُمُ گِياتِ سان، ڪَنهن هَرِجَنَ هَٽُ هَٽِي،
گهرِ ۾ گهرَ ڏٺي، ڏٺو جنهن اَيِيدُ تِي.

(٢٥)

مايا مَهَتارِي، موهي ماري سَڀ کي،
ڪنهن کي ڇڏي ڪِينڪي، ديهِي جنهن ڏارِي،
رَهي اَليپُ اَڪاسَ جان، ڪو وِرلو وِيچارِي،
سامي سَنيارِي، جَنهن آدي اَنيٺِ پانهنجِي.

(٢٦)

مايا موهي ماري، سَيني کي سامي چئي،
يَوَنِ يَؤ ساگرَ ۾، بَلِي بَلُ هاري،
ڪو پِريمي لَنگهي پارِ پيو، ڏيرَ سَچِي ڏاري،
بيحَدَ ڏئو باري، ڏيوُ ڏنائِين ڏيه ۾.

(٢٧)

مايا مُنهن ڪارو، موهي ڪَيو مارُنِ جو،
پائي يَونِ پاٺي، ڳِچيءَ ۾ ڳارو،
سامي رهي ڪو سورمو، نَڀَ جان نِيارو،
جاڳِي جڳُ سارو، لَئِ ڏٺو جنهن لڪَ ۾.

(٢٨)

مايا بُري بَلاءِ، ڪَنهن کي ڇڏي ڪِينَڪي،
سامي لُٽي سَيَ کي، ڏيئي حِرِصُ هَواءِ،
تَنهن جو ليکو نانهِ ڪو، جَنهِن کي سَچُ سَهاءِ،
صورَتَ سَيَ ئي جاءِ، ڏسي ڪُلَ عالَمَ ۾.

(٢٩)

ڏورؤن هَٽي ڏنگُ، ناري، ڪاري، نانِگڻي،
مورَکَ مُنا ڪيترا، سامي ڪَري سَنگُ،
نِيارو رَهي نَيَ جان، ڪو مَحَبَتي مَلَنگُ،
جَلَ ۾ جَلَ تَرَنگُ، لَئِ ڏِنو جنهن لکَ سان،

(٣٠)

ڏورؤن هَٽي ڏنگُ، ناري، ڪاري، نانگڻي،
مُنَ رِکَ مُنا ڪيترا، سامي ڪَري سَنگ،
وِرِلو ڪو گُرَمکُ بَچِيو، نِراڌارُ نِهَنگُ،
بي رَنگيءَ جو رَنگُ، ڏِٺو جَنهن اَپيدُ تي.

(٣١)

ڏِکي ڪَري ڏوتِي، مايا موهي سَيَ کي،
ڪنهن کي ڇَڏي ڪينڪي، کَلکَلِ ري کوتي،
سامي هَنيس سَمَ جِي ڪنهن ساڌو جَنَ سوتي،
مُنهنُ موڙي موتي، تَڪي نَہ تنهن تَدَ رُوپ ڏي.

(٣٢)

ڏاڍِي ڏيوالِي، مايا ڏائڻ ڏندري،
سامي ڪَيو جنهن سَڀ ڪي، ڪرِپڻ ڪَنگالي،
وِرلو ڪو ڳُرَمُڪُ رَهي، ڪَلِڪَلِ ڪون خالي،
لُنئن لُنئن ۾ لالي، پَرِتڪُ ڏِني جنهن پيءَ جِي.

(٣٣)

ڏاڍِي ڏيوالي، مايا ڏني موهِٽي،
لُٽي ڪِيائين لوڪَ جو، خَزانو خالي،
سامي ڪو سُورُ بَچِيو، عاشقُ اَبدالي،
پُورِي ڳُرَ پالي، دَيا جَنهن تي دَرسَ جي.

(٣٤)

مايا ڪرَي مَڪَرُ، موهي ماري سَڀَ ڪي،
پِنائي پولو ڪَري، گُهمائي گَهرُ گَهرُ،
اِستِتِ رَهي آڪاسَ جان، ڪو ساڌو جَنُ سَيَرُ،
پُورنُ پَرَ ميسرُ، سامي ڏِٺو جنهن سَمِ تي.

(٣٥)

مايا ڪَري مَڪَرُ، مورکَ موهِيا مُوهَ سان،
پُٺي ڏيئي پانَ کي، پَوَنِ پَو ساگَرُ،
سامي تَرِيو ساڌَ سَنگِ، ڪو داناهُ دُتَرُ،
پُورنُ پَرَ ميسَرُ، ڏِٺو جَنهن آڪاسَ جان.

(٣٦)

مايا ڪَري مَڪَرُ، موهي، ماري، سَڀَ ڪي،
رکي نـ رَتيءَ جيترو، ڏائِڻِ ڪنهن جو ڏرُ،
سامي بَچيو ڪو سُورمو، سُجاڪو، سُيَرُ،
پُورَنُ پرميسَرُ، ڏِٺو جنهن آڪاس جان.

(٣٧)

مايا ڪَري مَڪَرُ، موهي ماري سَڀَ ڪي،
رَهي اليپُ اَڪاسَ جان، ڪو نِراسُ نِڌَرُ،
پَرِچي لَڌو جنهن پانهنجو، اَنيئـِ آدي گهرُ،
سامي جَري اَجَرُ، ماڻي موج مُڪتِ جي.

(٣٨)

مايا مَڪَرَ ڪَري، موهي ماري سَڀَ ڪي،
سامي رَهي ڪو سورمو، پاڻِ ڪون پَري،
پيتو جنهن پَرتيتِ سان، پيالو پاڪُ يَري،
سَڀَ ۾ ڏِسي نَري، پانهنجي اکئين پاڻَ ڪي.

(٣٩)

سَڀَ ڪي دِلاسي، لائي مايا موهِڻي،
ڦُرني ڦاهيءَ ۾ وِجهي، پَلَڪَ نـ ڇَڏِئي پاسي،
ڪَيُس گُمِ گيانِ سان، ڪنهن نيهيءَ نِراسي،
سامي سَمَ ياسي، جَنهِن ڪي اَنيئـِ آتما.

(۴۰)

سَڀ کي رُئاري، موهي مايا موهڻي،
يَوائِي يَوَ سِندَ ۾، نانا رُوپَ ڌاري،
سامي بَچِيو ڪو سورمو، سَتگُرُ سَنياري،
بيحَدَ ڏِنُو ڀاري، پُورَنُ ڏنو جنهن پيءِ ڪي.

(۴۱)

ڦُري ڦِڪلَ ساڻُ، سَڀَ کي مايا موهڻي،
لَڏون ڪارائي لوڀَ جا، ڪَري مَحَبتَ ماڻُ،
رَهي اليپُ آڪاسَ جان، ڪو ساڌوجَنُ سُجاڻُ،
پَلي رکيائين پاڻُ، سامي ٻيڌَ ڀَرَمَ ڪون.

(۴۲)

مايا ڪَيا مَرِڪَٽَ، موهي جيءَ جهانَ جا،
ڀَونِ ڀَوِ ساگَرَ ۾، ڪِچيءَ پائي ڪَٽَ،
ڪَٽِي سَڀ ڪلپنا، سَمُجهي ڪنهن سُيَٽَ،
پائي کِميا کَٽَ، سامي سُمهيو سَراءِ ۾.

(۴۳)

ڏي نِتَ مايا مارَ، ڪَري زيرِ جيئَنِ کي،
ڀَونِ ڀَو ساگَرَ ۾، رُئَنِ زارون زار،
ڪَيُسِ گُمرُ گياتِ سان، ڪنهن هَرِجَنَ هوشيارَ،
جَنهِن کي سُرت سَنيارَ، سامي ڏني سَتگُروءَ.

(۴۴)

ڪَڍي ڪَليجو، مايا ڏائڻ سَڀَ جو،
ڪَنهن ڪون ڪَري ڪِينَڪي، پاپڻِ پَرَهيجو،
سامي هَنيُس سَچَ جو، ڪنهن نيهيءَ ڪَرَنيجو،
وري جنهن ويجهو، ڏٺو اَنيَئِہ آتما.

(۴۵)

مايا ڪَسي مَتِ، موہُو ڪَيو ماڙُنِ کي،
پوبُن پوڳَ پَرَمَ جا، سامي ڇاڻي سَتِ،
ڪو سُجاڪو سُورَمو، اُلَٽِي ٽِيو اُپِرَتِ،
تَڪِيو ڪَيائِين تتِ، جٿي آهِ نہ نانءِ ڪا.

(۴٦)

مايا موهي مَتِ، موہُو ڪيو ماڙنِ کي،
پِلِي پَوَنِ پائِهي، ڪَٽي سانُ ڪَپَتِ،
سامي رَهِي سَمَ سَدا، ڪو عاشقُ اِستَتِ،
جاڳِي شِوُ شَڪَتِ، ڏٺو پانُ جهانَ ۾.

(۴۷)

مايا مَتِ ماري، لوڀائي لوڪَنِ جي،
ڪنيون وَتن خوشِ ٿي، خُورايءَ جي ڪاري،
سَدا ڪَنِ سَمُجهَ ري، جَتَنُ اَئون جاري،
سامي چئي ساري، وِيا وِڇائي آرِجا.

(٤٨)

مايا مَتِ ڪَسي، سَڀَ جي وَتي وَلَ سان،
سامي اَنيَئِہِ آتما، ڏيهون ڏورِ ڏسي،
ڪُنو ڪاسائڻ ڪي، ڪَنهن دَردَوَندَ دَسي،
هَرِدَمُ ڏِسِي هَسي، پاڻُ ورائي پاڻَ ڪي.

(٤٩)

سَڀَ جي متِ ڪَسي، مايا وَتي موهَ سان،
سامي رَمِتا رامَ جو، ڏيرو ڏُور ڏسي،
ڪَيسِ سوگهو سَتَ سان، ڪنهن داناهَ دَسي،
هَرِدمُ ڏِسِي هَسي، پاڻُ ورائي پاڻَ ڪي.

(٥٠)

مايا مَتِ موڳي، موهي ڪَئي ماڙُنِ جي،
پَرِچَنُ چاڻي پاڻَ ڪي، سَدا ڦِرَنِ سوڳي،
ماڻي سُکَ سَروپَ جو، ڪو جاڳيو جوڳي،
اَنَنُ اَروڳي، سامي رَهي سُياوَ ۾.

(٥١)

مايا مَتِ موڳي، موهي ڪَئي ماڙُنِ جي،
پَلي پَوَ ساگرَ ۾، پَوَنِ ٿي پوڳي،
سامي مِليو سَروپَ سان، ڪو جاڳيو جوڳي،
اَنيَئِہِ اَروڳي، گِهري لَڌو جَنهن گهرَ مون.

(٥٢)

مايا مَدَ پَرِي، موهي، مُنجهائي مَت ِکَسي،
سامي موهي سَڀ کي، کَپَٽَ کَري قَهري،
اِهَڙي کَنهن گُرمکَ کي پيئي خَبر کَري،
طَمعَ تَڙ تَرِي، چڙهيو چيتَن چِٽَ تي.

(٥٣)

مايا سَڀُ مَنداڻُ، اَڻَ هوندو اُپـو کيو،
مورکَ تنهن ۾ مت ري، هَٿَنِ پانهنجو پاڻُ،
رَهي اَليپُ اَکاسَ جان، کو نيهي نِرَباڻُ.
سامي سَچَڙَ ساڻُ، مِلي نِتُ موجان کَري.

(٥٤)

مايا مَنجهِ مُنجهي، پِيا سَڀِ جيءَ جَهانَ جا،
مَرَنِ مَت ِمَرَمَ ري، راتيون ڏينهن رُجهي،
سامي کَنهن ساڌوءَ جِي، اَوِدِ يا آگ ٻُجِهي،
جَنهِن کي ڳاله ڳُجهي، سَتِگُرَ ڏَسِي سَروپَ جِي.

(٥٥)

ڀولي ڀُلائي، سَڀَ کي مايا موهِڻي،
مَت کَسي موڳو کري، وَه ۾ وهائي،
سامي ٻَچو کو سورمو، ساڌوءَ جي سايي،
ويٺو وَڃائي، نَڳارو نِرَباڻَ جو.

(٥٦)

ٻيائيءَ مَجھ ٻوڙي، مايا ڇڏيو ماڙُنِ کي،
سامي ڪَيو جَنھن سَبَ کي، سَمُجھ کسي سُوالي،
ڪو ڳُرَمک ڳِياني رَهي، ڪَلِڪَلِ ڪون خالي،
لُنئن لُنئن ۾ لالي، پَرِتکِ ڏِني جنھن پيءَ جي.

(٥٧)

ٻيائيءَ مَنجھ ٻوڙي، مايا ڇَڏِيو ماڙُنِ کي،
مَرَنِ مَتِ مَرَمَ ري، سَدا سرُ ڪوڙي،
ڪو پِريمي لنگھي پار پيو، سامي منھن موڙي،
وينو وَڃھُ ڪوڙي، آديِ اَنيئـ گھر ۾.

(٥٨)

ساري وِسُ لُٽِي، مايا موهَ مَمَت سان،
ڪَنھن کي ڇَڏي ڪِينڪي، ٻنان ڏَبَ ڏُٽِي،
ڪو نيھي ويسِ نِڪري، ڪيري ڪَلَپ ڪٽِي،
جنھن جي ڳَنڍِ ڇُٽِي، سامي پيئي ساڌ سَنگِ.

(٥٩)

ساري وِسُ نَڳِي، مايا موهَ مَمَتَ سان،
ڪَنھن کي ڇَڏي ڪينڪي وَتِي سانڌُ لَڳِي،
سامي ڪنھن سَھي ڪَئي، جوگيسَر جڳِي،
تَنھِن ڪون اُتي ڀڳِي، مَت ڪَري غَرقُ ڳِيانَ ۾.

(٦٠)

ساري وِسُ چَلي، مايا موهَ مَمَتَ سان،
ڪو وِرلو ويساسي بَچِيو، بانيڻُ چئي بِلي،
جَنهِن کي ڏني سَتگُروءَ، بيحَدَ مَتِ يَلي،
رَمِي رامَڪلي، گاوندو وَتي ڳوٺَ ۾.

(٦١)

ساري وِسُ چَلي، مايا موهَ مَمَتِ سانِ،
ڪوڙِن ۾ ڪو هِڪڙو، پانيَڻُ بَچِيو بِلي،
جَنهِن کي سَتِگُرَ سَمُجهَ جي، ڳُجهي ڳالهِ سَلي،
سو رَمِي رامَڪَلي، گاوي بيحَدَ باغَ ۾.

(٦٢)

رَنگُ اَپارُ رچو، مايا موهَ مَمَتِ جو،
تنهن ۾ جڳُ تَدَروپُ ٿي، نانا ياءِ نَچو،
ڪو ساڌو جَنُ سورَمو، بَلا ڪون بَچو،
آتمر سُکُ سَچو، سامي ماڻي سَرِبَ گتِ.

(٦٣)

مايا رَنگُ رَچو، ياري پيدَ پَرَمَ جو،
موهي ماري سَڀَ کي، ڪَري قَولُ ڪَچو،
ڪو سُجاکو سُورمو، بَلا ڪون بَچو،
سامي سُکُ سَچو، ڳولي لَڌائين ساڌَ سَنگِ.

(٦٤)

مايا موهَ مَئِي، ڪَنهن کي چَڏي ڪينڪي،
وِجهي چارُ يَرَمَ جو، سَڀ وِس وَسُ ڪَئي،
سامي بَچيو ڪو سُورمو، ساڌوءَ سَرَن پئي،
لوڪُ پَرَلوڪُ بَئي، لَنگهي چڙهيو لڪَ تي.

(٦٥)

جيءَ ڪيا سَڀ زير، مايا موهي مَتِ سان،
نچائي ناچُوءَ جان، پائي پَرِچِنِ پير،
کوڙِنِ ۾ ڪو هڪڙو، ساڌو چڙهيو سُمير،
بنا دِقَتَ دير، سامي ڏسي سَروپَ کي.

(٦٦)

ڏيئي ڏيکارِي، مويا موهي ماڻهنِ کي،
سَمُجهَ ڪَسي سامي چَئي، ڪَري دِلِ ڪاري،
رَهي اَليپُ اَڪاسَ جان، ڪو ياڳوانُ ياري،
جَنهِن کي پياري، سَتگُرَ سُرڪي سارَ جي.

(٦٧)

سُپَني سَودائِي، سُپَني ۾ داناهُ ٿيو،
سُپَني ۾ سُمير ٿِئي، سُپَني ۾ رائي،
سُپَني جي سامي چَئي، سَڀ رَچنا رَچائي،
جاڳي جدائي، سُپَني سوڏي نـ رَهي.

(٦٨)

حَيرتَ اَئون هاسو، اَچي هِڪَ اَچِرجَ تي،
سائِي قولهي آتما، ڪَندُ کي پَتاشو،
ڳَهَٽو ڏُونديي سون کي، مٽيءَ کي ڪاسو،
پاڻي پِياسو، سامي رَهي نِتُ نِيرَ جو.

(٦٩)

حَيَرتَ اَئون هاسِي، اَچي هِڪَ اَچِرجَ تي،
مَني وِينو پاڻَ کي، اَبناسي ناسي،
سَدا پَوي سامي چَئي، چِتَ ۾ چوراسي،
خودِ ري خَلاصي، ڪَري ڪير ڪَرتار جِي.

(٧٠)

حَيَرتَ اَئون هاسِي، اَچي هِڪَ اَچِرجَ تي،
سامي جاڻي پاڻَ کي، اَبناسِي ناسِي،
ڪُپِڙيءَ ۾ آڪاسُ پِيو، ڦاهيءَ ري ڦاسي،
پاڻِي ۾ پِياسِي، مَري پِيوٽو مَتِ ري.

(٧١)

حَيَرتَ اَئون هاسِي، اَچي هِڪَ اَچِرجَ تي،
خاوندُ پنهنجي خيال ۾، پِيو ڦاهيءَ ري ڦاسِي،
پَوي نِتُ پِلَنِ جان، گَنگا، گيا، ڪاشِي،
خودِ ري خَلاصي، ڪيرُ ڪَري ڪرتارَ جي.

# اَوديا (الف)

(١)

هيءَ ڪَنهن لائي آهِ، اَوِديا ڏائڻِ جيءَ کي؟
سيوَڪُ جاڻي پانهنجو، سَتِگُرَ تون سَمُجهاءِ،
نانگُ ڏِسي نوڙيءَ ۾، ڀُلين ڀولي ڀاءِ،
مُنهن مَڙهيءَ ۾ پاءِ، تَہ سِيتَلُ ٿِين سامي چئي.

(٢)

سامي ڪيئن اَڙين، تون اَوِديا جي اِيمانَ ۾؟
سُکي ڏٺو ڪونَہ ڪو، جَنهِن کي تَپُ چَڙهي،
راتِيون ڏينهن سَڙي، سو بنان باهِ اَندر ۾.

(٣)

رَنَ وِڏو رولو، جُدائيءَ جو جڳَ ۾،
سامي ڪَيائين سَڀَ کي، پِنائي ڀولو،
ڪَنهن گُرَمُکَ هَنيُسِ گيانَ جو، غئبي گُليلو،
اَڻَ هوندو ڀولو، ميٺي ويٺو مَنَ مون.

(۴)

هَي هَي مَنجهِ مَرِڻ، مورکَ مَنَ جي ياءِ ٿو،
پوري پَوندءِ ڪينڪي، توڙي بارَ ڀَرِڻ،
سَنسي مَنجهِ سامي چئي، ناحقُ ڪوهُ مَرِڻ،
سُمجهي سِرِ ڌَرِڻ، آڳيا عَجيبَن جِي.

(۵)

وِيا سَڀِ لوڪَ لُٽِي، اَوِديا جي آڙاهَ ۾،
جَنهن مون لَيي نـ هِڪڙي، ڦولِئي جَلَ ڦُڙي،
ايها ڳالهِ سَهي ڪَئي، ڪَنهن جو ڳيسَرَ جُڙي،
جنهن جي ڳِنڍِ ڇُڙي، سُتَهه سِڌِ سامي چئي

(٦)

سارو جڳُ پَچي، ٿو اَوديا جي اَهنڪارَ ۾،
جئين باندَرُ بازيگرَ جي، هَٿَ ۾ نِتُ نچي،
وِرلي ڪنهن گُرَمُکَ کي، ويئي سانتِ اَچي،
جَنهِن کي سَنتَ سَچي، سامي لايو لکَ ۾.

(٧)

دُکي سَڀُ سَنسارُ، ڦاٿو اَوِديا ڦاسَ ۾،
سُکي وِرلو ساپُرِسُ، کَڍيو جنهن اَهنڪارُ،
سامي سِرِجَڻهارُ، پائي پَرِچو پاڻَ ۾.

(٨)

بنا ڏَرَ ڏري، تو جڳَتُ سَيوئي جيءَ ۾،
اَنُ هوندي اَوِديا پُوت کي، سَهي ڪونہ ڪَري،
وِرلي ڪنهن گُرَمُکَ ڪَيو، پَرچِي پَٽُ پَري،
سامي ڏَسِي نَري، سَبُ چِمتڪارُ چيتَنُ جو.

(٩)

سَبَ جي گهرِ آهي، پِريمَ پَدارٿُ رامَ ڌَنُ،
اَوِديا جيءَ اَنڌا ڪَيا، وِينا وِڃائي،
جيئن راجا نِندَ ۾، بيکَ ڪَري کائي،
سَتِگُر جاڳائي، تہ سکي ٿِئي سامي چَئي.

(١٠)

اَوِديا مَنَ رَچِي، سا ويڙهي ويئي مَنَ کي،
جئين ڏانوَرُ تارَ ۾، مَري پائَ پَچِي،
ڪو پِريمي پِيو پَرِتِيتِ سان، بَلا کون بَچِي،
جَنهِن کي سَمُجهَ سَچِي، سامي ڏِني سَتِگُروءَ.

(١١)

اَوديا رَچِي مَنَ، پِلي سُڌَ سَروپَ ڪون،
سا گهيري ويئي مَنَ کي، اَهڙي ڏائِڻِ رَنَ،
سَمُجهي ڏِسُ هَرِجَنَ، تون ڏيئي سُرتِ سَروپَ کي.

(۱۲)

باري هِڪَ بَلا، ويڙهي ويئي سَبَ کي،
جوڙي جيئَنِ کي هٽي، ٿِي راتيون ڏينهن ڪَلا،
موڙي مُنهن مُنيءَ کون، ويئا کي وِرَلا،
جَنِ کي گيانَ ڪَلا، سامي ڏِني سَتگُروءَ.

(۱۳)

اَوِديا چندالي، ويڙهي ويئي جيءَ کي،
جوڙي وِڏائين واجَ جِي، اَڻَ هوندي جالِي،
نِرَ ڀَئِ راجُ ڪَسي ڪَري، ڪَيائين ڪنگالي،
وِلايتَ والي، ڪو ساميءَ تي سايو ڪَري.

(۱۴)

اَوِديا مَنجهِ آيو، مُورَکُ مَني پاڻَ کي،
سَنسي جو سامي چَئي، ڀُوتُ ڀُنيءَ لايو،
جِئين ڀولي پاڻَ کي، ڦَندَ ري ڦاسايو،
ڏورؤن ڏهَڪايو، نانگُ ڏِسي نوڙيءَ ۾.

(۱۵)

تِنئڙو جيءُ اَندو، اَوِديا مَنجهه اَچي ڪَري،
ڏيئي وينو پائهِين: اَڳِيون سکَ سَندو،
راتيون ڏينهن ڏَندو، سامي رَچي سکٽو.

(١٦)

كَلپِتَ سِڌِ ڪيو، اَنَّ هوندو سَنسارُ سَڀُ،
سُپنِي ۾ سامي چَئي، جيئن نانا روپُ ٿيو،
پاڻُ پَلائي پانهنجو، سَنسي مَنجهِ پيو،
تَڏي پَرَمُ وِيو، جَڏِي جاڳي جُڙيو پاڻَ سان.

(١٧)

اَنَّ هوندو سَنسارُ، ڪَلپِتَ ڪَري سِڌِ ٿيو،
جئين سُپني ۾ سِڌِ ٿيو، نانا وِڌِ وَهنوارُ،
سَمجهي ڏِسُ سامي چئي، ڪَري سُڌُ ويچارُ،
تَہ اَوِديا جو اَهَنڪارُ، مِٽي وَيحيئي مَنَ مون.

(١٨)

ڪَلپِتَ جي ڪُوڙي، ڇُوت لَڳي هِنَ جيءَ کي،
چاه رکيائين چِتَ ۾، چَمارِي چُهڙِي،
تنهن وِيحايَسِ گهرَ جِي، نِجُ نِرمَلَ موڙِي،
ڪَڍِي اَروڙِي، تَہ سکي ٿِئي سامي چَئي.

(١٩)

اَوِديا جو جهولو، ياري لَڳو جيءَ کي،
تنهن ڪَلا سَڀ ڪَڍِي ڪَري، سامي ڪَيو پولو،
اَچي وِيَس اکِنِ تي، انَّ هوندو اولو،
پَرَمَ جو پولو، مَني وينو پاڻَ ۾.

(٢٠)

اَوِديا اَناڙي، ڪوڙين ڪَيا ڪيترا،
مُنائي مَستانُ ٿيا، سامي سِرُ ڏاڙهي،
لائي ويٺا لوڪَ ۾، طَمعَ جي تاڙي،
ڪَلپِتَ ڪُهاڙي، هَڻن پانهنجِي پاڻ کي.

(٢١)

اَوِديا جيءُ مَنّي، سامي ڪَيو سَروُپَ ڪون،
ويٺو پانهنجو پاڻهين، آتَمُ گيانُ لَٽي،
سِپَني ۾ رُئندو رَهي، وِڏو چورَ ڦَٽي،
ڪَلپِتَ ڪيرُ ڪَٽي، بنان جاڳي پانهنجي.

(٢٢)

اَوِديا جو اَهَنڪارُ، ياري لَڳو جيءَ کي،
مَڃي وينو پاڻهين، اَڻَ هوندو سَنسارُ،
مِلي ساڌَ سَنگتِ سان، ڪَري نہ سُڌُ ويچارُ،
ساکي سِرِجَڻهارُ، سامي ڏِسي ڪينڪي.

(٢٣)

اَوِديا جو اِيمانُ، مِڙئي نہ ڪِرتَ ڪَرَمَ سان،
توڙي سَڀ ساڌَنَ ڪَري، ڪَٿي ڪيوَلَ گيانُ،
تَڏِي ٿِئي نِرَباڻُ، جَڏِي سامي جُڙي سَروپَ سان.

(٢۴)

سدا جيءُ جَلي، تـو اَوِديا جي اَيمانَ ۾،
آتَمُ ڏَنُ ڇـَڏي ڪَري، تـو بِنَڌي ڪَچُ پَلي،
سِياڻو جاڙي پاڻَ کي، ڪـنهن کي ڪينَ سَلي،
سامي پاڻَ مَلي، تـو مِٿي پانهنجي مُنهن تي.

(٢٥)

جَنهِن جَنهِن ڪَرَمُ ڪيو، اَوِديا جي اَهَنڪارَ سان،
سو اُتَـمُ جاڻي پاڻَ کي، ڦاهيءَ مَنجهِ پيو،
دَيا نـَ پالِي جيءَ تي، ڪِيتو ڪَرَمُ وِيو،
اُلٽـو اَنڌُ ٿيو، سَمُجهَ ري سـامي چئي.

(٢٦)

ڀُوتُ لڳو آهي، اَوِديا جو هِنَ جِيءَ کي،
پاڻُ پانهنجو پاڻَ ۾، وينو وِڃائي،
اَڻَ هوندي سَنسارَ ۾، تـو عَدُلُ چلائي،
مُنهُن مَڙهيءَ پائي، سامي ڏِسي ڪِينڪي.

(٢٧)

سَپَ کي نَچائي، تـو اَوِديا ڀوتُ ڀَرَمَ جو،
بنا ڦاهيءَ ڦَندَ جي، تـو پَلِ پَلِ پِٽائي،
مَنترُ نـَ مَني ڪَنهن جو، رَهيا بِرِي بَلُ لائي،
سَتگُرُ ڇڏائي، تـ سامي ڇُٽي ڏُکَ کون.

پاري ڪيپ چڙهيو، اوديا جو هِن جيءَ کي،
پَلَ ۾ شاهُ گدا ٿيو، پَلَ ۾ پير پڙهيو،
رَهي پنهنجي حالَ ۾، اَٺَ ئي پَهَرَ اڙيو،
سامي اَڻَ گهڙيو، نِتُ گهاٽُ گهڙي آڪاسَ ۾.

( ٢٩ )

تاءُ ٿِکو آهي، اَڻَ هونديءَ اوِديا سِنڌُ جو،
سامي سَڀَ سَنسارَ کي، ٿِي وَہَ ۾ وهائي،
ڪَنهن جي ڇَلِي ڪانَ ڪا، رَهيا ٻَلي ٻَلُ لائي،
سَتِگُرُ لَنگهائي، سو لَنگهي پارِ پَلَڪَ ۾.

( ٣٠ )

اَوِديا ڦاسائي، جيءَ وِڏا سَڀِ ڦاسَ ۾،
ڳِنڍيءَ ليکي ڪون پَري، هَرَ هَرَ چَڪَ پائي،
راتِيون ڏينهان نا ڇَڏي، جئين ڪانيءَ ڳُهڻُ ڪائي،
سَتِگُرُ ڇَڏائي، تہ سامي ڇُٽي ڏُکَ کون.

( ٣١ )

اَوِديا ڀُلائي، وِڏو جيءُ ڀَرَمَ ۾،
پاڻُ پنهنجو پاڻ ۾، وِينو وِڃائي،
سامي پيچي سڀ کون، ڪو آٽي مِلائي،
سمجهي سمجهائي، وَڃي ڏِنو هَٿَ ۾.

(٣٢)

اَوِديا پُلائي، وِڌو جيءَ پَرَمَ ۾،
نانگُ ڏِسي نوڙيءَ ۾، ڏَنگَ ري ڏهڪائي،
اَڻَ هوندي دَرياهَ ۾، غوطا نِتُ کائي،
مُنهَن مَڙِهيءَ پائي، سامي ڏِسي ڪِينَڪي.

(٣٣)

اَوِديا رُلائي، تي جَنمِنِ ۾ هِنَ جيءَ کي،
جئين بازيگرُ باندرَ کي، دَرُ دَرُ پِنائي،
مورکُ ڏِسي ڪِينَڪي، منهن مَڙِهيءَ پائي،
سَتگُرُ جاڳائي، تَہ سامي چِتَي دُکَ کون.

(٣٤)

اَوِديا اُلٽائي، وِڌا جيءَ جَنجالَ ۾،
ڪايا مايا کُلَ سان، ويٺا لِنوَ لائي،
سامي ڏِسي ڪونہ کو، منهن مِڙهيءَ پائي،
سَتگُرُ جاڳائي، سو جاڳي ڏسي پاڻَ کي.

(٣٥)

اَوِديا جيءَ گُهتي، بَڌا سَڀِ بندَنَ ۾،
مَنوتِ جي مُڪَنِ سان، راتيون ڏينهن ڪٿي،
اَڪِنِ کون اَندو ڪَري، آتَمُ ڏَنُ لُٽي،
سامي سو چِٽي؛ جَنهِن کي مِلي سَتِگُرو.

(٣٦)

اَوِديا رنَ لُٽي، ٿي خاصُ خزانو سڀَ جو،
جوڙي جيئُنِ کي ٻَنديِ، گھيرَٿَ ساڻُ گُھٽي،
پيادا پَنجَ ٻَچي ڪَري، راتيون ڏينهَن ڪُٺي،
ڪو سامي سَنتُ ڇُٽي، ڪَري حِمايَتَ هَرِ جي.

(٣٧)

اَوِديا بَندِ ڪيا، جيءَ سَيپئي قاسَ ۾،
ڀُلِي نِجَ سَروپَ کون، سَنسي مَنجهِ پيا،
ترِشنا جي دريَاهَ ۾، سامي وَهي وِيا،
اَهِڙا اَندا ٿيا، جو جاڳي ڏِسن ڪينَڪي.

(٣٨)

سَنسي سَيپئي، ڏنگي جيءَ ڏُکي ڪَيا،
اَڻَ هوندِي اَوِديا جِي، زَهرُ چڙهي ويئي،
سامي سُدِ پيئي، اِها جاڳَي جَنَ کي.

(٣٩)

سَنسي سَرپَ ڏنگي، سامي وِڌا جيءَ سَيِ،
چِنتا چاهَ رَسيءَ سان، وِيِنا پاڻُ وَنگي،
سَگھي ڪونَ لَنگهي، مِرِگَ تِرِشنا جي جَلَ ڪون.

(۴۰)

هنيانءُ ويئي ڪائِي، اَوِديا ذائڻِ سَيَ جو،
ورلي ڪنهن ڳُرَمکَ ڪون، تِي پاسي پَرائِي،
سَمُجَھ مَنجِھ آئِي، سامي جَنِهن ڪي سارَ ڳتِ.

(۴۱)

ڪَنهن ڪون ڪينَ لَهِي، اَوِديا ڪُلفُ اَندَرَ جو،
تورڙي تِيرٿَ تَپَ ڪَري، دُکَ ٻکَ سَڀِ سهي،
تِياڳُ ڪَري گھرَ ٻار جو، غُفا مَنجِھ رَهي،
ساڌوءَ سَرَنِ پئي، تَہ سکي تِئي سامي چَئي.

(۴۲)

ڪُورڙي ڪَلِپَ ڪَري، تو وَهي جيءُ وَهَڻ ۾،
جِئين سُمِهيو سُپَني ۾، نانا روپ ڌَري،
جاڳي بنا نَہ تئي، اَوِديا پَٽُ پَري،
سامي تَڏِي نَري، جَڏِي پَرِچِي ڏِسي پاڻَ ڪي.

(۴۳)

ڪَلِپَتَ ڪيا خُوارُ، سَڀِي جيءَ جَهانَ جا،
ويهي پانهنجي گهرَ ۾، ڪَرِنِ ڪينَ ويچارُ،
ڪورَڙِن ۾ ڪو هِڪڙو، هَرِجَنُ رَهي هوشيارُ،
ڪَيو جنهن دِيدارُ، سامي سُپِيرِينِ جو.

(۴۴)

کَلِپَتَ ڪروڙي، ڪَيا جيءَ جَهانَ جا،
سيتَلُ رَهي سُياءَ ۾، بانَيئَ ڪو ٻوڙي،
گُرگَمَ جَنهن سُوڙي، ڪاٰيا پَرِچي پانهنجي.

(۴۵)

آوِديا جو اَنترالُ، ياري پِيَڙو جيءَ کي،
يلُو پانهنجي گهرَ کون، ڪَڙي خامُ خِيالُ،
مَنِي وِنو پانَ ۾، اَنَ هوندو ڪَلِپَتَ ڪالُ،
مِلي سَنتُ دَيالُ، تَہ سامي ڇُٽي ڏُکَ کون.

(۴۶)

پانهنجو پانَ رُلي، تو چوراسيءَ ۾ جيءُ هي،
جئين مِرگهي جَلَ کي، ڏِسي مِرِگهہ يلي،
تَڏِي ڳَندِ کُلي، جَڏِي سامي مِلي سَتِگُرو.

(۴۷)

سامي ڪِينَ ڇُٽي، اَوِديا ڦاسَ ڪَرَمَ سان،
مِرِگهي جَلُ هَٽَنِ سان، ڪَڏي ڪِينَ ڪُٽي،
ٻُهَ مون اَنُ نہ نِڪري، توڙي راتيون ڏينهن ڪُٽي،
سَنهجي ڦاسَ ٽُٽي، جي سَمُجهِي جُڙي سَروپَ سان.

(۴۸)

سامي ڪينَ ٿُٿي، اَوِديا ڦاسَ ڪَرَمَ سان،
مِرِگهي جَلُ هَتَنِ سان، ڪَڏي ڪينَ ڪُٿي،
تَڏي جيءَ ڇُٽي، جَڏي جاڳي ڏِسي جڳديس کي.

(۴۹)

اَوِديا جو اُپاءُ، ڪونهي آتمَ گيانَ ري،
پُڇي ڪَرِ پَرتيتِ سان، سامي سُڌ سماءُ،
جاڳي اِيشَرُ جيءَ جو، ڪَڍُ دِلِ مون دُنيا ڀاءُ،
اَهِڙو دلبرُ داءُ، موٽي اِيندءِ ڪينڪي.

(۵۰)

وِديا وِڃائِي، اَوِديا ڏُکَ اَندرَ جو،
جئين پاڻي باهِ کي، ٻانيَنَ ٻُجهائي،
سورِجُ لَڪائي، سَٻِ پَدارَٿَ پَڌِرا.

(۵۱)

وِديا وِڃائِي، اَوِديا سَڀَ اَندرَ جي،
سورج آيو سِرَ تي، تي سُتَم صفائي،
جاڳئي جڳُ سُپني جو، رَهيو نَہ رائي،
سامي سَمائي، بوندَ وڃي سَرَ سِيرَ ۾.

(٥٢)

اَوِديا سان آئي، بيڙي ڪَپَرَ مُنهن ۾،
اَچي مَردُ ملاحُ تِيو، سامي سَهائي،
تنهن ڏيئي وَنجَهه ويساهَ جا، لُڙَ مون لَنگهائي،
چِنتا چُڪائي، سَيائي اَندرَ جي.

(٥٣)

هَنيو گُرَ چَندبو، يڳو يوتُ يَرَمَ جو،
رَهيو نَ رَتيءَ جيترو، سامي ڪَلِپَ ڪَندبو،
پائي سُکُ سَروپَ جو، تيڙو مَنُ مَندبو،
ڪائي ڳَڙَ ڳَنديو، مَشِڪي ڪُشِڪي ڪِنَڪي.

(٥٤)

سُپني ۾ هِڪُ سُوتُ، گُروءَ لکايو گيِان سان،
ڏيو باريو گهرَ ۾، يڳو اَوِديا يوتُ،
پَرچي ۾ پَرچِي رَهيو، مَحَبتي مضبوطُ،
سِيرَ ڏني ثابوتِ، سَنسي ري سامي چئي.

(٥٥)

همتَ سان هَرِجَنَ، دَرِسُ ڏيکاريو دوسَ جو،
ڏِسي منهن محبوبَ جو، ڪُليا سَبُ بَندَنَ،
پَلَڪَ مَنجهه پورا ٿِيا، سيئي ساڌَنَ،
اَوِديا رَچِي مَنَ، سا مَنَ منجهائون لِينُ ٿِي.

(٥٦)

اَوِديا مَنجهِ اَڙِيو، سو وِديا لايو واٺَ سان،
ڪُسَنگتِ وِڌو پَوَ ۾، سَتِسَنگتِ ڪَري چڙهيو،
مَنَنُ اُتيو مَنَ ڪون، سو مَنجهي مَنَ وَڙيو،
سامي اَڻ گهڙِيو، اَهڙو گهاٽُ عَجيبَ جو.

(٥٧)

اَوِديا گَمپَ گَتو، سو وِديا لايو دَڳَ سان،
ڪُسَنگتِ ٻوڙِيو ڪوهَ ۾، سَتِسَنگتِ سان نِڪتو،
ڏُويڪُ وِيو مَنَ مون، تِيو مَنُ اَڇِتو،
سامي ائين رَتو، جئين لوئي رَڇي رَنگ ۾.

# اَوديا (ب)

(١)

اَوِديا پُلايو، سامي سَڀَ جيئَنِ کي،
لالَچ جي لَڏونءَ تي، آتَمُ پُلايو،
سَهي ڪَري ڪو سُورمو، جو ڳهمي ڳهرِ آيو،
پنهنجو پرايو، خيالُ سَڀَني خاموشِ ٿيو.

(٢)

اَوِديا جيءَ اَنيڪَ، وِڏا واجَ وَهَڻَ ۾،
ڳوتا کائِنِ ڳَنڀَ جا، بِنِ وَئراڳِ وِويڪَ،
سامي جاڻي سَڀَ ۾، ڪَري اَنوڀَوِ وِتريڪَ،
هِردي رکي اِڪيڪ، مَوجان ڪَري مُڪتيون.

(٣)

اَوِديا جيءَ اَپارَ، لوڙهي لَهوارا ڪَيا،
نانا جُونِ جَنَمَ ۾، مُڪَتي کائِنِ مارَ،
لَنگهي چَڙهيا لڪَ تي، ساڌو جَنَ سَچارَ،
سدا باغَ بَهارَ، سامي رَهنِ سياوَ ۾.

(۴)

اَوِديا جيءَ اَپارَ، مُنجهائي موڳا ڪَيا،
جاڻي جُدا پاڻَ کي، مُڪتي ڪائِنِ مارَ،
ماڻِنِ سُکَ سَروپَ جو، ساڌو جَنَ سَچار،
بَڻيءَ تي هَسوارَ، سَدا رهنِ سامي چئي.

(٥)

اَوِديا سَڀِ عاجِزُ، ڪيا جيءَ جَهانَ جا،
ڪَسي خامَ خيال سان، داناهي ڏيرِجُ،
ڪوڙِنِ ۾ ڪَنهن هِڪڙي، ٻوڌيءَ ساريُس ٻِجُ،
سامي سَمِتا سِجُ، ڏٺو جنهن اَپيڏُ تي.

(٦)

اَوِديا ڪَري اَنڌيرُ، اَجاڌِي آتَمَ ڪَلا،
لَڌو لِنوَ سچيءَ سان، ڪنهن پيراندُوءَ پيرُ،
جَنهِن کي ڏِني سَتگُروءَ، سامي سَمُجَهه سَويرُ،
تي نِرَيَئِہ نِرَويرُ، ماڻي دَورَ دَرِسَ جِي.

(٧)

اَوِديا منجهِ اَڙي، پيا سَڀِ جيءَ جَهانَ جا،
مَرنِ مَتِ مَرمَ ري، راتيون ڏينهن رَڙي،
ڪَنهين سُجاکي سُورَمي، پڪي پَرمَ گَهڙي،
چيتَنَ چِٽَ چَڙهي، سُکِ سُمهيو سامي چئي.

(٨)

اَوِديا مَنجھ اَتِڪِي، پِيا جيءَ جھانَ جا،
مَرَنِ مَتِ مَرَمَ ري، پَوندوءَ جان پَتِڪي،
سامي پڳي ڪَنھن سورَمي، مَمِتا جي مَتِڪي،
لَتڪي مَنجھِ لَتِڪِي، سَھَجي رَهِيو سَروپَ جي.

(٩)

ڪَري اوڙِي اوڙِي، اَوِديا نِتُ اَنڌَنِ کي،
مِرگھ تِرِشنا جي جَلَ ۾، ٻِيڙي جَنِ ٻوڙِي،
سامي ڏِني ڪنھن ساڌَ سَنگَ، نانگُ نانھ، نوڙِي،
سَتِي جَنھن جوڙِي، اِستِتِ رَهي اَڪاسُ جان.

(١٠)

اَوِديا سَبُ عالمُ، مُنجھائي موڳو ڪَيو،
مَري ڪائِنِ مَتِ ري، نانا جونِ جَنَمُ،
ڪَڏِي اُتَمُ جائِنِ پانَ کي، ڪَڏِي مَها مَڌَمُ،
جاڳِي ڏِسَنِ نہ جَمُ، سُپَني جو سامي چئي.

(١١)

اَوِديا سب عالم، منجھائي موڳو ڪَيو،
پائي پَوَنِ پاٿِي، نانا جونِ جَنَمُ،
وِرلي ڪَنھن ڳُرَمُکَ جو، مِٽِيو پيدَ پَرَمُ،
جَنھِن کي راهَ رَسَمُ، سامي ڏِني سَتِگُروءَ.

(١٢)

اَوِديا سَڀُ عالَمُ، مُنجهائي موڳو ڪَيو،
ڪَنهن وِرلي ويساسيءَ جو، مِٽيو غيرَتَ غَمُ،
جَنهِن کي ڏِسيو سَتگُروءَ، سامي سارَ سَنجمُ،
دوستَ ٻا جهون دَمُ، خالي ڪٿي ڪونہَ ڪو.

(١٣)

اَوِدياسَڀُ عالَمُ، مُنجهائي موڳو ڪَيو،
پائي يَوَنِ پاڻهي، نانا جونِ جَنَمُ،
سامي ٻَچِيو ڪو ساڌَ سَنگ، نيهي نِرَ ڪَرَمُ،
پورَبُ اَٺون پَچَمُ، ڏِسي ڪونہَ اَڪاسَ ۾.

(١٤)

اَوِدياسَڀُ عالَم، مُنجهائي موڳو ڪيو،
پائي يَوَنِ پاڻهي، نانا جونِ جَنَمُ،
سامي ماڻي سانتِ سُکُ، ڪو نيهي نِرگَمُ،
سَدا ساڻُ خَسَمُ، پورَنُ ڏِسي پَرَماتَما.

(١٥)

اَوِديا اَحمَقي، موهي چِٽَڏي ماڙُن کي،
جَنمَنِ مَرَنِ پاڻهي، بنا ڏَرَ ڏَڪي،
سامي سَتِي ڪنهن سورَمي، پَرِچن پِندَ تَڪي،
لائي پِريت پَڪي، ماڻي سُکُ سَروپَ جو.

(١٦)

ڪَلِپَتَ ڪُتِي ڇِتي، ڏاڙي ڦاڙي ڏَندري

سامي ڇَڏِيائين ڇِنَ ۾، خَلقَ ڪَري خَفتِي،

ثابِتُ رَهي سُياوَ ۾، ڪو جوڳيسَرُ جڳِتي،

ڳُيَرِ جي ڳِتي، ڦِني ڪَئي جنهن فَهَمَ سان.

(١٧)

ڪَلِپَتَ ڪُتي ڇِتي، ڪَنِهن ڪي ڇَڏي ڪينڪي،

سامي ڪَيائين سَبَ ڪي، ڪَپائي خَفتي،

اِستِتِ رَهي آڪاسَ جان، ڪو جوڳيسَرُ جڳِتي،

ڳُيرِ جي ڳِتي، سَتي وِڌي جَنهن سادِ سنگ.

(١٨)

اَوِديا سِندُ جو اَنتُ، ڪنهين پاتو ڪينَڪي،

لُڙهيا لوبَ لَهَرِ ۾، پيرُ، اَميرُ، مَهنتُ،

لَنگهي چَڙهيو لڪَ تي، ڪو سُجاڪو سَنتُ،

پيدَ بنان پڳِونتُ، سامي ڏِٺو جَنهن سَرَبَ گَتِ.

(١٩)

ڏادي ڏيوالي، اَوِديا ڏائِڻِ ڏَندِري،

جَنهن ڦُري سَبِ فقيرَ ڪيا، ڪَلڪَلِ سان خالي،

سامي ڪو ثابتُ رَهي، عاشِقُ اَڪالي،

پوري ڳُرَ پالِي، دَيا جَنهن تي دَرِسَ جِي.

(٢٠)

اَوِديا چانديو عَقُلُ، پَلُ، اَنڌَنِ جو،
ڏِسَنِ ڪينَ اکِنِ سان، پَڌَرِ لالُ پيو،
ڪنهن سجاڳي سُورَمي، ڪارِجُ سِڌِ ڪيو،
ساڏوءَ سَنگِ تيو، سامي جَنهِن ڪي سو جهرو.

(٢١)

ياري يَرَمُ پيو، جُدائيءَ جو جَڳَ ۾.
ماري تَنِ ماڻُن جو، عَقُلُ گُمُ ڪيو،
سامي بَچِي ساڌَ سَنگِ، ڪو وَريامُ وِيو،
بنا بوڌ بِيو، ڏِسي ڪينَ اکِيُنِ سان.

(٢٢)

اَوِديا جو اَوکَدُ، سَتِگُرَ ڏَسيو سِڪَ ڪي،
پيتائين پِرِتيتِ سان، سامي مَحبَتَ مَدُ،
گِهرِي لَڌائين گهرَ مون، آدي اَنيئِ پَدُ،
ميٽي دُکُ دَرَدُ، اِستِتِ رَهي اَڪاسَ جان.

(٢٣)

اَوِديا جَو اَوکَدُ، سِتگُرَ ڏَسيو سڪَ ڪي،
سامي سَمَ سيتَلُ تِيو، ميٽي دُکُ دَرَدُ،
ٻُڌائين بِيائيءَ ري، حَدَ پَري اَنحَدُ،
پائي پورَنُ پَدُ، مُشڪي ڪُشِڪي ڪِينَڪي.

(٢٤)

اَوِديا اَنداري، مِٿي نَ سورِجَ سَمَ ري،
توڙي سَڀِ سياڻا مِڙي، ڪَنِ جَتَن جاري،
سَمجهي ڪو سامي چَئي، ياڳوانُ ياري،
بيحَدِ جي باري، پَٽي ڏِنو جنهن پيءُ کي.

(٢٥)

باه اَوِديا آءِ، ساڙي سَڀَ سَنسارَ کي،
تنهن کي وِديا جَلَ سان، وارَمَوار بُجهاءِ،
صافُ ڪَري سامي چَئي، مَنَ جي مَمَتِ مِتاءِ،
نَڪي ڪَڌُ، نہ پاءِ، آدي اَنيَـتَ پَدَ ۾.

# مورڪ

(١)

اَمولڪُ آهي، مانڪَ ديهي دِبَ رَتَنُ،
ڪَنيون ڪُوڙَ ڪَنَرَ ۾، تِو مورڪُ مِلائي،
اَمِرَتُ ڇَڏي هَٿَ مون، وِرسي وِڪُ ڪائي،
مُنهُن مَٽِهيءَ پائي، سامي ڏِسي ڪِينَڪي.

(٢)

اَڻَ هوندِي راندِ رَچِي، نارائِڻَ نانَتَ جِي،
تَنهِن ۾ مُئا ڪيتِرا، مُورَڪَ لوڪَ پَڇِي،
پاندُ ڪَٽي پَڌِري ڪَئي، ڪَنهِن اَوڌُوتَ اَچِي،
جَنهِن کي سَمُجهَ سَچِي، سامي ڏِني سَتِگُروءَ،

(٣)

اَودِيا جي اوڀِي، مُورَڪَ پاڻُ وِڃائِيو،
چَرِئي جان چيتو ڇَڏي، ڏَهَ دِسا ڦولي،
ساڪي سَمَرَٿُ سارُٿو، گهٽَ گهٽَ مَنجهِ ٻولي،
سامي پَٽُ کولي، تَنهن کي ڏِسي ڪِينَڪي.

(۴)

اَوِديا پَلالِي، جوڙي ڪِئڙو جيءَ کي،
وينو پِيرُ فَقِيرُ تي، مورکُ مَوالي،
آيو ڇَڏِيائين ڪونَڪو، آسائُو خالي،
سامي سُوالي، پاڻَ گُهمي تو پِنڻو.

(۵)

رَچِي مَنُ خَلَلُ، ڦاهيءَ ڦاٿو پاڻَهين،
سامي سَمُجهي ڪينَڪي، مُورَکُ مايا ڇَلُ،
سانتِ نَہ پائي مِرگَ جان، ڏِسي مِرگهي جَلُ،
تَڏي تِئي اَچَلُ، جَڏي پَرِچِي ڏِسي پاڻَ کي.

(٦)

اَڻَ هوندي مايا، اَوِديا ڪَري سِڌِ تي،
مَني وينو پاڻهين، پانهِنجا پَرايا،
سامي جاڻي جيءُ سَتِ، ڪَلِپِتَ جي ڪايا،
دَرِخَتَ جي ڇايا، جاڳي ڏسي ڪينَڪي.

(٧)

اَڻَ هوندو پول پَرَمُ، مُورَکَ مَنِيو مَتِ ري،
نَہ ڪَنهن زورُ ظُلمُ ڪيو، نَہ ڪَنهن لَڄَ شَرَمُ،
نِتُ ڪَلا ڪائي سِرَ تي، رکي نَہ مَنِ مَرَمُ،
جي ڪَرِتا ڪَري ڪَرَمُ، تَہ سامي ڪا سُڌِ پَوي.

(٨)

گهرَ ۾ رامُ وَسي، ٻاهرِ ڍونڍي جيءَ نِتُ،
ٻائي مُنهن مَهِرانَ ۾، سامي ڪينَ پَسي،
پانهِنجو پانَ ڦَسي، تـو مورڪُ اَوِديا ڦاسَ ۾.

(٩)

گهر ۾ رامُ رَهي، مورڪُ ڦولهي ڏهَ ڏِسا،
جَپَ تَپَ ساڌَنَ جوڳَ ۾، سامي ديھ ڏَهي،
ناحَقُ ڏُکَ سَهي، تـو پُٺي ڏيئي پانَ کي.

(١٠)

ڀُلي پانَ ڀِٽي، تـو مورڪُ ڇُهِڙيءَ ڇاهَ سان،
گهٽِ وَڌِ ڄاڻِي پانَ کي، راتِيون ڏينهنَ پِٽي،
تَڏِي ڇوٽِ مِٽي، جَڏِي سامي ملي سَروپَ سان.

(١١)

پَنهنجو پانَ مَري، تـو مورڪُ جيءُ مَنَ ۾،
جِئين ڀولو ڀَرَمَ ۾، ڦاٿو مُٺِ ڀَري،
جاڳِي اَوِديا ننڊ مون، ڪَري نَـ پَٽُ پَري،
سَتِگُرُ مِهرَ ڪَري، تَـ سامي ڇُٽي ڏُکَ کون.

(١٢)

جيءَ ڪَري تـو جُـٽِ، پـِلِي پانهِجو پاڻَ سان،
جئين ڦاميءَ ۾ ڦسي، پولو پَري مُٺِ،
ڏيئي وينو پُٺِ، سامي چئي سَروپَ کي.

(١٣)

ٻِيائيءَ مَنجهه ٻُڏِي، مورکَ مُئا ڪيترا،
ڪو سامي ساڌُ لنگهي پيو، ڪِرپا ساڻ ڪُڏي،
چاڙهي جَنهن گُرگِياتِ سان، گگن مَنجهه گُڏي،
توڙي ڪَري لاڏ لُڏي، تان پي سيتَلُ رَهي سَياوَ ۾.

(١٤)

مَنَ مَنجهه مُٺا، گِياني ڏِياني گِرستي،
سُوڌي راهَ چِڏي ڪَري، پائِنِ پيرَ پُٺا،
وارون وارِ سَمُجهَ ري، ڪلپَتَ ڪالَ ڪُٺا،
مورکَ رَهَنِ رُٺا، سامي سُڌِ سَروپَ کون.

(١٥)

لَکين جيءَ لُڙهن،تا اَڻَ هوندي دَرياهَ ۾،
چِڱو جاڻِي چِتَ ۾، مورکَ ڪِينَ مُڙن،
سامي ڪِئَن چِڙن، جي ٻَڌا ڪَلپَتَ پانهِنجيءَ؟

(١٦)

سامِي ڪَلپَتَ ڪالُ، موڙڪَ مِنيو پاڻهين،
نَـ ڪنهين ميڙِ مِنتَ ڪئي، نَـ ڪَنهين جورُ جَوالُ،
پِلِي سارَ سَروپَ ڪون، دَرِ دَرِ ڪَري سُوالُ،
سَدا رَهي بي حالُ، جاڳي ڏِسي نَـ پاڻَ ڪي.

(١٧)

نانا نِهاري، مُورَڪُ مَنَ جي ياءِ تو،
ڇَئي هِڪُ زَبانَ سان، سَڀَ ڪي ڏيکاري،
گهرُ پانهِنجو نَـ ڏِسي، سامي سَنياري،
حِرِفَتَ ڪِيو هاري، هيرو جَنَمُ هَتَنِ مون.

(١٨)

مُورَڪُ وِڪُ ڪائي، تو آتَمَ اَمرِتَ ڪي ڇَڏي،
هِيرا لعلَ اَنَ مُلها، تو رولي وِڃائي،
سامي ڏِسي ڪِينَڪي، مُنهن مَڙهيءَ پائي،
هَٿُ ڪَيو هاري، تو مانڪَ ديهِ اَمولَ ڪي.

(١٩)

صاحِبُ وِساري، جُڙيو جيءُ جڳَتَ سان،
هِيرا لعلَ اَنَ مُلها، حِرِفَتَ ڪَيو هاري،
اُلِٽي ڏسي ڪِينَڪي، سامي سَنياري،
مُورَڪُ تو ماري، پَنهنجي هَٿين پاڻَ ڪي.

(٢٠)

پانهِنجو پاڻَ هَٽي، تو مُورکُ جُهڳو مَتِ ري،
هِيرا لعل ڦِنا ڪَري، تو ڪَنڪَرَ ڪَچ ڪَٽي،
سامي ڏِسي ڪِينڪي، نَفعو نُقصان ڳَٽي،
تاڻي مَنجهِ تَٽي، تو ڏانوَرَ جيان پاڻَ کي.

(٢١)

مُورکُ وِچائي، تو هِيرو جَنَمُ هَتَّنِ مون،
مِلِي ساڌَ سَنگَتِ سان، ليکي نَ لائي،
ڏانوَرَ جِيان پاڻَ کي، تو ڦَندَ ري ڦاسائي،
مُنجُنِ مڙهيءَ پائي، سامي ڏِسي ڪِينَڪي.

(٢٢)

مُورکُ تو ماري، پَنهِنجي هَٿين پاڻَ کي،
لَڳِي مايا موهَ جي، ڪُوڙي لِنوَ لاري،
ڏِسي نَ سارَ سَروپَ کي، سامي سَنياري،
ڳَپَڻِ مَنجهِ ڳاري، تو هِيرا لعلَ اَڻَ مُلها.

(٢٣)

پَنهنجِي پاڻَ پَٽي، تو مُورکُ پاڙَ مَرَمَ ري،
ساڪان سَنتَنِ جون ٻُڌي، هَٺَ ڪون ڪينَ هَٽي،
مانڪَ ديهِ اَمولَ کي، تو ساگَرَ مَنجهِ سَٽي،
وَنجي ڪَچُ مَٽي، تو ڏيئِي لالَ اڻَ مُلها.

(٢٤)

اَنَ ئي پَهَرَ مَري، تـو مُورَکُ جيءَ مَنَنَ ۾،
جاڻي سَتِ سَنسارَ کي، تـو نانا آسَ ڏَري،
ڪايا مايا ڪُلَ جو، گَرَبَ گُمان ڪَري،
سامي ڏِسي نَري، مِرِگَ تِرِشنا جي جَلَ کي.

(٢٥)

سُپَني جو سَنسارُ، مُورکَ جاڻَنِ سَتِ سَپُ،
ڪايا مايا ڪُلَ سان، پَرِچي ڪَنِ پيارُ،
سامي ڏِسَن نَـ سَمَرَ تي، ساکي سِرِجَنهارُ،
ناحَقُ ٿِئَنِ خُوارُ، تا پُلي پانَ پَرَمَ ۾.

(٢٦)

وينو مُوڙهُ ڪَري، مايا ڪايا پانهنجي،
بيئي تِيَن نَـ ڪَنهِن جون، ناحَقُ جيءَ جَري،
ڪَري ڏِسي ڪِينَڪي، اَوِديا پَٽُ پَري،
تَڏي وَرَقُ وري، جَڏي سامي مِلي سَتِگُرو.

(٢٧)

ديوي اَئُون ديوا، مُورَکَ پُوڄِنِ مَتِ ري،
لائِنِ يوگُ پِرانتِ جو، کيرُ کندُ ميوا،
وِرلو ڪو ساڌو ڪَرَي، سامي سُڌُ سيوا،
اَلکُ اَڀيواهُ، پُورَنُ ڏِسي پِريم سان.

(٢٨)

سَمُجهي ڪِينَ سَڙيو، تہ ڪو آءٌ پاندِيڙو پَنڌ جو،
راتِيون ڏينهان ڪَنڌَ تي، رَهيس ڪالُ چڙهيو،
ڳالِهہ نہ مَني ڪَنهن جي، اَوديا مَنجهہ اَڙِيو،
سامي اَڻ گهڙِيو، گهڙِي گهاٽُ اَندرَ ۾.

(٢٩)

مُورَکُ ڪِينَ هَٿي، ڪوڙَ ڪَپَٽَ پَرَپَنچ کون،
مانکَ ديہِ اَمولَ کي، تو ساگر مَنجهہ سَٽي،
توهَرَ لائي گهرَ ۾، سامي اَنبَ پَٽي،
موتِينِ سان مَٽي، تو وَٺي ڪَچُ ڪَرُوڙَ جو.

(٣٠)

دَولَتَ بنان دَمُ، ڪوڙا هَٿَنِ ڪيترا،
ڳالِهيون پَڌَ اَگمَ جون، سامي ڪَٿِ سڳمُ،
رکَنِ نہ رَتيءَ جيترو، مُورَکَ مَنِ مَرمُ،
جَڏي پوينِ ڪَمُ، تَڏي روئي وِهَنِ راهَ تي.

(٣١)

مُورَکَ هَيءِ هَيءِ ڪَنِ، مايا ڪارَڻِ مَنَ ۾،
سَتِ جاٽي سَنسارَ کي، نانا ڏُکَ سهَنِ،
ڪالُ پَنهنجي ڪَنڌَ تي، اَنڌا ڪِينَ ڏِسَنِ،
سامي هَلِيا وَڃَنِ، رُئندا رَتُ اِکنِ مون.

(٣٢)

مُورَک ڪرڻِ وادِ، بنان سَمُجهه سَروپَ جي،
ڳالهيون ويدَنِ جون ٻُڌي، سامي رکَنِ نـَ يادِ،
پَرچي لَهَنِ ڪِينَڪي، آتمُ پَدُ اَگاڌِ،
بنان سُکَ سَماڌِ، پَنڊِتُ جائَنِ پاڻَ کي.

(٣٣)

پَنڊِتُ پُڪاري، ويدَ ٻُڌائي وِڌِ سان،
ساڪان ڏيئِي سَمَ جو، سَڀَ جو مَنُ ٺاري،
رکِي چاهَ اَندَرَ ۾، پاڻَ نـَ سَنڀاري،
ويندو سو هاري، هِيرو جَنَمُ هٿَن مون.

(٣٤)

مُورَکَ وادِ ڪَئي، پَنڊِتُ جاڻِي پاڻَ کي،
ٻُڌايائين سَڀَ کي، چارَئي ويدَ چَئِي،
سامي سارَ سَروپَ کي، ڪَيائين ڪِينَ سَهي،
وِيَڙو پاڻَ وَهي، ڏيئي هَٿَ ٻئِنِ کي.

(٣٥)

مُورَکُ چوراسِي، پَلِي پَوي تـو پاڻَهِين،
اَوِديا جي اَهَنڪارَ جِي، پائي ڳَلِ ڦاسي،
سامي سَدائي رَهي، مَڌ ۾ مَواسي،
اُلَٽِي اَبناسي، ڏيوُ نـَ ڏِسي ڏيهَ ۾،

(٣٦)

مُورَکُ چوراسِي، پِلي پَوي تـو پاڻهين،
نَـکو جَمَ ڳڻ، ڏَرَمَ ڳڻ، نَـکو ڦَندُ ڦاسِي،
ڏِسِي اِنهيءَ ڳالهِ کي، اَچِي مَنِ هاسِي،
سامي اَبناسِي، ناسُ مَنِي تِيو نِندَ ۾.

(٣٧)

گهرَ ۾ ڪِينَ اَچِي، مُورَکَ ساڌَ سَنگَتِ ري،
اَوِديا نوڙُ ڳِچيءَ ۾، پائي نِتُ نَچِي،
سَهَسَنِ مون سامي چَئي، ڪو وِرلو رَنگِ رَچِي،
جَنِين کي ڳُرَ سَچِي، بِيڙيو باڻُ هَتي ڪَري.

(٣٨)

راتِيون ڏينهن پِٽي، تـو مُورکُ جيءَ مَرَمَ ري،
مِلي چاهَ چمارِ سان، پانهِنجو پاڻُ پِٽي،
بنان ساڌَ سَنگَتِ جي، مَمتا ڪِينَ مِٽي،
سامي تَڏي ڇُٽي، جَڏي جاڳِي جُڙي پاڻَ ۾.

(٣٩)

پانِهنجو پاڻَ مَلي، تـو مُورکُ مِتي مُنهَن کي،
چِـڏي ساڌَ سَنگَتِ کي، ڪُسَنگَ ساڻُ رَلي،
ڏيئي لعلَ اَڻ مُلها، بِنَڌي ڪَچُ پَلي،
ڪَڍِي کوٽ ِهَلي، تـو سَمُجه وَرائي سکٽو.

(۴۰)

وِيٺو پاڻَ مَنِي، مُورَکُ مايا مَنَ ۾،
تَپَ تيِرٿَ ساڌَنَ ڪَري، ڀولو ڪِينَ ڀَڃي،
سامي ڪينءَ وڃي، بنان سَمُجهَ سَروپَ جي.

(۴۱)

وِڏو وِڇوڙو، مُورکَ پاڻَ پِرِيَنِ کون،
ڏيئي وِيٺو گهرَ کي، اَوِديا جو اوڙو،
سامي رکي ڪِينَڪي، مُحبَ ڏي موڙو،
ٻُنڌي نـَ ٻوڙو، دانهان دَردَوَندَنِ جون.

(۴۲)

پانهِنجو پاڻَ ڀَئي، تـو مُورَکُ اَوِديا قاسَ ۾،
ڪَٽي پِندَ مَنَنَ جي، ناحَقُ ڏُکَ سَهي،
مِرِگَ تِرِشنا جي جَلَ مون، اُڃ ٻکَ ڪينَ لَهي،
گُرگَمَ رَهتِ رَهي، تـَ سکي ٿِئي سامي چَئي.

(۴۳)

پانهِنجو پاڻَ حوالُ، مورکَ جيءَ مَندو ڪَيو،
رکِي چاهَ اَندَرَ ۾، دَرِ دَرِ ڪَري سُوالُ،
ساڻُ رَهي پِرِتِ پالُ، تنهن کي ڏِسي ڪِينڪي.

(۴۴)

مُوڙَه ڏِئَن آتَرُ، پانهنجي اَڳِيون پاڻهين،
اَنلُ راڄُ ڇڏي ڪَري، بِيکَ ڪَرِن دَرِ دَرِ،
مِلي ساڌ سَنگَتِ سان، تون سامي سَهي ڪَرِ،
بِنان يَجَنَ هَرِ، مُنا جيءَ مَنَ ۾.

(۴۵)

پَنا ڪوه پَڙهين، اَتي حَرفُ حَقيقتَ هِڪڙو؟
پائي مُنهن مَهِراڻَ ۾، اَندَرِ ڇو نَه اَڙين؟
ڪَلِپَتِ ڪَڍي جيءَ مون، سامي سِيرَ چَڙهين،
نا حقُ ڪوءُ گَهڙين، اَڻَ هوندا گهاتَ اَندَرَ ۾؟

(۴۶)

پِلي ڏَرِنِ بيکُ، مُورَکَ بيکُ اَصُلَ تي،
جاڳي ڏِسَنِ ڪينڪي، اَندَرِ پُرکُ اَليکُ،
جَنهن ۾ مِينُ نَه ميکُ، سامي آدِ جُڳادِ جو.

(۴۷)

تِرِڻَ اولي پِڳوانُ، مورَکُ قولي دَهَ دِسا،
سَمُجَهه نه رکي جيءَ ۾، جِئين بالَڪُ نادانُ،
سامي سِرَ تي پانُ، اَندو ڏِسي ڪِينَڪي.

(۴۸)

جئين سَنکُ ڪَري، دانهَن نِتُ دَردَ ري،
سامي سُکَ ساگَرَ کون، جاٽي پاڻُ پَري،
تئين مُورکُ مَتِ ري، مَمتا مَنجهِ مَري،
ڏِسي نہ ڏِيرَ ڏَري، سُتهِ سِدِ سَروپَ کي.

(۴۹)

مورکَ بنا مَتِ، يُلِي پيا يَرَمَ ۾،
سَتِ جاڻي سَنسارَ کي، کَپَنِ مَنجهه کَپتِ،
عاشِقَ چَڙهيا اَچَ تي، ڪَري سُدُ سَنبَتِ،
نِندا اَنون اُستَتِ، سامي جاڻَنِ سَمَ سَيَ.

(۵۰)

مُورکن ميڙي، ڪاٻَرَ ڪوٺَ ڪَٺا ڪَيا،
سامي لوبَ لَهَر نيا، رَهتِ بنان ريڙهي،
عاشق چڙهيا اَچَ تي، وَرَقَ سيِ ويڙهي،
شَمَ رگَ ڪون نيڙي، سُتهه ڏسن سپرين.

(۵۱)

مُورکَ جيءَ خَرابُ، ڪَيا ڪَلپِتِ پانهِنجيءَ،
جَنمي مَري جَمَ کي، هَرَ هَر ڏِيَنِ حِسابُ،
ڪوڙِنِ ۾ ڪوهِڪڙو، ڪري خُوشيءَ سان خوابُ،
جَنهِن کي شَوقُ شَرابُ، سامي ڏِنو سَتِگُروءَ.

(٥٢)

خوديءَ منجهه خرابُ، مورکَ لوکَ اَپارَ ٿيا،
مَني وينا سَتِ سَبُ، جڳتَ جو اِسبابُ،
اَڳيون ڪالَ قهارَ جي، سامي جهلنِ نہ تابُ،
هَرَ هَرَ ڏِينِ حسابُ، سَمُجهه وَرائي سگهنا.

(٥٣)

خوديءَ منجهه خوارُ، ٿيا ٻيکَ گِرهستي لوکَ سَڀ،
مَني وينا مَنَ ۾، وِڌِ نِکيڌِ وَهنوارُ،
جاڳي ڏِسَنِ ڪينڪي، ساکي سِرِجڻهارُ،
سامي پائنِ چارُ. تا سَمُجهه وَرائي سگهنا.

(٥٤)

ڪيڙو جَنِ ڪپٽُ، ساڌَ سَنگتِ گُرَ پيرَ سان،
تَني ڏِنو پانَ کي، اَڳيون اَوِديا پَٽُ،
چڙهي تَنِ جي چِتَ تي، سامي ڪَلپتَ ڪَٽُ،
ٻِچيءَ پائي ٻَٽ، هو يَونِ يَوندوءَ جان سدا.

(٥٥)

مَحَلَ منجهين آهينِ، سامي سُوڌا سُپرِينِ،
هيڏي هوڏي هَترا، مورکَ تا پائينِ،
پانُ پُلائي پانهنجو، دَرِ دَرِ لِيلائينِ،
سَمُجهي سَمائينِ، وِرِلا ڪي وِسرامَ ۾.

(٥٦)

مُورکَ لَڳِين نہ مُلُ، پَرچي مَنجهِ پِرِيَنِ جي،
سَمُجهي ڏِسُ سامي چَئي، جَنِ ڏي هَيبَتَ هُلُ،
رکي سڪَ اَندَرَ ۾، پِريمَ هِندوري جُهلُ،
ناحَقُ پَرَمَ نہ پَلُ، پُٽي ڏيئي پانَ کي.

(٥٧)

ساکي سِرِجَنهارُ، رَهي سَدائي گهرَ ۾،
مُورکُ دَهَ دِسا، ڪَري نہ دَمُ قرارُ،
پانهِنجو پانَ خُوارُ، تِيو سامي چَئي سَمُجهَ ري.

(٥٨)

مُورکَ ڏارِ نہ بيکَ، هَهِڙي بيکَ اَصُلَ تي،
تَنهن ۾ وَسي پانَ ٿو، پورَنُ پُرکُ اَليکُ،
اَٿِي مِينُ نہ ميکُ، سَمُجهي ڏِسُ سامي چَئي.

(٥٩)

مُورکَ ڪوهُ رَٿِين، راتِيون ڏينهان لوپ کي؟
وِڌي آتَمَ پَدَ جي، اِنهيءَ راهَ لَٿي،
جيءُ ڪيائِين پيءَ کي، مَستِيءَ سانُ مَٿي،
جاڳي چو نہ ڪَٿِين، سامي ڪَلِپَتَ پانهِنجي؟

(٦٠)

غيرَتَ گَندُ مَ وِجهه، موركَ ميڙي گهرَ ۾،
جَنمَنِ جي جَنجال جو، اِهو بِيائي اَتي بِجُ،
سَمُجهي كَرِ سامي چئي، تون دَوڙڻ كون ڏيرِجُ،
تَ سِرَ تي ساكِي سِجُ، پَرِ گهٽُ تِيئِي پاٺهين.

(٦١)

مُوركَ كوه مَرين، تو لِڳي كوڙي لوبِ سان،
ساڻُ كتندين كِينَكي، هِتون بارَ يَري،
سَمُجهي ڏِسُ سامي چئي، شُڌُ وِيچارُ كَري،
لاهي چو نَ ڏريِن، اَوِديا پِندَ مَٿي تون.

(٦٢)

مُوركَ كَرِ مَ موهُ، كايا مايا كُلَ سان،
چِڙي ويندءِ چِنَ ۾، دوهِي كَري دوهُ،
اُلِٽو ڏيندءِ ڏوهُ، سامي چئي سِرَ تي.

(٦٣)

نامُ نَ نِهارين، پائي مُنهن مَڙهيءَ ۾،
جَنَمُ پاٽئِ جڳَ ۾، سو حرِفت كِيون هارين.
مُوركَ تو مارين، تون پَنهِنجي هٿين پاڻَ كي.

(٦٤)

مُورَکَ ڇَڏِ گُمانُ، ڪايا، مايا، ڪُلَ جو،
جَبِي وَٽُ جاڳِي ڪَري، پِيدَ بنان پِڳوانُ،
اَچِي هَٿَندءِ اوچتو، ڪالُ قَهاري ڪانُ،
سامي سَڀُ جَهانُ، ماري جَنهن مِٽي ڪَيو.

(٦٥)

مُورَکَ ڪوهِ ڳَڻين، تو سَچا ڪوڙا جيءَ ۾،
اِها پِنڊِ خَلَلَ جي، سامي ڪِينءَ ڪَٿين؟
جُڙَنُ رِي جڳدِيسَ جي، بِي سَڀِ ڳالهِ وَٿين،
ڪَٿي نـ پِونءِ هَٿين، مِٽي مَيلُ مَمَتَ جي؟

(٦٦)

نا حَقُ وِڃائين، تو مورکَ مانُکَ ديهِ کي،
سامي سَنتَنِ سان مِلي، ليکي نـ لائين،
جاڻِي سَتِ سَنسارَ کي، روئين ۽ ڪائين،
ٻُـڪَ پَري لائين، تو مٽي پانهنجي مُنهن کي.

(٦٧)

مُورَکَ مَنَ اَجاڻَ، تون پاڻُ نـ پَسين پاڻَ ۾،
پائي مُنهَن مَڙهيءَ ۾، جَپِين تان نـ اَجاڻَ،
پنهنجي هَٿين پاڻَ، تو هَٿين کُهاڙو ڪَنڌ تي.

(٦٨)

وِئَڙا سَبِ لڏي، مُورَکُ سُمِهيو ننڊ ۾،
سامي مَرگ مَتَّنِ کون، راتيون ڏينهَن سَڏي،
اَندي اَڻَ سَهي کي، کَڏي کِينَ ڇَڏي،
جي پِرين پاڻَ گَڏي، تَہ جاڳِي مِلي ساٿ سان.

(٦٩)

جَڏِي وَهيو ٿي وَهُ، تَڏِي مَڃَ موتِئِين کِينَکي،
ڇَرَ ڇَنيئہ ڇاکي کَرين، پوءِ موٽَڻَ جو پَڌُ،
هاٿي سِرَ مَٿي تون سَهُ، مهَميزان مَلاحَ جون.

# موڙڪ (ب)

(١)

مايا مَنجهه مڱڻُ، مُوڙڪَ رَهَڻِ مَتِ ري،
جُدا ڄاڻِي پاڻَ کي، ڌارِن نانا تَنُ،
سامي سِڪَ وارَنِ کي، مِليو آتَمُ ڌَنُ،
اَنيڪِ آتَمَ اَنُ، ڏِٺا ڪَيائُون سُرتِ سان.

(٢)

مايا مَنجهه مڱڻُ، مُوڙڪَ رَهَڻِ مَتِ ري،
جُدا ڄاڻي پاڻَ کي، ڌَارِن نانا تَنُ،
سامي ماڻي سيجَ سُکُ، ڪو پِريمي پُورَنُ،
اَنيڪِ آتَمَ ڌَنُ، گِهري لَڌو جَنهِن گهرَ مون.

(٣)

مايا مَنجهه مڱڻُ، مُوڙڪَ رَهَڻِ مَتِ ري،
ٻوڳي ٻوڳَ ٻَرَمَ جا، ڪوهِن مانڪَ تَنُ،
ڄاڻِي سُکُ سَروپَ جو، ڄاڳيو ساڌُو جَنُ،
ميٺي سَڀُ مَنَنُ، سيتَل ٿيو سامي چئي.

(۴)

مايا مَنجهه پَرِسَنَ، مُورکَ رَهَنِ مَتِ ري،
يوڳي يوڳَ يَرَمَ جا، کوهِنِ مانکَ تَنُ،
ماٺي سکُ سَروپَ جو، کو جاڳيو ساڏو جَنُ،
مَجي سَڀُ مَنَنُ، سِيتَلُ ٿيو سامي چئي.

(۵)

مايا مَنجهه مَستانَ، مُورکَ رَهَنِ مَتِ ري،
کالُ نـَ ڏِسَنِ کَنڌَ تي، کَسيو بينو کانَ،
وَرِتَنِ ويدَ وِچارَ سان، نيهي نِرَ اَيمانَ،
يـڳتِ ڏِني يـڳوانَ، جَنِهِن کي پرچي پانهِنجي.

(٦)

مايا مَنجهه مَغرورَ، مورکَ رَهَنِ مَتِ ري،
سَتِ جاڻي سَنسارَ کي، سامي سَهَنِ سورَ،
کالُ نـَ ڏِسَنِ کَنڌَ تي، تو کَري نِتُ کَلورَ،
راٺا راوَ مَزورَ، ماري جَنهِنِ مِٽي کيا.

(٧)

مايا مَنجهه مَغرورَ، مُورکَ رَهَنِ مَتِ ري،
کالُ نـَ ڏِسَنِ کندَ تي، کَندو چَکنا چُورُ،
سامي هَلَنِ حَليمَ ٿي، ياڳوانَ يَرپورُ،
تُرکي تازي تُورُ، کُوڙا جاڻنِ کَلَپَ جا.

(٨)

جڳَ ۾ جيءَ جکي،مورکَ مرن مت ري،
چال چَلَن اڳيان جي، بنا رَسَ رکي،
ملي تيو محبوب سان، کو سامي سنتُ سُکي،
گَهرِي گَرَمکي، مکِ رکِي مَوجان کري.

(٩)

بنا دُکَ دکي، مُورکَ رَهَنِ مَتِ ري،
پَرچِنِ جاڻِي پاڻَ کي، جَنمَنِ مَرَنِ جکي،
مِلي تِيو مَحبوب سان، کو سامي سَنتُ سُکي،
گَهِرِي گُرمُکي، مکِ رکِي مَوجان کَري.

(١٠)

سامي سَبِ دکي، مورکَ رَهَنِ مَتِ ري،
چالِ چَلَن اَڳيانَ جي، بِنا رَسَ رکي،
مِلي تِيو مَحبوب سان، کو ساڌو جَنُ سکي،
گهِرِي گُرَمکي، مکِ رکي مَوجان کَري.

(١١)

پَرمِيسَرُ پَري، مورکَ جاڻَنِ مَتِ ري،
تنهن کي ڏِسَنِ کِينَکي، جو سَڀ کي سِڌِ کَري،
کوڙَنِ ۾ کو هِکڙو، سَمُجهي اَجَرُ جَري،
جنهن تي هَٿُ ڌَري، سامي پورو سَتِگُرو.

(١٢)

پَڇَمَ کي پوربُ، مورکَ ڄاڻِن مَت ري،
وينا پِيرَ فقيرَ ٽي، ڪَري ڪُوڙُ ڪَسَبُ،
سَمُجهي ڪو سامي چَئي، مَحَبتي مَطِلَبُ،
ڏولَ مِلڻَ جو ڏَبُ، جَنهِن کي ڏسيو سَتگُروءَ.

(١٣)

جئين بيڙيءَ جو پورُ، تئين سَنگُ سَنسارَ جو،
تَنهن ۾ مَرَنِ مَتِ ري، مورکَ ٿي مَغرورُ،
ورلي ڪَنهن سَهي ڪَيو، مَحَبتيءَ مَذڪور،
جَنهِن کي نِرمَلُ نورُ، سامي ڏِنو سَتگُروءَ.

(١٤)

ڪَري مَتِ مَيلي، مورکَ مُنا ڪيترا،
سامي پِيا سَنسارَ جي، ڦاهيءَ مَنجه ڦيلي،
رَهي نِيارو نَيَ جان، ڪو ساڌوِ جَنُ سَيلي،
جئين مَجنون لَيلي، لِنوَ سان لالُ گُلالُ ٿيو.

(١٥)

ڪوڙي ڪَلَپَ ڪَري، مُورکَ مُنا مَتِ ري،
يَوَنِ يؤ ساگَرَ ۾، نانا روپَ ڌَري،
پَرِچِنتا پاپڻِ کون، ڪو پِريمي رَهي پَري،
سامي ڏِسِي نَري، پانهِنجي اَکئين پاڻَ کي.

(١٦)

ڪَلَپِتَ ۾ ڪاهي، مُورکَ پِيا مَرَمَ ري،
چَڙهَنِ چوراسيءَ جي، ڦِري ڦِري ڦاهي،
سامي سَتِي ڪَنهن سورَمي، پَرِچِنُ پِندُ لاهي،
نَڪي ڪِي چاهي، نَڪي ڪَٽي خوارُ ٿي.

(١٧)

بِيا سَڀِ مُوڙَ ڳَٽي، ڳَٽَڻَ وارو نَ ڳَٽي،
پُڇي، پُڪاري، سَڏَ ڪَري، هَرَ هَرَ هَٿ ڪَٽي،
ڏانوَر جِئان پانَ کي، تاڻي مَنجهِ تَٽي،
جاڻايو جَٽي، تَڏِي سِيتَلُ ٿِيو سامي چَئَي.

(١٨)

ڪَنِ مُورکَ مُلاجو، ڪايا مايا ڪُلَ جو،
وِرلو ڪو گُرَمُکُ رَهي، اَنَڪَ ڪون آجو،
سارِيو جَنهِن سامي چَئي، ڏائِڻِ جو ڏاجو،
رَمي ٿِيو راجو، بيحَد پُرِ بيگَمَ جو.

(١٩)

مورکُ پِيو پائي، پاڪُرُ پانَ پَرَمَ کي،
اَوِديا سَنديءَ سيرَ ۾، گوتا نِتُ کائي،
پَنان نِتُ پَرَتِيتِ ري، وينو واجهائي،
جَڏِي چِتو چِڏائي، تَہ سکي ٿِئي سامِي چَئي.

(٢٠)

مورکَ مُلِ ڳڌو، ڀُلي ڀوتُ ڀَرَمَ جو،
جَنَمَ مَرَڻَ جي دُکَ ۾، ٻَڌي پاڻُ وِڌو،
اِهو اِشارو اَنيئي، ڪَنهن پِريميءَ پُرِڌو،
سَمِتا مَنجهِ سِڌو، سُوکَمُ تِي سامي چئي.

(٢١)

مورکَ ڀوڳن ڀوڳَ، رَجَنِ نَہ رَتيءَ جيترو،
توڙي پائِنِ تَنِ ۾، سامي نانا روڳَ،
رَهَنِ اَليپَ آڪاسَ جان، ڪي اَوڌوت اَسوڳَ،
جَپَ،تَپَ،ساڌَن،جوڳَ،ساڌي جَنِ سِڌِ ڪَيا.

(٢٢)

مُورکَ مَنُ لائي، ڀوڳِنِ ڀوڳَ ڀَرَمَ جا،
ڪالُ نَہ ڏِسَنِ ڪَنڌَ تي، جو خَرچُ ڪري تو کائي،
سامي ٻَچِيو ڪو سورَمو، ساڌوءَ جي سائي.
چِت چوکو پائي، اِستِتِ ٿيو آڪاسَ جان.

(٢٣)

مُورکَ مَواسي، سَچُ سُڃاڻِنِ ڪينڪي،
سامي پِيا سَنسارَ جي، ڦُرني ۾ ڦاسي،
جاڳي ڪَنهن جوڳيءَ ڪَئي،ڪِنَ ۾ خَلاصي،
اَلکُ اَبِناسي، ڏِٺو جَنهِنِ اڪِنِ سان.

(٢٤)

مُورَکَ مَواسي، کوهِ نَہ مانُکَ ديهِ کي،
مِلي وَٽُ مَحَبوبَ سان، ڇنڌي هَٿُ هاسي،
مَتان اَچي اوچِتي، ڪالُ وِجهيئي ڦاسي،
پوندين چوراسي، سامي چويئي سانتِ ري.

(٢٥)

مُورَکَ ڪَري ٿو مَمتَ، کوهِ نَہ مانُکَ ديهِ کي،
مِلي وَٽُ مَحبوبَ سان، ڇنڌي هَٿُ حَرِڪَتَ،
مَتان اچي اوچِتي، ڪالُ هَٽيئي لَتَ،
پوءِ پوين پَربتَ، پَسون تِي سامي چئي.

(٢٥)

مُورکَ گهڙي گهاتَ، کوهِ نَہ مانُکَ ديهِ کي،
مِلي وَٽُ مَحَبوبَ سان، لائي لِنوَ لِلاتَ،
مَتان اَچي اوچِتي، هَٽيئي ڪالُ چَماٽَ،
پوءِ نَہ لهندين واٽَ، سامي چئي سَمَر ديس جي.

(٢٦)

ڪَري ٺاهَ ٺَڳي، مُورَکَ کوهِ نَہ تَنُ رَتَنُ،
مِلي وَٽُ محبوبَ سان، ساڌوءَ سَنگَ لَڳي،
اَچُڪلَ اَچي اوچتي، وَنَندءِ ڪالُ وَڳي،
رُئندين پوءِ رَنگي، سِچَ لَٿي سامي چئي.

(٢٧)

مُورکَ ڇَڏِ مَخولَ، ڪوڙا مايا موهَ جا،
مِلي وَتُ مَحبوب سان، ڪَري فِڪُرَ قولَ،
مَتان اَچي اوچِتي، هَٿيئي ڪالُ گلولَ،
تيندين ڊانوان ڊولَ، سجَ لَٿي سامي چَئي.

(٢٩)

مُورکَ مَئِه ميرِي، مِني جائِن مَنَ ۾،
پِريتِ ڪَنِ پَرِتيتِ سان، پَرِچي پڪيري،
ڪالُ نَہ ڏِسَنِ ڪَنڌَ تي، وِڳي تو ويري،
يَسَمَ جي ڊيري، سامي ڪَيو جَنِهن سَپ ڪي.

(٣٠)

مُورکَ سورَ ڪائي، ڪري پِيا ڪَلَپَتِ ۾،
گوتا ڪائن غِئبَ جا، سامي سَدائي،
سارُ لَڌو ڪَنهن سورَمي، سَمَتا صَفائي،
وائي وَڏائِي، سَٽي ماٺي سانتِ سکُ.

(٣١)

پِلي ڏارِنِ بيکُ، موركَ بيکَ اَصُل تي،
اُلِٽي ڏِسَنِ ڪينَڪي، اَندَرِ پُرِکُ اَليکُ،
جو سِڌِ ڪري تو سَپ ڪي، سُتَمَ ساکي سيکُ،
جاڻج مِينُ نَہ ميکُ، سُپَتِ سان سامي چَئي.

(٣٢)

سَهَسين سَودائي، بيکَ پري بيحالُ ٿيا،
نانگُ ڏِسي نوڙيءَ ۾، پکا پَؤ کائي،
سامي سَمُجهنِ ڪينَڪي، سُتَهَ صَفائي،
ڇاٽي نِتَ ڇائي، پائنِ پَرِڇنتا جِي.

(٣٣)

جيڪي طَمعَ تِکَ، لوڙي لَهوارا ڪَيا،
سي ڪَڏي وِهَن ڪينَڪي، ماٺِ ڪَري مُورِکَ،
ائين چَون ٿا اَنيَئي، سُجاڪا سالڪَ،
سامي جَنِ جا سِکَ، لِنوَ سان لعل گُلالُ ٿيا.

(٣٤)

وادي اَئون وکَئِي، سَچُ سُڃاڻَنِ ڪينَڪي،
پَوَنِ پَو ساگرَ ۾، پانهنجو پاڻَ پَئي،
اِئين وِيا اَيِمانَ ري، سامي سَنتَ چَئي،
اَنيئِہِ اَڻَ مَئِي، هُئِي جَنِ جي هَڙَ ۾.

(٣٥)

سَهَسين سِياڻپَ، ڪَري جيءَ جَڏا ٿيا،
وِينا ٻَٽنِ واتَ سان، گِيانَ، ڌِيانَ، جپَ، تَپَ،
جاڳي پَنهنجي جيءَ مون، ڪَڍَنِ ڪينَ ڪَلَپَ،
سامي جَئِين سَپَ، وِکَ ويڙهي وِيا ڪُلُ ڪَيا.

(٣٦)

جيڪو اُتاري، اَچي اَوِديا يوتَ کي،
موهي تنهن مورکَ کي، مُنجهائي ماري،
سامي بَچِيو ڪو سورمون، سَتِگُرُ سَنڀاري،
نانَتَ نِواري، سُمِهيو سُڪَپَتِ سيج تي.

(٣٧)

پَرِچِنتا پِتائي، ماري مورکَن کي،
پاڻُ پَنهنجو پاڻَ ۾، وينا وِچائي،
سُتَهَ سِدِ سِيائِنِ ڏنو، اُلَٽي لِنوَ لائي،
پورَنُ پَدُ پائي، سامي ماڻِنِ سانتِ سُکُ.

(٣٨)

بِنا گيانَ غُلامَ، مورکَ مايا جا ٿيا،
هَرِدَمُ هَٿَ بَڌي ڪَري، سامي ڪَنِ سَلامَ،
رَهَنِ اَليپَ آڪاسَ جان، ڪي نيهي نِرَباڻَ،
جَنِ کي رَمِتا رامَ، پاڻَ لکايو پاڻَ ۾.

(٣٩)

راتِيون ڏينهن راڪي، مُورکَ ڪَنِ مايا جي،
ڪالُ نَہ ڏِسَنِ ڪَنڌَ تي، ڪَرِڙو ڪَٽاڪي،
سَمُجهي سَٽِي سِرَ تون، ڪَنهن هَرِجَنَ هَلاڪي،
سامي تِي ساڪي، وَرتِي وِڌِ ويچارَ سان.

(۴۰)

قاهيءَ بنا ڦٽو، سَيڪو مايا موهَ ۾،
سَتِ ڄاڻي سَنسارَ کي، مُورکَ هَٿَنِ مٿو،
وِرلي ڪَنهن گُرمکَ جو، سامي پَرَمُ لَٿو،
لوئي، شالَ، ڪَٿو، ڄاڻي اَنيَئِہ اُنَ جو.

(۴۱)

بِنان ڏَرَ ڏِري، مُورکَ مَرَنِ مَمَتَ ۾،
مِرگھ تِرِشنا جي جَلَ جي، سگھَنِ نہ سِندُ تَري،
سِيانَنِ کي سامي چئي، پِيئي خَبَرَ ڪَري،
سَتي پَرَمَ پَري، ماڻنِ سُکُ سَروپَ جو.

(۴۲)

پَڳُوتَ پَلائي، مُورکَ مُنا ڪيترا،
پَوَنِ پَو ساگرَ ۾، ڪوٽَ جَنَمَ پائي،
سامي بَچيو ڪو سورَمو، ساڌوءَ جي سايي،
مَمَتا مَٽائي، اِستِتِ ٿيو آڪاسَ جان.

(۴۳)

ويدَ پَڙهي وادِي، مُورکَ ٿيا مَرَمَ ري،
سامي سَنيارِن ڪينَڪي، مُوڙي مُرادي،
پَرچيو رَهي ڪو پيءَ سان، ماهِلُ مُتادي،
اَنيَئِہ آبادي، سُتَهَ ڏَٺي جَنهن سُجَ ۾.

(٤٤)

وائي وَڏائي، مُورکَ کَنِ مَرمَ ري،
سَت جِاتي سَنسارَ کي، ڇاڻِ نتُ ڇائي،
سِياڻِ سَچي سامي چئي، هَرِ سان لِنوَ لائي،
کَلَپنا ڪائي، رکَنِ نـ رَتيءَ جيتري.

(٤٥)

حَيرتَ اَئون هاسِي، اَچي هِڪَ اَچرَجَ تي،
سامي رَهنِ سَريرَ ۾، مُورکَ مَواسِي،
ڪالُ نـ ڏِسَنِ ڪَندَ تي، جو ڪنيون ڦري ڦاسي،
ڪِنَ ۾ خَلاصي، ماري ڪِي جَنهِن مُلڪَ جي.

(٤٦)

مُورکَ ڇِڪي ڇِڪَ، ڦاهيءَ ڦاسَنِ پاڻهِين،
يوڳِنِ يوڳَن سان مِلي، نانا پئـ نَرکَ،
ڏِنو اَنيئـ آتما، اُلٽِي ڪَنهن عاشِقَ،
مِهرَ ڪئي مالِڪَ، سامي جَنهن تي ساڌَ سَنگِ.

(٤٧)

مُورکَ ڪَري مَمَتُ، پَوَنِ پَو ساگرَ ۾،
پَرِچَنُ جاڻي پاڻَ کي، رُئندا وَتن رَتُ،
اُلِٽي ڪنهن عاشِقَ ڏِٺو، تَنَ ۾ تُرِيا تَتُ،
واري ڪاتو ڪَتُ، سامي ماڻي سانتِ سُکُ.

(۴۸)

هَرَ هَرَ هَتُ هَٽي، مُورکُ مَنَ کينهونءَ کي،
پِلِي لوکَ پَرلوکَ جون، ڳالِهيون نِتُ ڳَٽي،
ڏانورَ جِئان پاڻ کي، تاٽي مَنجهِ تَٽي،
جاڳِي هَتُ کَٽي، تَہ سُکي ٿِئي سامي چَئي.

(۴۹)

هَرَ هَرَ هَتَ هَٽِن، مُورکَ مَنَ کينهونءَ کي،
اوتاري اَوِديا جي، پَوَنَ مَنجهِ پَوَنِ،
سَمُجهي ڪي جَنَ سورَما، سامي سُکِ سُمَهِن،
جاڳِي ڏِنو جَنِ، پَنِينجي اکئين پاڻَ کي.

(۵۰)

بيحَدِ بُکَ بَچِي، مايا مورکَن کي،
سامي سڳهِن ڪِينَڪي، پَري پيٽَ پَچِي،
ڪائي سَمَ سَنتوک جي، ڪو ساڌو سَت رَچي،
اَنيَئہِ لَکَ اَچِي، جَنهِن کي ڏِني سَتِگُروءَ.

(۵۱)

وادِ وِوادِ بَڪِي، مُورکَ مَرَنِ مَرَمَ ري،
چِٽَي سُکُ سَروپ جو، پيهَنِ چاهَ چَڪِي،
ڪوڙِن مون ڪَنهِن هِڪڙي، لَڌو تانءُ تَڪِي،
جَنهِن کي پِريتِ پَڪِي، سامي ڏِني سَتِگُروءَ.

# اَگياني (الف)

(١)

اَچِرَجُ هِڪُ آهي، ساميءَ کي هِنَ جيءَ جو،
گِياني پَندِتُ تي ڪَري، تو سَڀ کي سَمُجهائي،
هِيرا، مائِڪَ، موتي، پَرکي مُله پائي،
وينو وِحائي، پاڻُ پانهنجو پاڻَ ۾.

(٢)

وِسَنِ کون وِسرِي، ويو آدي گهرُ پانهنجو،
سامي پِيا سَمُجَهه ري، ڪَلِپَتَ مَنجهِ ڪري،
ڪَنهِن گُرَمکَ لَڌو گِياتِ سان، اَنيڻ گهاٽُ گهري،
سو اَچي ڪِينَ قِري، جَنَمَ مَرَڻَ جي دُکَ ۾.

(٣)

وِسَن کون وِسرِي، ويو آدي گهرُ پانهنجو،
سامي پِيا سنسار جي، ڪَلِپَتَ مَنجهِ ڪري،
وِرِلي ڪَنهن ويساه سان، لَڌو گهاٽُ گهري،
اَچي ڪِينَ قِري، سو جنَمَ مَرَڻَ جي دُکَ ۾.

(۴)

وِڇايو وِسِي، پاڻُ پانهنجو پاڻ ۾،
ديوانَن جان ديسَ ۾، قولي ۽ قِسي،
ڏِيو باري گهرَ ۾، سامي ڪِينَ ڏِسي،
اَچَنِ سَنتَ حِصي، تَہ تَپَت مِٽي مَنَ جي.

(۵)

سارو جڳُ پَرسَنُ، رَهي گَرِيَ گُمانَ ۾،
وَرِنِ، سِراپَنِ سَمُجَھ ري، مَنَ ۾ ڪَري مَنَنُ،
ڪوڙِنِ ۾ ڪو هِڪِڙو، سامي جاڳِيو جَنُ،
سو جاڻي هِڪڙو پَنُ، هَلي ڪِينَ حُڪُمَ ريءِ.

(٦)

بَدَنِ ڪي پوڙي، تي سامي لَهَرَ سَمُندِرَ جي،
تَنِ ڪي چَوي ڪِينَڪي، جي سَنتَ چَڏِيا چوڙي،
وينا مُنهَن موڙي، جڳَتَ ڏون جڳِديشَ ڏي.

(۷)

سارو جڳُ نَچي، تو مَنَنَ جي محلاتَ ۾،
اَٺَ ئي پَهَرَ اَندرَ ۾، تو بِنان باهِ پَچي،
ڪوڙِنِ ۾ ڪو هِڪِڙو، بلا کون بَچي،
جَنهِن کي دِرِشٽِ اَچي، سامي سورجُ سِرَ تي.

(٨)

اَڻَ هوندي پـوليِ، وڏو جيءُ ڀَرَمَ ۾،
جئين ڪَستوري نابَ ۾، مِرگه باهرِ ڦولي،
اَوِديا پَٽُ کولي، سامي ڏِسي ڪِينَڪي.

(٩)

جَنمي ۽ مَري، تـو ڀِلي جيءُ ڀَرَمَ ۾،
جِئين پاڇـو پانهنجو، ڏِسي بـارُ ڏري،
سُپَني ۾ سامي ڇَئي، نانا روپَ ڌَري،
وينـو سِڌِ ڪري، مِرگَ تِرشنا جي جَلَ ڪي.

(١٠)

سامي سَيئي، ڀُلا جيءَ ڀَرَمَ ۾،
وَٺَنِ ڪَڃُ خوشيءَ سان، آتَمُ ڏَنُ ڏيئي،
ڏِيو باري گهر ۾، ڏِسَنِ نـه پيهي،
وِرِلا جَنَ ڪيئي، سُرِجها رَهَن سُباءَ ۾.

(١١)

اَٺَ ئي پهَرَ وَيَنِ، ڀِلي جيءَ ڀَرَمَ ۾،
پُنِي ڏيئي پاڻَ کي، نانا دُکَ سَهَنِ،
مانکَ ديهِ اَمولَ جو، مَرَمُ نـه رکنِ مَنِ،
کي لَکايا لَهَنِ، سامي سُکَ سَروپَ جو.

(١٢)

اَنَ هونديءَ تَکَ تکِي، کوڙين وِڏا ڪيترا،
جِئين پَچائون پانهنجو، تِي ياري يوتُ لڳي،
لَتاڙي لَتَنِ سان، کي عاشِقَ لَنگهيا اڳي،
اَنيئِ جوتِ جڳي، سامي جَنِ جي گھرَ ۾.

(١٣)

جَنين اُتاري، نِگاهَ ساڌَ سَنگتِ تون،
سامي لَڳي تَنِ کي، خودي خُواري،
جيئنديءَ جَلَنِ جڳَ ۾، اَنڌا اَويچاري،
موڙهي اَڌِڪاري، تِيڙا کُنيءِ نَرِکَ جا.

(١٤)

اَنڌا پيا اُرجهي، ڪايا مايا ڪُلَ ۾،
سَتِ جاڻي سَنسارَ کي، ڦوڪَ وِيا ڦُرجي،
سامي ڏِنو سَروپَ کي، ڪَنهن سُجاڳي سُرجِي،
پيتائين پُرِجهي، پيالو پريم اَگمَ جو.

(١٥)

اَنڌا کَنِ اُنمانُ، ڪَلِپي ڪَرِتا پُرکَ جو،
جنهن جِي اَکِ ڦَرِکَ ۾، تِئي اُتپَتِ لَي جهانُ،
مَنُ بُڌِ پَهچي ڪِينَڪي، گِيانُ ڌِيانُ غَلطانُ،
نانَتَ کون نربانُ، ڪو سامي سُجاڳو ڏِسي.

(١٦)

ڪانئر گھمن ڪوٽَ، ڪَري ناهَ نِگِيءَ جا،
رکَنِ نَہ رَتيءَ جيتري، عاشِقَ سُورا اوٽَ،
سَنَمکُ هَٿَنِ چوٽَ، سامي سَپيرينِ جي.

(١٧)

پِرتکِ پَرَميسَرُ، اندا ڏِسنِ ڪِينَڪي،
ساڌَنَ ڪَنِ سَمُجھ ري، مَنَ ۾ رکي مَڪَرُ،
ڪَنهن سُجاڳِي سَهِي ڪَيو، پَرچي پَهنجو گھرُ،
ڪولي ڏَسِوُن دَرُ، تُرِيا ۾ تَدِروپَ ٿِيو.

(١٨)

اندا ڪينَ ڏِسن، پِرتکِ پَرَميسَرَ کي،
پَرَمَ مَنجھِ پَلي ڪَري، پَوندوءَ جان پِتَنِ،
سُتَہَ سِدِ سَهِي ڪَيو، سامي سُجاڳَنِ،
رَتا رَنگِ رَهنِ، دُئيتَ وَرائي دِلِ ۾.

(١٩)

اَندو پيو آٽي، پِلِي پَوَ ساگرَ ۾،
بانيۡ بَڌو تُرَهو، ڪَرمَنِ جو ڪاٽي،
سُتَہَ سِدِ سَروپَ کي، ڪو سَچو سُڃاڻي،
مَمتا ري ماٽي، مَوجان نِتُ مالِڪُ ٿي.

(٢٠)

ڪوڙين ٽيا ڪَپَتي، بيڪَ ڳَرِستي جڳتَ ۾،
جوڙي وِڌائون پاڻَ تي، سامي چاهَ چِٽي،
پانهنجي هٿين پانهنجي، اَندَنِ پاڙَ پٽي،
وِرلي ڪَنهِن ڪٽي، ڳُرَمڪَ ڦاسَ ڳچيءَ مون.

(٢١)

وِساري والِثُ، مُنا جيءَ مَنَ ۾،
جاڳي ڏسن نَ پاڻَ کي، اَندا ڪَري آلِسُ،
ڪو عاشقُ چَڙهيو اَڇ تي، خُلاصو خالِصُ،
سامي تي ثالِثُ، وَرِتي وِڌِ ويچارَ سان.

(٢٢)

ڪوڙين ڪِروڙي، سِرُ مُنائي ساڌَ ٿيا،
سِيتَلُ رَهي سُياءَ ۾، بانيَڻُ کو بوڙي،
جَنهن مِلي ساڌَ سَنگتِ سان، سُرتِ نِرتِ سوڙي،
ويري وِروڙي، ڪَنهِن جو ٿئي ڪِينَڪي.

(٢٣)

ڏِنا سَڀِ مڳهنُ، پاٽو واٽي حالَ ۾،
مَنِي وِيَنا مَنَ ۾، نانا ياءِ مَنَنُ،
ڪوڙِنِ ۾ ڪو هِڪڙو، رَهي اَليپُ اَنَنُ،
جَنهين جِيتِيو مَنُ، سامي سَنتِنِ سان مِلِي.

(٢٤)

غيرَت مَنجه غَرَقُ، رَهن جيءَ جهانَ جا،
پوڄِنِ پِيرَ فَقير کي، رِکي قيرُ فرقُ،
عاشِقَ چَڙهيا اَچَ تي، لِنوَ سان بَدي لَڪُ،
اَندَرِ باهَر هِڪُ، سامي ڏِسَنِ سُپرين.

(٢٥)

پُرِجهن ڪينَ پَڙهيا، سُتَهَ سُڪُ سَروپَ جو،
رَهَنِ وِديا وادِ ۾، اَٺَ ئي پَهَرَ اَڙيا،
مَمَتَ مِٺائي مَنَ جي، ڪي عاشِقَ اَچَ چَڙهيا،
سامي اَنَ گهَڙِيا، گيڙِنِ گيانَ اَندَرَ ۾.

(٢٦)

بَدو سَڀُ جَهانُ، مايا قاسيءَ قَندَ ري،
پَرچِيا رَهنِ پِندَ سان، پُلائي پِڳوانُ،
جاڳِي ڪَدَنِ ڪينڪي، اَندَرَ مون اِيمانُ،
ڪو سامي پُرکُ سُڄانُ، سَمُجهي چَڙهيو سِيرَ تي.

(٢٧)

پُلو سَڀُ سَنسارُ، ديهي مَني پانَ کي،
جَنمي مَري دُکَ سَهي، پِنڌي نَہ اَهنڪارُ،
وِرِلي ڪَنهن گُرَمُکَ ڪَيو، واستوَ جو ويچارُ،
ڏِسي ساڪِي سارُ، سَنمکُ ٿِيو سامي چئي.

(٢٨)

سُپَني ۾ سامي چئي، پَوندُو پِنڪَنِ ڍيرَ،
سَچُ سُجائَنِ ڪينَڪي، اوندا مَنجهِ اَنڌيرَ،
ڪي گُرَمُکَ سَنتَ سُميرَ، اِستِتِ ٿِيا آرام ۾.

(٢٩)

بگلو ريسَ ڪَري، هَنسَنِ ساڻُ حِسابَ ري،
هو نِرمَلُ، کون پَري، هو ڪَپَٽُ ڏِيان ڌَري،
هو موتي کائي مانسَرِ، هو مَڇيءَ ڪاڻِ مَري،
سامي ساکَ پَري، مَرَمُ وِيچاري مَنَ ۾.

(٣٠)

بِنان سَمُجَهَ جکي، ٿو ڪُتو ڪَچَ مَندَرَ ۾،
بالَڪُ بُڌِ وَرائي، پِلِي پوُ رکي،
گِياني پاڻُ لکي، تہ سکي ٿي سامي چئي.

(٣١)

اَڻَ هوندي پولي، وِڌو جيءُ پَرَمَ ۾،
پِٺي ڏيئي پاڻَ کي، ڏَهَ دِسان ڦولي،
تنهن کي ڏِسي ڪينَڪي، جو ٻُڌي ۽ ٻولي،
سَتِگُرُ گِنڍِ کولي، تَہ سکي ٿئي سامي چئي.

(٣٢)

ڪَلِپَتَ مُنو جيءُ، وَڃي پيو وِستارَ ۾،
پَرَمَ منجھ پلي ڪَري، ڏَهَ دِس قولي پيءُ،
تَپَ، تيرٿَ ساڌَنَ ڪَري، سَهي گرمي سيءُ،
گهرَ ۾ وَندِ جي ويءُ، سو سامي ڏسي ڪِينڪِي،

(٣٣)

پَرَمُ پِينگ يارِي، هَلي چِلي ڪِينڪِي،
ڏنگي ڄنهن ڏندَن ري، سامي وِسُ ساري،
ورلو وِيچارِي، ڪو بَچي گُرگِياتِ سان.

(٣٤)

پَرَمَ جي ياري، چوٽ لڳي ۾َن جيءَ کي،
چاهَ رکيائين چِتَ ۾، ڇُهَڙِي ڇماري،
ڪَيَسِ تنهن ڪَلپَتَ سان، سامي دِلِ ڪاري،
بيحَدِ جي باري، پوري وِيٺو پائهين.

(٣٥)

عَجائِبُ اِسرارُ، غَيبي ڏِٺو گِياتِ سان،
اَوِديا تي عاشق ٿِيو، سامي سَندِ جو بارُ،
جَنهن جو روپُ نَہ رَنگُ ڪو، نَڪو اَنگُ آڪارُ،
سُپَني ۾ سَنسارُ، رَچي مَچي نِتُ رَينَ ۾.

(٣٦)

سپني منجهه ڪنگالُ، راجا ٿيو هڪ ديس جو،
هاٿي، گهوڙا، پالڪيون، ميڙيائين سڀُ مالُ،
دَرَ تي بيٺا ڪيترا، سامي ڪن سُوالُ،
جاڳي ايهو حوالُ، پنندو وتي پاڻهين.

(٣٧)

ڪوڙي ڪون پاسو، سامي سچي جَنَ ڪيو،
هُن کي سِڪَ سَلَ ڪيا، هُن کي مُحبت نہ ماسو،
هو پرچو رهي پَدَ ۾. هُنَ جو وِکيا منجهه واسو،
تنهن کي دِلاسو. ڏيئي پاڻ ڪيئي ويو.

(٣٨)

ناحق جيءُ رلي، تو ڪرمن جي ڪلپت ۾،
بنان ڀڳت ڀڳوان جي، ڀرمُ ڪينَ ڀلي،
تڏي ڳنڍِ کُلي، جڏِي سامي ملي سَروپَ سان.

(٣٩)

ڀلي هِنَ بندي، خاصُ خزانو گُمُ ڪيو،
ڪَٽي وڏائين پاڻَ کي، ڏِکي منجهه ڏنڊي،
ڏِيو باري گيانَ جو، ڏِنو ڪينَ اَنڌي،
پرين پاڻَ ڪندين، ڪا سَهائتا سامي چئي.

(۴۰)

پَرورَتِتا جو پُور، ڪاتون پِيو هِنَ جيءَ کي،
موتِي ڪيئن مِڙِي وَيِي، سامي سَنسو سورُ،
پُنِي ڏيئي پاڻَ کي، مالِڪُ بَنيو مَزورُ،
ڏِسِي نَرمَلُ نورُ، نانا کون نِربانُ ٿِيو.

(۴۱)

پَتَرَ پوجا کَنِ ديوُ نَہ ڏِسَن ديھِ ۾،
پندِتُ جاڻِي پاڻَ کي، ڪَرمَنِ مَنجھ ٻَجَهنِ،
ساڪان سَنتَنِ جون ٻُڌِي، مَرَمُ نَہ رکَنِ مَنِ،
سي ڪيئن رَنگِ رَچَنِ، سامي سُبيرِيَنِ جي.

(۴۲)

پوٿِرَ پلالي، ڪوڙين گُهمنِ ڪيترا،
ڳالهيون ڪَنِ زبانَ سان، خِلوَت جون خالي،
جاڳِي ڏِسَنِ ڪِينَڪِي، خاوَندُ خِيالي،
لُنؤ لُنؤ منجھِ لالي، سامي تنهن سَروپَ جي.

(۴۳)

چَريا سي چَئِجَنِ، جي مَرَمُ نَہ رکَنِ مَنَ ۾،
ڳالهيون ويدنَ جون ٻُڌِي، دَرِ دَرِ بَڪَ بَڪَنِ،
نانا جڳِتيُنِ سان ڪَري، دبَ دِرشٽانتَ ڏِيَنِ،
سامي ڪينَ ڏِسَنِ، جاڳِي جوتِ سَروپَ کي.

(۴۴)

ڪَلِجُڳَ جا ڪوڙا، مِيرَ مُتَهَدي چهِڙي،
راتيون ڏينهان لوڀَ جا، گهرِ ٻَنڌَنِ ٻوڙا،
ويساهِي ويساهَ سان، ڌوهِنِ وِسوڙا،
سامي مَتِ موڙها، مَرڻُ نَہ جاڻَنِ مَنَ ۾.

(۴۵)

ڇَرِيا سي ڇَڄَنِ، جي پاڻُ پَڇاڻَن ڪِينَڪِي،
ڳالهيون پلنِ جون ٻُڌي، مَرَمُ نَہ رکَنِ مَنِ،
پانهنجي ڳِچيءَ پائِهين، جوڙي سيلَ وِجَهنِ،
سامي ڪِينَ ڏِسَنِ، جياتي پائي گهرَ ۾.

(۴٦)

پَنڊِتُ پُڪاري، سارُ ٻُڌائي سَڀَ ڪي،
سامي پانهِنجي مَنَ جِي، مَمِتا نا ماري،
رکِي ڌُئِيتُ اَندَرَ ۾، سَمِتا ڏيکاري،
هَليو سو هاري، مانڪَ ديهِ اَمولَ ڪي.

(۴۷)

ٻانيَڻَ ٻَنڌَ ڳِياني، ڪوڙا ڳُهمَنِ ڪيترا،
ڳالهيون ڪن زَبانَ سان، اَنيئَہ آساني،
رَهنِ رَسَ ڪَسَ لوڀَ ۾، اُرِجها اَيماني،
جاڻَنِ نَہ فاني، پُتلو پَنجنِ تَتَنِ جو.

(۴۸)

لڪين لباڙي، ڳالهيون ڪَنِ اڳمَ جون،
سامي ڪُوڙائي ساڌَ ٿيا، مٿو ۽ ڏاڙهي،
ڪَلڪائِنِ ڪَپَٽَ جي، ڪاتِي ڪُهاڙي،
ياڙَ ڪائي پاڙي، وَهِيا وَڃنِ وَهَ ۾.

(۴۹)

لڪين ليڪا ڪَنِ، پَڇاڙُو ڪو هِڪِڙو،
ليڪو ڇڏي اَليکَ ۾، ڪي گُرمکَ غرقَ رهَنِ،
ٻِيا سَڀِ بادِ بَڪَنِ، سُپَني ۾ سامي چئي.

(۵۰)

سامي ڪَنِ صَلاحَ، ڪوڙا مِڙي ڪيترا،
لَهَنِ نَہ عِشقَ اَپيد ري، رامَ نَگَرَ جي راهَ،
وَڃي ٻيئي پانءُ تي، ڪَنهِن نيهيءَ جي نِگاهَ،
ميٽي چنتا چاهَ، سو چَڙهي وينو چَؤڏولَ ۾.

(۵۱)

مُنا سڀ مَنَن، گِياني، پَنڊِتَ، پُستَڪي،
بِنان سمُجهَ سَروپَ جي، ڪَنِ اُتَرَ اَئُون پِرشَنَ،
پائي وينا ڪَچَ ۾، تِرشنا ڏائِڻِ رَنَ،
وِرلي ڪَنهن هَرِجَنَ، سامي سارُ سَهي ڪيو.

(٥٢)

بِنا ڳِياتِ ڳِيانُ، ڪوڙا ڪَٿِنِ ڪيترا،
ڳالهيون ويدَن جون ٻُڌي، ڪَنِ اَندرَ ۾ اُنمانُ،
ڏسَنِ ڪِينَ اڪينُ ري، اَندا اَنيڪِ يانُ،
سَدا رهن غَلطانُ، سامي مايا موهه ۾.

(٥٣)

ويدَ پُرانَ پڙهي، پَنڊِتَ ٿِيڙا ڪيترا،
بِنا ڳيان گُروءَ جي، وِيا اَوِديا مَنجهِ اَڙي،
وِرلي ڪنهِن گُرمُکَ ڏٺو، وَچَنَ مَنجهِ وڙي،
تنهِن کي هَٿِ چڙهي. سامي لکَ سَروپَ جي.

(٥٤)

لکين هزارين، وادِ ڪَرنِ ويدانتَ جي،
وِرلو ڪو وِيچارَ سان، ويهي ويچاري،
سامي سارُ سَهي ڪَري، هِردي مَنجهِ ڌاري،
نانَتَ نِواري، سَبَ گهٽِ ڏِسي سُپرين.

(٥٥)

اَڦُرَ پانُ ڪيو، ڦُرنو نانا روپَ جو،
اَنَ هوندو ڪَلپِتَ ڪَري، سامي سِدِ ٿِيو،
جَنَمُ مَرنُ ڏکُ سُکُ مَنِي، سَنسي مَنجهِ پِيو،
ڀُلِي ڀَرَمَ وِيو، جَڏِي جاڳي جُڙيو پانُ ۾.

# آگياني (ب)

(١)

لکين ليکاري، ليکي مَنجهه لُڙهي وِيا،
لَنگهي چڙهيو لڪَ تي، ڪو اُتمُ اَدِڪاري،
جَنهِن کي ڏِنو ستِگُروءَ، پَروسو پاري،
سامي سَچاري، مُکِ رکِي موجان ڪَري.

(٢)

لکين ليکارِي، ليکي منجهه لُڙهي وِيا،
غوتا کائِنِ غيبَ جا، پَرَمُ ڪَري پاري،
چڙهيو چيتَنَ چِٽَ تي، ڪو وِرِلو وِيچاري،
سامي وِسُ ساري، جاڳِي ڏِٺي جَنهن جوتِ ۾.

(٣)

لکين ليکارِي، ليکي منجهه لُڙهي ويا،
جئين پَسون گُهمَنِ گهاٽي ۾، پائي پانچاري،
سامي ماٽي سارُ سُکُ، ڪو وِرِلو وِيچاري،
پَؤَ ساگرُ پاري، لَنگهي چڙهيو. لڪَ تي.

(۴)

وائي وَڏائي، ڪُوڙا پِلي ڪَنِ ڪيترا،
رڪَنِ نہ رَتيءَ جيتري، سمجھ صفائي،
وِرلي ڪنهن ڳُرَمڪَ کي، سامي سانتِ آئي،
سَمَ تِي سِدائِي، ماڻي موج مُڪتِ جِي.

(۵)

سنسي سَڀُ سَنسارُ، لوڙهي لَهوارو ڪَيو،
لَهي سگهنِ نہ لڪَ ري، پَرِچِنتا جو پارُ،
ساڪَ ڏِئي سامي چَئي، ساڌو جَنُ سچارُ،
ڪَري جنهِن قرارُ، پورَنُ ڏِٺو پيءَ کي.

(٦)

سَنسي سَربَ ڏِنگي، سارو ڏيه ڏکي ڪَيو،
سامي وِيو ڪو سورمو، پَرِپَڪُ پارِ لَنگهي،
جنهن کي چَڏيو سَتِگُروءَ، آتمَ رَنگِ رَنگي،
ڪَنهِن ڪون ڪِينَ سَنگي، ماڻي مَوجَ مُڪتِ جِي.

(٧)

سَنسي سَربَ ڏِنگي، موڳو ڪَيو ماڙُنِ کي،
اَٿَ ئي پَهَرَ اَندرَ ۾، سَيُڪو پيو سَنگي،
ڪو عاشقُ چَڙهيو اَچَ تي، لوڪان ليڪَ لَنگهي،
جنهن کي رَنگِ رَنگي، سامي چَڏيو سَتِگُروءَ.

(٨)

ڦُرني ڦُري فقيرَ، ڪيا سَڀِ جيءَ جَهانَ جا،
پَوَنِ پوءِ ساگرَ ۾، ڏَري سگهن نہ ڏِيرَ،
ڪو سُجاڪو سورَمو، سامي چَڙهيو سِيرَ،
جنهن کي پُوري پِيرَ، لکَ لکائِي اَنيئَي.

(٩)

جڳَ ۾ وَسَنِ ٺڳَ، ياري پَنجَ پِرَتم جا،
موهي ماري مَتِ کَسي، سَڀ کي ڪَن ڏکَ مڳَ،
ڪي سُجاڪا سورَما، رَهنِ عَيَنَ اَلڳَ،
سامي تي سَرِ بڳَ، ماڻنِ مَوجَ مُکتِ جي.

(١٠)

سَڀَ کي ٺڳِن ٺڳَ، پنجَ پانهِنجا پرِيتَم بڻي،
سامي سَمُجَهنِ ڪينڪي، اَنڌا جيءَ اَلڳَ،
رَهَنِ اَليپُ اَڪاسُ جان، ڪي ساڌو سَرِبڳَ،
جَن کي تُوپِي پڳَ، نَظرِ نہ اچي نامَ ري.

(١١)

وِيا سَڀِ وِڪامي، ويرنِ هٿِ ويچارَ ري،
ڪوڙِنِ ۾ ڪو هِڪِڙو، سَنتُ بَچيو سامي،
جَنهِن کي ڪَيو سَتِگُروءَ، اَنَنَ آرامي،
نِرمَلُ نِهَڪامي، رَهي وِديهي ديهِ ۾.

(١٢)

وَهي بِنا ويچارَ، خَلقَ خامَ خِيالَ ۾،
پَرچِنِ جاڻِي پاڻَ کي، روئي زارُون زارَ،
رَهَنِ اَليپُ اَڪاسَ جان، نيهُنِي نِراڌارَ،
لائِي جَنهن لِنوَ تارَ، سامي سُپيرِيَنِ سان.

(١٣)

پَرَمَ مَنجهه پِلي، پِيا سَڀِ جيءَ جهانَ جا،
جَنمَنِ مَرَنِ مَتِ ري، رَسَنِ ڪانِ رُلِي،
سامي لَڌو ڪَنهن سورَمي، اَنيڪَ گهرُ اَصلي،
مِٽِي ڪَلپَ ڪُلي، ماڻِي مَوجَ مُڪتِ جي.

(١٤)

سَڀِي تي آتُرُ، پِرَنِ ڪارَڻِ پيٽَ جي،
پائي پَوَنِ پاڻهين، پَرَمَ کي پاڪَرُ،
سامي سُجاڳَنِ ڏِٺو، هَرِ حاضُرُ ناظُرُ،
ڪَري مَنُ اَڦُرُ، ماڻِنِ موج مُڪتِ جي.

(١٥)

پنهنجو پاڻَ پَونِ، پِلِي جيوَ پرمَ ۾،
سَتِ جاڻِي سَنسارَ کي، جَنمَنِ نِتُ مَرَنِ،
ساڌو جَنَ سَمُجهِي سَچِي، سامي ساکَ ڏِيَنِ،
جاڳِي ڏِٺو جَنِ، هِڪُ هيڪلو آتِما.

(١٦)

سَيُڪو ڏَنڊُ پَري، جنمي مُري جَمَراءِ جو،
جَهِڙا جَهڙا جگَ ۾، ڪَلبي ڪَمَ ڪَري،
سامي رَهي ڪو سورَمو، پريمي پاڪُ پَري،
نِرمَلُ ڏِيانُ ڌَري، پورَنُ ڏِنو جنهن پيءَ کي.

(١٧)

هَنِي هارائي، هِيرو جَنَمُ وِيا هَتَنِ مون،
سامي موهَ مَمَت جِي، ڦاهي ڳِلِ پائي،
نيهي نارائڻَ سان، مِليا مَنُ لائي،
وينا وَجائي، نَغارو نِربانَ جو.

(١٨)

هاري جَنَمُ هَنِي، سڪِتا وِيا سَنسارَ مون،
ڪَئِي ڪوڙَ ڪَپَٽَ سان، ڪوڙي جَنِ ڪَنِي،
وِرلي ڪَنهن ڳُرمُکَ جِي، نانَتِ مَتِ ٺَني،
جو وِڌِ سان واٽ وَنِي، سامي هَليو حَليمُ ٿي.

(١٩)

مُنهَن ڪارو موچارو، اَندَرَ ڪاري آدميءَ ڪون،
سَمُجهي سُجانُ ڪو سورَمو، اِهو اِشارو،
چَڙهي وَجائي چِٽَ تي، نِريَوُ نَغارو،
نَپَ جان نِيارو، سامي رَهي سَريرَ ۾.

(٢٠)

مَنَنَ جي ماکي، چِٽي جيءَ چَريا ٿِيا،
ڪايا، مايا، ڪُلَ ۾، ڪَلِپَنِ نتُ ڪانکي،
ڪَنهن ساڌوءَ ڳالهِ سَهي ڪَئي، سامي ٿي ساکي،
ڇَڏي هَلاکي، جُڙيو رَهي جڳديسَ سان.

(٢١)

اِهو وَڏي اَنيت، پَوَن نانا جونِ ۾،
پَرچِنِ جاڻي پاڻَ کي، سَدا رَهَنِ پَئا پيتِ،
سامي ساڌو جَنَ ڪي، هَلَنِ سَچي رَسَ ريتِ،
پورَنُ ڪَري پَرَتيتِ، رَهَنِ مِليا رامَ سان.

(٢٢)

پَرچِنتا پَليتُ، ڪَيا جيءَ جهانَ جا،
ڪوڙِنِ ۾ ڪو هِڪڙو، رَهي اَليپُ اَچيتُ،
پَرِچي لڌو جَنهن پانهنجو، آدي اَنيِئَ ميتُ،
سَدائي سُرجِيتُ، سامي رَهي سَياءَ ۾.

(٢٣)

جَنمي مَري جيءُ، پَرچِنُ جاڻي پاڻَ کي،
سامي ڏِسي نَ سَمَ ٿِي، پَرتکِ پورَنُ پيءُ،
وِرلي ڪَنهن ڳُرمُکَ جو، مِٽيو سَنسو سيءُ،
مَنمُکُ رَهي سَديءُ، ڳهڻَ آڪاسَ مَهَ آڪاسَ جان.

(٢۴)

طَمعَ تِرڪائي، ڇَڏِيا جيءَ جَهانَ جا،
يَوَن يَؤ ساگَرَ ۾، ڪوٺَ جَنَمَ پائي،
سامي بَچِيو ڪو سورَمو، ساڌوءَ جي سايي،
لِنوَ سَچِي لائي، چَڙهيو چيتَن ڇٺَ تي.

(٢٥)

طَمعَ ۾ تِرِڪي، پِيا سَڀِ جيءَ جَهانَ جا،
گوتا کائي گَيبَ جا، ساهُ کَٽَنِ سُڏِڪي،
لَنگهي چَڙِهيو لَڪَ تي، ڪو پريمي پُلِڪي،
مَتا جِي مَڪي، جَنِين سَتي وِڌي ساڌ سَنگ.

(٢٦)

طَمَعَ تِرڪائي، وِڌا جيءَ وَهَڻَ ۾،
گوتا کائِنِ گَيبَ جا، ڪوٺَ جَنَمَ پائي،
سامي مِليو سَروپَ سان، ڪو نيهي لِنوَ لائي،
جنهن کي جاڳائي، سَتِگُرَ ساوِڌانُ ڪَيو.

(٢٧)

دُئيتَ سَڀِ دکي، ڏکيا جيءَ جهانَ جا،
شاهَ، وزيرَ، اَميرَ، پيرَ، مهاجَنَ، مکي،
سَدا رَهنِ سامي چَئي، سَمِتاوانَ سکي،
بِنا رَسَ رکي، ڳالهه نَ ڪَرِنِ ڳُجَهه جي.

(٢٨)

جاڳئي بِنا جِنْ، پِلِي ڪين پَرَمَ جو،
سامي لڳو سَڀَ کي، پُڌي واجَ وِڳهنْ،
ڪو نيهي نِرَبانْ ٿِيو، ڇَڏي جات وَرنْ،
ڏِٺو جنهن اِيْنْ، اَندَرِ باهرِ آتما.

(٢٩)

ڪَري چاهَ چَرِي، ڇَڏي خَلقَ خُداءِ جي،
مِرگھ تِرشنا جي وَهَ ۾، وَهَنَ وَري وَري،
سامي لَنگھيو ڪو سورَمو، تَوَڪَلَ سانْ تَري،
جَنهِن کي گُرَ گَهِري، سُرڪي ڏِني سَچَ جي.

(٣٠)

ڇُهَڙِي چمارِي، چاهَ چِپَلَ چِنتا پَري،
سامي کَسِي سَمَتا سُکُ، ڏيئِي ڏيکاري،
رَهي اَليپُ اَڪاسَ جان، ڪو وِرلو وِيچاري،
سَٿِي پِندِ ساري، مِليو سارَ سَروپَ سان.

(٣١)

تِرشنا جيءَ اَنيڪَ، وِڏا واجَ وَهَنْ ۾،
ٿِيون ڪائِنِ نَرڪَ جون، بنا وَئراڳَ وِويڪَ،
سامي سَمُجهو سورَمو، ڪَري اَنوَيِ وِترِيڪَ،
هِردي رکي ٽيڪَ، ماڻي موجَ مُڪتِ جي.

(٣٢)

چنچلَ چورَ چُغلَ، سَچُ سُڃاڻنِ ڪِينَڪي،
ڪوهنِ خامَ خيالَ سان، مانُکُ جَنَمُ اَمُلُ،
سَچارَنِ سُوڏِي لَڌو، اَنيئِـ گهرُ اَصُلُ،
ڪَٽي ڪَلِپَتَ ڪُلُ، سامي ماڻنِ سانتَ سُکُ.

(٣٣)

ڪَرَمَ ڪَرنِ ڪُوڙا، پائي سگهن نـ پيءِ ڪي،
پلِي پَوَنِ پاڻهين، مَمتا ۾ مُوڙا،
ماڻنِ دُورَ دَرِسَ جِي، سَمَ تي سَچُوڙا،
سَدا ٻُورا ٻُوڙا، سامي رَهَنِ سُياءَ ۾.

(٣٤)

قِصا ڪرَي ڪوڙا، ٻُڌائِنِ ٻِيَنِ کي،
پاڻَ پَڇائِنِ ڪِينَڪي، مُنڊَون مَتِ موڙا،
ماڻنِ سُکُ سَروپَ جو، ساڌو سَچُوڙا،
سَدا ٻُورا ٻُوڙا، سامي رَهَنِ سُياءَ ۾.

(٣٥)

ڪَري جيءَ ڪَرَمَ، ڦاهيءَ ڦاٿا پاڻهين،
سَدا رَهنِ سَنسارَ جي، وِسا مَنجهِ وَهَمَ،
ڪو عاشِقُ چَڙهيو اَڇ تي، ڇَڏي ڪوڙا ڪَمَ،
سامي ڏِسي سَمَ، اَندرِ باهرِ آتما.

(٣٦)

ڪَپِڙي ڪَپَٽُ ڪَري، ڦاهيءَ ڦاٿا پاڻهين،
پَوَنِ پيُو ساگَرَ ۾، نانا روپَ ڌَري،
پاپَ پُنَ ڏُکَ سُکَ کون، ڪو پريمي رَهي پَري،
سامي ڏِسي نَري، اَندَرِ ٻاهر آتما.

(٣٧)

اَندَرِ گَندُ ٻَـ گَندُ، ٻاهِرُون اُجو اُجرو،
پيرُ سڌائي پانَ کي، ڪَري فاضُلُ ڦَندُ،
سامي ڏِسي نـ سِرَ تي، خوديءَ کون خاوَندُ،
جَڏي رُپي پَوندو رَندُ، تَڏي رُڌندو رَتُ کِن مون.

(٣٨)

پَڙهيَلَ پَلالي، جڳَ ۾ گهُمَنِ ڪيترا،
ڪَتَندا وَتَنِ ايڪَتا، دِرِڙَتا کون خالي،
لَڏي لَکَ اَلَکَ جي، نيهَنِ نِرالي،
سَدا سانتِ سالي، سامي رَهَنِ سِياءَ ۾.

(٣٩)

نيمَ بنان نادانَ، ويدَ پَڙهي وادي ٿيا،
پانُ پَڇائَنِ ڪِينَڪِي، سَبَ جي ڪَنِ گِلانَ،
پيئَنِ پيارِنِ پريَمَ رَسُ، ڪي ساڌو جَنَ سُجانَ،
سَدا نِراَيمانَ، سامي رَهَنِ سِياءَ ۾.

(٤٠)

پيٽَ ڪَيو پاڄي، سامي سَڀَ جَهانَ کي،
وِرلي ڪَنِهن گُرَمکَ جِي، مِتي موتاجي،
سَهي ڪَئي جنهن سَمَ تي، سُپَني جي باجي،
رَضا ۾ راجي، رَهي سَدائين رامَ جي.

(٤١)

پاپي اَئون پُني، يوڳِنِ يوڳَ ڪَرَمَ جا.
ڪَنيون وَتَنِ سِرَ تي، سامي ڪَلپَ ڪُني،
رَهنِ اَليپَ اَڪاسَ جان، گِيانَوانَ گُني،
گاوَن وِيدَ ڌُني، مَياواڪَ ماحِلُ تي.

(٤٢)

پاپي ڪَري پاپُ، ڦاهيءَ ڦاسَن پاڻهين،
يوڳِنِ يوڳَ نَرڪَ جا، سِرَ تي ڪَٽي سِراپُ،
سامي سَچارَنِ کي، ڪونهي دُک سَنتاپُ،
مَنَ ۾ رکي ملاپُ، وَرتَنِ وِڌِ ويچارَ سان.

(٤٣)

بِنا ڌَر ڌَري، جَڳَتُ سَجوئي جيءَ ۾،
نانڪُ جاٺي نوڙيءَ کي، سگهي نَ ڌيرَ ڌَري،
وَهيو وَيچي وِچارَ ري، ڪوڙِي ڪَلپَ ڪَري،
جَنِمي اَئون مَري، سُپَني ۾ سامي چَئي.

(۴۴)

پوڳن پلائي، وڌو جيءَ وهڻ ۾،
پٺي ڏيئي پاڻ کي، گوتا نت کائي،
الٽي ڏسي ڪينڪي، منهن مڙهيءَ پائي،
جاڳيو جاڳائي، تہ سڪي ٿئي سامي چئي.

(۴۵)

پوڳن پلائي، ڇڏيا جيءَ جهان جا،
پون پنهنجو پائين، ڦاهي ڳل پائي،
ڪال نہ ڏسن ڪنڌ تي، وري واجهائي،
وڃي سڀ وڃائي، ڇيڙو جنم ڇتن مٿن.

(۴۶)

سوڪم تي استول، پوي پو ساگر ۾،
جنمي مري، روئي هسي، ڪري سڀ مسڪول،
ڏنائين اداس تي، موتي پنهنجو مول،
ڇڏي طمع تن تول، ساماڻو سامي چئي.

(۴۷)

سڀن منجھ غلام، سڀني شاهہ امير ٿيو،
سڀني ۾ موجان ڪري، سڀني ۾ نهڪام،
اک کلي آرام، سته ڏنو سامي چئي.

(۴٨)

اِچا ڪَيا آڌين، سامي جيءَ جهانَ جا،
پَوَنِ پِئَو ساگَرَ ۾، سَدا مَتِ مَلِينَ،
پَرچا رَهَنِ پيءَ سان، ڪي پريمي پَرَبِينَ،
جِئَنِ جَلَ ڪون مِينَ، پَلَڪَ پَراهون نَہ ٿِئي.

(۴٩)

ڪي جاتائين پاڻُ، پِرِيَنِ جاتائين ڪي پِيو،
سامي تَنهِن ڪي سَنتَ جَنِ، جاتَنِ اَتِ اَچاڻُ،
پَرچي ڪَري نَہ پاڻَ ڪي، نانَتِ ڪون نِرِبانُ،
سَدا سَنسي ساڻُ، پَوي پِئَو ساگَرَ ۾.

(۵٠)

لَنگهي لوڪَ لڄا، ڪوڙا سگهن ڪِينَڪِي،
جَنِمي مَرِي جَمَ جِي، سَهَنِ نِتُ سَجا،
سَچا رَهَنِ سامي چَئي، راضي مَنجھ رَجا،
مِلي ڪَنِ مَجا، سُتَهَ سُتِ سروپَ سان.

(۵١)

اَندَنِ ڪي آهي، اَنڌيرِي اَکِنِ ۾،
پَونِ پانهنجو پاڻهين، ڪَندَنِ ۾ ڪاهي،
سامي سجاڪَنِ ڪي، ڦُرنو نَہ ڦاهي،
پَٽِ پَڙدو لاهي، پورَنُ ڏِسَنِ پيءَ ڪي.

(٥٢)

پَرَتَکِ پَرَميسَرُ، اَنڌا ڏِسَنِ ڪيِنَڪي،
هَٿَنِ ڪَرَمَ ڌَرَمَ ۾، ڪَلِپي نِتَ تَڪُرُ،
سُڄاڪَن سَهي ڪَيو، پَرچي پَنهِنجو گُهرُ،
ميٺي ڏک ڏَمَرُ، سِيتَلُ ٿِيا سامي چَئي.

(٥٣)

پَونِ پانهِنجو پاڻ، اَنڌا جيءَ اَگيانَ ۾،
گوتا کائِن گَيبَ جا، ڪَري ڪِنچاتاڻَ،
ماڻِن سُکُ سَروپَ جو، سُڄاکا سُڄاڻَ،
سَدائي نِرَباڻَ، سامي رَهَنِ سُياءَ ۾.

(٥٤)

اَنڌا اَنڌُ غُبارُ، ڏِسَنِ مَتِ مَشعالَ ري،
پَوَنِ پَوُ ساگَرَ ۾، ڪَرِنِ ڪِينَ قَرارُ،
سامي سُڄاکَنِ جو، سُڄاکو وَهَنوارُ،
اَندرِ باهَرِ يارُ، پورَنُ جاڻَن پانهنجو.

(٥٥)

اَنڌا آڏيءَ رات، ڏِسَنِ مَتِ مَشعالَ ري،
پُٺي ڏيئي پاڻَ کي، ڪَنِ پَرائِي تات،
سامي سُڄاکَنِ کي، سَدائي پِرِيات،
پائي آتمَ گيات، اِستِتِ رَهَنِ آڪاس جان.

(٥٦)

انڌا ڪن اَيمانُ، ڪايا، مايا، ڪُلَ جو،
ڪالُ نـَ ڏِسَنِ ڪنڌ تي، ڪَشيو بيٺو ڪانُ،
وِرلو ڪو ڳُرَمُکُ رَهي، سامي ساوڌانُ،
جَنهن کي آتَمَ گيانُ، سُتَمَ ڏِنو سَتِگُروءَ.

(٥٧)

اَنڌا اَيماني، سَچُ سُڃائنِ ڪينَڪي،
ڪَنيون وَتَنِ پاڻَ سان، پَرَمَ جي پاني،
اِستِتِ رَهي آڪاسُ جان، ڪو وِرلو وِگياني،
دِلِ ۾ دِلِ جاني، سامي ڏِٺو جنهن سَمَ تي.

(٥٨)

اَڻَ هوندي اَگيانَ، وِڌا جيءَ وَهَمَ ۾،
ڳوتا کائنِ گيبَ جا، ڪوڙَ ڪَري اُنمانَ،
لَنگهي چَڙهيا لَڪَ تي، ساڌو جَنَ سُڄانَ،
سَدا ساوڌانَ، سامي رَهَنِ سُياءَ ۾.

(٥٩)

اَنڌا اَگياني، سَچُ سُڃائنِ ڪينَڪي،
ڪوهي مانکَ ديهِ کي، پَوَنِ ويراني،
سامي سُڃاڪَنِ ڏِٺو، دِلِ ۾ دِلِ جاني،
مُشڪِلُ آساني، سَمُجهائي ڪَنِ سِکَ جي.

(٦٠)

اَنڊا اَڳياني، سَچُ سُجائِن ڪِينَڪِي،
جَنمن مَرَنِ مَتِ ري، بَڻي اَپماني،
سامي سُجاڪَنِ ڏنو، دِلِ ۾ دِلِ جاني،
هَرِدَمُ حَتاني، ماڻِن موجَ مُڪتِ جي.

(٦١)

اَنڊا اُپاڏِي، سَچُ سُجائِن ڪِينَڪِي،
ڪَنَّنِ پانهِنجي پاتَهين، روئي پِتي راڏي،
سُجاڪَنِ سَڀي ڪَري، سَمتا مَت ساڏي،
سَدا سَماڏِي، سامي رَهَن سِياءَ ۾.

(٦٢)

اَنڊا اُپاڏي، سَچُ سُجائِن ڪِينَڪِي،
ديهي جاتِي پاڻَ ڪي، روئي ڪَنَّنِ راڏي،
سُجاڪا رَهَنِ سامي چئَي، سَدا سماڏي،
اُونهو اَڳاڏي، ڏِسَنِ اَنيڪَ آتَما.

(٦٣)

اَنڊا اُنماني، سَچُ سُجائِن ڪِينَڪِي،
ڳالِهيون ڪَنِ ڳُنَّنِ جون، جوڙي زَباني،
سامي سجاڪَنِ ڏِٺو، دِلِ ۾ دِلِ جاني،
سَدا سَيلاني، رَهن رَهَتِ سَچيءَ سان.

(٦٤)

اَندا ڪَنِ اُنمانُ، سُتَهَ سِدِ سَروپَ جو،
ڏِسَنِ ڪِينَ اکِنِ ري، اڳيون اَنيَئِہ يانُ،
سامي سُجاڪَنِ کي، اَستامَلُ آسانُ،
جاڳي سَڀُ جهانُ، لَئِہ ڏِنائون لکَ ۾.

(٦٥)

اَندو اَياڳو، سَچُ سُجاڻي ڪِينَڪي،
پِلِي پَري سَڀَ جو، لوپي تِي لاڳو،
ماڻي سکُ سَروپَ جو، ڪو ساڌو سُجاڳو،
سَدا اَنراڳو، سامي رَهي سُياءَ ۾.

(٦٦)

اَندا اَناري، سَچُ سُجاڻِن ڪِينَڪِي،
لائي وِهَنِ لوڪَ ۾، طَمَعَ جي تاري،
سامي سُجاڪَنِ جِي، سَڀَ سُجانَ واري،
سَمَ تي سَپاڙي، ڪَتي ڇَڏيائون ڪَلپنا.

(٦٧)

اَندا ڪَنِ اُپاءُ، پَسَڻَ ڪارَڻِ پِرَ جي،
آدِي اَنيَئِہ گهرَ جو، رکَنِ نَہ سُدِ سَماءُ،
سامي سُجاڪَنِ کي، تِيو لُنئن لُنئن مَنجهہ لکاءُ،
ميٽي دُتِيا ڀاءُ، اِستَتِ تيا اَچَلَ جان.

(٦٨)

اَنڌا ڪَنِ اِتبارُ، ڪايا مايا ڪُلَ تي،
سَتِ ڄاڻِي سَنسارَ کي، کَپي تِيَنِ خُوارُ،
رَهي اَليپُ اَڪاسَ ڄان، ڪو ساڌو ڄَنُ سَچارُ،
ماڻي موجَ اَپارُ، سامي مِلِي سَروپَ سان.

(٦٩)

اَنڌا ڪَنِ اِتبارُ، ڪايا مايا ڪُلَ تي،
سَتِ ڄاڻي سَنسارَ کي، کَپي تِينِ خُوارُ،
رَهي اَليپُ آڪاسَ ڄان، ڪو سُڄاڪو سَچارُ،
ڄَنهِن آدي اَنيَڪِ يارُ، پَرتکِ ڏِٺو پانهِنجو.

(٧٠)

اَنڌن کي اِتبارُ، اَچي نـَ آتَمَ رامَ تي،
آهي ڄَنهن جي آسري، سامي سَڀُ سَنسارُ،
ڪَنهن سُڄاڪي سورَمي، دِلِ ۾ ڪَيو ديدارُ،
جَهن کي سَنتُ سَچارُ، اَچي مِليو اَنيَئي.

(٧١)

اَنڌن کي اِتبارُ، اَچي نـَ آتَم رامَ تي،
پُٺي ڏيئي پاڻَ کي، کَپي تِيَنِ خُوارُ،
سَدا سُڄاڪَنِ کي، دِلِ اَندرِ ديدارُ،
سامي ڪَري قَرارُ، سُمهيا سُکَپَتِ سيجَ تي.

(٧٢)

اَندا جيءَ اَچانَ، سَچُ سُجاڻنِ ڪينَڪي،
مايا موهَ اَسارَ ۾، سَدا رَهنِ غَلطانَ،
ماڻِنِ سُکُ سَروپَ جو، نيهي نِراَيِمانَ،
سَمَ سيتَلَ ساوڌانَ، سامي رَهَنِ سُياءَ ۾.

(٨٣)

اَندا جيءَ اَچانَ، سَچُ سُجاڻنِ ڪينَڪي،
ڪَري ڪَرَمَ ڀلا بُرا، ڀَنوَنِ ڀوڳِنِ پاڻَ،
سُجاڪا سَروپَ جِي، رکَنِ پريتِ پِڇاڻَ،
سَدائي نِرَباڻَ، سامي رَهَنِ سُياءَ ۾.

(٨٤)

اَندا جيءَ اَڙي، ڦِيا سَڀِ مايا موهَ ۾،
مَرَن مَت مَرمَ ري، راتيون ڏينهن رَڙي،
ڪَنهِن سُجاڪي سورَمي، ڀڳي ڀَرَمَ گهڙي،
چِيتَنِ چِتَ چَڙي، سَيلَ ڪَري سامي چئي.

(٧٥)

اَندا تِي اُتپَتِ، سَچُ سيجاڻنِ ڪينَڪي،
رولنِ مانڪَ ديهِ ڪي، ڪَري ڪوڙُ ڪُسَتِ،
سُجاڪَنِ ڪِي ساڌَ سَنگِ، ڀاڳُوتي ڀڳَتِ،
ميٽي مَمَتا مَتِ، سامي جُڙيا سَروپَ سان.

(٧٦)

اَندو پيو آئي، ٻُڏيءَ ٻارَ سُڪيءَ ۾،
تارِ ڄاڻي تُرَهو ٻڏو، ڪَرمَنِ جو ڪاٺي،
سامي آيا سورَج جِي، ڪو سَڄو سُڄاڻي،
مَوجَ مِلي ماڻي، پاڻَ ورائي پاڻَ سان.

(٧٧)

اَندو پيو آئي، ٻِلِي ٻؤ ساگَرَ ۾،
بي ٻُڏِيءَ ٻَڏو تُرهو، ڪَرمَن جو ڪاٺي،
سُڄاڪو سامي چئي، صاف سُڪو ڄاڻي،
موجَ مِلِي ماڻي، پاڻَ وَرائي پاڻ ۾.

(٧٨)

اَندو پيو آئي، ٻؤ ساگَرَ جي پيٽَ ۾،
تارِ ٻُڏي تُرَهو ٻَڏو، ڪَرمَنِ جو ڪاٺي،
سامي آيا سورِجَ جِي، ڪو سَڄو سُڄاڻي،
مَوجَ ملي ماڻي، پَرتڪِ پورَنْ پانهنجِي.

(٧٩)

اَنڌَنِ کي آئِي، اَکِيون اوٺَ اَکِيانَ جِي،
جُدا جانيءَ پاڻَ کي، رولي وِڌائِي،
سامي سُڄاڪَنِ ڪِي، سُتَهَ صَفائي،
سَڀَ گهٽِ لالائِي، پَرتڪِ ڏِسَنِ پيءَ جِي.

(٨٠)

اَنڌَنِ کي آئي، اڳيون اوٿَ اڳيانَ جي،
پَرچِنِ ڇاڻِي پاڻَ کي، ڇاڻِنِ نِتُ ڇائي،
سامي سُڄاڪَن کي، سَمَتا سَدائي،
لُنوَ لُنوَ لالائي، پَرتکِ ڏِسَنِ پيءُ جي.

(٨١)

اَنڌا اوٿَ ڏيئي، دَرِ دَرِ قولِنِ دوسَ کي،
ڪَري بيٺا ڪَلپَ سان، ساڌَنَ سَيِيئي،
سَهجي سُڄاڪَنِ کي، سامي سُڌِ پيئي،
سِوُ، سَڪَتِ، بيئي، ڏِسَنِ پَنِهنجي ڏيلَ ۾.

(٨٢)

اَنڌَنِ کي اَتِڪَلَ، ڪانهي تار تَرَڻَ جي،
سَتِ ڇاڻِي سَنسارَ کي، پَوَنِ مَنجهِ پَوُ جَلَ،
لَحَظِي مَنجهِ لَنگهي پيا، ڪي سُڄاڪا سَبَلَ،
سامي سَڀَ مَهَلَ، حاضِرُ ڏِسَنِ حَضورُ ۾.

(٨٣)

اَنڌَن کي اولو، مايا ڏِنو موهَ جو،
پائي پَوَنِ پاڻهين، ڇِنتا جو ڇولو،
سامي سُڄاڪَنِ کي، ڪونهي پَوُ پولو،
کِما ڪَنولو، پائي سُمهيا پَدَ ۾.

(٨٤)

اَنڌنِ ڪون اَيلاڪَ، مِٿي نـَ مايا موهَ جي،
پـِوَنِ پـِؤ ساگرَ ۾، ڪٿي طمعَ جا تَباڪَ،
ماڻِنِ سکُ سَروپَ جو، ڪي ساڌُو جَنَ سُجاڪَ،
سامي سَچي ساڪَ، ويدَنِ ڏِني وِڌِ سان.

(٨٥)

اِڳيون آئي اوٽَ، اَنڌنِ ڪي اَگيانَ جي،
پائي پـِوَنِ پاڻهين، ڪَلپـَتِ جَنَمَ ڪوٽَ،
سُجاڪَنِ سَٽي وِڌي، پولِي پـَرچِنِ پوٽَ،
چيتَنَ اُتي چوٽَ، سامي لائـِنِ سَمَ جي.

(٨٦)

اَڻَ هوندي اَگيانَ، ڏِني اوٽَ اَنڌَن کي،
سُتَهَ شُڌِ سَروپَ جي، سُڌِ بـُڌِ رکَنِ ڪانَ،
ڪَرِنِ عَدالَتَ اَنِيَـي، سُجاڪا سُلطانَ،
رَهَنِ منجهِ جَهانَ، سَدا اَليپُ اَڪاسَ جان.

(٨٧)

پـولِي پـُلايو، اَڻَ هوندي اَگيانَ جي،
پـُٺي ڏيئي پاڻَ کي، دَهَ دِسا ڌايو،
سپـُني ۾ سامي چَئي، سَـيُ رَنگُ رَچايو،
اَڪِ ڪُلي آيو، عينَ اَڦُرَ آرامَ ۾.

(٨٨)

اَندَنِ ڏِني آگَرِ، پَرچِنتا جِي پاڻَ کي،
اُچا سَدَ اَلله کي، اُٿي ڪَنِ اَسُرِ،
سامي سُجاڪا وِيا، ڏيرَجُ ڏاري ڏُرِ،
پَرچي پِيئَنِ پُرِ، پاڪُ پِيالو پريمَ جو.

(٨٩)

اندَنِ ڏني اوٽَ، اَڳِيون آسَ اَگيانَ جِي،
پائي پَوَنِ پاٺين، ڪَلِپَتَ جَنَمَ ڪوٽَ،
سامي سُجاڪَنِ تي، ڪَنهِن جِي چَلي نَ چوٽَ،
سَنّي پَرچِنِ پوٽَ، ماڻِنِ سُکُ سَروپَ جو.

(٩٠)

اَندَنِ راهَ اَندي، وَتِي مَتِ مَشعالَ ري،
پَوَنِ پوَ ساگَرَ ۾، لَهَنِ ڪِينَ ڪندي،
سامي سُجاڪَنِ جِي، مَتِ سُجاڪي سگَندي،
وينا ڳَنڍِ بَندي، اَنيَڪِ لعلُ اَڻَ مُلهو.

(٩١)

اَوِديا ڏِني اوٽَ، اَندَنِ کي اَيمانَ جي،
پائي پَوَنِ پاٺين، ڪَلِپَتِ جَنَمَ ڪوٽَ،
سامي سُجاڪَنِ تي، ڪنهن جي چَلي نَ چوٽَ،
سَنّي پَرچِن پوٽَ، ماڻِنِ مَوجَ مُڪِتِ جي.

(۹۲)

اَهَنڪاري اَحَمَق، سَچ سُڃاڻِن ڪينَڪي،
ٻُڌي واڪَ ويدانتَ جا، دَر دَرِ بَڪَنِ بَڪ،
اِستِتِ رَهَنِ آڪاسَ جان، ڪي پريمي پَرَپَڪ،
لُنوَ لُنوَ ساڻُ لَتَڪَ، سامي لائي لالُ ٿيا.

(۹۳)

وَهي پاڻَ وِيو، اَندو اَوِديا سِندُ ۾،
ڪاٺو ڪَرَمَ تُرَهي، سامي سُوارُ ٿِيو،
سُڃاڪو سَنسو سَٿي، لَنگهي پارِ پِيو،
ڏِسي ڪِينَ ٻِيو، سورجَ سارَ سڪياتَ ري.

(۹۴)

ڪُٽنبُ قَبِيلو، موهي مُسائي سَڀَ ڪي،
ڪنهن جو چَلي ڪينَڪي، هَٿُ هِمَتَ حيلو،
سامي ٻَچِيو ڪو سورَمو، رَنگَ ۾ رَنگيلو،
والِٽُ وَسيلو، پَرچِي جَنهن جو پاڻَ ٿِيو.

(۹۵)

ڪوٺَ جَنَمَ ڪوڙو، پائي مِلي نہ پيءَ سان،
سَدا رَهي سامي چئي، مايا ۾ موڙهو،
چَڙهيو چيتَن چِٽَ تي، ڪو گوهَرُ ڳوڙهو،
ٻَڌي جنهن ٻوڙو، مَنُ مَنايو پانهِنجو.

(٩٦)

لوڪَنِ ليڪ لَجا، ڪورڙا ڇڏِنِ ڪينَڪي،
سَيِي مايا موهَ ۾، سَهَنِ نِتُ سَجا،
عاشِقَ چَڙهيا اَچَ تي، مَني رب رَجا،
ڪرِنِ نِتُ مَجا، سامي صفائيءَ جا.

(٩٧)

ڪوڙَ جَنَمَ ڪَپِڻي، پائي مِلَنِ نہ پيءَ سان،
سامي سَچارَنِ جي، سَهَجِي مَمَتَ مِٽي،
پَنهنجي اَکِئين پانَ کي، ڏٺائون اُلٽي،
ڪَري قولَ قِٽي، اِستِت ٿيا آڪاسَ جان.

(٩٨)

ڪورڙا ڪُوڙ سَتِ، ڪَري ڪَلپَنِ پائُهِين،
مَري پائِنِ مَتِ ري، دُباري دُرِگَتِ،
سَنتَنِ سَچارنِ جي، سَچي سارَ سُمَتِ،
راتِيون ڏينهان رَتِ، سامي رکَنِ سَروپَ سان.

(٩٩)

ڪورڙا ڪوڙائي، سوگهي رکَنِ ساهَ کون،
پائي پِوَنِ پائُهِين، ڇلَ وَل جي ڇائي،
سامي سَچارَنِ ڪِي، سَچي ڪَمائي،
پانهنجِي پَرائي، تاتِ ميٽي تَدَروپُ ٿيا.

(١٠٠)

ڪوڙا ڪوڙائي، ڇڏِن ڪينَ ڇَنِ پٺي،
پائي پَوَنِ پاڻهين، ڇَڄ پَري ڇائي،
سامي سَچارن ڪي، سَمُجهي صَفائي،
سَمَ تي سَدائي، ماڻِن سُکُ سَروپَ جو.

(١٠١)

ڪوڙا ڪارِ ڪَچي، ڪوڙي ڪَنِ ڪَلپَتِ جي،
مَرَنِ مَتِ مَرَمَ ري، پانهنجو پاڻُ پَچي،
سامي سَچارن جي، سَدا مَت سَچي،
رَهيا رنگِ رَچي، سُتَهَ سِدِ سَروپَ جي.

(١٠٢)

ڪوڙا ڪَهاڻي، ڪوڙي ڪَنِ ڪَلپَ جي،
سَتِ جاڻي سَنسارَ کي، وِلوڙِنِ پاڻي،
سامي سَچارن جي، سَچي بُڌِ ٻاڻي،
سَبَ گهٽِ سَماڻي، جوت ڏِسَنِ جڳديسَ جي.

(١٠٣)

ڪوڙا ڪوڙَ ڪَري، ڦاهيءَ ڦاسَنِ پاڻهين،
پَوَنِ پَؤ ساگرَ ۾، نانا روپَ ڌَري،
سامي سَچارنِ کون، پيءُ نَ رَهي پَري،
پِيئَنِ پاڪُ پَري، پِيالو پريمَ اَگَمَ جو.

(١٠٤)

ڪوڙا ڪوڙيءَ لارَ، لڳا مايا موهَ جي،
ڪوهي مانڪَ ڏيهِ ڪي، رُئن زارون زارَ،
ماڻن سُکُ سَروپَ جو، سامي سَنتَ سچارَ،
جتِ جيتَ نہ هارَ، تتِ ڪَيائون تَڪيو.

(١٠٥)

ڪوڙا ڪَري ڪَرتَبُ، ڏيکارِ نہ سَڀَ ڏيہ ڪي،
اڳيون عَجيبَ جي، ڇُپي ڪين ڪَسَبَ،
سامي سَچارَنِ ڪي، ڪونهي لالَچ لَبَ،
راتيون ڏينهان رَبُ، ڏِسَنِ پانهنجي ڏيلَ ۾.

(١٠٦)

ڪوڙا ڪَتي ڪَتَ، بُڌائِن ٻِينِ ڪي،
وَهَنِ پانَ وَهَ ۾، هاري سَڀُ همَتَ،
پُورنُ جاڻنِ پيءَ ڪيَ، سورما سَمَرتَ،
جن ڪي ڏيئي هَٿَ، سامي رکيو سَتگُروءَ.

(١٠٧)

ڪُوڙو ڪَمينو، سَچ سيڃاڻي ڪِينَڪي،
ڪاٿي نِبَٽُ خواريءَ سان، رُلي روزينو،
سامي مِليو سَروپ سان، ڪو پريمي پَربينو،
ڪَٿي ڪِبرُ ڪينو، ماٺي مَوجَ مُڪيتِ جي.

(١٠٨)

ڪوڙَنِ ڳالهِ ڪَچي، مَني ڪُوڙَ ڪَلَپَ جي،
مَرَنِ مايا موهَ ۾، پَنهنجو پاڻَ پَچي،
سَچارَنِ سامي چَئي، سَمُجهي ڳالهِ سَچي،
رَهيا رَنگ رَچي، سَتَهَ سِدِ سَروپ جي.

(١٠٩)

ڪوڙَنِ کي قَدُرُ، ڪونهي مانڪَ ديهِ جو،
ڀَوَنِ ڀؤ ساگَرَ ۾، تي اَڌِينُ اَتُرُ،
سَچارَن سوڌي لَڌو، نِڪَرَ مون نا ڪُرُ،
عينَ اَيِيدَ اَٿَرُ، سامي رَهَنِ سِياءَ ۾.

(١١٠)

ڪوڙَنِ جو ڪَلياڻُ، ٿِئي نَ سَمَتا سَچَ ري،
توڙي سَڀَ ساڌَنَ ڪَرِنِ، مارِنِ پَهنجو پاڻُ،
سامي سَچارِنِ سان، سَدا ساجَنُ ساڻُ،
پائي پَدُ نِربِاڻُ، ماڻِنِ دورَ دَرسَ جي.

(١١١)

ڪوڙَنِ کي ڪَرِتَوُ، ويدنَ چَيو وِڌِ سان،
سامي سَچارِنِ جو، سَتَهَ پاڪُ پَدَوُ،
پورَنِ ڏِسَنِ پِيءَ کي، ميٿي ڀولو ڀؤ،
سونارڪو سَوُ، لوهَرَ جو ڏَڪُ هِڪڙو.

(١١٢)

ڪوڙي پوشا پوشَ، مورکَ ڪَنِ مَرَمَ ري،
رَهَنِ مايا مَدَّ ۾، سَدائي بيهوشَ،
سامي ماڻنِ سانتِ سکُ، ڪي نيهي نِرَدوشَ،
لَنگهي پَنجَئي ڪوشَ، چَڙهيا چيتَنَ چِٽَ تي.

(١١٣)

ڪوڙَنِ جو ڪَلياڻُ، ٿئي نَہ سَمَتا سَچَ ري،
توڙي سَپِ ساڌَنَ ڪَري، مارِنِ پنهنجو پاڻُ،
سَدا سَچارَنِ جي، سَچَنُ رَهي ساڻُ،
پائي پَدُ نِرَباڻُ، سامي ماڻنِ سيجَ سکُ.

(١١٤)

ڀولو ڀِيو ڀاري، جُدائيءَ جو جڳَ ۾،
ٿَپي تَنهن جي تاوَ سان، نَچَنِ نَرَ ناري،
سامي وِيٺو سَمَ تي، ڪو ورلو وِيچاري،
بيحَدَ جي ٻاري، پَٽي ڏِلو جنهن پاڻَ ڪي.

(١١٥)

ڀُلِي ڀَڃِڃَنُو، ڀَوَنِ ڀَؤ ساگَرَ ۾،
ڪَنيو نِتُ ڪَپَتِ جو، سامي ساڻُ ٽَٽُو،
ڪيپَ ڪَٽي گهرِ آئيو، ڪو پريمي پِندَ سَٽُو،
لوئِي، شالَ، پَٽُو، جاڻِي اَنيَہِ اُنَ جي.

(١١٦)

ياري لَڳي پٽَ، اَوِديا جي اَندَن کي،
پُٽي ڏيئي پاڻَ کي، ڪَرِنِ ڪوٽَ ڪَشٽَ،
سامي سُجاڪَنِ جي، چِتِ ۾ چيتَنَ چٽَ،
عينَ اَيِيدَ اَمِٽَ، ماڻِنِ دورَ دَرَسَ جِي.

(١١٧)

پَرَمُ مِٺيو ياري، جُدائيءَ جو جڳَ ۾،
جَنِمَنِ مَرَنِ جيءَ سَڀ، ٻَٽِي ديهِ ڏاري،
سامي مِليو سَروپَ سان، ڪو آتَمُ اَڌِڪاري،
نانَتَ نِواري، جاڳِي جَنهن اَندَرَ جِي.

(١١٨)

پَرَمَ منجهه پِتِڪي، مورکَ مُٺا ڪيترا،
سَتِ جاڻي سَنسارَ کي، اَندا پِيا اَتِڪي،
پَرکِي پڳِي ڪنهن ڀاڳوان، مَمِتا جي مَتِڪي،
لَتِڪي مَنجهِ لَتِڪي، سامي رَهيو سَروپَ جي.

(١١٩)

پَرَمَ مَنجهه پلِي، پِيا سَڀِ جيءَ جَهانَ جا،
پَرچي ڏِسَنِ نَہ پانهِنجو، اَنيَئہ گهرُ اَصُلي،
ڪو عاشقُ چَڙهيو اَچَ تي، ميٽي ڪَلپَ ڪُلي،
جَنهن جو ڪَنولُ کُلي، سامي پِيو سَنگِ ساڌَ جي.

(١٢٠)

پرَمَ منجهِ پلي، پيا سَپيئي سنسارَ ۾،
جَنمَنِ مَرَنِ مَتِ ري، رَسَنِ ڪاڻ رُلي،
سامي لَڌو ڪنهن سورَمي، اَنيَڪِ گهرُ اَصُلي،
ميٽي ڪَلپَ ڪُلي، اِستِ تِيو اَڪاس جان.

(١٢١)

ڀيدُ پرَمَ پاسي، جنهن کي جيءَ برهَمَ ۾،
تنهن کي ڪالُ ڪَلپِتِ جو، گرَهي گراسي،
ساکَ ڏِني سامي چَئي، نيهيءَ نراسي،
جَنهن جو پَٽُ پاسي، سَمُجهائي ڪَيو سَتگروءَ.

(١٢٢)

پوتُ لڳو پاري، اَڻَ هوندو اَندَنِ کي،
ديهي جاڻي پاڻَ کي، نَچي نَرُ ناري،
رهي اَليپُ اَڪاسَ جان، ڪو وِرلو وِيچاري،
سَٽي پِندَ ساري، سامي مِليو سَروپَ سان.

(١٢٣)

پوتُ لڳو پارو، سَڀَ کي ڀيدَ پرَمَ جو،
پائي پَوَنِ پاڻهين، ڳچيءَ ۾ ڳارو،
سامي رَهي ڪو سورَمو، نَيَ جان نِيارو،
جاڳي جڳُ سارو، لَڪِ ڏٺو جنهن لکَ ۾.

(١٢٤)

يوڳنِ ڀِلائي، وِڏا جيءَ وَهَڻَ ۾،
گوتا کائِنِ گَيبَ جا، ڪوٺَ جَنَمَ پائي،
سامي ٻَچيو ڪو سورَمو، ساڌوءَ جي سايي،
مَمَتا مِٽائي، پورَنُ جاڻي پيءَ ڪي.

(١٢٥)

يوڳنِ ڀِلائي، وِڏا جيءَ جَهانَ جا،
پاڻُ پانهنجو پاڻَ ۾، وِيٺا وِڃائي،
سامي سمُجَهنِ ڪِينَڪي، ڪوٺَ جَنَمَ پائي،
ڇُٽو ڇڏائي، تَہ اَچِنِ اَنيَڙِ پَدَ ۾.

(١٢٦)

ٻِنان ويساهَ وِسا، ڀُلي ڀِيا ڀَرَمَ ۾،
ڀُٽي ڏيئي پاڻَ کي، ڪُوڙا ڪَنِ قِصا،
ڪو عاشقُ چَڙهيو اَچِ تي، ميٽي مَنَ مَنشا،
سامي سَروَ دِسا، پُورَنُ ڏِسي پيءَ کي.

(١٢٧)

بيخَدِ ٻَڪَ ٻَڪي، ٻَڌو جيءُ ٻِيائيءَ ۾،
سامي ڇَٽي سِرِڻِ جان، طَمعَ نِتُ تَڪي،
اَنيَڙِ گهرَ اَتمَ ۾، پاتو ٿانءُ ٿَڪي،
جِنهن کي پُورِ پَڪي، پارِ لَنگهايو پاتِڻيءَ.

(١٢٨)

بِنا ڏَرَ ڏَري، جڳَتُ سَپوئي جيءَ ۾،
پَرِچَنُ چاڙي پانَ کي، جَنمي نِتُ مَري،
پورَنُ ڏِسي پيءَ کي، ڪو نيهي نينَ ڀَري،
جَنهن تي هَٽُ ڏَري، سامي پورو سَتِگُرُو.

(١٢٩)

بِنا ڳَپَ ڳَپي، پِيا سَڀِ جيءَ جَهانَ جا،
مَرَنِ مَتِ مَرَمَ ري، ڪَپَتِ مَنجِهِ ڪَپي،
ڪَنهن سُجاڪي سورَمي، سامي ڪَلِپَتِ ڪَپي،
جنهن کي چِٽي چَپي، لَکَ لکائِي اَنيَئي.

(١٣٠)

بِنا ڳَپَ ڳَپي، پِيا سَڀِ جيءَ جَهانَ جا،
مَرَنِ مَتِ مَرَمَ ري، ڪَپَتِ مَنجِهِ ڪَپي،
ڪَنهن سُجاڪي سورَمي، ڪَلِپَتِ ڳَندِ ڪَپي،
جَنهِن کي ڳالهِ چَپي، سامي ٻُڌائي سَتِگُروءَ.

(١٣١)

ٻورَا ڪَينَ ٻُڌَنِ، دانهان دَردَ وَندنِ جون،
مِرگه تِرشنا جي جَلَ ۾، وَهِيا نِتُ وَيَنِ،
سَمُجهي ڪي سامي چَئي، ٻِريمي پارِ پَونِ،
جاڳِي ڏِٺو جَنِ، اَندَرِ باهَر آتما.

(١٣٢)

قاهيءَ ري ڦاٽيِ، خَلقَتَ خامَ خِيالَ ۾،
سامي ماري سَڀَ کي، سُپَنَ جو هاٿي،
جاڳيِ ڪَنهِن جَتَنَ ري، لُوٽيو لاٽي،
سَدا سَنگِ ساٿي، ڏِسي اَنيَئِ آتما.

(١٣٣)

بِنا ويساهَ وِسا، پِلي پيا پِرَمَ ۾،
پُني ڏيئي پانَ کي، ڪوڙا ڪَنِ قِصا،
سامي سُوڌي سُڌِ ڪَئي، مَحَبَتِ مَنشا،
دوستُ ڏهَ دِسا، پورَنُ ڏِسَنِ پَڌرو.

(١٣٤)

ڦُرني مَنجهِ ڦاسي، پيا سَڀِ جيءَ جَهانَ جا،
رَهي اَليپُ اَڪاسَ جان، ڪو نيهي نِراسي،
سامي جنهن کي سَربَ گت، سَمَ سَتا ياسي،
گنگا، گيا، ڪيدارُ، ڪاسي، پِوي ڪِينَ پِلَنِ جان.

(١٣٥)

ڦُرني سَڀ ڦاهي، ڇَڏيا جيءَ جَهانَ جا،
پِلي پِونِ پاڻهِين، روپَ رَنگَ لاهي،
سامي سَنِي ڪَنهن سورَمي، پَرِچَنِ پِندَ لاهي،
نَڪي رُلي راهي، نَڪي کَٿي خُوارُ ٿي.

(١٣٦)

ڦرني ڪَري ڦوڪُ، ڪَيا سَڀِ جيءَ جَهانَ جا،
پَوَنِ پئو ساگَرَ ۾، پائي طَمعَ طوق،
اِستِتِ رَهي اَڪاسَ جان، ڪو اَوڌوتُ اَسوڪُ،
جاڳي لوڪُ پَرَلوڪُ، لَئِه ڏِٺو جَنهن لَڪَ ۾.

(١٣٧)

ڦرني ڦُري فَقيرَ، ڪيا جيءَ جَهانَ جا،
پِتَنِ ڪارَڻِ پيٽَ جي، ڏَري سگهنَ نَہ ڏيرَ،
سامي ڪي ساڌو بَچيا، گِيانوانَ گَنڀيرَ،
پاڻَ لَڪايو پيرَ، جَنِ ڪي پُورَنَ پاڻَ ۾.

(١٣٨)

ڦُرني ڦاسائي، چَڏيا جيءَ جَهانَ جا،
پِلِي پَوَنِ پائِهِين، ڪوٺَ جَنَمَ پائي،
سامي بَچيو ڪو سورَمو، ساڌوءَ جي سايي،
مَمَتَ مِٽائي، سَدا ماڻي سيجَ سُکُ.

(١٣٩)

ڦُرني مَنجِهِ ڦاسي، پِيا جيءَ جَهانَ جا،
پِلِي پَوَنِ پائِهِين، چَرِيا چَوراسي،
سامي بَچيو ڪو ساڌَ سَنگَ، وِرلو ويساسي،
اَلَڪُ اَبِناسي، گِهري لَڌو جَنهن گهرَ ۾.

(١٤٠)

ڦُرني ڦاسائي، وِڌا جيءَ وَهَڻَ ۾،
گوتا کائِنِ گِيبَ جا، ڪوٺَ جَنَمَ پائي،
سامي بَچيو ڪو سورَمو، هَرِ سان لِنوَ لائي،
ويٺو وَڄائي، نگارو نِرَباڻَ جو.

(١٤١)

ڦُرني ڦاسائي، ڇِڏيا جيءَ جَهانَ جا،
يونِ پؤ ساگرَ ۾، ڪوٺَ جَنَمَ پائي،
تَنهن جو ليکو ڪونَ ڪو، جنهن کي ڇُٽو ڇَڏائي،
ويهي وَڄائي، نگارو نِرَباڻَ جو.

(١٤٢)

ويدَ پَڙهي وادِي، مورِکَ ٿِيا مَرَمَ ري،
جاڳِي جاچِنِ ڪِينَڪي، موڙي مُرادي،
لَڌي لک اَلک جي، ڪَنهن عاشِقَ آلادي،
سَدا سماڌي، سامي رَهَنِ سُياءَ ۾.

(١٤٣)

ويدن بِڳاڙي، ڪوڙين ڇڏيا ڪيترا،
پَهُتو چاهِنِ پَدَ ۾، ڪَري گَنڌهُ ياڙي،
ڪو عاشِقُ آيو گهرَ ۾، لِنوَ سان مَنُ لاڙي،
اَکيون اُگهاڙي، پَرتکِ ڏِسي پيءَ کي.

(١۴۴)

پَڙهي پُرجهائي، سِياڻو ٻَڌِي سَپ کي،
مايا ڪارڻِ مَنَ کي، ڏَهَ دِسِ دوڙائي،
پيهي ڏِسي نَہ پاڻَ کي، مُنهن مَڙهيءَ پائي،
جاڳيو جاڳائي، تَہ سڪي ٽِئي سامي ڇَئي.

(١۴۵)

وِسَنِ وِساري، ڏِنو اَنيَئِہ آتما،
لُڙهي لَهَوارا ٿيا، هِيرو جَنَمُ پائي،
اُلَٽِي ڪَنهن عاشِقَ ڏِنو، سامي سَنياري،
چڙهي چَوٻاري، سَيلَ ڪَري سَنسارَ جا.

(١۴٦)

وِسَنِ وِڃايو، گهرَ جو ڏٺي گهرَ ۾،
اُلَٽِي ڏِسَنِ ڪِينَڪي، جنهن جڳَ اُپايو،
سامي سُڃاڪَنِ کي، اَنيَئِہ ۾ آيو،
پَنهنجو پَرايو، خِيالُ سَٽي خاموش ٿيا.

(١۴٧)

وِسَنِ وِساري، ڇَڏيو اَنيَئِہ آتما،
يَوَنِ يَؤ ساگَرَ ۾، نانا روپَ ڌاري،
وِرلي ڪَنهن گُرَمکَ لَڌو، وِڌِ سان وِيچاري،
نانَتَ نِواري، سامي ماڻي سانتِ سکُ.

(١٤٨)

وِسَنِ وِساري، ڏِنو اَنيَئِہ آتَما،
دَرِ دَرِ ديوانَنِ جان، پُڇَنِ پُڪاري،
پَرتکِ ڏِسَنِ نہ پاڻَ کي، سامي سَنياري،
ڏِنو ڏيکاري، تہ اِستِتِ تِيَنِ رامَ ۾.

(١٤٩)

وِسَنِ وِچايو، پَرتکِ پورَنُ آتَما،
جَنهِن سان سَڀڪي سِڌِ ٿِئي، پَنهِنجو پَرايو،
وِرلي ڪَنهِن گُرَمکَ کي، اَنيَئِہ ۾ آيو،
رَمِي رَنگ لايو، سامي سَنسي پَرَمَ ري.

(١٥٠)

وِسَن وِچايو، پرتکِ پورَنُ آتَما،
ديهي جاڻِي پاڻَ کي، ڦاهيءَ ڦاسايو،
ورلي ڪَنهن گُرَمکَ کي، اَنيَئِہ ۾ آيو،
سامي سَمايو، جَلَ پَپوتو جَلَ ۾.

(١٥١)

وِسا بِنا ويچارَ، پَوَنِ پئو ساگَرَ ۾،
گوتا کائِنِ گَيبَ جا، رُئَنِ زارون زارَ،
ماٺِنِ سکَ سَروپَ جا، ڪي نيهي نِراڌار،
سَدا رَهن هڪَ تارَ، سامي سَمَ سُياءَ ۾.

(۱۵۲)

وِسا وِساري پاڻُ، پَوَنِ پيؤ ساگَر ۾،
سَتِ جاڻي سَنسارَ کي، ڇاڻِن ڇاڻيو ڇاڻُ،
ماڻي سُکُ سَروپَ جو، ڪو ساڌُو جَنُ سُجاڻُ،
سَدائين نِرَباڻُ، سامي رَهي سُياءَ ۾.

(۱۵۳)

وِسا وِچائي، ويٺا اَنيَڪِ آتما،
رُئِنِ رت اکِنِ مون، پُڇَنِ پَڇتائي،
سامي سُجاڪَن ڏِٺو، مُنهن مَڙهيءَ پائي،
مَمتا مَٽائي، سَدا ماڻِن سيجَ سُکُ.

(۱۵۴)

وسا وِچائي، قُولِنِ اَنيَڪِ آتَما،
اُپَجي نِپَجي جَنهِن ۾، سَڀُ جَڳُ سَمائي،
سامي سُجاڪَنِ ڏِٺو، مَنهن مَڙهيءَ پائي،
لِنوَ سچي لائي، سَدا ماڻِنِ سانتِ سُکُ.

(۱۵۵)

آدِ وِيادِ اُپادِ، تِيئي تاپَ لَڳا هِنَ جيءَ کي،
وَهي تَنِ جي وَهَ ۾، سو جَنَمُ وِڃائي بادِ،
جاڳي ڪَري نَہ يادِ، سامي سُپيرِيَنِ کي،

(١٥٦)

سَهَسين سَناسي، گُرو گوسائين گِيانوانَ،
کوڙين گُهمَنِ ڪيترا، نانگا نِهڪامي،
سُکي سي سامي، پاڻُ ڪَڍيو جَنِ پاڻَ مون.

(١٥٧)

لافان لَڪَ هَٿَنِ، پَندِتُ جاٽي پاڻَ کي،
ڳالِهيون ويدَن جون ٻُڌي، مَرمُ نہ رکَنِ مَنِ،
تـا ڪُرُ وَسي گَهرَ ۾، سو اَندا ڪينَ ڏسَنِ،
لکايا لَهَنِ، سامي سُپيرِيَنِ کي.

(١٥٨)

پاٽيءَ مَنجِهه مَري، مِينَ پِياسي پاٽهين،
پَرَمَ مَنجِهه پَلي ڪَري، دَہ دِسِ گَوَنُ ڪَري،
بِنا پريمَ پَري، سامي جاٽي سِيرَ کي.

# ويساسي (الف)

(١)

وَڏو ڄاڻُ ويساهُ، سامي سَيَڪَنهين ڪون،
ويدَ پُراڻَ مَٿي ڪَري، ڪَڍيو اِهو راءُ،
اَنتَرِ مُکِ اَچي ڪَري، سَمُجِهي ڪَرِ سَماءُ،
ڇڏِ وَڏائي واءُ، تَہ سَهِجِي مِلَني سُپِرين.

(٢)

وَسي مَنجِهه ويساهَ، وِيا پَڪُ ساريءَ وِسُ جو،
سَهَجي سُپِيرينِ جِي، تون سامي ڪَرِ صَلاحَ،
جُڙِي جوتِ سَروپَ سان، ڪَري چِتُ اَچاهَ،
اَٿِي اِها راهَ، سَنتَنِ ساپُرسَنِ جي.

(٣)

وَسي مَنجه ويساهَ، وِيا پَڪُ ساريءَ وِسُ جو،
سَمُجهي ڏِسُ سامي چَئي، تون اِها نِرمَلَ راهَ،
سَهجي ٿئي صلاحِ، اَٿَ ٿي پَهَرَ عَجيبَ جِي.

(۴)

جَنهِين رِيجهايو، سامي وَرُ ويساهه سان،
تَنهن کي خاوَندَ خوش ٿي، ڳُلِ ڳِچيءَ لايو،
چاڙهي سُکيَتِ سيجَ تي، سَنسو مٽايو،
اَهڙو رَسُ آيو، جو مُشڪي کُشڪي کِينَکِي.

(۵)

جن کي نانهِ ويساهُ، تَنِ کي مِلَڻُ مَحالُ ٿيو،
سي پُلي پِئَڙا جَهنگَ ۾، ڇَڏي مورکَ راهُ،
بِنا تُڪنِ شاهه، ڪونَ پُڌوسي ڪاٿهين.

(٦)

سي ڪيئن پرين پَسَنِ، جي ڳُٺا مُوڙهَ ويساهه ڪون؟
سامي ساپُرسَن جو، مَرَمُ نَہ رکَنِ مَنِ،
جهاتي پائي گهرَ ۾، ڪَڏي ڪينَ ڏِسَنِ.
جي ڏِڪيا پاڻَ وَتَنِ، تِنِ کي مِلَڻُ محالُ ٿيو.

(٧)

سي ڪيئن رَنگِ رَچَنِ، وِئڙا جي ويساهَ ڪونِ؟
ڇَڏي دَرُ دوسَن جو، ڪَچِي ڪَئي ڪَچَنِ،
سَچُ سُجائَنِ ڪِينَکِي، ڪيَتِ مَنجه پَچَنِ،
پَرچُ نَہ لَهَنِ پَنِ، سامي سُجا سڪِٽانِ.

(٨)

ڪوڙو بکيڙو، اَتي مايا موهَ جو،
سَمُجهي ڪَڏُ سامي ڇَئي، جُهڳي مون جهيڙو،
ڪَر ڪِرپا سان موڪِرو، ويساسي ويڙهو،
تہ نيڙي ڪون نيڙو، سَنَمکُ ڏِسين سُپرين.

(٩)

سَدائي سيتَلُ، ڇايا بوڏَ بِرڇَ جي،
وينا جي ويساهَ سان، سي نَرَ ٿيا نِرمَلُ،
تَپَتِ مِٽي تَنَ مَنَ جي، ڪائِنِ آتَمُ ڦَلُ،
پائي پَدُ اَچلُ، پَرچا رَهَنِ پانَ ۾.

(١٠)

وِرلو ويساهي، ڪو سيتل رهي سُياءَ ۾،
جَنهن سامي ساڌ سَنگتِ جي، رج مَستَڪِ لائِي،
مِيٽي وينو مَنَ مون، پَچر پرائي،
جُهولي سَدائي، پريمَ هِندوري پيءَ سان.

(١١)

وَچنَ تي ويساهُ، رکين سِڪَ سَچيءَ سان،
پَرچي ڪَريٽي پانهنجو، سامي مَردُ مَلاحُ،
لَحظي مَنجهہ لَنگهي پَوين، اَٿَڪَ جو دَرياهُ،
هَهِرُو دِلبرُ داءُ، موٽي اِيندءُ ڪينَڪِي.

(١٢)

مَها سُوکَمُ راهَ، اَٿيِ پَدَ اَگَمَ جي،
پَهتو ڪوندَ پَنڌُ ڪَري، بِنا سِڪَ ويساهَ،
ڇَڏي چِنتا چاهَ، تون سامي گھرُ سَهي ڪَرين.

(١٣)

ڳالهيون سَيِيئي، اَٿي ڪوڙيون ڳُرَويساهَ ري،
ويدَ پُرانَ سِڌَ ساڌَ جَنَ، وِچي پُڇ پيهي،
مَنُ مَنِسا ڏيئي، تون سمجهي ڏِس سامي چَئي.

(١٤)

جَنهِن کي دَرسَنُ دانُ، سامي ڏِنو سَتِگُروءَ،
سو ڏِسي ڏِيوَ اَگَمَ کي، ويساسي وِدمانُ،
پَرچي ٿِيو پَرتيتِ سان، نانا کون نِرَبانُ،
جاڻي سَڀُ جَهانُ، سُتهه لَهر سَمُندَ جي.

(١٥)

سامي سَيِيئي، ليکا اوري لَکَ کون،
کَنهِن وِرلي ويساسيءَ کي، گُرگَمَ سُڌِ پيئي،
جو اَرِڌِ اُرڌِ پيئي، ميٿي ويٺو مَنَ مون.

(١٦)

جُڳتِنِ سان جوڙي، سَنتَ لکائن سارَ تا،
وِرلو ويساسي ڏِسي، سامي مُنهن موڙي،
ڪَڍي سَڀَ وَچَنَ مون، مکَڻُ وِلوڙي،
اَوِديا ڳَنڍِ ڇوڙي، مُڪتو ٿِئي مَهِراڻَ ۾.

(١٧)

سَنتَنِ سَنڌِ ڏِسي، سوڪَمُ سارَ سَروپَ جي،
ڪَنهِن وِرلي ويساسيءَ جي، وَڃي سُرتِ رَسِي،
جَنهن اِندرِيَنِ جي اُلٽي ڪَري، سامي شَڪتِ ڪَسي،
پانهنجو پاڻُ پَسي، مُڪتِ ٿِيو مَهِراڻَ ۾.

(١٨)

سوڪَمَ سَنڌِ سَهي، ڪَئي ڪُرَمکَ ڳودڙِئي،
ويئي سَڀَ ويساه ۾، اَوِديا مَيلُ وَهي،
آتَمَ لعلُ لَهي، سامي چڙهيو سِيرَ تي.

(١٩)

جَنهِن ڪي سَمَ ويساهُ، سامي ڏِنو سَتگُروءَ،
سو لَحظي مَنجهِ لَنگهي پيو، اَتَڪَ جو دَرياهُ،
پاتائين پَرچي ڪَري، آتَمَ سکُ اَسگاهُ،
سَدا بيپرواهُ، رَهي پَنهنجي حالَ ۾.

(٢٠)

وِديا اَئون ويساهُ، جَنهِن کي ڏِنو سَتگروءَ،
تَنهن پَرچي پريمَ نَگرَ جو، لَڌو اَنِيئي راهُ،
بوندَ مِلي پاڻيءَ سان، سامي تِي اَسِگاهُ،
سَدا بيپرواهُ، رَهي پَنهنجي حالَ ۾.

(٢١)

ويساسيءَ کي وِڌ، سُتَهَ ڏِني سَتگُروءَ،
پَرچي لَڌائين پانهِنجي، آدي نِوَمَلُ نِڌِ،
ڪَري ڪارِجَ سِڌِ، سِيتَلُ ٿِيو سامي چئي.

(٢٢)

ويساسيءَ وَچَنُ، سامي مَنيو سَنتَ جو،
جيتيائين جڳِت سان، پَرچي مَنُ پَوَنُ،
گهٽِ وَڌِ واٽيءَ واچَ کي، ڪَلپي ڏِئي نَ ڪَنُ،
بِنا پيدَ پَجَنُ، ڪَري ڪَرتا پُرکَ جو.

(٢٣)

ويساسِ وٽي، سَودو ڪَيو سَنتَنِ سان،
سُتهِ سِڌِ سَروپَ جي، جَنِ کي سِڪَ گهٽي،
سامي سَنياسيون سِرَ تون، ڪَلِ ڪَلِ سَبَ ڪَٽي،
تورِي پِنِ پنجَ ڪٽي، تَ بِ راجا رانولَ ديسَ جا.

(٢۴)

ويساسنِ جي واٽَ، نِياري ويدَ ويچارَ ڪون،
چيتَ وِچائي چِتَ جي، چڙهيا اُوگهٽَ گهاٽَ،
سامي ويٺا سَمَ تي، لِنوَ سان مَنجھ للاٽَ،
ڪولي بَجَرَ ڪپاٽَ، سَنَمڪُ ڏِسَنِ سپرين.

(٢٥)

ويساسيءَ وِرتُ، سامي رکيو سَچَ جو،
ڏِسي پيدَ پَرَمَ ري، نارائِڻَ کي نِتُ،
چَرَنَ ڪَنولَ ڪونِ چِتُ، پاسي ڪَري نَه هِڪُ پَلُ.

(٢٦)

ويساسي وِدِمانُ، سُتَهَ ڏِسي سپرين،
جَنهِن کي ڏِنو سَتِگُروءَ، اِنيڪِ آتمَ گيانُ،
سامي چَئي سِپني جو، ڄاڻي سَبُ جَهانُ،
پائي پَدُ نِرباڻُ، مُشڪي ڪُشڪي ڪينَڪي.

(٢٧)

ويساسي ويري، ڄاڻي ڪونه جڳتَ ۾،
ڪاڏِي جَنهن گُرگيات سان، قُرني ڪون قيري،
ماري ڪَيائين مَنَ کي، پَسَمَ جي ڍيري،
ميٺي مَئِن ميري، سامي ويٺو سَمَ تي.

(٢٨)

پوٽيون ۾ پَنا، ويساسِن ويڙهي رکيا،
سَمُجهائون سامي چَئي، سارِي لاءِ ڪَنا،
چَڙهيا اَنيئَہِ اَڄَ تي، پَلِي پَنج رَنان،
وِڌا جَنِ ٻَنا، اَڳِيون آتَمَ رامَ جي.

(٢٩)

سامي جَنهن ٻُڌي، مُرَلِي مَنَ موهَنَ جي،
سُرتِ تنهن ساپُرسَ جي، راتيون ڏينهن رُڌي،
ڳَڳَني ڳِئون ڏُڌي، وِجهي وَنگُ ويساهَ جو.

(٣٠)

بانيَنَ جَنهن ٻَڌو، تَوڪَل تُرَهو تارِ ۾،
سَهَجِي سُبِيرِيَنِ ڪي، لوڙِي تَنهن لَڌو،
ڪوسو ۾ ٿَڌو، ڳُٽيندڙَ ٿَڪجي پيا.

(٣١)

پَرَمَ ري پاٺو، مَنيو جَنِ مَحَبوبَ جو،
تَنِ جو مَنُ مَوجَ ۾، سَهَجِي سَماٺو،
ڏيئي وِهاٺو، هو سامي سُمهيا سيجَ تي.

(٣٢)

مَنُ مَتُرا، دِلِ دُوارِ کا، کايا مَنجهه کاسي،
چيتَنُ وَسي چِتَ ۾، اَلکُ اَبِناسي،
پيهي ڏِسي پانَ ۾، کو وِرلو ويساسي،
وَيِي تِئي واسي، بيحد بيگمَ پورِ جو.

(٣٣)

جَنِ کي جاني يادِ، آن يادِ ڪَريان نِتَ تنِ کي،
سامي مِليا سُپِرين، پَرچِي تَنِ پِرَسادِ،
تَنُ مَنُ اَرپِيان پاوَ سان، چِڏي واد وِوادِ،
اِيها آدِ جُڳادِ، واٽَ بَٽِي ويساهه جي.

(٣٤)

ويساسيءَ وَستي، سُتَمَ لَڏي سُجَ مون،
چَڙهي جنهن جي چِتَ تي، مَحَبَتَ جي مَستي،
ماري مَنُ هَستي، سوکَمُ تِيو سامي چَئي.

(٣٥)

ويساسيءَ والِٿُ، لَڌو ساريءَ وِسُ جو،
پَرچي ڏِٺائين پانَ ۾، چِڏي اُونگهه آلِسُ،
رَهِي مايا موهَ کون، خُلاصو خالِصُ،
سامي تِي ثالِثُ، وَرِتي وِڌِ ويچارَ سان.

(٣٦)

ويساسيءَ واسو، ڪَيو اَنيئـِ پَدَ ۾،
پائي ڪَياتِ گُروءَ جِي، تِيو نِرمَلُ نِراسو،
سامي رکي نـَ مَنَ ۾، مَمِتا جو ماسو،
ڏِسي تَماشو، ساکي ٿِي سَنسارَ جو.

(٣٧)

ويساسيءَ جو واسُ، سَدائين گُرگَياتِ ۾،
جٿين رَهي مَنَ ۾، اَنڌَ لکو آڪاسُ،
مايا ڪايا ڪُلَ ۾، سامي رَهي نِراسُ،
پاتائين پِرڪاسُ، پَرچي پَرماتَمَ جو.

(٣٨)

عجَبَ اَبناسي، پدُ ڏِنوسي پانَڌَ ۾،
سَمُجهي ڪو سامي چَئي، وِرلو ويساسي،
پانڌُ ڪَڍِي جو پانڌَ ۾، تِيو آتَمَ اَبناسي،
وَحِي تِيو واسي، اَنَلَ جان آڪاسَ ۾.

(٣٩)

ويساسي واصلُ، وَحِي تِيو وحَدَتَ ۾،
جِتي تون مان ناهِ ڪا، نَڪو هيبَتَ هُلُ،
روپَ رَنگَ پَنَ پاڙَ ري، ڪُليو غيبي گُلُ،
ڪِرانتِ جَنهِين ۾ ڪُلُ، سورجَ چَندرَ چراغَ جِي.

# ويساسي (ب)

(١)

صَفائي ساڌَنُ، سَنتَ چَونَ سکيِاتَ جو،
سَمُجهي ڪو سامي سَچو، ويساسي وَچَنُ،
جاڳي ڏِسي جوتِ ۾، پَرميسَرُ پورَنُ،
ميٽي سَبُ مَنَنُ، ماڻي مَوجَ مُڪتِ جي.

(٢)

سُتَهَ سِدِ سائِي، وارِي ويساسِنِ جي،
جَنِين سِڪَ سمجَه سان، پَرپَڪُ پَچائي،
سُکي ٿِيا سامي چَئي، اَمِرَتُ ڦَلُ کائِي،
سبَ ۾ سَمائي، جوتِ ڏسن جڳديشَ جي.

(٣)

ڪَنهِن کي ڪِينَ مِلي، مُفتُ پِيالو پريم جو،
پَرچي پِيتو ساڌَ سَنگ، ڪَنهِن ويساسيءَ ورلي،
سامي وِڍِي جنهن سِرَ تون، اَوِديا پِندَ اُڇلي،
تورِّي خَلَقَ کِلي، تَ يي مَستُ رَهي مَهرانَ ۾.

(۴)

ويساسي وَلو، ڏِسي ڪونَ اکِن سان،
سامي ڪَيو جَنهن ساڌ سَنگ، تَرَ تِيبرُ تَسلَو،
جاڳِي ڏنائين جڳ جي، ليڪي اُتي لَلو،
رکِي ياءُ يلو، وَرتِي وِڌ ويچارَ سان.

(۵)

بِنان وِڌِ ويساهَ، ڪنهن پَدُ پاتو ڪِينَڪِي،
پُڇي ڏِسُ پَرتِيتِ سان، سامي سَڀِ داناهَ،
گهرِي لَڌي جَنِ گهرَ مون، رامَ نگرَ جي راهَ،
ميٽي چِنتا چاهَ، اِستِتِ ٿيا اَڪاسَ جان.

(٦)

بِنان وِڌِ ويساهَ، پَدُ پِراپَتِ نَ ٿِئي،
پُڇي ڏِسُ پرتِيتِ سان، دَردَوندَ داناهَ،
مِٽِي جَنِ جي مَنَ مون، سامي چِنتا چاهَ،
سَدا بيپرواهَ، رَهن بِديهي ديهِ مِ.

(٧)

بِنان وِويڪَ ويساهَ، پَدُ پِراپَتِ نَ ٿِئي،
ائين چَوَنِ سَڀِ اَنيَئي، دَردَوَندَ داناهَ،
مِٽِي جَنِ جي مَنَ مون، سامي چِنتا چاهَ،
جاڏي ڪَنِ نِگاهَ، تاڏي سَجَڻُ سامُهون.

(٨)

نِهَچِي بِنا نامُ، ڪنهن کي مِلي ڪِينَڪِي،
توڙي تَپُ، تيرَٿَ ڪري، ٿِي نانگو نِهَڪامُ،
اِئين چَونِ ٿا اَنيئَي، ڪَري اَنَ آرامُ،
سَمُجهي جَنِ سَلامُ، سامي ڪَيو سَڀَ کي.

(٩)

ويساسِنِ وَٽِي، وتي گِياتِ گُروءَ کون،
جَنِ کي پيءَ پَسَڻَ جي، سامي سِڪَ گهٽي،
سَٽي وِڌائون سِرَ تون، ڪَلِڪَلِ سَڀَ ڪَٽي،
پِنَنِ پَنجَ ڪَٽي، تَـ يي راجا رانولَ ديسَ جا.

(١٠)

سامي سَنتَ سِڌو، وَچَنُ چونِ ويساهَ جو،
ڪوڙَن ۾ ڪَنهِن هِڪڙي، پَڪ پريميءَ پُرڏو،
سُکُ دُکُ جنَهن سَنسار جو، سَٽي سَڀُ وِڌو،
مَري مُله پُڌو، پَرَميسَرَ کي پريتِ سان.

(١١)

گُرَسِکيءَ جي گَتِ، سَمُجهِي جنهن سامي چَئي،
سَهجِي تنهن جي مَنَ مون، مِٽي مَمَتا مَتِ،
لئِہ ڏِنائين لَڪَ ۾، سَتَهَ شِوُ شَڪتِ،
تکيو ڪَري تَتِ، وينو وِڌ ويساهَ سان.

(١٢)

ويساسِنِ وَٽي، ڪَيو سَنگُ ساڌوءَ جو،
پَلِ پَلِ پيئنِ رامَ رَسُ، ڇڏي مانَ مَٽي،
سامي لَڌائون سَمَ تي، گهرَ مون گهرَ ڏٺي،
تان يي پِياسَ گهٽي، رکَنِ پِيالي پاڪَ جِي.

(١٣)

ويساسي وِستارُ، ڪَرِنِ نَہ ڪَتَرَ جيترو،
جَنِ کي ڏِنو سَتگُروءَ، وِڌِ سَچيءَ وِيچار،
پَرچي لَڌائون پورَبي، پانَ پانهنجو يارُ،
سامي سَڀُ سَنسارُ، آهي جنهن جي آسري.

(١٤)

ويساسي وِستارُ، ڪَري نَہ ڪَتَرَ جيترو،
مِٽيو جَنهن جي مَنَ مون، اَنَ هوندو اَهَنڪارُ،
پَرتکِ پورَنُ آتَما، ڏِسي ڏِسَٽهارُ،
بَٽيءَ تي هَسِوارُ، سَدا رَهي سامي ڇَئي.

(١٥)

ويساسيءَ کي وِڌِ، سَتِگُرَ ڏَسي سَمَ جي،
پَرچي ڪِيائين پانهِنجا، سامي ڪارِجَ سِڌِ،
يَوي ڪينَ پِلَنِ جان، اَندو تِي اَرِڌَ اُرِڌِ،
پائي نوري نِڌِ، سُمهيو سُکِپتِ سيجَ تي.

(١٦)

وَچَنَ تي ويساهُ، سامي رکيو جَنهن سورَمي،
ڏِنو تنهن اَييڏُ تي، اِکن ساکُ اَلاهُ؟
کَنهِن کيٰ سلي کِينَکِي، اَنيئَہِ سکُ اَتاهُ،
سَدا بيپَرواهُ، رَهي پانهِنجي حالَ ۾.

(١٧)

وَچَنَ تي ويساهُ، رکيو جَنهِن رَهَتِ سان،
سو اُلَٽي اَنترِمکِ ٿِيو، دَردَوَندُ داناهُ،
پَرچي لَڏائين پَدَ جو، روُمَ روُمَ مون راهُ،
اَنيئَہِ سکُ اَتاهُ، سامي پائي سَمَ ٿِيو.

(١٨)

ويساسيءَ وِرتُ، سامي رکيو سَچَ جو،
جَنهِن کي ڏِني سَتِگُروءَ، سِکَ سَمُجهَ ثابِتُ،
ڏِسي پانهِنجي ڏيلَ ۾، نارائِڻَ کي نِتُ،
چَرَنَ کَنولَ کون چِتُ، پاسي کَري نَہ هِکُ پَلُ.

(١٩)

ويساسيءَ وِرتُ، سامي رکيو سَمَ جو،
اِشارو اَنيئَہِ جو، سَمُجهيو جَنهن ثابِتُ،
ڏِسي پَنهِنجي ڏيلَ ۾، نارائِڻَ کي نِتُ،
چَرَنَ کَنولَ کون چِتُ، پاسي کَري نَہ هِکُ پَلُ.

(٢٠)

ويساسيءَ وَڪيلُ، سِڪَسان ڪَيو سَنتڪي،
ڪَٿِيو تنهن ڪِرپا سان، دِلِ جو سَبُ دَليلُ،
پَهُچايائين، پَدَ ۾، ڏيئي سَمتا سِيلُ،
ڏِسِي پَنهنجو ڏِيلُ، سامي باغُ بَهارُ ٿِيو.

(٢١)

ويساسيءَ وَستي سُتَهَ ڏِٺي سُجَ ۾،
جَنهِن کي اَزَغيبي چَڙهِي، مَحَبَتَ جي مَستي،
سوکَمُ ٿِيو سامي چَئي، ماري مَنُ هَستي،
دَرِسَنَ جو دَستي، سَؤدو ڪَري سَروپ سان.

(٢٢)

ويساسيءَ وستي، سُتَهَ لَڌي سُجَ مون،
چَڙهي جَنهِن جي چِتَ ۾، مَحَبَتَ جي مَستي،
سوکَم ٿيو سامي چَئي، ماري مَنُ هَستي،
دُئيتَ بِنا دَستي، سَؤدو ڪَري سَروپُ جو.

(٢٣)

ويساسيءَ وَستي، سُتَهَ ڏِٺي سُجَ ۾،
جَنهِن کي اَزَغيبي چَڙهي، مَحَبَتَ جي مَستي،
سُوکَمُ ٿِيو سامي چَئي، ماري مَنُ هَستي،
تِياڳِي اَئون گِرستي، لَنگهي چَڙهيو لَڪَ تي.

(٢٤)

پَنا سَڀِ پَڙهي، پورا ڪَيا تَنهن پَلَڪَ ۾،
اَکَرُ لَڌو جَنهن عَينَ جو، ويساسيءَ وَري،
سامي چڙهيو سُميرَ تي، لَنگهي مَسيتِ مَڙهي،
لاڻِي ڏيان ڏَڙي، لُنوَ لُنوَ لالُ گُلالُ ٿِيو.

(٢٥)

ڦُرني مَنجهِ اَڦُرُ، وِرلو ويساسي رَهي،
پيئيو جَهن پرَمَ ري، گيانَ پرَڪاشي گُرُ،
لائي لالُ گُلالُ ٿِيو، اَنيَئي عَطرُ،
نِڪَرَ ۾ ناڪَرُ، سُتَهَ ڏسي سامي چئي.

(٢٦)

ڦُرني مَنجهِ ڦاسي، پِيا سَڀِ جيءَ جَهانَ جا،
سَدا پَوَنِ سامي چئي، مورکَ مَواسي،
رَهي اَليپُ اَڪاسَ جان، ڪو وِرلو ويساسي،
اَلَکُ اَبِناسي، سَمَرَ ڏِنو جَنهن ساڌَ سَنگِ.

(٢٧)

رکي جَنِ رَجا، پَرچي پَنهنجي سِرَ تي،
سي ڦُرني کون فارَغُ ٿِيا، چِڏي لوڪَ لَجا،
ڪَنهن جي ڪاڻِ ڪِينَڪِي، سامي چئي سَجا،
مِلي ڪَنِ مَجا، پَرچِنتا ري پيءَ سان.

(٢٨)

مَستي دانائي، بيئي بِيائيءَ بُدِ ۾،
سَمُجهي ڪو سامي چئي، واصِلُ ويساهي،
ڏِنو جَنهِن اکِن سان، اَچِرَجُ اِلاهي،
ڦُرني جي ڦاهِي، ڪَٿي چڙهيو ڪهَ ڪهَ تي.

(٢٩)

داوا اکِن داهِي، خَلقَ سَڀ خِيالَ سان،
رَهي نِرداوا نَپَ جان، ڪو وِرلو ويساهي،
جو لَنگهي چڙهيو لکَ تي، ڦُرني جي ڦاهي،
عَدُلُ اِلاهي، سامي ڪَري سَمَ تي.

(٣٠)

رکيو جَنهِين صِدِقُ، ثابِتُ پَنهنجي پِيرَ تي،
سو چَڙهيو چِيتَنَ چِٽَ تي، لِنوَ سان ڪَڍِي لِڪُ،
ڏِسي نِيارو نَپَ جان، مُلڪَ ۾ مالِڪُ،
جئين پاڻي هِڪُ، سامي لَهرَ تَرَنگَ ۾.

(٣١)

مايا مَواسِي، موهي ڪَيو ماڙُنِ کي،
پَلي پَوَنِ پاڻهين، چِتَ ۾ چوراسي،
سامي بَچِيو ڪو ساڌَ سَنگِ، ورلي ويساسي،
اَلڪُ اَبِناسي، جاڳي ڏِٺو جَنهِن جوتِ ۾.

# ياونا (الف)

(١)

سَبَ کي ڏئي ڦَلُ، سامي پَنهنجِي ياوَنا،
چَونِ ويدَ پُرانَ تا، ايها ڳالهِ اَصُلُ،
ڏنائون ڪَري نِرَملُ، حاضُرُ شِيشو هَٿَ ۾.

(٢)

ياوَنا ڏئي يارُو، سَيَڪَنهِين کي پانهِنجو،
سَمُجهِي ڏِسُ سامي چَئِي، ڪَڏي ڪيبارُو،
ساجُهر سُبِيرِيَنِ ڏي، ڪَرِ لِنوَ سچيءَ لارُو،
اَهِڙو ڏِهارُو، موتي ايندءُ ڪِينَڪِي.

# ياونا (ب)

(١)

ياونا ڪَري پوتُ، راڪَسُ. مانُڪُ، ديوتا،
ياونا پڳتُ گِياني، اَچارَجُ اَوڌوتُ،
ياونا پَرِتا اِستِري، گُرو چيلو، پوتُ ڪَپوتُ،
سامي سَڀَ جو سوتُ، ياڳِوتَنِ ياونا چَئِي.

(٢)

ياونا ڏئي ياڙو، سَڀَڪَنهِين کي پانهِنجِي،
سَمُجهي ڏِسُ سامي چَئِي، ڇَڏي روسُ راڙو،
ساجُهرُ ڪَرِ سائِينءَ ڏي، لِنوَ سَچِيءَ لاڙو،
اَهڙو ڏِهاڙو، موٽي ايندُءَ ڪِينَڪِي.

(٣)

ياونا ڪَري پڳتُ، مِلائي مَحَبوبَ سان،
ياونا وِجهي پَرَمَ ۾، نِتُ رُئاري رَتُ،
سَمُجهي ڏِسُ سامي چَئِي، ڇَڏي موهُ مَمَتُ،
گِرهِستي اَئون وِرڪَتُ، ياونا ۾ ياسِي رَهيو.

(۴)

ڪَري ڪَرَمَ ڪَرُورُ، ٻاونا ٻَوِين ڏَهَ ڏِسا،
ٻاونا ۾ اَميرُ ٿِئي، ٻاونا مَنجهِ مزورُ،
سامي ٻاونا ساڌَ سَنگِ، ميٽي سَنسو سورُ،
ٻاونا ڏِسي ڀَرپورُ، اَندَرِ ٻاهَرِ آتَما.

(۵)

ٻاونا ڀَرَمُ ڪَري، ٻاونا ڪٽي ڀَرَمُ سَڀُ،
ٻاونا سُجو سڪِٽو، ٻاونا سُڀَرُ ڀَري،
سَمُجهي ڏِسُ سامي چَئي، نِرمَلُ ڏِيانُ ڌَري،
ٻاونا ٻيءُ ٻَري، ٻاونا اڪِنِ اوڏِڙو.

(٦)

ٻاونا گِيانُ، ڌِيانُ، ٻاونا مورکُ مَسخِرو،
ٻاونا پاپي، پاڪَندي، ٻاونا، دانُ، سِنانُ،
سَمُجهي ڏِسُ سامي چَئي، ڇَڏي سَڀُ اَڀمانُ،
ٻاونا ڪون ڀڳوانُ، ٻَلڪَ ٻَراهون نَه ٿِئي.

(۷)

ٻاونا ٻَوائِي، چوراسي لَکَ جونِ ۾،
ٻاونا مَنُ نِهچَلُ ڪَري، لِنوَ سَچي لائي،
سَمُجهي ڏِسُ سامي چَئي، مُنهَن مَڙهيءَ پائي،
ٻاونا لَڪائي، ٻَرتکِ ٻورَنُ آتَما.

(٨)

ياونا پَنوائي، چوراسي لکَ جونِ ۾،
ياونا گوتا گيبَ جا، ڪِپي نِتُ ڪائي،
ياونا مِلي ساڌوءَ سان، ساڌَنَ ڪَمائي،
پَدَ ۾ پَهُچائي، شُڌِ ياونا سامي چَئي.

# پاگو پیو

# سلوڪ ساڌ مهما (الف)

(١)

نوڪي وَجائي، ڏِنا جيءَ جَهانَ جا،
سَيُڪو مَطِلَبَ پانهنجي، ٻُڌي ڳالهائي،
مَطِلَبَ ري ڪو مَهَدِ جَنُ، سامي سَمُجهائي،
مَمِتا مِٽائي، نِرَمَلُ ڪَري نَبَ جان.

(٢)

اَٿِي بي شُمارُ، ساڪان ساپُرِسَنِ جون،
نانا جڳتِنِ سان ڪَري، ڪَيائون پَرَ اُپڪارُ،
وچون واچ ڪدي ڪَري، سامي سَمُجهين سارُ،
تہ اَوِديا جو اَهَنڪارُ مِٽي ويحيٽي مَنَ مون.

(٣)

جيڪو هَٿُ هاري، سَرَنِ پِئي ساڌوءَ جي،
تنهن کي پيالو پِريمَ جو پَرچي پياري،
آٽي غرِقيءَ گَسَ ۾، اَچِرَجُ ڏيکاري،
نانَتَ نِواري، سامي چَڙهيو سيرَ تي.

(۴)

ساڌوءَ جو اُپڪارُ، ڪَهڙو ڳڻيان مُک سان،
ڦيري هَٿُ مَٿي تي، ڪيائين سيتَلُ سارُ،
سامي سَڀُ مِٽِي وِيو، اَوِديا جو اَهَنڪارُ،
ساڪي سِرجَڻهارُ، وَتي ڏنائين هَٿَ سان.

(۵)

آهِن پوجَڻَ جوڳُ، ساڌو جَڳَ سَنسارَ ۾،
ڪَڍيو جَن اَندَرَمون، سَمُجهي سَنسو سوڳُ،
ساڪِي سارَ سَروپَ تي، يوڳِنِ يوڳُ اَيوڳُ،
اَوِديا ڪَلِپِتَ روڳُ، سامي ڪَٽِنِ سَڀَ جو.

(٦)

اَنَن اُپڪاري، ساڌو جَڳَ سَنسارَ ۾،
ڏيئي ڏِيرَ ڌَرِمَ جي، مَمِتا جَن ماري،
سارِي وِسُ تاري، جوڙِي جَهازُ ٻِيڪِتِ جو.

(۷)

اَڪٿُ ٿا ڪَٿِنِ، ساڌو جَڳَ سَنسارَ ۾،
جِتي نَہ مارڳُ مَنَ جو، تِتي ساٿُ سَٿِنِ،
دَيا ڌاري دِلِ ۾، سامي سارُ ڏَسِنِ،
وِجهي نَٿَ نَٿِنِ، ٿا جِگياسيءَ جي جيءَ کي.

(٨)

چَئي بُڌائِنِ، تا ساڌؤ حَرفُ حِسابَ جو،
جُڳَتِنِ سان جوڙي ڪَري، اَلڪُ لڪائِنِ،
جهاتي سي پائِنِ، جي گُروءَ جي گَس پِيا.

(٩)

عَجائِبُ آهن، عاقِلَ عَقُلَ جا ڏَٺي،
موڙي موڙَ سُکانَ جِي، تا لُڙَ مون لَنگهائِنِ،
جِتي ديرو دوسَ جو، تِتي پَهُچائِنِ،
ريءَ کُنجيءَ لاهِنِ، ڪُلِفَ سَڀِ قَلوبَ جا.

(١٠)

کَنهِن کي کِينَ جَهلِنِ، ساڌو سُڀَ کَرِمَ کون،
سامي وادِ وِوادِ کون، پانهِنجو پانُ پَلِنِ،
شيِشو دِلِ اَندَرَ جو، مَحَبَتَ سانُ مَلِنِ،
اَندَرِ وَلَ وَلِنِ، باهِرِ باڦِنِ کِينَڪِي.

(١١)

اَنيڪِ روپَ اَپارَ، يڳَتَ ياري يڳُونَت جا،
بُڌي پِريمُ تَني جو، پِلي سُرِتِ سَنيارَ،
سامي مِليا سَروپَ سان، ڪَري مَنُ نِرڌارَ،
ٿِئڙا جڳِ جَئِڪارَ، سَنتَنِ ساپُرِسَنِ جا.

(١٢)

پُرِکَنِ جو پاڙو اَچي مليو ڪَنهن پُنَ تي،
تَنِ ڪَجو پانهنجي پاند سان، ڏِسِي اُگهاڙو،
مِٿيو سَڀُ اَندَرَ مون، سامي چئي ساڙو،
لوڪَنِ کون لاڙو، ڪَري مَنُ مگهن ٿيو.

(١٣)

نِرمَلَ نِرالا، ساڌو جَنَ سَنسارَ ۾،
ڪانِ نَہ ڪَڏَنِ ڪَنهِن جي، سَدا سُکالا،
رَتا رَهَنِ رَنگَ ۾، مگهنُ مَتوالا،
بُڌا ۽ بالا، سامي تِئَنِ کِينَکِي.

(١٤)

کُسَنگُ چَڏائي، سوئِي ساڌُو سَتِ گُرُو،
ڏيئي گُڻَ هَرِ ہِڳَتِ جا، اَوگُڻَ مٽائي،
اَنترِ مکِ جوڙي کري، اَودِيا پَٽُ لاهي،
سامي لکائي، آتَمَ پَدُ اَکِنِ سان.

(١٥)

کيڏي وَڏائي، ڀِڳتيان سَنتَ دَيالَ جي،
مِلِي جَنهِن مَردَ سان، اَنيئہ مَتِ آئي،
سامي سَمائي، نانا سَڀَ نِرَبانَ ۾.

(١٦)

مِليو ساڌو جَنُ، اَندَرِ اَوِديا نَہ رهِي،
لوهو پارِسَ سان لڳي، سَهَجِي ٿِيو ڪَنچَنُ،
مَنِي وِيَڙو مَنَ مون، سامي سَڀُ مَنَنُ،
آتَمُ پَدُ اَنَنُ، پائِي پَرِچو پانَ ۾.

(١٧)

ساڌوءَ سوناري، پڳو جِيءُ سچو ڪيو،
جَڙيائين جڳديسَ سان، نانَتَ نِواري،
لُنوَ لُنوَ سَڀَ ٺاري، سامي چڏيائين چِنَ ۾.

(١٨)

ٺڪُ ڏيرِڳُ آيو، ساڌو ٿي سَنسارَ ۾،
تنهن سامي جوڙي جيءَ کي، لِنوَ جادو لايو،
اَمَلُ پِياري اَنيڪِي، تَنُ مَنُ ٻُلايو،
پنهِنجو پَرايو، مالُ ميڙي وِيو گهرَ مون.

(١٩)

مَهان دُرَلَڀُ دَرِسَنُ، ساڌو جَنَ ساپُرِسَ جو،
سامي مِلِي تَنهن کي، جَنهِن تي پِرين ٿِئي پَرسَنُ،
تَنُ مَنُ سَڀُ ڪَنچِنُ، ڪَري ڪَلِپَ ڪَڍي ڪَري.

(٢٠)

ساڌوءَ ڪَيو سعيو، تَڏِي عاشق مُڪائين ايلچي،
مَنجهين خوابَ خِيالَ جي، تَنهن جوڙي جاڳايو،
مِلائي محبوبَ سان، سَبُ سَنسو چُڪايو،
جَڏي سورِجُ سِرِ آيو، تَڏي اَنڌارو اُٿي وِيو.

(٢١)

روح ڏِنو ريلو، لَڳِي سِڪَ سَروپَ جي،
ملي مَهَدِ جَنَنِ سان، ٿِيَڙو مَنُ چيلو،
تَنِ ڏيڪاريو ڏيلَ ۾، مِليو اَڪيلو،
ميلي ري ميلو، سامي ٿِيو سَروپَ سان.

(٢٢)

ويدَ پُرانَ پَڙهي، ميلَ نَہ مِٽي مَنَ جي،
تَپَ تيرَٿَ ساڌَنَ ڪَري، ڏِٺو غُفا مَنجه وَڙي،
سَمُجه ري سامي چَئي، اُلٽي ميلَ چَڙهي،
يِڳِي يِرَمَ گهڙي، مِلي مَهَدِ جَنَنِ سان.

(٢٣)

ويدَ وِمَل آهِنِ، ساڌو هِنَ سَنسارَ ۾،
ناڙِ نِهاري مَنَ جي، دِبَ دارون ڏَسائِن،
رَحمَتَ ڪوٽَ جَنَمَ جي، هِڪَ لَحظي مَنجه لاهِن،
جوڙي جاڳائِن، ڪامِلَ پَنهِنجي ڪَلَ سان.

(٢٤)

حِرِصَ هَلاکُ ڪَيو، سامي سَڀَ سَنسارَ کي،
ڪايا مايا ڪُلَ جي، وَهَ ۾ وَهي وِيو،
ڪوڙَنِ ۾ ڪو هِڪڙو، پانهنجيءَ مَنجهه پِيو،
جَنهِن کي سَنگُ ٿِيو، سَنتَنِ ساپُرسَنِ جو.

(٢٥)

وِرلو ڪو آهي، ساڌو جَنُ سَنسارَ ۾،
جو جِگياسيءَ جي جيءَ جو، سنسو مِٽائي،
اَوِديا پَٽُ لاهي، سامي لَکائي سارَ کي.

(٢٦)

وِرِلا جَنَ ڪيئي، ساڌو هِنَ سَنسارَ ۾،
ڪَڍِيا جَن اَندَر مون، سَنسا سِيئي،
سهي ڪَيائون سَڀَ ۾، پِريَنِ کي پيهي،
سَنَمکُ ٿيا سيئي، سامي سُپِريَنِ جي.

(٢٧)

سَدا ايڪانتي، ساڌو جَنَ سَنسارَ ۾،
پرچي پانهنجي گهر ۾، پاتي جَنِ جهاتي،
سامي سُجاتي، مورتَ مَحبوبَنِ جي.

(٢٨)

سَدائين نِرمَلَ، ساڌو جَنَ سَنسارَ ۾،
ليپُ نـَ لَڳي تَنِ کي، جئين جَلِ رَهَنِ ڪَنوَلَ،
اَندَر سَمَ سيتلَ، ٻاهَرِ تَتا تاوَ جان.

(٢٩)

سَدا سَمَ رهنِ، ساڌو جَنَ سَنسارَ ۾،
ٻُڌَن ڳالهائِن مَنَ ري، نيڻَنِ سان نِرکَن،
کائِنِ پيئن خوشِ تي، هاجَ سَيائي ڪنِ،
هَلايا هَلنِ، سامي سُپيرينَ جا.

(٣٠)

ٻـڳتِ ٻِجائي، ساڌو جَنَ سيتَلُ ڪَيا،
پاڻُ ڏِٺائون پاڻَ ۾، اَودِيا پَٽُ لاهي،
سامي چَڙِهيا سِيرَ تي، مَمتا مِٽائي،
جڳَ کي جاڳائي، واٽَ ڏسنِ ويساهَ جي.

(٣١)

ساڌو سَڌَ ڪَري، سارَ لکائِنِ سَڀَ کي،
ٻَرَمُ ڇڏي ڪو ٻاڳوانُ، ديکيا مَنِ ڌَري،
ڏِسِي پَنهِنجو پاڻَ کي، نِرمَلَ نيڻَ ڀَري،
پَلَڪَ نـَ ٽٽي پَري، سامي تنهن کون سُپرين.

(٣٢)

ڏسي ڇڏائِنِ، تا ڪَرِمَ ساڌو جَنَ سِڪَ کي،
جُڳَتِ سان جوڙي ڪَري، اَنتَرِمکَ لائِنِ،
اَوِديا ڪوٺَ جَنَمَ جي، مَنَ مون مِٽائِنِ،
سامي لکائِنِ، آتمَ پَدُ اکِنِ سان.

(٣٣)

سَهَجي کُليو ڪِواڙُ، سُرتِ سَمائِي نِرتِ ۾،
جوتِ ڏِٺي جڳديسَ جي، حدَ بيحدَ نِرَڌارُ،
سَنسو سوکُ مِٽي وِيو، پائي پَدُ اَپارُ،
ٿِئڙو جڳِ جَئِڪارُ، سامي ساپُرسَن جو.

(٣٤)

سَبَ جي پُڄائِنِ، سامي اِنچا ساپُرِسَ،
خالي ڪَنهِن کي ڪِينَڪِي، مَرِدَ موٽائِنِ،
ڏِسي ياءُ اَندرَ جو، پاندُ پَلَئِه پائِنِ،
سيوَڪَ کون لاهِنِ، اَوِديا پَٽُ اَندَرَ جو.

(٣٥)

چَوَنُ مَنجهِ چَونِ، تا ساڌو سُڌ سَروپَ جي،
مَنَنُ ڪَڍي مَنَ مون، ڪي گرمکَ سَمُجَهنِ،
سي سامي سَدا رَهَنِ، بُڌ وَرائي بوڌَ ۾.

# سلوڪ ساڌ مهما (ب)

(١)

جاچي سڀُ جهانُ، ڏٺمِ ٻُڌِ وِويڪَ سان،
سامي آهي ڪونهَ ڪو، ساڌو جَنَ سَمانُ،
جنهن سَهَجي مَنُ سيتَلُ ڪيو، ڏيئي آتَمُ گيانُ،
سَدائي قُربانُ، وَيحان تَنهن جي نانوَ تون.

(٢)

پندِتَ پُڪري، سارُ لکائِنِ سَڀَ ڪي،
سامي سمُجهِي ڪو سورِمو، هِرِدي مَنجهه ڌَري،
لاهي چِتِي سِرَ تون، پَرِچِنَ پِنڊَ پري،
سامي ڏسِي تَري، پَرِتکِ پورَنُ آتَما.

(٣)

هَرِجَنَ ڪڍِي هَٿُ، ويئا سؤدي سارَ جو،
سَمُ رکيائون ساهمي، سَمُ رکيائون وَٿُ،
وَٿِي کو ويساهَ سان، نيهِي نهَ ڪَپَٿُ،
پَرَميسَرُ پَرگهٽُ، سَتَهَ ڏِسِي، سامي چَئي.

(۴)

هَرِجَنَ ڪَدِي هَٿُ، وِيٺا قَلعيگَرَ جو،
مَنَ کي ڏيئي مُسڪِلو، لاهِن ڪَلِپَتِ ڪَٽُ،
سامي ڏيکارِنِ ڏِيلَ ۾، پَرِميسَرُ پَرگهٽُ،
تَنِ جي مِحنَتَ مَٽُ، اَچي ڪِينَ عَقلَ ۾.

(۵)

هرِجَنَ هَٿُ پَٽي، وِيٺا سَودِي سارَ جو،
وَٺي کو ويساهَ سان، سامي سِرُ سَٽي،
پانُ وَرائي پانَ کي، ڏِسي کيپَ کَٽي،
ڪَلِپَتِ سَبَ ڪَٽي، اِستِتِ ٿِئي آڪاسَ جان.

(٦)

ڪيوَلَ ڪلولِي، ساڌو جَنَ سَنسارَ ۾،
جَنِ کي ڏِني سَتِگُروءَ، اَنَيئِه اَمولِي،
سَٽي وڏائون سِرَ تون، پَرِچِنَ پِندَ پولِي،
هميشَ هولي، سامي ڪَنِ سَروپَ سان.

(٧)

آئي کي آدَرُ، شَرِڌا سان ساڌو ڪَري،
مِٺيو جَنهن جي مَنَ مون، مَمَتا موهُ مَڪَرُ،
ڏِسي عينَ اَڪاسَ جان، پورَنُ پَرِميسَرُ،
سَدا اَجَرُ اَمَرُ، سامي رَهي سُياوَ ۾.

(٨)

ساڌو جَنَ سانجهو، ڪَنِ اُپَديشُ اَنَيِئي،
سَمُجهي ڪو سامي چَئي، مَحَبَتي مانجهو،
ڪَٿِيو جَنهن ڪرپا سان، لوڪائِي لانجهو،
رومَ رومَ رانجهو، هَرِدَمُ ڏِسي هيرَ جان.

(٩)

جئين ڪَنوَلَ ڪُلِي، ڪَنِ خَشِبوءِ خوشيءَ جي،
تِئين ساڌو ڏِيَن سَڀَ ڪي، اَنَيئِہ اَنَ مُلهي،
وَنُن وِڌِ ويساهَ سان، ڪي عاشِقَ اَصُلي،
مِيٺي ڪِلِپَ ڪُلي، سامي اَچَنِ سَنتوڪَ ۾.

(١٠)

جيڪو ڏکي جيءَ، سَرَنِ پَئي ساڌوءَ جي،
ميٺي تنهن جي مَنَ مون، سَهَجي سَنِسو سيءُ،
سامي لکائي لکَ سان، پَرِتڪ پورَنُ پيءُ،
چَوِي جيءُ نَہ تيءُ، پُٺي ڏيئي پانُ کي.

(١١)

ساڌوءَ سَرَنِ پِيو، جيڪو هاري هِتَ سانَ،
سَهَجي تَنهِن جو سَتِگُروءَ، ڪارِجُ سِڌِ ڪِيو،
ڏيئي ڪَنڌِ ڪَلَپِتِ کي، سامي سُکي ٿِيو،
بِنان ٻوڌ ٻِيو، ڏِسي ڪِينَ اڪِنِ سان.

(١٢)

ساڌوءَ جي سَرَني، لَکين لوڪَ تَري ويا،
سُکي تيا سامي چئي، وَچَنُ صافُ مَني،
پَرتِک ڏِسَنِ پانهنجا، ٻيڙا لڳا ٻَني،
ڪَبير، رَوِداسَ، ڏَني، ساکَ ڏِني سِرِني سَچي.

(١٣)

هَرِجَنُ حَضوري، اَچي مِليو اوچتي،
تَنهِن ڳالهِ ٻُڌائي ڳُجَهه جي، سَڀَ وَتي پوري،
سَمُجهي آئي جيءَ کي، سامي صَبوري،
نَظَرَ تي نوري، حاجَتَ رَهِي نَہ حَجَ جي.

(١٤)

ساڌو جَنُ سکي، مِليو ديسَ ملارَ جو،
تَنهِن جاڳايو زورَ سان، تيدي رَمزَ رکي،
سامي سِپَ سيتَلُ تي، بيحَدِ بوندَ چکي،
اَچي اَنَلُ پکي، اُلَٽي چَڙهِيو اَڪاسَ تي،

(١٥)

ساڌو جَنَ سگَمُ، مارِگُ ڏَسِنِ موکَ جو،
سامي رکيو ڪنهن سورَمي، ڪَلِپَتِ پارِ قَدَمُ،
ماري ڪيو جنهن مَنَ جو، پرلائو سَڀُ پَسَمُ،
گَهَر ۾ گهرُ گهورَمُ، پائي وِيٺو پاڪُ ٿي.

(١٦)

ساڌو جَنُ سَچارُ، اَچي مِليو اوچتي،
ڪَيو تنهن ڪرِپا سان، گِيانَ ڏيئي گُلزارُ،
رَهيو نـَ رَتيءَ جيترو، اَوِديا جو اَهنڪارُ،
سامي چٿي سنسارُ، لِئِ ڏِٺو سَڀُ لکَ ۾.

(١٧)

ساڌو جَنُ سَچارُ، ڪانڍِ نَـ ڪدي ڪَنهِن جي،
جَنهن کي ڏِني سَتِگُروءَ، اَنڀئـِ مَتِ اَپارَ،
سُتَهَ رَهي سامي چئي، ٻَٽيءَ تي هَسوارُ،
ٻولي اَمِرتُ سارُ، سِيتَلُ ڪَري سَڀَ کي.

(١٨)

ساڌو جَنُ سَچارُ، ڪَري ڪانَ ڪَلپَنا،
جنهن کي اَزِغَبي چَڙهيو، پورَنُ پريمَ خمارُ،
پَرِتکِ ڏِسي پيءَ جو، دَهَ دِسا ديدارُ،
ٻَٽيءَ تي هَسوارُ، سَدا رَهي سامي چئي.

(١٩)

ساڌو جَنُ سَچارُ، پاسي ٿئي نَـ پيءَ کون،
سَمُجهيو جنهن سامي چئي، سُپَني جو سَنسارُ،
رکي نَـ رَتيءَ جيترو، اَندرَ ۾ اَهنڪارُ،
جٺين بيحَدِ پارُ، وَرِتي وِڃِ نِڪيدَ ري.

(٢٠)

ساڙو جَنُ سُچکُ، کوڙنِ ۾ کو ھِکڙو،
مِٺيو جنھن جي مَنَ مون، سامي پَرِچَنُ پکُ،
خالي ڏِسي کونَہ کو، کَرِتا ٻاجھون ڪکُ،
تِي پورَنُ پارَکُ، وَرِتي وِڌِ ويچارَ سان.

(٢١)

ساڙو جَنُ سَچو، کَري اُپَديشُ اَنَيئِي،
سامي چئَي سَڀَ کي، اُلٽِي گھرِ اَچو،
کَڏي ٿِئي کِينَکِي،کَلِپَتِ مَنجِهِ کَچو،
رَھي رَنگ رَچو، سُتَہَ سُڌِ سَروپَ جي.

(٢٢)

ساڙو جَنُ سُجانُ، مِليو پورَنَ پُنيَ تي،
تنھين لکايو رَمزَ سان، چِٽو چيتَنَ يانُ،
خالي جَنھِن کان نانھِ کو، کَرِنِ ويدَ وکان،
اَندَرَ مون اَيِمانُ، چِڏي ڏسي کو سورَمو.

(٢٣)

ساڙو جَنُ سُجانُ، کَري کانَ کَلِپَنا،
ڏِٺو جنھن اکِنِ سان، چِڙھيو چيتَنَ يانُ،
آھي جنھن جي آسري، سامي سَماڌِ اُٿانُ،
مِٽي سَڀُ اُنمانُ، ماڻي مَوجَ مُکِتِ جِي.

(٢٤)

ساڌو جَنُ سپاهِي، ماري مَنَ مَواسَ کي،
جوڌا پَنجئي زورَسان، ڪَري ڏِيي جا ڳهائِي،
سامي ڇَلائي سَرِبَ ڳَت، عَدُلُ اِلاهي،
ڏَهَ دِسِ ڌُهائِي، ڦيري ڦُرني فَوجَ بِنِ.

(٢٥)

ساڌو جَنُ سُورو، سَدا رَسِي سَنگرامَ ۾،
ماري ڪائِي مَنَ کي، اَنيئہ اَجورو،
سامي ڏِسِي سَيَ ۾، پَرَميسَرُ پورو،
ڪٿو، لوئي، پُورو، چاڙِي اَصُلي اُنَ جو.

(٢٦)

راتِ ڏينهن جو ڦيرُ، ڏِسَنَ اَئون بُڌَنَ ۾،
سَمُجهي ڪو سامي چَئِي، ساڌو جَنُ سُميرُ،
پَرِچي لَڌو جَنهن پَدَ جو، پَرِچِنتا جو پيرُ،
ٿِي نِرَيئہ نِرويرُ، ڪَري عَدالتَ اَنيئي.

(٢٧)

تنهن کي چَونِ چَري، چَرِيا جيءَ جَهانَ جا،
جا لَنگهي چَڙهِي لَڪَ تي، طَمعَ تارَ تَري،
پيءُ ڏِلائِين پَڌِرو، پَڻِي دَرِسَ دَري،
سامي اَجَرُ جَري، مُشڪِي ڪُشڪِي ڪِينَڪِي.

(۲۸)

سَدا پاڪُ پُرِڪُ، وَرتي ويدَ ويچارَ سان،
دَيا ڏاري دِلِ ۾، سَڀ جو ميٺي ڏُڪُ،
ٻِيئي ٻِٽاري پِريمَ رَسُ، ماڻي سَمَتا سُڪُ،
سَدائي سَنَمڪُ، سامي رَهي سَروپَ جي.

(۲۹)

دوستَ جو ڏُٺارو، سُڄَ وَسَنوَ جي وِچَ ۾،
سامي پَهُچي ڪو ساڌُ جَنُ، ڀاڳوانُ ڀارو،
مِٽِيو جَنهن جي مَنَ مون، اَوِديا اَنڌارو،
لَکي لَکَ وارو، ماڻي مَوجَ مُڪتِ جِي.

(۳۰)

کُليو بيحَدَ باغُ، اَنيئِہِ جي آڪاسَ ۾،
سامي گُلَ سَڀَ رَنگَ جا، ڀڳتِ، جوڳُ، وئراڳُ،
سَئِلَ ڪَري ساڪي تِي، ڪو ساڌو جَنُ سُجاڳُ،
ڦُرني بنا ڦاڳُ، پَل پَل ڪيلي پاڻَ سان.

# سلوڪ ستسنگ مهما (الف)

(١)

آهِنِ اَگمَ اَپارُ، راهان رامَ مِلَڻَ جون،
تَنِ سَيِني ۾ هِڪڙي، ساڌَ سَنگتِ نِروارُ،
سامي مِلُ تَنهين سان، ڪَري پريمَ پِيارُ،
تَـ دوستَ جو ديدارُ، ڏِسين پيدَ پـرَمَ ري.

(٢)

اَتِي سَڀُ ڪَلياڻُ، پَرَمُ پُلائو دور ڪَرِ،
مِلي مَهَدَ جَنَنِ سان، چِنَ ماتِرَ پَدُ جاڻُ،
پَسي پانهنجو پاڻُ، تون سامي رَهُ سُياوَ ۾.

(٣)

اَتي سَڀُ ڪَلياڻُ، پَرَمُ پُلائو دورِ ڪَرِ،
مِلي ساڌَ سَنگتِ سان، سامي پاڻُ سُڃاڻُ،
اِها اَوِديا جاڻُ، پائڻُ پرَميسَرَ جو.

(۴)

دَر دَرِ ڪيمَ بُنداءِ، سامي سِڪَ پِرِيَنِ جي،
مِلي ساڌَ سَنگتِ سان، وائي سَپِ وِڃاءِ،
پائي گِياتَ گُروءَ جي، اَنتَرِ مکِ مَنُ لاءِ،
تَـ لُنوَ لُنوَ مَنجهه لَڳاءِ، مورَتَ محبوبَنِ جي.

(۵)

دَرِ دَر ڪيم بُڌاءِ، حَقُ حقيقيت ڳالِهڙي،
مِلي مَهَدَ جَنَنِ سان، جهاتي جَهروڪي پاءِ،
اَوِديا ڪُلفُ اَندرَ جو لِنوَ ڪُنجيءَ سان لاهه،
تـ لُنؤَ لُنؤَ منجهه لَڳاءِ، مُورت محبوبن جِي.

(٦)

اُها پوتي پَڙهُ، جنهن سان لَهِين اَلکَ کي،
مِلي ساڌَ سنگتِ سان، چِپَنَ چَونڪيءَ چَڙُهه،
اَوِدِيا مَنجهِ نَـ اَڙُ، سَمُجَهه ري سامي چئي.

(٧)

عَجائِبُ آهي، سَنگتِ ساڌو جَنَ جي،
اَوِدِيا مَيلُ اندَرَ مون، ڌوئِي سَپُ لاهي،
سامي لَڳائي، پانهنجو پانُ اَکِنِ سان.

(٨)

ڪُوڙا گهرِ گهاٽَ، مورِکَ مَنَ جي ياءِ تون،
مِلي ساڌَ سَنگتِ سان، وَٺُ ويساهون واٽَ،
تَـ ڪولي بَجَرَ ڪپاٽَ، ڪامِلَ ڏِيَني ڪَلَ سان.

(٩)

سامي جاٽِج چَلُ، ڪايا مايا ڪُلَ ڪي،
جئين سکُ سُپَني جو، مِرِگهه تِرِشنا جو جَلُ،
جاڳي ڪَڍي جيءَ مون، گُرگُمَ خامُ خَلَلُ،
ڪَري جَنَمُ سڦَلُ، مِلي ساڌَ سنگتِ سان.

(١٠)

ڪرين پُرِڪارَٿُ، مِلي مَهَدَ جَنَنِ سان،
مَمَتَ وِڃائي مَنَ جي، سامي تِئين سَمَرَٿُ،
تَـ آتَمُ پَدُ اَڪَٿُ، لوڙي لَهين گهرَ مون.

(١١)

سَبَ ڪون پَدُ اُچو، ساڌ سَنگتِ هَرِ يگتِ جو،
ڪوڙِنِ ۾ ڪو هڪڙو، سَمُجهي ساڌُ سَچو،
لايو تنهن مُرِچو، سامي سُپيرِيَنِ سان.

(١٢)

ڪيتري ڳٽيان، مَهِما ساڌَ سَنگَتِ جي،
سِڌَ ساڌڪَ جوڳي جَتِي ڳاوَنِ سَهَسَ ڦٽيان،
جَنِڪَ سَنِڪَ سُڪَديوَ دَتَ، سامي داسَ ٻَٽيان،
جَنِ کي واڪَ وَٽيان، سي سَيِيئي سُڌِريا.

(١٣)

لَکين لوڪَ تَرِيا، مِلي ساڌَ سَنگَتِ سان،
وَيجي پُڄُ تَنِين کون، جَنِين هِردي واڪَ ڌَرِيا،
سَدا رَهَنِ تَرِيا، سامي سيتَلَ جَلَ جان.

(١٤)

وَڏي وَڏائي، ساڌَ سَنگَتِ گُرَ گِياتِ جي،
ڪوڙِنِ مَنجهون ڪو هِڪڙو، سَمُجهي گُرَيائي،
جَنهن مِلي مَهَدَ جَنَنِ سان، کَلِ ڪَلِ مِٽائي،
سامي سَدائي، پَرِچو رَهي پاڻَ ۾.

(١٥)

پَرِچي سَيِيئي، ويا لوليءَ جي لاڏَ ۾،
ورلي ڪَنهِن گُرَمُکَ کي، سَمَ سُوجهي پيئي،
جَنهن سَنگَتِ ساڌوءَ جي ڪَئي، سامي دِلِ ڏيئي،
تنهن جي سَبَ ويئي، اَوِديا ڪَلپَتَ نِڪري.

(١٦)

كَنيو جَنهِن قَدَمُ، ساڌَ سَنگتِ ڏي سِڪَ سان،
مِنيو تنهن جي مَنَ مون، سامي چَئي سَبُ غَمُ،
مَحَبَتي مَحَرَمُ، سُرِجهي ٿِيو سَروپ جو.

(١٧)

جَنهِين دِلِ ڏيئي، سامي ساڌَ سَنگتِ ڪي،
تَنهن کي پَد اَگمَ جي، سَهجي سُڌِ پيئي،
پورا ڪَيائين پِريمَ سان، ساڌَنَ سيئي،
وِڌِ نِکيدِ ٻيئي، ميٽي ويٺو مَنَ مون.

(١٨)

جَنين نِرمَلَ مَتِ، وَدي ساڌَ سَنگتِ کون،
اَنَنَ آتَمَ رامَ جي، ڪَئي تَنِ ڀڳتِ،
سامي ٻُڌَنِ ڪينَ ڪي، جَڳَ نِندا اُستَتِ،
جڳتُ سَڀُ اَسَتِ، ڄِنائون جڳديسَ ري.

(١٩)

تَنهِن جي ڪيپَ ڪَٿي، سامي هِنَ سَنسارَ ۾،
جو مِلِي ساڌَ سَنگتِ سان، سَڀُ سيِاوَ مَٿي،
ڏِسي نيڻَ پَٽي، سَنَمکِ شاهَ صَرافَ کي.

(٢٠)

پِلي تِئڙا ڏِينهَن، آدي گهرَ اَپارَ ڪون،
پَوي سُڌِ سَروپَ جي، ڪِرِپا بِنان ڪِيئن؟
ڏَرِتي هَرِي نَہ ٿِئي، بِنان پاڻيءَ مِينهَن،
ساڌَ سَنگتِ جي نِينهَن، سامي ڪارِجَ سِڌِ ڪَيا.

(٢١)

ٿِئڙو جَنَمُ سَڦَلُ، مِلي ساڌَ سَنگتِ سان،
جاڳِيو سَهَجَ جَتَنَ ري، پُرِڪارَتُ پِرِبَلُ،
مِٽي ويئي مَنَ مون، سامي مَمتا مَلُ،
آتَمُ پَدُ اَچَلُ، پَرِچي لَڌو پاڻَ مون.

(٢٢)

اَچي جاڳِيو ڀاڳُ، ڪَنهِين پورَنَ پُنَ تي،
مِلي ساڌَ سَنگتِ سان، سامي ٿِيو سُجاڳُ،
لُنئَن لُنئَن مَنجهِ چِڙِي پِيو، سَهَجي نِرمَلُ ٿاڳُ،
پائي پَدُ اَنُراڳُ، ماهِلُ ٿِيو مَهراڻَ ۾.

(٢٣)

پورَنَ پُرَڪَ اُتي، مَتي ڳالهِ مَرَمَ جي،
سامي ساڌَ سَنگتِ جي، ڪَنئي جَنهِن جُتِي،
تنهن جي مَتِ ويساهَ سان، ٿِي اُتَمُ اَچُتي،
وَڃي دِرِشِٽِ ڪُتي، اَنيئِہ سُکَ آگَمَ ۾.

(٢۴)

پوهہ ساڌوءَ سنگ، پورو سَتِ گُرُ پاتٽي،
سامي مِلِي تَنهن کي، جَنهِن تي آگو رکي اَنگ،
سو پَوَ ساگَرَ جي پيڙ ڪون، پٽرو پارِ نِسنگ،
اَنيَءِ آتمَ رَنگ، لِڳو ڪوڙِن مَنجهون ڪَنِ کي.

(٢٥)

ڀاڳِن ڏِنو ڀَرُ، تَڏي جاڳِي سَمُجَهه اَندَرَ ۾،
ڪَيو ساڌَ سَنگتِ جو، اَدَبَ سان آدَرُ،
تَنهن پِياري زامَ رَسُ، ڪوليو ڏَسون دَرُ،
ميٺي ڏُکَ ڏَمَرُ، سامي مِليو سَروپَ سان.

(٢٦)

کَهڙي ڀيٽَ ڏَريان، سامي ساڌَ سَنگتِ کي،
هِيرا ماڻِڪَ مُوتي، ڪَنچَنَ ٿالَ ڀَريان،
پَٽَ پَٽيهَرَ، پاٻِريون، توشا ڍيرَ ڌَريان،
توٺي صَدِقي سِرُ ڪَريان، تان ڀِي پِڄي نَه پِريمَ رَتيءَ سان.

(٢٧)

اوراٿا آهِنِ، ڳالهِيون ساپُرِسَنِ جون،
مَمتا ميلُ اَندَرَ جي، ڌوئي سَڀُ لاهِنِ،
نِرمَلُ ڪَري مَنَ کي، پَدَ ۾ پَهچائِنِ،
سَڀَ گُهٽِ لَکائِنِ، سامي سُڀِيرَنِ کي.

(٢٨)

ڳالهِن مَنجهه آهِن، مِٺيون ڳالهيونَ ڳوٺَ جون،
ڏيئي ڏسَ سَڄَڻَ جا، ٺِيون سَڄَڻُ مِلائِنِ،
ڪورِيون سي لاهِنِ، سامي ڪَسُ اَندَرَ جي.

(٢٩)

توڙي نِتُ چئي، ڇهَ چارِ اَنارَهَن مکَ سان،
تَپَ تِيرَٿَ ساڌَنَ ڪَري، غفا مَنجهِ رَهي،
بِنان ساڌَ سَنگتِ جي، وَهَڻَ مَنجهه وَهي،
سامي ڪينَ لَهي، پُني ڏيئي پاڻَ ڪي.

(٣٠)

تَنهن جا سَڀِ پَرِوانُ، گيانَ ڌِيانَ جَپَ جوڳَ جڳ،
جَنهن مِلي ساڌَ سَنگتِ سان، ڏٺو پَنهنجو پاڻُ،
دُکَ سُکَ لايَ اَلايَ ۾، رَهي ٿابوتيءَ سانُ،
جاڻي سَڀُ ڪَلِيانُ، سَدائي سامي چئي.

(٣١)

ٻِيا سَڀِ ڪَمَ ڪوڙا، ساڌَ سَنگتِ هَرِيڪتِ ري،
سامي سَمُجهِن ڪِينَڪِي، مورکَ مَتِ موڙِها،
ڪي ڳُرَمکَ ڳُوڙها، پَرِچا پاڻُ ڪَدِي ڪَري.

(٣٢)

ٻي سَڀ اَٽي سُجَ، ٻنان ساڌَ سَنگَتِ جي،
مرگھ ترِشنا جي جَلَ مون، سامي لھي نہ اُڃَ،
جاڳنِ پورَنَ پُڃَ، تہ ساڌو سڪَ ساگرُ ملي.

(٣٣)

ٻنان ساڌَ سَنگَتِ، سامي سُڌِريو ڪونہَ ڪو،
جاڳي ڪَڍُ اَندرَ مون، ٻي سَڀ مَمِتا مَتِ،
پائي گيِاتِ گُروءَ جي، ڪَرِ اَپيدَ ڀڳتِ،
تَہ ساکي ڏِسين سَتِ، چيتنيءَ ۽ ڪُنچَرَ ۾.

(٣٤)

ڪوہُ ڪَرين اَپياسُ، تو مورِڪَ مايا موہَ جو؟
سامي سَپيئي ڪَيا، جَنهن رِڻَ ۾ رولي ناسُ،
ملي ساڌَ سَنگتِ سان، ڪَرِ ٻاريءَ مَنجھ نِواسُ،
تَہ چيتَنَ چِدَ آڪاسُ، ڏِسين پانهنجي گھرَ ۾.

(٣٥)

مورِڪَ ڪوہُ مَرين، تو اَوِديا جي اَهنڪارَ ۾،
ملي ساڌَ سَنگتِ سان، سَربَ تياڳُ ڪرين،
سامي اَجَرُ جَرين، تَہ سَنمکُ ڏِسين سُپِرين.

(٣٦)

مورڪَ ڪوهُ پَڇين، تو اَوِديا جي اَهَنڪارَ ۾،
مِلي ساڌَ سَنگتِ سان، رَنگَ ۾ ڇونـہ رَڇين،
اَهِڙو داءُ اَچي، موتي ٻَٽَندءِ ڪِينَڪِي؟

(٣٧)

ڇاڪي تو سورين، سُمرِتِيون سَمُجَهه ري،
ساڌَنَ سُپيرينَ ري، اَٿي سَڀِ اوري،
مِلي ساڌَ سَنگتِ سان، ڪَلپَتَ ڪَڍُ ڪوري،
تـہ جهُولين هِندورين، سامي اَنيـئہ سارَ جي.

(٣٨)

وَڃي پَؤُ ڪِري، سامي ساڌَ سَنگتِ ۾،
ديکِيا وَٺي دِلِ سان، لَنگهي گهاٽُ گهِري،
تـہ سَهَجي جڳُ سُپَني جو، وَڃيئي وِسِري،
اَچين ڪِينَ ڦِري، جَنَمَ مَرَڻَ جي دُکَ ۾.

(٣٩)

ڇَڏِ وَڏائي واءُ، ڪايا مايا ڪُلَ جو،
سامي ٿِيندءِ ڪونَڪو، هَرِ بِنان هَمراهُ،
مِلي ساڌَ سَنگتِ سان، ساڃهرِ ڪَرِ سَماءُ،
اَهِڙو دِلِبَرُ داءُ، موتي ايندءِ ڪِينَڪِي.

(۴۰)

نانا بيکَ مَ ڏارِ، مورکَ مَنَ جي ڀاءِ تون،
ڪونہَ ٻُڌوسي ڪاٿئين، ڦِينڻَ لَنگھايو پارِ،
مِلي ساڌَ سَنگتِ سان، اَوِديا ڀَرَمُ نِوارِ،
جاڳي پاڻُ سَنڀارِ، تہ سکي ٿِئين سامي چئي.

(۴۱)

هِيرو جنَمُ نہ هارِ، مورکَ مَنَ جي ڀاءِ تون،
مِلي ساڌَ سَنگتِ سان، اَوِديا ڀَرَمُ نِوارِ،
پانھِنجو پاڻُ سَنڀارِ، تہ سکي ٿِئين سامي چئي.

(۴۲)

مُورکَ ڪِينَ ڏِسَنِ، سَنَمکُ سُپِيرِيَنِ کي،
اَوِديا جيءَ اَنڌا ڪَيا، ڏِنو پَٽُ پِرِيَنِ،
ڀَرَمَ مَنجهِ ڀُلي ڪَري، ٿا ڀَنا نِتُ ڀَڙَهَنِ،
تَپَ تِيرَٿَ بِرِتَ نيمَ، جڳ جُهڌُ ڪَيو جاڳَنِ،
غُفا ٻَنَ پَهاڙَ ۾، ٻُکَ اُڃَ ڏُکَ سَهَنِ،
نانا بيکَ ڏري ڪَري، ٿا ديهہ اَمولَ ڏَهَنِ،
بِنان ساڌَ سَنگتِ جي، سَڀِ وَهَڻُ مَنجهِ وَهَنِ،
ڪي لکايا لَهَنِ، سامي سُپِيرِيَنِ کي.

(۴۳)

ترِشِنا تارِ نَدي، سَدا وَهي تِکَ تاوَ سان،
تَنهِن ۾ واڳهو ڪَچَ مَڇ، سَهَسين سَنپَندي،
سامي وِجهين ڪِينَڪِي، تون پانهنجو پاڻُ ٻَندي،
ڪيوَل هِڪَ ڪَندي، وَلِين ساڌَ سَنگتِ جِي.

(۴۳)

سَودا سَيِئي، ڪَري ڏِلَمَ رامَ ري،
ڪنهين ڪَٿيو ڪِينَڪِي، ڪيپَ ڪُٿي پيِئي،
سامي ساڌَ سَنگتِ سان، مِليُس مَنُ ڏيِئي،
سُتَمِ سُدِ پيِئي، ويِئي ڪوتِ کُواري نِڪري.

(۴۵)

تَڪي بيِنُس تَڙَ، ڪنهن پارِ لَنگهايو ڪِينَڪِي،
بيڪَ ڳِرِستي لوڪَ سَڀِ، سامي سُورَ سگهڙَ،
تَڪِي ساڌَ سَنگَتِ جِي، لِنوَ سان وَدِيَم لَڙَ،
سَهَجي اَوِدِيا اَڙَ، مِٽي ويِئي مَنَ مون.

(۴۶)

رَهِئسِ سَڀ پِتِڪي، بيڪَ پَنٿَ جوڳِي جَتي،
ڪَنهِين لاتي ڪِينَڪِي، مَمتا جي مَتِڪي،
ڪَنهِين پُورَنَ پَنَ تي، اَچِي ساڌوءَ سان اَٽڪي،
سولائي چِتَ چَٽِڪي، سامي ڪَٿي وِيو سيرَ ۾.

(٤٧)

ڪَري اُپاوَ تَڪِي، مَيلُ نَہ مِٽي مَنَ جي،
سامي ساڌَ سَنگتِ جي، سَچي اوٽ تَڪي،
تَنِ راهَ لِکائي لَکَ سان، پيراڏِنِ پَڪي،
ڏِسي دَرَسُ چَکِي، بوندَ سَمائي سِندُ ۾.

(٤٨)

تيئي لوڪَ رُلي، سانت نَہ آئي جيءَ کي،
مِلي ساڌَ سَنگتِ سان، اَوِديا ڳَنڍِ کُلي،
ويئي ياسَ پُلي، سامي ڇَئي سَنسارَ جي.

(٤٩)

سدائي سيتَلُ، سَنگت ساڌو جَنَ جي،
ڪوري سَڀَ قَلوبَ مان، ڪَڍي مَمتا مَلُ،
جوڙي جوت سَروپ سان، سامي ڪري من اَچَلُ،
چڙهيو جنِ عمل، واقفُ سي وِرونهَن جا.

(٥٠)

ڪري وَٿُ اُپاءُ، اَوِديا روڳَ اَسارَ جو،
موتي ايندءُ ڪِينَڪِي، اَهڙو اُتَمُ داءُ،
ملي ساڌَ سَنگتِ سان، اَنيَئِہ اَوکَدُ کاءُ،
تَہ سامي نانا ياءُ، مِٽي وَڃيئي مَنَ مون.

(۵۱)

کَري سَمَ صِدِقُ، مِلين ساڌَ سَنگتِ سان،
جي توکي پياس پَسَڻَ جي، تہ سِپَ چاترڪَ جان سِڪُ،
پائي بوند اَنيئِي ڪرِ لوڪنِ ڪون لِڪُ،
تہ اَندَرِ باهَرِ هِڪُ، سامي ڏِسين سُپرين.

(۵۲)

ڪَهڙيءَ ڀڳتِ تي، مِلي پِيارو پانهنجو،
شيوا پوڄا ساڌنا، پُڇي ڪينَ تِتي،
جَپَ تَپَ جوڳُ ڪَري رَهيا، ڪَلَ نہ ڪَنهين کي،
سامي پَهتا سي، جَن جو ساهُ سَنگت ۾.

(۵۳)

ڪنهن جي ڪينَ وَيڃي، ڪَلپِتَ ساڌَ سَنگت ري،
اِها ڳالهِ اَنيئِي، ڪو ڳُرمکُ هِڪُ ميڃي،
جيڪو ڀول ڀڃي، سامي سَنتَنِ سان مِلي.

(۵۴)

ڪَنهن وِرلي وَڃايو، نگارو نِرڀاڻَ جو،
جَنهِن تي ساڌَ سنگت جو، سامي ٿيو سايو،
اُلٽي گهرِ آيو، چاهَ وِڃائي چِتَ جي.

(٥٥)

سُوڌي سَنگُ ڪَري، سامي سَچارَن جو،
سدا جَن جي منَ ۾، محبَتَ مَچ ٻري،
سُتَه سِڌِ سَروپَ ڪون، پَلَڪَ نہ ٿئن پَري،
ڏِئَنِ ٻَنڌارَ ٻَري، سَيَڪَنهن کي سُکَ جا.

(٥٦)

اَچي هِن اَوسَرِ، جيڪو پريتِ پَڪيءَ سان،
وَنِي وَيحان تنهن جَن کي، پَرِ ڇي پَنهنجي گهرِ،
چاڙهي پريمَ چوڏولَ ۾، ڪَريان سَيني ڪون سَرِ،
حاضُرُ ڏِسي هَرِ، سامي ٻيڏَ ٻَرَمَ ري.

(٥٧)

سڌِنِ سَودائي، تنهن کي جيءَ جَهانَ جا،
جنهن سُتهِ ساڌَ سَنگَتِ جِي، رَجَ مَستِڪ لائِي،
چَڙهيو اَنيَئہ اَچَ تي، ويحائي وائي،
سامي سَدائي، سَنَمُڪُ ڏِسي سُپِرين.

(٥٨)

چَونِ لوڪَ چَريو، آءُ سِياڻو سَنرو،
مِلي ساڌَ سَنگَتِ سان، ڪارجُ سَبُ سَريو،
ڏِيو جوتِ اَگَمَ جو، ٻِيائيءَ ٻِنان ٻَريو،
سامي ڏِسي ٺَريو، پنهنجي اَکِين پاڻَ کي.

(٥٩)

جوڳي بيراڳي، پَنٿَ سَناسي سيوڙا،
تَنِ مون کو هِڪڙو، سامي وَڏ ڀاڳي،
جَنهِن مِلي ساڌَ سَنگَتِ سان، مَمتا مَتِ تياڳي،
ڏنائين جاڳي، پانهنجي اکين پاڻَ کي.

(٦٠)

مَنيو جَنهن وَچَنُ، سامي ساڌ سَنگَتِ جو،
ڪَري وَسِ ويساهَ سان، ويٺو مَنُ پَوَنُ،
سَهَجي تنهن سيوَڪ تي پِرِيُو ٿِيو پَرِسَنُ،
جاڳِي پَنهنجو جَنُ، پَلَڪَ پَرانهون نَہ ٿِئي.

(٦١)

مَري جَنهن مَجو، وَتو ساڌَ سَنگَتِ جو،
سو سَتَهِ سِدِ سَروپَ جو، چَڏي ڪِينَ چَجو،
ملي ڏنائين لَکَ ۾، سامي جَڳُ سَچو،
سَدا رَهي رَچو، ڪرَي نَہ بيکَ بکِيَنِ جان.

(٦٢)

ايڪِتا ري اَنَنُ، ڪونَہ ٻڌوسي ڪاٿَئِين،
مِلي ساڌ سَنگَتِ سان، جَنهِين جِيتيو مَنُ؛
سو پائي رامُ رَتَنُ، سامي چَڙِهيو سِيرَ تي.

(٦٣)

اَچي پئڙو رُکُ، جَنهِن جو ساڏَ سُنگَتِ سان،
مِٺيو تَنهِن جي مَنَ مونْ، سامي سَنسو ڏُکُ،
پَرچي ڏِٺائين پانڻ ۾، اَنيَئِہ آتَم سُکُ،
سَدائين سَنَمُکُ، رَهي رَمِتا رامَ ۾.

(٦٤)

جيڪو جَنُ ڪَري، سودو ساڏَ سَنگَتِ سان،
هَلي ديسَ اگمَ ڏي، اَنيَئِي بارَ پَري،
واٽَ جگاتِي ڏَرَمَ راءِ، تنهن کي ڏِسي ڏَري،
اُلٽي پيٽَ ڏَري، سامي سِرَڏا پِريتِ سان.

(٦٥)

جيڪو پانُ چَڏي، اَچي ساڏَ سَنگَتِ ۾،
سامي تنهن کي سَتگرو، پَرِچي گَڏُ گَڏي،
اَنيَئِہ سانُ اَڏي، سارُ لڪائي سَڀَ ۾.

(٦٦)

جيڪو پِيو ڪَرِي، سامي ساڏَ سَنگَتِ ۾،
مِليو تَنهن مائِل کي، سُتَهِ سِڌِ سُپِري،
سامي سُکَ سَنسارَ جا، وِيَس سَڀِ وِسِري،
اَچي ڪينَ قِري، جَنَمَ مَرَڻَ جي ڏُکَ ۾.

(٦٧)

جيڪو پَئي ڪِري، سامي ساڌَ سَنگَتِ ۾،
تنهن کي ڳَل لائي ڪن ڳوٺ جو، پَسي نِتُ پِري،
اَچي ڪينَ ڦِري، جَنَمَ مَرَڻ جي ڏُکَ ۾.

(٦٨)

جيڪو سَرَنِ پيو، اَچي ساڌ سَنگَتِ جي،
سَهجي تَنهِن شيوَڪَ جو، ڪارج سِڌِ ٿِيو،
ڏِسي ڪينَ ٻِيو، سامي سُپيرِيَنِ ري.

(٦٩)

جيڪو سَرَنِ پَئي، سامي ساڌَ سَنگَتِ جي،
سو آتَمَ پَدَ اَگمَ جِي، سُتَهِ سَنڌِ لَهي،
راتِيون ڏينهنَ رَهي، اَرڌ اُرڌَ جي وِچَ ۾.

(٧٠)

جيڪي سَرَنِ پِيا، سامي ساڌَ سَنگَتِ جي،
تنِ جا پُوري سَتِ گُروءَ، ڪارِجَ سِڌِ ڪَيا،
ويري مِترَ ٿِيا، مَمَتِ نَہ رَهِي مَنَ ۾.

(٧١)

جيڪو لِنوَ لائي، سامي ساڌَ سَنگتِ سان،
سو ڳِتِي ڪَڍِي مَنَ مون، پيرُ اڳي پائي،
جِئڻَ مَرڻَ ڏکَ سکَ جو، سنسو مِٽائي،
سَهَجي سَمائي، اَنيڪ آتمَ پَدَ ۾.

(٧٢)

جنِ کي پريمَ پِياسَ، اَچي اَزِغيبي لڳِي،
سي سامي سَدائي رَهَنِ، مايا مَنجهِ اُداسَ،
مِلي ساڌَ سَنگتِ سان، ٿيا داسَنِ جا داسَ،
ڪَٽي اَوِديا ڦاسَ، سَبَ گهٽِ ڏِسَنِ سُپرِين.

(٧٣)

جنِ کي لڳِي لوڙ، سامي سُپيرِيَن جي،
سي مِلي ساڌَ سَنگتِ سان، عاشِقَ اورِنِ اورَ،
پريتِ وَڌائي پانهِنجي، ماٽِنِ دَرسَنِ دورَ،
جئِين نَچَنِ مورَ، ٻُڌي گَرِجَ گَگَنَ جي.

(٧٤)

جَنهِن کي ٻاڻُ لڳو، سامي ساڌَ سَنگتِ جو،
تنهن اُلٽي اَنتَرِ مکِ ٿي، پَنهِنجو پولُ پَڳو،
چَڙِهيو اَنيڪ اَچَ تي، وِڪِٽي ڍورُ ڍڳو،
پِيڇو ۽ اڳو، جاڻي سَبُ سَجَڻَ جو.

(٧٥)

جَنهن کي لَبيتيو، اَچي عَشق عَجيبَ جي،
تَنهِن مِلي ساڌ سَنگتِ سان، سَنسو سَڀُ ميٽيو،
کَهڙي پانهنجي گهرَ ۾، پُورَنُ پَدُ پيٽيو،
سُکي تي ليٽيو، سامي سُکپَتِ سيجَ تي.

(٧٦)

جَنهن کي آيو ساءُ، سامي ساڌ سَنگتِ جو،
اَچي لَڳو تنهن جو، سَهَجي دِلبَرُ داءُ،
ميٽي دُتيا ڀاءُ، سَڀَ گهٽِ ڏِسي سُپرين.

(٧٧)

جَنهن کي رَسُ آيو، سامي ساڌ سَنگتِ جو،
تنهن موڙي مَنُ مَرَمَ سان، اَنتَرِ مکِ لايو،
گُرَ گمَ سارُ سَهي ڪَري، سَنسو مِٽايو،
نَهيو نَهايو، سُکُ لَڌائين سَمَ جو.

(٧٨)

جَنهِن کي رَسُ آيو، سامي ساڌ سَنگتِ جو،
تَنهِن پَرِچي لَڌو پيچرو، نَهيو نَهايو،
سُتَهِ سَمايو، ساکيءَ سار سَروپَ ۾.

(٧٩)

جَنهن کي رَسُ آيو، سامي ساڌَ سَنگتِ جو،
سو گهرَ دَرَ سَبُ ڇڏي ڪَري، سڪَمِ سَمايو،
سَت گُرَ جو سايو، سَدا ڇانئي سِرَ تي.

(٨٠)

جَنهن کي آيو رَسُ، سامي ساڌَ سَنگتِ جو،
مِٽِي تَنهِن جي مَنَ مون، ڪوڙ جَنَم جي ڪَسُ،
نِرمَلُ نارائِنَ جو، ٻُڌي ٻولي جَسُ،
خاوندَ ٻاجهون خَسُ، خالي ڏسي ڪونڪو.

(٨١)

جَنهن کي رَسُ آيو، سامي ساڌَ سَنگتِ جو،
سو پِئي پِيالو پريم جو، ڏيئي سڀ سَروَنسُ،
گُرَ گمَ ڪَڍي جيءَ مون، ڪوري ڪَلپَتَ ڪَسُ،
ڳائِنِ تنهن جو جَسُ، ويدَ پُرانَ مِلي ڪري.

(٨٢)

جَنهن کي رَنگُ لَڳو، سامي ساڌَ سَنگتِ جو،
اُتي تنهِن جي گهرَ مون، اَوِديا ڀوتُ ڀڳو،
ڪَيائِين صافُ سَمُجَهه سان، پڇو ۽ اڳو،
وِڪِٽي دورُ ڏِڳو، سُتَهِ مِليو سَروپَ سان.

(٧٣)

جَنهن کي ڳالهِ وَڻي، سامي ساڌَ سَنگَتِ جي،
سو چَڙهيو اَنيَئِہ اَچَ تي، وَئي عَشِقَ اَٽي،
اُستَتِ نِندا ’لوکَ‘ جي، بيٺو سڀ کَٽي،
توڙي پِني پَنجَ کَٽي، تہ پي راجا رانولِ ديسَ جو.

(٧٤)

جَنهِين ڏيئي دِلِ، سامي ساڌَ سَنگَتِ کي،
سو پَرچي ڏِسي پورَبي، جُهڳي ۾ جهل مِل،
چَڙهي رَنگِ مَحَلِ، موجانَ کَري مَمَتَ ري.

(٧٥)

جَنهِن کي لَڳو ڦَلُ، اَچي ساڌَ سَنگَتِ جو،
مِٽيو تنهن جي مَنَ مون، سامي سَڀُ خَلَلُ،
سُتَهِ سِدِ سَروپَ کون، پاسي ٿِئي نَہ پَلُ،
اٿ ئي پَهَرَ اَچَلُ، رَهي پَنهنجي حالَ ۾.

(٨٦)

جَنهِن کي لَڳو ڦَلُ، سامي ساڌَ سَنگَتِ جو،
باهِ نَہ ساڙي تَنهِن کي، ٻوڙي سگهي نَہ جَلُ،
اَندَرِ باهَرِ نَبَ جان، رَهي اَليپُ اَچَلُ،
جاٽِي مايا چَلُ، چَڙهي ويٺو چَوڏولَ ۾.

(٨٧)

اَچي لَڳو ڦَلُ، ڪوٺَ جَنَمَ جي ڪَرَمَ جو،
مِلي ساڌَ سَنگَتِ سان، ٿِيو مانڪَ جَنَمُ سَڦَلُ،
ڏِنو هِنَ اِڪِن سان، آتَمَ پَدُ اچَلُ،
سامي اَوِديا مَلُ، ريڪَ نَہ رَهِي مَنَ ۾.

(٨٨)

اَچي لَڳو ڦَلُ، ڪوٺَ جَنَمَ جي ڪَرَمَ جو،
مِلي ساڌَ سَنگَتِ سان، ٿِئڙو مَنُ اَچَلُ،
مِٽائي خَلَلُ، سامي سُکِپَتِ روپُ ٿِيو.

(٨٩)

جَنهِين اوٺَ وَڌِي، سامي ساڌَ سَنگَتِ جي،
آتَمَ پَدَ اَپارَ جِي، تَنهِن سَهَجِي سُڌِ لَڌي،
ڇِڪي ڳَنڍِ ٻَڌي، سَچِي سِڪَ پِرِيَنِ جِي.

(٩٠)

جَنهِين پَلِيو پاڻُ، مِلي ساڌَ سَنگَتِ سان،
سو سامي رکي ڪِينَڪي، ويرُياءُ ڪَنهِن ساڻُ،
سَڀَ جو گُهري ڪَلِياڻُ، پِريتَمُ جاڻِي پانهِجو.

(٩١)

جَنهين دِلِ ڏيئي، سامي ساڌَ سَنگتِ کي،
سَهَجي سُبيرِيَنِ جي، تَنهِن کي سُڌِ پيئي،
سَنسا سَيئي، مِيٽي وِيٺو مَحَلَ ۾.

(٩٢)

جَنهين دِلِ ڏيئي، سامي ساڌَ سَنگتِ کي،
مِٽِيا تَنهِن جي مَنَ مون، سَنسا سَيئي،
ساڌِي چَڙهيو سِيرَ تي، اُروارُ پارُ ٿيئي،
دِرِشِٽِ وَجي پيئي، سُتَهِ سِدِ سَروپَ تي.

(٩٣)

جَنهين دِلِ ڏيئي، سامي ساڌَ سَنگتِ کي،
مِٽِيا تَنهِن جي مَنَ مان، سَنسا سَيئي،
سُتَهِ سِدِ سَروپَ تي، دِرِشِٽِ وَجي پيئي،
لوڪُ پَرلوڪُ ٿيئي، ساڌِي وِيٺو سَمَ تي.

(٩٤)

جَنهين پَرِچِي پَڪُ، ڪَنيو ساڌَ سَنگتِ ڏي،
سامي تَنهِن شيوَڪَ کي، ٿَڪِي نَہ اُوِديا ٺَڪُ،
ڪايا مايا ڪُلَ ۾، رَهي اَليپُ اَلَڪُ،
جيتِي سارو جَڳُ، پَهُتو پارِ پريَنِ کي.

(٩٥)

جَنهِين پَليو پاڻُ، مِلي ساڏَ سَنگَتِ سان،
تَنهن جو ويري ڪونَہ ڪو، صُلِحُ ٿي سَڀَ ساڻُ،
سامي سَدائي رَهي، نانا ڪون نِرَباڻُ،
گاوي راڳُ ڪَلِياڻُ، چَڙهي سَهَجَ سُميرَ تي.

(٩٦)

جَنِين ڪي گاسِي، پيئي ساڏَ سَنگَتِ جي،
لاٿي تن ڄِڇيءَ مون، سامي جَمَ ڦاسي،
گهِڙي لَڏائون گهرَ مون، اَلَکُ اَبِناسي،
وَڃي ٿِيا واسي، پاريءَ بيگمَ پورِ جا.

(٩٧)

جَنِين لِنوَ لائي، سامي ساڏَ سَنگَتِ سان،
تاتِ تَني جي مَنَ مون، مِٽي پَرائي،
رَهِي نَہ رائي، چِنتا چاهَ اَندرَ م۾.

(٩٨)

جَنِين لائي خاڪَ، سِرَ تي ساڏَ سَنگَتِ جي،
سَهَجي سُکُ سَروپَ جو، ماڻِن سي مُشتاقَ،
ٻُڌي تَنِ جا واڪَ، سَهَجي مَنُ سيتَلُ ٿِيو.

(٩٩)

جَنين لائِي خاڪَ، سِرَ تي ساڌَ سَنگَتِ جي،
سامي سکُ سَروپَ جو، ماڻِنِ سي مُشتاقَ،
مُڪتا ٿِيا مَنَ کون، تَنَ جا کولي تاڪَ،
ٻولِنِ اَنيَئِہ واڪَ، سُياوَڪَ سَنسي ري.

(١٠٠)

جَنِ سُڃاتو سَچُ، مِلي ساڌَ سَنگَتِ سان،
سَدا تَنِ جي مَنَ ۾، ٻَري مَحَبَتَ مچُ،
ڪَڍي ڪَلِپَتَ ڪَچُ، سامي چَڙهِيا سِيرَ تي.

(١٠١)

گُذري سا گُذري، باقي رَکُ رَهَتِ سان،
وَڃِي ساڌَ سَنگَتِ ۾، سامي پَئُہ ڪري،
تہ پَرِچِي پاڻُ پِري، ڪَٽِي وِنَني هَٿَ سان.

(١٠٢)

وِڌو جَنهِن سَٽي، پَنهِنجو پاڻُ سَنگَتِ ۾،
سو نڪي واڌي ۾ وَڌي، نڪي گهاٽي مَنجهہ گهٽي،
سامي سُمهِيو سيجَ تي، ڪَلِپَتَ سَڀ ڪَٽي،
ٻنان چيتَ چَٽي، سِلَ اَلُوٽي سَمَ جِي.

(۱۰۳)

رکيو جَنھِن ناتو، سِرَ تي ساڌَ سَنگتِ جو،
پڳتِ هارُ ڳچيءَ ۾، پوئي تنهن پاتو،
سامي سُپيرِيَن کي، سَڀَ گھٽِ سُڃاتو،
وائي نَہ واتو، شيوَڪُ تِي شيوا ڪَري.

(۱۰۴)

وِرلو ڪو ڄاڻي، مَرِدُ سِڪُ مَرَمَ کي،
جو مِلي ساڌَ سَنگتِ سان، پَسرِيو گھرِ آڻي،
هَلِي هَٽُ ڇڏي ڪَري، پڳوَنتَ جي پاڻي،
سُمهي پَٽُ تاڻي، سامي سُکَپَتِ سيجَ تي.

(۱۰۵)

وِرلو ڪو ڄاڻي، قَدُرُ مانڪَ ديھِ جو،
جو مِلي ساڌَ سَنگتِ سان، پَسرِيو گھر آڻي،
ڏِسي سَڀُ سَنسارَ کي، ڇاڻيءَ مَنجھِ ڇاڻي،
سامي سُڃاڻي، جاڳي پنھنجو پاڻَ کي.

(۱۰٦)

وِرلي ڪَنھِن ڄاتو، قَدُرُ مانڪَ ديھِ جو،
جَنھِن مِلي ساڌَ سَنگتِ سان، مُنھن مَڙھيءَ پاتو،
سامي ڇَئي سَروپَ کي، سَتَمِ سُڃاتو،
واري ڪَتُ ڪاتو، جيئندي وينو جَمَ سان.

(١٠٧)

وَلَ چَلَ سَبِ چَڏي، اَچِين ساڌَ سَنگَتِ ۾،
سَنتَنِ ساپُرسَنِ سان، جوڙي جيءُ گَڏي،
تَہ وِجَهني سَنت اَڏي، ڏِسي سِڪَ سامي چئي.

(١٠٨)

سَنّي جَنهِن وِڌو، پنهنجو پانُ سَنگَتِ ۾،
تَنَ مَنُ تَنهِن ساپُرِسَ جو، سَمُجَهہ مَنجهِ سِڌو،
سامي مِلِہ کِڌو، تَنهِن پَرَميشَرَ کي پِريتِ سان.

(١٠٩)

ساڌَ سَنگَتِ جي اوٽَ، وَڌِي جَنهِن ويساهَ سان،
ڪَنهِن جي چَلِي ڪانڪا، تَنهِن چيتَن تي چوٽَ،
سامي سَنّي سَمَ تيو، پاپَ پُڃَ جي پوٽَ،
تَنَ ۾ تيرَٿَ ڪوٽَ، ڪَري نِتُ ڪَلپَتَ رِي.

(١١٠)

ساڌَ سَنگَتِ جي اوٽَ، وَڌِي جَنهِن ويساهَ سان،
سامي چَلِي نَہ ڪَنهِن جي، تنهن چيتَن تي چوٽَ،
ڪَٽِي سَنِياڻِن سِر تون، پاپَ پُڃَ جي پوٽَ،
تَنَ ۾ تيرَٿَ ڪوٽَ، پَرِچِي ڪَري پِرِيَنِ سان.

(١١١)

ساڌَ سَنگَتِ ڏي پڳُ، ڪنيون جَنهِن خوشيءَ سان،
لَڌو تنهن لوچي ڪَري، ديسَ اَگمَ جو دڳُ،
سامي ٿِيو سَرِبگُ، پائي سڪُ سَروپَ جو.

(١١٢)

ساڌَ سَنگَتِ مون راهَ، جنهن سامي لَڌي سَچَ جي،
سَهَجي تَنهِن جي چِتَ مون، مِٽي چِنتا چاهَ،
ڪَنهِن جي رکي ڪِينَڪِي، پِرِيَنِ ري پَرِواهَ،
نِرمَلُ پَري نِگاهَ، سَنَمُڪُ ڏِسي سِپِرين.

(١١٣)

ساڌَسَنگَتِ هِڪُ پَلُ، ڪَئي جَنهِن ڪَلِپَتَ ري،
مِٽيو تَنهِن جي مَنَ مون، سامي سَبُ خَلَلُ،
اُٺَئي پَهَرَ اَچَلُ، پَرچو رَهي پاڻَ ۾.

(١١٤)

ساڌَ سَنگَت جو ڦَلُ، پارِي ڪَرَمَ ڪَلِپَ ڪون،
ڪَڍي سَبُ اَندَرَ مون، سامِي مَمِتا مَلُ،
ٿَتو ڪوٽُ جَنَمَ جو، ڪَري سَمَ سِيتَلُ،
آتَمَ پَدُ اَچَلُ، سَنتَ لَکائِنِ گهرَ ۾.

(١١٥)

سمجهي جَنهن صَلاحَ، سامي ساڌَ سَنگتِ جي،
وَڏي تنهن ويساهَ سان، اُلٽي اَنيئِـ راهَ،
جاڳي ڪَڍيائين جيءَ مون، ٻي سَڀ ڇنتا ڇاهَ،
ٻِنان ڪَلِپِتَ ڪاهَ، ڪَري پَهتو پَدَ ۾.

(١١٦)

سَمجهي جَنِين سَئِنَ، سامي ساڌَ سَنگتِ جي،
سي مَمَتَ مِٽائي مَنَ جي، ٿِيا اَوڌوتي عَيِنَ،
جاڌي ڪَٽِنِ نَئِنَ، تاڌي ڏسَنِ سُپِرين.

(١١٧)

سامي نِيتِ اَنيتِ، ڪوه ٻُڌِين تـو جيءَ ۾،
مِلِي ساڌَ سَنگتِ سان، اِها اَوِديا جيتِ،
پاڻُ ڪَڍي ڪَرِ پِريت، تـَ سَنَمکُ ڏِسِين سُپِرِين.

(١١٨)

سامي سَڀ وِڃاءِ، گهتِ وَڏِ ڄاڻَ اَندرَ مون،
گُرگَمَ سارُ سَهي ڪَرِي، لَئِن لُنئِن سان لِنوَلاءِ،
چڙهي نورَ مَحَلَ ۾، اَنيئِـ اَلکُ ڄڳاءِ،
نِرَيئِـ راڄ ڪَماءِ، مِلِي ساڌَ سَنگتِ سان.

(١١٩)

سامي سڀ وِسارِ، ليکا چوکا جيءَ مون،
مِلي ساڌَ سَنگَتِ سان، پَنهِنجو پانُ سَنيارِ،
تَہ دوساٽيءَ دَرٻارِ، خاصو خِلوَتَ دارُ ٿِئين.

(١٢٠)

سامي رَڃي ڪينَ، ساڌَ سَنگَتِ هَرِ ڀِڳَتِ مون،
رَهي سَدائين جَلَ ۾، جِئين پِياسي مِينَ،
پِنوَرُ نَہ پيدي گُلَ کي، مَري ٿِئي لِنوَ لِينَ،
مِرِگُ موهِيو رَسَ بِينَ، صَرِفو ڪَري نَہ سِرَ جو.

(١٢١)

سامي اَلَکُ اَپارُ، مَنَ ٻُڌِ واٽيءَ کون پَري،
وِياپِي رَهيو وِسُ ۾، سامي سِرجَنهارُ،
مِلي ساڌَ سَنگَتِ سان، تون ڪَرِ غُصي کي غارُ،
تَہ دوسِتَ جو دِيدارُ، ڏِسين مَنَ اکِن سان.

(١٢٢)

سامي شونقَ سَچِي، لکينَ هَزارين لَعلُ ڪيا،
مِلي ساڌَ سَنگَتِ سان، تون رَنگَ ۾ چو نَہ رَچِين،
موتي ٻَٽَندءِ ڪِينَڪِي، اَهِڙو داءُ اچي،
ناحَقُ ڪوهُ پَچِين، ٿو اَوِديا جي اَهَنڪارَ ۾؟

(١٢٣)

سامي سوئي جاڻُ، پهُتو پارِ سَمُنڊَ کون،
جو مِلي ساڌَ سَنگتِ سان، ڇڏي پنهنجو پاڻُ،
ساڪِي ڏِسي ساڻُ، اَندرِ باهرِ ڏهَ دِسا.

(١٢٤)

وَڏو جَنِ حِصو، سامي ساڌَ سَنگتِ مون،
ٻُڌو تَنِ پُرسَنِ جو، ڪَنَنِ ساڻُ قِصو،
پَرِچا رَهَنِ پاڻَ سان، ڪائِي مِنو تِرسو،
جي تَنِ جو دَرسُ ڏِسو، تَہ مڙيئي معافي ٿيو.

(١٢٥)

وِرلو ڪو جاڻي، ساڌَ سَنگتِ جي سُکَ کي،
سامي جَنهِن کي سَتِ گُرو، پَرِچي گهرِ آڻي،
مَوجان سو ماڻي، اَٺَئِي پَهَرَ عَجيبَ سان.

(١٢٦)

وِرلا ڪي پائِنِ، سامي سُکُ سَروپَ جو،
جي مِلي ساڌَ سَنگتِ سان، لِنوَ سَچي لائِنِ،
پَولو نَہ پائِنِ، نِرگُڻَ ۽ سِرگُڻَ ۾.

(١٢٧)

وِرلي جَنَ ڪَئي، ڪنهن بازي مَنَ مَواسَ ڪون،
جَنهن مِلي ساڌَ سَنگتِ سان، بيحَدِ بوندَ چَکي،
جيتي اَوِديا دَلَ کي، ڪَلپِتَ سَبِ ڪَٽي،
سَمُجِهي اَنپَڙي، آڪاٽي اَنيَو جي.

(١٢٨)

ياري پَٽُ پيو، اَڳِيون واجَ اَواجَ جي،
ساڪيءَ کي سامي چئي، تنهن جوڙي جيءُ ڪيو،
اَنَ هوندي دَرياهَ جي، وَهَ ۾ وَحي پيو،
جَڏي ساڌُوءَ سَنگُتيو، تَڏي جاڳي جُڙيو پاڻَ سان.

(١٢٩)

گُهمي گهرِ آيو، ڪِل ڪِل مِٽي ڪِينَڪِي،
مِلي ساڌَ سَنگَتِ سان، سَنسو مِٽايو،
تَنِ چِيتيءَ ۾ ڪُنجَرَ ۾، اَلَکُ لکايو،
سامي سَمايو، جَلَ پَپوٽو جَلَ ۾.

(١٣٠)

اِهو دانُ گهري، سامي ساڌَ سَنگَتِ ڪون،
سَدا مَنُ مَحَبوبَ جي، آڳِيا مَنجهِ تَري،
ڦُرِنو ڪونَہ ڦُري، اَوِديا جي اَهَنڪارَ جو.

(١٣١)

مَهِما ساڌوءَ سَنگَ جي، پَري ڪون پَري،
سيسُ سَلاهِي سَهَس مکَ، ويدُ وِمَلَ اُچَري،
بِرَهَما، وِشنُ، مَهيشُ مَهَدِ جَنُ، سامي ساکَ ڀَري،
ڪوٽَ اُپاوَ ڪري، مَنُ واٽي پَهُچي ڪينَڪي.

(١٣٢)

ڀاڳَنِ ڏِنو ڀَرُ، تَڏِي ساڌوءَ جو سَنگُ ٿيو،
جُهُڏُ جو جَنمَنِ جو، سو سَيو ساب پِيو،
سَنسو آتَمَ جيءَ جو، سو وڃان ئي ويو،
پِريَنِ پاڻَ ڪَيو، هي نَظَرُ نِماڻيءَ تي.

(١٣٣)

مَتي جاڳيو ڀاڳُ، تَڏِي ساڌوءَ جو سَنگُ ٿيو،
تَنهِن ڏيکاريو ڏيلَ ۾، آتَمَ سُکُ اَنراڳُ،
مُورِهيءَ لَڌو ماڳُ، جو اَصلي اڳِهين هئو.

(١٣٤)

سا پُرِسَنِ جو سَنگُ، سيتَلُ ڪَري سَڀَ ڪي،
ميٽي ڏِئي مَستَڪَ تون، وِرَڌاتا جو اَنڪُ،
وَيجي پُڄُ تنهين ڪون، جَنهِن کي لَڳو رَنگُ،
سامي ٿِي سَرِبَنگُ، وَرِتي وِڌِ ويچارَ سان.

(١٣٥)

ڏِٺي سَيائي سُجَ، ساڌوءَ ري سَنسارَ ۾،
مِرگھ تِرشِنا جي جَلَ مون، سامي لَٿِي نـَ اُڃَ،
جاڳِيا پورَنَ پُنجَ، تَڏِي ساڌوءَ جو سَنگُ ٿِيو.

(١٣٦)

ساڌوءَ سَنگَ سَمانُ، جَپُ تَپُ اَٿي ڪونڪو،
نَڪو جوڳُ جڳِتِ ڪا، نَڪو دانُ اِسنانُ،
نَڪو تياڳُ وَيراڳُ ڪو، نَڪو گيانُ ڌِيانُ،
سَڀُ اوري اَيمانُ، سامي پَدَ اَواچَ ڪون.

(١٣٧)

ٻِيا سَڀِ ڏيئي ٻَنِ، ڪَجي سَنگُ ساڌَنِ جو،
جي آئي ڪي آدَرَ سان، پَرِچي پَنهِنجو ڪَنِ،
جاتِ وَرَنَ ڪُلَ ڪَرَمَ ڏِي، سامي ڪِينَ ڏِسَنِ،
گَڏي گَڏَ چِڏنِ، سُتَهِ سِڌِ سَروپَ سان.

(١٣٨)

ساڌوءَ سَنگَ وِيو، اَوِديا سَنسو جيءَ جو،
جِئين پِرَنگيءَ ڪيٺ ڪي، جوڙي پِرَنگُ ڪِيو،
لوهو پارَسَ سان لَڳي، سامي سونُ ٿِيو،
پاٽيءَ مَنجھ پِيو، وَيجي ڪيلُوٽو ڪَنڌُ جو.

(١٣٩)

ساڌوءَ سَنگِ سَڙيو، سَنسو ڪوٺَ جَنَمَ جو،
اَندَرِ اوندَهه نَہ رَهي، مانو سورُ چَڙهيو،
سامي اَنَ گهڙيو، ديوُ ڏِٺوسي ديهه ۾.

(١٤٠)

ساڌوءَ سنگِ چُڪي، چاهَ سَيائي چِتَ جي،
سَوداگَرَ ساپُرسَ جِي، اَچي ڪيپَ ڏُڪي،
اَوِديا سِندُ سُڪي، سامي سَمَ ويساهَ سان.

(١٤١)

ساڌوءَ سَنگِ پاتي، جيوَنَ پَدَوي جَڳَ ۾،
مورَتَ مَحَبوبَنِ جِي، سَيَ گهٽِ سُجاتي،
مَنِسا مَدَ ماتي، سامي سَدائي رهي.

(١٤٢)

ٺَئڙو ساڌوءَ سَنگُ، پيا سَيِ سَنگَ ڇَڏي ويا،
اَچي اَزغيبي لَڳو، لُنوَ لُنوَ آتَمَ رَنگُ،
مَمَتَ مِٺائي مَنَ جِي، سامي رَهي نِسَنگُ،
ڇاڪي ڳُهمي جهنگُ، جَنهِن گهرِ لَڌا سُپرين.

(١٤٣)

ساڏوءَ سَنگ تِيو، تَڏي مَيلُ نہ رَهِي مَنَ ۾،
سامي سورِجَ کي ڏِسِي، پاسو تَمَ ڪِيو،
پاڻيءَ مَنجِهه پِيو، جِئين ڪيلوٽو کَنڊُ جو.

(١٤٤)

ساپُرسَنِ جو سَنگُ، ڪَري سِڪَ سَچيءَ سان،
موڙي مَنَ پَوَنَ کي، ڏِوَ سان وِجهِي ڏَنگُ،
نَڪي ڦِري ڏيهُرا، نَڪي ڦِري جَهنگُ،
لائي وِهي رَنگُ، سُتَهِ سِڌِ سَروپَ سان.

# سلوڪ ستسنگ مهما (ب)

(١)

وَيجي سَبَ وَهَندِي، خَلقَ خامَ خِيالَ ۾،
سامي لَڌِي ساڌَ سَنگ، ڪَنهن ڪِرِپا سانُ ڪَندِي،
پَهتُو پورَنَ پَدَ ۾، قابُو ڪَمَر بَندِي،
دَيا دَرِدَوَندي، مُڪِ رڪي مَوجان ڪَري.

(٢)

ڪوڙي وَڏائي، ڪايا مايا ڪُلَ جي،
ڇَڏِي تِئي چَلَ وَلَ سان، پَلَ ۾ پَرائي،
سامي جَنهِن ڪي ساڌَ سَنگ، اَنيَئِ ۾ آئي،
تَنهن جاڳي لِنوَ لائي، پانُ ورائي پانَ سان.

(٣)

ساڌوءَ سَنگِ سَهيپُ، پَرِچي ڪَيو جَنهن پانهِنجو،
ڪَڍيو تَنهن ڪَلِپَتِ جو، سامي لَئِہ وِڪيپُ،
نَيَ جان رَهي اَليپُ، سَدا وِديهِي ديهِ ۾.

(۴)

ساڏوءَ سَنگُ ڪَري، جيڪو سِڪَ سَچيءَ سان،
سَهَجي سو سامي چَئي، اَوِديا سِندُ تَري.
اَندَرِ باهَرِ آتَما، ڏسِي اَجَرُ جري،
موتِي ڪينَ مَري، پورَنُ پائي پَدَوي.

(۵)

ساڏوءَ سَنگُ ڪري، جيڪو سِڪَ سچيءَ سان،
سَهَجي سو سامي چَئي، اَوِديا سِندُ تَري،
اَندَرِ باهَرِ آتَما، ڏِسِي نينَ پَري،
موتي ڪينَ مَري، پائي پورَنَ پَدَوي.

(٦)

سا پُرسَنِ جو سَنگُ، ڪَيو جَنهن ڪَلِپَتِ ري،
مِنِيو تنهن جي مَنَ مون، اَنَ هوندو آهَنگُ،
وِنو وِچ بَزارِ ۾، پائي پِريم پَلَنگُ،
بي رَنگيءَ جو رَنگُ، سُتَهَ ڏسي سامي چَئي.

(٧)

سا پُرسَنِ جو سنگُ، ڪَرين سِڪَ سَچيءَ سان،
ڪايا مايا ڪُلَ ڪون، تي نِرِبانُ نِهَنگُ،
تَ وِهارِني وِچَ ۾، پائي پِريمَ پَلَنگُ،
بيرَنگيءَ جو رَنگُ، ستھ ڏِسِين سامي چَئي.

(٨)

جَنهِن کي پَرَمَ پارِسُ، لَڳو سَنگُ ساڌوءَ جو،
سو ڪيوَلَ ڪَنچَنُ ٿِيو، ڇَڏي مَمِتا مِسُ،
سَدا رَهي سامي چَئي، خُلاصو خالِصُ،
جاڳي ساري وِسُ، چِمِتڪارُ چيتَنَ جو.

(٩)

ڏِٺي جَنهِن چَئي، سِلَ اَلوڻي ساڌَ سَنگِ،
پَرِچي سو پورَنُ ٿِيو، سامي سَبُ وَٿي،
نَڪي واڌي مِ وڌي، نَڪي گهاٽي مَنجهِ گهٽي،
ڪَلپِتَ ڪالُ ڪَٽي، سُمِهيو سُکَپَتِ سيجَ تي.

(١٠)

پَرِچي پاءُ گهڙي، جَنهِن مَجلِسَ ڪَئي مُئَنِ سان،
تَنهِن کي اَمَلَ اَپِيدَ جو، وِيو خُمارُ چَڙهي،
پائي وِيٺو پَدَ مِ، سامي مَوَجَ مَڙهي،
لائي ڏِيان ڏَڙي، پَلِ پَلِ ڏِسي پاڻَ کي.

(١١)

ڪَيو جَنهِن سَتِ سَنگُ، پاڻُ ڪَڍي پَرَتيتِ سان،
سَهَجي تَنهن کُرمکَ کي، لَڳو آتَمَ رَنگُ،
پائي سُکُ سَروپَ جو، ٿِيو سيتَلُ سَرَبَنگُ،
سامي گهرُ اَئون جَنهگُ، سَمَ ڏِسي سَنسو ڪَڍي.

(١٢)

اَندرِ جنهن آندي، سُرتِ سَميٽي ساڌ سنگ،
سامي لَڌي تنهن لِنوَ سان،چيٽَنِتا چاندي،
سَٿي وِڌائِين سِر تون، هَيبَتَ هيڪاندي،
بَندَنِ جو باندي، موتي ٿِئي نَہ موڪ بَٽِي.

(١٣)

پورِوَياڳُ جڳيو، جَنهِن جو ساڌوءَ سَنگ تي،
سَتِگُرَ سَندي شَبدَ ۾، رَهي راتِيون ڏينهَن لِڳيو،
جَنَمَ جَنَمَ جو سُمِهيو، تنهن جو مَنُ جڳيو،
سامي ڪينَ ٺڳيو، وَرَ مايا جي موهَ ۾.

(١٤)

جو ڳُويراڳُ،ويچارُ، جنهن کي آيا ساڌ سَنگ،
مِٽيو تنهن جي مَنَ مون، اَوِديا جو اَهنڪارُ،
جاڳِي ڏِنائِين جوتِ ۾، سُپَني جو سَنسارُ،
عينَ اَييدُ اَدارُ، سامي رَهي سُياوَ ۾.

(١٥)

تَنهِن کي چَونِ چَرِيو، چَرِيا جيءَ جَهانَ جا،
جَنهِن جو سَنگِ ساڌوءَ جي، ڪارِجُ سَڀُ سَريو،
چَڙهِي گيانَ جَهازَ تي، اَوِديا سِندَ تَريو،
سامي اَجَرُ جَرِيو، پورَنُ جاٽِي پيءَ کي.

# سلوڪ ساڌ سَنگتِ مهما (الف)

(١)

اَوِديا ڪَيَڙو اَنڌُ، پَٽَلُ ڏيني جيءَ کي،
اَچي ٿيُسِ ڪَنهن پُنَ تي، سَنتَنِ سان سَنبَنڌُ،
ڏيئي تَنِ آنَندُ، سامي جيءُ سَجو ڪَيو.

(٢)

مانُکَ جَنَمُ اَمولُ، ڪنهن پاتُئِ پورَنَ پُنَ تي،
سو پَوَ ساگَرَ جي پيڙَ ۾، ريڙهي ڪَرِمَ رولُ،
سامي سَنتَنِ سان مِلي، لَهُ آتَمَ سُکُ اَڏولُ،
هَرَ هَرَ هِيرو تولُ، هَٿَ ۾ ايندُءِ ڪِينَڪِي.

(٣)

لَکِيو جَنهن اَلَکُ، سامي سَنتَنِ سان مِلي،
تِنهن جِيئَندي مِلي جَمَ سان، چِنو ڪَلِپَتِ ڪَکُ،
سدائِين نِرَپَکُ، رَهي پنهنجي حالَ ۾.

(٤)

جَنهن جَنهن پَدُ پاتو، تَنهن سامي سَنتَنِ سان مِلي،
سَنتنِ ري ڪَنهِن پائهي، سارُ نہ سُڄاتو،
رَهي جيءَ جَنجالَ ۾، اَوِديا رَنگِ راتو،
گُرَمکُ سو گِياتو، جو سَمُجهائي اَسَمُجه کي.

(٥)

پَريو جنهن مُجِرو، سامي ساڌ سَنگتِ جو،
سَهَجي تَنهن شيوَڪَ جو، اَندَرُ ٿيو اُجِرو،
لَذائين حُجِرو، پَرِچي پاڪُ پِريَنِ جو.

(٦)

ٻَتِي ڪَرِ ڦِني، اندَرِ ڌِسُ اَڳَتَ کي،
سامي سَنتَنِ سان مِلي، سَمُجه ڳالهِ چِٽي،
جَنِ جِي مَمَتَ مِٽي، سي راجا رانوَلَ ديسَ جا.

(٧)

وِرلو جَنُ وَيِجي، ڪو لنگهي پارِ سَمُندَر کون،
جو سَنتَن ساپُرسَن جي ، سامي ڳالهه مَڃي،
جاڳي سِرُ پَيجي، پَنجَن جو پَرتيتِ سان.

(٨)

وِرِلو ڪو پَرِچي، رَهيو پانهنجي گهرَ ۾،
جنهن سامي سارُ سَهي ڪَيو، سَنتَنِ سان سَرِچي،
ڪِمان جي خَرِچي، ٻَڌي ويٺو ڳَنڍِ ۾.

(٩)

جاڳي جَنهن ڪَيو، سامي سَنگُ ساڌوءَ جو،
تَنهن جو پِرَنگيءَ ڪِيٽَ جان، ڪايا پَلَٽُ ٿيو،
سَهَجي اَوِديا سِنڌُ کون، لَنگهي پارِ پِيو،
ڏِسي ڪِينَ ٻِيو، سُتَهِ سِدِ سَروپَ ري.

(١٠)

ڪوڙي ڪَٽَ مَڪَٽِ، دَرِ دَرِ ديوانَنِ جان،
سامي سَنگِ ساڌوءَ جي، مَنَ پنهنجي ڪي مَٿِ،
اَهِڙو ويلو هَٿِ، موٽي اِينڊءِ ڪِينَڪي.

(١١)

ڪَڍي پاڻُ ڪَري، سَنگَتِ ساڌو جَنَ جي،
وَڃَنَ اَمولَ ٻُڌي ڪَري، هِردي مَنجهِ ڌَري،
اَوِديا سِنڌُ تَري، سامي سَمَ ويساهَ سان.

(١٢)

هَرِ يڳتَنِ سان هيتُ، ڪَيو جنهن ڪَلپَتَ ري،
سو جاڳي اَوِديا نِندَ مون، سَهَجِي ٿيو سُچيتُ،
پائي پَدُ اَدُويتُ، سامي چڙهيو سِيرَ تي.

(١٣)

ڪَيو جنهن سَتِسَنگُ، پاڻُ ڪَڍي پَرِتيتِ سان،
سامي سو سيتَلُ ٿِيو، لُنئَن لُنئَن لائي رَنگُ،
ميٺيائِين مَستَڪَ تون، وِرِڌاتا جو اَنگُ،
پائي پريمَ پَلَنگُ، سُمهيو سُکَہَتِ سيجَ تي.

(١٤)

ساڌوءَ سَنگِ سَڦَلُ، جَنَمُ ٿِيو تنهن جَنَ جو،
جاڳي ڪَڍيو جَنهن جيءَ مون، سامي مَمتا مَلُ،
ڪَنهِن سان ڪَري ڪِينَڪِي، ڪوڙُ ڪَپَٽُ وَلُ ڇَلُ،
سَدائي سيتَلُ، رَهي پنهنجي حالَ ۾.

(١٥)

ڪَيو جنهن سَتِسَنگُ، پِريمَ پِريتِ پَرَتيتِ سان،
تنهن سامي لَڌو گهرَ مون، بِنان اَکرَ اَنگُ،
جو کَري کَپي ڪِينَڪِي، سِيتَلُ اَئون سَربَنگ،
اَهِڙو رَنگُ اَيَنگُ، پائي پَرِچو پاڻُ ۾.

(١٦)

ڪَيو جنهن سَتِ سَنگُ، پاڻُ ڪَڍي پَرِتِيتِ سان،
سَهَجي تنهن ساپُرِسَ کي، لَڳو آتَمَ رَنگُ،
مِيٽِيائين مَستَڪَ تون، وِرڌاتا جو اَنگُ،
سامي ٿِيو سَربَنگُ، ڏِسي سارَ سَروپَ کي.

(١٧)

جَنِين ڪَيو قُربانُ، تَنُ مَنُ ڌَنُ سَتسَنگَ تون،
چِتُ تَنِين جو چيتَ کون، سَهَجي ٿِيو نِربانُ،
چِيٽِيءَ ۽ ڪُنچَرَ ۾، ڏِسَنِ پانهِنجو پاڻُ،
سامي تَنِين ساڻُ، مِلِي مُڪِت ٿِيا ڪيترا.

(١٨)

جَنهِين جَنَ ڪَيو، سَمُجهي سَنگُ ساڌوءَ جو،
تَنهن کي رَهِيو ڪونَڪو، ڪَرتو ڪَرَمُ بِيو،
سامي سَنسي پَرَمَ کون، لَنگهي پارِ پِيو،
سُتَمِ سِڌِ ٿِيو، ڪارِجُ لوڪَ پَرلوڪَ جو.

(١٩)

پَرِچي جنهِن پِياسِي، ساڌوءَ جو سَنگُ ڪِيو،
سَهَجي ٿِيو سامي چَئِي، تَنهِن جو پَٽُ پاسي،
اَندَرِ باهَرِ نَيَ جان، ساڪي سَمَ ياسي،
ڦِرِي نا ڦاسي، اَوِدِيا جي اَهَنڪارَ ۾.

(٢٠)

نَڪي ڪَٽي آئين، نَڪي نِيندين ساڻ،
ناحَقُ مايا موهَ ۾، ڇو پاڻ پڇائين،
مِلي ساڌَ سَنگتِ سان، مُنهن مَڙهيءَ پائين،
مَتان پَڇتائين، اَنتَ سمي سامي چئي.

(٢١)

ناحَقُ مايا موهَ ۾، پڇائين ڇو پاڻُ،
مُنهن مَڙهيءَ پائي ڪَري، مِلي ساڌَنِ ساڻُ،
متان پَڇتائين پاڻُ، اَنتَ سَمي سامي چئي.

(٢٢)

نَڪي ڪَٽين آئين، نَڪي نِيندين ساڻُ،
ناحَقُ مايا موهَ ۾، پڇائين ڇو پاڻُ،
ملي ساڌَ سَنگتِ سان، سَهَجي پاڻُ سڃاڻُ،
مَنَ جو ٻيجي ماڻُ، سامي ڏِسُ سَروپَ کي،

(٢٣)

پِريتِ اَچي پيئي، سامي ساپُرسَنِ سان،
خاصُ خَزانو گيانِ جو، ڇَڏيو تَنِ ڏيئي،
ويري رَهيو ڪوند ڪو، تِيا سَجَڻَ سَيئي،
ٻاس ٻلي ويئي، اَوِديا ٻَرَمَ اَسارَ جِي.

(٢٤)

وَجي ٻَڌُ ٻاٽي، تَہ ٻَلا ڇوَن ڪوهُ ٿا؟
ڪَڍي وَٿُ مڪَڙُ تون، وِجهي مَنَ مانڌاٽي،
فُرصَتَ ڇَڏِ سامي ڇَئي، ٿي وَجي وِهاٽي،
ڦُٽي گهٽِ ٻاٽي، جٽِين ريتي مُٺِ ۾.

(٢٥)

وِرلي ڪَنهِن ڪَٿي، بازي مَنَ مَواسَ ڪون،
جَنهِن سِلَ اَلوٽي سَمَر جي، ساڌوءَ سَنگِ ڇٽي،
تنهن سامي ڪٽي سَٽي، اَوِديا پِندُ مَٽي تون.

(٢٦)

پاري مَنجهِ پاٽي، ٽِٽين ساڪي ڏِٺو سَڀَ ۾،
وَڃِي سُرتِ سَروپَ ۾، سامي سَماٽي،
سَنتَنِ ساپُرِسَنِ سان، مَوجَ مِلي ماڻِي،
جاٽائي جاڻي، سُوڪَمُ سَندَ پِرِيَنِ جي.

(٢٧)

رِکيو جَنهن ناتو، سَنتَنِ ساپُرِسَنِ سان،
تنهن لَنگهي مايا موهَ ڪون، پورَنُ پَدُ پاتو،
چِيتِيءَ ۾ ڪُنجَرَ ۾، صاحِبُ سُڃاتو،
وائي نَہ واتو، سامي رَهي سَنتوکَ ۾.

(٢٨)

سوئي سَتِ سنگِي، جو رَهي مُڪتِ مَيدانَ ۾،
جاڳي ڪَڍي جيءَ مون، سامي طَلَبَ تَنگي،
صاحِبُ سَربَنگي، پِرتَڪ ڏِسي پِريم سان.

(٢٩)

سوئي سَتِ سَنگي، جو رَهي مُڪتِ مَيدانَ ۾،
ڪَٽي سَبَ ڪَلپَتَ جِي، لِنوَ سان طَلَبَ تنگي،
بولي بُڏي ڪِينَڪِي، وَچَنُ هِڪُ اَنگي،
صاحِبُ سَربَنگي، سُتَهِ ڏِسي سامي چَئي.

(٣٠)

سوئي سَتِ سَنگي، مَرَمُ جنهن جي مَنَ ۾،
جاڳي ڪَڍِيائين جيءَ مون، سامي طَلَبَ تنگي،
صاحِبُ سَربنگي، ڏِسي پيدَ پَرَمَ ري.

(٣١)

شاهُ گداءُ وِيو، سڪِٽو هِنَ سنسارَ مون،
ڪَنهِن وِرلي جاڳي پانهِنجو، ڪارِجُ سِڌِ ڪيو،
جنهن کي سَنگُ ٿيو، سامي ساڀِ سِن جو.

(٣٢)

ويسَ مَ وَٺائين تَہ لَهين ليڪَ اَليڪَ جي،
مِلي مَهَدَ جَنَنِ سان، منهن مَڙهيءَ پائين،
سامي سارُ سَهي ڪَري، تنهن سان لِنوَ لائين،
جيئندي پَهُچائين، تون پانڌ پَنهِنجو پَدَ ۾.

(٣٣)

ڪِرپا جاڻي ڪرُ، سَنتَ دُواري سِڪَ سان،
ديکيا دَرَدَوَندَنِ جي، سَمُجهي ڪَرِ صَبُرُ،
سامي بَڪُ مَ سِرُ، دَرِ دَرِ ديوانَنِ جان.

(٣٤)

سَنتَنِ جو دَرِسَنُ، ڏِسي نينڻَ نَري وِيا،
بِنڌي واڪَ وِلاسَ جا، لُنئن لُنئن تي پَرِسَنُ،
اَوِديا ڪَلِپَتَ نَہ رَهي، مِٽيو سَڀُ مَنَنُ،
پائي آتَمَ ڌَنُ، سامي سُمِهيو سيجَ تي.

(٣٥)

سَنتَنِ ڪَڍيو هَٽُ، هيرَنِ ۽ لَعلَنِ جو،
ڪولِنِ ڳَنڍِ خوشيءَ سان، ڏِسي نِهَڪَپَٽُ،
عَينَڪَ ڏيئي اَنڌَ مُلهي، پُرِڪائِنِ پَرِگَهٽُ،
سامي لائي لَٽُ، جَنُ جوڙي ڪن جَواهِري.

(٣٦)

سدائين هَرجَنَ، تا جوڙنِ جڳياسيءَ کي،
خوشِ تي ڏين پورَنِ کي، نانا ويدَ وَچَنَ،
سامي ڪَنِ اَنَنَ، ڪَلِپِتَ ڪَلَرُ ڪڍي ڪَري.

(٣٧)

سَنتَنِ ساڻُ مِلي، سَهَجي مَنُ اَمَنُ ٿيو،
ڪَٽي ڏِنائون ڳهرَ جي، سامي سَمُجَهه ڪِلي،
سُتَهِ مِليا سُپِرينِ، خوشيءَ ساڻُ کِلي،
اَوِديا رَنَ رِلي، ڪَٽي پيچي ڳهرَ مون.

(٣٨)

ساڌوءَ سَنگَ ڪِيو، جنهن پريمَ پِريتِ پَرتيتِ سان،
اِستِتِ آتَمَ پَدَ ۾، تنهن جو مَنُ ٿيو،
سَنسو ڀَرَمُ اَندَرَ مون، سامي سَڀُ وِيو،
پاڻيءَ مَنجهه پِيو، جيئن ڪيلُوٽو ڪَندُ جو.

(٣٩)

سا پُرِسَنِ جو دَرُ، وَدو جَنهِن ويساهَ سان،
لَدو تَنهِن لوڙي ڪَري، آتَمَ سَرُ سُيَرُ،
تِئَرو اَجَرُ اَمَرُ، سامي رَهي سُياوَ ۾.

(۴۰)

سَڀُ جڳُ ڪوڙُ ڏِٺو، ٻِنان نالي نامَ جي،
ساميءَ ڪي سَتِ سَنگَ ري، لڳي ڪينَ مِٺو،
ڪَرمَنِ جو چِٺو، ڦاڙي سَڀُ ڦِٺو ڪَيو.

(۴۱)

سامي سَنگَ ڪِيو، پاپي پُني جيءَ ڪي،
نَرڪَ سُرِگ دُکَ سکَ ۾، پَرِچي پاڻَ پِيو،
اَڻَ هوندي دَرِياهَ جي، وَهَ ۾ وَهي وِيو،
ساڌوءَ سَنگ ٿيو، تَڏِي جاڳي جُڙِيو پاڻَ ۾.

(۴۲)

سُرِجها سَيئي، ڳالهِ چَوَن ٿا هِڪڙي،
ٻُڌي جَنهِن ٻانيڻ چوي، ڪيوَلَ ڪنُ ڏيئي،
سَهَجي تَنهن جي جيءَ مون، مَمَتَ مِٽي ويئي،
دِرِشٽِ وَيچي پيئي، سُوکَمُ ساکيءَ پَدَ ۾.

(۴۳)

ساڌوءَ سَنگُ ڪِيو، جنهن سامي سِکَ سَچيءَ سان،
سَهَجي تَنهِن جي جيءَ مون، سَنسو ڀَرَمُ وِيو،
لَنگهي پارِ پِيو، اَوِديا جي آڙاهَ مان.

(۴۴)

ساڌو جَنُ سوري، جنهن کي ڪري ڪَيَ ۾،
ڪَڍي تنهن جي جيءُ مون، ڪَلِپَتَ سَڀ ڪوري،
سامي ڏِسي سپرين، اکِن کون اوري،
ڪائي نِتُ پوري، لَڏون پريمَ اگمَ جا.

(۴۵)

ساڌو جَنُ سوري، جَنهِن کي ڪَري ڪَيَ ۾،
ڪَڍي تَنهِن جي جيءُ مون. ڪَلِپَتِ سَڀَ ڪوري،
سامي لکائي سُپرين، اکِنِ کون اوري،
هَرِدَمُ هِندوري، جهومي پِريم اگمَ جي.

(۴٦)

ساڌو جَنُ سوري، جَنهِن کي ڪَري ڪَيَ ۾،
تَنهِن جي ڪَسُ قلوبَ مون، ڪَڍي سَڀ ڪوري،
سامي ڏِسي سُپرين، اکِنِ کون اوري،
هَرِدَمُ هِندوري، جهولي پِريمَ اگمَ جي.

(۴۷)

ورلو جَنُ وِيو، ڪو لَنگهي پارِ سَمُنڊَ کون،
جَنهِن کي مَردَ مَلاح جو، سامي سَنگُ ٿيو،
تَنُ مَنُ سِڪَ سَچِيءَ سان، پَتَڻُ پيٿَ ڪيو،
چَڏي جانَ پِيو، ٿَپي پِڳتِ جَهازَ ۾.

# سلوڪ ساڌ سَنگتِ مهما (ب)

(١)

وَڃي ڪينَ ڳُڻي، مَهما ساڌوءَ سَنگَ جي،
مَنَ. ٻُڌ، واڻيءَ ڪون پَري، اونهي اَتِ گهڻي،
ساڪَ ڏِيَنِ ثالث مِڙي، ڇَڏي مانَ مَٽي،
گهرَ ۾ گهرَ ڏَٺي، سامي ڏِٺو جَنِ سَربَ گتِ.

(٢)

وَڃي ڪينَ ڪَهي، مَهما ساڌوءَ سَنگَ جي،
مَنَ، ٻُڌ، واڻيءَ ڪون پَري، اونهي اَڻَ مَئي،
ساڪَ ڏِيَنِ سامي چَئي، عاشقَ اَنيَئي،
پانهنجيءَ مَنجهه پَئي، سَدا ماڻَنِ سانتِ سکُ.

(٣)

ڪَهي وَڃي ڪينَ، مَهما ساڌوءَ سَنگَ جي،
ٻُڃي ڏِسُ پَرَتيتِ سان، سامي سَڀ پَرَبِينَ،
سي سَدا سُپيريَنِ جي، لِنوَ ۾ رَهَنِ لِينَ،
توڙي ڪَنِ ڪوپِينَ، تَہ بَہ راجا رانولَ ديسَ جا.

(۴)

سَڀ کي پِرَمَ پُنيتُ، ڪَري سَنگُ ساڌوءَ جو،
ڏيئي ڪَندِ ڪَلَپَ کي، سَمُجهي عينُ اَتيتُ،
پورَنُ ڏِسي پانهِنجو، آدي اَنَيَئِ ميتُ،
سَدائي سُرَجيتُ، سامي رَهي سُياوَ ۾.

(۵)

سَدائي سِيتَلُ، سَنگُ تَہ ساڌو جنَ جو،
ڪوري سَڀ قَلوبَ مون، ڪَڍي مَمِتا مَلُ،
لَڪَ لَڪائي اَنيئي، ڪَري عَينَ اَچَلُ،
جيئين جَلَ ۾ جَلُ، سَمائي سامي چَئي.

(٦)

تارِ مَنجهون تاري، سَڀَ کي سَنگُ ساڌوءَ جو،
ڪَنهِن کي ڇَڏي ڪِينَڪي، لائي لِنوَ لاري،
اِئين چَوَنِ تا اَنَيَئي، پَندِتَ پُڪاري،
نِجُ نِهچو ڌاري، سامي مِلي ڪو سورَمو.

(٧)

اَنَ ھوندي اولي، سامي لِڪو سُپرِين،
لَڌو سَنگِ ساڌوءَ جي، فَقِيرَنِ قولي،
جَنِ کي عَشِقَ اَگمَ جي، چِٽِڪَ پيئي چولي،
پِرِتِڪ پَٽُ کولي، ڏِنائون ڏيهيءَ ۾.

(٨)

كيتيءَ مَنجھ ڪَسَمُ، اَندا ڏِسَنِ ڪِينَڪِي،
پَوَنِ مَتِ مَرمَ ري، پورَبُ اَئون پَچَمُ،
سامي لَڌو ڪنھن ساڌَ سَنگ، تنھن سُجاڪي سگمُ،
ميٺي پيدَ پَرَمُ، اِسٿِتِ ٿيو اَندَ ۾.

(٩)

پَوَ ساگرُ پاري، لَنگھيو وَيحيُ نَہ لَڪَ ري،
توڙي سَپ ساڌنَ ڪَري، جوگُ جَتَنُ جاري،
سَمُجھي ڪو سامي چَئي، اُتَمُ اَڌِڪاري،
خُواريءَ جي ڪاري، سَٽي وڌِي جَنھن ساڌَ سنگِ.

(١٠)

وِرلو ڪو جاڻي، قَدُرُ ساڌوءَ سَنگَ جو،
سُرِتيءَ ڪي سامي چَئي، اَنتَرَ مُکِ آڻي،
سھجي سُڌِ سَروپَ سان، مِلي خوشي ماڻي،
پورَنُ پَٽُ تاڻي، سُمِھي سَھَجانَندَ ۾.

(١١)

مُلڪيءَ ڪي مُلڪِي، مِليو مَنُ ڏيئي ڪَري،
پَرِچيو ڪِيائون پاڻَ ۾، پِرِيَنِ جو پُلڪِي،
لَڳِيَن باهِ بِرِهَ جي، سَندَ سَندَ ۾ سُلڪِي،
مَري ٿِيا مُلڪي، بِيائيءَ ري بانيڻُ چَئي.

(١٢)

تنيئي لوڪَ رُلي، سانتِ نَہ آئي جيءَ کي،
مِلي ساڌَ سَنگتِ سان، اَوِديا ڳَنڍِ کُلي،
پَرِچي لَڌو پانهِنجو، اَنيئِہ گھرُ اَصُلي،
ويئي ڀاسَ ڀُلي، سامي ڇَئي سَنسارَ جي.

(١٣)

بنان ساڌَ سَنگتِ، وَسَنوَ ڪانهي وِچَ ۾،
اِئين چَوَنِ تا اَنيَئي، ڪري سنتَ سَپَتِ،
جاڳي جڳُ سُپَني جو، ڏِٺو جَنِ اَستِ،
سامي ڏِيَنِ سُمَتِ، سَپَ ڪي سارَ سَروپَ جي.

(١٤)

ٻي سَپَ ڏِٺي سُچَ، سامي ساڌَ سگت ري،
مِرِگھ تِرِشنا جي جَلَ مون، ڪَنهِن جي لَٿي نَہ اُچَ،
وَڃي پُڇَ تَنِين کون، جَنِ ڪَيا پورَنَ پُڇَ،
توڙِي ڪُٽِن مُڇَ، تَہ ٻي راجا رانولَ ديسَ جا.

(١٥)

وِشَيُن وِڃائي، وِڌا جيءَ جهانَ جا،
سَپَ، رَس، آدِڪَ سان مِلِي، جَنَمَ تـو پائي،
سامي ساڌو سورَمو، ٻَڇِي ساڌَ سَنگتِ سعيي،
ٻِيائي ٻُجهائي، پائي پورَنَ پَدَوِي.

(١٦)

جنهن مانڪَ ڪي قَدُرُ، ڪونهي ساڏَ سَنگَتِ جو،
موتي تِئي مَري ڪَري، اَوِديا ۾ آتُرُ،
سامي سَچارَنِ سَدا، مَجيو اَيِيدَ اَمُرُ،
هميشَهَ حاضُرُ، رَهَنِ رَمِتا رام سان.

(١٧)

مِهَرَ ڪَري مالِڪُ، جَنهن تي پَرِچي پانهِنجي،
سامي ساڏَ سَنگَتِ ۾، اَچي سو عاشِق،
سَمُجهِي واڪَ ويدانِتَ جا، ميٽي ڦيرُ فَرقُ،
هَرِ ڏَسِ ڏِسي هِڪُ، اَندَرِ باهَرِ آتَما.

(١٨)

ڪـنِ ڪي پُڄـنـدي پَـهَ، اِئين گُـذِري آرِجـا،
ڪي مِلِي ساڏَ سَنگَتِ سان، نَري پِيا نَـهَ پَـهَ،
سامي ويٺا سَمَرَ تي، سَيَ سان ڪَري صُلَحَ،
اَتَيَئِـ سُڪُ اَڪَهَ، ڪَنهِن کي سَلِنِ ڪِينَڪِي.

(١٩)

تـيـڪـيـو جَنهن مَتو، سامي ساڏَ سَنگَتِ ۾،
تنهن ڪان ڪوٺَ جَنَمَ جو، تَئَرُ تَپُ لَتو،
ڪَڏِي بولي ڪِينَڪِي، پَلِي بي اَرِتو،
توڙي ڪَري ڪَتو، تَـيِـي را جا رانوَلَ ديسَ جو.

(٢٠)

ساڌَ سَنگَتِ ڏي پيرُ، ڪَنيون جَنهِن خوشيءَ سان،
مِٿيو تنهن جي مَنَ مون، اَوِديا پَرَمُ اَنڌير،
پائي سُکُ سَروپَ جو، ٿِيو سامي چَئي سُمير،
ڪري سگهي ڪيرُ، مَهِما تَنهِن جي مُنهَن سان.

(٢١)

جَنهِين دلِ ڏِنئي، سامي ساڌَ سَنگَتِ ڪي،
مِٽيا تَنهن جي مَنَ مون، سَنسا سَڀِئي،
لَنگهي چَڙهِيو لڪَ تي، اُروارُ پارُ ٻِئي،
دِرِشِٽِ ڪُلي پيئي، پورَنُ جاٽي پاڻَ ڪي.

(٢٢)

جَنهن جاڳي دِلِ ڏِني، سامي ساڌَ سَنگَتِ ڪي،
تَنهِن لَڌي لڪَ اَلکَ جي، بيحَد رَسَ پِني،
چَڙهِيو اَنيَڪِ اَڄَ تي، ڇِڪا سَڀِ ڇِني،
تورڙي پَري پيٺُ پِني، تَپي سيتَلُ رَهي سُياوَمِ.

(٢٣)

سَمُجهِي جَني سَئِنَ، سامي ساڌَ سَنگَتِ جي،
سي مَمَتَ مٿائي مَنَ جي، ٿِيا اَوڏوتي عَئِنَ،
پاسي ڪَرِنِ نَہ پيءَ ڪون، نِمڪَ هِڪَڙي نَئِنَ،
سَدائي سُکَ چَئِنَ، ماڻِن مَستِ مگَهن ٿي.

(٢٤)

ساڌَ سَنگتِ جو ساڪُ، سَچو سَڀُ سَنسارَ ڪون،
سَمُجهي ڪو سامي چَئي، اِهو اَنيئہ واڪُ،
اَندَر باهَرِ آتَما، ڏِسي پورَنُ پاڪُ،
جِئين چُوٽيءَ چڙِهيو طاقُ، اَتَڪَ ڪان آجو رَهي.

(٢٥)

جَنهِن ڪي ساڌَ سَنگت، ڪِيو اُپَديش اَنيئي،
مِٽي تنهن جي مَنَ مون، سامي سَڀ ڪَپَتِ،
جگَ ۾ جگَ جهِڙو ٿي، وَرتِي ساڻُ سُمَتِ،
تَڪِيو ڪِيائين تَتِ، جتي ڏِينهُن نَه راتِ ڪا.

(٢٦)

وَرتو جَنهِن وَچَنُ، سَچو ساڌَ سَنگتِ جو،
پاتو تَنهِن پُوربي، ويساسيءَ وَطَنُ،
سَڀَ ۾ هِڪُ چيتَنُ چَئِي، پائي آتَمُ ڌَنُ،
مِيٽي سَڀُ مَنَنُ، ماڻي مُڪِتي مَؤجَ سان.

(٢٧)

جَنهِن ڪي آيو ڏِنبُ، سُتَمَ ساڌَ سَنگتِ جو،
مِٽيو تَنهِن جي مَنَ مون، سامي لالَچ لَبُ،
پائي وِيٺو ڪَچ ۾، راتِيون ڏِينهان رَبُ،
رکِي عينَ اَدَبُ، سيوا ڪَري سيوَڪُ ٿي.

(٢٨)

جَنهِن کي رَسُ آيو، سَچو ساڏَ سنگَتِ جو،
تنهِن پريميءَ پِرَتيتِ سان، مَحَڪمُ مَنُ لايو،
پورَنُ جاڻِي پيءَ کي، سَبُ سَنسو مِٽايو،
سامي سَمايو، جَلَ پَپوتو جَلَ ۾.

(٢٩)

جنهن کي رَسُ آيو، سَچو ساڏَ سَنگَتِ جو،
تنهن ڪري تياڳُ طَمَعَ جو، لِنوَ سان مَنُ لايو،
پائِي پورَنُ پَدوي، سَبُ سَنسو مِٽايو،
جئين سامي سَمايو، جَلَ پَپوتو جَلَ ۾.

(٣٠)

جَنهِن کي آيو رَسُ، سَچو ساڏَ سَنگَتِ جو،
مِليو سو مَحَبوب سان، ڪَٽي ڪَلپَتِ ڪَسُ،
سُکي ڪَري سامي چَئي سَبَ کي ڏيئِي ڏَسُ،
جئين سورِجُ سَسُ، ڪَري سِياوَڪَ سو جهرو.

(٣١)

جَنهِن کي چڙِهيو اَمَلُ، سَچو ساڏَ سَنگَتِ جو،
سَهَجي تِيو سامي چَئي، تَنهِن جو جَنَمُ سَڦَلُ،
سُمهِيو سُکَپَتِ سيجَ تي، ميٽي سَبُ خَلَلُ،
بيحَدِ بلاوَلُ، مِلِي ڪَري مَحَبوبَ سان.

(٣٢)

جَنهِن کي لَڱَنَ لَڳي، سامي ساڌَ سَنگَتِ جي،
تنهن جي جُهدَ جَتَنَ ري، سَهَجي پِرانتِ پڳي،
جاڳي ڏِنائين جڳَ مون، جڳِمڳِ جوتِ جڳي،
ڇَڏي ٺاهَ ٺڳي، اِسٿِتِ ٿيو اَڪاسَ جان.

(٣٣)

جَنهِن کي ساڌَ سَنگَتِ، لَڪَ لَڪائي اَنيَئي،
مِٺي تَنهِن جي مَنَ مون، سهَجي مَمَتا مَتِ،
ڪَنهِن جي ڪَري ڪِينَڪي، نندِيا اَئون اُستَتِ،
جاڳَرَتَ ۾ سُڪَپَتِ، سدا رَهي سامي چئَي.

(٣٤)

جنهن کي ساڌَ سَنگَتِ، اَکِيون ڏِنيون اَنيَئي،
ملي تنهن مَحبوبَ سان، مِيٺي مَمتا مَتِ،
جاتي تون مان نانهِن ڪا، تَڪيو ڪَيائين تَتِ،
جاڳَرَتَ ۾ سُڪَپَتِ، سامي سَدائي ڏِسي.

(٣٥)

سَڏِنِ سَودائي، تَنهِن کي جيءَ جَهانَ جا،
جَنهِين ساڌَ سَنگَتِ جي، رَڄَ مَستَڪَ لائي،
سو ڪوڙي جاڻي ڪَلپنا، پنهنجِي پَرائي،
ٺَهي ٺَهائِي، سَنڌِ لَڌائين سَمَ جي.

(٣٦)

سَيُڪو ڦلُ پائي، ڪَري ڪَرَمَ ڀَلا ٻُرا،
سامي ٻَچِيو ڪو سورَمو، ساڌوءَ جي سَعيي،
وَرَتي ويدَ وِچارَ سان، مَمتا مِٽائي،
جاڏي واجهائي، تاڏي سَڄَڻُ سامُهون.

(٣٧)

سَيَ کي ساڌَ سَنگَتِ، لَڪَ لَڪائِي اَنيَڪِي،
سَمُجِهي تيو ڪو سُورَمو، اَوِديا ڪان اُپِرَت،
ڪَنهِن جي ڪَري ڪِينَڪِي، نِنديا اَئون اُستَتِ،
جاڳِرَتَ ۾ سُکَپِتِ، سَدا رَهي سامي چَئي.

(٣٨)

سَيَ کي ساڌَ سَنگَتِ، تِي اَلک لَکائي،
ڪَنهِن پريميءَ ڏِٺو، ڪَري مَنُ اُچَتِ،
لَکي گُرَ ويچار سان، سَچِي سارَ رَهَتِ،
مَنجهين پانُ پَرَتِ، سَدا رَهي سامي چَئي.

# سلوڪ گُرَمُڪ (الف)

(١)

ويدانتِن وڪاڻُ، ڪيو سُتَهَ سَروپَ جو،
سَمُجهي ڪو سامي چَئي، گُرگَمَ سِڪُ سُڃاڻُ،
جئين ڏِسجي سِجُ چندر، تيجَ تنهين جي ساڻُ،
تئين پَنهِنجو پاڻُ، اُلَٽِي ڏِسي اَپيد تـي.

(٢)

ويدَنِ جا وادي، ڪوڙين گهمَن ڪيترا،
ڳالهائِن ڳالهيون ٻُڌي، سيائُپ اُستادي،
وِرلي ڪَنهِن گُرَمُڪَ لَڌو، اَنيَـِئ سُڪُ آدي،
سو گَگَن ۾ گادي، پائي ويٺو پِريمَ سان.

(٣)

سَيُڪو رامُ چَئي، مَرمَ وَرائي مُنهن سان،
ڪوڙِن ۾ ڪو هِڪڙو، گُرَمُڪُ رَهَت رَهي،
ساڌِي مَنَ پَوَنَ ڪي، سامي سارُ لَهي،
ڪَڏِي ڪينَ وَهي، سَنسي جي ساگَرَ ۾.

(۴)

گُرَسِڪيءَ جي گَت، سَمُجهي جَنهِن سامي چَئي،
مِٺي تَنهِن جي مَنَ مون، ٻي سَڀ مَمِتا مَت،
اَندرِ ٻاهَرِ نَيَ جان، ڏِسي ساڪِي سَت،
ڪَري سَنتَ سُپَت، ساڪَ ڏِينِ ٿا سَچَ جي.

(۵)

هَٿُ ڪَڍِيو آهي، سَنتَنِ سَودي سارَ جو،
ڪو گُرَمُکُ پورو سِڪَ سان، وَڃي وِهائي،
تَنُ مَنُ ڏيئي تَنِ کي، سَچُ ٻَلِئِ پائي،
جڳَ جڳَ ٿو کائي، سامي کُٽي ڪِينَڪِي.

(٦)

وَڃَنُ اَپيدُ اُتو، سامي سَتِ گُرَ سَڀَ کي،
وِرِلي ڪَنهِن گُرَمُکَ کي، هِردي مَنجهه کُتو،
جانَ وِڃائي پانهنجِي، وَڃي پَدِ پَهُتو،
تائي پَٽُ سُتو، سَهجِي سُکِپَتِ سيجَ تي.

(٧)

سَڀَ کي سَنتَ چَونِ، ٿا نا ڪَرُ اَٿي گهرَ ۾،
اَندا ڏِسَن ڪِينَڪِي، ڪوڙا قِصا ڪَنِ،
اَٿَ هوندي دَرِياهَ جي، وَهَ ۾ نِتُ وَهَنِ،
ڪي گُرَمُکَ لعلُ لَهنِ، سامي جُڙي سَروپَ سان.

(٨)

مَحَلَ مَنجهِي آهينِ، ٻاريءَ پَسُ پِرينِ کي،
ٻولِي ٻاوَنَ ٻاهرين، ڳُجهي ڳالهائِين،
نَئن جَهروکي ناتَ کي، ويٺا واجهائِين،
جهاتي سي پائِينِ، جي گُروءَ جي گسِ پِيا.

(٩)

ٻِنان مُکَ کائِي، سَنسو وِيو سَنسارَ کي،
کَنهِن جي چَلي کانہ کا، سِياڻپَ چِتُرائي،
اها ڳالهه سَمُجَهه ۾، کَنهِن گُرَمُکَ کي آئي،
تَنهِن جي سَمائِي، سامي سُرتِ سَروپَ ۾.

(١٠)

وَيِچي وِسُ وَهندي، تي سَنسي جي ساگرَ ۾،
کَئي لوبَ لَهَر سان، اَوِديا سَپ اَنڌي،
وِرلي کَنهِن گُرَمُکَ لڌي، کرِپا ساڻُ کَنڌي،
ٻانيَنَ جَنهِن ٻَنڌي، پَنجَ ٿي کيا وَسِ پانهِنجي.

(١١)

وَيِچي سَپَ وَهي، تي خَلقَتَ پانهنجي خيالَ ۾،
وِرلي کَنهن گُرَمُکَ کَئي، سامي ڳالهه سهي،
چَڙِهيو اَنيَہِ اَڇَ تي، پَنجَ ٿي دُوتَ دَهي،
کَري راڄُ رَهي، بيحَدَ بيگَمپور جو.

(١٢)

ليکي مَنجهِ آهينِ، سَڀي جيءَ جَهانَ جا،
گُرَمُکَ ليکي کي ڇڏي، پيرُ اَگي پائِين،
سامي لِنوَ لائِين، وَڃِي اَنيَئِہ جي آڪاسَ ۾.

(١٣)

سارو جڳُ جَلي، تو بِنان باهِ اَندرَ ۾،
وِرلو ڪو گُرَمُکَ بَچو، جنهن کي سَچُ پَلي،
سامي مِلِيو سَروپَ سان، پنجَئي دوتَ دَلي،
کَنهِن کي ڪينَ سَلي، اَنيَئِہ سُکُ اَندَرَ جو.

(١۴)

حِرص ۽ حرفتَ، جوڙي ڀَڏا جيءَ سَڀِ،
مَنِي ويٺا مَنَ ۾، سامي نانا مَتَ،
وِرلي کَنهِن گُرَمُکَ کَڍِي، اَنَ هوندِي ڪَلپِتَ،
لَنگهي پَنجَئي تَتَ، چَڙهيو اَنيئہ اَڇَ تي.

(١٥)

سارو جڳُ وَهي، تو اَنَ هوندي دَرياهَ ۾،
سَمُجَهہ ري سامي چئي، اَستِتِ ڪونَ رَهي،
ڪو گُرَمُکُ پارِ پئي، ساڌَ سَنگتِ جي ڏيِر سان.

(١٦)

سارو جڳُ ساڙيِ، داوا اڱڻِ دڳڌُ ڪيو،
وِرلو ڪو گُرمکُ بچو، لِنوَ سان مَنُ لاڙي،
سامي چَڙهيو سيرَ تي، سَڀِ لِڪَ لَتاڙي،
پَرِدو اُگهاڙي، ڳالھ نَہ ڪَري ڳُجھَ جي.

(١٧)

سارِي وِسُ چِلِي، مايا موهَ مَمَتَ سان،
وِرلو ڪو گُرمکُ بچو، ڀانيَڻُ جَئي ڀِلي،
جَنهِن ڪي سَتَهَ سَروپَ جِي، سَتگُرَ ڳالھ سَلي،
جاڻي سَڀ ڀِلِي، ڪَئي ڪَرتا پُرکَ جي.

(١٨)

ڀِلِي وِسُ ساري، سامي اَوِديا ڀَرمَ ۾،
ڪوڙِنِ ۾ ڪو هِڪِڙو، گُرَمکُ وِيچاري،
جَنهِن مِليِ سادَ سَنگتِ سان، مَمِتا سڀ ماري،
اَنيَئِہ جي ڀاري، ڪولي ويٺو خوش ٿي.

(١٩)

سيئي حيرانُ، ڏِٺا مايا موهَ ۾،
ورلو ڪو گُرَمکُ رَهِي، سَمَ سيتَلُ نِربانُ،
جنهن ڪي آتَمَ گِيانُ، سامي ڏٺو سَتِ گُروءَ.

(٢٠)

سَيْڪو سڏائي، گِياني پَنڊِتُ پاڻَ کي،
سامي ڏِسي ڪونَڪو، مُنهن مَٿَهيءَ پائي،
پاڻُ ڪڍِي ڪو پاڻَ سان، گُرَمُکُ لِنوَ لائي،
ويهي وَڃائي، نگارو نِرِباڻَ جو.

(٢١)

روئِي ڳَلِ پِيو، سامي سيوَڪُ گُرَ جي،
ڏِسِي چَلُ مايا جو، ياري پِئُ تِيو،
سَهَجِي رَمزَ سَهي ڪَري، ڪامِلَ ڪَرَمُ ڪِيو،
وَئي تَتِ وِيو، جَتِ پَرَمَ پولائو ناهِ ڪو.

(٢٢)

سُتَ شيوَڪَ پيئيو، پورو گُرُ پَرتِيتِ سان،
تنهن سَنسو سوڪُ اَندَر مون، سامي سپُ ميٽيو،
سُکي تي ليٽِيو، وَڃي سُکِپَتِ سيج تي.

(٢٣)

سامي سُوالي، آيو سَرَنِ گُروءَ جي،
بِرڌُ سُڃاڻِي پانهنجو، پريتِ گُروءَ پالي،
چَڙهي چيتَنَ رَنگَ جِي، لُنؤ لُنؤ ۾ لالي،
خاوَندَ ري خالي، سُئيءَ پاهو نَہ ڏِسان.

(٢٤)

سامي ڪينَ ڇڏي، سَتِ ڳُرُ پورو سِڪَ ڪي،
جئين تئين پاڻَ سان، جوڙي جيءَ ڳَڏي،
راتيون ڏينهَن سَڏي، رکي نينَ نيٽنِ ۾.

(٢٥)

سامي ڳُرَ سِکي، اَچي نـَ ڪَلپَتِ ڪَٽَ ۾،
سوکَمَ کون سوکَمُ ٿِي، کَندي ڏارَ تِکِي،
پُڇي ڏِسُ پَرَتيتِ سان، سِدِّ، مُني، ديوَ، رِکي،
جنهن کي پاڳَلِکي، سو مَوجان ڪري مَمَتَ ري.

(٢٦)

سامي جَنهِن وَدو، ڳُرڳَمَ نانءُ اَلکَ جو،
تَنهِن جو واريو ڏَرَم راءِ، خوشيءَ سانُ کَندو،
پَنهِنجو پاڻُ لَدو، وِڇڙيو ڪوٺُ جَنَمَ جو.

(٢٧)

سامي جَنهِن سوڏي، ڳُرڳَمَ سارُ سَهي ڪَيو،
جِيتيو تنهن جَتَنَ ري، سارو جڳُ جوڏي،
جاڳي ڪَڏيائِين جيءَ مون، لُڏِڙا سَپ لوڏي،
پَنجَي پَرِپوڏي، لائي چِڏيائِين لِکَ ۾.

(٢٨)

سامي ڪَڍِي جَنِ،اَوِديا مَيلُ اَندرَ مون،
سي نِرمَلُ سنسار ۾، سَدا اَليپُ رَهَنِ،
چِيٺيءَ اَئون ڪُنچَرَ ۾، سَمَ سَروپُ ڏِسَنِ،
لُنوَ لُنوَ رَسُ پِيئَنِ، آتَمَ پَدَ اَپارَ جو.

(٢٩)

سامي سَپِيئي، سَنتَ چَوَنِ ٿا ڳالهه هِڪَ،
وِرلي ڪَنهن ڳُرَمُکَ کي، سَمَ سُوجهِي پِيئي،
جنهن پِيا سَپِ بَنِ ڏِيئي، دَرُ سُجاتو دوسَ جو.

(٣٠)

سامي سَپَ جو ڊِيوُ، آهي پُرڪارَٿُ پانهِنجو،
ڪوڙنِ مون ڪو هِڪڙو، ڳُرَمُکُ جاڻي پِيوُ،
اَوِديا جو اَهَنميوُ، ڪَڍيو جَنهِن اَندر مون.

(٣١)

واڻي لَکائي، ٿِي ساکيءَ پَدَ نِربانَ کي،
ڪوڙنِ مَنجهون ڪو هِڪڙو، سَمجهِي سُکُ پائي،
ڏِنو جنهن ڳُرگيانِ سان، اَوِديا پَٽُ لاهي،
سامي سَمائي، سو اَنيئِي آتَمَ پد ۾.

(٣٢)

سامي سَدائِي، گُرَمُڪَ رَهي پَدَ ۾،
جَنهِن جي پُوري سَتَ گُروءَ، مَمتا مِٿائي،
سَمُجَهه مَنجهِ آئِي، اَنيَئِہ لڪَ اَلڪَ جِي.

(٣٣)

سَبَ ڪي ڪانُ ڪَشي، مايا هَنيون موهَ جو،
وِڏائين وَلَ ڇلَ سان، ڏُبڌا مَنجهِ ڏَسي،
ڪَنهِن گُرَمُکَ وَتُس گِيات سان، ٻانَيَنَ ٻَلُ ڪسي،
جَنهن کي راهَ ڏَسي، سَتِ گُرَ ڏِني سَڄَ جي.

(٣٤)

سَبَ ڪي گِراسي، مايا ويئي مُکَ ري،
سامي هِڪ هَرِجَنَ کون، رهي رن پاسي،
جنهن کي هَرِياسي، چِيتِي ءَ اَئون ڪُنچر ۾.

(٣٥)

سَبَ ڪي لَڳو روڳُ، اَوِديا جي اَيمان جو،
ڪوڙِن ۾ ڪو هِڪڙو، گُرَمُکَ رهي اَروڳُ،
جَنهِن کي ڏِنو سَت گُروءَ، اَنيَئِہ آتَمَ جوڳُ،
ڪَٽي سَنسو سوڳُ، سامي چَڙهيو سيرَ تي.

(٣٦)

سَيْڪو پريمُ چَئي، پريمُ نـَ اچي واچَ ۾،
جِئين آڪاسُ گهِنَن ۾، سَدا اَليپُ رَهي،
ڪو گُرَمکُ سَندِ لَهي، سامي سنتَنِ سان مِلِي.

(٣٧)

سَيْڪو هَٺَ هَٺي، تو اَوِديا مَنجهه اَندَنِ جان،
ديهي مَنِي پاڻَ کي، جَپَ تَپَ دانَ ڳَٺي،
وِرلي ڪَنهِن گُرَمکُ کي، اَنيَـهُ واڪُ وَٽي،
جَنهِن کي پاڻَ کٽي، ڏيئي هَٺَ هِمَٿَ جا.

(٣٨)

سَيَڪَنهِين پاتو، ڪَيو ڪِيتو پانهِنجو،
ڪوڙِنِ ۾ ڪو هِڪِڙو، هَرِجَنُ رَنگِ راتو،
سامي گُرَ ويساهَ سانِ، جَنهِين سَچُ ڄاتو،
تَنهِن جو کَٽُ کاتو، وارِيو ڌَرمَ نياوَ ۾.

(٣٩)

مايا مَنجهه اَپَرَسِ، وِرلو ڪو گُرَمکُ رَهي،
ڪَئي جَنهِن ڪَلپِتِ ڪون، سامي سَمُجهي بَسِ،
ڪَڍِي تِئي ڪِينَ ڪي، مَنَ اِندرِن جي وَسِ،
کِميا جِي کَسِ کَسِ، گهوٽي پِيئي پريمَ سان.

(۴۰)

مايا مَنجهِ اُداسُ، ورلو ڪو ڳُرمڪُ رَهي،
ڪيو جنهن ڳُرڳيات سان، اَنتَرَ مڪ اِپياسُ،
چَڙهي ڏِٿائين چيتَ ري، اَنيئِ جو آڪاسُ،
سامي جاڻي ناسُ، دِرِشٽِيمانَ سَنسارَ ڪي.

(۴۱)

مايا مَنجهِ اُداسُ، ورلو ڪو ڳُرمڪُ رَهي،
جو دِرِشٽيمانَ سَنسارڪي، نِشچي جاڻي ناسُ،
سامي ساڌَ سَنگت جو، وَٺي پَنوَرَ جان واسُ،
جِئين گهَٽَنِ ۾ آڪاسُ، تِئين ساڪي ڏِسي سَڀَ ۾.

(۴۲)

مايا مَنجهه اداسُ، ورلو ڪو ڳُرمڪُ رَهي،
جَنهن مِلي ساڌَ سَنگت سان، ڪيو اَنتَرَمڪ اِپياسُ،
جِئين گهَٽَنِ ۾ آڪاسُ، تِئين ساڪي ڏِسي سَڀَ ۾.

(۴۳)

تيڪيو جَنهِن مَٽو، سَتِ ڳُرَ اَڳيون سِڪُ ٽي،
سَهَجي تَنهن سيوَڪَ جو، سَنسو دُڪُ لَٿو،
موٽي اَودِيا ڦاسَ ۾، سامي ڪينَ ڦَٿو،
توڙي ڪَري ڪَٿو، تَپي راجا رانوَلَ ديسَ جو.

(۴۴)

جَنهِين ڪَنُ ڏيئي، ٻُڌو گيانُ گُروءَ جو،
پَڙهي تَنهن پورا ڪَيا، شاستَر سَپِيئي،
ساڌي چَڙهيو سِير تي، اورارُ پارُ ٻيئي،
درِشٽِ وَڃِي پيئي، سامي چئي سَروپَ تي.

(۴۵)

جَنِين ڪَمائي، پَڳِتِ گُرَ ويساهَ سان،
مَيلُ تَنِين جي مَنَ ۾، رَهي نَہ رائي،
پاتائون پَرتِيتِ سان، اَمِتَ وَڏائي،
سامي سَدائي، سَنَمُڪُ ڏِسَنِ سِپِرِين.

(۴٦)

جَنِين ڪي آئي، گُرگَمَ سَمجه سَروپَ جي،
مَيلُ تَنِين جي مَنَ ۾، رَهي نَہ رائي،
سامي سَدائي، پَرچا رَهَنِ پَدَ ۾.

(۴۷)

جَنهِين سُڃاتو، سُتَهِ ساڌَ سَنگَتِ ڪي،
مَٽيو جو مَحَبَتَ جو، پُوئي ٻُڪِلِ پاتو،
وائِنِ نا واتو، جي گُروءَ جي ڪَسِ پيا.

(۴۸)

جَنهِن کي لڳو ٻاڻُ، سَتِگُر سُجاڪِي جو،
سو پيديو ڇاڻِي پاڻَ کي، چار ڏينهَن مهمانُ،
ڪَلپِتَ ڪڍِي مَنَ مون، رهي ٿابوتيءَ ساڻُ،
پاڻَ ورائي پاڻُ، سامي ڏِسي سَڀَ ۾.

(۴۹)

جنهن کي سَمَ صَلاحَ، سامي ڏِني سَتِ گُروءَ،
سَهَجِي تَنهِن جي مَنَ مون، مِٽِي چِنتا چاهَ،
وَدائين ويساهَ سان، اُلٽِي اَنيَڙَ راهَ،
بِنان ڪَلپِتَ ڪاهَ، ڪَري پَهتو پَدَ ۾.

(۵۰)

جنهن کي ڏِني ٽيڪَ، سَتِگُرَ پوري سَچَ جي،
سو مُحَڪَمُ رکِي مَنَ کي، ڇوڙي ڇڏي نـ ڇيڪَ،
سامي ڄَئي سَنسارَ ۾، وَرتِي ساڻُ وِويڪَ،
توڙي ڀوڳي ڀوڳَ اَنيڪَ، تـ بـ نِيارو رهي نَپَ جان.

(۵۱)

جَنهِن کي لَڪائِي، سَتِ گُرلَڪَ اَلَکَ جِي،
تَنهِن پَرچي پانهِنجي پاڻ سان، لِنوَ سَچي لائي،
مِٽِي تَنهِن جي مَنَ مون، ٻانيَنُ ڄَئي ٻِيائي،
رَهي سَدائي، سُخَ وَسَنُ جي وِچ ۾.

(٥٢)

جَنهِن کي دَرسَنُ دات، سامي ڏِني سَت گُروءَ،
مِٽي تَنهِن جي مَنَ مون، سَڀ پَرائي تات،
جاڳي ٿيو جڳديشَ جي، جوت سَروپي جات،
جاتي ڏينهن نہ رات، تت ڪيائين تَڪيو.

(٥٣)

سَمُجَھ اَئون صِدِقُ جَنِ کي ڏنو سَت گُروءَ،
سي خاصا خِلوَتَ دارَ ٿيا، هَردَمُ ڏِسَنِ هِڪُ،
توڙي رکَنِ لِڪُ، تہ پِي سامي لِڪَنِ ڪِينَڪِي.

(٥٤)

سمجهو جن سچُ سِيرُ، سي راجا رانوَلَ ديسَ جا،
تِن کي مَڃي سَڀُڪو، پير، فَقيرُ، اَميرُ،
ڪيرُ ڪري تاڳيرُ، جَن کي سامي مِليو ستگُرو.

(٥٥)

سَمُجهو جنهن سَبَقُ، صَفا سَلوڪتَ جو،
مِٽيو تنهن جي مَن مون، سامي ڇَٽي سَڀُ شَڪُ،
ميخاني مَحَجَد ۾، ڇاٽي ڪونہَ فرَقُ،
ٻولي اَناالحق، مِلي مَهَد جَنَنِ سان.

(٥٦)

سَمُجهو جن مَرَمُ، سامي سُپيرِيَنِ جو،
مِٺيو تَنِ جي مَنَ مون، پـولائو پَرَمُ،
جَپُ تَپُ ڏيانُ ڌَرَمُ، تن سَهجي سَيوئي ڪيو.

(٥٧)

سَمُجهي سَيوئي، سَٿين ٻَلُ ٻانيَنُ ڇَئي،
پَئِين ڳَلِ گُروءَ جي، رَهَسِي سان روئي،
ڪَڍين پنهنجي جيءَ مون، ڏُبِڌا سڀ ڌوئي،
تـ دِلَ ٻِنان ڀوئِي، لَهين دَرِ دوسَنَ جي.

(٥٨)

سُرِجها سي ڇَئجَنِ، جَنِ ڪَڍِي اُرِجَه اَندَرَ مون،
اُلَٿائي اِندرين کي، صَبُر مَنجه رَهَن،
ڪَنهِين سان ڪَرَنَ جيترو، ڪِينو ڪِبِرُ نـ ڪَنِ،
سامي سدا ڏِسَن، سَنَمکُ پانهنجي سُپِرِين.

(٥٩)

سَتِگُرُ پُرکُ ديالُ، لَڌو جَنهِن لوڙي ڪَري،
سو سامي سَهَجيئي ٿِيو، نَظَرَ مَنجِه نِهالُ،
پرچي ڏِٺائين پانهنجو، اَنيَئـ روپ رَسالُ،
ڪَٿي ڪَلپَتَ ڪالُ، سُمهيو سُکِپَتَ سيجَ تي.

(٦٠)

سَتِ گُرَ سَمُجهايو، سا سَمُجھَ ڏِني سَڀ ڪاٽَئِين
جَنهن کي آتَمَ پدَ جو، پيرو هَٿِ آيو،
سو ساڌو ڳجهو نہَ رهي، ڇَپيو ڇپايو،
سامي سَمايو، ساکي پانهنجو پاڻ ٿيو.

(٦١)

ست گُرَ هڪَ جڳتِ، سُوڌي ڏسِي سِڪَ کي،
سُرجهي سِڪُ سَنئون ٿِيو، ڪَڍي مَمتا مَتِ،
چيٽي ۽ اَئون ڪُنچَرَ مِ، ساکي ڏِسي سَتِ،
سَدا گَتِ مُڪَتِ، سامي جاڻي پاڻَ کي.

(٦٢)

سنت رَچِي سُورِي، بارِي باوَنَ باهِري،
تنهن تي ڪو گُرَمکُ چڙهي، هَٿ ري حَضوري،
جَنهِن دَرسنُ ڏِنو دوسَ جو، نٽَنِ سان نوري،
هي ۽ پِرولي پوري، سامي سَلِي سو سَتِ گُرو.

(٦٣)

سَنتنِ جو پَرتاپُ، وِرلو ڪو گُرَمکُ لکي،
مٽيو جَنهن جي مَنَ مون، سامي ڇَئي پُنُ پاپُ،
جاڻَ وِجائي پانهنجي، جَپي اَڪَندَتُ جاپُ،
لَنگهي وَرُ سَراپُ، چَڙهيو اَنيَٺِ اَچَ تي.

(٦٤)

سَنتَنِ جو رَستو، نِرَمَلُ نيارو سَبَ کون،
وِرلو ڪو گُرَمُکُ چَڙهي، سامي رَنگِ رَتو،
ڪَڍيو جَنهن ڦِستو، اَوِديا جو اندَرَ مون.

(٦٥)

سَنتَنِ ساڻُ مِلي، گُرَمُکَ سارُ سَهي ڪَيو،
سامي رَهي سَماڌِ ۾، سَدائين اَملي،
ڳاوي رامَ ڪَلي، چيتَنَ چِدَ آڪاسَ ۾.

(٦٦)

دَيا مَنجهِ دَيالُ، اَٿـي دَيا مَنجهِ دَيالَ جي،
سَمُجهي ڏِسُ سامي چَئي، تون ڪَڍي خامُ خيالُ،
دَياري دوسَنِ جي، اَٿـي ٻي سَبَ ڪَلپِتَ ڪالُ،
نَنلَرَ مَنجهِ نِهالُ، گُرَمُکَ ٿِئڙا ڪيترا.

(٦٧)

پَرچي گُرَ پَتو، ڏِنو پَدَ اَواچَ جو،
جُڙِي پانهنجو پاڻ سان، سامي رَنگِ رَتو،
عَجَبُ اَنَ ڇِتو، ڳالهه نـ ڪَري ڳُجَهَ جي.

(٦٨)

پَرچي جَنهِن پاتو، گُرگمَ مُنهُن مَرّهيءَ ۾،
سامي سُپيرِيَنِ کي، تنهن سَهجي سُڃاتو،
واري کَتُ کاتو، جِيئندي ويٺو جَمَ سان.

(٦٩)

پَرچي جَنهن پاتو، گُرگمَ مُنهُن مَرّهيءَ ۾،
سامي تَنهن سَروپَ کي، سُتَهه سُڃاتو،
جاڳِي واريائِين جَمَ جو، جيئندي کَتُ کاتو،
وائي نا واتو، وَرتي پيو ويچار سان.

(٧٠)

پَرچِي جنهن پاتو، گُرَمکَ گيانُ مَرّهيءَ ۾،
تنهن سامي سُپيرِيَنِ کي، سُتهَ سُڃاتو،
واري کَتُ کاتو، جيئندي ويٺو جَمَ سان.

(٧١)

پَرچِي جنهن پَلالُ، گُرَمُکَ کَڍيو گهرَ مون،
تَنهِن کي لَکِي کِينَکي، سامي کَلپِتِ کالُ،
جاڻي جانُ کَڍي کَري، سَبُ خاوندَ جو خِيالُ،
سدائين نِهالُ، رَهي پانهِنجي حالَ ۾.

(٨٢)

جَنهِن کي پيئي سُڌِ، گُرگَمَ عَشقَ اَپيدَ جي،
سامي تنهن جي سِير ۾، بُڏي ويئي بُڌِ،
ڪَنهِن سان ڪَري ڪينَڪِي، وائي ائون وِرُڌِ،
جوڙي ويٺو جُڌِ، سَنَمُڪُ سُپيرِيَنِ سان.

(٧٣)

گُرگَمَ جَنهِن سَمُجهِي، نِيتِ نِرَنجَنَ ديوَ جي،
تَنهِن کون رهِي ڪانڪا، سامي ڳالهہ ڳُجهي،
ڪِيائين هَٿِ ڪُنجي، اَنيڪَ ديس اڳم جي.

(٧٤)

جنهِين سَمُجهايو، گُرگَمَ پانهِنجي من کي،
پَوَنُ تَنهِين جو پاڻهين، اُلَٽِي گهر آيو،
سامي سَمايو، جڳَتُ ڏِنائين جوت ۾.

(٧٥)

جَنهِن ڳاهڪَ ڏِيئي گوشُ، بُڌي ڳالهہ مُئَن جي،
سو بُڌَڻَ سان ٻانيَڻَ چئي، ٿِيو بيحَد بيهوش،
سَهِي ڪيائين نڪ کي، جنهن پهريو نانا پوشُ،
ڪري ويو خاموش، ڳالهہ نہ ڪري ڳُجَهہ جي.

(٧٦)

جَهن ِ جي پريت ِ لڳي، اَنتر مک ِ ڳُرڳـيات ِ سان،
ڪَڍِي تَنهن ِ اَندَرَ مون، سامي سَڀ تـڳي،
اَنيئـِ جوت ِ جڳي، ڏِنـائين ڳهٽَ ڳهٽَ ۾،

(٧٧)

توڙي لَکَ لِکَن ِ. چاتـان حَرفَ حِسابَ جون،
ڳُرَمکَ گاهَڪَ ڳُڻَ جا، پَلَڪَ نَہ پاسو ڪَن ِ،
پَلو جاٽي پانهِنجو، سَنَمکُ سَدا رَهَن ِ،
سامي سَمُجهيو جَن ِ، پَڪو پير پِرئَـن ِ جو.

(٧٨)

ترِشنا ڳهٽـائي، سو جڳِياسي جڳَ ۾،
مِلِي ساڌ سَنگَت ِ سان، مُنهُن مڙهيءَ پائي،
ڳُرڳَمَ ڏِسي پاڻَ کي، اَوِديا پَٽُ لاهي،
مَمتا مِٽـائي، سامي رَهي صَبُرَ ۾.

(٧٩)

اَٿَ ئي پَهَرَ پَلِن ِ، ڳُرَمکَ پانهِنجو پاڻَ کي،
سامي سَمَرَ ويساهَ سان، پَنجئي دوتَ دَلِن ِ،
اَندرِ وَلَ وَلِن ِ، باهَرِ باڦن ِ ڪينَڪِي.

(٨٠)

اَنترِمک آٽي، جوڙي مَنُ جڳتِ سان،
هَلي هَٿُ ڇڏي ڪَري، ڀڳوَتَ جي ڀاٽي،
ڇيٽيءَ اَئون ڪُنچرَ ۾، سامي سَمُ ڄاٽي،
مَوجان سو ماٽي، سامي سُپيرينِ سان.

(٨١)

اِهو ڪَري سُوالُ، جڳياسي جڳديسَ کي،
ڏيئي سَنگُ ساڌَن جو، ڪٽي ڪلپت ڪالُ،
رَهي نـَ رَتيءَ جيترو، سامي جڳَ جنجالُ،
ٻُڌي حالُ حَوالُ، پرچِي ڪَري پانهِنجو.

(٨٢)

اِهو دانُ گهري، جڳياسي، جڳديسَ کون،
سَنتَنِ ساپُرسن سان، منهنجو جيءُ جُڙي،
پِريم پريت وِيساهَ کون، سامي ڪينَ مُڙي،
اَوِديا ڳَندِ ڇُڙي، ساڌ سَنگتِ جي ڏيرَ سان.

(٨٣)

ڪَري ڪينَ اِتبار، گُرَمکُ پانهِنجي مَنَ تي،
سامي سَدائين رهي، گُرگمَ سان هوشيار،
جاٽي خَلِقَ خُوارُ، اِنهيءَ ڀوت ڀَرَمَ ڪئِي.

(٨۴)

ڪَيو جنهن پري، گُرگمَ پَٿُ اَندَرَ جو،
سامي تَنهِن جي گهرَ ۾، اکند جوتِ ٻَري،
ڏِسِي مُنهُن مَحبوبَ جو، راتِيون ڏينهنَ لَري،
مَنجهِي تارِ تَري، لَهرَ نہ لوڙهي تَنهن کي.

(٨٥)

ڪَيو جنهن سَهي، گُرگمَ رَمتا رامَ کي،
سو مِرگهہ تِرشنا جي جَلَ ۾، وَيجي ڪينَ وَهي،
ڪَري راڄُ رَهي، سُڄَ وَسنؤ جي وِچ ۾.

(٨٦)

ڪَيو جنهن نِرَوارُ، رِيهي پانهنجي گهرَ ۾،
ڪَڍيو تَنهِن قَلوب مون، اَوِديا جو اَهَنڪارُ،
لَذائين لوڙي ڪَري، سامي سِرِجَنهارُ،
دوست جو ديدارُ، پائي پَرچو پانَ ۾.

(٨٧)

ڪَئي جنهن جَفا، گُرگمَ سِڪَ سَچيءَ سان،
ڪَٽيا تنهن ڪَلپِت جا، سامي سَڀِ خَفا،
سنسي ڪون صَفا، تِي سَنَمکُ ڏِسي سُپرِين.

(٨٨)

ڪِئڙو جَنهِن سَهي، گُرمُکَ گُرَ ويساهَ سان،
سَنسو تَنهِن جو سِيرَ ۾، وِئڙو سَپُ وَهي،
باقي سَتا سَروپَ جِي، سامي سيکَ رَهي،
آتَمَ لعلُ لَهِي، ماهِلُ تيا مَهِرانَ ۾.

(٨٩)

پاتو جَنهِن لِيو، گُرگَمَ پَنهنجي گهرَ ۾،
ٻِن ٻارِين جي وِچَ ۾، ڏِنو تنهن ڏِيو،
سدائي کِيو، سامي رَهي سُياوَ ۾.

(٩٠)

پَهُچِي نَہ پَرمانُ، اَنيئي ڳُجهه اَگمَ جو،
وِرلو ڪو گُرمُکُ لکي، سَمُجهه سَلوڪ سانُ،
ڏِسي پانهنجو پانُ، سِيتَلُ ٿِئي سامي چَئي.

(٩١)

ڪِديو جنهن خَللُ، اَوِديا جو اَندَر مون،
پاتو تنهن پَرتِيت سان، آتَمَ پدُ اَچلُ،
سدائي سِيتلُ، سامي رهي سُياوَ ۾.

(٩٢)

ڪَري ويو پَرويسُ، جَنهن ڪي واڪُ گُروءَ جو،
مِٽيو تنهن جي من مون، سامي سڀُ ڪَليسُ،
اَلَکَ ڪي اَديسُ، ڪري نتُ ڪَلپِتَ ري.

(٩٣)

سلاهِن سيئي، سامي ساڌ سَنگتِ ڪي،
جَنهِن ڪي واڪ گُروءَ جا، وِيا هِردي منجهه پيهي،
مَمَتَ وڃائي مَنَ جي، نِرمَلُ ٿِيا نيهِي،
بيگَمَ بِديهي، سَمَ رَهَنِ سَنسارَ ۾.

(٩٤)

سَهَسين ڪَنِ صَلاحَ، ٿا گُرمُکَ سِکَ گُروءَ جا،
جَنِين لَڌي لَکَ سان، آتمَ پَدَ جي راهَ،
پائي پَرَماتمَ ڪي، ٿِيا بي غمَ بي پرواهَ،
سامي رَهَن اَچاهَ، ساکي ٿي سنسار ۾.

(٩٥)

سهَجي سکُ ٿيو، جَڏِي مِلي دِلِ دَيال سان،
اَوِديا دُکُ اَندرَ مون، سامي سَڀُ ويو،
بِنان دَرَسَن دوسَ جي، ڏِسي ڪينَ بيو،
پاٽيءَ مَنجِهِ پيو، جئين ڪيلوٽو کندُ جو.

(٩٦)

سهَج سُمير چڙهيو، شيوَڪُ سا پُرسن جو؛
جَنهِن جو برهَمَ اگنِ ۾، سنسو سَڀ سڙيو،
سامي اَنڌَ گهڙيو، ڏِيو ڏِٺائين ڏيه ۾.

(٩٧)

هَرِجَسُ نتُ ٻُڌنِ، گُرمکَ ساڌَ سَنگت ۾،
نانا واڪَ وِصال جا، پَرچيِ پاڻَ چَون،
ٻُڌِي ٻڌائي سَڀَ جو، سامي ڪارِجُ ڪَنِ،
سَدا سَمَ رَهَنِ، اِستَتِ آتَمَ پَدَ ۾.

(٩٨)

ٻانيَڻَ ڪيم ٻڌاءِ، ڪنهن کي گيان گُروءَ جو،
پَرچي پِريت سَچِيءَ سان، اَنتَرَ مک لنؤ لاءِ،
اگست جان آچمن ڪري،اَوِديا سِندُ سُڪاءِ،
رَهين پولي پاءِ، تہ سَهَجي مِلين سُپرين.

(٩٩)

ڪَيو جَنهن حَوالُ، پانهنجو سَڀُ هَرجَنَ سان،
ڪَڍِي سَڀُ اَندَرَ مون، سامي خامُ خِيالُ،
نَظَر منجهِ نِهالُ، تنهن کي گُرَپُوري پَرچي ڪيو.

(١٠٠)

ڏُئيتَ مَنجهِ اَڏُئيتُ، سَنتَ لَکائِن سَبَ کي،
ڪوڙن ۾ ڪو هڪڙو، سمجهي سِکُ سُچيتُ،
ڪَيو جَنهن ڪَلپَتَ ري، هَرِ پکِتِن سان هيتُ،
جاڻي اَنيَتِ ڪيتُ، سامي مانکَ ديھ کي.

(١٠١)

سَرگُڻَ ۾ نرگُڻ، ورلو ڪو گُرمکُ لَکي،
سامي جنهن کي ست گُروءَ، ڏنو گيان اَنجنُ،
ڪڍي مَيلُ منُ، سُوڌو رهي سُياوَ ۾.

(١٠٢)

سيپئي حيرانُ، ڏِٺا مايا موھ ۾،
وِرلو ڪو گُرمک رَهي، سَمَ سيتلُ نِربانَ،
جنهن کي آتمَ گِيانُ، سامي ڏنو ستگُروءَ.

(١٠٣)

جيڪو داسُ ٿيو، سَنتَنِ جو ويساهَ سان،
سَنسو تَنهِن جي جيءَ مون، سامي سَڀُ وِيو،
موتي ڪيئَ پيو، گَرِبَ جُونِ جي گارَ ۾.

(١٠٤)

جيڪو ڳالِ مَجي، سَنتَنِ ساپُرسن جي،
سو پانهنجي اَکين پانڌ کي، ڏِسي پُولُ پَجي،
لَنگهي پار وَجي، سَهَجي اَوِديا سِنڌ کون.

(١٠٥)

جيڪي سَنتَ چَيو، سو شيوَڪَ رکيو سِر تي،
وَري ڏِنائين ڪِينَڪي، تَنِ جو ڪَرَمُ ڪَيو،
چِڏي ناهَ ٿيو، سامي سُپيرِيَنِ سان.

(١٠٦)

جيڪو سِرُ رکي، لاهي پيٿَ گُروءَ جي،
سو سَهَجي سِڪَ سَچيءَ سان، انيئـ رَسُ چکي،
گهٽَ گهٽَ مَنجهِ لکي، سامي سارَ سَروپَ کي.

(١٠٧)

جيڪو سَميٽي، پَسرِيو آٿي گهرَ مِہ،
سو سَهَجي سُپيرِيَنِ کي، پِرنگيءَ جان پيٽي،
سُکي ٿِي ليٽي، سامي سُکپتَ سيجَ تي.

(١٠٨)

جيڪي نِواجا، سامي پوري سَتِگُروءَ،
دُکَ سکَ لاپَ اَلاپَ کون، ٿيا اَنيئِي آجا،
رَهَن پانهِنجي حالَ ۾، طَمَع ري تاجا،
راجَنِ جا راجا، ڪانَ نَ ڪَڏَنِ ڪَنهِن جي.

(١٠٩)

جيڪي چَيو گُرَنِ، سا ويدَنِ ساکَ ڏِني،
دانا ديوانا سَنتَ جَنَ، بِي گُل ڪانهَ چَوَنِ،
مَتُ سَيني جو هِڪڙو، جي اَنيئهَ ديس رَهَنِ،
سامي سَمُجهو جَنِ، سي ماهِل ٿِيا مَهرانَ ۾.

(١١٠)

جاڳِي بِنان جڳَتُ، پِلي ڪينَ پَرَمَ جو،
توڙي بَنَ غُفا ۾، وِهي ٿِي وِرِڪَتُ،
اِئين چَوَنِ ٿا سَنتَ جَنَ، سامي ڪري سَپَتُ،
مَنَ مون ڪَي مَمَتُ، تہ سُتَهَ سَمَ سيتَلُ ٿِئين.

(١١١)

جاڳيو جڳياسي، ڪوڙنِ ۾ ڪو هِڪڙو،
جَنهِن جيئندي ڪَئِي جَمَ سان، ڪِلي خَلاصي،
وَڃي ٿيو واسي، سامي پَدَ اَواچَ جو.

(١١٢)

جاڳيو جڳياسي، ڪوڙنِ ۾ ڪو هِڪڙو،
ڪَئي جنهن جَهانَ سان، جٿينديِ خَلاصي،
ويحي ٿيو واسي، سامي ديسَ اَگمَ جو.

(١١٣)

جڳتنِ سانُ هَلي، گُرمکُ سَمَ سَنسارَ ۾،
بَدائين گُرگيات سان، آتمَ ڏنُ پَلي،
ڪَنهِن کي ڪين سَلي، سامي سِڪ پِرِيَنِ جي.

(١١٤)

جانيءَ سان جوڙي، آءُ تنين جي گولڙي،
جُڳتِ ڏيئي جيءَ کي، مِتيا ڪون موڙي،
چِڪِيءَ سان چوڙي، اَوِديا ڳَنڍِ اَندرَ جي.

(١١٥)

گُرگمَ اَڏُ اَڪَرُ، پَڙهيو جنهن پَرتيتِ سان،
وِديا واچ اَواچَ جو، آيو تنهن کي وَرُ،
پَرچي ڏِنائين پانَ ۾، انيئہ آتمَ سَرُ،
اَوِديا ڏکُ ڏمَرُ، ميٽي وينو مَنَ مون.

(١١٦)

گُرگمَ ڪَيو يادِ، جاڳِي جَنهِن جڳديسَ کي،
مِٽي تنهن جي مَن مون، سامي سَبَ اُپاڌِ،
ڪنهن سان ڪَري ڪِينَڪِي، ڪوڙِي ڪَلهِ وِوادِ،
سامي مَنجِهه سَماڌِ، وَرتِي پِيو ويچارَ سان.

(١١٧)

گُرگَمَ هڪَ گهڙِي، جنهن پَرچِي ڏِٺو پاڻَ کي،
ويئي تنهن جي جيءَ مون، مَمَتا مَيلُ سَڙِي،
چوباري چَڙهي، سَيلُ ڪَري سَيَڪَنهِن جو.

(١١٨)

گُرگمَ گَندُ گيرُ، ڪَڍيو جَنهِن اَندرَ مون،
سو ساڪي ٿِي سَنسارَ جو، سامي ڪري سَيرُ،
ڪِميا سانُ ڪَيرُ، گُهري دَرِسُ ديدارَ جو.

(١١٩)

گُرگمَ جَنهِن ڪِيو، شِيشو سُڌِ اَندَرَ جو،
اَنيٺِ آتَمَ ديوَ جو، تَنهِن پِرلاءُ پِيو،
اَندرِ باهرِ دَهَ دِسا، ڏِسي ڪِينَ بِيو،
ڪارِجُ سِڌِ ٿِيو، سامي تَنهِن سا پُرسَ جو.

(١٢٠)

گُرگمَ جَنهِن ساڏي، ڪايا ڪَلپتَ پانهنجي،
سو ڏِسي ڪوند اکن سان، پاپي اپراڏي،
سَدا سَماڏي، سامي رهي سنسارَ ۾.

(١٢١)

گُرگمَ جَنهِن چِٽي، سِلَ اَلوٽي سَمَ جي،
تَنهن باري بيگمَ پُرِ جي، پَرچي سانُ پٽي،
ڏِسي سارَ سَروپَ ڪي، ڪَلپَتِ سڀَ ڪٽي،
وينو راندِ ڪٽي، سامي سَڀَ سَنسارَ ڪون.

(١٢٢)

ڏِني جَنهِن چِٽي، سِلَ اَلوٽي سَمَ جِي،
تنهن اَوِديا وَڏائيءَ جي، وِڏي پِندَ سَٽي،
نَڪي شاديءَ ۾ وَڏي، نَڪي غميءَ مَنجهه گَهٽي،
ڪَلپَتَ سَڀَ ڪَٽي، سامي چڙهيو سيرَ تي.

(١٢٣)

گُرگمَ جَنهِن پاتو، اُلَٽي مُنهن مَڙهيءَ ۾،
تَنهن ساميءَ سُبيرين ڪي، سَهَجي سُڃاتو،
وائي نا واتو، پَرچي پِيئي پريمَ رَسُ.

(۱۲۴)

گُرگُمَ ديپڪُ راڳُ، ٻُڌو جنهن ٻانيَڻُ چئي،
مِٺيو تنهن جي مَنَ مون، گَرهَڻُ ۾ تِياڳُ،
جاڳي اَوِديا ننڊ مون، سُتَهَ تِيو سجاڳُ،
ڦُرني ٻِنان ڦاڳُ، پَلِ پلِ کيلي پيءَ سان.

(۱۲۵)

گُرگُمَ اُڏاڻِي، گُڏِي سَهَجَ آڪاسَ ۾،
سَتَ ئي لوڪَ لَنگهي ڪَري، سُنَ ۾ سَمائي،
ٻولي پريمَ پَوَنَ سان، بيحَدَ جي ٻاٺي،
سامي مَنِ ڀاڻي، جُڙئي جوڳيسَرَ جي.

(۱۲۶)

گُرگُمَ چڙهيو سُورُ، انيڪ آڪاسَ ۾،
اَوِديا اونده نہ رهِي، مِٺيو سَنسو سورُ،
حاضران حَضورُ، سامي ڏِٺا سُپرين.

(۱۲۷)

ٻيڙي سيرَ چَڙهِي، سَوداگَرَ ساپُرسَ جي،
سَودي سارَ اپارَ سان، پُورنَ پِريمَ ڀَري،
ڪُنَ ڪَپَرَ لَڙَ لَهَرِ ۾، سامي ڪينَ اَڙي،
ٻِنان گهاٽ گهڙِي، گَڻ ڪارِي گُرگياتِ سان.

(١٢٨)

ٻالهيون سَپيئي، ٻالهه ڏسن تيون هِڪڙي،
گُرمُکَ مَتي ڳيات سان، ڏِنو گهرِ ٻيهي،
تَنُ مَنُ ڏَنُ ڏيئي، سامي مِليو سَروپَ سان.

(١٢٩)

سو چيتَنُ چيلو، جو سَمُجهي ڳيان گُروءَ جو،
جڳَ ۾ جڳ جهڙو ٿِي، وَتي اَڪيلو،
سامي ٻُٽي ڪِينَڪِي، وَقتُ ۾ ويلو،
مَمَتا ري ميلو، پَلِ پَلِ ڪَري پريَنِ سان.

(١٣٠)

ساڌوءَ سَرَنِ پئي، پريمي پريت پَرِتيت سان،
جانءَ وِڃائي پانهِنجي، آڳِيا مَنجهه رَهي،
تَڏَ گُرمي ٻُکَ ڏيهه جِي، سامي سَبِ سَهي،
تَڏِي لَعلُ لَهي، اَمولَڪُ اَندرَ مون.

(١٣١)

مَنَ مُکَ مُنهِن ڦيريو، گُرمُکُ سَدا سَنَمُکُ رهي،
مَنَ مُکُ سَمُجهي ڪِينَڪِي، اَوِديا گُهنَ گهيريو،
سامي نِبيريو، گُرَمُکَ سَنسو جيءَ جو.

(۱۳۲)

گُرَمُکَ سو آهي، جو رَهي گُرَ گيانِ ۾،
ٻي ڳَلِ جاڻي ڪانَڪا، سَتِ گُرَ جي سايي،
جانَ وِڃائي پانهِنجي، لُنؤ لُنؤ لِنوَ لائي،
تَنهِن تي وَسائي، سَتِ گُرُ ميگهه مِهَرَ جو.

(۱۳۳)

گُرَمُکَ ڪينَ مَري، مَنَ جي ڀاءِ مَنَنَ ۾،
ڏيکيا داتِ گُروءَ جي، هِرَدي مَنجهه ڌَري،
سامي سَدا ڪَري، ڀڳتِ ايِيدَ اَلَکَ جي.

(۱۳۴)

گُرَمُکَ گُڻَ ڪَٽي، سامي سَيَڪَنهِين جو،
اَوديا جي اَهَنڪار جا، ليڪا ڪينَ ڳَٽي،
آتَمَ لَکَ سَهِي ڪَري، سَيَ جو داسُ ٻَٽي،
وِرَلي ماءُ جَڻي، ڪا اِهڙا پٽَ اَنيڻِي.

(۱۳۵)

گُرَمُکَ ڪوڙُ ڪَپَٽُ، ڪَنهِن سان ڪري ڪِينَڪِي،
سامي جَنهِن جو سَتِ گُروءَ، پَرچي لاٿو پٽُ،
پَرِميسَرُ پِرگَهٽُ، ويا پَڪُ ڏِسي وِسُ ۾.

(١٣٦)

گُرمکُ ڪينَ گَهٽي، پريم پريت پرَتيت ڪون،
چاترَڪ جان چِتَ ۾، سَدا سامي رامُ رَٽي،
پَنورَ جان پيديو رَهي، سَنسو سَپُ سَٽي،
بيحَدَ بوندَ چَٽي، انيئہ جي آڪاس جي.

(١٣٧)

گُرمکُ گُرَيائي، ڪوڙنِ ۾ ڪو هِڪڙو،
جَنهِن مِلي ساڌ سَنگتِ سان، انيئہ لِنوَ لائي،
ڏِسي مُنهُن مَحبوبَ جو، مَمِتا مِٽائي،
وِڃائي وائي، وَڃي سامي چَڙهيو سيرَ تي.

(١٣٨)

گُرَمکُ جاڻي چَلُ، ڪايا، مايا، ڪُلَ کي،
ڪَيو جَنهِن گُرَ گِياتِ سان. اَندرَ مَنجهہ عَدَلُ،
جاڳي ڪَڍيائين جيءَ مون. سامي سڀُ خَلَلُ،
ڪري راڄ اَچَلُ، ساکي تِي سَنسارَ ۾.

(١٣٩)

گُرمک جو گُذرانُ، سَدا ساڌَ سَنگتِ ۾،
جَنهِن کي ڏِنو سَتگُروءَ، سِڪ سَمُجهہ جو دان،
رکي نہ رَتيءَ جيترو، اَندرَ ۾ اَيمانُ،
سَمَ ڏِسي پِکوانُ، چيٽيءَ اَئون ڪُنچَرَ ۾.

(١٤٠)

گُرَمکُ ڏورِ ڀَڄي، مَنَمکَ موڙه اَچاڻَ کون،
گهاتو ڄاڻي پانهِنجو، هَٿَ ۾ ڪينَ هَڄي،
ڪَري اَرداسَ گُروءَ کي، وَنجِ پاڻَ ڪڄي،
متان ناڻءُ لَڄي، سامي تُنهنجو جڳَ ۾.

(١٤١)

گُرمکَ گهر گَنڀيرَ، رَتا رَهَنِ رَنگَ ۾،
مَمَتَ وِڃائي مَنَ جي، ٿيا سامي نِرمَل نيرَ،
گَڏيا گهارِنِ سَڀَ سان، پِيَنِ کَندون اَئون کيرَ،
وِڃي چَڙهيا سيرَ، لَهَريون کُنَ لَنگهي ڪَري.

(١٤٢)

گُرَمکُ پَدُ پائي، ڪَنهِن کي سَلي ڪِينَڪِي،
اَنئي پَهَرَ اَندَرَ ۾، پِيو سامي سَلاهي،
جِئَن گُنگو گُڙُ کائي، مُشِڪي کُشي ڪِينَڪِي.

(١٤٣)

گُرَمکُ وَڏائي، پِريت ڏِهاڙي پانهِنجي،
مِلي ساڌَ سَنگَتِ سان، نِتُ هَرِ گُڻَ ڳائي،
سَمُجهِي سارُ تَنِين جو، مُنهن مَڙهيءَ پائي،
اَوِديا پَٽُ لاهي، سامي ڏِسي سَروپَ کي.

(١٤٤)

گُرَمُکُ شِوُ شَڪَتَ، ٻئي ڏسي پاڻَ ۾،
سَدائي نِيوو رَهي، پائي اوچي مَتِ،
سامي ڪَلپِتِ ري ڪَري، سَڀَ جي ياءُ يڳتِ،
ساکي جاڻي سَتِ، چيٽيءَ آئون ڪُنچَرَ ۾.

(١٤٥)

گُرَمُکُ سِڪَ رکي، سَدا چَرَنَ ڪَنَوَلَ جِي،
جاڻَ وِچائي پانهِنجي، لُنؤَ لُنؤَ رَسُ چکي،
گهٽَ گهٽَ مَنجهِ لکي، سامي سُپيرِيَن کي.

(١٤٦)

گُرَمُکُ سَدا سَموکُ، پَرچو رَهي پاڻَ ۾،
جَنهِن کي ڏنو سَتِگُروءَ، سامي سَمَ سنتوکُ،
کَڍِي اَوِديا دوکُ، ساکي ڏِسي سَڀَ ۾.

(١٤٧)

گُرَمُکُ ڪِينَ چَپي، سورِجَ جان سنسارَ ۾،
جَنهن جا ڇَڏيا سَتِگُروءَ، بَنڌَنَ سَڀِ ڪَپي،
لُنؤ لُنؤ جاپُ جَپي، اکَنڊِ آتمَ رامَ جو.

(١٤٨)

ڳَرَمُڪ ڪينَ لِڪي، جَنهِن کي سِڪَ سَلَ ڪيا،
مَنْ پِوَنْ ڳُرڳِيات سان، ٻڌو جَنهِن چِڪي،
ڪَديائين اَندَرَ مون، ڪَلِپت سَپ ڏِڪي،
سامي سَدا سِڪي، پائي سُکُ سَروپَ جو.

(١٤٩)

ڳُرَمُکُ ڇپي ڪينَ، جنهن جو پَٽ پري ٿيو،
توڙي ڏُربَلُ پِنگلو، ڪوٺَ ڳَندي ڪوپينَ،
پنج ئي ماري پانهِنجا، تنهِن سامي ڪيا اَڏين،
سَدا رهي لَئي لِينَ، اَنيڪ جي آڪاسَ ۾.

(١٥٠)

سَرنديءَ کون ٽالو، وِرلو ڪو ڳُرَمُکُ ڪَري،
جَنهِن جاڳي ڪَديو جيءَ مون، ڪَلپِتَ ڪشالو،
پَلِ پَلِ پيئي پِريمَ جو، پُرِ ڪَري پيالو،
سَدا مَتوالو، سامي رَهي سُياوَ ۾.

(١٥١)

سَرنديءَ کون ٽالو، وِرلو ڪو ڳُرَمُکُ ڪري،
جَهِن پَرچي پيتو پِريمَ جو، پُر ڪري پيالو،
سَپَ ڳهتِ ڏِسي سِپِرين، نَپَ جان نِرالو،
سامي سُکالو، وَرِتي پِيو ويچارَ سان.

(۱۵۲)

آسا كون نِراسُ، وِرلو كو گُرَمُکُ رَهي،
جَنهِن سامي كَيو ساڏَ سَنگِ. اَنتَرَ مک اَپياسُ،
جئين گهٽن مَنجهِ آكاسُ، تِئين ساكي ڏسي سَڀَ ۾.

(۱۵۳)

وِرلو ويچاري، كو گُرَمُکُ واكَ گُروءَ جا،
سَمُجهي سارُ تَنين جو، هِردي مَنجهِ ڌاري،
سامي سَمَ سَنتوکَ سان، مَمِتا سَڀَ ماري،
سَهِجي گهرِ ٻاري، ڏيئو اَنيڪَ سارَ جو.

(۱۵۴)

ورلو كو ٻولِي، سَمُجهي ساپُرِسَن جي،
سامي جَنهن جي سَتِگُروءَ، اَوِديا ڳَنڍِ كولي،
پائي سُمهيو خوش ٿي، كِميا كَٿولي،
لُنؤ لُنؤ سان لولي، پَرچي ڏئي پاڻَ كي.

(۱۵۵)

ورِلو كو مِهمانُ، گُرَمُکُ جاڻي پاڻَ كي،
جَنهِن كي هَنيو سَتِگُروءَ، سامي سيتَلُ ٻاڻُ،
مَنجهي ديهِ بِديهِ ٿيو، ڇَڏي پانهِنجو پاڻُ،
سَدا سَنتَنِ ساڻُ، ميلو كري مَگهنُ ٿي.

(١٥٦)

وِرلو ڪو گُرمُکُ، پرچو رَهي پاڻَ ۾،
جَنهِن کي ڏِنو سَتگُروءَ، اَنيئہِ آتمَ سُکُ،
ڪَٽي اَوِديا ڏُکُ، سامي چڙهيو سير تي.

(١٥٧)

وِرلو ڪو هَرِجَنُ، ڪَرمُ ڪري نِهڪَرمُ ٿيو،
چَڙهي وينو چَوڏولَ ۾، ميٽي سَڀُ مَنُ،
جنين پوکَ پچائي ڪُڙمي، ڪَڍي اَنيئہِ اَنُ،
ڪَلپِتَ ڪانو پَنُ، سَٽي وِجهي سامي چئي.

(١٥٨)

وِرلو گسائي، ڪو مَحَبَتَ سان مَنَ مَڻ کي،
مِلي ڪاريگر سان، پوتي ڳِلِ پائي،
سَنسو پَرَمُ اَندرَ جو، گُرگمَ وِڃائي،
اَوِديا پَٽُ لاهي، سامي ڏِسي سَروپَ کي.

(١٥٩)

ورلو ڪو ڪَري، دَيا پَنهنجي پاڻَ تي،
ديکيا داتِ گُروءَ جِي، هِرِدي منجهہ ڌَري،
مَمتا مِٽائي مَنَ جي، سامي اَجَرُ جَري،
پَلَڪَ نہ ٽَئي پَري، سُتَهَ سِڌِ سَروپَ کون.

(١٦٠)

وِرلو جَنْ ڪَري، ڪو ڏَيا پانهِنجي پاڻَ تي،
ديکيا داتِ گُروءَ جي، هِردي مَنجهِ ڏري،
ڪَڍي ڪوڙَ ڪَپَٽَ کي، جيئندي جڳ مَري،
سامي ڏِسِي نَري، سَڀَ گهٽِ سپيرينَ کي.

(١٦١)

وِرلو جَنْ خُلاصُ، رَهي مايا موهَ ڪون،
جَنهِن کي ڏِنو سَتِگُروءَ، هردي مَنجهِ هُلاسُ،
چَڙهي ميرَ مَحَلَ تي، ڏِسي برهَمَ بِلاسُ،
ڪَڍي ڪَلپَتَ ناسُ، سڪي ٿئي سامي چئي.

(١٦٢)

وِرلو جَنْ ڪري، ڪو پوجا آتمَ ديوَ جي،
سامي جنهن تي سَتِگُرو، پرچي هٿُ ڌري،
سَڀَ کي ڏِسِي نَري، پريتَمُ جاڻي پانهِنجو.

(١٦٣)

وِرلو جَنْ چِٽَي، ڪو سامي هِنَ سَنسارَ کون،
جو ماري مَنَ مَواسَ کي، لَشِڪَرُ سَڀُ لُٽي،
ڪَڍي پانهنجي گهرَ مون، ڪَلِڪَلِ ڪوڙُ ڪُٽي،
بنان چيتَ چِٽي، نِيشانو نِربانَ جو.

(١٦٤)

وِرلو جَنُ تَڪي، ڪو اُوِديا جي اَهنڪار ڪون،
جنهن کي پوري سَتگُروءَ، هَنيو پاڻُ تَڪي،
جانَ وِجائي پانهِنجي، اَنيئِـ رَسُ چَڪي،
بيحدَ ڪِين بَڪي، سامي حَدَ جي جِيءَ سان.

(١٦٥)

وِرلو جَنُ بُجهي، ڪو ڪو اَبَجهُ گُجهُ پرين جو،
جَنهن جو مَنُ مايا ۾، سامي ڪينَ رُجهي،
ساڪي سارُ سُجهي، اَندرِ باهرِ دَهَ دِسا.

(١٦٦)

وِرلو جَنُ رکي، دِيکيا دَولَتَ گهرَ ۾،
چَڙهِي رَنگَ مَحَلَ ۾، آتمَ رَسُ چکي،
چاهَ وِجائي چِتَ جي، دَرِ دَرِ ڪِينَ جکي،
گهٽَ گهٽَ مَنجهِ لکي، سامي سُپيرين کي.

(١٦٧)

وِرلو ڪو وسي، اَنيئِـ جي آڪاسَ ۾،
جو پنجَن جي پرِتيتِ سان، سامي شَڪَتَ کَسي،
اَندَرِ باهر دَهَ دِسا، پانهنجو پاڻُ پسي،
ڪنهن کي ڪينَ ڏَسي، آتمَ سُکُ اَندرَ جو.

(١٦٨)

وِرلو ڪو آهي، گُرَمُک گِياني گِيَاتِ سان،
جَنهِن پانهنجو پاڻ سهي ڪَيو، مُنهن مَڙهيءَ پائي،
سَنسو مٽائي، سامي جُڙيو سَروپَ سان.

(١٦٩)

وِرلو ڪو آهي، گُرَمُکُ گياني جڳَ ۾،
جَنهِن گُرگَمَ ڏِنو پاڻَ کي، اَوِديا پَٽَ لاهي،
ڀيد وِڃائي مَنَ مون، ڪِلي اَئون ڪائي،
سَنسو مٽائي، سامي رَهي سِياو ۾.

(١٧٠)

وِرلو ڪو آهي، واسي آتمَ ديس جو،
جنهن گُرگَمَ ڏِنو پاڻَ کي، اَوِديا پَٽَ لاهي،
مَمِتا مِٽائي، سامي چڙهيو سِيرَ تي.

(١٧١)

وِرلو ڪو آهي، سامي سِکُ گُروءَ جو،
ڏِنو جَنهِن گُرگِياتِ سان، اَوِديا پَٽَ لاهي،
شيوا سَنگتِ جي ڪري، مَمتا مِٽائي،
سَهَجي سَلاهي، رُومَ رُومَ سان رامَ کي.

(١٧٢)

اَنَنَ اَيِيدَ پِکَّتِ، وِرلو کو گُرَمکُ کري،
مِٿي جَنهن جي مَنَ مون، سامي مَمِتا مَت،
رَهِي رَمِتا رامَ سان، راتيون ڏينهان رَت،
آسَڻ کيائين تَتِ، جتي ڏينهن نہ راتِ کا.

(١٧٣)

وِرلي کَنهن لَکِي، گُرَمکُ لَکَ اَلَکَ جي،
پرچي ڏنو جَنهن پاڻَ کي: تيڏي رَمزَ رکي،
سِيتَلُ ٿيو سامي چئي، بيحَدَ بوندَ چکي،
جيئين اَنَلُ پکي، اِستِتِ رَهِي اَکاسَ ۾.

(١٧٤)

وِرلي کنهن وَدو، گُرَمکُ دَرُ گروءَ جو،
سامي سُپيرَين کي، لوڙي تَنهن لڌو،
بولِن مَنجهِ بَڌو، سو کئن پسي سُپري؟

(١٧٥)

پِيالو پِيارو، وِرَلي کَنهِن گُرَمکُ کي،
ڏنو جَنهِن اَکِن سان، اَنيئِ اُجارو،
جاڳي کَديائين جيءَ مون، پَرَمَ پَوُ سارو،
رَهي مَتوارو، پِيئي پِيارِي رامَ رَسُ.

(١٧٦)

نانا وڏ ڪيئي، واتان آتمَ پَدَ جون،
وَجي بيگمَ پُرِ ۾، گڏ تِيون سَيئي.
وِرلي ڪَنهن گُرمک کي، سَمَ سوجهي پيئي،
تَنهِن جي سپ ويئي، اَوِديا ڪَلپِتَ نِڪري.

(١٧٧)

پڙَهن سيئي، تا اُتَم واڪ گُروءَ جا،
ڪوڙن مون ڪنهن هِڪڙي، پُڏا دلِ ڏيئي،
سامي تَنهن ساپُرسَ کي، گُرگمَ لک پيئي،
تَنهن جي سپ ويئي، اَوِديا ڪَلپِتَ نڪري.

(١٧٨)

هِردي مَنجه رکي، ڪو ورلو واڪَ گُروءَ جا،
مَنَنُ ڪِڍي من مون، آتم رس چکي،
اَوِديا جي اهنڪار ۾، سامي ڪِين جکي،
گُهتِ گُهتِ اَلَکُ لکي، دِب دِرشت پائي ڪري.

(١٧٩)

پڙهي تِيو پُختو، گُرَمک اکرُ پِريمَ جو؛
ڪِڍيائين ڪوري ڪري، نانا جو نقطو،
ڪَيائين ليکو سَپَ سان، چِتَ مَنجهون چُڪتو،
سدائين مُڪتو، سامي رَهي سُياءَ ۾.

(١٨٠)

ديهي نہ جاڻي، ڳُرمکُ پانهنجو پاڻَ کي،
چيتَنَ سارَ سَروپَ کي، ڳُرگمَ سُجاڻي،
مَمَتَ مِٽائيِ مَن جي، موجان نتُ ماڻي،
سُمهين پَٽُ تاڻي، سامي سکپَتَ سيجَ تي.

(١٨١)

سَدائي گُلزارُ، ڳُرمکُ رَهي ڳِيات ۾،
چيتيءَ اَئون ڪُنچَرَ ۾، سامي ڏِسي سارُ،
لُنؤ لُنؤ اوآنڪارُ، سامي جَپي زَبانَ ري.

(١٨٢)

سَدائي گُلزارُ، ڳُرمکُ رَهي ڳِيات ۾،
ڪَديائين ڪَلپَتَ جو، وِڌِ نِکيدُ وَهنوارُ،
سَمَ ڏِنائين سَڀَ ۾، ساکي سِرجَڻهارُ،
لنؤ لنؤ اوآنڪارُ، سامي جَپي زَبان ري.

(١٨٣)

سَدائي مِهمانُ، ڳُرمکُ جاڻي پاڻَ کي،
سامي جَنهِن کي سَتِگُروءَ، ڏنو آتَمَ گِيانُ،
سَمَ رَهي سَيَڪَنهِن سان، ڪَڍِي گيرُ گُمانُ،
ٿيو نِرمَلُ نِربانُ، چيتَ وِچائي چِتَ جي.

(١٨٤)

سَدائي مِهمان، گُرَمُک چاڻي پاڻَ کي،
ڏِنو جَنهن گُرگيات سان، فاني سَڀُ جَهانُ،
ڪايا مايا ڪُلَ جو، رکي نَہ اَيمانُ،
پائي پَدُ نِربانُ، سامي رَهي سُياوَ ۾.

(١٨٥)

سدا راجَ ۾ جو گُ، گُرَمُک ڪري گيات سان.
سامي جنهن جو سَتِگُروءَ، ڪَٽيو هِئين مان روگُ،
هارَ جيتَ سکَ دُکَ جو، رکي هَرَکُ نہ سوگُ،
توڙي ڀوڳي ڀوڳ، تان ڀي رَهي اَليپُ ڪَنوَلَ جان.

(١٨٦)

سَدا سَمُجهائي، گُرَمُکُ پانهِنجي پاڻَ کي،
ڀَرَمَ مَنجهِ ڀُلي ڪَري، باد نہ بَقَرائي،
رَهِيو لِنوَ لائي، سامي چِتي سَروپَ سان.

(١٨٧)

ڀڳت ڪَمائي. گُرَمُکُ چِتو دُکَ کون،
ڏِنائين گُرَ گيات سان، مُنهن مَڙهيءَ ڀائي،
ڳالِ نہ سَلي ڪنهن کي، جِئَن گُنگو ڳُڙُ کائي،
رهيو لِنوَ لائي، سامي سُپيرِيَنِ سان.

(١٨٨)

ڀيدَ ٻنان ڀڳوانُ، سَنتَ لڪائِنِ سَڀَ کي،
رکَنِ نَہ رَتيءَ جيترو، اَندرَ ۾ اِيمانُ،
سَمُجهي ڪو سامي چئي، گُرَمکُ اِيهو گيانُ،
پائي دَرسَنُ دانُ، سِيتَلُ رَهي سُياوَ ۾.

(١٨٩)

پَرَمُ وِڃائي پيئڻَ، اَچي آتَڻَ وچَ ۾،
سَهي ساهيڙِنِ جا، سَمَ تِي وِيڻَ ڪُوِيڻَ،
سامي لائي سِرَ تي، رَهي سَنَتَن جي رِيڻَ،
تہ پَري نِرَمَلَ نيڻَ، ڪَنِي نِهالُ نَظَرَ سان.

(١٩٠)

پَريو جَنهن سَلامُ، سُوڌو سُپيرين جو،
مِليا تَنهن مُشتاق کي، ٽيئي لوڪ اِنعامُ،
ڪيائين ڪَلپتَ ڪڍِي ڪري، اَنيڪ منجھ آرام،
شادي اَئون ماتام، سامي ڄاڻي سَمَ سَڀُ.

(١٩١)

ٻَڌو جَنهن ٻَلي، سَچُ سُڃاڻي پانهِنجو،
حڪُمُ تَنهن هِرجَنَ جو، سَڀَ تي سيگهه هَلي،
پَنجَ ئي ڪَيائين پانهِنجا، سامي داسَ دَلي،
اَچَلُ ڪينَ چَلي، نِهچَلُ نِرَمَلَ سارَ ڪون.

(١٩٢)

سَچُ ۽ سُوڌائِي، ڪَنهن گُرَمکَ جي گهر ۾،
تنهن مِلي ساڌ سَنگَتِ سان، ممتا مِٽائي،
سامي سَيائِي، جوتِ ڏِسي جڳديسَ جي.

(١٩٣)

ساڪيءَ جو ديرو، مَنَ ٻُڌِ واڻيءَ ڪون پَري،
سَمُجَهه ري سڪِٽو اَٽي، اَوِديا جو جهيڙو،
گُرَمکُ گُرَ ويساهَ سان، پاتو گهرِ پيرو،
ڪَري نِبيرو، وَڃي سامي مِليو سَروپَ سان.

(١٩٤)

سُوڪَمُ ديسُ سَهي، ڪَيو جَنهِن ڪِرپا سان،
تَنهِين ۾ تِر جيترِي، ڪَلپِت ڪانہ رَهي،
آتَم لالُ لَهِي، سڪي تِيو سامي چئي.

(١٩٥)

مَحَبَتِن مُلِڪُ، جِيتيو سَڀُ جُڳِت سان،
لائي وينا لکَ جو، گُرَمک تَتُ تِلِڪُ،
اَندَرِ باهِر هِڪُ، سامي ڏِسَنِ سُپرين.

(١٩٦)

لَڏو جنهن ڏٺي، گُرگَمَ گهر جو گهرَ مون،
سامي تَنهن جي سُکَ جي، ڪَهڙي ڳالهه ڳُٺي،
توڙي پڙني پَنج ڪَٽي، تان پِي راجا رانوَلَ ديسَ جو.

(١٩٧)

لَڏو جنهِن لَٿيو، آتَمُ ڏَنُ اَنيٺِي،
سامي سو سَنسارَ جي، حِرصَنِ کون هٽيو،
گُرگَمَ خاصِ ڪَٽيو، پَرچي ڪائي پوربي.

(١٩٨)

خالصِو خَلاصُ، سَتِگُرَ ڪِيو سَڀَ ڏُکَ کون،
پَرچي ڏِٺائين پاڻَ ۾، اَنيِٺِ جو آڪاسُ،
مايا مَنجهِ اُداسُ، سامي سَدائي رَهي.

(١٩٩)

ڪوجيءَ لَڏو ڪوجُ، پرچي پِريمَ نَگَرَ جو،
ٻُڌائين بانيڻ چَٽي، تَنهِن ۾ سَهَجَ سَروجُ،
ڪَٽي سَٽِيائين سِرَ تون، سَڀُ ٻِيائيءَ جو ٻوجهُ،
هِردي مَنجهِ هَروجُ، دَرِسَنُ ڪَري دوسَ جو.

(٢٠٠)

گيانوان گُرَمکَ، ياڻي مَنجهِ پنو رهي،
مَمَتَ مِٺائي مَنَ جي، سَمَ جاڻي سکُ ڏکُ،
پورَنَ هِکُ پرکُ، سامي ڏِسي سَڀَ ۾.

(٢٠١)

پَلَ پَلَ مَنجهِ پَلي، گِياني گُرَمکُ پاڻَ کي،
توڙي سِيتَلُ ٿِيو سامي چئي، پَنجَ ئي ڏُوتَ ڏَلي،
اِها ڳالهه اَندَر جي، ڪَنهن کي ڪِينَ سَلي،
بنان چاهُ چَلي، ساکي ٿِي سَنسار جو.

(٢٠٢)

گُرَمکَ جي گادي، اَنلَ جان آڪاسَ ۾،
هارَ جيتَ ڏکَ سکَ کون، اگمَ آلادي،
چَڙهي تَنهِن چَوڪيءَ تي، ٿيو سَهجي سَماڌي،
لڌائين آدي، سامي سکُ سَرُوپَ جو.

(٢٠٣)

گُرَمکَ جَنهِن ڪِيو، اَنتَرَمکُ اَدَبَ سان،
سَهَجي سُپيرِن جو، تَنهن پِرلاءُ پِيو،
ڏِسي ٻِڏي ڪِينَڪي، ٻانيَڻُ چَئي ٻيو،
سَنسو پرَمُ وِيو، جهولي جَهروکَنِ ۾.

(٢٠٤)

ڳُرَمکُ نَرُ ڳِياني، ڪوڙِنِ ۾ ڪو هِڪِڙو،
ڪَئي جَنهِن ڪَلِپِتَ ري، حاصِلُ حَقاني،
رهي اليپُ جڳَتَ ۾، سامي سَيلاني،
پريَنِ ري پِراني، خالي ڏِسي ڪونَڪو.

(٢٠٥)

ڳُرَمکُ موڙي مَنُ، سامي لايو لک ۾،
بنان سارَ وَچَنَ جي، ڪَنهِن کي ڏِئي نَ ڪَنُ،
پاتائين پَرچي ڪَري، اَنِيئِ آتَمَ ڌَن،
سدائي پَرسَنُ، رَهي پانهنجي حال ۾.

(٢٠٦)

ڳُرَمکَ ريجهايو، مَها پُرَکُ مَحَبَتَ سان،
جانَ وِچائي پانهِنجي، آڳيا مَنجھ آيو،
سَهَجي تَنهِن کي . سَتِڳُروءَ، اَلَکُ لکايو،
سامي سَمايو، جَلَ پَپوتو جَلَ ۾.

(٢٠٧)

ڳُرَمکَ لَڌو ڳهرُ، پائي ڳِياتِ ڳُروءَ جي،
مِٿايائين مَنَ مون، سامي ڏُکُ ڏَمَر،
آتَمَ پَدُ اَمَرُ، پائي پَرچو پانَ ۾.

(٢٠٨)

گُرَمکَ پَدُ پاتو، اَنيئِہ جي آڪاسَ جو،
مَمَتَ مٿائي مَن جِي، سامي رَنگِ راتو،
صاحِبُ سُڃاتو، چيٽيءَ اَئون ڪُنچَر ۾.

(٢٠٩)

گُرَمکَ لڌو لعل، اَمولڪُ اَندَر مون،
مِلي ساڌَ سَنگَتِ سان، سامي ٿيو نِهالُ،
ڪَٽي ڪَلِپتِ ڪالُ، سَمائو سَروپَ ۾.

(٢١٠)

گُرَمکَ سَپُ سٽيو، ليکو ڪَڍي جيءَ مون،
مِلي ساڌَ سَنگَتِ سان، آتَمَ رَسُ چَٽيو،
سامي سارُ ڪَٽِيو، چِڪي بَڌائين بُنديِ ۾.

(٢١١)

گُرَمکَ سالاهي، سدائي سَت سَنگَ کي،
ڏٺو جَنهِن گُرکِيات ِسان، مُنهن مَرهيءَ پائي،
مَمِتا مِٽائي، سامي چَڙهيو سيرَ تي.

(٢١٢)

اَنيئِہ آتَمَ تَتُ، گُرَمکَ لَڌو گهر مون،
مٿايائين مَنَ مون، سامي سَپُ مَمَتُ،
جاڳي سَپُ جڳَتُ، لَئِہ ڏِٺائين لکَ ۾.

(٢١٣)

اَنِيئَہِ آتَمَ پَدُ، مَنَ بُدِ واٽيءَ کون پَري،
بنان مِهرَ گُروءَ جي، پُهچي کونہ اَحَدُ،
سَمُجهي ڏِسُ سامي چَئي، کَڍي دُکُ دَرَدُ،
حَدَ پري اَنَحَدُ، وِرلو کو گُرَمُک لکي.

(٢١۴)

اَنِيئَہِ جوتِ جڳي، گُرگَمَ جَنهِن جي گهرَ ۾،
سامي تَنهِن سا پُرَکَ کي، سَنسو کونہَ لڳي،
توڙي لوکُ وڳي، تان پي رهي اَليپ اَکاس جان.

(٢١٥)

آتَمَ پَدُ اڳاڌِ، گُرَمُکَ لَڌو گهرَ مون،
پاڻُ وِڃايو نندَ ۾، سو جاڳئي آيو يادِ،
مَنِي ويئي مَنَ مون، سامي سَپ اُپاڌِ،
سُتَهَ سِڌِ سَماڌِ، لڳي رَهي لَک ۾.

(٢١٦)

آيو هَرِ حِصي، گُرگَمَ جنهن گُرَمُک جي،
پيرُ تَنهِين جو پرِيت کون، سامي کين کِسي،
راتيون ڏينهن ڏِسي، سنمکَ سپيرئن کي.

(٢١٧)

ڳِٺيان کَهڙا ڀاڳَ، سامي تَنهِن سيوَکَ جا،
جَنهِن بَندي ڏِني پانهِنجي سَتِگُرَ جي هَٿِ واڳَ،
ڇَڏي نانا راڳَ، لڳو رَهي لَکَ ۾.

# سلوڪ گُرَمُکَ (ب)

(١)

گُرَسِکيءَ جي گَتِ، چِٽِي وَيحي نـَ مُنهَن سان،
پُڄي ڏِسْ تَنِين کون، رکي جَنِ رَهَتِ،
مائِنِ موجَ مُڪتِ جِي، ميٺي مَمِتا مَتِ،
جاگَرِتَ ۾ سُکَپَتِ، سدا رهن سامي چِٽِي.

(٢)

گُرَسِکيءَ جي سَنڌِ، لکي وَيحي نـُ لِنوَ ري،
پُڄي ڏِسْ تَنهين کون، جي پَهُتا اُنهِيءَ هَنڌِ،
لَنگِهيا پارِ سَمُنڊَرَ کون، بنان ٻيڙِيءَ ٻَنڌِ،
ڪيري ڪَلِپَتَ ڪَنڌِ، سامي مِليا سَروپَ سان.

(٣)

سَچِي صَرافي، سَتِگُرَ ڏِني سِکَ کي،
ٻيهي ڏِٺائين پاڻ ۾، سامي سَمَ صافي،
ڪَٽي سَڀ ڪَلِپنا، مُلِڪُ ڪائي معافي،
طَمَعَ تَلافي، ڪَنهِن سان ڪَري ڪِينَڪِي.

(۴)

اَندو جيءُ اَحمَقُ، سَچ سُجاڻي ڪينڪي،
ديھي ڄاڻي پاڻَ کي، پوڄي نِت نَرَڪُ،
وِرلو ڪو گُرمُکُ رَھي، ڦُرني ڪون فارَقُ،
ٻانَيَڻ تي ٻارَڪُ، وَرتي سَڀَ وَھنوارَ ۾.

(۵)

اَلَکُ عَدالَتي، ڪَري عَدالتَ اَنيَئي،
سَمُجھي ڪو سامي چئي، ماھِلُ مَحَبَتي،
جَنھِن کي ڏِني سَتِگُروءَ، سَچ جي رَھَتِ رَتي،
ميٺي مَنَ مَتِي، وَرِتي ويدَ وِچارَ سان.

(٦)

سامي چَئي شَريڪُ، آھي ڪوندَ الله جو،
ڪَيو سِڪَ سَچيءَ سان، طالبَنِ تَحقيقُ،
چَڙھِيا عينَ عَرشَ تي، تي بيحَد باريڪُ،
نَئِنَنِ ڪَئون نَجِيڪُ، سَتَهَ ڏِسن سُپِرين.

(٧)

سامي سَيِيئي، سَنتَ لَکائِنِ سَمَتا،
وِرلي ڪَنھن گُرمُکَ کي، سَچي سُڌِ پيئي،
پاڻُ ڏِٺو جَنھِن پاڻَ ۾، تُڪُ تُبي ڏيئي،
لوڪُ پَرلوڪ بيئي، لَنگھي لالُ گُلالُ ٿِيا.

(٨)

سُپيريان جو پيرُ، سَنتَ لکائِنِ سَبَ کي،
گهرِي پَنهِنجي گهرَ مون، کَنهن گُرَمکَ لڌو گهيرُ،
وِيٺو اَنيَئِہ تَختَ تي، ٿي نِرَيئُہ نِرَ وِيرُ،
سامي جئن سُميرُ، کَري ڪانہ کَلپنا.

(٩)

رامَ نگَرَ جو راهُ، سَنتَ لکائن سَبَ کي،
پَهُچي ڪو پِندَ سَٺي، دَردَوَندُ داناهُ،
رِکيو جَنهِن رَهَتِ سان، وَچَنَ تي ويساهُ،
عينَ اَييدَ اَچاهُ، سامي رَهي سِياوَ ۾.

(١٠)

هَرِجَنَ ڏِسي هَٿُ، دارون ڏِيَنِ دَرَدَ جو،
سُمُجهي ڪري ڪو سورَمو، پِرِيتِ سَچيءَ سان پَٽُ،
کَٽي سَبَ کَلپنا، سامي ٿئي سَمَرَٿُ،
کَٽي کِينَ اَکَٽُ، اِستِٿِ رَهي آنَندَ ۾.

(١١)

ياڳِوَتي ياري، لکَ لکائِنِ اَنيَئِي،
سَمُجهي ڪري ڪو سامي چئي، اُتَمُ اَڌِڪاري،
جاڳي جَنهِن جڳَتَ جِي، پَٽي ميساري،
بيحَدِ جي باري، پَئي وِيٺو پاکُ تِي.

(١٢)

جيڪو ٻيڪَ ڪَري، دَرَدَ وَندَنِ جي دَرَ تي،
تَنهِن کي سِڪَ سَمُجَهه سان، ڏِنُن پَندارَ پَري،
وِهي اَنيَئِہ تَختَ تي، ڏيرُ سُڌِيرُ ڌري،
سامي ڏِسِي نَري، اَندَرِ ٻاهَرِ آتما.

(١٣)

وَڪِتي کي سِروتو، سِياڻي سَجاڪو مِليو،
ٻنهِي بيحَدِ ٻُڌِ سان، پِريمَ هارُ پوتو،
پائي چَڙِهيا چِت تي، چُسِتُ ٻَڌي چوتو،
ڪائِنِ نہَ گوتو، سامي چَئي سَنسارَ ۾.

(١٤)

پوَ ساگَرُ پاري، لَهَرِيون ماري لوڀ جون،
سامي تَنهِن ۾ سَمُجَهه ري، وَهي وِسُ ساري،
لَنگهِي چَڙِهيو لَڪَ تي، ڪو اُتَمُ اَڌڪاري،
سَمتا سَچاري، پهچائي تي پَدَ ۾.

(١٥)

وَيجي سَڀ وَهندي، خَلَقَ خامَ خِيالَ ۾،
سَتِ چاڙِي سُپني جِي، ٻنان نِيرَ نَندي،
وِرَلي ڪَنهِن گُرمَکَ لَڌي، ڪِرپا سانُ ڪَنڌي،
ميٽي چِگي مَندي، سامي جُڙِيو سَروپَ سان.

(١٦)

وَڃي سَڀ وَهي، ٿي خَلقَ پَنهنجي خيالَ ۾،
وِرلي ڪَنهِن ڳُرمکَ ڪَئي، سامي ڳالهِ سَهي،
چَڙهيو اَنيَئِہ اَڇَ تي، پَنجَئي دوتَ دَهي،
ڪَري راڄ رَهي، سَدا بيگمپُرِ جو.

(١٧)

سَنسي جڳُ سارو، مُنجهائي موڳو ڪَيو،
ڪَنهِن جو هَلي ڪِينَڪِي، ڇَتُرائِي چارو،
وِرَلو ڪو ڳُرَمُکُ رَهي، نِرِپکُ نيارو،
اَنيَئِہ اُجيارو، سامي ڏِٺو جَنهِن سَمَ تي.

(١٨)

مايا موهي مَنُ، موڳو ڪيو ماڻهن جو،
پوَنِ پئو ساگرَ ۾، ڏاري نانا تَنُ،
وِرَلي ڪَنهن ڳُرَمکَ لَڌو، اُنتِي آتمُ ڌَنُ،
سَدائي پَرَسَنُ، سامي رَهي سُياوَ ۾.

(١٩)

مايا مچائي، ڪوڙي راندِ ڪَلپِت جي،
وِرَلي ڪَنِهن ڳُرمکَ ڪي، اَنيَئِہ ۾ آئي،
سامي مِلي سَروپَ سان، مَمتا مِٽائي،
سَمَ تي سَدائي، ماڻي موجَ مُکتِ جي.

(٢٠)

ڏورون ڏڪائي، سَڀَ ڪي نانگُ نوڙيءَ جو،
سامي سڳهي ڪونہَ ڪو، پيرُ اَڳي پائي،
وِرلي ڪَنهِن گُرَمُڪَ ڏِٺو، ڏِيٺو جاڳائي،
سَنسو مِٽائي، سُمِهيو سُکپَتِ سيجَ تي.

(٢١)

مايا مَنجهِ مُڪِتِ، وِرلو ڪو گُرَمُڪ رَهي،
جَنهِن کي ڏَسِي سَتِگُروءَ، جُڙِتِي جي جُڳتِ،
ڏِيئي ڪَندِ ڪَلَپَ کي، چيتَنُ ڪيائين چِتِ،
اَنيَئہِ سُکُ اَمِتِ، سامي پائي سَمَ تِيو.

(٢٢)

گهوڙو پَلاڻي، سَپِڪو دوڙي ڏَهَ دِسا،
سَتِ جاڻي سَنسارَ کي، ڇاڻي نِتَ ڇاڻي،
سامي پَڌو ساڌِ سَنگِ، گُرَمُڪَ گهرِ آڻي،
مَوجَ مِلِي ماڻي، پاڻَ وَرائي پاڻَ ۾.

(٢٣)

پَنِ مون پَڙهي، حَرِفُ لَڌو جَنهِن هِڪڙو،
سو مَري ڪِينَ مُنجهَنِ جان، راتيون ڏينهن رَڙي،
يَيجي پرَمَ گهڙي، سَئِلَ ڪَري سامي چئي.

(٢٤)

ٻُڌي سو ٻُڌوان، مُرلي مَنَ موهَنَ جي،
مِٺيو جَنهِن جي مَنَ مون، سامي سَڀ اِيمانُ،
رَهي پانهِنجي حالَ ۾، سَدائي غَلطانُ،
ڪري اَمرِتَ پانُ، ماڻي دُورَ دَرِسَ جِي.

(٢٥)

ڀڳَتَ نانا ڀانتِ، تَپَ تيرَٿَ ساڌِنا،
وِرَلي ڪَنهِن گُرَمکَ کي، سامي آئي سانتِ،
جاڳِي ميٺيو جَنهن جيءَ جو، ڀُلائو ڀِرانتِ،
اَنَيَڌِ ري ايڪانتِ، ڪوڙي جاڻي ڪَلپَ جِي.

(٢٦)

اَچي ڪونَہ واري، سُورَوِيرُ سَنسارَ سان،
بيٺا مَتِ مَرِمَ ري، هَٺُ، همَٿَ هاري،
وِرَلو ڪو گُرَمک هَليو، وِڌِ سان ويچاري،
چَڙهي چَوٻاري، سَئِلَ ڪَري سامي چَئي.

(٢٧)

دوستِ جو ديدارُ، سُڄَ وَسَنوَ جي وِچَ ۾،
وِرَلي ڪَنهِن گُرَمکَ ڏِٺو، تَڪَدَمُ ڪَري قرارُ،
چَئي سگهي نَہ مُنهَن سان، اَنَيَڌِ سکُ اَپارُ،
سَدا مَستِ خُمارُ، سامي رَهي سُياوَ ۾.

(٢٨)

آسا مَنجهِ نِراسُ، وِرَلوڪو گُرَمڪ رَهي،
جو وَيحي چڙهيو چِٽَ تي، ڪَري اَنَ اَپياسُ،
جِتي تون مان نانهِ ڪا، نَـ ڪو تا ڪُرُ داسُ،
چيتَنَ چِداڪاسُ، سُتَهَ سِدِ سامي چئي.

(٢٩)

وِرَلو ڪو چيلو، سمُجهي گِيانُ گُروءَ جو،
پَري هَٽي جو پَرَمَ ڪي، غَيبي گُليلو،
سامي ڪَري سَروپَ سان، مَمَتا ري ميلو،
اَنتَر اَڪيلو، باهَرِ تون مان ۾ رَهي.

(٣٠)

وِرلو ڪو جاٽي، گُرَ سِڪيءَ جي گَتِ ڪي،
جو موڙي مَنَ پَوَنَ کي، اَنتَرِ گَتِ آٽي،
سُتَهَ سِدِ سَروپَ سان، مَوجَ مِلي ماٽي،
سُمهي پَٽَ تاٽي، سامي سانتِ سَراءِ ۾.

(٣١)

وِرَلي ڪَنهن وَچَنُ، مَحِيو ساڌو جَنَ جو،
ڪِيائين وَسِ ويساهَ سان، پَرچي مَنُ پَوَنُ،
گهٽِ وَڌِ واٽيءَ واچَ کي، ڪَلِپي ڏِئي نَـ ڪَنُ،
پَرَميسَرُ پورَنُ، سامي ڏِسي سَڀَ ۾.

(۳۲)

هَلي ڪو هرجَنُ سُوڌي راهه رَهَتِ جي،
لَئـِ ڪَيو جَنهِن لَکَ ۾، موڙي پانهنجو مَنُ،
گُهٽِ وَڌ واٽيءَ واچَ ڪي، ڪَلِپي ڏئي نـَ ڪَنُ،
پَرميسورَ پورَنُ، سامي ڏِسي سَتِگُرو.

(۳۳)

هرڪو پُڌي حُڪمُ، مَحِيو جَنهِن مَحَبوب جو،
پَٽي سَٽيو پارَ ڪون، طَمَع جو تُخُمُ،
سَدا رَهي سامي چَئي، گِياتِ اگَمَ ۾ گُمُ،
مُنِ ڪي مَعلُمُ، مِنو سُکُ مئنِ جو.

(۳۴)

مَحِيو جَنهن چَيو، سَنَتِن ساپُرِسَنِ جو،
تَنهن سُجاڪي سورَمي، سَرِبَ تِياڳُ ڪَيو،
ڏِنائين آڪاسَ جان، رَمي رامُ رَهيو،
اُونهو اَٿَ مَيو، سامي ماٺي سانتِ سُکُ.

(۳۵)

چِگَنِ جو چَوَنُ، مَنيو جَنهِن مَحَبَتيءَ،
مِٽيو تَنهِن جي من مون، پِلائو پَوَنُ،
سُمِهيو سُکَپِتِ سيجَ تي، پائي پَدُ پورَنُ،
سامي ماسو مَنُ، ڏِسي نـَ رَهَتِ رَتيءَ ۾.

(٣٦)

ويدَنِ جو وادِي، ٿِئي نـَ سُجاڪو سورَمو،
سُرتِ ساڏي جَنهِن ساڏ سَنگ، اَنترَمُڪ آندي،
سامي ڏِنـائين سَرِبَ گتِ، چِيتَن لڪَ چاندي،
هَيبَتَ هيڪاندي، سَٿي چڙهِيو سُڪَ پالَ ۾.

(٣٧)

مَحَبَتيءَ ميڙي، سُرتِ رکي گُرَ شَبَدَ ۾،
نِئائين نِرتِ نگرَ ڏي، رَهَتِ سَچيءَ ريڙهي،
جتي دوستَ دَرِسَ جو، ڪيٽُ وڏو ڪيڙي،
ويهي مَنجهِ ويڙي، سَبُ سَئِلُ ڪري سامي چئي.

(٣٨)

وَڏو وِچُ وِچاءُ، ڪَهَٽيءَ رَهَٽيءَ پاڻ ۾،
وِرَلي ڪَنهِن گُرَمُکَ کي، سامي پِيو سَماءُ،
جاڳِي ڪِيائين جَڳَ جو، اَتِي اَتَنتا ياءُ،
جاٺي دِلبَرُ داءُ، پاسي ٿِئي نـَ پيءَ ڪون.

(٣٩)

سوئي سَرِبَنگي، ساڌو جَنُ سَنسارَ ۾،
جَنهِن کي ڏِني سَتِگُروءَ، سامي رَمزَ رنگي،
پِئي پِيئاري پريم رَسُ، ميٽي طلبَ تِنگي،
سَدا ساڻُ سَنگي، ڏِسي اَنيَڪ آتما.

(٤٠)

جيڪو سيڪَ سِڪي، سامي سَچارَنِ ڪون،
ڪوڙا سو ڪَلِپَت جا، ليکا ڪِينَ لِکي،
پَهُچي پِريمَ نَگرَ ۾، چَڙهي تُرَنگَ تِکي،
پارَکُ تي پَرِکي، اَندَر باهَرِ آتَما.

(٤١)

جَنهِن کي آتَمُ گيانُ، سامي ڏِنو سَتگُروءَ،
ڪَيو سَمَ ساگَرَ ۾، اُلَٽي تَنهن اِسنان،
مَمَت مِٽائي مَنَ جي، ٿيو نِرمَلُ نِربانُ،
جاڻي سَڀُ جَهانُ، چِمتِڪارُ چيتَنَ جو.

(٤٢)

جَنهِن کي خَبَرَ ڪَري، ٻيئي ٻَدَ اَگمَ جي،
سَهَجي ويا سامي ڇَٽي، تنهن جا ٽَپَ ٽَري،
سُمهيو سُکيَتِ سيجَ تي، سَٽي ڀَرَمَ ڀَري،
جِئَن ڳَرو ڳَري، پاڻي جاڻي پاڻَ کي.

(٤٣)

جَنهِن کي پورِ پَڪي، پارِ لَنگهايو پاڻيءَ،
پائي سُکُ سَروپَ جو، ٻيا تَر ڪِينَ تَڪي،
مَستِڪَ تي مَنِ مَرمَ جي، جَگمگاتِ جَهلِڪي،
سامي سَدا ڏِڪي، اَگهاڙَنِ کي اَنيَئي.

(۴۴)

كَنيو جَنهِن ڏُڪو، گُرگَمَ گَريبيءَ جو،
ماري تَنهِن مُدَعِنِ کي، مَها مَساڻِ مُڪو،
سُمِهيو سُکَپَتِ سيجَ تي، پائي چِتَ چِڪو،
سارو ساتَ ڍُڪو، سامي ڏِسي سَراءِ ۾.

(۴۵)

كَنيو جَنهِن ڏُڪو، گُرگَمَ گَريبيءَ جو،
ماري تَنهِن مُدَعِنِ کي، مَها مَساڻ مُڪو،
سامي وِينو صافُ تي، پائي چِتَ چِنڪو،
هَٿَ ۾ ڪَري خَتو، ماٺي مَوجَ ڏَرِسَ جي.

(۴٦)

كَنئِين جَنهِن گَدا، گُرگَمَ گَريبيءَ جي،
جيتي تَنهِن جَتَن ري، ويري سَڀُ وَدا،
جاڳي ڪَيائين جمَ سان، اَنيَئِي اَدا،
سامي رَهي سَدا، پاڻُ وَرائي پاڻَ ۾.

(۴۷)

كَنئِين جَنهِن گَدا، گُرگَمَ گَريبيءَ جي،
جيتي تَنهن جَتَنَ زي، ويري سَڀُ وَدا،
پَرِچِنتا کون پاڪُ تي، ٻولي پِريمَ پَدا،
سامي رَهي سَدا، سُجَ وَسنوَ جي وِچ ۾.

(۴۸)

کَنئِين جَنهِن گدا، گُرگَمَ گريبيءَ جي،
جِيتي تَنهن جَتَنَ ري، ويري سَبِ وَدا،
ٻَاوَندو وَتي ٻَوتَ ۾، پَرِچي پِريمَ پَدا،
سامي رَسي سَدا، پاڻُ وَرائي پاڻَ ۾.

(۴۹)

گُرَمُک گِرَسِتي، مَستِ رَهي مَهَراڻَ ۾،
چَڙِهي جَنهِن جي چِتَ ۾، مَحَبَتَ جي مَستِي،
سوکَمُ تِيو سامي چَئي، ماري مَنَ هَستِي،
جاڻي سُجَ وَستِي، آيا اَنيَئِہِ لَعلَ جِي.

(۵۰)

گُرمُکُ گِرَسِتي، مَستِ رَهي مَهرانَ ۾،
چَڙِهي جَنهِن جي چِتَ تي، مَحَبَتَ جي مَستِي،
سوکَمُ تِيو سامي چَئي، ماري مَنَ هَستِي،
جاڻي سُجَ وَستِي، آيا اَنيَئِہِ لالَ جِي.

(۵۱)

گُرَمُک گِرَسِتي، پاسي تِئي نہ پِيءَ کون،
جَنهِن کي اجگَئبي چَڙِهي، مَحَبَتَ جي مَستي،
جاڻي سُجَ وَستي، آيا اَنيَئِہِ لَعلَ جِي.

(٥٢)

راڄُ جوڳُ ڀيئي، ڳَرَمُڪُ ڇاڻي سَمَ سَدا،
جَنِهن کي سارَ سَروپَ جي، سامي سُڌِ پيئي،
سَنسا سَيئي، ميٽي وينو مَحَلَ ۾.

(٥٣)

ٻَٽيءَ تي هَسوارُ، سَدا رَهي ڪو سورَمو،
جَنِهن کي ڏِني سَتِگُروءَ، اَنيَٿ مَتِ اَپارُ،
پيهي ڏِٺائين پاڻَ ۾، دوستَ جو ديدارُ،
ڇاڻي سَڀُ سَنسارُ، سُپني جو سامي چئي.

(٥٤)

تَنهِن کي خَبَرَ ڪَري، پيئي پَدَ اَگمَ جي،
جَنِهن ديکيا داتِ گُروءِ جِي، هِردي مَنجھ ڌَرِي،
ڪَٽي سَنِيائين سِرَ تون، سامي پِرَمَ پِري،
سُتَھَ سِڌِ نَري، سُمهيو سُکَپَت سيج تي.

(٥٥)

جاڳيو ڪينَ جَڪي ڌَرِ ڌَرِ ديوانَنِ جان،
ديکيا داتِ گُروءِ جِي، مُحَڪَمَ مَنِ رکي،
اَندَرِ باهَرِ آتما، سامي سَمَ لکي،
چيتَنُ رسُ چکي، لُنوَ لُنوَ لالُ گُلالُ ٿي.

(٥٦)

دَولَتَ دَردَوَندي، سَتِگُرَ ڏِني سِڪَ کي،
سَبِ گهٽَ ڏِسي سُپرين، چَڏي خود پَسَندي،
کَنهِن کي چَوي ڪِينَڪِي، مُنهَن سان چڱي مَندي،
هَرِدَمَ هَٽَ بَنَدي، سيوا ڪَري سامي چئي.

(٥٧)

دَرِسيو دَولتَ وَنَدُ، رَهي اُدارُ اَندر ۾،
سَمُجهِي جَنهن سامي چئي، تا جيءَ پيٽي تَندُ،
ماٺي نِتُ مَرَمَ سان، اَنيَئِ جو آنَندُ،
جِئين مِصريءَ جو قَندُ، سَبَ جو مُنهَن مٺو ڪري.

(٥٨)

سَرَنديءَ کون تالو، وِرلو ڪو گُرَمُک ڪَري،
ڪاڏو جَنهِن ڪِميا سان، نِجُ نِرَيَوُ نيوالو،
سَٽي وِڏائين سَرِبَ گتِ، ڪَلپِتِ ڪَشالو،
سَمَ سيتَلُ سڪالو، سامي رَهي سُياوَ ۾.

(٥٩)

پاڙهي ڪيو پَرپَڪُ، مُرِشَدَ خاصِ مُريدَ کي،
رکي نَه رَتيءَ جيترو، طَمعَ سان تَعلَق،
پَنهَنجي اکئين پانَ کي، ڏِسي تِيو لاشَڪُ،
هَرِدَمُ عين اَلحَقُ، بانيَڻ بولي بَلَ سان.

(٦٠)

سو گُرَمُک گِياني، سو جوڳِ ميسَرُ جڳ ۾،
جَنهن سامي ٻالهِ سَهي ڪَئي، هِڪِڙي حَقاني،
جڳَتَ ڏِسي جانيءَ ۾، جڳَتَ ۾ جاني،
سِيائُپَ ناداني، سَڀَي وينو سَمَ تي.

# سلوڪ ايشور مهما (الف)

(١)

اِڇا ري اِسرارُ، ٿيو خياليءَ جي خِيالَ ۾،
جنهن جو آدِ نہ اَنتُ ڪو، نڪو پارُ اورارُ،
مَن بُدِ واڻيءَ کون پَري، ڪيرُ ڪَري تَڪِرارُ،
سامي سَمُجهِي سارُ، سنتن هِڪُ سوگهو ڪَيو.

(٢)

عَجائبُ اِسرارُ، گُرگمَ ڏنو غيبَ جو،
ڏاري آيو جڳَ ۾، نِراڪارُ آڪارُ،
ڪيلي نانا ياءِ تي، رَهي اَليپُ اَپارُ،
وَيحي بِلِ بَلهارُ، سامي لَتِڪي تون سَدا.

(٣)

عَجائِبُ قُدرَتَ، ڪَرتا رچِي ڪَلَ سان،
آدِ سَڪتِ کون ديوَتي، تِنِ کون ٿيا پَنج تَتَ،
تَتَنِ کون وِستارُ ٿيو، سَبِ نِيارِي نانَتَ،
سَيلُ ڪري سَيڪَنهِن جو، سامي بنان مَمَتَ،
لُڙَ کي هَٽي لَتَ، موٽي سُمهيو سيجَ تي.

(۴)

جَنهِين نڳ نڳي، ڪئي ڪُلَ جهانَ سان،
ساميءَ جي تَنهِن نڳَ سان، پورن پريت لڳي،
گُرگمَ گِيانَ اڳمَ جي، جڳ مڳ جوتِ جڳي،
سَهَجي پِرانتِ پڳي، جاڳئي اِيسرَ جيءَ جي.

(۵)

اَجڳئِبي تارو، پوربَ چڙهيو پاڻهي،
پورَنُ پَسريو تَنهِن جو، ڏهَ دِسَ اُجارو،
وِياپڪُ ڏِٺو وِسُ ۾، مِليو نِيارو،
سامي سُکُ يارو، پاتو جيءَ پَسِي ڪَري.

(٦)

اَڻ هوندِي بازي، بازيگرَ بَرَحالُ ڪي،
ڪاٿي پيرُ فَقيرِ اَميرُ ٿيو، ڪاٿي شيخُ مُلان قاضي،
ڪاٿي گُرو گُسائِين گِيانُ وانُ، ڪاٿي حَجَ ڪري حاجي،
ڪاٿي راجا پرجا چَوڌري، ڪاٿي مَهتو مِيانجي.
ڪاٿي سُوربِيرُ داتارُ ٿِيو، ڪاٿي مِنَٿَ موٿاجي،
ڪاٿي چورُ چُغُلُ نڳُ مَسخرو، ڪاٿي پِندَڪٽي پاجي،
ڪاٿي ڳُنٽيءَ ليکي ڏُکَ ۾، ڪاٿي رضا ۾ راضي،
سامي جنهن ساجي، سو ساکِي پَٽَ پار ٿِي.

(٧)

قدرتَ تنهن جي قادرا، ڏسي مَنُ نَرِي،
ڪاتي سُلطانَن سُلطانُ ٿين، ڪاتي دَردَر بيکَ ڪَرِين،
ڪاتي لکَ لُٽائين ڏينهَن ۾، ڪاتي ڪوڏيءَ ڪاڻ مَرين،
ڪاتي صورَتَ جو سَردارُ ٿين، ڪاتي موهين ذوقَ ذَري،
ڪاتي زوراوَر ظالِمُ ٿين، ڪاتي ڏِسي روپَ ڏَرين،
ڪاتي اَلبيلو اَوڌوت ٿين، ڪاتي ڳِتيءَ مَنجهِ ڳَرين،
ڪاتي گِيانُ ڪَرين گُلزارُ ٿي، ڪاتي سَڏِڪي ساهَ پَرين،
مَنَ واٽيءَ ڪون پَري، آهي صِفت تنهنجي صاحبا.

(٨)

جاني آيو آهِ، بيکُ ڏَري بازارِ ۾،
پاڻَ لِڪائي پاڻَ ڪون، ٿو ڪيلي نانا ياءِ،
گُرو شيوَڪُ پاڻَ ني، لکَ اَلکَ لکاءِ،
سامي سَهَجِ سُياءِ، راند رچائِي خوش ٿي.

(٩)

بيکُ ڏري آيو، خاوَندُ پاڻَ خَلقَ ۾،
چاهَ وَرائي چِتَ سان، نانا رَنگَ لايو،
ڳِتيءَ ليکي ڪون پَري، اَچِرَجُ مَچايو،
سامي سَمايو، نِيارو رَهي نَپَ جان.

(١٠)

وَدِي دِلِ ڪَسِي، ساڪيءَ سُهٽي موڙَ سان،
اڪيون اڪِنِ ۾ رکي، سَنَمڪُ سَدا هَسي،
آدي ڳالهہ اَنيَئِي، پَلڪن سان ڏَسي،
راتِيون ڏينهِن وَسي، سامي مينگھہ مِهَرَ جو.

(١١)

آيو ناگَرُ نَٽُ، بيڪُ ڏَري بازار ۾،
بانيَنُ چَوي ٻِيائيءَ ري، ڪَڍي وينو هَٽُ،
پاڻَ وَپاري، وَڻِجُ تيو، پاڻَ تارازي وَٽُ،
رَعيتَ، راجا پاڻَ تيو، ڪانئرُ، سُورُ، سُيَٽُ.
پاڻَ ڪُنيَرُ، آوي بَٽيو، چَڪُ مِٽي، گُهٽُ مَٽُ،
پاڻَ ڦُولُ، ڦَل، پَترُ تيو، پاڻَ ڏارُ، ٻِجُ ٻَٽُ،
اَندَرِ باهِرِ دَهِ دِسا، ڪيلي گُپتُ پَرِگَهٽُ،
پَرچِي ڪولي پَٽُ، پاڻُ لڪائي پاڻَ کي.

(١٢)

نانا روپَ ڌَري، خِيالي ڪيلي پاڻَ سان،
جوڙي ٻُتَ مِٽيءَ جا، جِئين ٻالڪُ راندِ ڪَري،
رَهي پاڻَ پَري، نَٽُ نَچائي پتليون.

(١٣)

شم رگ کون نَزديڪُ، سَڄَڻُ اَتي اوڏڙو،
ڪَڏي غيرُ اَندَرَ مون، ڪَري ڏِسُ تَحقيقُ،
ناحَقُ ڪُڙڪُ مَ ڪيڪ، سامي چئي سَمُجھ ري

(١٤)

پاري ۾ پاڻي، تيئن وِياپَڪُ وَسي سَڀَ ۾،
سوکَمَ سَندِ پِريَنِ جي، ڪَنهِن جاڻائي جاڻي،
سامي سَماڻِي، تَنهِن جي سُرتِ سَروپَ ۾.

(١٥)

حاضِران حَضورُ، سائين سيوَڪَ جي رَهي،
پَلَڪَ پَرانهون نَہ ٿِئي، جِئين نَئَنِ ۾ نور،
ڪِڏي سَنسو سُورُ سامي رَهي سَياوَ ۾.

(١٦)

حاضِران حَضورُ، سامي جاڻُ سَروپَ کي،
اَندَرِ باهِرِ دَہَ دِسان، سَدائي پَرِپور،
جِيئين نَئِنِ ۾ نورُ، تِيئين سَنَمڪُ ڏِسي سِپرين.

(١٧)

اَنتَرَجامي جاڻُ، سامي سُپيرِيَنِ کي،
دُوِيڪَ نَہ رکي ڪَنهن سان، سَمَ رَهي سَڀَ سانُ،
ڪَڏي پانهِنجو پاڻُ، تون شيوا ڪر سَروپَ جي.

(١٨)

سُوکَمَ کون سُوکَمُ، اَتي راهَ عَجيبَ جي،
کَٽي ساڻُ ڪِميا جي، سامي دَمَ قَدَمُ،
جيڪو اَتي ڪَمُ، پَسَڻُ مَنجهِ پرينِ جي.

(١٩)

خَلقَ مَنجهہ خالِقُ، خَلقَ سَپ خالِقَ ۾،
سَمُجهي ڪو سامي چَئي، وِرلو هَرِجَنُ هِڪُ،
مِهرَ ڪَري مالِڪُ، جَنهن تي پَرچي پائهي.

(٢٠)

نِرگُڻُ ۽ سَرگُڻُ، ٻيئي آڪارَ اَلڪَ جا،
جَنهِن کي پِريمِ پَرِتيتِ سان، مَني تُنهنجو مَنُ،
تَنهن جو ڪَرِ تَدَروپُ تي، ٻنان ٻيدَ ٻَجَنُ،
پِريتِ اُتي پَرِسَنُ، سامي ٿيندءِ سُپرين.

(٢١)

جنهن مون اُتي وِسَ، سو ويا پَڪُ تِي وِس ۾،
پائي مُنهن مَهِراڻَ ۾، تون ڏِيو ٻاري ڏِسُ،
سامي ڇَڏِ آلِسُ، جاڳُ تہ لَهين سُپرِين.

(٢٢)

سو ڪَنين آوازُ ٻيوم، پرينءَ جو پاڻَ چيو،
ٻُنڌَڻ سان ٻانَيَڻ چئي، ڇَڏي ورسُ وِيوم،
جَڏو جيءُ جيومِ، اَچَڻَ ساڻُ عَجيبَ جي.

(٢٣)

پَرِميسَرُ پورَنُ، چيتيءَ اَئون ڪُنچَرَ ۾،
جاءِ ڏِنيسين ڪانڪا، آتَمَ ري اُورَنُ،
ٿِئڙو چِتُ چورَنُ، سامي ڏِسي سَروپَ کي.

(٢٤)

ڏِٺي رَنگَ ڀَري، مورَتَ مَحَبوبَنِ جي،
جِيَڻَ مَرَڻَ ڏُکَ سُکَ جي، اَپِدا سَڀَ ٽَري،
سامي جيءُ ٺَري، سُمهيو سُکَپَت سيجَ تي.

(٢٥)

دائمِ وَسِين دِلِ ۾، تون رَبَ راتيون ڏينهَن،
جيئن سپَ سَمُندَرَ ۾، خاطَرِ موهي مِينهَن،
تِيئن تُنهِنجي نِينهَن، ڇَڏَسِ چارا لائِئا.

(٢٦)

نيڻَ لايو نِينهُن، نورَ مَحلَ جي ناٿَ سان،
جتِي سُورُ نـه چندرُ ڪو، نڪو رات نـه ڏينهُن،
بنان بادلَ مِينهُن، سامي سدائِي وَسي.

(٢٧)

نِمائِنِ جو ماڻُ، پِرين پَراهون نَ ٿِئي،
وِهان تہ وِهي سَمَهون، ڏِسان تَہ ڏِسي پاڻُ،
سامي پُرکُ سُجاڻُ، هَٿَ لائي هَٿِ نہ اَچي.

(٢٨)

لالَنَ جو لَٽِڪو، ڏِسي مَنُ مَستان ٿِيو،
کيلي نانا ياءِ ٿو، لائي چِتَ چَٽِڪو،
سَنَمکُ ساميءَ جي اچي، ڪِيائين جَهٽَ جَهٽِڪو،
پِڳائِين مَٽِڪو، هَٿِي هَٿُ ڪَرَمَ جو.

(٢٩)

سَيِئِي پَرِتا، رَهَنِ پانهنجي حالَ ۾،
ڪي تِياڳي وِنا ڪُلَ ڪي، ڪي گُپَڻِ مَنجهہ گتا،
ڪي پَندَتَ پَرِبِينِ ٿِيا، ڪي مورکَ چِت ڪَتا،
ڪي ڪُچِيل ڪُلِچِٽا، ڪي اَپَرَسَ اَچُتا،
ڪي سِيتلُ وَرِتَنِ وِڌِ سان، ڪي رَهَنِ تاوَ تَتا،
ڪي دُکي دِينَ اَندرَ ۾، ڪي وَتَنِ مَستُ مَتا،
ڪي ڪُوڙَ ڪَپَٽَ پَرِ پَنج ۾، ڪي آتَمَ رَنگَ رَتا،
سامي چَئي سَتا، مِڙِيائي مَهراجَ جي.

(٣٠)

آهي سَڀَ پوري، رَچِنا مُنهنجي رامَ جي،
سَمُجهي ڪو سامي چِئي، هَرِجَنُ حَضوري،
جَنهِن دَرسَنُ ڏِٺو دوس جو، نَئنَنِ سان نوري،
ڪَري صَبوري، ڦُرِني ڪون فارِڪُ ٿيو.

(٣١)

سامي جانُ اَسَتِ، جڳَتُ هي جڳديسَ ري،
سَنتَن ساڌُرسَن جي، اَتي اِها مَتِ،
سَمُجهي پِريَمَ پَرِتيتِ سان، ڪَري سُدّ سَنبتِ،
پَهُچي ڏِسي تَتِ، جِتي ساکيءَ جو سوجهرو.

(٣٢)

سامي سَيوئي، اَتي جَسُ جڳديسَ جو،
ويدَ پُرانَ سِدَ ساڌَ جَنَ، تا سَلاهِن سوئي،
سَمُجهي آتَمَ سَنڌِ کي، وِرِلو جَنُ ڪوئي،
پاتو جَنهِن پُوئي، پَڳَتِ هارُ ڳِچيءَ مِ.

(٣٣)

بنان نالي نامَ جي، دَڀُ دارون سَڀِ دوهَ،
جڏهن معافي ڪري ڏوهَ، تڏهن ڦُڪيءَ ري فَرقُ ٿِئي.

(٣٤)

سمجهي جنِ ستا، مڙيائي مَهراجَ جي،
سي ڪَڏِي ڪائِنِ ڪِينَڪِي، خِلوَتي خَطا،
رَهَنِ رَنگ رَتا، سامي لوئيءَ لاڪَ جان.

(٣٥)

سامي سَبُ ديدارُ، اَتي عَجِيبَن جو،
ڏِسي ٻُنڌي پاڻَ تو، ٻولي ٻولڻهارُ،
نراڪارُ آڪارُ، ڏاري آيو جڳَ ۾.

# سلوڪ ايشور مهما (ب)

(١)

اَلڪَ پُرڪُ آيو، سَيلُ ڪَرَڻَ سَنسارَ جو،
ڪِنَ ۾ هڪَ خِيالَ سان، سَڀُ رَنگُ رَچايو،
سَتِگُرَ سِڪَ سُجانُ ڪي، لِنوَ سان لڪايو،
سامي سَمايو، جَلَ پَپوتو جَلَ ۾.

(٢)

اَلڪَ پُرِڪَ آنِي، ديرو ڪيو ديهَنِ ۾،
سامي سُڪَ اَگمہ جي، تَنهِن ڪي ڪَلَ ڪانهي،
سَهي سُڄاتو پاڻَ کي، دَرَدَوَندَ داني،
جيئَين پَرواني، پاڻُ مِلايو جوت سان.

(٣)

اَلڪَ پُرڪَ آڻي، رَچِنا رَچِي رَنگَ پَري،
اَکِيون وِنو اَتَتِيو، پَٽَ پَرِدو تاڻي،
وَتو سِڪَ سَچيءَ سان، ڪَنهن پِرِيمِيءَ پَڇاڻي،
مَوَجَ مِلِي ماڻي، سَدائي سامي چَئي.

(۴)

آهي سَڀُ ايسَرُ، اَندرِ ٻاهَرِ نَيَ جان،
اِئين چَوِي تو آدِ جو، گيانَ پِرڪاسي گُرُ،
سامي سُجاڪو ڏِسي، ڪَري نِرٻاڻُ نَظَرُ،
سَدا اَيِيدُ اَڦُرُ، وَرتي وِڌِ وِيچارَ سان.

(۵)

ٻُڌي ٻولي ڪيرُ، سامي سَڀَ گهٽَنِ ۾،
ڇَيو وَڃي نَہ مُنهَن سان، نِجُ نِرمَلُ نِر ويرُ،
جَنهِن جو روپُ نَہ رَنگُ ڪو، نَڪو سِرُ نَہ پيرُ،
گهڙي لَهندين گهيرُ، تَڏي پاڻُ رَهندءِ پاڻَ ۾.

(٦)

اَهِڙو رامُ اَتي، سَمَ سوڪَمُ سَمَرٿُ سَچُ،
جَنهِن خَلقَ سَڀِ خيال سان، وِجهِي نَٿَ نَٿِي،
ڪَنهِنکون وَڃي ڪِينَڪِي، مُنهَن سان ڳالهِ ڪَٿِي،
هٿُ هاري هِمَٿِي، سَرَنِ پِيا سامي چَئِي.

(۷)

اَڻَ هوندي اولي، ڏِيڻُ لِڪيو ڏيهيءَ ۾،
لَڌو لِنوَ سَچيءَ سان، فَقيرَن ڦولي،
سامي سَڀِ ڪارجَ ڪَري، ڏِسي، ٻُڌي، ٻولي،
پَرِچَنُ پَٽُ کولي، ماڻِنِ ڏورَ دَرِسَن جي.

(٨)

اَبناسيءَ جو ناسُ، ڪَڏِي ڪَداچِت نَـ ٿِئي،
آهي جَنهِن جي آسِري، ڌَرتِي ڌَوَلُ اَڪاسُ،
سورِجُ چَندِرُ پاڻي پَوَنُ، تيجَ پُنج پَرِڪاسُ،
بيحَدِ رَچِي بِلاسُ، سَئِلَ ڪَري سامي چئي.

(٩)

پَرميسَرُ پِرِتِ پالُ، سانُ سَدائي تـو رَهي،
مورِڪَ پَوَنِ مَتِ رِي، ڪَٽي خامُ خِيالُ،
ماڻي مَوجَ مُڪتِ جي، ڪـو رَهتوانُ رَسالُ،
جَنهِن کي نَظَرَ نِهالُ، سامي چَئي سَتِگُرَ ڪَيو.

(١٠)

پَرَمَيسَرُ پورو، رَهي سَجاتي سَڀَ سان،
ڪَنهِن سان ٿِئي ڪِينَڪِي، اونهون اَڌورو،
سَمُجهي ڪـو سامي چَئي، ساڌوجَنُ سُورو،
طَمَعَ تَنبورو، دورِ ڪَيو جَنهِن دِلِ مون.

(١١)

سَجَڻُ سَدائي، سانُ رَهي سَڀَ ڪَنهِن جي،
اَنڌا ڏِسَنِ ڪِينَڪِي، چاڻي نِتُ چائي،
سُجاکَنِ سَهِي ڪَري، لُنوَ لُنوَ لِنوَ لائي،
سامي سَمائي، لَڏِي لَهَرَ سَمُنڊر ۾.

(١٢)

دِلبَرُ ديرِينو، وِينو وِچَ بازارِ ۾،
سامي ڏيکاري سَڀَ کي، نِرمل ناگِينو،
پَرکي پَرچِنتا ري، کو پريمي پَرپِينو،
ڪِبرُ ۽ ڪِينو، مِٽي مَستُ مگنُ ٿيو.

(١٣)

حاضِران حَضورُ، پُرکُ وَسي پَرَماتَما،
پَلَڪَ پرانهون نہ ٿئي، جِيئِين نَئِنِ ڪون نورُ،
سامي ڏِسي ڪو سورَمو، ڪَٽي ڪَلپَ ڪَرورُ،
سَدائي يَرَپورُ، رَهي پانهِنجي حالَ ۾.

(١٤)

هَرِ بِنان هَمِراهُ، ڪَنهِن جو آهي ڪونَڪو،
ڪايا، مايا، ڪُلَ تي، وِسا ڪَنِ ويساهُ،
سَٽي چَڙِهيو سِيرَ تي، ڪو سامي سَنتُ اَچاهُ،
جَنهِن کي عَشِقُ اَٿاهُ، لِڳو عينُ اَنيَئي.

(١٥)

هَرِ بِنان هَمِراهُ، ڪَنهِن جو ڏِنو ڪونَڪو،
ڪايا، مايا، ڪُلَ تي، مورکَ ڪَنِ ويساهُ،
سَمُجهي ڪو سامِي چَئي، دَردوَندُ داناهُ،
سَدا اَليپُ اَچاهُ، رَهي سَتَهَ سُياوَ ۾.

(١٦)

بِنان رَبَ رَفِيقُ، ڪونِهي ڪِنهن جو ڪِٿهِين،
مُرشِدَ سان مِلي ڪَري، ڪِيو طالِبَنِ تَحقِيقُ،
سَنِّي پِندُ سامي چَئِي، تِيا بيحَدِ باريڪُ،
نَئِنَن کون نِزديڪُ، پِيهي ڏِناٸون پاڻُ ۾.

(١٧)

بِنان رَبَ رَفِيقُ، ڪَنهن جو ڪونہ ڪاٿهِين،
سوڌي ڪِيو سامي چَئِي، طالِبَنِ تَحَقِيقُ،
سَنّي خامَ خِيالَ سَڀِ، تِيا بيحَدِ باريڪُ،
نَئِنَن کون نَجِيڪُ، پِيهي ڏِناٸون پاڻَ ۾.

(١٨)

ڪارِجُ اَئون ڪارَڻُ، پَرِتڪُ پورَن آتما،
آهي جَنهِن جي آسِري، ٻولَڻُ، ٻُڌَڻُ، ڏِسَڻُ،
سامي سَڀِ ڪِي سِڌِ ڪَري، رَتي، ماسو، مَڻُ،
بِنان لَڪَ لَکَڻُ، آد، اَنت، مَڌِ تانهِن ڪو.

(١٩)

ڪَرِتا اُتي ڪَمَ، وِڌا جَنهِن ويساهَ سان،
مِٽِيا تَنهِن جي مَنَ مون، سامي ڳوندرَ غَمَ،
ڏِسي عين اَنِيَئِي، سُتَهَ سورِجُ سَمَ،
رَهي مَنجهِ عالَمَ، سَدا اَليپُ آڪاسَ جان.

(٢٠)

خِياليءَ رَچايو، ڪيلُ سَپو بيخيالَ سان،
اَندَرِ باھَر، اوري پَري، رَمِي رَنگُ لايو،
ڪيلُ سَنڪوچي خِيالَ ۾، سامي سَمايو،
نَڪي وِڃايو، نَڪي پاتو پاڻَ ري.

(٢١)

گَھٽَ گَھٽَ ۾ گوپالُ، رَمي عينَ اَڪاسَ جان،
پيھي ڏِسي پَرتِيتِ سان، ڪو رَھَتوانُ رَسالُ،
جَنھن کي ڪيو سَتِگُروءَ، سامي نَجَرَ نِھالُ،
ڪَٽي ڪَلپِتَ ڪالُ، ماٽي مَوجَ مُڪتِ جِي.

(٢٢)

گھر ۾ گھرَ وارو، گُروءَ لکايو گِياتِ سان،
آھي جَنھِن جي آسِري، سامي جَڳُ سارو،
گِيانُ، اَگِيانُ، ڀَلو بُرو، اوندَھِ اُجارو،
مِليو نيارو، اِستِتِ ٿِئي اَڪاسَ جان.

(٢٣)

چيتَنُ ھِڪُ چيو، ويدَنِ وِڌ سَچيءَ سان،
ڪَنھِن سُجاڪي سورَمي، سامي سَھي ڪَيو،
پاڻَ وَرائي پاڻَ سان، ڇَڏي ناهَ نَھيو،
اَڦُرُ اَتَميو، ماٽي سُکُ سَروپَ جو.

(٢٤)

چَمَڪُ چِلائي، جِئين لوهي جَر کي،
تئين چيتَنُ سَڀَ کي، ڪِريا ڪَرائي،
سَمُجهي ڏِسُ سامي چَئي، مُنهن مَڙِهيءَ پائي،
ڏيئو جاڳائي، ڪَڍِ اَنڌيرو اَندَرَ مون.

(٢٥)

جَهڙو سو تَهڙو، پَرِتک پورَنَ آتما،
اِئين چَوَن سَڀِ اَنيَئي، ڏيئي پاڪُ پڙو،
سَمُجهي ڪو سامي چَئي، گُرَمکُ ڪڙو تڙو،
يَحي يَرَمَ گهڙو، سَدا ماڻي سيج سُکُ.

(٢٦)

نَئِنَنِ مَنجِهه نِواسُ، پَرِتکِ پَرِميسرَ جو،
لِکي ڇِپي ڪِينَڪِي، جِئين اَليپُ اَڪاسُ،
سُکي ٿِيو سامي چَئي، ڪو دَرِسَنُ پائي داسُ،
جَنهِن جِي بَندِ خلاصُ، پَرچي پوري گُرَ ڪئي.

(٢٧)

رَمِتا رامَ رکِي، سَتا لکائي سَڀِ ۾،
ڪَنهِن سُجاڪي سورَمي، ساڌوءَ سَنگِ لکي،
سُکي ٿِيو سامي چَئي، چيتَنُ رَسُ چکي،
جِيئين اَنَلُ پکي، اُلَٽِي چڙهيو اَڪاسَ تي.

(٢٨)

لَحظي مَنجهه ڪَلپَ، لنگهي لڪَ پَري پِيا،
اَڪهَ سُڪُ سَروپَ جو، چَئي سگهَنِ نَہ چَپَ،
ساڪَ ڏِني سامي چَئي، روماسَرَ رِڪَپَ،
گِيانَ، ڌِيانَ، جَپَ، تَپَ، اوري رَهِيا اَڌَ ۾.

(٢٩)

سَڄَڻَ جي سوپِيا، ڪِهَڙي چَوان مُکَ سان،
سامي سَهَسي سِج چَندَ، لَجامان ٿِيا،
پُڇي ڏِسو تَنين ڪون، جَنِ ديدارَ ڪِيا،
لَنگهي پارِ پِيا، سَنسي جي ساگَرَ ڪون.

(٣٠)

سَڄَڻَ جي سوپِيا، چَئي وَچي نَہ واتَ سان،
سورِجَ، چَندرَ، چَراغَ لڪَ، لَجامانَ ٿِيا،
سامي موهِيا سورَما، جَنِ دِيدارَ ڪِيا،
لَنگهي پارِ پِيا، اَوِديا جي آڙاهَ ڪون.

(٣١)

بي اَنتَ جو اَنتُ، ڪَنهين پاتو ڪِينَڪي،
سَمُجهي ڪو سامي چَئي، سُجاڪو سَنتُ،
ڏِنو جَنهِن اَکِ سان، پيدَ بِنان پِڳُوَنتُ،
جِئين ڪامِڻَ پائي ڪَنتُ، رَتِي وَتِي رَنگَ ۾.

(٣٢)

بي اَنتَ جو اَنتُ، پاتو پيرَ فقيرَ ڪَنهن،
ساڪَ ڏِئي سامي چَئي، ماهِلُ پُرِڪُ مَهَنتُ،
ڏِنو جَنهِن اَڪاسَ جان، پيدَ بنان پڳَونتُ،
بِلاوَلُ بَسَنتُ، ڳاوَندو وَتي ڳوٺَ ۾.

(٣٣)

ڊولَ نَہ چَڏِ ڊِلو، پَوَ ساگَرَ جي پيٽَ ۾،
لوڙِي لوبَ لَهَر ڪِئو، پَرِچِنتا پَرِلو،
ڪونهي ڪَتَرَ جيترو، بِگَرِ تو تَہ بِلو،
تُنهنجو نانءُ نِلو، بانَيَنُ جاٺي پوهَتو.

(٣٤)

ثابِتُ رَکُ صدِقُ، اُتَي عين الله تي،
جو سامي سَيَڪَنهين ڪي، رزِق ڏئي رازِقُ،
اَتي اَليپُ اَڪاسَ جان، اندَرِ باهَر هِڪُ،
لِنوَ سان ڪَڍِي لِڪُ، سَنَمکُ ڏِسَن سورجَ جان.

# سلوڪ اُپديش (الف)

(١)

عَجائِبُ اُپَديسُ، سامي ڏِنو سَت گُروءَ،
نورَ مَحَلَ نِرَبانَ ۾، پرچِي ڪِيو پَرِويسُ،
مِٽيو ڪَلَهِ ڪَليسُ، سَڀَ گَهٽَ ڏِٺا سُپِرين.

(٢)

ويدَ پُرانَ قُرانَ ڪَوِ، سَيِني ۾ هِڪُ سُوتُ،
سَمُجهي ڏِسُ سامي چَئي، لائي مَنُ مَضبوطُ،
جِئَن آڪاسُ گَهٽَنِ ۾، تِئَن سَڀَ ۾ ساڪي پُوتُ،
ڪو آتَمَ رَتَ اَوڌوتُ، سَمُجهي هِنَ سُخِنَ ڪي.

(٣)

اَتِي سَڀُ اَياسُ، جڳَتُ هي جڳَديسَ جو،
جِئين سورجُ چَندر ۾، سامي سَدا پَرڪاسُ،
ڪَري ڏِسُ ڪَلپِتَ ري، نئَنَ مَنجهِ نِواسُ،
تـ چيتَنُ چِدَ اَڪاسُ، حاضِرُ ڏِسِين هتَ تي.

(٤)

اَوِديا روڳُ اَسارُ، ڳِيات وَرائي نَہ لَهي،
جِئين جاڳِئي بِنان نَہ پلي، سُپَني جو وَهِنوارُ،
سَمُجهي ڏِسُ سامي چَئي، تون ڪري سُڌُ ويچارُ،
اهو ساڌَنُ سارُ، سَنتَ ڏَسيندَءِ سِڪَ سان.

(٥)

عَشقُ عَقُلُ آهينِ، ٻَئي پَرَ پکيءَ جا،
اَنيَئِہ جي آڪاسَ ۾، گُرگَمَ پَهُچائِينِ،
دَرِسَنُ سارَ سَروپَ جو، لِنوَ سان لَکائِينِ،
مَمَت مِٽائِينِ، سامي سَپَ اَندَرَ جي.

(٦)

هَيا چِتَ ڇَڏِ حِرِصُ، ڪوڙو مايا موهَ جو،
گَهِلي وينِدءِ گارَ ۾، اهو کيالُ ڪرسُ،
سُتَہَ سُڌُ سَروپَ ڪي، گُرگَمَ جاڳي ڏِسُ،
جِنهِن ۾ ساري وِسُ، اُپجي نِپجي لِينُ ٿِئي.

(٧)

اَوِديا جو دَرياءُ، ڪَکَ ڪَرِمَ لَنگهائِنِ ڪينَڪي،
تار وَهي تِکَ تارَ سان اَنَ هوندو اَسگاهُ
سامي ٻيڙي سچ جي، جُهيو ڪري ويساهُ،
تَہ ستِ گُرُ مَردُ مَلاحُ، پارِ لَنگهائي پَلَ ۾.

(٨)

تِکو تِيبِرُ وَهُ، اَتي اَوِديا سِندَ جو،
پُني ڏيئي پاڻَ کي، سامي سورَ نـ سَهُ،
پِيچُ تَنين کون پِريمَ سان، پارِ لَنگهڻَ جو پَهُ،
اَتَ ئي پَهرَ اَلَهُ، رَهي جَنِ جي روحَ ۾.

(٩)

اَوِديا جَلُ اَپارُ، کَرَمُ کُٽائي کِينَ کي،
مَني پانهِنجو پاڻهين، تـو ٻُڏي سَبُ سَنسارُ،
سَمُجهِي لَهُ سامي چَئي، تون ساکي سِرِجَڻهارُ،
مانُکَ جَنَمُ اَوتارُ، موتِي ايندءِ کِينَ کي.

(١٠)

عَشقُ ۽ عَقُلُ، ٻئي ساڌن سَمَ جا،
ساڌي لَهُ سامي چَئي، آتَمُ پَدُ املهه،
ناحَقُ روهِ ۾ رُلُ، مورکَ مَن جي ڀاءِ تون.

(١١)

آهِ سَدِيهي آهِ، ناهِ کَڌِيهي نـ چوان،
عَينُ پسي تِي عَينُ کي، پَسُ جهاتي مُنهَن پاءِ،
مورَتَ مَحَبوبنِ جي، لُنؤ لُنؤ مَنجهِ لِکاءِ،
تـ سامي کَلَ سَنداءِ، سِگهي کَريئي سُپِرين.

(١٢)

ڪوڙا ڪَمَ نـَ ڪَرِ، موركَ مَن جي ياءِ تون،
اَتـي اَوديا سِنڌ جي، ڏاڍي لوڀَ لَهَرِ،
وَڃَنُ ساپُرِسَنِ جو، جاڳي هِردي ڏَرِ،
تـَ حاضُرُ ڏِسين هَرِ، سامي ڇَئي سَيَ ۾.

(١٣)

موركَ ڪوهُ ڦَسين، تـو يُلي مايا موهَ ۾،
بانيَنُ ڇَئي ٻُڌِ تُنهِنجي، وَڍِي ڪَنهِن ڪَسي،
جاڳي ڏِسُ تَنهِن ڏيوَ ڪي، جو وِدمانُ وَسي،
متان ڪالُ ڏَسي، پِيو ڪُٺيئي ڪوپِري.

(١٤)

ڪوڙا بيكَ مَ پاءِ، پَسَنُ ڪانِ پِرينَ جي،
اَڳيون پانَ صَراف تـي، تون هنُر ڪيمَ هَلاءِ،
مِلي ساڌَ سَنگَتِ سان، سامي چاه چڪاءِ،
اَچين يولي ياءِ، تـَ سهج ملني سُپِرين.

(١٥)

ڪوڙو موهُ مَ ڪَرِ، مَتان لَهَرِ نجه لُڙهي وَڃين،
نانا خيالِ ڦَنا ڪري، هِڪُ خيال ڪَسَمَ جو ڏَرِ،
بِنان يَڄَن هَرِ، اَتي بِيا سَبِ بَنڌَن جيءَ جا.

(١٦)

ڪوڙا ليڪَ مَ لِڪُ، موڙَڪَ من جي ڀاءِ تون،
اَوِديا جي آڙاهه جو، اَٿي تِيڪَنَ تِڪُ،
جاڳِي ڪَڍُ اَندَرَ مون، سَڀ وِيچاري وِڪُ،
تي ءُ گُروءَ جو سِڪُ، تہ سيتَلُ ٿِئين سامي چئي.

(١٧)

ڪَرين ڪوهُ ڪِني، دَعوِيٰ دَردَوَندَنِ سان،
جَنِ ڪي لَڪَ اَلَڪَ جي، پورَنَ پُرڪَ ڏِني،
چَڙهي وينا چوڏولَ ۾، ڇِڪا سَڀِ ڇِني،
تَنِ ڪون بيڪَ ڀِني، سامي چَئي وَٿُ سارَ جي.

(١٨)

ڪوهُ ڪَرين وَلُ ڇلُ، تو موڙَڪَ مَن جي ڀاءِ تون،
دوساٽيءَ دَربار ۾، تيندءِ سَڀُ عَدَلُ،
رُٺندين رَتُ اکِن مون، ڀائي پانهنجو ڦَلُ،
سامي سَمُجهي هَلُ، ديکِيا وَني گُرَ جي.

(١٩)

ڪوهُ ڪَرين هَي هَي، موڙَڪَ مَنَ جي ڀاءِ تون،
جڳَتُ سَڀُ جونو اَٿي، ڪَري ڏِسُ اَنيَي،
جيئن لَهَرِ سَمُندرَ جي، روپَ ڌَري ٿي لَي،
تيئن ساڪيءَ ري شَي، سامي اَٿي ڪانَڪا.

(۲۰)

ڪَپَتِ مَنجهِ ڪُهي، رولِ نـَ پانهِنجو پاڻَ ڪي،
موٽي ايندءِ ڪِينَڪِي، اِهَڙي مَوج مُئي،
مِلي وَٽُ مَحَبوبَ سان، دِلِ مون ڪَڍي ڏُئي،
مَتان ڪالُ ڪُهي، اچي وجهيئي اوچتي.

(۲۱)

ڪُهي ڪَرِمَ ڪوٽُ، ڪَنهين سان ڪَنِ جيترو،
چاڙهي موتَ مَٿي تي، مَدائيءَ ڪان موٽُ،
پيٽي وَٽُ پَرَمَ ري، گهونگهٽُ ڪولي گهوٽُ،
تَـ قِري توکي قوٽُ، جَمِ جڳاتي نـَ ڏِئي.

(۲۲)

ڳِٽيون ڪوهُ ڳِٽين، تو مورکَ پانهِنجي مَنَ ۾،
گهٽِ وَڌِ تيندءِ ڪِينَڪِي، توڙي مُنهَن تي هَٽَ هَٽين،
بيجي جِي بانيَڻُ چَئي، سَيڪو بار ڪَٽي،
جي توکي واڪ وَٽي، تـ استَتِ رَهُ اَندر ۾.

(۲۳)

غَيرتَ گَندُ نَـ وِجهُ، مورکَ ميڙي گهرَ ۾،
جَنَمَنِ جي جَنجالَ جو، اِها بِيائي اَٿي ٻج،
سَمُجهي ڪرِ سامي چَئي، تون دَئُرَنُ ڪون ڏيرجُ،
تَـ سرَ تي ساکي سِجُ، پرگهٽُ ٿئي ٿي پاڻهين.

(٢٤)

ڳُهرِين ڪوهُ ڳهٽِي، مورکَ مايا رامَ ڪون،
وِيا پِٽِيندا ڪيترا، مُنهَن تي هَٿَ هٽِي،
تون پِي نِينديِن ڪانڪا، ڪوڏي ساڻُ ڪَٽِي،
سارِ سنيارِ ڏَٽِي، تـ سکي تِئين سامي چئي.

(٢٥)

چَرِي ڪوهُ چئِين، تي دَرِدَرِ حالُ حَبِيبَ جو،
جي توکي پِياس پَسڻَ جي، تـ ڏَنڌا ڪيمَ ڏئِين،
سامي سُپِيرِيَن سان، چِڏِي ناهَ نهِين،
پانهنجيءَ مَنجهِ پئِين، تـ لَهِين سکُ سُهاڳَ جو.

(٢٦)

چَريا چِڏِ چِوَڻُ، دَمُ ماري رَهُ دَمَ ۾،
سَهَجي ڪَرِ سامي چئي، ساکيءَ جو سُمرَڻُ،
کَڏي وَٽُ کَلپِتَ رِي، تون مَحَبت ساڻُ مکَڻُ،
يَونڪَڻُ ۾ يوَڻُ، اَتِي ڪَمُ ڪُتَنِ جو.

(٢٧)

سَنسو هِڪُ پِيو، اَچِي مَنهِنجي جيءَ ۾،
سامي چئي هي سَتِ گُرو، ڪاٿون جڳتُ تِيو،
پُٺي ڏيئي پاڻَ کي، ساکيءَ سِڌِ ڪيو،
آهي ڪينَ بِيو، جَلَ پِپوٽو جَلَ رِي.

(۲۸)

جيئن ٻيڙيءَ جو پورُ، تيئن لوڪَ ڪُتنبَ جا،
جَنين مَنيا پانهِنجا، سي تِيا چَڪنا چورُ،
سَمجهِي پَٽِ سامي چَئي، تون اُوديا جو انگورُ،
ثابِتُ رکج مُورُ، مَتان شاهُ پُڇَني ليکڙو.

(۲۹)

ڇَڏي هَٺُ هَئِي، مِلي وَٺُ مَحَبوبَ سان،
ڦِٽو ڪَرِ فُرصَتَ کي، ويندءِ ڏينهن لَهي،
جاڳِي جڳُ سُپَني جو، سامي ڪَرِ سَهي،
متان پوءِ رَهي، پوين وَسِ ويرنِ جي.

(۳۰)

هَئِي هَٺُ نوارِ، مَتان ڏِسين ڏُکَ ڏُهاڳَ جا،
ڇَڏي خِيالُ خَلقَ جو، گهرَ پانهِنجي ۾ گهارِ،
ڪَرِ سينگارُ مِلَڻَ جو، پُڇي جيڏيون چارِ،
تہ دوسُ اَچي دَربارِ، ڏيئي سُکَ سهاڳ جا.

(۳۱)

هَئِي هَٺُ وِڃاءِ، ساجُهرِ سَمُجهي پانهِنجو،
داسَن جي داسي ٿِي، شيوا سَڀَ ڪَماءِ،
ٻانيَڻُ چَئِي ٻِيائيءَ ري، چِت چرنَنِ سان لاءِ،
پِرِنِ کي پرچاءِ، متان رُنيائي رهجي وَڃين.

(٣٢)

جيڪو دکائي، سَنتَنِ ساپُرسَنِ کي،
سو ڪيتو پانهنجو پائهين، جَنَمَنِ مَنجهِ پائي،
جِئين ڪيڙو گندَ ۾، نِتَ تُبي کائي،
ساڌو ڇَڏائي، تہ سامي ڇُٽي دُکَ کون.

(٣٣)

جوڳي، سَنياسي، بيراڳي، بانيَنَ گهڻا،
نانا بيک جڳتَ ۾، سيوڙا، اُداسي،
تَنين ۾ ڪو هِڪڙو، دَرسَنَ جو پياسي،
جَنهِن جو ڦندُ ڦاسي، سامي ڪَٽيو سَتِ گُروءَ.

(٣٤)

جي تون جاڻي جيءُ، تہ جُڙيو رَهُ جڳديس سان،
جي ديهي مَني پانَ کي، تَہ مَري مِٽي ٿيءُ،
جي تون آهين آتما، تہ ڪَڍُ سَنسي جو سيءُ،
سامي پرچي پيءُ، جِئين تَئين رامَ رَسُ.

(٣٥)

دَرِ دَرِ ڪيمَ نِهارِ، ڇَري ڇيتَن وَرَ کي،
اَٿي مَنجهِ مَحَل جي، تون اَوِديا پَرَمُ نِوارِ،
ڪَرِ سِينگارُ مِلَڻَ جو، پُڇي جيڏيون چارِ،
گَڏجي گهوٽُ ڪنوارِ، سامي ماڻيو سيجَ سُکُ.

(٣٦)

ڏيهيءَ منجهي ڏيئُہ، اَتي ڏيهي ڏيوَ ۾،
سَمُجهي ڏِسُ سامي چَئي، تون گُرگمَ اِيهو پيئُہ،
تہ اَوِديا جو اَهَميئُہ، مِٽي وَيجيئي مَنَ مون.

(٣٧)

ناحَقُ مَنُ نہ هارِ، نانگُ ڏِسي نوڙيءَ ۾،
ڪَلپَتَ ڪِڏي جيءَ مون، تون نِرمَلُ نَئَنَ نِهارِ،
پانهنجو پانُ سَنِيارِ، تہ سامي مِلين سَروپَ ڪي.

(٣٨)

سامي تون سَمُجهاءِ، گُرگمَ پانهنجو پانُ ڪي،
پائي سُکُ سَروپَ جو، دَرِ دَرِ ڪيمَ ڀُنڏاءِ،
مَتان مَنَ جي ياءِ، وَهي وَيجين وَهَ ۾.

(٣٩)

نَڪي اَلُ نہ سَلُ، سامي سِڪَ پِرين جي،
نَڪي ڏاري ڀَلَ ڪي، نَڪي ٿيءُ نِبَلُ،
اَنُ هوندي اَوِديا جو، تون وِچون ڪَڍُ خَلَلِ،
اَنئي پهَرَ اَچلُ، جُڙيو رہ جڳديشِ سان.

(۴۰)

نَڪي ڪَتِ گِيانُ، نَڪي ڏارِج موه ڪي،
نَڪي گُهمُ گهرَنِ ۾، نَڪي دَرِ ڏِيانُ،
سَمُجَهه ري سامي چئَي، اٿي سَڀُ اِيمانُ،
پائي پَدُ نِربانُ، تون مِلي مَهَدِ جَنَنِ سان.

(۴۱)

نَڪي ڪَڍُ نہ پاءِ، نَڪي ڪاڻُ نہ ٻُڪَ مَرُ،
نَڪي سُمهہ نہ جاڳُ ڪي، نَڪي چُپ ڳالهاءِ،
جِتي تون مان ناهِ ڪا، لوڙ ي لَهُ سا جاءِ،
تہ سامي پوليِ پاءِ، ستهہ مِلَني سُپرين.

(۴۲)

پوچين ڪوهُ پَٿَرَ، تون چَريا چيتَنَ ڪي ڇڏي،
جَنهِين ساڏَنَ سِدِ ڪَيا، تَنهِن جي ڪَرِ نَظَرَ،
ساڪي ٻولِي سَڀَ ۾، ٿو وِياپَڪُ چَراَچَرَ،
سامي اَجَرَ اَمَرَ، ڇڏي پوج مَ پِندَ ڪي.

(۴۳)

ڪَنهِين ڪِينَ ڪَئي، پيڳِتِ گُرَ ويساهَ ري،
ڪَرَمَ ڌَرمَ مَتَ موهَ ۾، وِئَرا جيءَ وَهي،
سَمُجهي ڌِسَ سامي چئَي، تون ڪَري سَنَدِ سَهي،
جَمِي ڪيئَن ڏهِي، ساڪيءَ سَنِيائِنَ ري.

(۴۴)

پاندِ پلَئہ پائي، سَيکو بيجيو پانهِنجو،
اِها راهَ اَصُلَ جي، چِڏِي تاڪُرَ تاهي،
سَتِ گُرُ پانهِنجي سِڪ ڪي، سامي سَمُجهائي،
جاڳائي لاهي، اَوِديا ڦاسَ ڳِچيءَ مون.

(۴۵)

ٻاٽي لڪائي ٻوڏَ ڪي، سا ٻوڏَ روپَ ٻاٽِي،
ٻاٽيءَ اُٿَنِ پَپوٽڙا، پَپوٽا پاٽي،
سوڪَمَ سَنڌِ پرين جي، ڪَنهن جاڻائي جاٽي،
مَوجَ تَني ماٽي، گِهڙي لَنگهيا جي گهيڙَ ڪون.

(۴۶)

ڪَري ياءُ يڳَتِ، سامي تَرُ سَنسارُ تون.
ٻيڙي ڪَرِ ويساهَ جي، چَپو مَحَبَتَ مَتِ،
سَتِ گُرُ پرَڪَ مَلاحُ ڪَرِ، پَتَرُ ڪَدُ ڪَمَتِ،
ساڪِي جاٽي سَتِ، تہ پَهُچين پارِ پَرَمَ ڪون.

(۴۷)

پورَنَ پرَکَ چيو، وَچَنُ هِڪُ وِسرامَ جو،
سامي جاٽِجِ ڪوڙُ سَپُ، ڪَلپَتَ جو ڪيو،
جِنَن سُکُ سُپَني جو، جاڳَئي ڪِينَ رَهيو،
ساڪِي نَهيو نُهيو، اَٿي آدِ جُڳادِ جو.

(۴۸)

پِرين وَسَنِ پارِ، مَنَ ٻُڌِواڻيءَ ڪَرَمَ ڪون،
هيڏي هوڏي هَٽڙا، مورکَ اَندَ نَہ مارِ،
پيهي پانهنجي گهر ۾، گُرگَمَ ڏيو ٻارِ،
هِيرو جَنم نہ هارِ، سامي چئي سَمُجَھ ري.

(۴۹)

چَڏي وَرُ وَڪَرُ، جي ڪَٽڻ پيرُ پرينِ ڏي،
تہ سَهَجي سُٻرِيَن جو، سامي لَهِڻ تَڙُ،
موتـي توکي مَڙُ، جَمُ جڳاتِي نہ ڪَري.

(۵۰)

ٻانيَڻَ ٻَندُ مَ ٺاٺَ، ڪوڙا مايا موهَ جا،
ڪَٽي هَٿَندءِ ڪَڏَ ۾، اِها ڏائڻِ ڏاٺَ،
ڇَڏي پوٿيون پاٺَ، جاڳي ڏِسُ جڳَدِيسَ کي.

(۵۱)

بيحَدِ ڪِينَ هَلي، سامي حَدَ جي جيءَ سانِ،
مَمِتا جي مُنَ ڪون، رکي پاڻَ پَلي،
جڳَ ۾ جڳَ جِهڙو تِـي، بِنان چاهَ چَلي،
تنهِن کي ڳالهِ سَلي، جَنهِن کي سِڪ سَروپَ جي.

(۵۲)

وِرچي مُنڌَ مَ ويھ، ڪاهِ تہ ڪيچن ڪي مِلين،
ساجُهرئي سامي چَوي، چِلي چِبَرين پيھُ،
ڏورِينڊَن جو ڏيھُ، وينَنِ ڪي واري وَري.

(۵۳)

سو سَرُ مَنجهِ سَرير، جَنهِن مون وَهنِ واهڙ ڪيترا،
تَرسُ نہ تاءُ پَسي ڪري، لَهِج تَڪي تيرَ،
تہ پاڻي پَرينءَ پَر جو، اَتي سوجهي مَنجهِ سَريرَ،
اورِينءَ پَرينءَ پَر جي، سامي چِڏِ اُڪيرَ،
تنهن نائج مَنجهي نِيرَ، جتي پاڻيءَ پٽو ناه ڪو.

(۵۴)

حَرفُ اَتي هِڪڙو، پَنا ڪوهُ پَڙهين،
پائي مُنهَن مَڙهيءَ ۾، اُنهيءَ سانُ اَڙين،
تان چاڙهيءَ تَنهِن پَڙهين، موتِين مورُ نَہ ڪڏهين.

(۵۵)

تَڏي پوَندءِ ڪَلَ، جَڏي ضابتَ ايندءِ اوڏڙا،
سُڪائيندَءِ ساهَ ڪي، سامي سانُ هَڪَلَ،
جي هوندا سانُ عِمَلَ، تہ توکي رَندُ نہ پوندو رائرو.

(٥٦)

موركَ كوهُ ڳڻي، تو سَٽين كوڙا جيءَ ۾،
اِها پنڌَ خَلَلَ جي، سامي كينَ كَٽي،
جُڙِئي ري جڳديسَ کي، ٻي ڳالھ كانه وٽي،
كِٽي پونءِ هٽي، مِٽي ميلَ مَمَتَ جي.

(٥٧)

مها تِيكَڻُ تاءُ، اَٿي اَوِديا سِنڌ جو،
ڇَڏي آلس اُونگھ کي، اُٿي كَرِ اُپاءُ،
لوڙي لَھُ هِمتَ سان، سامي مَردُ مَلاحُ،
اِهڙو دِلبرُ داءُ، موٽي ايندءِ كينَ کي.

(٥٨)

مَها تِيكڻ وَهُ، اَٿي اَوديا سِندُ جو،
رِکي چاهَ اَندَرَ ۾، سامي سورَ نه سَهُ،
مَحَبَّتيءَ ملاحَ کي، لِنوَ سان لوڙي لَھُ،
ته پارِ لَنگھڻَ جو پَهُ، پَرچي ڏِئيئي پَلَ ۾.

(٥٩)

ري مُکَ اَنکَ اَکَرُ، اَکَندُ پَڙهي سو اَوليا،
ري ٻاوَنَ ٻاوَنَ ۾، سُوکَمُ سَهجَ سَيَرُ،
کِري کَبي کِينَکِي، اَنيَئي روپُ اَمَرُ،
وَڻجارا هي وَرُ، كوڙَنِ مَنجهون كو لَهي.

(٦٠)

ليکا سَبِ وسارِ، اندرِ ڏِسُ اَليکَ کي،
ديهي دِبَ پائي ڪَري، حِرفَتَ ساڻ نَہ هارِ،
جاڻَ وِجائي پانهِنجي، سامي سارُ سَنڀارِ،
نِرمَلَ نَئَنَ نِهارِ، تہ پَسَڻُ ٿيئي پِرينءَ جو.

(٦١)

ويدَ پُرانَ پَڙهي ڪَري، ٿو لوڪَن رِيجهائِين،
سُپيريان جي سِڪَ ۾، جهاتي نَہ پائِين،
چاهُ نہ چُڪائِين، تون پَسين ڪِيئن پِرِيَنِ کي،

(٦٢)

ويد وَچَنَ وِيچارَ، پِريم پريت پرتيتِ سان،
ڪَنَ اَکِيون ڏيئي ڪَري، سامي مَنَ کي مارِ،
ڪِڍي سارُ وَچَنَ مون، باقي سِڪَ سَنڀارِ،
تہ ساکي ڏِسين پارِ، واٽيءَ اَئون وِيچارَ کون.

(٦٣)

سوئي ٿِيو اَستُولُ، جو سوڪَمُ ساکي سدا،
بِجَ وَرائي نَہ ٿِئي، دَرَخَتُ پَنُ ڦَلُ ڦولُ،
اَنيَئي آتَمَ مولُ، تون سَمُجهي ڏِسُ سامي چَئي.

(٦۴)

ساڎُ نہ سَڎائيج، هيءَ تِرڪَڻِ تِکي اَتي،
هن پَرَمَ پَلايا ڪيترا، سا پِند سِرون لاهيج؛
سَمجهي تون سامي چَئي، مُنهن مَٽهيءَ پائيج،
لوڪَ نَہ لکائيج، تہ واقفُ تَئين وِرونهَن جو.

(٦٥)

سامي ڪيمَ سَڎاءِ، گيانيِ پَندِتُ پاڻَ کي،
اِنهيءَ مَمَتا مُنا ڪيترا، تون سَمجهي پاڻُ بچاءِ،
آڪيا مَني اَگست جان، اَوِديا سِندُ سُڪاءِ،
جهاتي جَهروڪي پاءِ، تہ سَنُمکُ ڎِسين سُپرين.

(٦٦)

سامي ڪوهُ مَنَن، ڪَري تو ڪَلپتَ جو،
دُکي جاتي پاڻَ کي، گُهمي گهرَ دَرَ بَنُ،
اَوِديا اَندَرَ ۾ رکي، سِدِ ڪَري ساڎَنُ،
جِئين اَليپُ گگَنُ، تئين تون ساکي سدا.

(٦٧)

سُورا سي چَئجَن، جي جهونجهِن تا ميدان ۾،
جِيئڻَ اَئون مرڻ جو، سامي سوچُ نہ ڪَنِ،
اولو پَرمُ ڪَڍي ڪري، سَنَمکُ تِرُ رهن،
ماري پَنجَ ڪَنَن، مَنَ سوڍا مَيدانَ ۾.

(٦٨)

سامي سَمُجھي ٿيءُ، اَنتَرمکِ اَدبَ سان،
وَٺي گيانَ گُروءَ کون، تنهن سان جوڙي جيءُ،
ڪَڏين سَڀُ ڪَلپِتَ جو، اَڻَ هوندو سَنسو سيءُ،
تَہ پرگهٽُ ڏِسِين پيءُ، اَندرِ باهرِ ڏهَ دِسا.

(٦٩)

هِيرو جَنَمُ نہ هارِ، موڪَ جيءَ مَرمَ ري،
تو چارِ وِچائين ننڊَ ۾، ڪوڙَ ڪَپٽَ ۾ چارِ،
ڏِسي ڪالَ قهارَ کي، رُئندين زارون زارِ،
ساجُهرِ سارِ سَنيارِ، سامي چئي ساڌَ سَنگِ.

(٧١)

حِرصَ هلاڪُ ڪيا، بيک، گِرستي، لوڪ سڀ،
پِلي سارَ سَروپَ کون، سَنسي مَنجھ پيا،
سُپني ۾ سامي چئي، نانا روپَ ٿيا،
جاڳئي ڏُکَ وِيا، اڻ هوندا اَوِديا جا.

(٧٢)

هَرَ هَرَ هَٿُ نہ پاءِ، هيءَ گَندِ چُهنديءَ نہ چُڙي،
شيوا هَٿَ سُمِرَڻَ جي، ڪنهن جي چِلي نہ ڪاءِ،
سياڻپَ جا سامي چئي، هُنر ڪيمَ هَلاءِ،
هن وَرَ مَنجهائي ماءِ، ڪوڙين وِڏا ڪيترا.

(۷۳)

هَي هَي ڪوه ڪَرين، ٻورڪَ مَنَ جي ٻاءِ تون،
اَنَ هوندي سَنسارَ جي، مَمتا مَنجهِ مَرين،
ڏِسي سارَ سَروپَ کي، ڏِيرجُ ڇو نہ ڌَرين؟
سو سامي ٻيرُ ٻَري، ڪَنهن کون آهي ڪِينَڪِي.

# سلوڪ اپديش (ب)

(١)

اَڻَ هوندي حَرِڪَتَ، مايا رَچِي مَمَتَ سان،
بَندَ مُڪَتِ جَنمَڻُ مَرَڻُ، سامي سَڀ تَتَ مَتَ،
ائين چَونِ تا اَنيَئِي، پِيرَ، فَقيرَ، پنڊِتَ،
ڇَڏِ ڪوڙي ڪَلپِتَ، جاڳِي ڏِسُ جڳَدِيس کي.

(٢)

ڪوڙي ڪَلپَ نَہ ڪَرِ، سَتِ جاڻي سَنسار کي،
سامي آڻِ سُرتِ کي، اُلٽائي اَندَرِ،
جاڳِي ڏِسُ اکِنِ سان، حاضِرُ پَنهنجو هَرِ،
ڀيٽَ ڀُلائِو ڏَرِ، تَہ مُڪتو مَمَتا کون ٿِئين.

(٣)

ڪوڙا ليکَ نَہ لکُ، اَندَرِ ڏِسُ اَليکَ کي،
اَٿي واچَ وَهَڻَ جو، مَها تِيبرُ تکُ،
لوڙهي ڏيندءِ لوڀَ سان، سامي سوڳُ هَرِکُ،
ٿِي سَتِگُرَ جو سِکُ، وَچَنُ مَنِي ڪَرِ مَنصِبي.

(۴)

ڪَري ڪوهُ حِرِصُ، ڪايا مايا ڪُلَ جو،
اِنهيءَ اَوِديا پَرَمَ ۾، پِلِي ساري وِسُ،
سَتَ سِپَنِي جي سُکَ کي، ڇَڏي اونگهه آلِسُ،
گُرگَمَ جاڳي ڏِسُ، سامي پَنهنجي پاڻَ کي.

(۵)

ڪَري ٺِڳائِي لَٽُ، مايا موهيا جيءَ سَڀُ،
پَوَنِ نِتُ پَوَنَ ۾، رکي هَيبَتَ هَٺُ،
اِها ڳالهِ سَهي ڪَري، ڳِيانِ گُروءَ ڪون وَٺُ،
تہ ڪَڍِي مَمتا مَٽُ، سامي ڪَريئي شُڌِ مَنُ.

(۶)

ڇوٽو ڏورين ڏيهُ، سامي ڪانِ سَروپَ جي،
جاتون نِڪٽين نِندَ ۾، تاتي پَرِچي پيهُ،
پاڻُ وَرائي پاڻَ سان، لائي نوري نيهُ،
ميٽي سَڀُ سَنديهُ، سَبُلُ ڪَري سامي چَئِي.

(۷)

ڪوهُ ڪَرَين ڪوڙي، هارَ سِنگارَ سُهاڳَ ري،
رولِ نہ مانڪَ ديهِ کي، مَمِتا مَنجهِ موُڙي،
جاڳي ڪَڍُ اَندَرَ مون، اَوِديا اَرُوڙي،
لائي لِنوَ ڳُوڙي، سامي چَئِي مِلُ شَهَ سان.

(٨)

چَڏِ وَرَ وَڪَڙَ واءُ، ڪوڙو مايا موهَ جو،
سامي سِڪَ سَچيءَ سان، سَرَنِ گُروءَ جي آءُ،
اَتي مُحَبَ مِلڻَ جو، اِهو عينَ اُپاءُ،
متان پوءِ پڇتاءُ، ڪَرين جُونِ پَوَڻَ ۾.

(٩)

يا تَہ پِرَ پَچارَ، يا تَہ اورَڻُ پِرَ سان،
بَٽِ پِياسي ڏِينهَڙا، جي پِرَ پَچارون ڏارَ،
رڪِي رَت سَچِي، سامي چَئي سَنيارَ،
مَتان پوءِ پُڪارَ، وِچڙي ڪَرين وَرَ ڪون.

(١٠)

جيڪو پَرڪاسي، سپَني جي سَنسارَ کي،
رکِي دُئيتُ اَندَرَ ۾، ڦاهيءَ سو ڦاسي،
سامي ڳالهِ سَهي ڪَئي، جَنهِن نيهيءَ نِراسي،
هَرِدَمُ هِڪُ ياسي، تنهن کي اَنيَئِہ آتما.

(١١)

جَڏِي وَهَڻَ هُئڙو وَهُ، تَڏي مَڇَ نَہ موٽئين،
چَرَ چِنيءَ چاکي ڳِٽين، پوءِ وَڃَڻُ جو پَهُ،
وِچڙي سِڪَ ساگَرَ کون، سامي رُئندو رَهُ،
سِرَ مَتي پِيو سَهُ، مَهميزان ملاحَ جون.

(١٢)

جَنَمُ اَئون مَرَڻُ، موركَ مَنيو پاڻَ ۾،
آهي ڪونہَ اَڪاسَ ۾، اَچَڻُ اَئون وَڃَڻُ،
جاڳي ڏِسُ جڳديسَ کي، ڪَڏي پَرَمُ پَنوَڻُ،
ٻِيائيءَ ري ٻانيَڻُ، ڪَري اُپَديسُ اَنيَئِي.

(١٣)

جَنهِن کي واڪُ وَٺي، صَفا ساپُرسَنِ جو،
سو سُتهَ سِدِ سَروپَ ري، ڳَتي ڪانہَ ڳَٺي،
ڪَڏِي مَنُ ميدانَ مون، سَڀِ وِڪارَ ڳَٺي،
ڏُکُ، سُکُ اچي ٻَٽي، سَمَ رَهي سامي چَئِي.

(١٤)

تَنهِن کي لکُ لَعنتَ، وِجَهنِ سُجاڪا سَنتَ جَنِ،
جو سامي سَچُ ڇَڏي ڏي، ڪَري ڪوڙي ڪَهاوَتَ،
ٻوڙي مانڪَ ديهِ کي، لُڙَ ۾ ڏِئي لَتَ،
ڇَڏي موهُ مَمَتَ، سورِجُ ڏِسي نَہ سَمَ جو.

(١٥)

تَنهِن کي لکُ لَعنَتَ، سَنتَ وِجَهنِ سامي چَئِي،
جو پَندِتُ جاڻِي پاڻَ کي، رکي حِرصُ حُجَتَ،
ٻوڙي مانڪَ ديهِ دِٻ، لُڙَ ۾ ڏيئي لَتَ،
ڪَري مَنُ اُپَرَتَ، سورَجُ ڏِسي نَہ سَمَ جو.

(١٦)

بولَڻُ اَئون ٻُڌَڻُ، سَمُجَھہ وَرائي سِکٽو،
سِياٽو ٿيءُ سامي چَئي، پَرچِڻ پِنڊُ نَہ ڪَڻُ،
ٻِيھي ڏِسُ پَرَماتَما، پَرِتکِ پاڪُ پورَڻُ،
رَتي، ماسو، مَڻُ، آھي جَنھن جي آسِري.

(١٧)

ٻيڳِتِ، گِيانَ ۾ پِيدُ، ڪونھي ڪَتَرَ جيترو،
ساڪَ ڏِئي سوڌِي سَچي، ساڌو جَنُ سُپيدُ،
سوڌي ڏِنو سامي چَئي، جَنھن وِڌِ سَچيءَ سان ويدُ،
ميٽي وِڌِ نِکيدُ، اِستِت ٿيو اَڪاس جان.

(١٨)

سوئي ساڌَنُ ساڌِ، سامي چَيو سَتگُروءَ،
جَنھِن جي ساڌي سِڪُ ٿِئي، مِٽي سَڀَ اُپاڌِ،
سَھِجي اَنيَڌِ ۾ اَچي، آتَمُ پَدُ اَگاڌُ،
اُٿانُ ۽ سَماڌِ، آھي جَنھِن جي آسِري.

(١٩)

سِڪَ، سَمُجَھہ، ھَرَکُ، چوٿون سَنگُ ساڌوءَ جو،
ڪَٽي ڪالَ ڪَلِپنا، ڪَري نِرمَلَ دوکُ،
ساڪَ ڏِئي سامي چَئي، مَحَبتي مَموکُ،
آتَما اَپَروکُ، ڏِٺو جنھن ڏيھيءَ ۾.

(٢٠)

سَتا وَرائي سارُ، لَيِي نَہ لوڪَ پَرلوڪَ ۾،
ساڪَ ڏئي ساڪِي تِي، ساڌو جَنُ سَچارُ،
مِٽيو جَنهِن جي مَنَ مون، اَوِديا جو اَهَنڪارُ،
بَٽيءَ تي هَسوارُ، سَدا رَهي سامي چَئي.

(٢١)

يَلو يَلائِي، بُرو بُرائيءَ کي لَهي،
اها رِيتي نِياوَ جي، آدِ تُرِي آئي،
سامي سَمُجِهي ڪَنهِن سورَمي، مَمِتا مِٽائي،
سَمَتا صَفائي، مکِ رکي مَوجان ڪَري.

(٢٢)

رامَ مِلڻَ جي ريتِ، ڪامِلَ ڏَسِ ڪرپا سان،
جَنهِن جو روپُ نَہ رَنگُ ڪو، نَڪو نانوُ نَہ نيتِ،
سامي سُرتِ نِرتِ کي، جَڳَ کون جاڳِي جيتِ،
رکي پِريمُ پَرِتِيتِ، اُلٽِي ڏِسُ آڪاس ۾.

(٢٣)

سَمَ، سَنتوکُ، ويچارُ، چوٿون سَنگُ ساڌوءَ جو،
ڪَٽي سَڀَ ڪَلپَنا، لڪائي سکَ سارُ،
اِئين چَوَنِ اَنيَہِ مَتِي، پائي پَدُ اَپارُ،
بَٽيءَ تي هَسوارُ، سَدا رَهي سامي چَئي.

(۲۴)

دوستَ جو ديرو، سُڄَ وَسَنوَ ڄي وِچَ ۾،
پَهُچَڻُ پِريمَ پَرِتيتِ ري، آهي اَوکيرو،
پَرِچِي پيراندين سان، لَهُ پَڪو پيرو،
يڳِوانَ ييرو، سَڦلو ڪَري سامي چَئي.

(۲۵)

نَڪي تيءَ وِرَڪَتُ، نَڪي گَپُ گِرستَ ۾،
مِلي وَٿُ مَحبوبَ سان، سامي چَئي سَتُتَ،
موتي ايندءِ ڪينَڪي، اِهَڙو هَٿِ وَقتُ،
پوءِ روئندين رَتُ، اِڪنِ مون عاجِزُ تي.

(۲٦)

پَڙهي قُرانُ ڪِتاب، قاضي ڪوهُ قِصا ڪَرين،
مِلي وَٿُ مَحَبوبَ سان، ڇَڏي زورُ جوابُ،
مَتان اَچِي اوچِتي، ڪَريئي ڪالُ ڪَبابُ،
ٿِندين پوءِ خَرابُ، سِڄَ لَٿي سامي چَئي.

(۲۷)

پَري ڪون پَري، مَهما مانڪ ديهه جي،
ساڪَ ڏِيَنِ سامي چَئي، سَنتَ سَهي ڪَري،
جَنِ پِيتو پِيالو پِريمَ جو، پورَنُ پاڪُ پَري،
وِيڻا ڏِيانُ ڌَري، نِرمَلَ نارائڻَ جو.

(٢٨)

پانهِنجي پوکَ سنيارِ، پِراڻي، پيهي تي چڙهي،
ڏيئي واڙِ ويساهَ جي، پاڻي پِريمَ پيارِ،
کِميا کانياڻيءَ ٠مان، کَڏي کلپت جهارِ،
ڪٽندين بيحدِ بارِ، سامي اَنيئِہ اَنَ جي.

(٢٩)

ٻولَڻُ اَئون ٻُنڌَڻُ، سَمُجهہ وَرائي سکتو،
پَندَتُ جاڻي پاڻَ کي، سامي سيلَ نہ ڪَڻُ،
اَلَتي ڏِسُ اکِن سان، پَرمِيسَرُ پورَڻُ،
اَچَڻُ اَئون وَڃَڻُ، اَتي کونہ اَڪاسَ ۾.

# اُپديش ياڱو ٢ (الف)

دوستَ جو ديدارُ، ڪامِلَ آهي ڪيهڙو،
ڇَيو وَيحي نـ مُنهَن سان، اَجڳئبي اِسرارُ،
نَڪو روپُ نـ رَنگُ ڪو، نَڪو اَنگُ آڪارُ،
جَڏي مِلندُءِ يارُ، تَڏي پوندَءِ سُڌِ سامي چَئي.

(٢)

اَنَ هوندي اولي، سامي لِڪو سُپرين،
اَندا ڏِسَنِ ڪِينَڪِي، جو بُڌي ۾ بولي،
ڪَنهن سُجاڳي سَهي ڪيو، گُهٽُ گهونگهٽُ کولي،
ويهي وِچولي، پَلِ پَلِ پِيئي پِريمَ رَسُ.

(٣)

پَرميسَرُ پَرتِک، سامي سورجَ جان رَهي،
اَندا ڏِسَن ڪِينَڪِي، پَٽي پانهِنجي اَکِ،
تَنهينکي تَد روپُ تِي، تون لِنوَ سَچيءَ سان لکِ،
ڪوهُ ڪَرين جکِ جکِ، تو دَرِ دَرِ ديوانَنِ جان.

(۴)

ڪوڙي ڪٽ ڪٽي، سامي لڪ لُڙهي ويا،
مڪڻ ڪڍيو مَن مون، ڪنهن مَحبتيءَ مٿي،
ليکي لَٽي پٽي، سيڪ ڏنائين سِپرين.

(۵)

سُوڪمَ ڪون سُوڪمُ، اَٿي راهَ عَجيبَ جي،
ڪَٿِين سانُ خوشيءَ جي، ڪَلپِتَ رِيءَ قَدَمُ،
تہ آتمَ پَدُ اگمُ، سامي لَهين سُٽرو.

(٦)

هَئي هوڏ مَ ڪَرِ، مُٺي مَحبوبَنِ سان،
پِينهُن چِڪي،ڏيءِ پاڻي، مَحَبَتَ مُنيون پَرِ،
تہ دوسُ تُنهِنجي دَرِ، پِيهي اَچي پاڻهين.

(۷)

جيوَنَ طَلَبَ نِوارِ، سامي مِهرَ مَيا سانِ،
تَپَتِ تَنِ تاپَنِ جي، پَڳَتِ بوندَ سان ٺارِ،
نِرمَلُ نَئنَ نِهارِ، تہ اَوِديا اوندَهِ نہ رَهي.

(۸)

پَرچي ڏِنو پَهُ، مُرشِدَ خاصِ مُريدَ کي،
اَڻَ هوندي دَرياهَ جي، وَهَ ۾ پَلي نہ وَهُ،
جانُ وِڃائي پانهنجي، ٿيءُ مَحَبَتَ ۾ مَحُ،
تہ اَچي پانُ اَلَهُ، عاشِقُ ٿيئي عَرشَ ڪون.

(٩)

ڪَنهِن کي ڪَرِيان حالُ، پورَبَ ديسَ مَلارَ جو،
جتي اُجَ بُکَ ناهِ ڪا، نَڪي ڪائي ڪالُ،
نَڪو ڏينهن نَراتِ ڪا، نَڪو آڪاس پتالُ،
خاوَندَ جو خِيالُ، سَمَ وَرتي سامي چئي.

(١٠)

دِلبَرُ دِلِ گهري، دِلِ ري گهري ڪِينَڪِي،
ڪَڍي دِلِ دَليلَ مون، تون سامي پيٺَ ڏري،
تہ پِرين پيرَ ڀري، اَچي ٻِيهِي اَڱڻون.

(١١)

ڇَڏي وَرُ وَڪَڙُ، جي ڪَٿِ پيرُ پِرِيَنِ ڏي،
تہ سَهَجي سُپيرِيَنِ جو، سامي لَهِن تَڙُ،
موٽي توکي مَڙُ، جَمُ جڳاتي نہ ڪَري.

(١٢)

وِرلو وَڏَ ڀاڳي، پَهتو پِريمَ نَگَر ۾،
جَنهن مِلي مَهَدِ جَنَنِ سان، مَمِتا مَت تياڳي،
ڏِنائين جاڳي، پنهنجي اکين پانَ کي.

(١٣)

اِهو ڪيو اُپَديش، سامي پوري ستگروءَ،
ڄاڻي سَڀُ سڀني جو، ڪُٽنبُ قبيلو خويشُ،
جاڳي ڪَرِ تنهن جوت ۾، پَلڪَنِ سان پَرِويشُ،
جنهن جي شيشُ مَهيشُ، اُستَتِ ڪَري اَپيدُ ٿي.

(١٤)

ڄاڻائج مَ ڄاڻُ، متان ڄاڻُ وِجهيئي ڄارَ ۾،
پَسَڻَ ڪاڻِ پِرينِ جي، ڀاڙون پَنج ڀاڻُ،
رَهِج ٿابوتيءَ ساڻُ، مَتان ڏِکي کَني ڏاريو.

(١٥)

ڪوهُ ڪريندا ڏاريو، آهي ڄاني مُنهنجو جيءُ،
مَنجهي ڄاڻَ اَجاڻَ جي، ٿو پاڻُ پَسائي پيءُ،
تَنهن کي ڪِهڙو سيءُ، آهي سورِجُ جَنهن جي سِرَ تي.

(١٦)

هِئي هَٺُ وِڃاءِ، مَتان ڏِسين ڏُکَ ڏُهاڳَ جا،
ڪَرِ اَدَبَ سان عاجِزي، پاندُ ڳِچيءَ ۾ پاءِ،
مَنُ مَتِ سَڀَ ڇڏي ڪَري، چِتُ چَرنَنِ سان لاءِ،
پرين کي پَرچاءِ، تہ سامي پائين سيجَ سُکُ.

(١٧)

جي مَحَبوبَن معافي ڪَيا، پَرچي پير ڪَنهين،
سالِڪَ سَلِجِ ڳالهڙي، ريڌو راءُ جَنهِين،
آن بہ تارَ تَنهِين، مِلان مَحَبوبَنِ سان.

(١٨)

مانُڪَ جو اَوتارُ، ڪَنهِن مِليو پورَنَ پُنَ تي،
تَنهن جي ڪَريان ڪيتري، وَڏائي وِستارُ،
سَهسَنِ ۾ سامي چَئي، ڪو جاڻي سَنت سَچارُ،
ڪَيو جَنهن ديدارُ، گُرگمَ پَرچي پانهِنجو.

(١٩)

سَدا ڪَرِ شُڪُرُ، سامي دَر دوسَنِ جي،
پاوين مِلي مَليدو، پاوين سُڪو ٽُڪُرُ،
رکي چاهَ اَندَرَ ۾، گهٽِ وَڌِ ڪَڏي نہ گهُرُ،
نُورَ اِنهيءَ ۾ نُر، تہ خاصو خِلوَتَ دارُ ٿئين.

(٢٠)

جائين سَنڌڪِي ڪٿي ساهُ، تائين وَڏِي ٿِي وِٿِ پَئي،
سَمُجهہ ڪِي سامي چَئي، اَٿي رومَ رومَ ۾ راهُ،
ڳجهو ئي ٿِي ڳاهُ، تہ واقف ٿئين وِرونهَ جو.

(٢١)

اَڻَ هوندو ڀولو، پيو مالڪَ جي مَنَ ۾،
سامي شاهُ سُپني ۾، ٿيو گولنِ جو گولو،
ڀَهري ويٺو پاڻهين، ڇِنتا جو ڇولو،
ڪيرُ ڪَڍي رولو، ٻنان جاڳِئي پانهِنجي.

(٢٢)

اَڻ هوندو اَوِديا ڇَلُ، ٿيو ڇيتَنَ جي ڇيت ڪون،
جئين سورِجَ جي تيجَ ڪون، مِرگَ تِرشنا جو جَلُ،
سَمُجهِي سارَ سَروپَ ڪي، تون سامي ڪَڍُ خَلَلُ،
تہ اَنئي ڀَهَرَ اَچَلُ، رَهين سُدِ سُياوَ ۾.

(٢٣)

رَمِتا رامُ رَمِي، سَڀَ ۾ رَهيو اَڪاسَ جان،
سَمُجهي ڪو سامي ڇَئي، نيهي نِهَڪرمي،
شادي ۽ غمي، جاڳِي ڪَڍِي جَنهِن جيءَ مون.

(٢٤)

مَحلَ مَنجهِي آهينِ، سُدَاتُورا سُپرين،
لِڪا ڇِپيا ڪِينَڪِي، ٿا ٻُڌَنِ ڳالهائين،
ساکي سَڀَ ڪَنهِين جا، ويٺا واجهائين،
جي مُنهَن مَڙهي ۽ پائين، واقِفُ سي وِرونهَن جا.

(٢٥)

اُدمر ۾ پراربد، ٻئي ڪيا ٿُنجا،
سَمُجهي ڏِسُ سامي چئي، ڪَڍي مَمتا مَت،
تو ۾ سَتِ نـہ اَسَتِ، تون ساڪِي نِرمَلُ سَدا.

(٢٦)

ويدَ سَنتَ هڪُ روپُ، ساڪَ ڏيَن ٿا سَچَ جي،
سَمُجهي ڏِسُ سامي چئي، تون آتَمَ سُنَدِ اَنوپُ،
ساڪي برهمَ سَروپُ، پولڻ وارو سَمَ ٿِي.

(٢٧)

مڙهيءَ مَنجهِ مَڙهي، ٿَنهِن ۾ مَڙهي دوسَ جي،
پاڻَ مَڙهيءَ کون پار ٿـي، چاڙهِي ڏِسُ چَڙهي،
يَـحي يـرَمَ گهڙي، ناٿُ مِليو نِج ناٿ سان.

(٢٨)

اَڏِيون اَڏِيون اَڏِ، مودين پاسي مَنَهِي،
سَچيءَ سِڪ سامي چئي، پاڻُ تَني سان گَڏِ،
ڇُوتِ مڙيائي ڇَڏِ، تـہ سَهَجِ مِلني سُپرين.

(٢٩)

سَدائين اِستَتِ، ساڪي پانهنجو پاڻَ ۾،
شيوَڪُ سامي نانءِ ڪو، نَڪا سَتِ اَسَتِ،
مَنَ بُدِ واٹيءَ کون پُري، رَتي وَرائي رَتِ،
ڪَري ڪيرُ ڀگَتِ، شيوَڪَ ري سامي چئي.

(٣٠)

ڪوهه ڪرين اُنمانُ، سامي سارَ سَروپَ جو؟
مَنَ بُڌواڻيءَ ڪون پَري، پورَنُ پُرَڪُ پُرانُ،
سُوڪَمُ ساڪي سَڀَ جو، نِتُ نِرمَلُ نِرباڻُ،
ڏني ئي پروانُ، ساڪ ڏئن ٿا سَنتَ جَنِ.

(٣١)

باريءَ مَنجهِ رَهي، تون سامي ڏِسُ سَروپ کي،
جَنهِن جاڳايو جوتِ کي، سو ساڪي ڪَرِ سَهي،
تَ وَڃيئي سَڀُ وَهي، سَنسو آتَمَ سيرَ ۾.

(٣٢)

اَنجهِ ڳُجهہ پِريَنِ جو، پَڌَرِ ڪئن ٿيو؟
جِتِ نَ مارِگُ مَنَ جو، بُڌِ نَ بَلُ بِيو،
موٽي موٽيو ڪون ڪو، وَحدَتَ مَنجهِ وِيو،
هي ڪَمُ ڪَنهن ڪِيو، ٿي دَرِ دَرِ بُجهي دانهڙي.

(٣٣)

ساڏَنَ سيبئي، سُونَ آتي سباڪيءَ ري،
سَمُجهہ ري سامي چئي، تون سارِمَ دِبَ ديهي،
اَندَرِ ڏِسُ پيهي، تَ آهي ڪيرُ قُلوبَ ۾.

(٣٤)

نِتَ پَراپَتِ چانڻ، آتَمَ سُکُ اَندرَ ۾،
جِئِين اَڪاسُ گهٽَنِ ۾. تِئِين تُنهنجي سانڻ،
ڪَڍي پانهِنجو پانڻُ، سامي ڏِسُ سَروپَ کي.

(٣٥)

سَيُڪو ڏورِ ڏسي، ٿو آتَمَ پَدُ آڪاسُ ڪون،
اِئِين چَئي ڪونڪو، تہ آهيون پانڻَ اَسي،
سامي ڏِسِي هَسي، اِنهيءَ ڳالهہ اَنوپَ کي.

(٣٦)

سامي سوئي ڪَرِ، جَنهن ۾ ڪَرڻو نہ رَهي،
اَوِديا پِندَ مٿي تون، گُرگَمَ لاهي ڌَرِ،
تہ دوستُ تنهنجي دَرِ، پيهي اچي پاڻهي.

(٣٧)

جيئندي ڏِنو جَنِ، سامي سُپيرِيَنِ کي،
مُئي سي مَحبوبَ سان، وَڃي مِلَنِ،
جَنِين ڏِنو ڪِينَڪي، سي ڪوڙا قِصا ڪَنِ،
اِئين تا چَوَنِ، ويدَ پُران سِڌَ ساڌَ جَنَ.

(٣٨)

جَنِين هَٿُ ماريو، تَنِين جِيتيو جَڳَ کي،
نِرمَلَ ڀاوَ ڀڳت سان، سڀ جو چِتُ ٺاريو،
گُهٽِ گُهٽِ نِهاريو، سامي سُپيرِيَنِ کي.

(٣٩)

آتَمَ رَسُ مِنو، اَتي سَبَ رَسَنِ کون،
وَڃي پُڄُ تَنين کون، چڪي جَنِ ڏِنو،
ڪِٿائون پاڻُ ڦِٽو، سامي ڏِسي سَروپَ کي.

(٤٠)

اَندَرِ ڏِسُ پيهي، تَہ آهي ڪيرُ قَلوبَ ۾،
سَهي ڪَرِ سَروپَ کي، تون مَنُ مَنسا ڏيئي،
تہ سامي سيئي، دَردَ مِٽني دَمَ ۾.

(٤١)

سامي سو سَچيارُ، جو ڪَڍي ڪوڙُ قَلوبَ مون،
پيهي ڏِسي پاڻَ ۾، آتَمَ سُکُ اَپارُ،
ساکي سِرجَنهارُ، وِياپَڪُ ڏِسي وِسُ ۾.

(٤٢)

ٻاريءَ ٽِڪاڻو، ڪوڙَنِ مَنجهون ڪو ڪَري،
مَنيو جَنهِن مَحبوبَ جو، پَرَمَ ري ڀاڻو،
سامي سَماڻو، پَرچي مَنجهِ پِرينِ جي.

(٤٣)

ٻاريءَ مَنجهہ ٻاري، اَتي عَجائبُ عَجيبَ جي،
مَنَ ٻُڌ واٽيءَ کون پَري، نِرمَلُ نياري،
پيهِي ڏِسُ پِرينِ جي، تون مورَتَ موچاري،
تہ سامي خُواري، مِٽي وَڃيئي مَنَ جي.

(۴۴)

جَنترِي وَڄائي، جَنترَ ڪامِلُ پَنهِنجي ڪَلَ سان،
ڏِسي ٻُڌي سَيُڪي، سَمُجهي ڳالهائي،
سامي ڏِسي ڪونَڪو، مُنهَن مَڙهيءَ پائي،
سَتِ گُرُ پَٽُ لاهي، تہ سَنسو مِٽي جيءَ جو.

(۴۵)

ڏيهيءَ مَنجهہ ڏِيو، اَچَلُ ٻري تو آدِ جو،
اوِديا کون اُلٽي ڪَري، پاتو جَنهن لِيو،
تَن جو مَنُ کِيو، تِيو سامي سَهِجَ سَروپَ ۾.

(۴۶)

سُوکَمَ کون سُوکَمُ، اَٿي راهَ عَجيبَ جي،
ڪَٿِين سانُ خوشيءَ جي، ڪَلِپَتَ ريءَ قَدَمُ،
تہ آتَمَ پَدُ اَگمُ، سامي لَهِن سُٿرو.

(۴۷)

سَتِ گُرَ ڳالهہ چَئي، عَجائِبُ آنَند جي،
ٻاريءَ بيگمپور ۾، سامي ڪَرِ سَهي،
تَہ وَڃيئي پَٽُ لَهي، اَوِديا جو اَکِنِ تون.

(۴۸)

سَتِ گُرَ سارُ ڏِسيو، پَدُ پُراتَنُ گهرَ ۾،
گُرَمکَ گُرَ ويساهَ سان. سامي تَتِ رَسيو،
جِتي بادَلَ جَل ري، مِهرؤن مينگهه وَسيو،
سَنسو سَڀُ نَسيو، دَرَسَنُ ڏِسي دوسَ جو.

(۴۹)

سَتِ گُرَ وَچَنُ اُتو، ويدَ پُرانَ مَٿي ڪَري،
وِرلي ڪَنهن گُرَمکَ ڪي، هِرِدي مَنجهه ڪُتو،
ڪَڍيو تَنهن اَندَر مون، اَوِديا لوڀُ ڪُتو،
سَدائين اَچُتو، سامي رَهي سياوَ ۾.

(۵۰)

ٻِن جي ڪانهي جاءِ، ساڪي سوکَمَ ٻَد ۾،
سَمُجهي تون، سامي چَئي، وِچون، پانُ وِڃاءِ،
تہ لُنوَ لُنوَ مَنجهه لَڪاءِ، مورَتَ مَحَبوبَنِ جي.

(۵۱)

هَرَ هَرَ ڏَڪَ ڪائي، تِي ساري ڦِني جڳَ ڪون،
تِئين جيءَ سَروپَ ڪون، ٻِلي ٻِتڪائي،
سَمُجهي ڏِسُ سامي چَئي، تون مُنهن مَڙهيءَ پائي،
سَنسو سَمائي، جو موٽي مِلي جڳَ تِئي.

(٥٢)

سَنجهه ۾ سامي، بيدُ پرمُ اَتي ڪوندَ ڪو،
مَها پُرکَ تِيا ڪيترا، اَنيئِي آرامي،
بِيا ڪمي نِهَڪامي، اوري اُتڪيا چانءَ ۾.

(٥٣)

لَنوَ جي لانگوٽي، پاتي جَنهن پَرتِيت سان،
ڪَني تنهن ڪَلپَتَ ري، هَٿَ ۾ سَمَ سوٽي،
ماري ڪَديائين مَنَ مون، ڪَلِ ڪَلِ سَبِ ڪوٽي،
اچي نا موٽِي، سامي چئي سَنسارَ ۾.

(٥٤)

سامي گَهرَ ۾ گَهرُ، تنهن ۾ گَهرُ اَگَهرُ تي،
مَنَ بُڌَ واٽيءَ ڪون پَري، اندرِن اِگوچَرُ،
نِرَمَلُ نِيارو نَيَ جان، سائين سَمَ سَيَرُ،
اهڙو پَدُ اَمَرُ، گُروءَ لکايو گِياتِ سان.

(٥٥)

ڏُکي چِتَ ڏَمرُ، متان ڏِسين ڏُکَ ڏُهاڳَ جا،
مَمَتَ مِٿائي مَنَ جي، وَٿُ دوسَن جو دَرُ،
تَہ سَهَجي وَرُ اَمَرُ، مِليئي مِهرَ ڪري.

(٥٦)

تالي جهَڙو تولُ، اَتِي ڪونَ جڳَتَ ۾،
سَمُجهي ڏِسُ سامي چئي، ڪَري مَنُ اَڏولُ،
پَڄُ مِڙيوئي پولُ، تَ سَهَج مِلني سُپرِين.

(٥٧)

مَنجهي ڏُنِ ڏِيانُ، اَتي ڏُنِ ڏِيانَ ۾،
سمجهي ڏِسُ سامي چَئي، تون اِهو آتَمُ گِيانُ،
تَ اَوِديا جو اَيمانُ، مِٽي وَڃيئي مَنَ مون.

(٥٨)

باريءَ مينگهه مَلارُ، ڇو اناسيءَ اُڃَ مَرين،
تِني اُڃَ نَ بڪَ تِي، سَدا جَئِ جَئڪارُ،
نڪو ڪالُ نَ ڪَرَمُ تِي، نَڪو ڏُکُ اَهَنڪارُ،
دوستَ جو ديدارُ، هِڪَ پَلَڪَ پَرانهون نَ ٿِئي.

(٥٩)

نَڪي جانُ پَري، نَڪي اوري آتما،
سُڃَ وَسنوَ جي وِچَ ۾، تو سَدا سيل ڪري،
سَمُجهي ڏِسُ سامي چَئي، نِرمَلُ نَئِنَ پِري،
بِيائيءَ بِنان بَري، تو ڏِيو تُنهنجي ڏيلَ ۾.

(٦٠)

ٻيا سَڀِ ڪوڙا ڪَمَ، اَٿي نالي نامَ ري،
سَمُجهي ڏِسُ سامي چَئي، ڇَڏي گوندرَ گَمَ،
ٻِنان ساڌَنَ سَمَ، پَدُ پِراپَتِ نَہ ٿِئي.

(٦١)

مورکَ ڪوهُ مَواسُ، رَهڻِ مايا واهَ ۾،
اَڇي ڪَندُءِ اوڇتي، گَرجِي ڪالُ گِراسُ،
جاڳِي اَوِديا ننِدَ مون، ڪَرِ ڪَلپِتَ ڪي ناسُ،
چيتَنُ چِدَ اَڪاسُ، سُتَهَ ڏِسُ سامي چَئي.

(٦٢)

اٿي پَدُ پرواڻُ، سامي ڏِٺي پانهِنجي،
ٻِنان ڏِٺي پانهِنجي، سَيوئي اُنمانُ،
ليکي ڳُڻتيءَ ڪون پَري، سَمَ ساڳِي نِرٻاڻُ،
ڏَري ڏِسُ ڏِيانُ، تون مَنَ ڪَڍي مَن مون.

(٦٣)

اَوِديا جو اَيمانُ، جاڳرتَ، سُپَنَ سکو پَتي،
سَمُجهي ڏِسُ سامي چَئي، تُريا مَنجهه گيان،
تُرِيا ڪون نِرٻاڻُ، ساکي اَٿي سَڀَ جو.

(٦٤)

جيءَ ڪَري جڪ جڪ، ٿو راتيون ڏينهان نندمِ،
پَٽي ڏِسي نـَ پريمَ سان، سامي اَنيئي اَڪ،
پَرميسَرُ پَرتڪ، وِياپي رَهيو وِس ۾.

(٦٥)

سَيـڪو ٻنڌائي، مُنهَن سان ڳالهه سَروپَ جي،
اُلَٽي ڏِسي ڪونَڪو، مُنهُن مَٿَرهيءَ پائي،
هيرو بيڏي هِرڪي، ڪو وِرلو وِڃائي،
جَنهِن کي جاڳائي، سامي پورو ستگرو.

# اُپديش ياڱو ٢ (ب)

(١)

نَڪي ڪاءُ، نہ ٻکَ مَرُ، نَڪي جاڳُ، نہ سُمُ،
نَڪي هارِ، نہ هَٽُ ڪَرِ، نَڪي ڳِرَنُ، نہ ڳُمُ،
مِلي ساڌَ سَنگَتِ سان، مطلَبُ ڪَرِ مَعلُمُ،
جنهن جو هلي حُڪُمُ، سامي سوئي پاتشاهُ.

(٢)

پرچي پورو پَهُ، سامي ڌِنو سَتِگُروءَ،
اَنَ هوندي دِرياهَ جي، وَهَ ۾ پِلِي نہ وَهُ،
اُلَٽِي اَلکَ اَپيدَ ڪي، لِنوَ سَچِيءَ سان لَهُ،
راتيون ڏِينهان رَهُ، اَنلَ جان آڪاسَ ۾.

(٣)

سَبَ ڪي ڪالُ قَهارُ، ماري اَچِي اوچتي،
ڪَنيون وَجي ڪِنَ ۾، جوانُ ٻُڍو اَئون ٻارُ،
ڇَڏي طَمَعَ تَنَ ڌَنَ جي، تون پي تيءُ تِيارُ،
مَتان ڪَري اِتبارُ، سامي وِهين سُواس تون.

(۴)

رامَ مِلڻَ جي ريتِ، سامي ڏسي سَتِگُروءَ،
اَنِيَئِہ واڪَ اَگمَ تي، پوري رڪُ پِرَتيتِ،
جِڏي پيدَ پِرَمَ ڪي، جاڳِي اَوسَرُ جيتِ،
ڏيهرو اَئون مَسيتِ، آهي تُنهنجي آسِري.

(٥)

نَڪي ڪاءُ، نہ بُڪَ مَرُ، نَڪي جاڳُ، نہ سُمُ،
نَڪي تياڳِ، نہ گِرَهَڻُ ڪَرِ، نَڪي ويهُ، نہ گهُمُ،
آهي جَنِهِن جي آسِري، سو سامي ڪَرِ مَعلُمُ،
گِيانَ سورِجَ ري گُمُ، اَوِديا اوندهِ نہ ٽِئي.

(٦)

سَتِگُرَ سَهَجِ سُياءِ، ڏِنو اِشارو اَنِيَئِي،
سامي سَمُجهِي تنهن کي، نہ ڪي ڪَڏُ نہ پاءِ،
پورَنُ جاڻي پاڻَ کي، چِنتا سَڀُ چُڪاءِ،
پانوين راجُ ڪَماءِ، پانوين پِنُ پِرِسَنُ ٿي.

(٧)

سَتِگُرَ ڳالهِ سَرِلُ، ٻُڌائي ٻانيَنُ چَوِي،
نَڪي ڪاءُ، نہ بُڪَ مَرُ، نَڪي رو، نہ ڪِلُ،
نَڪي ويهُ گُفا ۾، نَڪي چِلُ بِہ چِلُ،
مَمَتَ مَٽائي مِلُ، سَتَهَ سِدِ سَروپَ سان.

(٨)

ڏيندو سَچُ نـَ جاءِ، جَڏي تَڏي ڪوڙَ کي،
پَرِڇِنُ جاڻي پاڻَ کي، ڦاهيءَ مَنجهِ نـَ ڦاهِ،
آٿي مايا موهَ جي، بيحَدِ ڏادي باهِ،
پِندَ مَٿي تون لاهِ، تـَ سُکي ٿئين سامي چَئي.

(٩)

هَزارَنِ جي هِڪَ، ڳالهِ ٻُڌائي سَتِگُروءَ،
خَلِقَ وَسي خالِقَ ۾، خالِقُ مَنجهِ خَلِقَ،
پيهي ڏِسُ پَرتِيتِ سان، سامي رکي سِڪَ،
ڪوهُ ڇَنِهين ٿـو ڇِڪَ، دَرِ دَرِ ديوانَنِ جان.

(١٠)

سَتِگُرَ سَهَجِ سُڀاءِ، ڪيو اُپديسُ اَنيَئي،
رکِي ويساهُ وَچَنَ تي، نَڪي ڪَڏُ، نـَ ڀاءِ،
پاڻُ وَرائي پاڻَ ۾، سامي سَمَرَ لِنوَ لاءِ،
تـَ خَلِقَ مَنجهِ خُداءِ، ڏِسين خَلِقَ خُداءِ ۾.

(١١)

هزارَن جي هِڪَ، ڳالهِ ٻُڌائي سَتِگُروءَ،
خَلِقَ وَسي خالِقَ ۾. خالِقُ مَنجهِ خَلِقَ،
اُلٽي ڏِسُ اکِنِ سان، سامي رکي سِڪَ،
ڪوهُ ڇَنين ٿـو ڇِڪَ، دَرِ دَرِ ديوانَنِ جا.

(١٢)

اُدَمُ ٻِراپَتِ، ڪونهي پورَنَ پَدَ ۾،
ڪوڙن ۾ ڪو هِڪڙو، پِريمي پهچي تَتِ،
مِٺي جَنهِن جي مَنَ مون، سامي مَمَتا مَتِ،
سُتَهَ شِوَ شَڪَتِ، ڏِسي پَنهِنجي ڏيلَ ۾.

(١٣)

جَنهِن ڪي جَتائون، اَچي سَمُجهه سَروپَ جي،
سَچَنُ آهي سامُهون، تَنهِن ڪي تَتائون،
چولو چيتَنَ رَنگَ ۾، رَهسِي رَتائون،
اِئين اُتائون، سالِڪَن سامي چَئي.

(١٤)

گهر جو ڪَري زيانُ، ماءُ ماري تَنهِن شَرَمَ جي،
اِهو اَوَڌوتَنِ جو، سامي سَمُجهه گيانُ،
مِٺي لائي لِنگَ کي، ڪاءُ پيڙا پَڪوانُ،
جاڳي ڏِسَ جهانُ، آهي ڪَنهن جي آسري.

(١٥)

نِشچو ڏيئي نِجُ، سامي چَيو سَتگُروءَ،
پُٺي ڏيئي پاڻَ کي، ناحَقُ کَپُ مَ کِجُ،
اُلَٽي ڏِسُ اکِنِ سان. سُتَهَ سِڌِ سورِجُ،
سارو باغُ سَبجُ، ڪَيو جنهن ڪَرَتا سان.

(١٦)

چَرِيا نِتَ چوتي، ڪوهُ پَتائِين ڪاَل ڪون،
هوندي بَلَ نِربَلُ ٿِئين، خواهش رکي ڪوتي،
ڪائي تيءُ خاوَند جو، رکي سکي روتي،
ايندءِ نَ موتي، سَمو هي سامي چئي.

(١٧)

جيئندي جڳِ مَرَڻُ، اَوکو جاڻِن آدمي،
سامي چيو سَتِگُروءَ، ڦِنو ڪَرِ هَنڪَرَڻُ،
اُلَٽِي ڏِسُ اکِنِ سان، پرَميسَرُ پورَڻُ،
اَچَڻُ اَئون وَيڃڻُ، تِندءِ ڪونَ اَڪاسَ جان.

(١٨)

گُرَنِ ڏَسي گهَري، پريتِ نَ ڪَرِ پَلالَ سان،
اَچي سَٽيندءِ اوچِتي، ڪالُ توکي قهَري،
اِها ڳالهِ اَنيَئي، سَمُجهي ڏِس نَهَري،
سامي سَبُ سَهَري، ساکَ ڏِيَنِ ٿا سَنتَ سَڀُ.

(١٩)

وِرَلو ڪو جاڻي، مَرَمُ مانڪَ ديهِ جو،
جَنهن کي سَمُجهائي سَتِگُرو، اَنتَرِ مکُ آڻي،
سُتَهِ سِدِ سَروپَ سان، موجَ مِلي ماڻي،
شانتي پَڻُ تاڻي، سامي سُمِهيو سيجَ تي.

(٢٠)

پُرِڪارَتَ جو پيرُ، سامي ڏسيو سَتِگُروءَ،
سَهي ڪَرِ سَڀَني جو، ڪَرِتا آهي ڪيرُ،
جاڳِي ڪَڍُ اَندَرَ مون، اَوِديا روپُ اَنڌيرُ،
سَڀَ جو چاڻِي ميرُ، پاڻَ وَرائي پيءَ کي.

(٢١)

لِنوَ لڪايو ڳُجھ، اَندَرِ کي اِزهَيبَ جو،
سُوڪَمَ سَندِ ساکي تِي، ٻُڌِ ٻيائيءَ ري ٻُجھ،
پُٺي ڏيئي پاڻَ کي، ڪوڙيءَ لُجَھ مَ لُجھ،
رَمزَ سَچيءَ ۾ رُجھ، تَہ سيتَلُ ٿيئِن سامي چئي.

(٢٢)

پِرِشِن پَرَمَ سُندَرُ، سِڪَ ڪَيو شَنڪا ڏَري،
ڪيئن مِلِي ڪاتي رَهِي، اَنَ ڏِٺو دِلبَرُ،
سامي ڏِٺو ستگروءُ، عين اَيِيد اُتَرُ،
گهرَ ڏَٺيءَ جو گهرُ، گهرَ ۾ وَسي، گهرَ ڏٺي.

(٢٣)

سِروَنُ، مَنَنُ، نِدِياسُ، آهي جَنهن جي آسري،
تَنهن کي ڏِسي تَدَروپُ ٿي، ڪو نيهي پُرِکُ نِراسُ،
پائي گُرگَمَ گِياتِ کي، ڪري اَنَنَ اَپِياسُ،
سِڪَ سَروپَ ۾ واسُ، سامي سو سَمُجِهي ڪَري.

(۲۴)

رِکي جَنِ رَجا، پَرِچي پَنهنجي سِرَ تي،
سي ڦُرني کون فارغ ٿيا، ڇَڏي لوکَ لَجا،
ڪَنهِن جي ڪائِنِ ڪِينَڪِي، سامي چَئي سَجا،
مِلي کَن مَجا، پَرِچِنتا ري پِيءَ سان.

(۲۵)

جاڳي بِنان جَهانُ، پِلي ڪِينَ پَرَمَ جو،
سَمُجهي کو سامي چَئي، نيهي نِرَ اِيمانُ،
ڏِٺو جَنهِن اکِنِ سان، اُلَٽي اَنيڪ يانُ،
ڇَڏي آسَ اُٿانُ، اِستِت ٿِيو اَکاسَ جان.

(۲٦)

سَتِگُرَ ساڌَنَ چارِ، چَيا سُکَ سَروپَ جا،
سِکَ، سَمُجَهہ، ويساهُ، سَچُ، هَرجَسُ هِردي ڌارِ،
پهچائيندءِ پاڻهي، دوسائيءَ دَربارِ،
نِرٽي نَئِنَ نِهارِ، تہ سِيتَلُ ٿِئين سامي چَئي.

(۲۷)

جيئندي جڳِ مَرَڻُ، اَوکو جاڻِنِ آدمي،
سامي چَيو سَتِگُروءَ، تون پَرِچِنَ پَندَ نہ کَڻُ،
اُٿي ڏِسُ اکِنِ سان، پَرِميسَرُ پورَڻُ،
اَچَڻُ اَئون وَڃَڻُ، آهي جَنهِن ۾ ڪونَکو.

(٢٨)

چَڏ ٻاهَرِ جي ٻانِ، سامي چيو ستگروءَ،
ڏاوَرَ جيان پانَ کي، تاڻي مَنجھ نـَ تانِ،
اُلَٽي لَهُ اَندَرَ مونِ، کِما خوشيءَ جي کانِ،
مِلي مَوجان ماڻِ، سُتَهَ سِدِ سَروپَ سان.

(٢٩)

هَرَ هَرَ هَٽُ نـَ پاءِ، ٻِگنِدِ ڇُهنديءَ نـَ ڇڙي،
سامي چيو ستگروءَ، ويندي کي موتاءِ،
اُلَٽي ڏِنو اکِنِ سان، اَچَرَجُ پولي پاءِ،
کِٿرو خيرُ خُداءِ، لَٿي کانِ کُچرِ جي.

(٣٠)

آهيان اُهوئِي، جاڳِرتَ، سُپَنَ، سُکَپَتِ ۾.
بِرِهَمَڻُ کَتري سُود ويش، سامي سَڏي کوئي،
کَڏي مَتِيسِ کِينَکِي، ڏِنـُمِ کِلي روئي،
لَؤتـکارَ کَتِي لوئي، اُجي نـَ اَنِيَـئِـ اُنَ ري.

# پاڳو ٽيون

# يڳتي

(۱)

يڳتِ ڀَڏُ ياري، سامي اَٿي سَڀَ کون،
وَڃي ڀُڃُ ٽَنين کون، مَمِتا جَنِ ماري،
ڀانئي گيانِ گُروءَ جي، ٿِيا دوست دَرٻارِ ي،
خُودي خُواري، کَڍي ڏِنائون ڀانءُ کي.

(۲)

يڳتِ ڀَڏُ ياري، پاتو جَنهن پَرتيتِ سان،
مِٽي ٽَنهن جي من مون، خودي خُواري،
سامي کَري سَڀَ کي، نِٽُري نِيزاري،
چاٽي وِسُ ساري، چِمتِڪارُ چيتَنَ جو.

(۳)

يڳتِ ڀَڏُ يارو، پاتو جَنهن پَرتيتِ سان،
مِٽيو ٽَنهِن جي مَنَ مون، اَوِديا اَنڌارو،
لَڌِ ڏِنائين لکَ ۾، سامي جڳُ سارو،
نَپَ جان نِيارو، رَهي بِديهي ديهِ ۾.

(۴)

وَڏي وڏائي، سامي جاڻ ڀڳتِ جي
نيچ اوچ ٿِيا ڪيترا، ڪَري ڪمائي،
ڍيڊ چمارَ جُلاها، ڀيحارا، نائي،
جَنين لِنوَ لائي، سي سَيئي سُڌريا.

(۵)

ڀِنان ڀڳتِ ڀڳو نَت، ڳالهيون سڀ ڪوڙيون اٿي،
ويدَ پُرانَ سِدَ ديوَتا، پُڇي ڏِسُ گُر سَنتَ،
ناري ٻالڪُ نا جَٽي، ٻنان ڪِرپا ڪَنتَ،
سامي سَدا اَچِنتَ، پَرچي ٿِيو پرين سان.

(٦)

ڀڳتِ ري ڀڳوانُ، ڪَنهين پاتو ڪِينَڪي،
توڙي ويدَ پُرانُ پَڙهي ڪَري، ڪَنِ گيتا جو گِيانُ،
سَمُجهي ڏِسُ سامي چئي، تون ڪَڍي گير گُمانُ،
ويساسي وِدمانُ، پَرچي ٿِئا وَڃي پيءَ جي.

(٧)

ڀڳتِ ري ڀڳونتُ، ڪَنهين پاتو ڪِينَڪي،
سائي نار سُلَڇِڻي، جنهن ريجهايو ڪَنتُ،
سامي سَنتُ مَهَنتُ، پَرچي ۾ پَرچو رَهي.

(٨)

پـڳت ٻنان پـڳوانُ، ڪنهين پاتو ڪِينَڪِي،
ساکَ ڏِئي سُوڏِي سَچِي، ساڏو جَنُ سُجانُ،
جاڳِي ڏڏو جنهن جوتِ ۾، سامي سَڀُ جَهانُ،
سَدا نِرَ اَيمانُ، وَرِتِي ويدَ ويچارَ سان.

(٩)

پـڳت ٻنان پـڳوانُ، ڪَنهين پاتو ڪِينَڪِي،
سَمُجهي ڪـو سامي چَئي، نيهي نِرَ اَيمانُ،
جنهن کي ڏِنو سَتِگُروءَ، ديکِيا دَرسَنُ دان،
ڪري اَمِرتُ پانُ، اِستُت ٿيو آڪاس جان.

(١٠)

پـڳتِ جو ڪَٽڪو، پاتو جَن پَرتِيتِ سان،
وَڏي تَن جو وَڻُ ٿِيو، جِئن ٻـَـڏَ ٻيجُ نَـ ڪو،
اٿئي پَهَرَ اَندَرَ ۾، لايو تَنِ لَٽڪو،
موتي جَمَ جَهٽڪو، سي سامي کائِن ڪِينَڪِي.

(١١)

پـاوَ پـڳتِ جي پـنگَ، پيتي جَنِ پرتيتِ سان
سي ڏيئي ڪَندِ ڪَلِپ کي، سامي ٿيا سَرِٻَنگَ،
ويٺا اَنيئَـ تَختَ تي، ٿَنگَ تي رکي ٿَنگ،
راتِيان ڏِينهان رَنگَ، مِلي ڪَنِ محبوب سان.

(١٢)

ڀاوَ ڀڳت جي ڀنگَ، پيتي جَنِ پرتيتِ سان،
سي سامي پِندَ ٻنّي، ٿِيا مَحَبتي مَلنگَ،
سُمهيا سُکپَتِ سيجَ تي، ٽَنگَ تي رکي ٽنگَ،
راتِيون ڏِينهان رَنگَ، مِلي کَنِ محبوب سان.

(١٣)

ڀڳتِ وَرائي گِيانُ، جيئن موتي آب ري،
ٻوڏَ وَرائي نَہ مِٽي، اَوِديا جو اَيمانُ،
سَمُجهي ڏِسُ سامي چئي، کَڏِي سَڀُ اُنمانُ،
نِرمَلُ پَدُ نِرَباڻُ، حاضُرُ ڏِسڻ هَٿَ تي.

(١٤)

ڀڳتِ مَنجهہ ڀڳوَنتُ، جيئين ڳَندُ ڦُلَنِ ۾،
کوڙَنِ مون کو هِڪڙو، سَمُجهي سَنتُ-مَهَنتُ،
جو کلپت کَڏِي جيءَ مون، سامي ٿِيو ڀَلوَنتُ،
جنهن جو آدِ نَہ اَنتُ، سو ڏِيو ڏِنائين ڏيهہ ۾.

(١٥)

ڀڳتِ ڀڄائي، سَهَسي جَنَ سيتَلُ کَيا
سامي مِليا سَروپَ سان، لِنوَ سَچي لائي،
مَمَتا مِٽائي، پِيئن پيارِنِ پريمَ رَسُ.

(١٦)

ڪري ڀاءُ ڀڳتِ، سامي تَرُ سنسارُ تون،
ٻيڙي ڪَرِ ويساهَ جي، چَپو مَحَبتَ مَتِ،
سَت گُرُ پُرکُ مَلاحُ ڪَرِ، پَتَڻُ ڪَڍُ ڪُمَتِ،
ساڪِي جاڻي سَت، تہ پَهچين پارِ پَرمَ ڪون.

(١٧)

ڀاڳُوَتي ڀڳتَ، پاسي ٿِيَنِ نہ پيءُ ڪون،
جَن ڪي ڏِني سَتِگُروءَ، اَنيٺي اِشارَتَ،
پيئن پيئارِنِ پِريم رَسُ، ميٺي موهُ مَمَتَ،
جاڳرتَ ۾ سُڪَپَتَ، سدا رهن سامي چئي.

(١٨)

ڀاڳوتي ڀڳتَ، پاسي ٿِيَنِ نہ پيءُ ڪون،
جَن ڪي ڏِني سَتِگُروءَ، سامي مَتِ محبت،
جڳتُ ڏِسَنِ جانيءَ ۾، جاني مَنجھ جڳتَ،
ڪَٿي سَپ ڪلپَتَ، اِسٿِت ٿيا آڪاس جان.

(١٩)

جيڪو ڀڳت ڪَري، سامي سَرَڌا ڀريتِ سان،
اَوِديا ٻَندَ مَٿي تون، لاهي هيٺ ڌري،
چيتيءَ اَٿون ڪُنچَرَ ۾، ماڪِي ڏِسِي لَري،
تَنهن ڪون پيرُ پَري، ڪَڏي ٿِيان ڪِينَڪِي.

(٢٠)

ڀڳتِ ڀولي ڀاءِ، ڪٿي جنهن ڪرتار جي،
اَچي تَنهِن سان اوچتي، سامي ٿيو سهاءِ،
تون ڀي ڏِسي تَنِ کي، لِنوَ سَچائي لاءِ،
وِچون ڀَرَمُ وِڃاءِ، تہ ماٺي دورَ دَرَسَ جا.

(٢١)

سَنتَنِ ڳالهِ چئي نانا ڀاءِ ڀڳتِ جي
سامي سِکَ سَچيءَ سان ڪنهن وِرلي جَنَ ڪئي
پانهِنجيءَ منجھ پئي سکُ لَڏائين سَمَ جو.

(٢٢)

ڀاڳوَتي ڀڳتَ، ماڻِنِ سکُ سَروپَ جو،
سُمجهي جَنِ سامي چَئي، اُلٽِي اِشارتَ،
چَڙهيا چيتن چٽَ تي، ڪَٽي سَڀ ڪَلپَتِ،
عين اَڀيدَ اَدِيتَ، ٻاڻِي ٻولِنِ ٻيحدي.

(٢٣)

ڀاڳوَتي ڀڳتَ، پاسي ٿِئن نہ پيءَ کون،
جَنِ کي ڏني سَتِگُروءَ، سَچي مَتِ محبت،
ڏِسَن نِتُ ديهيءَ ۾، مَڏَ ڀَري مورَتَ،
ڪَٽي سَڀَ ڪَلپَتَ، سامي ماڻِن سانتِ سکُ.

(٢٤)

ياڳوتي ڀيڳتُ، پاسي ٿئي نہ ڀيءَ کون
مِٺيو جَنهِن جي من مون، سامي موهُ مَمَتَ
وَرتِيَ وِڍ ويچارَ سان، عَيِنَ اَييد اُپِرَتَ،
رائِي ۽ پَربَتُ، سَمَ جاڻي سامي ڇَئي.

(٢٥)

جيئين هَريو دَرِخَتُ، ڇايا ڦَلَ ڦُلَ سُکَ ڏئي،
تيئين سَڀِ کارج کري، ياڳوَتي ڀيڳتُ
رکي نہ رَتيءَ جيترو، مايا موهُ مَمَتُ
عَيِنُ اَييدُ اُپَرَتُ، سامي رهي سياوَ ۾.

(٢٦)

ياڳوَتي ڀيڳتُ لِکي ڇپي کِينَکي
ڏِنو جنهن ديهيءَ ۾، اَنيڪ آتَمَ تَتُ
ماڻي مَوجَ مُکتِ جِي، ميٽي سَڀُ مَمَتُ
رائي ۽ پَروَتُ، سَمَ جاڻي سامي ڇَئي.

(٢٧)

ڀيڳتن کون ڀيڳوانُ، پَلَکَ پَراهون نہ ٿئي
اَندر باهرَ سَرِوگَتِ، ڏئي دَرسَنُ دانُ
کَٿي کوٽُ جنم جو اَندر جو اَيمانُ
پائي پَدُ نِربان، سامي ماڻِن سانت سُکُ.

(٢٨)

پيڻن کون پيڻوان، پلڪ پراهون نہ ٿئي،
ڪَري تن کي سَرِوگَت، ڏيئي درسن دان،
مِٽيو تن جي مَنَ مون، ديھيءَ جو اَيمانُ،
پائي پَدُ نِربان، سامي ماڻِن سھج سکُ.

(٢٩)

پيڻن کون پيڻوَنتُ، پاسي ٿئي ڪينڪي،
ڪائي ڪِچڙي، کيرُ، ساڳ، ڪَلان ۽ پَتُ،
سامي سَڀَ ۾ سارُ، جَنِ ڄاتو آتَمَ تَتُ،
رکي نہ مَنِ مَمَتُ، ڄاڻي روپَ سَروپَ جا.

(٣٠)

پيڻن هَٿ پيڻوان، ڪيئن وِڪامي وَسِ ٿيو،
سامي چئي سَتِگُرو، پَرچي ڏي پرمان
ڪِيائون سِڪَ سَچيءَ سان، تَنُ مَنُ ڌَنُ قُربانُ
پائي پَدُ نِربان، ماهِلُ ٿيا مهرانُ ۾.

# پـڳتي (ب)

(١)

لـاڪُرُ وِڪاٺو، سامي هَٿِ سَنتَنِ جي،
پاسي رکيائين پريت سان، منڊائِي ماٺو،
سيوا ڪري سيوڪُ تي، پرچِي سَڀَ پاٺو،
لَتِـڪِي لُياٺو، پَنورَ جان پـڳتِ تي.

(٢)

جَنهِن جو آد نـ اَنتُ، تولَ مولُ نـ ماپَ ڪا،
سو پَرچي تيو پاڻهِين، پـڳتِ وَسِ پـڳوَنتُ،
سامي جَنِ سوگهو رکِيو، گِياتِ سَچِيءَ گُرمَنتُ،
بلاوَلُ بَسَنتُ، ڳائِيندا وَتَنِ ڳوٺَ ۾.

(٣)

پـڳتَ پيارا جانُ، ناردَ مان ڪي سَڀَ ڪون،
جَنِي مُنهنجي نانوَ تي، ڏِنو پانهِنجو پانُ،
سَنسو ڪَڍِي جيءَ مون، سَمَ رَهَنِ سَڀَ سانُ،
پوريِ تَنِ جو پانُ، سامي چَڏيان ڪِينَڪِي.

(۴)

ڏسي جيءُ لَري، نارد نِجُ پيڳتن کي،
مان ڏاريان ڏيان تنهِين جو، جو منهنجو ڏيان ڏَري،
اوت پروت ڄاڻي ڪري، ٿيان ڪينَ پري،
سامي ڪينَ سري، بِنان پيڳتِ آهارَ جي.

(۵)

ڄاڻج شُدُ سَروپ، نارد نِجُ پيڳتن کي
تارڻ ڪاڻِ سنسار جي، ڌاريمُ اِيهو روپُ
سامي وَچَنُ اَنوپُ، سَتِ چَوان تو صنت سان.

(٦)

پاڳوَتي پَلو، سامي گُهرَنِ سَيَ جو
رکنِ نہ رَتيءَ جيترو، رِدي منجهہ رَلو
جاڳي هَنياَئون جڳت جي، ليکي اُتي کَلو
ڪري پاڪُ پَلو، سنمک ٿِيا سَروپَ جي.

(٧)

پاڳوَتي پَجَنُ، هَرِدَمُ ڪَرنِ هڪڙو،
جنهن ۾ تون مان ناهِ ڪا، نَڪو مايا مَنُ،
ڏِسَنِ ديهِ اَيمانَ ري، پَرِميشورُ پورنُ،
سَدا مَست مگَنُ، سامي رهن سياوَ ۾.

(٨)

پـکَـتُ پـاکُوَتي، بـولي مـنـو مـوهڻو،
جَنهِن کي ڏِني سَتِگُروءَ، سامي گِيانَ گُـتي،
ڏِسي ديهِ اَيـمانَ ري، پِرِتک پرانڻ پَـتي،
جِيئين لوئي رنگ رَتي، تِيئين رَتو رهي رَنگَ ۾.

(٩)

هَرِ پـکَـتَنِ جي چالَ، نِياري نانا پَرَمَ کون،
اَندرِ سِياڻا سورما، باهَرِ حالَ بي حالَ،
سَرَنِ آئي سيَـکَـنهِن جِي، سامي کَنِ پرتپالَ
ڪرپا ساڻ ڪَلالَ، پِيَنِ پِيارنِ رامَ رسُ.

(١٠)

هَرِجَنُ ڪـينَ هَـنِي، پريم پريت ويساهَ کون،
سُوري جان سَنَمکُ لَڙِي، سَنسو سَـپُ سَـنِي،
ماري نانا دَلَ کي، کَلِپَتَ سَـپَ ڪـنِـي،
سَـهَجِي سوپَ کَـنِي، سامي مَنَ مَواسَ کون.

(١١)

ڏِسي باغَ کِجان، آرائيءَ اَرداسَ ڪِـي،
خاوند بُـڌُ بـانهي جون، آهَ پَريون اَرجان،
اَنـئي پهر اَندر ۾، تـو تَـنهِنجي داءِ دِجان،
سامي تَـڏي سِجان، جَڏي پرچي ڪَرين پـنهنجو

(١٢)

لونءَ لونءَ جاپُ جَپِنِ، مِلي پيگِتَ پيگُونتَ جا،
تِنِ تاپِنِ جي تاپَ ۾، سامي ڪِينَ اَچنِ،
پيدُ ڪَدي پرپورتي، ڪَلِپتَ ڪَندِ ڪَپنِ،
سدا رَنگِ رَچَنِ، مِلي ڪرَي مَحَبوبَ سان.

(١٣)

لونءَ لونءَ جاپُ جَپي، بِنان پيدَ پرَمَ جي،
ڪَلِپَتَ ڪَدي جيءَ جي، اوِديا پارُ پَئي،
ساڪي ڏِسي سَبَ ۾، ڪَنهن سان ڪِينَ ٿَپي،
سامي سَدا لَپي، هُئي پانهنجي شِشَ جي.

(١٤)

پيگِتِ ڏِني پيگوانَ، جَنِ ڪي پَرچي پانهنجي،
تَن سامي سَپيئي ڪَيا، جپَ تَپَ دان اِشنانَ،
راجَ پوگَ سکَ سرگَ جي، اِنچا رکَنِ ڪانَ،
رهَنِ مَنجهِ جَهانَ، سَدا اَليپَ ڪَنوَلَ جان.

(١٥)

پيگِتِ ڏِني پيگوانَ، جَنهِن ڪي پَرچي پانهِنجي،
تَنهن سامي سَپيئي ڪَيا جَپَ تَپَ دانَ اِشنانَ،
جَنَمَ مَرَنَ سکَ دُکَ جي، ڪَلِپتَ رکي ڪانَ،
اِيئين ويدَ پرانَ، چَوَنِ وِدِ وِيچارَ سان.

(١٦)

ڀڳت ڏني ڀڳوان، جَنِ کي پرچي پانهجي،
سي ڀيئن ڀيٺارن پريم رَسُ، نيهي نِر اُيمان،
سامي ساڌ سَنگتِ ري، ٻي سُڌِ رکَن ڪانَ،
رهن مَنجهِ جَهانَ، سَدا نيارا نَبَ جان.

(١٧)

ڀڳت ڏِني ڀڳوان، جَنِ کي پرچي پانهنجي،
سامي تَنِ سَنتنِ جي، مُشڪل ٿئي آسانَ،
ڪايا مايا ڪُلَ جي، ڪَلِپَتَ رکنِ ڪانَ،
رهنِ منجه جَهان، سدا اَليپُ اَڪاس جان.

(١٨)

ڀڳتِ ڏِني ڀڳوانَ، جَنِ کي پَرچي پانهنجي،
سَهَجي ٿيا سامي چئي، سي نيهي نِرٻانُ،
جَنَمَ مَرَنُ دُکَ سُکَ جي، ڪَلِپَتَ ڪَرِنِ ڪانَ.
رَهَنِ مَنجه جَهانَ، سَدا اَليپُ اَڪاس جان.

(١٩)

ڀاڳوتي ڀڳت، ٻاسي ٿِين نه ٻيءَ ڪون،
جَن کي ڏِني سَتِگُروءَ، مَدَ ڀَري مَحَبَتَ،
سامي ماڻنِ سيجَ سُکُ، ڪَٽي سَڀَ ڪَلِپتَ،
رَهَنِ مَنجهِ جڳتَ، سَدا اَليپَ اَڪاس جان.

(٢٠)

ياڳوتي يڳتَ، پاسي ٿيِنِ نہ پيءَ کون،
سَهَجي جَن جي سَتِگُروءَ، ڪَٿي سَبَ ڪَلپَتَ،
سَدا رهن سامي چَئي، جاڳرت ۾ سُڪَپَتَ،
گورک نارَدَ دَتَ، ساک ڏني سکِ ديوَ جي.

(٢١)

سائِينءَ جو پيارو، سائِينءَ سان مِلي رهي،
سَهي ڪيائين سکَ جو، چيتَنُ چَوڀارو،
پَرچِي پَسارو، سَپُ ڪَڍيائين جيءَ مون.

(٢٢)

ڪَئي يڳتِ يلَنِ، مَمَتَ وِڃائي مَنَ جي،
اَنيئہ سکُ اَندَرَ جو، ڪَنهِن کي ڪِينَ سلَن،
بِنان چاهَ چِلَنِ، جڳَ ۾ جڳَ جِهڙا ٿي.

(٢٣)

يڳتُ ياڳوَتي، ڪوڙنِ ۾ ڪو هڪڙو،
جَنهِن کي ڏني سَتِگُروءَ، گهَري گيانَ گتي،
سُکي ٿِيو سامي چَئي، پائي پرانَ پَتي،
جيئِين لوئي رَنگَ رتي، تيئِين رَتو رهي رَنگَ ۾.

(٢۴)

يـﭿـﺘُ يـاﭿوَتي، ڪورڙن ۾ ڪو هـڪڙو،
ڏنـو جنهن اڪِنِ سان، پرَتڪُ پراڻَ پتي،
جاچي ڪينَ جهانَ جا، سامي ساڏ ستي،
جيئِين لوئي رَنگَ رَتي، تيئِين رَتو رهي رَنگَ ۾.

(٢٥)

يـﭿـﺘُ يـاﭿوَتي، ڪورڙنِ ۾ ڪو هـڪڙو،
ساڏي جنهن سِڌِ ڪئي، سامي سُرتِ ستي،
ڏِنـائين اَپيدُ تـي، پرتڪُ پراڻَ پتي،
جيئِين لوئي رنگ رتي، تيئِين رَتو رهي رنگَ ۾.

(٢٦)

يـﭿـﺘُ يـاﭿوَتي، ڪورڙنِ ۾ ڪو هـڪڙو،
جَنهن پَرچي ڏِنـو پريمَ سان، سامي پراڻَ پَتي،
جيئِين لوئي رَنگِ رَتي، تيئِين رَتو رَهي رَنگَ ۾.

(٢٧)

يـاﭿوَتي يـﭿـﺘُ، ڪورڙنِ ۾ ڪو هـڪڙو،
مِنيو جَنهِن جي مَنَ مون، سامي مَمَتُ مَتُ،
اَندَرِ بـاهَرِ نِـبَ جان، ڏِسي ساڪي سَتُ،
واري وينـو ڪتُ، جيئندي پانهنجو جَمَ سان.

(٢٨)

ڀاڳوتي ڀڳتُ، ڪوڙنِ ۾ ڪو هڪڙو،
جاڳي جنهن جڳت جو، واريو ڪاتو ڪَٽُ،
سامي مليو سروپَ سان، ميٽي سَڀُ مَمَتُ،
گورکُ نارَدُ دَتُ، ساکَ ڏِيَنِ سَڀ سکَ جي.

(٢٩)

ڀاڳوتي ڀڳتِ، ڪَئي جنهن گُرگيات سان،
مِٽي تَنهِن جي مَنَ مون، سَهَجي مَمَتَ مَتِ،
وَرِتي ويدَ وِيچارَ سان، رَنگِيلي رَهَتِ،
جاڳرت ۾ سڪِپَتِ، سَدا رهي سامي چئي.

(٣٠)

ڀاڳوتي ڀڳت، وِرلو ڪو گُرَمُکُ ڪَري،
ڪَڍِي جَنهن اَندرَ مون، سامي مَمَتا مَتِ،
چِيتَيءَ اَئون ڪُنچَرَ ۾، ساکي ڏِسِي سَتِ،
راتيون ڏينهان رَتِ، رَهي پُرکَ اَگَمَ سان.

(٣١)

ڪوڙنِ مَنجِهه ڪَري، ڪو نِرمَلَ ڀڳتِ سَروپَ جي،
ڪَلپَتَ سَڀ اَندَرَ جي، ڪڍي ڏِيانُ ڏَري،
ساکي سَمَ سَهَي ڪَري، اَجَرُ ڀَدُ جَري،
ڀَلڪَ نـ ٽِٽي پَري، سامي سُپيرِيَن ڪون.

(٣٢)

وِرِلو جَنْ ڪري، ڪو ڀڳتِ اَپيدُ ڀَرَمَ ري،
جَنهِن تي پورو ستِگُرو، پرچي هَٿُ ڌَري،
سامي ڏسي نَري، پانهنجي اڪئين پاڻ ڪي.

(٣٣)

وِرلو واپاري، سَودو ڪري سَچَ جو،
ڀَري ڪيپَ ڪميا سان؛ ڀڳتِ جي ڀاري،
سامي لوڪَ پرلوڪ جي، سُڌِ رکي ساري،
ڪري نِيزاري، سنمک ٿِئي شاهَنِ جي.

(٣٤)

وِرلو جَنْ ڪري، ڪو ڀڳتِ اَپيدَ اَلکَ جي،
جَنهِن تي پوروِ سَت گُرو، پَرچي هَٿُ ڌَري،
پَلڪَ نہ ٿئي پَري، سامي تَنهِن کون سپِرين.

(٣٥)

وِرلو جَنْ وِيو، ڪو لَنگهي پارِ سَمُنڊ کون،
جَنهِن کي مَردَ مَلاحَ جو، سامي سَنگُ ٿيو،
تنُ مَنُ سِڪَ سَچيءَ سان، پَتَڻُ پيٺَ ڪيو،
چَڙِي جانَ پيو، پَنِي ڀڳتِ جهازَ ۾.

(٣٦)

پڳتِ اَپيدَ ڪَري، جيڪو سِڪَ سَچيءَ سان،
سامي تَنهن کون سُپرين، پَلَڪَ نہ ٽِئي پَري،
اَنئي پَهَرَ ٻَري، مَهان مَشعالَ اندرَ ۾.

(٣٧)

اَنَ يڳتِ ڪَري، اَنئي پَهَرَ عَجيبَ جي،
ساکي سَمَ جاٽي ڪَري، سَيَ سان پاءُ ڌَري،
سامي اَجَرُ جَري، تہ سَنَمکُ ڏِسي سُپرِينِ.

(٣٨)

سامي جنهن راڌو، يڳتِ ٻيجُ پَوَنِ ۾،
رِيجهِي تنهن تَدَروپُ ٿي، اَمرت ڦَلُ کاڌو،
رَهي وِديهي ديه ۾، اُپَ جان آلادو،
گهاتو ءِ واڌو، ڪوڙو جاٽي ڪَلپَتَ جو.

(٣٩)

ريٿِي جنهن راڌو، پڳتِ ٻيجُ پَوَنَ ۾،
سامي تَنهن تَدَروپُ ٿي، اَمرتُ ڦَلُ کاڌو،
رهي وِديهي ديه ۾، اُپَ جان آلادو،
گهاتہ ءِ واڌو، کُورو جاٽي ڪَلپَتَ جو.

(۴۰)

ڇَپيو ڪين ڇپي، سورج جان سنسار ۾،
ڪَڍي جنهن ڪِرڻا سان، ڪَلپِتَ سڀ ڪپي
ٻِيائيءَ ري ٻانيَڻُ ڇَئي، جاڳي رامُ جَپي،
ڳاري مجھ ڳپي، تان پي رهي اَليپ اڪاس جان.

(۴۱)

نارايَڻَ جي نام جو، ڌرِيو جَن ڌيانُ،
ڪوري ڪَسي ڪَڍيو، تَنِ اَندرَ مون اَيمانُ،
سامي رهن صاف سدا، پائي ڳُرڳيان،
تَني کي ٻِيڳوان، مالمُ مَنجهيئي ٿِيو.

(۴۲)

جَني لِنوَ لائي، سي سَڀِ لالُ ڳلالُ ٿِيا،
جَٿَ پِيارا پاوَلي، موچي، ڪتي، نائي،
چَڙِهيا اَنيڪ اَچَ تي وِچائي وائي
سامي سدائي، ماڻِن دَورَ دَرسَ جا.

(۴۳)

سامي ڪينَ رَچي، ڳالهيون ٻُڌي تُنهنجون،
تُنهنجي ڪارَڻِ سِپرين، ڏِنُمِ سَڀُ تَجي،
مِٿي لايَمِ مُنهَن کي، ٻُڌي جڳُ سَجي،
ڏيئي دَرسُ ڪَجي، پاڻُ لَڄائِين ڪِينَڪي.

(۴۴)

رکي جَنِ رَجا، پرچي پنهنجي پيءَ سان،
سي ڦُرني کون ڦارکُ ٿيا، ڇَڏي لوک لڄا،
مِلي کَنِ مَجا، سامي شُدِ سَروپَ سان.

(۴۵)

ڏِلو جَنِ ديدارُ، سامي سُپيرِيَنِ جو،
چَڙهيو رَهي چت جي، تنين کي تکرار،
اُتري نانه خُمارُ، اَٺئي پَهَرَ اکن مون.

(۴۶)

جاڳي ڏِلو جَنِ، سامي سُپيرِيَنِ کي،
سي نَٿَنِ جي نِرواڙکون، پَلَکَ نہ پاسو کَنِ،
تَدِ گرمي دُکَ بُکَ اُچَ، سِرَ تي سَبَ سَهَنِ،
اَٺئي پَهَرَ رَهَنِ، اڳيون بَنَدي هَٿڙا.

(۴۷)

ڏِٺي رَنگ پَري، مورَتَ مَحبوبَنِ جي
جِيَنِ مَرَنِ دُکَ سُکَ جي، اَپدا سَبَ ٽَري
سامي جيءُ ٺَري، سُمهيو سُکَپَتَ سيجَ تي.

(۴۸)

جنهن کي آيو پيُو، گُرگمَ پَگتِ اَپيدَ جو،
مِٺيو تَنهِن جي مَنَ مون، سامي سَبُ اَهَنميو،
ڏِسي کو نہ ديُو، چيٽيءَ اَٺون کُنچَرَ ۾.

(۴۹)

جنهن کي رَسُ آيو، پاري پاوَ پڪِتِ جو،
تنهن مِلي ساڌَ سَنگتِ سان، سنسو مٽايو،
لَنگهي چڙهيو لڪَ تي، وِرتي وَرايو،
سامي سَمايو، ڏِسي سَڀَ عالم ۾.

(۵۰)

جَنِ جو مُنهن مَحبوبَ ڏي، سي اُروار نہ پارِ،
تَني تَن جو تَڪيو، جَني ٻيڙي نہ ٻارِ،
لُڙ لهريون تِڪَ تارِ، تَنِ نَظَرِ نہ آيون نينهن ري.

(۵۱)

اَچي گهرِ واسو، سامي سُپيريَنِ ڪِيو،
مَحَبوبَن جي مُنهن ڪون، ڪَريان ڪِيئن پاسو
پاڻُ نہ رهيو پاڻَ ۾، ڏِسي تَماشو،
جيئين پَتاشو، پاڻيءَ مَنجهِ پاڻي ٿِيو.

(۵۲)

اَڳُ نہ جاتم جاڻُ، تہ ڪو ساهُ ٻنهي جو هِڪڙو،
لائي چِتُ چَريو ڪَري، پوءِ ڪَڍي وٺين پاڻُ،
هاڻي لُنوَ لُنوَ مَنجهِ وَتاڻُ، پائي وينين پانهِنجو.

(٥٣)

تَڪيءَ لَڏو ٿانءُ، اَچي درِ دوسَنِ جي،
پِرِيَنِ ڏريو پانهِنجو، نماڻيءَ تي نانءُ،
سُڪا سَرَ ساوا ٿيا، اُلو گُهگهہ گِرانءُ،
آجي تِئَڙيس آءٌ، سامي سَبَ ڏُکَنِ کون.

(٥٤)

پِيالي مَنجهون پِرَ جي، ڏُکو ٿي دَولتَ،
پِيتو جَنِ پِرِ ڪري، سي ٿيا مَتارا مَتَ،
سي ڪَتَنِ ڪِينَ اَڪَتَ، ماهِلُ ٿِيا مَهران ۾.

(٥٥)

بَندگي بَرَحالُ، ڪوڙِنِ مَنجهون ڪو ڪري،
مٿيو جَنهِن جي مَنَ مون، سامي جڳَ جَنجالُ،
رَهيو نَہ رَتيءَ جيترو، هَنئُمَئُن ريکَ رَوالُ،
مَنجهي حالَ نهالُ، مِلي ٿِيو مَحَبوبَ سان.

(٥٦)

جاڳيو ڀِڳَتِ اَنڪورُ، وَرِڪا ساڻُ گُروءَ جي،
سو وَڌي ٻوڏ بِرڇُ ٿيو، دَهَ دَسان ڀَرپور،
تَنهن ۾ ساڪي ڦَلُ لَڳو، اَنيڪَ آتمَ سُورُ،
حاضران حَضور، سامي ڏِسي نَہ رَهيو.

(٥٧)

ڪَتَڻَ جي ڪوڏِي، اَنٽُ اُپو ٿي نَہ ڪَري،
سامي سَدائي رهي، آتڻ ۾ اوڏي،
تَندُ تند سان توڏِي، ڳائي غيرُ ڪَدي ڪري.

# سِڪَ

(١)

ويدَنِ پُرانَنِ ۾، چَرِچا هيَءَ چلي،
سُپيريان جي سِڪَ جي، تون ڳولي لَهُ ڳلي،
سامي سا مِلي، جنهن ڏَهَ دِسِ ڏِٺو دوسَ کي.

(٢)

هَزارنِ جي هِڪَ، ڳالهه ٻُڌائي سَتِ گُروءَ،
مِليا سي مَحَبوبَ سان، جَن کي سَچي سِڪَ،
ڪَڏي ٿِيَنِ ڪِينَڪِي، اُوٽا ۾ اَڏڪَ،
ٻِيا ٻانيَڻُ چَئي ٻالَڪَ، پُلي پِيا پَرَمَ ۾.

(٣)

جيڪو مِنَ ويلي، اچي سِڪَ سَچيءَ سان،
تَنهِن کي ڏِيان تَتَڪالُ ۾، مَنَ موهَنُ ميلي،
ڪَلل ري ڪيلي، پيـُو سامي چَئي، سنسار ۾.

(۴)

سَهَسين رکَنِ سَڌَ، سامي سبيرِيَنِ ۾
پيرُ نہ پائِنِ هِڪِڙو، موهيا مايا ۾
حَدَ ڇڏي بي حَدَ، ڪو پهتو پُورو پريتِ وا

(۵)

ڪَنهن وِرلي ڏِٺو هِڪَ، پانهنجي اکئين پانڪ
جنهن کي ڏني سَتِ گُروءَ، سامي سَچي سِد
چَڙهي رَنگَ مَحلَ ۾، ماڻي مَوجَ اَڏِ
بِيا سڀ ڇَنِنِ ڇِڪَ، تا سَمُجَهہ وَرائي سڪِ

(٦)

دَرِسَنَ جو پِياسي، ڪوڙَنِ ۾ ڪو هِڪِڙو
سامي ڪَنِي جَنهن سِڪَ سان، جِيئندي جَمَ ڦاسي
اَلَکُ اَبِناسي، ڏِسي نتُ نِرِبانُ ٿي

(٧)

پريتِ بِنان پريتَمُ، ڪَنهين پاتو ڪينَڪي
سَمجهي ڏِسُ سامي چَئي، تون رکي مَنِ مَرَمُ
ڪٿي پيرُ پِرِيَنِ ڏي، لاهي گوندَرَ گَمُ
جي ڪو اَٿي ڪَمُ، پَسَڻَ مَنجهِ پِرِيَنِ جي

(٨)

بِنان سِڪَ سَڄَڻُ، ڪَنهِين پاتو ڪِينَڪِي،
نِڪِري ڪينءَ ڏهيءَ ري، منجهون ڪيرَ مڪَڻُ!
ڦَلَ وَرائي وَڻُ، سامي سُيحو سڪِٽون.

(٩)

سَڄَڻُ وَرائي سِڪَ، ڪَنهِين پاتو ڪِينَ ڪي،
سَمُجهي ڏِسُ سامي چَئي، هنئڙي رکي هِڪَ،
تَ مِٽي وَيحيئي مَنَ مون، ڪوٺَ جَنَمَ جي چِڪَ،
ناحَقُ چَٽِ مَ چِڪَ، پِلِي مَنَ جي پاءَ تون.

(١٠)

سِڪَ وَرائي سُڌِ، پَوي نـ پورڻَ پَدَ جي،
اِئين چَوَنِ تا اَنيئي، ڪيولَ ڪرپا نڌِ،
جِنِ کي ڏِني سَتِگُروءَ، سامي بيحَدَ بُڌِ،
مِيٺي وادِ وِڌِ، اِسٿِت ٿِيا آڪاس جان.

(١١)

بِنان سِڪ سَماءُ، پَئي نـ پورڻ پَد جو،
اِئين چَوَنِ تا اَنيئي، جَنِ کي آيو ساءُ،
جاڳي ڪيائون جڳ جو، اُشنائِي اُياءُ،
جاڙِي دلبر داءُ، پاسي ٿِيَنِ نـ پيءَ کون.

(١٢)

سَڄَڻُ رَنگِيلو، اَڇي مِليو سِڪَ سان،
سامي سَڀُ ڀُلي ويو، ڪُٽنَبُ قَبيلو،
اِهڙو ٿِيو حِيلو، تان ڀي سُجهي ڪِينَ سڄڻ ري.

(١٣)

مورکَ مَن جي ڀاءِ، ڪوهُ ڪرين ٿو ڪَلپنا،
ڪَنهن پَدُ پاتو ڪين ڪي، سَچي ءِ سِڪَ سواءِ
سَمُجهي تون سامي چَئي، اَنتَرَ مڪ لِنوَ لاءِ،
تہ لُنؤ لُنؤ مَنجهِ لڪاءِ، مورَت محَبُوبَنِ جي.

(١٤)

ٿَڪي ءَ لَڌو ٿوڪُ، سُپريان جي سڪ مون،
مِٽي وِيڙو مَنَ مون، سامي سَنسو سوڪُ،
مَنجهي لوڪَ اَلوڪُ، ڏِٺو پَدُ پِريَنِ جو.

(١٥)

سِڪَ مون لَڌو سَچُ، گُرَ پَرسادِنِ گودڙي،
ڪَڍِيائين آندرَ مون، سَيوُ ڪَلپِتَ ڪَچُ،
ڀاري مَحَبَتَ مَچُ، سامي ڪَيائين سوجهرو.

(١٦)

سِڪَ ري صفائي، اَچي ڪِينَ اَندَر ڪي،
توڙي سَبِ ساڏَنَ ڪَري، پائي سِر ڇائِي،
اِها ڳالهِ سَمجھ ۾، ڪَنهِن وِرلي ڪي آئي،
ڳُرڳُمَ جَنهن لائي، سامي لِنوَ سَروپَ سان.

(١٧)

سِڪُ ساڪياتُ ڪِيو، جاڳائي هِنَ جيءَ ڪي،
سورِجُ آيو سِرَ تي، اَوِديا پَرَمَ وِيو،
ٻانيَڻُ چَئي ٻيو، نَظر نـ اچي نينهَن رِي.

(١٨)

سَچي سِڪَ آئِي، تَڏي ساڳُرُ تَرَڻُ سُڳَمُ ٿيو،
مِلي مَهَدِ جَنِ سان، اَنيئـ لِنوَ لائي،
اَوِديا دُکُ اَندَرَ ۾، رَهيو نـ رائي،
سَهَجي سَمائي، مايا مَحَبوبَن جي.

(١٩)

سَچي سِڪَ آئي، تَڏي ساڳُرُ تَرَڻُ سُڳَمُ ٿيو،
مِلي مهد جَنَنِ سان، مَمتِ مِٽائي،
سَندِ ڏُسيائون سَمَ جي، سيتَلُ سُکَدائي،
سامي سَمائِي، لُڏي لَهَرَ سمنڊ ۾.

(٢٠)

سَچي سِڪَ آئي، تَڏي مِڙيئي مطلب ٿيا،
مِلي ساڏَ سَنگتِ سان، مَمَتا مِٽائي،
ڏِنو اَنيئي آتما، سُتَهَ سُڪَدائي،
سامي سَمائي، لُڏِي لَهَرِ سمندَ ۾.

(٢١)

وَيِي سِڪَ سَهي، ڪَيو دَرُ دوسَنِ جو،
سَنسو سِيرُ سُيَرَ ۾، ويڙو سپ وَهي،
آتَمُ لعلُ لَهي، سُکي ٿيو سامي چئي.

(٢٢)

وَيِي سِڪَ سَهي، ڪيو دَرُ دوسَنِ جو،
سَنسي سِيرَ سَمُنڊ ۾، وِيڙو سَپُ وَهي،
باقي لالُ لَهي، سُکي ٿيو سامي چئي.

(٢٣)

پَلِ پَلِ ڪيمَ پُڪارِ، دَرِ دَرِ ديوانَنِ جان،
سامي سِڪَ سَچيءَ سان، هَرِ جَسُ هِردي ڌارِ،
جَنَمَ مَرَڻَ دُڪَ سُڪَ جو، سَنسو پَرَمُ نِوار،
تَہ لنگهي پَوين پار، سَهَجي اَوِديا سِنڌُ ڪون.

(٢٤)

سامي چَويئي سِڪُ، سدا سِڪَ سَچيءَ سان،
رکي پنهنجي روح ۾، ثابتُ هِڪُ صدِقُ،
ڪَري نَہ ڪَتَرَ جيترو، پَلي ڦير فَرقُ،
مَهَر ڪري مالِڪُ، گَڏُ گَڏيئي گودڙِيا.

(٢٥)

اُڪن منجهِ اوطاقَ، آهي يارَ عَجيبَ جي،
سدا پَسنِ سِڪَ سان، مَحَبتي مُشتاقَ،
جي جِيئنديءَ ٿِيا جگ ڪون، ٻانيَنُ چَئي بي باڪَ،
خلوَتَن جي خاڪَ، لائي وينا لعلُ ٿِي.

(٢٦)

سامي سَمُجهي لاءِ، اڪيون سانُ عَجيبَ جي،
ٻِنان سِڪَ سَچيءَ جي، ڪنهن جي ڪانهي جاءِ،
جي توکي پياس پَسَڻ جي، تہ جيئنديءَ پاڻُ جلاءِ
تہ اَچِي پولي پاءِ، سهج ملني سُپِرين.

(٢٧)

عجائب آهي، مورت مَحَبوبَن جي،
اَنئي پَهرَ اَندَرَ ۾، رَهي چَبَ چائي،
ٻانيَنُ ٻُڌائي، سَچيءَ سِڪَ وارن کي.

(٢٨)

اَچي ِ سِڪَ وَڏي، پريَنِ جي پَسَڻَ جي،
ديکيا پوري گُرَ جي، ڇِڪي ڳِنڍِ ٻَڌي،
ساميءَ ڪَنئين سِرَ تي، نيڪي اَئون بدي،
لُنؤُ لُنؤُ مَنجِهه لَڏي، مورَتَ پانهِنجي مِترَ جي.

(٢٩)

ڪَتي ڪَرَمَ وَڏي، ڪا راتيون ڏينهان سِڪَ سان،
جنهن لائي چِتُ چَرخي سان، چِنتا چاهَ چِڏي،
رَهي ڳَڏَ ڳَڏي، سامي ساهيڙين سان.

(٣٠)

ڪَرِ ڳُجهائِي ڳول، تي پيراندِو پِرَ جو،
مَنجهي سِڪَ سامي چئي، تون ڏوري لَهُ اڏولَ،
يَبُ مٽِيوئي پولَ، تَہ سهج ملني سُپرين.

(٣١)

دَر دَر ڪيمَ ٻُنڌاءِ، سامي سِڪَ پِريَنِ جي،
اَنتَرَ مکِ اَدَبَ سان، لنِوَ لِڪائي لاءِ،
تہ لُنؤُ لُنؤُ مَنجِهه لڪاءِ، مورَتَ مَحبوبَنِ جي.

(٣٢)

جَنهن کي پوري پريتِ، مَحبوبَن جي مَنَ ۾،
سو نَکي گُهمي ڏيورا، نَکي گُهمي مَسيتِ،
چاٽي سَبَ سَنسارَ جي، کوڙي کَلپِتَ ريتِ،
پِرينِ ري پرِتيتِ، کَنهِن تي کَري کِينَکي.

(٣٣)

جَن کي لَڳي لوڙَ، پَکي پيءُ پَسَڻَ جي،
سي ساڌَن رکَنِ سِرَ تي، سَهَنِ وَچَنَ کٺورِ،
سامي کيائون مَنَ جِي، ڳوٺَ اَڳمَ ڏي ڊوڙَ،
ماڻِن درسَنَ دَورَ، اورن اورَ عجيب جِي.

(٣٤)

جنهن کي لَڳي سِڪَ، سامي سُپيرِيَنِ جي،
مِٽي تَنهِن جي مَنَ مون، ٻي سَيائي ڇِڪَ،
مورَتَ مَحَبوبَنِ جي، سَڀِ ۾ ڏِسي هِڪ،
راتيون ڏينهان تِڪَ، لائي ويٺو لکَ سان.

(٣٥)

جَنهِن کي سَچِي سِڪ، اديون عجيبَنِ جي،
سا پَلکَ پَراهون نہ ٿِئي، حاضري ٴکون هِکَ،
سُمهي سُکَپَتَ سيجَ تي، ويڙهي سَڀِ وَرَقَ،
ٻيون سَڀِ چَٽِنِ چِڪَ، سِکَ وَرائي سکِٽي.

(٣٦)

جَنِ کي سَچي سِڪَ، سامي ڏِني ستگروءِ،
مِليا سي مَحَبوبَ سان ويڙهي سَڀِ وَرقَ،
ڪَنهِن کي چائِنِ ڪِينَڪِي، رَتي اَئون اَڏڪَ،
توڙي ڪِلي خَلقِ، تان پِرِي مَستَ رَهَنِ مهراڻ ۾.

(٣٧)

جَنِ کي سِڪَ ثابوت، آهي عَجِيبن جي،
تَنهين ڏِنو سَڀَ ۾، سامي ساکي پوتُ،
بِنان درسن قوتُ، پيو ڪَڏي ڪَرن ڪِينَڪِي.

(٣٨)

جن کي سَچي سِڪَ، سي پاڻيهي پَڌِرا،
سامي ڌِيا سنسارَ جي، قُرني کون قارِڪَ،
مورَتَ مَحَبوبَنِ جي، هَرِدَمُ ڏِسَنِ هِڪَ،
پِيا سَڀِ چِٽِن چِڪَ، تا مورکَ جيءَ مَرمَ تي.

(٣٩)

جَن کي سَچي سِڪَ، سي پاڻيهي پَڌارا،
مورَتَ مَحَبوبَنِ جي، هر دَمُ ڏِسَنِ هِڪَ،
سامي لائي لالُ ڌِيا، لِنوَ لِنوَ ساڻ لَڻَڪَ،
پِيا سَڀِ چِٽِن چِڪَ، مورکَ مَتِ مرم ري.

(۴۰)

جَن کي سِکَ سَچي، سي پاٽيهي پَڌرا،
ڪايا، مايا، ڪُلَ ۾، مَرنِ ڪِينَ پَچي،
سامي چَڙهيا سُميرَ تي، ڪَٿي ڪلپَ ڪَچيَ،
رَهنِ رَنگَ رَچي، سَتَهَ شُدُ سروپَ جي.

(۴۱)

جَنهِين سَندِ لَدي، گُرگمَ آتَمَ سُکَ جي،
سامي تَنهِن ساپُرسَ جي، ويٺي سِکَ وَڏي،
ڇڪي جِيءَ بَدي، بيحدَ جي بولَڻَ کون.

(۴۲)

سامي سِڪَ سَمَرُ، پَرچي ڪنيون جنهن پاڻَ سان،
سو وَڃي پنهنتو پَدَ ۾، پريمي ڪري پَڌَرُ،
جِتي تون مان ناهه ڪا، نڪو سُجَ شَهَرُ،
بِنان اَنگَ اکرُ، ڪري اُجارو اَنيٺي.

(۴۳)

لُبنو وارو ڪِينَ لِڪي، سورَجَ جان سَنسارَ ۾،
جاڳي ڪَڍِي جَنهِن جيءَ مون، دُبِدا سَپَ ڌِڪي،
سامي سَدا سِڪي، پائي سُکُ سَروپَ جو.

(۴۴)

لُنو واري ڪِينَ لڪي، سورِجَ جان سنسار ۾،
سامي جَنهِن ڪي سَتِگُروءَ، پل ۾ ڪَڍيو چِڪي،
پاٺي سکُ سِڪي، پل پل ڪارڻ پيءَ جي.

(۴۵)

لِنوَ وارو ڪِينَ لِڪي، سورِجَ جان سنسارَ ۾،
جاڳي ڪَڍي جَنهِن جيءَ مون، دُنيا سَڀَ ڏِڪي،
مَڻِ مَستَڪَ تي مَرمَ جي، جَهڳِمڳا دِ جَهلڪي
سامي سَدا سِڪي، پاٺي سکُ سروپَ جو.

(۴٦)

جِن ڪي سِڪَ ڪَيا، آڪيرا اَندرَ ۾،
سِي ڇڏي خيال خلقَ جا، پَنهنجيءَ مَنجهِ پِيا،
ڏِسي مُنهن مُحَبوبَ جو، عينُ اَيِيدُ ٿِيا،
ٻانيَڻُ ڇَٺي ٻِيا، مورِکَ پَوَنِ مَرمَ ري.

(۴۷)

جَنِ ڪي سِڪَ ڪَيا، آڪيرا اندَر ۾،
سي پَو ساگر جي پيڙَ ڪون، لَنگهي پارِ پِيا،
ڏِسي مُنهن مُحَبوبَ جو، عَينَ اَيِيدَ ٿِيا،
ٻانيڻ ڇَٺي ٻِيا، ڳالهيون ڪَنِ زبان سان.

(۴۸)

ساري وِسُ وِڳي، وَهي واچَ وَهَڻَ ۾،
لنگهي چڙهيو لک تي، ڪو طالبي تڳي،
جُنهِن ڪي ساڌَ سَنگتِ جي، رَمزَ هَٿِ لڳي،
اَنيڪ جوتِ جڳي، سامي ڏٺائين ديهِ ۾.

(۴۹)

اَنيڪ اِشارو، سَنت ڏِيَن ٿا سَڀَ ڪي،
سَمُجهي ڪو جَنُ سورمو، سَچيءَ سِڪَ وارو،
جو ڪَري نہ ڪَتَرَ جيترو، دَنيءَ ڏيکارو،
نَڀَ جان نِيارو، سامي رَهي سَريرَ ۾.

(۵۰)

سُتَهَ سِڌِ سَمتا، سنت لکائن سڀَ ڪي،
سمجهي مِليا سَروپَ سان، پريتِوانَ پُختا،
مَنَ سُوڌا ميدان مون، جَنِ يوڌا پنجَ جِيتا،
مَمَت کون مُڪِتا، سَدا رَهن سامي چَئي.

(۵۰)

دوست جو ديرو، وَڃي سِڪَ سَهي ڪَيو،
مِتايائين مَنَ مون، پَوَ جل جو پيرو،
ڪري نبيرو، سامي چڙهيو سِيرَ تي.

(۵۲)

رمتا رامُ رَهي، سُڄَ وَسَنوَ جي وِچ تي،
پَرچِي پيرادِنِ سان، ڪو لوڙيندڙُ لَهي،
ڏُکُ ڏَردُ نِرمانتا، سِرَ تي سَبُ سَهي،
وِياڪُل تي نہ رَهي، سامي سَنسي پَرَمَ ۾.

(۵۳)

دوستَ دِلِ ڪَسِي، وَڏي ڏَرِسَنَ داتِ سان،
بِنان سِڪَ اَندر ۾، ٻي ڳالھ ڪانَ وَسِي،
سامي سَدا ڏِسي، سَنمکُ وينو سُپِرين.

(۵۴)

سَڄَڻَ تُنھنجي سِڪَ، پَلَڪَ پَراهون نہ ٿِئي،
اَٿئي پَھَرَ اَندَرَ ۾، ٻَڏي بيئي ٽِڪَ،
جاڻي بيحَدَ بانوَرِي، کِلي سيا خَلق،
ورائي وَرِقَ، سُتَهَ مِلُ سامي چَئي.

(۵۵)

سِڪَ ڪَيو سوڙو، ساھُ تہ منھنجو سُپِرين،
ڪائي نہ ڪَڻُ سامي چئي، مَڏُ پَري ٻوڙو،
ڪُهي نِتَ ڪُٺيءَ کي، پائي پاڪوڙو،
والِٿَ وِڇوڙو، مِلي ڪَٿِ مُٺيءَ جو.

(٦٥)

سِڪَ ويئي ويڙي، جاني تُنهنجي جيءَ کي،
اُتندي وِهَندي گُهڻَ جان، ڪائي ڪَنيئيڙي،
گِهڙي نِيائين گارَ ۾، سامي مَنُ ميڙي،
نِرِڪِي نِهوڙي، تہ ڇُٽي داسُ دَرِدَ ڪون.

(٥٧)

لائِڻ ويل وڏي، ساجَنَ سِڪَ سوڙهو ڪيو،
اَچي اَڏَ مُئَنِ تي، ڪَندين مِهَرَ ڪَڏي،
تَڙقي تَڙقي تن مون ويندو ساه جَڏي،
سامي ڇٽي تَڏي، ميلو ڪندين ڪَنِ سان؟

(٥٨)

سجڻُ سِڪَ سِڪي، سامي لَڌو ڪنهن ساڏَ جَنَ،
.سَدا ماڻي سارُ سُڪُ، سو پريمي پُلِڪي،
وَيجي ڪينَ وِسَنِ جان، طمع ۾ تِرِڪي،
جاڻي سونَ تِڪي، هيڻون مَٿون هِڪَڙِي.

(٥٩)

نَڪو آرُ نہ پارُ، سُپيرِيان جي سِڪَ جو،
سُنوائيءَ بِنان سپ کي، اَچي ڪينَ قَرارُ،
مَچيءَ جي مَنَ ۾ وَسي، پاڻي پِرانَ آڌار،
سامي سِرَجَڻَ هارُ، پَلَڪَ پراهون نہ ٿِئي.

(٦٠)

مَنجهين لوڪَ لِڪين، تون پاڻُ نہ ڪَرين پَڌرو،
اڻَ ٿي پَهَرَ عَجيبَ جي، مَنجهين سِڪَ سِڪين،
چاڪَنِ مَنجهِ چڪين، تہ پاڻَ پَتَڏني پٽيون.

(٦١)

اَنتَر جامي جاڻُ، سامي سُپيرِيَنِ ڪي،
رکي سِڪَ اندرَ ۾، پيگِتِ ڪَرين پيَي ساڻُ،
رَهين سَدائِي سهجَ ۾، ڪَڍِي پانهنجو پاڻُ،
تَہ نِماڻن جو ماڻُ، پَرچِي ڪَريٺي پاتِشاهُ.

(٦٢)

قولي فَقيرَنِ، سَچُ لَذائون سِڪَ مون،
تَتِ ڪِيائون تَڪِيو، جَتِ مِهَرُن ميگهه وَسَنِ،
مِلي مَوجان ڪَنِ، اَنٿي پَهَرَ عَجيبَ سان.

(٦٣)

سامي سِڪَ سچي رکِي، جَني جَپِيو هَرِ،
گهڻِ وَڏِ جاتِ اَجات جِي، تَن تِي نظر نہ ڏَرِ،
چِڏي ديه اَيمان ڪي، تِيا سيني ڪون سَرِ،
وينا رهن گهرِ، رکن سُڌِ آڪاس جي.

(٦٤)

جنهن کي لڳي پياسَ، سامي سُپيرين جي،
منّي تنهن جي مَنَ مون، ٻي سيائي آسَ،
مورت محبوبن جي، ڏسي سَڀَ ۾ خاصُ،
پيو سَڀُ سَمُجهي ناسُ، ٻنان مورتَ اُن جي.

(٦٥)

سِڪَ ملايو يارُ، ساڌوءَ سنگ سامي چئي،
اَندَرِ ٻاهَرِ ڏهَ دِسا، ڏٺو دِبَ ديدارُ،
تِنڙو جَئِ جَئِ ڪارُ، اَوِديا ڪَلپتِ نَہ رهي.

(٦٦)

پرين ڳالهين کون پار، اتي ڳالهين جي ڳوٺَ ۾،
سامي سِڪَ سچيءَ سان، تون ويهي سَنڌ ويچارِ،
اَوديا پَرَمُ نِوارِ، تہ لَهين پيرُ پرين جو.

# سِکَ (ب)

(١)

بِنان سِکَ سَڄَڻُ، ڪنهِين پاتو ڪِينَڪِي،
ساکَ ڏِئي سُوڏِي سَچِي، نيهي پُرکُ نِپَڻُ،
مِٺيو جَنهِن جي مَنَ مون، پولائو پَوَڻُ،
سَدا پاکُ پُورَڻُ، سامي رَهي سِياوَ ۾.

(٢)

بِنان سَمُجهَ صِدقَ، پَدُ پراپَتِ نَ ٿِئي،
وَڃي پُڇُ تَنِين کون، جَنِ کي سَچِي سِکَ،
مورَتَ مَحَبوبَنِ جي، هَردَمُ ڏِسَنِ هِکَ،
ٻِيا سَڀِ چِٽَنِ چِکَ، مورکَ جيءَ مَرَمَ ري.

(٣)

سِکَ ري صَفائي، اَچي نَ دِلِ دَرپَنَ کي،
پُڇي ڏِسُ پِريمنِ کون، جَنِي لِنوَ لائي،
مورَتَ مَحَبوبَنِ جي، اَنيَئِہ ۾ آئي،
سامي سَدائي، ماڻِنِ دَورَ دَرِسَ جِي.

(۴)

سچي سِڪَ آئي، تَڏي ساگَرُ تَرَڻُ سُگَمُ ٿيو،
ڪَيائِين ڪَلپَتِ ڪوڙَ جِي، سارِي صَفائي،
چِنتا رَهِي نَہ چِتَ ۾، پَنهِنجِي پَرائي،
بانيَڻ! چَئي بِيائي، مِيٽيائِين مَنَ مون.

(۵)

سَچي سِڪَ آئي، تَڏي ساگَرُ تَرَڻُ سُگَمُ ٿيو،
اِئين چَوَنِ تا اَنيَئي، ساڌو سَدائي،
پاڻُ وَرائي پاڻَ سان، جَني لِنوَ لائي،
بانيڻ! سي بيائي، ميٽي وينا مَنَ مون.

(٦)

جَنِ کي سِڪَ سَچي، سي پاڻيهي پَڌرا،
ڪايا، مايا، ڪُلَ ۾، مَرَنِ ڪِينَ پَچي،
سَٽي وِڌائون سِرَ تون، ڪَلپَتِ پِنڊَ ڪَچي،
رَهيا رَنگِ رَچي، سامي سُپيرينِ جي.

(٧)

سِڪَ وارو ڪِينَ لِڪي، سورِجَ جان سَنسار ۾
جَنهِن سِڪيا ڏاتِ گُروءَ جِي، ٻَڌي ٻُنڌِ چِڪي،
وينو اَنيَہِ تَخَتَ تي، دُشمَنَ سَڀِ ڏِڪي،
سامي سِڪَ سِڪي، پورَنُ ڄاڻِي پيءَ جِي.

(٨)

جَنِ کي سِڪَ سَچي، سي پاٽيهي پَڌِرا،
ڪايا، مايا، ڪُلَ ۾، مَرَنِ، ڪِينَ پَچي،
نِرتِ ڪَنِ نارَدَ جان، نانا ياءِ نَچي،
رَهِيا رَنگِ رَچي، سامي سُپيرينَ جي.

(٩)

جَنِ کي سِڪَ سَچي، سي پاٽيهي پَڌِرا،
ڪايا، مايا، ڪُلَ ۾، مَرَنِ ڪِينَ پَچي،
سُپَني جي سَنسارَ جي، چاڙنِ ڪَلپَ ڪَچي،
رَهِيا رَنگِ رَچي، سامي سُپيرينَ جي.

(١٠)

توکي جي آهي، سَچي سِڪَ پريَنِ جي،
تَ ڇَڏي لوڪَ لَڄا کي، پَوُ پَڌَرِ ڪاهي،
سامي چَڙهُ سوريءَ تي، ڦُرني ري ڦاهي،
پَٽُ پَردو لاهي، پَرتکِ ڏِسُ پُورَنَ کي.

(١١)

سِڪَ ڪَري سونهِين، عاشقَ هَليا عَجيبَ ڏي،
سامي ڏِنائون ساڌَ سَنگ، اَنيَنِ اکُوهِين،
پائي وِينا پَدَ ۾، دَرَسَنَ جي دونهِين،
تَن ۾ تونهِين تونهِين، سُتَهَ ڪَنِ سامي چَئي.

(۱۲)

سُڏڪي سَڏَ ڪَري، نارِ نِماڻي بِرهَڻي،
تُنهِنجيءَ سِڪَ اَلَڳُ ڪَيو، پرِين تيءَ نَہ پَري،
پُڇي پانڌيڙنِ کون، ڙُنان رَتُ ڀَري،
سَگهان نَہ ڏيرَ ڏَري، سُتَتِ مِلُ سامي چَئي.

(۱۳)

موهَنَ مُنهنجو مَنُ، تُنهنجي سِڪَ سوگهو ڪَيو،
لُنؤ لُنؤ مَنجهِ لَڳِي رَهِي، تَڪي تَرَّقِي تَنُ،
پُڇي پُڪاري سَڏَ ڪَري، سَهي سَڀُ وَچَنُ،
ڏُکيءَ کي ڏَرِسَنُ، سُتَتُ ڏي سامي چَئي.

(۱۴)

سَجَڻَ سورَ ڇَيا، وَڃڻِ نَہ وِڇوڙي جا،
تُنهِنجيءَ سِڪَ اَندَرَ ۾، ڇيڪَ اَنيڪَ ڪَيا،
سامي چَئي چَڪورَ جان، سُڪِي نيڻَ رَهِيا،
ڪَڏَهِ ڪَري ڏَيا، ڏَرِسَنُ ڏيندين داسَ کي.

(۱۵)

ويٺي وَنجهه کوڙي، سَجَڻَ سِڪَ اَندرَ ۾،
ڏيئي دِلاسو دِلبَري، نِياڻين نِهوڙي،
اَچي ڏِسُ ڏُکيءَ کي، مِهَرون مُنهن موڙي،
ڇَڏِ جانءِ نَہ ڇوڙي، سامي چَئي پَوَ پيرَ ۾.

(١٦)

ڏاڍي لايئہِ لورَ، جاني مُنهنجي جيءَ کي،
سَنِيَمِ سُکَ سنسارَ جا، تو تؤنْ گهوري گهورَ،
اُٺنـدي وهندي ننڊَ ۾، اوريان تُنهنجي اورَ،
اَچي مِلُ چِتَ چورَ، سُتتِ ٿي سامي چئي.

(١٧)

ڏٻي ديواني، سَڄَڻَ تُنهنجي عَشِقَ ڪيو،
هَنيائين حيرَتَ جي، قَهَرَ پَري ڪاني،
سامي سَيُڪو پُلو، ڏِسي جڳُ فاني،
جيئندي مِلُ جاني، ماري مِلندين ڪَنِ سان.

(١٨)

پَلَڪَ نَہ ٿئي پَري، سِڪَ تَہ تُنهِنجي سُپِرين،
هُٺي نِتُ اَندرَ ۾، بيحَدِ باڻَ پَري،
سُتَتِ مِلُ سامي چئي، ڪُنيءَ ڪَرَمُ ڪَري،
تَڏي جيءُ ٺَري، جَڏي ڏِسان هِنَنِ اکِنِ سان.

(١٩)

پَلَڪَ نَہ ٿئي پَري، سِڪَ تَہ تُنهنجي سُپِرين،
هَرِدَمُ هُٺي هِنيانوَ ۾، بيحَد باڻَ پَري،
سامي روئي رَتُ نِتُ، سڳهي نَہ ڏِيرَ ڏَري،
مِلَندين مِهرَ ڪري، ڪِي مارِيندين مُئَن کي.

(٢٠)

سَجَڻَ سِڪَ مُڪِي، سامي سُرتِ سڪيءَ ڏي،
سا اَچي ويٺي اوچِتي، جُهڳِي مَنجهِ جُهڪي،
نيئي مِير مَحَلَ ۾، ڪِيائِين ڏِڪَ ٻُڪي،
چِنتا سَڀ چُڪي، لانوان لَڏيون گهوٽَ سان.

(٢١)

سَجَڻَ سِڪَ سِر ڪِي، ڳولي لَڌو جَنهن ڳوٺَ ۾،
سامي ماڻي سارُ سُڪَ، سو پِريمي پُلڪي،
وَڃي ڪِينَ وِسَنِ جان، طَمعَ ۾ تِرڪي،
جاڻي سو نَنِڪِي، هينيون مَتيون هِڪڙي.

(٢٢)

سَجَڻُ سِڪَ سِڪِي، سامي لَڌو ڪَنهن ساڏَ جَنَ،
سَدا ماڻي سارَ سُڪَ، سو پِريمي پُلڪي،
وَڃي ڪِين وِسَنِ جان، طَمعَ ۾ تِرڪي،
جاڻي سو نَنِڪِي، هينيون مَتون هِڪڙي.

(٢٣)

خُلقيءَ ڪي خُلقِي، مِليو مَنُ ڏيئي ڪَري،
پَرِچيو ڪَيائُون پانَ ۾، پِرِيَنِ جو پُلڪي،
لڳَنِ باهِ بِرِهَ جي، سَنڌَ سَنڌَ ۾ سُلڪي،
مَري تِيا مُلڪي، پِيائيءَ ري ٻانيَڻَ چَئي.

(۲۴)

سِڪَڻُ سڪَرُ تـوڪُ، لِڪَڻُ تَنهِن کون اَڳرو،
سَمُجهي سَنگِ ساڏوءَ جي، ڪو نيهي نهِ سوڪُ،
مُڪَ رکيو جَنهِن مَنَ ۾، سامي سَمَ سَنتوڪُ،
لَکي سگهي نـ لوڪُ، مَوجان ڪَري مَمَتَ ري.

# پريم

(١)

آءُ تہ پِياريانءِ، پَري پِيالو پريمَ جو،
سامي هِنَ اَوسَرَ ۾، تَنُ مَنُ سَڀُ ٿاريانءِ،
ڏهَ دِسِ ڏيکاريانءِ، اَنيئہ پُرکُ اکِنِ سان.

(٢)

سَڀَ جي گهرِ آهي، پِريمَ پَدارَٿُ رامَ ڏَنُ،
سامي ڏِسي ڪونہ ڪو، مُنهن مَڙهيءَ پائي،
سَتِ گُرُ لڪائي، تہ ڏِسي پَدُ اکِنِ سان.

(٣)

پِيتو جَنهن پِني، پاڪُ پِيالو پِريمَ جو،
سُنيا تَنهِن سَنسارَ جا، ڇِڪا سَڀِ ڇِني،
سَدا رَهي سامي چَئي، ڀاڻي مَنجهِ ڀِني،
ويٺي مُلهه کِني، دِلِ ڏيئي دِلبَرَ کي.

(۴)

پريمنِ پُڪاري، پَڙو گهمايو پريم جو،
ٻُڌي ڪو ٻانيَڻُ چئي، ڏِيرَ سَچي ڏاري،
پاڻَ وَرائي پاڻَ کي، ڏِسي ڏيئو ٻاري،
نانَتَ نِواري، ماڻي دَورَ دَرسَ جا.

(۵)

پريمي پَسارو، ڪَري نَہ ڪَتَرَ جيترو،
مِٺيو جَنهن جي من مون، اُوديا اَنڌارو،
پِرتڪ پُورَڻُ آتما، ڏِسي ڏِهارو،
مِليو نِيارو، سدا رَهي سامي چئي.

(٦)

پريمي پاڻَ اَچي، مُئنِ جي مجلس ۾،
ڪنيون خُلاصو ڪَري، جَنهن کي شَونقَ سَچي،
پَتنگَ جان پاڻُ جِڏي، ڏِسي مَچُ مَچي،
سامي َرنگِ رَچي، سُته سپيرينِ جي.

(٧)

پريمي پِياسو، پِياسَ رکي پوُرَڻُ تِيو،
ڪَڏي ڪَري ڪِينَڪِي، پريتَمَ کون پاسو،
سامي رَهي سَنسارَ ۾، نَبيَ جان نِراسو،
ڪِنگِرُ ڪَورو، ڪاسو، چاڻي مولُ مِٺيءَ جو.

(٨)

جَنهِن جي پِريمَ پَلي، سَنمکُ تَنهِن جي سُپرين،
سامي سُکُ سَروپَ جو، ڪَنهِن کي ڪِينَ سَلي،
پَرچو رَهي پَدَ ۾، پَنجَئي دُوتَ دَلي،
هَلي آئون چَلي، جانَ وَڃائي پانهِنجي.

(٩)

پِيالي مان پريمَ جي، رَتِيائِي رَحمَتَ،
پِيتِي جَنِ پِريتِ سان، سي ٿِيا مَتارا مَتَ،
سي ڪَٿِنِ ڪِينَ اَڪَتَ، ريڌا رَهَنِ حالَ ۾.

(١٠)

ساميءَ نَڪَ لَڌو، جَنهِن نَڪَ ٽَڪِيو سَڀَ کي،
مُحَڪَمَ مَنَ ٿَنيي سان، پِريمَ جي دامَ بَڌو،
وَلُ چَلُ ڇَڏي پانهِنجو، ٿِيَڙو نَڪُ ٿَڌو،
سَهَجي ساڳُ رَڌو، سو کائي نِتُ خوشيءَ سان.

(١١)

بِنان لَڪَ لَنگهِي، وِڃي نه اُوديا سنڌ مون،
لِهرون مارن لوبَ جون، نانا رَنگَ رَنگِي،
ڪو پريمِي لَنگهِي پار پيو، سامي لَتَ سَنگهِي،
صاحب سَرِ بَنگِي، ڏٺو جنهن ديهيءَ ۾.

(١٢)

ٻانيَڻُ ڪو ٻُجهي، بيحد ٻولِي برهَ جي،
توڙي سِياڻو سورمو، پڙهيلُ ڇو نہَ هُجي،
ڪو جَنُ پريمِي پريتوانُ، سَمُجهيو سُمُجهي،
موتِي ڪينَ مُنجهي، اَوديا جي اونده ۾.

(١٣)

پُجِي پُجَ ڪري، ڀوڳِي ڀوڳَ سُرڳ جا،
پاپِي گهور نرڪَ ۾، روئِنِ رَتُ ڀَري،
سامي رَهن سڀ ڪون، پرِيمِي پاڪُ پَري،
ڏسن ڏيانُ ڌَري، پرتک پورڻ آتما.

(١٤)

پريمُ پريمُ سَڀِ ڪنِ، پريمُ پُرڪُ پَرِماتما،
مَنَ ٻُڌِ واڻيءَ کون پَري، لِڪايا لهنِ،
ٻيا سَڀِ بادِ بَڪَنِ، سَمُجَهَ ري سامي چَئي.

(١٥)

سامي جَنهِن چکيو، گُرگَمُ پِيالو پِريمَ جو،
اَڳِيون تَنهِن عَجيبَ جي، لاهي سِرُ رکيو،
سَڀَ ۾ سارُ لکِيو، ڇاڻَ وِڃائي پانهنجي

(١٦)

سامي سَنياري، پريميءَ کي پريتَمُ سَدا،
ڀڳتِ ڏيئي پانهِنجي، لُنوُ لُنوُ سَڀَ ٺاري،
اَودِيا ڀَٽُ ڀَري ڪري، دَرِسَنُ ڏيکاري،
وينو نِهاري، سَنَمکُ سَدا سُپرين.

(١٧)

لکين هَزاري، ڳالهيون ڪَنِ ويدانت جون،
سامي سَودو پِريمَ جو، وِرلو ڪو ڏاري،
جو وِهي اَنَيٺ هَٽَ تي، نانَتَ نواري،
پَرِچي پِياري، سَڀَ کي ڀيدَ ڀَرَمَ ري.

(١٨)

بِرهَنِ کي ٻَرِکي، لِڳي باهِ بِرهَ جي،
روئي رَتُ اکِنِ مون، سَڏَ ڪري سُڏِڪي،
اَچي مِلُ مُئيءَ سان، لالن ڀَوءُ نہ لِکي،
ويندو ساهُ سُکي، تڏي ڪَنِدين مَيلُ مَٽي تي.

(١٩)

بِرَهِي روئي رَتُ، اَلئي پَهَرَ اکِنِ مون،
سَجَڻَ تُنهنجي سِڪَ کيو، مَنُ منهنجو موهَتُ،
ٿي بيحد بانوَري، ڀِلي سَڀُ جڳَتُ،
سامي چَئي سَتُ، اَچي مِلُ مُئيءَ سان.

(٢٠)

بِرهِڻ نيڻَ ڀَري، روئي رَتُ اَکن مون،
پُڇي پانڌيڙنِ کون، سُڌَ کي سَنّ ڪري،
سامي چَئي سُپرين، پيرُ نہ ٿيءُ پَري،
تڏِي جيءُ ٺَري، جڏِي ميلو ڪري مُئيءَ سان.

(٢١)

بِنان واڄَ وَڄِي، مُرلي مَنَ مندَر ۾،
ٻُڌَڻَ سان ٻانيَڻ چَئي، وِيو ڀَرمُ ڀَڄِي،
ڪَندَ بِرهِمَندَ خَيال جي، پيئي سُڌِ سَڄِي،
توڙِي رَهي رڄِي، تاپي ڪري بيکَ ٻکيَنِ جان.

(٢٢)

وَنِي خَطُ ڪاتِي، آيو مَنَ موهن جو،
تنهن ۾ لکي لِنوَ جِي، ڪَتِرِ کي ڪاتي،
ٻُڌَڻ سان ٻانيَڻ چَئي، وَڍِي سَڀَ ڇاتي،
جُهڳِي ۾ جهاتي، مَنُ پائي مگَنُ ٿيو.

(٢٣)

موهَنَ وڄائِي، مُرلي ڪَدلِي ٻَنَ ۾،
رکِي ڌُنِ ڌيرَجَ سان، تانَ تِکي لائي،
گوپِيُنِ ۽ گوالنِ جِي، سُڌِ ٻُڌِ ڀُلائي،
سامي سدائي، رهنِ سکَ سنتوش ۾.

(٢٤)

مُرلي مَدَ يَري، ڪانَ وَڄائي ڪونجَ ۾،
مَها مِٺي موهٽي، ڏنِ اَپارُ ڏَري،
ٻُڌي ٻِن ڪنَنِ سان، لنؤ لنؤ سَبَ ٺَري،
سُڌِ ٻُڌِ سڀ وِسَري، سامي ڇَٽي سنسار جي.

(٢٥)

بيحَدَ وَڄائي، موهَنَ مُرلي مَدَ يَري،
ٻُڌي ٻُڌِوانَنِ ڪي، يَلي يَتِ ياٺي،
ڇَڏي خام خِيالَ سَڀِ، لِنوَ سَچي لائي،
سامي سدائي، مَستُ رَهي مَهِراڻَ ۾.

(٢٦)

نارِدَ سَڀُ قبولُ، يَتُ پاٺي يِڳِتنِ جو،
جَنين ڏِنو مان ڪي، مَحَبَتَ سان مَنُ مولُ،
لَئِ ڪَيائون لنوَ سان، سوڪم ۾ اَستولُ،
تون يي وِيچي جهولُ، پريم هِندوري تَنِ سان.

(٢٧)

سامي سَمُجهِي جَنِ، ٻولي ٻاوَنَ ٻاهِرين،
پِيالو پريمَ اگمَ جو، پَرچي پِيتو تَنِ،
سَدا سُپيرِيَنِ جي، رَتا رَنگِ رَهَنِ،
ڪَنهِن کي ڪِينَ سَلنِ، اَنيَئِ سُڪُ اَندَرَ جو.

(۲۸)

اَچي پيئي ٻانَ، سامي رامَ ملڻ جي،
لُونءَ لوُنءَ ۾ هَرِ رَسَ جِي، ڦِري ويئي آڻَ،
رَهي نـ رَتيءَ جيتري، مَنَ ۾ مايا ڇاڻَ،
پيهي آيا پاڻَ، سَڄَڻَ گهرِ خوشيءَ سان.

(۲۹)

اَٿي مَهانگو، سامي سَودو پريمَ جو،
جي تو خواهش خَريدَ جي، تـ سَٽِ سِرَ جو سانگو،
پرِچي پاءِ ٻِڇيءَ ۾، ڳِلا جو ڳهانگهو،
لَنگهي پَوُ لانگهو، تـ مَطَلبُ ٿيئي مَنَ جو.

(۳۰)

پِريمُ خَريدَ ڪَرين، تـ سِرُ لاهي وِجهُ ڪانِ ۾،
ڏيئي دِلِ دَلالَ کي، سامي اَجَرُ جَرِين،
جيڪي ڇاٽي پانهِنجو، سو سَڀُ پيٽَ ڏَرِين،
تَنهن ڪون پوءِ پَرين، مُڪتا بارَ پَندار مون.

(۳۱)

گهٽِ وَڌ پريتِ نـ لاءِ سامي سُپيرِيَن سان،
رَهجي ويندين راهَ تي، پير پُرِجهي پاءِ،
جِيَڻَ مَرَڻَ ڏُکَ سُکَ جِي، ڇِنتا ڇاهَ ڇُڪاءِ،
تـ ڳهٽَ ڳهٽَ مَنجهِ لکاءِ، مورتَ مَحبوبَنِ جي.

(٣٢)

بيتِي سا بيتِي، باقي رَکُ رَهَتِ سان،
پُڇي وَٺُ پِريمِنِ کون، سَچي رَسَ ريتي،
سامي ساواڏانُ تي، بازي جَنِ جيتي،
پاڪي پَليتي، لَنگهي چَڙهيا لڪَ تي.

(٣٣)

پرچِي جنهن پَڙي، پٽي پريم اگم جي،
ڏنو تنهن سيُ آتما، چيتَنَ چِٽَ چَڙي،
مري نہ مايا موهہ ۾، رسن ڪانِ رَڙي،
پيچي پرم گهڙي، سامي ماڻي سيجَ سُکُ.

(٣٤)

پرچي جنهن پَڙهيو، پورو اکرُ پريمَ جو،
ڏيئي ڪَنُ ڪَلِپَتَ کي، ڪرپا سانڻ ڪَڙهيو،
ڇڏي پيدَ پرم کي، وَڃي چِٽَ چَڙهيو،
سُتہ اَنَ گهڙيو، ديوُ ڏنائين ديهہ ۾.

(٣٥)

پرچنتا پليتُ، ڪَيا جيءَ جَهان جا،
سامي تيو ڪو ساڏَ سَنگِ، پريمي پرم پُنيتُ،
جاڳي جنهن جُڳت سان، جيتيو مَنُ اَجيتُ،
تَنَ ۾ تُرِيئاتِيتُ، پَرتڪ ڏِسي پاڻ کي.

(٣٦)

پرچي پِيتو جَنِ، پِيالو پريم اَگمَ جو،
اَندَرِ باهَرِ آتما، هِردي منجهه ڏِسَنِ،
پَرچَن ڇاڙِي پاڻ کي، ڪينو ڪِبرُ نہ ڪَنِ،
سدا غَرِقُ رَهَنِ، سامي سمتا پَدَ ۾.

(٣٧)

جَنهِن کي پِريمَ پِياسَ، سامي لائِي سَتِ گُروءَ،
سَهَجِي تَنهِن جي جيءَ مون، پِلي اَوِديا پاسَ،
رَهي مَنجِهه آڪاسَ، اَنَئي پَهَرَ اَنَلَ جان.

(٣٨)

پريمي سي چئجن، جن کي اَمُلُ اَکَندَ جو،
سِرُ سَٽي سَودو ڪري، پيالو پيتو تَن،
پائي مُنهُن مِهراڻ ۾، سدا غَرقُ رَهَنِ،
پَرچِي ريءَ پرين، سامي سارِن ڪن کي؟

(٣٩)

پِريميءَ کي پَڙلاءُ، سَتَهَ پِيو سَروپَ جو،
ٻُڌائين باوَنَ ري، گَگَنَ ۾ گوگاءُ،
ميٺي دُتيا ياءُ، سيتَلُ ٿِيو سامي چئي.

(۴۰)

پَڙهي پُرِجهو ويدُ، اکَرُ لَڏو جَنِ اَنيئي،
مِلي ٿِيا محبوبَ سان، سي سامي عَينَ اَيِيدُ،
پِيئن پيئارِنِ پِريم رَسُ، بِنان وِڌِ نِشيدُ،
توڙي ڪَنِ اَسِميدُ، تان پِي سيتَلُ رَهَنِ سياوَ ۾.

(۴۱)

دوست جو ديرو، سُڄَ وَسَنوَ جي وِچَ ۾،
جاڻِنِ سِڪَ سَمُجَه ري، اَنڌا اَوکيرو،
سامي سُڄاڻَن کي، پرتڪ ٿيو پيرو،
ڦُرڻي جو ڦيرو، ميٽي وِيٺا من مون.

(۴۲)

ڏِني لِنوَ لَڄَتَ، سته جنهن ساڌوءَ کي،
سو رَهي وادِ وِوادِ کون، اَٿئي پهر اَپِرَتَ،
جاڻي سڪَ سنسار جا، سڀ ڪوڙا ڪَلِپَتَ،
حَدَ پَري حَيرَتَ، بيحَدَ ڏِسي بانيَنُ چَئي.

(۴۳)

دوست جو ديرو، سُڄَ وَسنوَ جي وِچَ ۾،
پنهنڇي کو پرتيت سان، پريمي پَڪيرو،
مِٽيو جَنهِن جي من مون، سامي مِٺميرو،
وَسِي وَسيرو، سهِي ڪري سُميرَ جان.

(۴۴)

ڪانيءَ ڪي ڪِيئين، ڪائي جيئن خلاصُ ڪيو،
ڪوري ڪَڍُ ڪلپنا، اَندَرَ مون اِيئين،
پيالو پريم اگمَ جو، پُر ڪَري پِيئين،
جِيئين جو تِيئين، سامي ڏِسن سُپرين.

(۴۵)

ڪَنهن پريميءَ ڪي پيرُ، سَتگُرَ ڏسيو سروپَ جو،
ڏيئي ڪَندِ ڪَلِپ ڪي، گِهيڙي لَڌو تنهن گهيرُ،
ماڻي ڏورَ ڏرَسَ جا، تي نِرَيَئہ نِرَويرُ،
سامي جِيئَن سُميرُ، سِيتلُ رَهي سياوَ ۾.

(۴٦)

رمتا رام وَسي، سدا اَليپُ اَڪاس جان،
تَنهِن کي پريم پَرتيتِ سان، ڪو پورَنُ پُرشُ پَسي،
جنهن کي گُرو ڪرپا ڪري، اَنيَئہ اوٿ ڏَسي،
ڦِري ڪينَ ڦَسي، سامي هِنَ سنسارَ ۾.

(۴۷)

پِريميءَ ڪون پريتَمُ، پَلَڪَ پَراهون نہ ٿِئي،
شيوَڪَ جو شيوَڪُ ٿي، ڪَري سَيوئي ڪَمُ،
سَدا ساپرسن جو، رکي مَنِ مَرَمُ،
سامي هِڪِڙو دَمُ، هَرِ يڳَتَنِ ري نہ رهي.

(۴۸)

پِريميءَ پِرولي، ٻُڌِي ٻيحَدَ پَدَ جي،
سَدا سپيرِيَنِ سان، ڪيئن ڪَجي هولي،
سياويڪ سامي چئي، خِلوَتيءَ کولي،
ٻاوَن ري ٻولي، سَمُجهي رهيو سُنَ ۾.

(۴۹)

پِريمي ٿِيو پريتَمُ، اَچي پريمَ نگر ۾،
پاتائين پِرِيَن جو، سامي سَهَج مَرَمُ،
ڀُلائي ڀَرَمُ، پاڻُ نَ ڏِسي پاڻَ ۾.

(۵۰)

پريمَ اڪَرُ پاڙهي، سَتِ گُرَ مَنُ سيتلُ ڪيو،
سامي ڇڏيائين ڇِنَ ۾، سَنسا سَڀِ ساڙي،
چَوٻاريءَ چاڙهي، ساڪِي ڪيائين سَڀَ جو.

(۵۱)

پريمَ پَرواهُ وَهيو، وِيئي ٻُڌِ ٻُڏِي ڪَري،
ٻِنان ڏَرِسَنَ دوسَ جي، سامي ڪِينَ رَهِيو،
جيڪي سَنتَ چَيو، سو حاضرُ ڏٺو هَٽَ تي.

(۵۲)

پريمُ پِساڃُ لڳو، ڏئيتُ نَ رَهيو دِلِ ۾،
وِڌ نِڪيدَ وَهنوارَ جو، سَنسو سَڀُ ڀڳو،
سامي پيچو اَڳو، روڪي وينو رِندُ تي.

(٥٣)

اِڇا ڪري اَڏين، ڇڏيا جيءَ جَهان جا،
سَدا پَوَنِ سامي ڇڏي، مورکَ مَت مَلين،
سڱي پِندَ مَڱي تؤن، ڪنهن پريميءَ پَربِين،
جاتي ڪوئي ڪِينَ، تاتي ڪيائين تَڪيو.

(٥۴)

اَپيريءَ جو پيرُ، پَرڇي ڪنهن پريميءَ لَڌو،
آهي جَنهِن جي آسري، سَڀُئي سَيرُ سُميرُ،
سامي سَڀُ سو ڪَڻي، ٿِيو نِريڻ نِرويرُ،
سُوريءَ مَنجهه اَنڌيرُ، ڏِسي نـ آدِ جڳادِ جو.

(٥٥)

ڪَٿي ڪَلپَتَ ڪَٿَ، لکين لوڪَ لُڙهي ويا،
پَهُچي سگهنِ نـَ پَدَ ۾، هَٿي بينا هَٿَ،
ڪي پريمي لنگهي پارِ پيا، سامي سَمَرَٿ،
جَنِ ڪي هَرِ هِمَٿَ، پرڇي ڏِني پانهنجي.

(٥٦)

ڪَڏي ڪينَ ڪَري، پرين پاسو مون ڪون،
اَکيون اَکِنِ ۾ رکي، وينو ڏِيانُ ڏَري،
اُٿندي وِهَندي نِندَ ۾، پَلَڪَ نـ ٽَئي پري،
ڏِسي جيءُ نَري، سامي سُپيرِيُن کي.

(٥٧)

پِريمَ بِنان پرڪاسُ، ڪَنهِن ڪي ٿِيو ڪِينَڪِي،
اِئين چَئي ٿو نامُديو، ڪبيرُ اَئون رَوِداسُ،
ڪَري ڏِسُ ڪَلِپَتَ ري، سامي اَنَ اَپِياس،
تہ چيتَنُ چِدَ آڪاسَ، پَرگهٽُ ٿيئي پاڻهين.

(٥٨)

پريمَ وَرائي پَدُ، ڪَنهين پاتو ڪِينَڪي
پُڇي ڏِسُ تَنين کون، جَنِ پِيتو مَحَبَتَ مَدُ
مائِلُ ٿِيا مَهِرانَ ۾، ميٽي ڏُکُ دَرَدُ
حَد پَري اَنهدُ، سامي بُڌَنِ سَمَ ٿي.

(٥٩)

پريمَ وَرائي پَدُ، ڪَنهين پاتو ڪِينَڪي
وِجي پُڇُ تَنين کون، جَنِ پِيتو مَحَبَتَ مَدُ
مائِلُ ٿِيا مَهِرانَ ۾، ميٽي ڏُکُ دَرَدُ
اَڏُئيتي اَنَهَدُ، سامي بڌَنِ سَمَ ٿي.

(٦٠)

غَيبَ منجهان آيو، ٿيندو گُمُ غَيبَ ۾
ايهو اِشارو اَنيئي، ڪنهن پريميءَ پڇايو
اَگَنِبتَ جِيان آچمن ڪري، ساگَرُ سُڪايو
نَڪي وِڃايو، نَڪي پاتو پَرچن پاڻَ ري.

(٦١)

جنهن کي رَسُ آيو، سَچو ساڌ سَنگتِ جو
تنهن پريميءَ پرَتيتِ سان، محڪم مَنُ لايو
پُورَڻُ جاٽي پيءَ کي، سَڀُ سَنسو مِٽايو
سامي سَمايو، جَلَ بُدِبُدو جَلَ ۾.

(٦٢)

اَلڪَ پُرِشَ آٽي، رَچِنا رَچي رَنگَ يَري
مورِک مَرَنِ مَتِ ري، تنهن ۾ تاڻَ تاڻي
سَهي ڪَيو سامي چَئي، ڪنهن پريميءَ پُراٽي
مَوج مِلي ماٽي، پاڻَ وَرائي پاڻَ سان.

(٦٣)

اَنيڪ ري علاج، ڪونهين اوديا روڳ جو
پُڇي ڏِسُ پِريمِن کون، ڪَري دِلِ دَراجُ
جوڙي وينا جڳ ۾، جيڪي يڳتِ جَهاجُ
ڪرِنِ بيمُحَتاج، پارِ لنگهائي پاڻِي.

(٦٤)

اَڻَ هوندِي راندِ رَچي، مايا دوهَ مَمَتَ جي
تنهن ۾ مَتِ مَرَمَ ري، مورِک مَرَن پَچي
کو پِريمي مِليو پيءَ سان، بلا کان بَچي
جَنهِن کي سَمُجَهَ سَچي، سامي ڏِني سَتِگُروءَ.

(٦٥)

بيگمپور شهر، اَتي عين آڪاس ۾

مَن بُڌِ واٽيءَ واجَ ڪون، اَگمَ اگوچَرُ

ڪٿي پريمَ پرتيتَ سان، سامي سَهَج سَمَرُ

تـہ انيئَہ پُرڪ اَمَرُ، پيئي وَچي پَرمَ ري.

(٦٦)

بانيءَ ڪو بُجهي، بولي باوَن باهرين

توڙي سياڻو سورمو، پَنڊِتُ پَڙهيو هُجي

ڪو پريمي پرتيت وان، سَمُجهايو سَمُجهي

سو موتي ڪينَ مُنجهي، اَوِديا جي اونداهِ ۾.

(٦٧)

مَڌُرَ مَڌُرَ مُرلي، ڪانَ وَجائي مُکَ سان

بُنڌي گوپيءَ گوارَ جي، سامي سُرتِ پُلي

اَوديا پُنڍِ کُلي، ڏِسي مَنهُن مَحبوبَ جو.

(٦٨)

چاهَ ڪيا چيرا، موهي جيءَ جهانَ جا

پريچن جاڻي پاڻ کي، پائِنِ نِتُ ڦيرا

ماڻِنِ سُکَ سروپَ جو، ڪي پريمي پَڪيرا

نرملُ نِروِيرا، سامي رَهن سياوَ ۾.

جو پريمي پورَنُ، سو جوڳيشورُ جڳَ ۾
پاتو جنهن پَرتيتِ سان، گهرو گيانَ اَڃنُ
گهڙي لَڌائين گهر مون، اُنيئـ آدي ڏَنُ
ميٺي سَڀُ مَنَنُ، سامي ماٺي سيجَ سُکُ.

(٧٠)

مهان چِترُ پِربِينَ، پريمَ کيا وَسِ پانهنجي
مانُ وَڏائي سَڀَ ڇڏي، ٿيا عاشِقَ لنوَ لِينَ
پوپا پُڄَنِ کِينَ، سامي پريمَ پِساچَ سان.

(٧١)

راتيُون ڏينهَن جَري، ٿي بِرهِنِ کارَڻِ پيءَ جي
جيئن کارَڻِ سُپيت جي، سپَ وِرلاپَ کَري
چَکوي کارَڻِ چَکورَ جي، سُڌِ کي ساهَ پَري
پِياسَ نَـ مِٽي مِينَ جي، بِنا نيرَ مَري
تَڏِي جيءَ ٺري، جڏِي سامي ملي سپرين.

(٧٢)

رَهي کِينَ سکَهي، هيءَ داسي دِرسَنَ ري
تِکو تيرُ عَشقُ جو، ويو لُنؤ لُنؤ مون لنگهي
سامي چِتَ چاترِکَ جان، سُنواتي بوُندَ مَنگي
اچي رَنگ رَنگي، دَرِسَنُ ڏيئي پانهنجو.

(٧٣)

جيڪو جَن پيئي، پيالو پريمَ اگم جو
پورڻ جاڻي پيءَ کي، جُڳ جُڳ سو جيئي
ساڪَ ڏني سامي چئي، خلاصي ڪيئي
جيئين جاڳئي ڏيئي، انڌيرو اياءُ ڪيو.

(٧٤)

جيئين هرڪي هيرَ، رانجهي سان هڪ رَس ٿي،
تيئين ملي محبوب سان، لنگهي لڪَ لڪيرَ
جاڻي سَڀ سُپني جا، سامي چئي سَريرَ
گيانوان، گُرَ پيرَ، لڪَ لڪائن انيئي.

(٧٥)

جَنهن پريميءَ پُرڏي، اوُنهين ڳالهه عَشقَ جي
گهرَ مون ڪاڻ خوشيءَ جي، لوڙي تنهن لڏي
سامي سِڪَ سَچيءَ سان، چِڪي ڳنڍ ڳڏي
گهٽي ۽ وَڏي، ويهي ڪين وَهنوارَ ۾.

(٧٦)

جَنهن ڪي پريم پٽي، سامي پاڙهي سَتگروءَ
پنهنجي اکئين پاڻَ کي، ڏنو تنهن اُلٽي
اوِديا پندَ مٽي تون، ساميءَ ڪٽي سٽي
وينو ڪيپَ ڪٽي، سَچَ وَسَنوَ جي وچ ۾.

(٧٧)

وِتَّرا ڪَرِمَ ڀَڄي، ڏسي پريمَ پَرِياوَ ڪي
ٻُنڌي ڳاجَ سارِدولَ جي، جِئين مِرگھنِ جُوءِ تَڄي
تِئَرا چورَ لَڄي، سامي راجَ درٻارِ ۾.

(٧٨)

وِرِلو جَنُ ڏِسي، ڪو ڏِسَڻَ واري ڏيوَ ڪي
جَنهن جو پريمَ پَرتيتِ ڪون، پيرُ نہ پوءِ ڪِسي
اَچي سَنت حِصي، سامي پورَبَ ديسَ جو.

(٧٩)

وِرِلي ماءُ جَڻي، ڪا پريمي پُٽر ڳَرَڀَ مون
سامي سُپيرِيَن جي، جَنهن کي ڀڳت وَڻي
جانَ وِڃائي پانهنجي، سَڀَ جو داسُ ٻَڻي
لکيا ڪينَ ڳَڻي، ڏِسي اَليکُ اکِن سان.

(٨٠)

سوئي پيارو، پريمي پرميسَرَ کي
جو ڪَري نہ ڪَتَرَ جيترو، ڏَنبُ اَئون ڏيکارو
سامي رَهي سَرِيرَ ۾، نَيَ جان نِيارو
جاڻي جڳُ سارو، چِمتڪارُ چيتَنَ جو.

(٨١)

سوئي پيارو، پريمي پرميسرَ کي
سَمُجهو جَنهن سامي چَئي، اَنيئ اِشارو
جاڳي ڪَديائين جيءَ مون، اَوِديا اَنڌارو
نَپَ جان نيارو، سَدا رهي سَنسارَ ۾.

(٨٢)

سَپَ کي ڀورايو، پريمَ پَساجَ لڳي ڪَري
ٻُنڌيِ ناڍُ ڪَنَنِ سان، مرڳُهه ڏوڙي آيو
وَنِي واسُ ڪَنوَلَ جان، ڀَنورُ لَپٽايو
سامي سَمايو، پَتَنگ جوتِ ڏِسي ڪَري.

(٨٣)

ڀَرڇِي ڪو پاڙهي، ڀَندَتُ پَٺِي پريم جي
مَنَ کي مَحَبُوبَنِ ڏي، لِنوَ لائي لاڙي
سامِي ڀِڳتِ جهازَ ۾، چڪي ڏِڪي چاڙهي
ڦِڪِلَ سان ڦاڙي، پَردو ڀيدَ ڀَرَمَ جو.

(٨٤)

پرڇِي جَنِهن پَڙهيو، پوُرو اکَرُ پريمَ جو
سو مَمَتَ مِٽائي مَنَ جي، اَنيئ اَڄَ چَڙهيو
سامِي اَنَ گهڙيو، ڏيُو ڏِنائين ڏيهہ ۾.

(٨٥)

پَڙهيو جَنهِن پورو، گُرَ گَمَ اَکَرُ پريمَ جو
مِٿيو تَنهِنجي مَنَ مون، اَوديا اَنڌورو
سامِي سو سُورو، جيتي وينو جڳَ کي.

(٨٦)

خلوتي خَلاصُ، بانَيَڻ تِيا بَنڌَنَ کون
پرچِي ڪِيو جَنِ پريمَ سان، اَنترَ مُک اَپياس
سهِي ڪيائون سَمَ تي، چيتَنَ چِدَ آڪاسُ
پائي پَدُ نِراسُ، مُشڪن ڪشڪن ڪينڪي.

(٨٧)

اَنَيئَي اَتڪَ، رڪَنِ ڪانَ اَندرَ ۾
پورو اَکَرُ پريمَ جو، پَڙهِي تِيا پَرپڪَ
ويڙهي سڀ وَرقَ، سامِي چَڙهِيا سِيرَ تي.

# پريم (ب)

(١)

اَلکُ اَستِامَلُ، سَنتَ لکَائِنِ سَبَ کي
بيهي ڏِسي پاڻ ۾، کو پريمي پَرِبلُ
کَٿي کالِ کَلپنَا، کَري جَنَمُ سڦَلُ
جِئين اَليپُ کَنولُ، تِئين سامِي رَهي سَياوَ ۾.

(٢)

سَيُڪي جَنهِن ساجِيو، خاوندَ پَنهِنجي خِيالَ سان
اَندَرِ باهَرِ آکاس جان، سو بيَحدِ بِراجِيو
پَٿِي کَنهِن پريميءَ ڏِٺو، دِلِ جو دَرِواجو
اَتَکَ کون آجو، سَدا رَهي سامِي چَئي.

(٣)

ليکي لُڙُ وِڏو، سکِٽو هِنَ سَنسارَ ۾
اِشارو اَليکَ جو، کَنِهن پِريميءَ پُرِڏو
سَدا رَهي سامي چَئي، سَمُجَهه مَنجهِ سِڏو
مَري مُلِ بِڏو، پَرَميسَرَ کي پِريتِ سان.

(۴)

عَشقُ اڳيري، مَنَزِلَ ڪٽي مَنَ ڪون
اَڳيون بينو تِي بُجِڙو، واتَـۀ تي ويري
سامِي لُٽِيو جنهِن سَبَ ڪي، وِجهي مَئن ميري
ڪـو ڦُرِني ڪون ڦيري، خاص ڏِسي خاوندَ ڪي.

(۵)

آهي اوڪيرو، جِيئَندي مَرَڻُ جڳَ ۾
سَمُجهي ڪـو سامي چَوي، پِريمي پَڪيرو
ڪَيو جَنهِن ڪَلپَتِ جو، نِپَٽِ نِبيرو
دوسَت ري ديرو، خالي ڏِسي ڪـونـه ڪـو.

(٦)

ڪَلپَتِ جي ڦَهَري، سِندُ وهي سامي چَئي
تَنهِن ۾ جيءَ جهانَ جا، لُڙهيا وِحَنِ لَهَري
ڪـو پِريمي لَنگهي پارِ پيو، تَنُڪَلِ ساڻُ تَري
ڏِنـو جَنهِن وَري، پَنهِنجي اَکِئين پاڻَ ڪي.

(٧)

دوسِتَ جو ديرو، سُتَهَ صَفائيءَ ۾
پَهُچي ڪـو پَرَتِيتَ سان، پِريمي پَڪيرو
جاڳِي ڪَيو جَنهِن جڳَ جو، نِپَٽِ نبيرو
ڏِسي نَـه اَنڌيرو، سامي سُورِجَ سارَ ۾.

(۸)

نِرِڪي نيائين، پريميءَ ڪي پيءَ، پاڻَ سان
لالي پَسي لالَ جي، جَوهَرُ جيتِيائين
سامي سُڪَ سَنسارَ جا، صَدِقي ڪيتائين
پَتِيو پيتائين، پيئندڙي پاڪُ ٿِيو.

(۹)

سو پَڪو پيارو، پِريمي پَرَميسَرَ ڪي
سامي ڏِنو جَنهِن ساڌَ سَنگِ، اَنيَءِ اُجارو
وَرتي وِڏِ وِيچارَ سان، ياءُ رکي يارو
جيئين ڏُرو تارو، اِستِتِ رَهي آڪاس ۾.

(۱۰)

سو پِريمي پَربِينُ، سو جوڳيسَرُ جڳَ ۾
جَنهن ڪي ڏِنو سَتِگُروءَ، پؤرَنُ پاڪُ يَقِينُ
سامي سُپِيرِيَنِ جي، لِنوَ ۾ رَهي لينُ
جِئين جَلَ ڪون مِينُ، پَلَڪَ پراهون نَہ ٿِئي.

(۱۱)

پِريمي پَسارو، ڪَنِ نَہ ڪَتَر جِيترو
ڏِنو جَنِ اڪِنِ سان، گهرَ ۾ گهرَ وارو
آهي جنهن جي آسري، اوندَهِ اُجارو
مِليو نِيارو، سُتَہَ رَهي سامي چَئي.

(١٣)

پريمي سو پيارو، آهي پَرَميسَرَ کي
ڪَري نـ ڪَتَرَ جيترو، ڏَنبُ اَئون ڏيکارو
لَنگهي چِڙهي لکَ تي، پَوَ ساگَرُ پارو
ڪَنوَلَ جان نِيارو، سامي رَهي سَرير ۾.

(١٤)

دانا ديوانا، پِريمي پِيارا پيءَ کي
لَئِـ ڪَئي جَنِ لکَ ۾، نِرکي سَڀَ نانا
سَدا رَهَنِ سامي چَئي، سَمَ ۾ سَمانا
جِيئَن پَروانا، جَلي جوتِ سَروپَ ٿِيا.

(١٥)

بِرهِنِ رَهَسِي روءِ، ڪُنِي دَرَدَ فِراقَ جي
ڪَڍي پارَ پِرِيَنِ جا، بانيَنُ، بُڌي نـ ڪوءِ
نِتُ چري ٿـو چِتَ کي، پيرُ نـ وِجهي پوءِ
وَهَنُ واٻِي هوءِ، ڪو ڳابو ڪَڍي اَنَ مون.

(١٦)

ڪِميا خوشيءَ جي خُوءِ، پِيئي جَنهِن پِريميءَ کي
مِٽي تَنهن جي مَنَ مون، هارَ، جِيت، هَئِـ هوءِ
سامي لَذائِين ساڌَ سَنگَ، جاڳي پَنهِنجي جوءِ
رَهي روبروءِ، اَٺَ ئِي پَهَرَ عجيبَ سان.

(١٧)

چاتِي جنهن چکي، سامي شَونقَ شَرابَ جي
تنهن ماهِلَ مَحبوبَ جي، لُنوَ لُنوَ لک لکي
پَرِچَنُ پَندَ مَتَي تون، لاهي هيٺ رکي
اُلَٽي اَنتَرَ مُکي، چَڙهيو چيتَنَ چِدَ آکاسَ تي.

(١٨)

جنهِن کي هِڪُ جَرو، مِليو شَونقَ شَرابَ جو
سو ڪايا مايا ڪُلَ کون، پَهُتو پَرِيرو
سامي مِليو سَروپَ سان، تي گاهَڪُ گهرَوَ
ڪوتو اَئون ڪرو، صَدِقي ڪيائِين سڪَ تون.

(١٩)

پِيتو جَنهِن پِياسِي، پِيالو پِريمَ اَگَمَ جو،
سامي تَنهِن کي سَبِ ۾، ڀڳوَتُ هِڪُ ڀاسي،
پَرِچي ڪِيائين پوسَ سان، پَرِچِنتا پاسي،
ڦِري نا ڦاسي، ڦُرنِي جي ڦاهيءَ ۾.

(٢٠)

پِيتو جَنهِن پُلڪي، پِيالو پِريمَ اَگَمَ جو،
ڀڳي تَنهن ڀَرپور تي، مَمِتا جي مَٽِڪي،
سَمَ جاڻي سامي چَئي، پَوري اَئون اِڪي،
جَئِين سونَ تِڪي، هيٺِ مَٽي هِڪجيهڙي.

(٢١)

پڙهي پڙهايو، اکرُ پريمَ اگمَ جو،
سَمُجهي سو سامي چئي، مِنو مَنِ پايو،
جَلَ پَپوتو جَلَ ۾، جَل تِي سَمايو،
نَڪي وَڃي آيو، بِنا پَنهِنجي پانءَ ري.

(٢٢)

پَرِچي جَنهِن پَڙي، پَڻي پريمَ اگمَ جي،
پيءُ ڏِنو تَنهِن جيءَ ۾، ويساسيءَ وَڙي،
سُکي تِيو سامي چَئي، يَحي پَرَمَ گهڙي،
چيتَنَ چِتَ چَڙي، سَيلَ ڪَري سَنسارَ جا.

(٢٣)

پرچِي جنهن پڙِي ، پَنِي پِريمَ اگمَ جي،
پيءُ ڏِنو تنهن جيءَ ۾، ويساسيءَ وَڙي،
سُکي تِيو سامي چَئي، يَحي پَرَمَ گهڙي،
چيتَنَ چِتَ چَڙي ، مَزا ڪَري مَحَبوبَ سان.

(٢٤)

پَرِچي جَنهِن پَڙهي، پَڻي پريمَ اگمَ جي،
سو مَري ڪينَ مَرَمَ ري، راتيون ڏينهن رَڙي،
سَهَجي وِيو سامي چَئي، چيتَنَ چِتَ چَڙي،
يَحِي پَرَمَ گهڙي، اِستِتِ تِيو آڪاس جان.

(٢٥)

پرچي جَنهِن پَڪو، لَڌو پير پرينِ جو،
سو سامي سَدائي رَهي، تِرَتا مَنجھ تَڪو،
صَدِقي ڪَيائين سڪَ تؤن، تَنُ مَنُ سَڀُ تِرڪو،
گنگا گيا مَڪو، پَوي ڪينَ پلَنِ جان.

(٢٦)

پَرچي جَنهِن پيتو، پاڪُ پيالو پريمَ جو،
مِلي تَنهِن مَحبوبَ سان، اَمُلُ جَنَمُ جيتو،
سامي سڪَ اڳِتون، سِرُ صَدِقي ڪِيتو،
هاريو تَنهِن جيتو، جڳَتِيءَ سان جَهانَ ڪون.

(٢٧)

پَرچي پريتِ گُهني، ڪامِلَ ڪَريان ڪَنهِن سان،
جيڪو تُنهِنجي جيءَ ڪي، ويجي يارُ وَٽي،
بانيَنَ نيئي بِلَ سانِ، گُهرِي گُهرِ ڪَٽي،
عاشِقُ مَعشوقُ بَٽِي، سَڀَ ڏئيئي سَمَ سڪَ.

(٢٨)

سَچو شَونقُ ٿِيو، جَنهِن کي پيءَ پَسَڻَ جو،
سامي تَنهِن سنسارَ جو، سَربُ تياڳُ ڪِيو،
مِلي مَرِجيئَنِ سان، پانهِنجيءَ مَنجهِ پِيو،
ويهِي تِتِ وِيو، جِتِ بيحَدِ جو ڏِيئو بَري.

(٢٩)

پِريتِ لَڳي پِيارِي، جَنهِن کي پيءَ پَسَڻَ جي،
تَنهِن کي پيئي ساڏَ سَنگِ، سامي سُڌِ ساري،
تِئي اَڱڻَ ڪَلا سان، اَتِيتُ گهرَ باري،
سَڀَ ۾ سَچاري، مکِ رکِي مَوجان ڪري.

(٣٠)

پِريتِ ڪَيو پَرَوَسِ، سامي تُنهنجي سُپرين،
اَچي اَزَغِئبي نَڳِي، اَندرَ کي آتَسِ،
اَنئي پَهرَ اکِنِ مون، بوندان ڪرن نَ بَسِ،
يا ڏيهُ پَنهِنجو ڏس، يا اچي مِنُ مُنِ سان.

(٣١)

مَحَبوبَنِ مُکيءَ پَتري پِريم پِگِتِ جي،
پَڙهي مَنُ پَرسَنُ ٿيو، چِنتا چاهَ چُڪي،
لَنگهي چَڙهيو لکَ تي، اَوِديا سِنڌُ سُکي،
سامي سَڀَ ڏُکي، کيپَ کَٽي سا گهرَ ۾.

(٣٢)

پِريتوانُ پِياسو، پاسي ٿِئي نَ هِکُ پَلُ،
پَرچي ڪَيائِين پَدَ ۾، وِڌِ سَچيءَ واسو،
سامي وَرِتِي سَرِبَ گَتِ، خالِصُ خُلاصو،
ڏِسي تَماشو، ساکي ٿِي سَنسارَ جو.

(٣٣)

پرِيتوانَ پَرَوَسِ، ڪَڏي تِيَنِ ڪِينڪي،
پاوين ڪو نندِيا ڪَري، پاوين ڪو سابَس،
ماڻِنِ سُکُ سَروپَ جو، ڇَڏي طمع تامَسِ،
هميشہ هِڪَ رَسِ، سامي رَهنِ سُياوَ ۾.

(٣٤)

پريميءَ کون پِريتَمُ، پَلَڪَ پَراهون نَہ ٿِئي،
جَنهِن جي ڪَئي سَتِگُروءَ، ڪولي خاطِرِ جَمُ،
وِڪيائِين ويساهَ سان، جاڳِي سَڀُ جوکَمُ،
جيتي هَلِيو جَنَمُ، سامي ڇَٽِي سَنسارَ مون.

(٣٥)

پريميءَ کون پِريتَمُ، پَلَڪَ پَراهون نَہ ٿِئي،
وارِيو جَنهِن وِجودَ ۾، ديوانِي جان دَمُ،
ڪَنهِن کي سَلِي ڪِينڪي، سامي سُکُ اَگَمُ،
توڙي ڪَري ڪَمُ، تَہ بِہ اِستِرَهِي آڪاسَ جان.

(٣٦)

پريمِنِ جو پَرِتاپُ، نَڪي نَہ لوڪَ پَرلوڪَ ۾،
مِٽيو جَن جي مَنَ مون، اَوِديا جو پُنُ پاپُ،
پَڪِتي ڪَنِ اَپيدُ ٿي، گِنتِيءَ کون اَماپُ،
سامي وَرُ سَراپُ، لَنگهي لالُ گُلالُ ٿِيا.

(٣٧)

پِريمِن جو پَرِتاپُ، لِکي نَہ لوڪَ پَرِلوڪَ ۾،
مِٺيو جَن جي مَنَ مون، پَرِچِنتا پُنُ پاپُ،
پِڳِتِ ڪَنِ پِڳوانَ جي، عينَ اَپِيدُ اَماپُ،
سامي وَرُ سَراپُ، لَنگهي لالُ گُلالُ ٿيا.

(٣٨)

پِريمِن جو پَرِتاپُ، پِرگهٽُ لوڪَ پَرِلوڪَ ۾،
مِٺيو جَن جي مَنَ مون، سامي پَرِچِنُ پاپُ،
پِڳِتِ ڪَرِنِ پِڳوانَ جي، عين اَپيدَ اَماپُ،
وِڌَ ري وَرُ،سَراپُ، ڪَنهِن کي ڏِيَنِ ڪِينَڪي.

(٣٩)

بِنان نِيرَ نَندي، سامي لوڙِي سَنسي مَئِي،
ڪو پريمي لَنگهي پارِ پِيو، قابو ڪَمَرِ بَندي،
رکي نَہ رَتيءَ جيتري، چِتَ ۾ چِگِي مَندي،
جاڳي سُچَ وَسندي، آيا اَنيئہ لعلَ جي.

(٤٠)

پَرِچي جَنهِن پِيتو، پاڪُ پِيالو پريمَ جو،
مِلي تَنهِن .مَحبوبَ سان، جَنَمُ اَمُلُ جِيتو،
سامي سڪَ اَگمَ تان، سِرُ صَدِقي ڪيتو،
کوهي ڪَلِيتو، وِهي نَہ وِچَ بَزارِ ۾.

(۴۱)

پِريمي مُنهن پَٽيو، لِڪي ڇپي ڪينڪي،
خَزانو خوشيءَ جو، لَڌو جنهن لَٽيو،
سَنسو آتَمَ جيءَ جو، سامي ڪٽي سَٽيو،
ڪائي خاصُ ڪَٽيو، سُتَمَ ساڌَ سَنگتِ جو.

(۴۲)

سامي سَجَڻُ سِڪي، ڳولي لَڌو جَنهِن ڳوٺَ ۾،
سَدا ماڻي سارُ سُکُ، سو پِريمي پُلڪي،
وَڃي ڪينَ وِسَرِ جان، طَمَعَ ۾ تِرڪي،
جاڻي سو نَٽِڪي؛ اَندَرِ باهَرِ آتما.

(۴۳)

ماهِلُ مَرِ جيئو، سامي موتِي نَہ مَري،
پاتو پريمَ نَگَرَ ۾، لِڪي جَنهن ليئو،
ڏِسي ڏِسَڻَهارَ کي، تِيو خالصُ ڪيئو،
ڏيئي تَدَ تَڪيئو، سُمِهيو سُکِپَتَ سيجَ تي.

(۴۴)

پِيتو جَنهِن پِني، پاڪُ پيالو پريمَ جو،
سَٽيا تَنهن سَنسار جا، ڇِڪا سَڀِ ڇِني،
سَدا رَهي سامي ڇَٽي، ياڻي مَنجهہ ڀِني،
ويٺِي مُلهِ ڳِني، دِلِ ڏيئي دِلَبَرَ کي.

(۴۵)

جَنهِن پِريميءَ پُرِڏو، عينَ اِشارو اَنيـئي،
سامي خامُ خِيالُ تنهن، سَٿي سَڀُ وِڃو،
جڳَ ۾ جڳَ جَهِڙو تي، هَلي حَليم سِڌو،
مَرِي مُلِ ٻِڏو، پَرَميسَرَ کي پِريتِ سان.

(۴٦)

سامي سَنتَ سِڌو، وَڃَنُ ڇَوَنِ ويساه جو،
ڪوڙن ۾ ڪَنهن هِڪڙي، پَڪ پريميءَ پُرڏو،
سُکُ دُکُ جنهن سَنسارَ جو، سَٿي سَڀُ وِڃو،
مَرِي مُل ٻِڏو، پَرَميسَرَ کي پِريتِ سان.

# نيهي

(١)

نِيهَن بِنان نادانَ، ويدَ پڙهي وادي ٿيا،
بانيَنَ کَنِ بِيائيءَ سان، جَپَ تَپَ دانَ اِشنانَ،
نيهي نارائِڻَ ري، ٻي سُڌِ رکَنِ ڪانَ،
رَهَنِ مَنجِهِ جَهانَ، نِرپکَ نِيارا نَيَ جان.

(٢)

نِيهَن بِنان نادانَ، ويدَ پڙهي وادي ٿيا،
پَرتک ڏِسَنِ نہ پيءَ کي، اَنڌا ڪن اُنمانَ،
اِستِتِ ٿيا اَندرَ ۾، ڪي نيهي نِرباڻَ،
رَهَنِ مَنجِهِ جَهانَ، سامي اَليپُ آڪاسَ جان.

(٣)

پَلَڪَ نَہ ٽِڪي پَري، نيهي نارائِڻَ ڪون،
مَنَ ۾ چَندرَ چَڪورَ جان، دَرِسَنَ ڏِيانُ ڌري،
پَنوَرُ رَهي نہ واسَ ري، جَلَ ري مِينَ مَري،
سامي تڏي ٺَري، جَڏي پَوي بوندَ پپِيهہ کي.

(۴)

ويٺا ڏيانُ ڏَري، نيهي نارائِڻَ جو،
سو نارائِڻ نيهين ڪون، پَلَڪَ نَ ٽِئي پَري،
اوتِ پوتِ ايڊُ ٽي، ڏِسَنِ نينَ ڀَري،
ٻِنان ڪَلپَ ڪَري، سامي ڳالهِ سپَتِ سان.

(۵)

ويٺو نِهاري، نارايَڻُ نيهن ڏي،
ديورا ڦِري، جڳَ ڪَري، ڳايون نِتُ چاري،
تيلُ مَلي مَندَرَ ڪي، هُندِيون سَڪاري،
سامي سنياري، سيوا ڪري سيوَڪُ ٿي.

(٦)

پَلِ پَلِ پُڪاري، نيهي نينَ ڀَري ڪَري،
آءُ منهنجا سپِرِين، ويهُ نَ وساري،
تُنهِنجي عِشقَ اَلَڪُ ڪيو، لائي لِنوَ لاري،
مُئن کي ماري، ميلو ڪندين ڪَنِ سان؟

(۷)

نماڻو نيهي، نِتُ دانهون ڪري دَردَ سان،
تُنهِنجي سِڪَ سوڳهو ڪيو، تَڙَقي دِلِ ديهي،
بِرڌُ سُڃاڻي پانهنجو، آءُ پِرين پيهي،
سامي چئي ويهي، ڪريون مُنهن مُقابل ڳالهيون.

(٨)

پنهنجو ڪِيتو پاڻَ، مورک پائِنِ مَتِ ري،
ٻَٽي ٻَٽِ ڪَلا سان، پَسون پِرِيتَ پڪاڻ،
سامي وينا سَمَ تي، ڪي نيهي نِرٻاڻ،
جَنِ کي پرِيتِ پَڇاڻ، ستگر ڏني سَروپ جي.

(٩)

پنهنجو ڪِيتو پاڻَ، مورک پائِنِ مَتِ ري،
ڏانورَ جان ديهِ ۾، تاڻي ڦاسَنِ تاڻَ،
سامي چڙهيا سيرَ تي، ڪي نيهي نِرِٻاڻَ،
جَنِ کي پريتِ پَڇاڻ، ستگر ڏني سَروپَ جي.

(١٠)

پِلَنِ ڪون پَرَمُ، مِٽي ڪِينَ مَرَڻَ جو،
مَيحي وينا پاڻَ کي، رَتُ پُنِـڻ هَڏا چَمُ،
ڪنو نيهي نِرِيَـڻ رَهي، سامي سَمَ سوڪَمُ،
جَنهِن کي خاطِرِ جَمُ، ڪَئي سَمُجهاڻي سَتِگُروءَ.

(١١)

پرچِي جيئن پَتَنگَ، جَلي مُئا جوتِ ۾،
تِئَن دوستيءَ جي دُورَ ۾، نيهي پيا نسنگَ،
لائي لالُ گُلالُ تيا، رَهَتِ سَچيءَ جا رَنگَ،
سَهَنُ سيلُ سَبَنگَ، سامي ڪَيا سَتِگُروءَ.

(١٢)

دوست دروازو، پٽي ڇڏيو پريمَ جو،
پيهي اَچي ڪو پاڻهين، نيهي نِواجو،
جَنهن ڪي ڪَيو سَتِگُروءَ، اَتَـڪَ ڪون آجو،
پِرٻي ٻِراجو، سامي سکپت سيجَ تي.

(١٣)

پاپي پاپن ساڻُ، پوڳِن پوڳَ نرڪ جا،
پُڃي سکَ سُرڳ جا، پائي ڪَنِ پَرِماڻُ،
ٻِنهين جي ٻنڌن کون، نيهي ٿيا نرٻاڻُ،
پاڻ وَرائي پاڻ، سامي جاڻَن سَروَ گتِ.

(١٤)

گُرَ گمَ جَنهِن لايو، نِيهُن نِرَنجَنَ ديوَ سان،
سامي لَڌو سُکُ تَنهِن، نَـهيو نـهايو،
جاڳِي وِچايو، اَوِديا ڀَرَمَ اَندرَ مون.

(١٥)

جتي حَبيبَ هُتَنِ، ناوَڪ پِري نِينهَن جي،
وَنِي نَنهَن چوٽيءَ کون، سامي مَٿي نَٿَنِ،
ڳِٽيءَ ليکي کون پَري، لُنوَ لُنوَ چاڪَ ڇِڪَنِ،
تاتي طِبيبَنِ، ڦَڪيون سڀ ڦَٽيون ڪيون.

(١٦)

تو بِنُ رَهي ڪيئن، بِرَهَنِ عَشقَ لَبيتي،
تَنُ مَنُ ڏَنُ پُلائي، ڏِنو تُنهِنجي نِيهن،
سِڪَندي ٽِئڙا ڏينهَن، آءُ دَيا رکُ دِلِ ۾.

(١٧)

نِيوَن نِهوڙي، جَنهِن کي عِشقَ عَجيبَ جي،
سو ويٺو دَرسَ درياهَ ۾، ٻيائي سڀ ٻوڙي،
سامي مُنهن موڙي، ڪَنهِن ڏي ڏِسي ڪِينَڪي.

(١٨)

جي تون پُهتينءَ پار پرين کي، تہ خبر ڏي ڪَري،
نيئي نِياپو نِيهن جو، وَهلو آڻ وري،
چيتو ڪَرِ چري، متا ڏِڪي ڪنِي ڏاريو.

(١٩)

جَڏها نڪُو جانِبَ سين، ٿيو نينهن لَڳِي نِروارُ،
وِسري وِيو ڪِينَڪي، تڏهانڪُو تَڪرارُ،
ياد اَسان کي يارُ، اَسين بہ يادِ ڪيون ٿا يار کي.

(٢٠)

جَنهِن کي نِيهَن نَرَمُ، موڙي ڪِيو مَرَمَ سان،
مِٺيو تَنهِن جي مَنَ مون، پولائو پَرَمُ،
لَيءِ ڏِٺائين لکَ ۾، سامي سَڀُ عالَمُ،
دوسَ وَرائِي دَمُ، خالي ڪَٿي ڪونَڪو.

جَنهِن ڏي نِهاري، نيهي نينڻَ پَري ڪَري،
تَنهِن کي پِيالو پريمَ جو، پورَنُ پِياري،
ڪَري مَست مَيا سان، اَچرَجُ ڏيکاري،
بانيَنڻُ چئي باري، ڏيو رکي ڏِيل ۾.

(٢٢)

نيهيءَ ڪيو نِروارُ، سامي سَتِ اَسَتِ جو،
ڪَٽي تنهن ڪلپنا، ڏنو ڏسڻهارُ،
اُپجي نِپَجي لِينُ ٿي، جَنهِن ۾ سَڀُ سنسارُ،
سدا رهي گُلزارُ، نِماڻو نِرباڻ ۾.

(٢٣)

نيهيءَ ڪَيو نِياءُ، ويهي وِڌ سَچيءَ سان،
تَنهِن کي سَتِ اَسَتِ جو، سچو پيو سماءُ،
وينو اَنيَئي تَختَ تي، ميٽي دُنيا ڀاءُ،
ڄاڻي دلبر داءُ، سامي ماڻي سانتِ سکُ.

(٢٤)

ناگَنْ ڪين نوايو ناٿ ·نِوايو نينهَن،
اصَلُ اَوڏتَن کي، مَڙهيءَ اُنا مِينهَن،
ڪن جاڳندي ڏينهَن، ڪِنِ کي پَلڪَ ۾ پَرچو ٿيو.

(٢٥)

نِروڪَلَپُ نيهي، پاڪُ رَهي پُڄ پاپ کون،
پَرَتڪِ پورَنُ آتما، پَسِيو جَنهِن پيهي،
سامي ماڻي سانتِ سُکُ، وِڌِ سَچيءَ ويهي،
مانُکا ديهي، سَتُلُ ڪَيائين ساڌَ سَنگِ.

(٢٦)

نيهيءَ جي نگاهَ، ڪنهن ۾ بِنُڌي ڪِينَڪي،
جَنهِن کي لالُ گُلالُ ڪَيو، سِڪَ سَمُجَهه ويساهَ،
وينو اَنيئه تَخت تي، ميٽي چنتا چاهَ،
ساڌَ سَنگتِ جي راهَ، سامي رکِي سِرَ تي.

(٢٧)

نيهي نِرڌارُ، ڪوڙِن ۾ ڪو هِڪڙو،
جاڳي جَنهِن سَهي ڪيو، سُپِنَ جو سَنسارُ،
ڪَري اُپديسُ اَنيئي، عَينُ ڌِسي اَڌڪارُ،
سدائي گُلزارُ، سامي رهي سياوَ ۾.

(٢٨)

نيهي نِراسو، رکي نَ آسَ اَندَر ۾،
پرچي ڪيو جَنهِن پَدَ ۾، وِڌِ سَچيءَ واسو،
ماڻي سُکُ سَروپَ جو، خالِصُ خُلاصو،
جيئين پيو پَتاسو، ساگر ۾ سامي چئي.

(٢٩)

نيهي نِراسو، رَکي نَ آسَ اَندَر ۾،
ڪَيو جنهِن ڪِرپا سان، پَرچِنِ ڪون پاسو،
سُتهِ ٿِيو سامي چئي، خِلوَتي خاصو،
ڏسي تَماسو، ساکِي ٿِي سنسار جو.

(٣٠)

نيهي نِراسو، آسَ نَ رکي ڪَنهِن جيءَ،
رَهي چَندَر چَڪورَ جان، دَرِسَنَ جو پياسو،
ڪِيائين چَرَنَ ڪَمَلَ ۾، وِڌِ سَچيءَ واسو،
ڪيئن ڪَري پاسو، سامي تَنهِن ڪان سپرين.

(٣١)

نيهي رَهَنِ نِراسُ، سدائين سَنسارَ ۾،
ڪَيائون ڪَلپَ ڪَدي ڪَري، تَنَنَ مَنجهِ نواسُ،
پورَنُ ڏِسَنِ پِريمَ سان، چيتَنُ چِد آڪاسُ،
جَنهن ۾ پِريمَ پِرڪاسُ، سامي رَهي سَروپَ جو.

(٣٢)

نِروِڪَلپُ نيهي، ڪوڙَنِ ۾ ڪو هِڪِڙو،
جَنهن ڏِلو پانهنجي پاڻَ کي، پَلڪَنِ منجه پيهي،
جاڳي ڪِديائين جيءَ مون، سَنسا سيئي،
بانيَڻَ بديهي، رَهي سدائين ديهِ ۾.

(٣٣)

نِرَوِڪَلَپُ نيهي، ڪوڙِن ۾ ڪو هِڪِڙو،
جَنهِن سُتَہَ سَروپُ صحيحُ ڪيو، گُرگَمُ گُهرِ پيهي،
پَلِ پَلِ پيئي پريمَ رَس، وِدمانُ ويهي،
ٻانيَنَ بديهي، رهي دعويٰ ري ديهِ ۾.

(٣٤)

نِروِڪَلَپُ نيهي، سَمُجهي سَمَ سِيتلُ ٿيا،
دَرِ دَرِ ديوانَنِ جان، پُڇَنِ نہ پيهي،
دَمِ دَمِ ڏِسَنِ دوسَ کي، وِدمانُ ويهي،
ٻانيَنَ بديهي، دعويٰ رکن نہ ديهِ سان.

(٣٥)

نيهي نَرُ نِهَڪامُ، ڪوڙِنِ ۾ ڪو هِڪِڙو،
ڪَٿي جَنهِن گُرگِيات سان، طَمَع سَڀَ تَمامُ،
اَندَرِ ٻاهَرِ نَيَ جان، ڏِسي رَمِتا رامُ،
سُرگَ جَهڙو ڏامُ، سامي جاڻي سُپَنو.

(٣٦)

نيهي نينَ پَري، جَنهِن ڏي جُڙِيي جانِ ڏِسيَ،
سَهَجي ٿِئي سامي چَئي، تَنهِن جو پَٽُ پَري،
جيئَين پِرنگيءَ ڪِيٽَ کي، پَلِٽي پِرنگُ ڪري،
ٻيائيءَ ٻِنان ٻَري، ڏِيئو ڏِيئي سان مِلي.

(٣٧)

نيهي نانا ٻانتِ، ڀڳت ڪَرِن ڀڳوانَ جي،
وِرلي ڪنهن وَرِيامَ کي، سامي آئي سانتِ،
مِلي جَنهِن مَحبوبَ سان، ميٺي مَنَ جي ڀرانت،
اُتان مجھ ايڪانتِ، رَهي رَهَتِ سچيءَ سان.

(٣٨)

نيهي نِماڻو، ماڻُ نَہ رکي مَنَ ۾،
سيوا ساڌُنِ جي ڪَري، پَرچي پَرماڻو،
سَدا رهي سامي چئَي، وِڌ سان وِڪاڻو،
ڀڳوتَ جو ڀاڻو، مَني وينو سَڀَ ۾.

(٣٩)

نيهي نِر اَيمانُ، سچن تُنهنجي سِڪَ ڪيو،
ڇَڏي خامَ خيالَ کي، ڌَري وينو ڌِيانُ،
جاڻي بيحد بانورو، سامي سڀُ جهانُ،
گهري درسَنَ دانُ، آتُرُ ٿي اَدَبَ سان.

(٤٠)

نيهي نينَ ڀَري، روئي رَتُ اکِن مون،
پُڇي پانڌيڙُنِ کون، سُڌِڪي سَڌَ ڪري،
سِڪَ تَہ تُنهنجي سِپرين، هردم هَڏَ گهري،
سگهي نہ ڌيرَ ڌَري، سُتَتُ مِلُ سامي چئي.

(٤١)

نيهي نِماڻو، ماڻُ ڇڏي ماهِل ٿيو،
رَهي ساڌَ سَنگَتِ ۾، وِڌِ سان وِڪاڻو،
پَرچي لڏائين پانهنجو، پريتَمُ پُراڻو،
پَڳِوَتَ جو ٻاڻو، سامي رکيائين سِرَ تي.

(٤٢)

نيهي نِماڻو، ماڻُ ڇڏي مَستانُ ٿيو،
جَنهِن کي اَزغيبي ڏِنو، عشقَ اوراڻو،
مَنيائين مسشتاقُ ٿي، ڀَڳِوَتَ جو ٻاڻو،
رَهي وِڪاڻو، سامي ساڌَ سَنگَتِ ۾.

(٤٣)

نيهي نِماڻو، ماڻُ نَہ رکي مَنَ ۾،
جاڻِي جوتُ جَڳَتَ کي، سُنِ ۾ سَماڻو،
پرچي لڏائين پانهنجو، پريتَمُ پُراڻو،
رَهي وِڪاڻو، سَدا ساڌَ سَنگَتِ ۾.

(٤٤)

نيهي نِماڻا، رُئَنِ رَتُ اَکنِ مون،
پَسَنَ ڪاڻِ پِرِيَنِ جي، ڀِهريائون ٻاڻا،
اَنَ نَ ٿي پَهَرَ اَندَرَ ۾، اورنِ اوراڻا،
سامي سَماڻا، رَهَنِ سَدائي سِڪَ ۾.

(۴۵)

اِيهو دانُ گُهري، نيهي نارائڻ کون،
تو بِنَ ترَ جيترو، پيو ڦُرِٽو کون ڦُري،
سَدا مَنُ سامي چَئي، وَسي پريم پُري،
نِرمَلُ تورَ ٿُري، عادي عاشقن جي.

(۴٦)

نيهي نہِ کَرَمَ، کَرَمُ کَنِ ڪَلپِتَ ري،
نَکي مايا موهِيا، نَکي جُوهِيا جَمَ،
بولِنِ بُنڌَنِ بِيائيءَ ري، اَنيَہِ واکَ اَگمَ،
سامي ڏِسَنِ سَمَ، اَندرِ باهَرِ آتما.

(۴۷)

روئي پيِڙو ڳَلِ، نيهي نارائڻ جي،
پنهنجِي سگهي ڪينَکي، سامي پنهنجي ٻَلِ،
ديکِيا داتِ گُروءَ جي، پي پاپڻِ کي جَهلِ،
اَچي جلدي سَلِ، نہَ تہ ڏِيون ٿا دَمُ درد مِ.

(۴۸)

روئِي ڳَلِ پيو، نيهي نارائڻ جي،
ڏسِي چَلُ مايا جو، ياري يَوُ ٿيو،
سهجي رَمز سَهي ڪري، ساميءَ سَرڻ پِيو،
وَلِي تِتِ وِيو، جِتي تون مان ناهِ ڪا.

(۴۹)

روئي پيڙا ڳلِ، نيهي نارائڻَ جي،
پنهنجي سگهن نہ پَدَ ۾، ٻانيڻَ پنهنجي ٻلِ،
جان پاپڻِ کي پَلِ، جان اَچي مِلُ مُئنِ سان.

(۵۰)

روئي پيڙا ڳلِ، نيهي نارائڻَ جي،
مُئنِ کي مايا جي، ڇلَ وَل سان نہ ڇلِ.
ڏوري پائي ڏيلِ جي، وَهَ وَهندَنِ کي جهل،
ٻانيڻَ پنهنجي ٻلِ، پُهچي سگهن نہ پَدَ ۾.

(۵۱)

لَتِڪي سانڻ لُتي، ساه ڪٽي ويو سپرين،
اَنبُي پِهرَ اکِنِ مون، پاڻي ڪِينَ ڪتي،
هي ءَداسي ڪيئن ڇتي، سامي خاصِ خيالَ مون.

(۵۲)

روئي پيئي هَڏِ، نيهن نِماڻي ناتَ جي،
بِردُ سُجاڻي پانهنجو، نيڻ نيڻن سان ڳنڍِ،
سامي ڇَئي نہ ڇَڏِ، لوڙهي لوڀَ لَهرِ ۾.

(٥٣)

روئي پيڙي هَڏِ، نيهَن نِماڻي ناتَ جي،
بِرِدُ سُجاڻي پانهنجو، نينَ نيڻَنِ سان گڏِ،
پائي پاندُ ڳچيءَ ۾، مان آيَسِ تُنهنجي اَڏِ،
سامي جلدي سَڏِ، نَتَ ڏيندَس دَمُ درد ۾.

(٥٤)

رکيو جنهن ناتو، سامي سُپيرينِ سان،
سو چڙهي چيتن چِتَ تي، رَهي مَتَ ماتو،
گهڻَ گهڻَ سُڃاتو، پَرچي پَنهنجي پيءَ کي.

(٥٥)

سَنْڪو پائي ڦَلُ، ٻيجي ٻيج پَلو ٻرو،
رهي اَليپُ آڪاسَ جان، ڪو نيهي نِرمَلُ،
سامي ڪيو جنهن ساڌَ سَنگ، موڙي مَنُ اَچَلُ،
پاسي تِئي نَ پَلُ، سُتَهه سِڌِ سَروپَ ڪان.

(٥٦)

گِرِسِي گِراسِي، سَڀَ کي مايا موهِيُ،
ڪنهن ڪون تِئي ڪِينَڪي، پَلُ پاپِڻِ پاسي،
ڪَيُسِ گُمُ گِياتِ سان، ڪنهن نيهيءَ نِراسي،
هردمُ هِڪُ ياسي، جَنِهن کي اَندر آتما.

(٥٧)

اوديا آوَرَڻُ، ڏِنو ساري ڏيهَ کي،
اَلَتيِ ڏِنو اڪِنِ سان، ڪَنهِن نيهيءَ نارايَڻُ،
جَنهِن کي ڪَيو سَتِگُروءَ، ڪرپا سان ڪامَڻُ،
خالي رَهي نـَ ڪَنُ، سامي سڪپت سيجَ تي.

(٥٨)

ڪري نانا چَلَ، مايا موهي سڀ کي،
ڪَنهِن کي چِڏي ڪينَڪي، خالي بِنان خَلَلَ،
کي نيهي وِيسَ نِڪري، نِراسا نِرمَلَ،
جَن کي سَمُجه سَبَلَ، سامي ڏِني سَتِگُروءَ.

(٥٩)

اَنيئـِ پَدُ اونهون، سَنتَ لکائِنِ سَڀَ کي،
آهي جَنهِن جي آسري، جڳُ گونا گونو،
سَمُجهي ڪو سامي چَئي، نيهي نَمونو،
جَئِن ڪند جو ڪيلونو، خالي رَهي نـَ ڪَندُ ري.

(٦٠)

ڪَرمُ اُپاسِنا گيانُ، تيئي ڪانڊَ ڪَڍِنَ جا،
سَمجهي ڪو سامي چَئي، نيهي نِرَ اَيمانُ،
ڪَيو جنهن ڪرپا سان، اَنيئـِ اَمرت پانُ،
جاڳي سَڀُ جَهانُ، لَئِـ ڏِنائين لکَ ۾.

(٦١)

ڪري هَٺُ هَٿِي، ڪوهِ نہَ مانڪ ڏيهه ڪيٖ،
ڪيٿَپَ ڪٿي وِيا ٻريٽوانَ، نيهي واٽَ وَلي،
ڪَسَوتي ڪامل جِي، سامي جن سَٺي،
ڪَلپَتَ پِندَ پَٺِي، سَٺي مِليا سروپَ سان.

(٦٢)

ڪوڙو ويسُ وڳو، گُرگَمَ ڪيو ڪونَڪو،
سَهَجي سُپيرِيَنُ سان، اَچي نيهُن لڳو،
ڇُٽو جيءُ جَنجال ڪون، وِڪٽي ڏورُ ڏڳو،
اُٿي پَرَمُ پڳو، سامي گهر مون اَڻ پڇو.

# نيھي (ب)

(١)

ڪيڏي وَڏائي، ڳَٺيان نيھي پُرِڪَ جي،
جَنھِن سامي مِلي ساڌَ سَنگ، مَمَتَ مِٽائي،
سُمھيو سَمَتا سيجَ تي، وِڃائي وائي،
سَمَ تي سَدائي، ماڻي دَورَ دَرس جِي.

(٢)

سو نيھي نِرمَلُ، سو اَوڌوتي اَڳرو،
ڪَيو جَنھِن گُرگياتِ سان، پُرِڪارَٿُ پَربَلُ،
سُکي ٿِيو سامي چَئي، پائي پَدُ اَچَلُ،
جِئين جَلِ ڪَنوَلُ، تِئين رَھي وِديھي ديھَہ ۾.

(٣)

لِنوَ وارو ڪينَ لِڪي، سورِجَ جان سَنسارَ ۾،
سامي جَنھِن کي سَتگُرو، ڦَلَ مون ڪَڍِي ڇِڪي،
اَلَٽي پَھرَ اَنيٺي، مُنھَن مون مَنِ چِڪي،
پائي سُکُ سِڪي، پَلپَلِ ڪارَڻِ پِيءَ جي.

(۴)

نيهي ڏِسي نورُ، پاڪُ ٿيا پَرپَنج ڪون،
باقي رَهِيَنِ ڪونَڪو، ڪَرِٺو جَتَنُ جرورُ،
سَدا رَهَنِ سامي چَئي، پيدَ بِنان ڀَرپورُ،
مُلڪَنِ ۾ مَشهورُ، ويدَ چَونِ وا ڪا ڪَري.

(۵)

نيهي نِرمَلا، مَئِلُ نَ رڪَنِ مَنَ ۾،
سَمُجهي جَنِ سامي چَئي، گهَرِي گيانَ ڪَلا،
جاڳي ڏِنائون جَڳَ کي، ليکي اُتي لَلا،
بُرا اَئون ڀَلا، جائِنِ ڪَرمَ ڪَلپَ جا.

(٦)

بيحَدَ لِنوَ باريڪَ، آهي عَشقَ اَگمَ جي،
سامي لائِي ڪَنهن سورَمي، لَنگهي لوڪان ليڪَ،
جَنهِن کي ڏِني سَتِگُروءَ، تَرَ تيبَرَ توفيقَ،
نَئنِ کون نَجيڪَ، سُتَهِ ڏِسي سَمَ سُپِرين.

(٧)

لِنوَ جو لَنگوٽو، پاتو جَنهِن پَرَتيت سان،
سامي ڪَنيون تَنهن ساڌَ سَنگِ، سَمتا جو سوٽو،
سوکَمُ ڪَيائين سُرتِ کي، ماري مَنُ موٽو،
جَل جو پَپوٽو، جُدا نَ جاٽي جَلَ کون.

(٨)

لِنوَ جي لَنگوٽي، پاتي جَنهن پَرِتيت سان،
تَنهن هَنئِين ڪَلِپَ ڪُٽيءَ ڪي، سامي سَمَ سوٽي،
ڳاوَندو وَتي ڳوٺَ ۾، جَهنگِلو جَنجهوٽي،
لُٽي نِتَ لوٽِي، اَنيَـٰ جي آنَندَ جي.

(٩)

لِنوَ جي لَنگوٽي، پاتي جَنهِن پَرِتيت سان،
تَنهن هَنئِين ڪَلِپَ ڪُٽيءَ ڪي، سامي سَمَ سوٽي،
ڪائي ڪارائِي خوشِ ٿئي، رَسَ پِرِي روٽي،
اَچي نَـ موٽي، گَرَبَ جُونِ جي غارَ ۾.

(١٠)

لِنوَ جي لنگوٽي، پَهرِي جَنهِن پَرِتيت سان،
تَنهن هَنئِين ڪَلِپَ ڪُٽيءَ ڪي، سامي سَمَ سوٽي،
ڪائي نِتَ نِرِبانُ ٿي، رَهَتِ جي روٽي،
اچي نَـ موٽي، جَنَمَ مَرَڻَ جي دُڪَ ۾.

(١١)

لِنوَ جي لَنگوٽي، پاتي جَنهِن پَرِتيت سان،
سَمُجهي تَنهِن سامي چَئي، ڦارَڪَ ڦِروٽي،
ڪَڍِيائين ڪَلِپَ ڪُٽيءَ ڪي، هَٽي سَمَ سوٽي،
اَچي نَـ موٽي، گَرَبَ جونِ جي کَپَ ۾.

(۱۲)

لِنوَ جي لَنگوٽي، ٻَڌي جَنهِين يَقِينَ سان،
تَنهِن ڪَڍيو ڪَلپَ ڪُتيءَ کي، ماري سَمَ سوٽِي،
ڳاوَندو وَتي ڳوٺ ۾، جَهنگلو جَهِنجوٽي،
لُٽِي نِتُ لوٽِي، اَنيَڏِ جي آنَندَ جِي.

(۱۳)

نيهِنِ جو نَگَرُ، ڪامِلَ آهي ڪَهڙو،
پَرِيو ياوَ پيڳَتِ سان، سِيتَلُ سَهَج سُيَرُ،
پُڇي ڏِسُ تَنِين کون، جَنِ گهرو ڪَيو گُذَرُ،
سَدا باغُ بَهَرُ، سامي رَهَنِ سُياوَ ۾.

(۱۴)

نيهِنِ جو نِيشانُ، سُڄَ وَسَنوَ جي وِچَ ۾،
ويٺا هَٿَنِ وِڌِ سان، نِتُ ڪَمانو ڪانُ،
سَمُجهِي سگهي ڪونَڪو، اِشارو اَجانُ،
سامي سَڀِ حيرانُ، سِياڻا پَندِتَ پارِکو.

(۱۵)

ڪَنهِن کي پوي نَ ڪَلَ، اُٿهوندي آڙاهَ جي،
لُڙي لَهَوارا ٿِيا، سور وِيرَ سَبَلَ،
لَنگهي چَڙِهيا لَڪ تي، ڪي نيهي نِرمَلَ،
اَٿَئي پَهَرَ اَچَلَ، سامي رَهَنِ سُياوَ ۾.

(١٦)

آهي اوکيرِي، پائِنُ پورَنُ پَڏَوي،
ساکَ ڏِئي سامي چئي، نيهي نِروِڙي،
ماري ڪَيو جَنهِن مَنَ کي، يَسَمَ جي ڍيري،
اَوِديا اَنڌيري، لَنگهي چڙهيا لکَ تي.

(١٧)

جانيءَ ڪَيو زَخَمُ، نيزو هَڻي نِينهَن جو،
ڪائي تَنهِن خلاصُ ڪَيو، هَڏُ، ماسُ، رَتُ، چَمُ،
نَظَرِ اَچي ڪونـ ڪو، بِنان موتَ مَلَمُ،
سامي سَڀُ شَرَمُ، آهي ڳَلِ اُنهيءَ جي.

(١٨)

نيهي نهاري، ڏَهَ دِسِ پانهنجي دوس کي،
روئِي رَتُ اکِيُنِ مون، سَڏِي سُڏِڪاري،
تُنهنجي بِرهَ يَسَمُ ڪئو، جيءُ جُسو جاري،
ويهُ نـ وِساري، سُتَتُ مِلُ سامي چئي

(١٩)

نيهي نَظَرَ پاڪَ، رُئِنِ رَتُ اکِن مون،
دانهَن ڪَنِ دَرَدَ سان، ڦَٽيا عَشِقَ فِراقَ،
ڏِيَنِ سَنيها سَڀَ کي، سامي چئي بي باڪَ،
سُتَتُ پَرِچِي پاڪَ، اَچي مِلُ مُئِنِ سان،

(٢٠)

نيهي نِتُ مَري، پَسَڻَ ڪارَڻِ پِرينِ جي،
روئي رَتُ اکِينِ مون، سُڏڪي سَڏَ ڪَري،
اَنَ ئي پَهَرَ اَندرَ ۾، مَحَبَتَ مَچُ ٻَري،
سامي تَڏِي ٺَري، جَڏِي پَسي ميگهہ مِهر جو.

(٢١)

نيهي نِماڻو، تِرَ ماڻُ نَہ رکي مَنَ ۾،
جَنهِن کي سَنگُ ساڌوءَ جو، پَليءَ پَتِ پاڻو،
پَرِچِي لَڌائين پانهِنجو، پريتَمُ پُراڻو،
سامي پيٺو تاڻو، آهي جَنهِن جي آسِري.

(٢٢)

نيهي نِماڻو، روئي رَتُ اکِنِ مون،
سَڄَڻُ تُنهنجي سِڪَ ڪَيو، سُڪائي ساڻو،
سامي سَدائي رَهي، وَسَ ري وِڪاڻو،
پَرِچِي ڪَرِ پاڻو، اَچِي مِهَرَ مُنِ تي.

(٢٣)

نيهي نِرَ اِيمانُ، ڪَري ڪانَ ڪَلَپنا،
ڏِٺو جَنهِن اکِنِ سان، اُلَٽِي اَنيَہ پانُ،
آهي جَنهِن جي آسِري، سُنَ سَماڌِ اُٿانُ،
سَدائي نِرِبانُ، سامي رَهي سُپاوَ ۾.

(٢٤)

نيهي نِماڻو، ماڻُ نَہ رکي مَنَ ۾،
سيوا ساڌَنِ جي ڪَري، پَرِچي سَڀِ پاڻو،
سُدا رَهي سامي چَئي، وِڌِ سان وِڪاڻو،
پِرِيتَمُ پُراڻو، لَهي لالُ گُلالُ ٿيو.

(٢٥)

نيهي نِرَ اِڇَتُ، ڪوڙَنِ ۾ ڪو هِڪِڙو،
جَنهِن جاڳي واريو جَمَ جو، ڪِلي ڪاتو ڪتُ،
اَندَرِ باهَرِ نَيَ جان، ڏِسي اَنيئِہ تَتُ،
جاڻي سَڀُ جڳَتُ، سپَنُ وَتِ سامي چَئي.

(٢٦)

نيهي نِرَ اَيِمانُ، ڪوڙَنِ ۾ ڪو هِڪِڙو،
مِلي جَنهِن مَحَبوبَ سان، ڪَيو اَمِرتُ پانُ،
سُکي ٿِيو سامي چَئي، پائي پَدُ نِربانُ،
جاڻي سَڀُ جَهانُ، آهي هِڪَ اَلاهَ جي.

(٢٧)

نيهي نِرَبَندَنُ، ڪَنهِن کي بَندي ڪينَڪي،
پاتو جَنهِن پَرتيتِ سان، گهَرو گيانَ اَنجَنُ،
سامي ڏِسي سَربَ گتِ، پَرَميسَرُ پورَنُ،
عينَ اَپيدَ پَجَنُ، لُنوَ لُنوَ ڪري لالُ ٿي.

(٢٨)

نيهي نِراسو، پَلپَلِ پِيئي پِريمَ
پَرِچي ڪَيو جَنهن پَدَ ۾، وِڌِ سَچيءَ و
سامي ڪيلِي سَرِبَ گَتِ، خالِصُ خُلا
ڏِسي تَماسو، ساڪي تِنَ سَنسارَ

(٢٩)

نيهي نِرَهَنڪارُ، ڪوڙِنِ ۾ ڪو هِڪِڙ
جَنهِن ڪي ڏِني سَتِگُروءَ، اَنيَنِ مَتِ اَپ
سامي سَدائي رَهي، بَٽيءَ تي هَسِوا
سُپَني جو سَنسارُ، لَئِ ڏِنائِين لڪَ ۾

(٣٠)

نيهي نِرآڌارُ، ڪَري ڪانَ ڪَلپنا
ڏِنو جَنهِن ڏيهيءَ ۾، دوسِتَ جو دِيدارُ
پِيئي پِٽاري پِريمَ رَسُ، سُندَرُ، سِيتَلُ، سارُ
بَٽيءَ تي هَسِوارُ، سَدا رَهي سامي چَئي.

(٣١)

نيهي تِيا نِرمَلَ، دَرِسَنُ پَسي دوسَ جو،
جَنِ ڪي آئي ساڌَ سَنگ، اَنيَنِي اَنڪَلَ،
پُني ڏيئي پانَ ڪي، ڪَٽَنِ ڪينَ ڪَلَلَ،
اَٽَي پَهَرَ اَچَلَ، سامي رَهَنِ سُياوَ ۾.

(٣٢)

نيهي سَيئِ نِهالُ، رَهَنِ پانهنجي پاڻَ ۾،
جَنِ کي ڏسي سَتِگُروءَ، سامي رَهَتِ رَسالُ،
وِيٺا اَنيئِ تَخَتَ تي، ڪَٽي ڪَلِهَتَ ڪالُ،
جاڏي ڪَنِ خِيالُ، تاڏي سَچَڻُ سامهون.

(٣٣)

نيهي نِواجِيا، لِڪِنِ چِپَنِ ڪِينَڪي،
سامي ڪَيا سَتِگُروءَ، طَلَبَ سان تاجا،
رَهَنِ مايا موهَ جي، اَنڪَ ڪون آجا،
رَسِي تِيا راجا، بيحَدَ بيگم پُرِ جا.

(٣٤)

چِلي ڪونه چَوَڻُ، پِرتِ جوڳيءَ ري پَرِسپَرِ،
ساکَ ڏِئي سامي سَچِي، نيهي نِراسُ نِپَڻُ،
مِٺيو جَنهِن جي مَنَ مون، پولائو پَوَڻُ،
پائي پِيءُ پورَڻُ، ماڻي مَوجَ مُڪتِ جي.

(٣٥)

چَرِچا ڪِينَ چَلي، پِرتِ جوڳيءَ ري پَرِسپَرِ،
سامي ڳالهِ سَهي ڪَئي، ڪَنهِن نيهيءَ نِرمَلي،
رکيائين رَهَتِ سان، پنهنجو پاڻُ پَلي،
بِنان هَٿَ هَلي، جَهِڙي سان تِهَڙو ٿِي.

(٣٦)

گهِريءَ گتِ گوپالَ، مُرلي وَڄائي مَڏَ پري،
سازَ وڳا سُرَ سارَ جا، سَيَئي راڳَ رَسالَ،
ٻُڌي ٻنِ ڪَنَنِ سان، نيهي ٿيا نهالَ،
سدا لالَ گُلالَ، سامي رَهنِ سياوَ ۾.

(٣٧)

گوپيون گئُو گُوارَ، موهِيا مُرِليءَ ڌُنِ ۾،
ٻُڌِي ٻنِ ڪَنَنِ سان، نيهي ٿيا نِرا آڌارَ،
پورَنِ ڄاڻي پيءَ کي، ماڻُنِ موجَ سَچارَ،
رکَنِ ڪانَ سَنيار، سامي جڳَتَ سَريرَ جِي.

# محبت

(١)

پُرجهي پائِج پيرُ، مَحَبَتَ جي ميدان ۾،
گَجي تـو ازغيب جو، سَدا سُورِيو شير،
چَنبو هَٽِي چِتَ کي، ڏاهي ڪندُءِ ڍيرُ،
اَتي ڦَندُ نـَ ڦيرُ، سُپَتِ ڪيو سامي چئي.

(٢)

پيرُ پُرجهي پاءِ، مَحَبَتَ جي ميدان ۾،
ڪُنا پِيا تِي ڪيترا، جانيءَ لَڳِ تَنهن جاءِ،
ڏِسي ڏَهڪِين ڪينَ ڪي، سامي سِڪَ وَڏاءِ،
جِيئندي پانُ جَلاءِ، تَـ پَسَنُ تَئيئي پِرَ جو.

(٣)

مَحَبَتَ جي ميدان ۾، عاشِقَ رَنگِ رَچَنِ،
پَوَنِ پَروانَنِ جان، اُڪِيون عَجيبَن،
سانگُ نـَ وارِنِ سِر جو، توڙي مَجَ مَچَنِ،
ماسو ماس نـَ تَنِ، بِرهُ جَنِين جي بکري.

(۴)

مَحَبتَ جي ميدان ۾، مُنِ ڪئي مجلس،
ماهِلُ ٿِيا مَهران ۾، چکي چاٽيءَ چَسَ،
موٽي موٽيا ڪِينَڪي، رڙِهيا مَنجھ رَهَسَ،
سامي پياري پُرَسَ، مَحَبتي مَستانُ ڪيا.

(۵)

مَحَبتِن ميڙي، سنسا سَٽيا سيرَ ۾،
چَڙهيا عِشقَ اُپيدَ جي، ٻانيَنُ ڇَٽي ٻيڙي،
لَنگهيا پارِ سَمُندَ کون، واڳان سَڀِ ويڙهي،
نَيڻَنِ کون نيڙي، سُتهَ گَڏيا سُپرين.

(٦)

مَحَبتِن مِڙي، مَجِلسَ ڪئي پاڻَ ۾،
پِيَنِ پِيارنِ رامَ رَسُ، واڪَنِ ساڻُ وِڙي،
سُتھ پِيو سامي ڇَٽي، چيتَن چَندُ ڪِڙي،
رَهَـتِ وانُ رڙهـي، تَنهـين ۾ تَـدَ روپ ٿِـيا.

(٧)

مَحَبتن مِڙي، مَجِلسَ ڪئي پاڻَ ۾،
ٻولِنِ واڪَ ويساھ جا، سامي ساڻ رَهَسَ،
ماٽي دَوُرَ دَرَسَ، اِستِتِ ٿِيا آڪاس جان.

(٨)

مَحَبتي مَستانَ، ٽِنڙا سَهَجَ سَروپَ ۾،
بِنان سِڪَ سَڄَڻَ جي، ٻي سُڌِ رکَنِ ڪانَ،
اَرپيائون عَجيبَ کي، تَنُ مَنُ ڌَنُ پَتِ پرانَ،
سدا رَهَن غَلِطانَ، سامي سُپيرِيَنِ سان.

(٩)

مَحَبتي مَستانَ، پَرچا رَهَنِ پاڻَ ۾،
بِنان سِڪَ سَڄَڻَ جي، ٻي سُڌِ رکنِ ڪانَ،
اَنئي پَهَرَ عرشَ ۾. جپِنِ ريءَ زَبانَ،
جَڳُ جاڻي نادانَ، سامي ساکي سَڀَ جا.

(١٠)

مَحَبتِ ماڙي، لَڌي لَکَ اَڳمَ جي،
تَنهن ۾ لائي لالُ ٿيا، طَمَعَ ري تاڙي،
ڳالهِ نـَ ڪَرِنِ ڳُجَهه جي، سامي اکهاڙي،
ڏِسَنِ ڏيهاڙي، پَنهِنجي اکئين پاڻَ کي.

(١١)

بِنان پاکيءَ پاڪُ، ڪَنهِين پاتو ڪينَکي،
سَمُجهي ڪو سامي چئي، مَحَبَتي مُشتاقُ،
چَڙهي جَنهن عرش تي، ٻُڌو وَحدَتَ واڪُ،
ڇَڏي سَنسو ساڪُ، جُدا ٿيو جهان کون.

(١٢)

بانيڻ جنهن ٻُڌا، ويهي واڪ ويدانت جا،
پرچي ڪئي تنهن پانهنجي، محبتي مُدا،
پيئي پيئاري پرِ ڪَري، سَپَ ڪي سَمَ سُڌا،
جانيءَ کون جدا، ڪَنهِن کي جاڻي ڪِينَڪي.

(١٣)

ويدانتي سَپِ واڪَ، ٻولِنِ بيحَدَ ٻوڌَ جا،
سمجهي تِيا سامي چَئي، مَحَبتي مُشِتاقَ،
چَڙهيا چيتَنَ چِٽَ تي، خِيالَ ڪَري سَپِ خاڪَ،
پَرچا رهن پاڪَ، پاڻُ وڃائي پاڻَ سان.

(١٤)

جاڳي جَنهن ٻُڌا، وِڌِ سان واڪَ گُروءَ جا،
سَمُجهِي تَنهن سامي چَئي ڪِي محَبَتيءَ مُدا،
ڪَڏي ٿِئي ڪِينَڪي، جانيءَ کون جُدا،
ٻيا رَسَنِ مَنجهِ رُڌا، دُور رَهِيا ديدارَ کون.

(١٥)

جاڳي ڏِٺو جَنِ، دَرَسَنُ دِبَ عَجيبَ جو،
سي مَحَبتي مُشِتاقَ جَنَ، پَلڪَ نَ پاسو ڪَنِ،
جانَ وڃائي پانهنجي، لُنوَ لُنوَ سِڪَ سِڪَن،
رَتا رَنگِ رَهَنِ، سامي سُپيرِيَنِ جي.

(١٦)

مَحَبَتَ مِنائي، مِلي مُلهَ اَپارَ سان،
وَڃي پُڇو تَنِ کون، ڏِنِي جَنِ ڪائي،
چَڙهيا اَنيئَہ اَڄَ تي، وِڃائي وائي،
سامي سَدائي، سَنَمڪُ ڏِسَنِ سُپرِين.

(١٧)

محبت جي ماڪي، چَٽي ڏِنِي جنهن چِتَ سان،
سَٽي وِڏي تَنهن سِرَ تون، هيبَتَ هَلاڪي،
جاٽي سَپُ ڪَرتا ڪري، راتِ ڏينهن راڪي،
سامي تِي ساڪِي، ماٽي مَوج مُڪتِ جي.

(١٨)

ڏِنِي جنهن ڪائي، مِنائي مَحَبَتَ جي،
مِٽي تَنهِن جي من مون، پَڃَرَ پَرائي،
پانَ وَرائي پانَ سان، لِنوَ سَچي لائي،
سامي سَدائي، ماٽي سڪُ سروپَ جو.

(١٩)

محبت جي مِصري، ڪاڏي جنهن گُرگِياتِ سان،
سامي سڪَ سَنسارَ جا، تَنهن ڪون وِيا وِسري،
ڪَنَبَتَ ڪالَ ديوار ڪون، پِيسو پَرچي پارِ ڪري،
اَچِي ڪينَ قِري، جَنَمَ مَرَنَ جي دُڪَ ۾.

(٢٠)

محبت جي ميندي، لاتي جنهن لڱنِ کي،
سا سامي سُپيرنِ ڏي، ويساسڻ ويندي،
پَرچي پيرائِينِ جون، مِنٿون مَچيندي،
سُتَهَ تِي سينڌي، سُمَهَندي سُکُپَت سيج تي.

(٢١)

محبت مَنجه مَرَمُ، چاتو جنهن گُرگِيات سان،
واريو تَنهن وَجودَ ۾، ديواني جان دَمُ،
ڏِنائين اکِنِ سان، اَلکُ عَينُ اگَمُ،
سامي سَبُ عالَمُ، آهي جنهن جي آسري.

(٢٢)

مَحَبَتَ باريو مَچُ، عَجائِبُ اَندَرَ ۾،
سَڙي وِيو سامي چَئي، کوڙو کَلپَتَ کَچُ،
سيکَ رَهيو هِکُ سَچُ، ساکي سَبَ سَنسارَ جو.

(٢٣)

مَحَبَتَ مَستُ کَري، عاشِقَ نيان اَسگاه ۾،
پَرچي کِيائون پانهنجو، سامي پَٽُ پَري،
ڏِسي مُنهُن مَحبوبَ جو، ويٺا ڏِيانُ ڌَري،
پِرين پاڻَ پَري، ڏِنِي پيالو نور جو.

(٢٤)

مَحَبَتَ مَستُ ڪَري، عاشقَ چاڙهيا عرشَ تي،
جِتي ڏِيو تيل ريءَ، اگمَ جوتِ ٻَري،
جانِ وِڃائي پانهنجي، وِٺا ڏِيان ڏَري،
پَلڪَ نَ ٽِئي پَري، سامي سُپيرِنِ کون.

(٢٥)

مَحَبَتَ جَنِ جي مَنِ، سي سَدائي سَنرا،
سامي سُپيرِيَنِ کون، پَلڪَ نَ پاسو ڪَنِ،
اَندر باهَرِ دَهَ دِسان، سَمَ سَروپُ ڏِسَنِ،
رَتا رَنگِ رهَنِ، مَمَتَ مِٽائي مَنَ جي،

(٢٦)

مَحَبَتَ جَنِ جي مَنِ، سي پاٽيهي پَڌِرا،
پِيئَن پِيارِنِ پريمَ رَسُ، بِيائي ڏيئي ٻَنِ،
سامي سَدا رَهَنِ، اَنَلَ جان آڪاسَ ۾.

(٢٧)

مَحَبَتَ جَنِ جي مَنِ، سي پاٽيهي پَڌِرا،
هَٽِين پيرين پيٺَ پَرِ، سامي سدا رِڙهن،
جِيَنَ مَرَنَ دُکَ سُکَ جو، سَنسو سوچُ نَ ڪَنِ،
وَڃي پِرين پَسَنِ، لَنگهي اَوِديا سِنڌُ کون.

(٢٨)

مَحَبَتَ جَنِ جي مَنِ، سي پاڻهين پَڌرا،
دَرِ دَرِ ديوانَن جان، پِلي ڪين پَوَنِ،
سامي ساڏَ سَنگتِ سان، مِلي مَوجان ڪَنِ،
رَتا رَنگ رَهَنِ، سَدا سُپيرِنِ سان.

(٢٩)

مَحَبَتي مَشَهور، لِڪي ڇپي ڪينَڪي،
چَڙِهيو جَنهن جي گهرَ ۾، آتَمَ اَنيئِہ سُورُ،
سامي سَنَتَ سان مِلي، چيتُ ڪيائين چُورُ،
جيئن نئنن ۾ نورُ، تيئن ساڪي ڏِسي سَيَ ۾.

(٣٠)

مَحَبَتَ جَنِ جي مَنِ، سي رَهَنِ نِماڻا جڳَ ۾،
سامي سُپيرِيَنِ جي، سَدا پَئہ رڪَنِ.
لاابالي جاڻي ڪري، ڪِينو ڪِبرُ نہ ڪَنِ،
اَڪِيا مَنجِه رَهَنِ، جانَ وِڃائي پانهنجي.

(٣١)

مَحَبَتَ جو مَذڪورُ، پَڌو جَنهن پِيائيءَ ري،
اَچي تَنهن جي جيءَ ۾، جاڳِيو پِگَتِ انگور،
ديمِ اَيمانُ ڇڏي ڪَري، ٿيو گَگن ۾ گرِڪورُ،
حاضران حُضور، سامي ڏِسي سُپرين.

(٣٢)

مَحَبَتن مَذڪورُ، ويهي ڪيو پاڻَ ۾،
اَوِديا جو اَندَرَ مون، سَڀُ ڪَڍِيائون سورُ،
حاضُران حُضورُ، سامي ڏسن سُپرين.

(٣٣)

مَحَبَتَ جي مازِي، لَڌي جَنهِن لوڙِي ڪَري،
لَڳِي تَنهِن کي عِشقَ جي، طَمعَ ري تازِي،
ڏِسي ڏِهاڙِي، سامي سُپيرِيَنِ کي.

(٣٤)

محبوبَنِ مُکي، شِيشي شَونقَ شَرابَ جي،
سامي پِيتو ساڏَ سَنگِ، ڪَنهن پياسي پُلڪِي،
کٿي سَتيائِين سرَ تون، اَوِديا پِندَ اُکي،
جُهڳِي منجه جُهڪي، ماٺي دَورَ دَرسَ جا.

(٣٥)

محبتي ميناجُ، سَچو رکنِ سَڀَ سان،
ڪُوڙو ڪَوڙو مُنهَن مون، ڪَڍن ڪِينَ اَواجُ،
پورَنڻ جاٺي ٻيءَ کي، ماٺِنِ اَنيئَہ راجُ،
سدا ٻي محتاجُ، سامي رَهَنِ سَياوَ ۾.

(٣٦)

مَحبتي مُستاق، روئن رَتُ اکِن مون،
دانهون کَنِ دَردَ سان، ڦٽيا عَشَقَ فِراقَ،
سَڄَڻ ٺُنهنجي سِڪَ ڪيا، لِنوَ لِنوَ مجهه سوراکَ،
ويَهُڻ نہ ٿِئي واکَ، سُتَتُ مِلُ سامي چئي.

(٣٧)

مَحَبَتَ منهنجو مَنُ، ٺُنهنجي سِڪَ سوگهو ڪيو،
لُونئن لُونئن مَنجهہ لڳي رهيو، تَڪي ٺُنهنجو تَنُ،
پُڇِي پُڪاري سَڏي ڪَري، ٻُڌي سَڀُ وَچَنُ،
دُکيءَ کي دَرِسَنُ، سُتَتُ ڏي سامي چئي.

(٣٨)

محبتي مُشتاقَ، پاسي ٿِيَنِ نہَ پيءَ کون،
ڪَيائون ڪَلپَ ڪَڏي ڪري، اکِنِ ۾ اوطاقَ،
سامي سِڪ سَچيءَ سان، پَرِچا رَهَنِ پاکَ،
ٻولِنِ ٻيحَدَ واکَ، عَيَنَ اَيِيدُ اَنيئِي.

(٣٩)

مَحَبَتي مُشتاقَ، لِکَنِ چِيَنِ ڪينَکي،
پائي وينا پريم سان، اکِنِ مَنجهہ اوطاقَ،
سَدا سُپيرِيَنِ سان، پَرچِيا رَهَنِ پاکَ،
ٻانيَڻَ ٻولِن واکَ، دَردَ پَرِيا ديدارَ جا.

(۴۰)

نِرمَلُ نيتِ ڏِسي، ڌيرَجُ آيو دِلِ کي،
جاڳي اَوِديا ننڊ مون، ويٺي هيءَ وِسي،
پاسو ڪَري وِيو پاڻهِين، سامي هَٺُ هِرسي،
مَحَبَتَ ساڻُ مِسي، ڪائِي رَهِي خِيالَ ۾.

(۴۱)

هَلي هَٺُ چِڏي، مَحَبَتِي مَرمَ ۾،
واد، وڏائيءَ، لوبَ ڪون، رکي پاڻُ جَهلي،
ڪَنهِن کي ڪِينَ سَلي، سامي سِڪَ پريَنِ جي.

(۴۲)

مَحَبَتِي مَري، ڌَرَسَنَ ڪارَڻِ دوسَ جي،
جِئين مڇلي نِيرَ ڪون، پَلَڪَ نَ ڏِٺي پَري،
چاتِرِڪُ ڪارَڻُ مينگهه جي، سَدا وِرِلاپَ ڪري،
سامي ڌِيانُ ڌَري، سِپَ رهي سُنواتيءَ جي.

(۴۳)

مَحَبَتِي مِهمانُ، سَدا جاڻي پاڻَ کي،
ڏِسي ڪالُ ڪُلهنِ تي، راتيان ڏِينهان ساڻُ،
رکي نَ رَتيءَ جيترو، مَنَ ۾ مَمِتا ماڻُ،
پائي پَدُ نِرباڻُ، سِيتَلُ ٿيو سامي چَئي.

(۴۴)

مَحَبَتيءَ مُلڪُ، جيتيو سَپُ جُڳتِ سان،
دُئيتُ ڪَديائين دل مون، رکي سَمَ صِدِقُ،
اَندَر پاهَرِ هِڪُ، سامي ڏِسي سُپرِين،

(۴۵)

مَحَبَتيءَ مُلڪُ، سامي سَپُ ڪيو پانهنجو،
رکيائين گُرگِياتِ ۾، سَنسي ريءَ صِدِقُ،
هوتُ ڏِٺائين هِڪُ، چَڙهي نورَ مَحَلَ تي.

(۴٦)

مَحَبَتي ماندو، ڪَڏي ٿِئي ڪِينَڪي،
جَنهن جوڙي جيءُ جڳتِ سان،اَنتَر مکِ آندو،
وِس وِس ڪون واندو، سامي سَدائين رهي.

(۴۷)

محبتي ماندو، ڪَڏي ٿِئي ڪِينَڪي،
جَنهِن موڙي مَنَ پَوَنَ کي، اَنتَرِ مکِ آندو،
سُتَهَ لَدّائين سُنَ مون، هَرِ ڏَنُ هيڪاندو،
وينو تي واندو، سامي چَئي سَنسارِ کون.

(۴۸)

مَحَبَتِي مُڪتو، ڪوڙن ۾ ڪو هِڪڙو،
جَنهن کي ڏِنو سَتِ گُروءَ، پَرچي پِريمَ پَتو،
پِيو سامي ڄاڻي ڪونڪو، مَنَ ۾ مَنترَ مَتو،
رهي رنگِ رَتو، سَدا سُپِيرِيَنِ جي.

(۴۹)

مَمُڪُ محبتي، مَستُ رَهي مَهرانَ ۾،
چَڙهِي جنهن جي چِتَ ۾، محبت جي مَستي،
سوکَمُ ٿيو سامي چَئي، ماري مَنُ هَستي،
ڄاڻي سُجَ وَستي، رَهي اَليپُ آڪاسَ جان.

(۵۰)

محبتي مُريدَ، پاسي ٿِيَنِ نَہ پيءَ کون،
جَنِ کي مِلي مَهما نگري، دِبَ درسَنَ جي دِيدَ،
مَري ٿِيا مجلس ۾، سامي چَئي شَهيدَ،
اَنٺي پهر عِيدَ، مِلي ڪن محبوبَ سان.

(۵۱)

جي ڦٿيا درد فراق، سي محبتي مستان ٿيا،
روئِن رَتُ اکِن مون، ڇَڏي دُورَ دِماڪَ،
سامي لائي سانتِ ٿيا، خاموشيءَ جي خاڪَ،
اَلله منجھ اوطاقَ، ٻيهي ڏِٺائون پاڻهِين.

(٥٢)

مايا ڪري مَجبورَ، چَڏِيا جيءَ جَهانَ جا،
وَيَنِ مَتِ مَرَمَ ري، وِشَيَنِ ڪانڻِ وَهَلور،
رَهي پانهنجي حال ۾، ڪو محَبتي مامورُ،
جنهن کي نِرمَلُ نورُ، سامي ڏنو سَتِگُروءَ.

(٥٣)

محبتي مَستانُ، ڪوڙن ۾ ڪو هِڪڙو،
جو ڪَڇي چڙهيو قلوبَ تي، ڌرتيءِ آسمانُ،
پِرتکِ پَرَچِنتا ري، ڏسي اَنيَڪِ يانُ،
جاڳِي سَيُ جَهانُ، سامي جاڻي سپنو.

(٥٤)

محبتي مَستانَ، رهن گُهورَمَ گهرَ ۾،
جَنِ کي پرچِي پانهنجي، ٻِگتِ ڏِني ٻگوانَ،
سامي چَئي سنسارَ جي، ڪَلِپتَ رکَنِ ڪانَ،
نِپَٽُ تِي نادانَ، وَرِتَنِ وِڌ نِکِيدَ ري.

(٥٥)

مَحَبَتَ مَستانا، پاسي تِيَنِ نہ بيءَ کون،
چِترَ سَنگهاسَنَ راجَ سکَ، تياڳِي جَنِ ڏِنا،
جاڻَنِ سَيُ سپِني جي، نانا روپَ رَچنا،
پاڻي منجھ پِنا، سَدا رَهَنِ سامي چَئي.

(٥٦)

محبتي مَلَنگَ، ڪوڙنِ ۾ ڪو هِڪڙو،
ڏيئي ڪَندِ ڪَلپَ ڪي، ڪيو جنهن سَتسَنگَ،
اَندر باهَرِ آتما، ڏِسي عَينَ اَيَنگ،
لُونءَ لُونءَ لائي رَنگُ، سامي لالُ گُلالُ ٿِيو.

(٥٧)

مَهِرون ڪَئي محبت، مُرشد خاص مُريدَ سان،
لائي لالُ گُلالُ ٿيو، رَحمَتَ جي راحت،
سڀ گَهٽَ ڏسي سُبِرين، بِنان هيرَ حجت،
وحدت ۾ ڪثرت، اوري جاڻي عَينَ ڪون.

(٥٨)

مَحَبَتي مگُهنَ، رهن پنهنجي حال ۾،
پاتا جَنِ پِرتِيتِ سان، گُهَرا گيانَ اَنجَنَ،
سامي ڏِسَنِ سَروَ گتِ، پر ميشوَرُ پورَنَ،
ميٽي سڀ مَنَنَ، مُشڪن ڪُشڪَنِ ڪِينَڪي.

(٥٩)

محبتي مَلَنگَ، مليا رهن مَحَبوبَ سان،
جيئَن جَلِي جوتِ سَروپُ ٿِيا، ڏِيٺا ڏِسي پَتَنگَ،
ساماڻا سامي چئي، جل ۾ جَلَ تَرَنگَ،
سَدا اَليپُ اَسَنگَ، رهن وِديهي ديهِ ۾.

(٦٠)

محبتي مَلنگَ، ڪاڻِ نہ ڪَڍَنِ ڪنهن جي،
پيتي جَنِ پرتيتِ سان، عَينَ اَنيٿہ يَنگَ،
سُمهيا سُکپت سيجَ تي، ٽَنگَ تي رکي ٽَنگَ،
راتيان ڏِينهان رَنگَ، مِلي ڪَنِ محبوب سان.

(٦١)

محبتي مَسِلا، ڳَٽي ڪينَ اَندَرَ ۾،
چَڙهي نورَ مَحَلَ تي، ڪِيائِين سَيَ تَسِليا،
ڇَڏي غيرُ گِلا، واصِلُ ٿِيو وحدت ۾.

(٦٢)

مَحَبَتي مَستانُ، ڪوڙِنِ ۾ ڪو هِڪڙو،
جو رَهي پانهنجي حالَ ۾، سَدائِي غَلطانُ،
چَڙهي ويٺو چَوڏولَ ۾، ڪَڍي غيرَ گُمانُ،
ڪِيائِين سِرُ قُربانُ، مَيخاني جي موجَ تون.

(٦٣)

محبتي معمورُ، رَهَنِ پانهنجي حالَ ۾،
مُرشِدَ جي مِهَرَ سان، چِيتُ ڪيائون چُورُ،
سو ڪِيئَن سِلِنِ سورُ، جَنهِن ڪارَڻِ جوڳي ٿِيا.

(٦٤)

محبتي مَعمورُ، رَهَنِ پانهنجي حالَ ۾،
ڪايا مايا ڪُلَ ۾، وِيَنِ نہ وَهَلورُ،
جانِنِ سَڀَ سَنسارَ ڪي، جِئين ٻيڙيءَ جو پورُ،
حاضران حَضور، سامي ڏِسَنِ سُپرين.

(٦٥)

مَحَبَتي مرِي، جِيئندي پِيا سَڀُ جڳَ ۾،
سامي جَنِ ڪي سَتِگُروءَ، گيات ڏِني گهَري،
ڏِناٺون اَپِيڊُ تي، بيحَدَ جوت ٻَري،
سَنِي پَرَمَ پَرِي، ماڻِنِ ڏورَ ڏَرِسَ جا.

(٦٦)

محبتي مطلَبُ، ڪَنهن سان رکَنِ ڪِينَڪي،
رَهِي جَنِ جي روحَ ۾، راتيان ڏِينهان رَبُ،
سامي وِيَنا صافُ تي، جَنِ ڏي ڪوڙُ قَلَبُ،
لائي لوڪ لَقَبُ، تان ٻي مَستُ رهن مهراڻ ۾.

(٦٧)

مَحَبَتيءَ ميلو، ڪَيو ڪَلِپَتَ ري يارَ سان،
رهي پانهنجي حال ۾، سَهَجي سُهيلو،
وَقتُ ۽ ويلو، سامي ساڏي ڪونَڪو.

(٦٨)

محبتيءَ لايو، مُرچو پنهنجي من سان،
ڪري آچمن اَگست جان، ساگرُ سُڪايو،
سامي سَمَ سيتَلُ ٿي، مَنَ ۾ مَٺُ چايو،
ڪائي اَگهايو، سُتَهَ اَمِرَتُ اَنيئي.

(٦٩)

محبتيءَ مولو، ڪَيو پنهنجي يارَ سان،
جَنهن ۾ آهي ڪونَڪو، سامي پيئِ پولو،
ڪَڍي سَپُ رولو، ماڻي دَورَ دَرسَ جا.

(٧٠)

محبتيءَ ماڻڪُ، لَڌو پنهنجي گهر مون،
اَندر باهر آتما، هَرِ هَنڌِ ڏِسي هِڪُ،
سَهَجي ٿيو سامي چئي، ڦُرني ڪون ڦارڪ،
لِنوَ سان ڪڍي لِڪُ، پَلِ پَلِ پيئي پريم رَسُ.

(٧١)

مَحَبَتِنِ مارِيو، غَيبي گوتو گهرَ ۾،
اَنيَئِ لعلُ لَهي ڪري، جيءُ جُسو ناريو،
نِرکِي نِواريو، سامي ڏِسَڻُ ڏيهَ جو.

(٧٢)

جن کي مَتِ محبت، سامي ڏِني سَتِگُروءَ،
پَرچي لَڌي تَنِ پورِبي، گهر مون دِبَ دَولتَ،
ماڻِنِ مَوجَ مُڪتِ جِي، ميٺي سيا مَمَتَ،
رهن منجھ جڳتَ، سدا اَليپُ آڪاسَ جان.

(٧٣)

لوڙي لَڌو جَنِ، سامي سُپيرِيَنِ کي،
سي چَڏي دَرُ دوسَنِ جو، هڪَ پَلَڪَ نہ پاسو ڪَنِ،
سَنَمُکُ سَدا رَهَن، ڪَلپِتَ کَڏي جيءَ مون.

(٧٤)

محبتي مَستانَ، جُهولَنِ جَهروکَنِ ۾،
سامي سُپيرِيَنِ ري، ٻِي سُڌِ رکَنِ ڪانہ،
پَلِ پَلِ پِينِ پِريمَ رَسُ، ڪَڏي اَوِديا آنَ،
رَهَنِ مَنجهِ جَهانَ، سدا اَليپ ڪَنولَ جانِ.

(٧٥)

محبتي مَستانَ، رَهَنِ پانهنجي حالَ ۾،
ٻنان سِڪَ سَجَڻَ جي، ٻي سُڌِ رکَنِ ڪانہ،
جِئين ٻالَڪَ نادانَ، سامي رَهَنِ سَنسارَ ۾.

(٧٦)

مَحَبتي مَستانَ، رَهَنِ پانهِنجي حالَ ۾،
سامي سُپيرِيَنِ ري، کَلپِتَ رکَنِ کانہ،
جنِين ٻالَڪَ نادانَ، رَهَنِ اَلکُ اِنچا رِي.

(٧٧)

مَحَبتي مگَهنُ، رَهن پانهِنجي حالَ ۾،
سامي ڇانَنِ ڪونَڪو، سِڪَ ٻنان ساڏَنُ،
ڪِيائون وَسِ ويساهَ سان، پَرچي مَنُ پَوَنُ،
سَڀَ اَنگَنِ سَنپَنُ، ڏيو ڏِنائون ڏيهِ ۾.

(٧٨)

محبتي مَطِلَبُ، ڪَنهِن سان رکَنِ ڪِينَڪي،
رَهي جَني جي روحَ ۾، راتيان ڏِينهان رَبُ،
ڳالِهيون ڪَنِ عَرشَ جون، عَجائِبُ عَجَبُ،
توڙي لائي لوڪَ لَقَبُ، تہ ٻي مَستَ رَهَنِ مَهِرانَ ۾.

(٧٩)

مَحَبتي موتاجَ، ڪَنهِن جا ٿِيَن ڪِينَڪي،
رکَنِ نہ رَتيءَ جيتري، ٻنان دَرِسَنَ حاجَ،
پَرچي ڪِيائون پانهنجا، سامي ڇَني سڀِ ڪاجَ،
اَنيَئِي آواجَ، ٻِنا ڪَڍَنِ ٻاوَ سان.

(٨٠)

مَحَبتن مَذِڪورُ، سامي سڀ سَهي ڪيو،
ڏِنائون ڏيهيءَ ۾، قِبلو ۽ ڪوهنورُ،
ڪَهين اڳيون ڪَٽِ جيترو، پَڌرو ڪَنِ نہ پورُ،
سو ڪِيئن سَلِنِ سورُ، جنهن ڪارڻ جوڳي ٿيا.

(٨١)

محبتن پرماڻُ، پرچي لَڌو پوربي،
جتي تون مان ناهِ ڪا، نَڪو دانُ اِستانُ،
نَڪو جيءُ نہ اِيشُ ڪو، نَڪو گيانُ ڌِيانُ،
سامي چئي سَمانُ، پُرکُ وَسِي پرماتما.

(٨٢)

مَحَبَتن ڪون مِيتُ، پلڪ پَراهون نہ ٿِئي،
لَکَ لَکائِي سَتِگُروءَ، حَنِ تي پَرمُ پُنِيتُ،
ڏيئي ڪَندِ ڪلپَ ڪي، ٿيا سِيتَلُ سُرِجيتُ،
گِرستَ منجهِ اَتِيتُ، سَدا هن سامي چئي.

(٨٣)

مِنو لگو مارون، مَحَبَتنِ جي مَنَ ڪي،
سَمجهائون سامي سَچِي، دَرِسَنَ جو دارون،
تارَ مَنجهون تارون، لَگهيا لَکَ اَگَمَ جي،

(٨٤)

وِيَڙو ڪوڙ ڪَپَٽُ، محبتيءَ جي مَنَ مون،
لائي لِنوَ سَچيءَ سان، اونهون اَوِديا پَٽُ،
پرچي ڏِنائين پاڻ ۾، پِرِيَنِ کي پَرگهٽ،
پَيِي مَمَت مَٽُ، سامي مليو سَروپَ سان.

(٨٥)

وِئَڙو ڪوڙ ڪَپَٽُ، مَحَبتيءَ جي مَنَ مون،
لاتائين گُرگِياتِ سان، سامي اَوِديا پَٽُ،
پَرِچي ڏنائين پاڻَ ۾، پِرِيَنِ کي پَرگهٽُ،
ڪَڍِي وينو هٽُ، سوڌي سارَ اَپارَ جو.

(٨٦)

مَحَبَتِنِ جو مَنُ، سيتَلُ رَهي سُياءَ ۾،
سامي ڪَنِ سَروپَ جو، بِنان پيڌَ پَجَنُ،
گهٽِ وَڌِ واٽيءَ واجَ کي، ڪَلپِي ڏِيَنِ نَہ ڪَنُ،
ڪَڍِي کانو پَنُ، ڏِسَنِ اَنيَئِہ اَنَ کي.

(٨٧)

مَحَبتِن سَپِ مَتَ، لئِہ ڪَيا تَنهِن لڪَ ۾،
جَنهِن ۾ تون مان نانهِن ڪا، نَڪي پَنج نُي تَتَ،
حَدَ پَري بيحَد، پاتو پَدُ بانيَنُ چَئِي.

(٨٨)

مَحَبَتنِ ماري، تُبي دِلِ دَرياهَ ۾،
لعلُ لڌائون اَنَ مُلهو، پَرَمَ ري پاري،
سامي وِسُ ساري، جاڻنِ تيجُ تَنهين جو.

(٨٩)

لوبَ لَهَر لوڙهي، ڪوڙين نيا ڪيترا،
سامي رکِيو سکانَ کي، ڪَنهِن مَحَبتيءَ موڙي،
بَندَنَ سَپِ بِيائيءَ جا، ڇَڏِيائين ڇوڙي،
وينو جَنگِ جوڙي، لَنگهي پارِ پِرِيَنِ سان.

(٩٠)

ليکي منجھ لُڙي، ويا جيءَ جَهان جا،
اَندَرِ ڏِنو اَليکَ کي، ڪَنهِن مَحَبتيءَ مُڙي،
سامي جَنهن جي ساڌَ سَنگِ، اَوِديا ڳنڍِ ڇُڙي،
جاڳي رهيو جُڙي، پاڻُ وَرائي پاڻَ سان.

(٩١)

ويا سڀ لوڪ لُڙي، اَوِديا جي آڙاهَ ۾،
جنهن مون لِيي نَہ هڪڙي، سامي جَلَ قُڙي،
چَڙهيو چيتَن چِتَ تي، ڪو محبتي مُڙي،
جنهن جي ڳنڍِ ڇُڙي، پَئي ساڌَ سَنگتِ ۾.

(٩٢)

ڪوڙي ڪَٽَ ڪَٽي، سامي سَڀ لُڙهي وِيا،
رکن سِڪَ سَمُجَهه ري، ڪاڳر ڪوٺَ سَٽي،
مکَڻُ ڪڍيو من مون، ڪنهن محبتيءَ مَٽي،
ليکي لَٽي پَٽي، شيشُ ڏِلائين سپرين.

(٩٣)

وِرِلو ڪو آهي، مَحَبتي مُشتاقُ جَنُ،
جو مِلي ساڌَ سَنگَتِ سان، مُنهن مَڙهيءَ پائي،
جانءَ وِڃائي پانهنجي، لُنوَ لُنوَ لِنوَ لائي،
مَمِتا مِٽائي، سامي ڏِسي سَروپَ کي.

(٩٤)

وِرِلو وِلوڙي، ڪومکَڻُ ڪَڍي مَنَ مون،
ڪري مانڌاڻي مَحَبتَ جِي، تِرتا تَنيُ ڪوڙي،
سيلِي پائي سَچَ جي، جُڳتِ سان جوڙي،
ڏِسي مُنهن موڙي، پانهنجي اکئين پانءَ کي.

(٩٥)

سَنتَن ساپُرسَنِ، هوڪو ڏِنو حَقَ جو،
ٻُڌو تَنهن ٻانيَنُ جِي، مَحَبَتَ جَنهِن جي مَنِ،
ٻِيا سَڀِ ڏيئي ٻَنِ، دَرُ ودائين دوسَ جو.

(٩٦)

وِرلو ڪو آهي، محبتي مهمانُ جَنُ،
جو مِلي ساڌ سَنگتِ سان، مَمتا مِٽائي،
جانِ وِڃائي پاڻھنجي، رَهيو رَنگُ لائي،
مُنهن مڙهيءَ پائي، جُڙيو رَهي جڳديسَ سان.

(٩٧)

ڪارجُ ڪينَ سَري، سامي سِڪَ سَمُجهَ ري،
اِيئن چَوَنِ ٿا اَنيڪِ، سَڀَ ڪي ساکَ ڀري،
سَدا جَنِ جي جيءَ ۾، مَحَبَتَ مَچُ ٻري،
پَلَڪَ نَہَ ٽِيَنِ پَري، سُتهہ شُدِ سروپَ ڪون.

(٩٨)

صفائيءَ ري سِڪُ، ڪَنهِن پاتو ڪينَڪي،
سَمُجهي ڪو سامي چَئي، محبتي مانڪُ،
ڪَٿِيو جنهن ڪَلپَتَ جو، دانائيءَ سان ڏِکُ،
صفائيءَ سَنِمکُ، رَهي سارَ سروپَ جي،

(٩٩)

مَحَبوبَن جي موڙَ، سَمُجهي جَنهِن سامي چَئي،
مِٽي تَنهِن جي مَنَ مون، سَهَجي سوڙه سَنگهوڙَ،
ٻَندِنَ سَڀِ ٻِيائيءَ جا، ڇوڙي ڇَڏيائين ڇوڙَ،
لِنوَ وَرائي لوڙَ، رکي نَہَ رَتيءَ جيتري.

(١٠٠)

رَهي هوتُ حَضورِ، سامي سَيَڪَنهين جي،
پَرَمَ مَنجهِ پِلي ڪري، مورَڪَ جاڻنِ ڏورِ،
راتيون ڏينهَن مَرَمَ ري، مَرَنِ سَنسي سورِ،
چَڙهي پَڪي پورِ، تِيا مُقابِلِ مَحبتي.

(١٠١)

اَپيريءَ جو پيرُ، پيرائِيُنِ پرچي لَڌو،
ڏيئو باري ڏيلَ ۾، ڪَڍيو جَنِ انديرُ،
وينا اَنيَئي تختَ تي، تي نرِيَئِ نِرويرُ،
رائِي ۽ سُميرُ، سَمَ جاڻن سامي چَئي.

(١٠٢)

اَپيريءَ جو پيرُ، پُرِجهي ڪنهن پريميءَ لَڌو،
آهي جنهن جي آسري، ساگرُ سَرُ سُميرُ،
سامي سَڀُ سو ڪَٿي، تيو نِرِيئِ نِرويرُ،
سوريَ منجه اَنديرُ، ڏِسي نَ آدِ جڳادِ جو.

(١٠٣)

انيَئَ لَڪَ اَپَروڪ، سَنتَ لَکائِنِ سَڀَ ڪي،
سَمُجهي ڪو سامي چَئي، مَحَبَتي مَموڪُ،
پَرِچي ڏٺو جنهن پاڻ ڪي، نِتُ نِرمَل نِرَدوڪ،
سَچارِي سَنتوڪ، مُڪ رکي موجان ڪري.

(۱۰۴)

انيَئہ لکَ اَپَروک، سَنتَ لکائِنِ سَبَ کي،
سَمُجهي ڪو سامي چَئي، محبتي مَموکُ،
ڪَٿي ڪالَ ڪَلپنا، ٿيو نِرَمَلُ نِرَدوک،
سَچارِي سَنتوکُ، مُک رکي مَوجان ڪري.

(۱۰۵)

انيَئہ لکَ اَپَروک، سَنتَ لکائِنِ سَبَ کي،
سَمُجهي ڪو سامي چَئي، مَحَبتي مَموکُ،
جوجيءَ ۾ ڪَنَ جيترو، رکي نہ راڳِ دوکُ،
صفائي سنتوک، مُکِ رکي مَوجان ڪري.

(۱۰٦)

جِيئين چِنَدي چِڄُ، ڪَدِي ڪِنُ ڪونَديءَمون،
تِيئين ڪَدايو قُرانَ مون، مَحَبتِ مگَجُ،
رکَنِ نہ رَتيءَ جيترو، ڪنهن جو گمُ گرَجُ،
سامي هَردَمُ حَجُ، مِلي ڪَنِ مَحبوبُ سان.

(۱۰۷)

جِيئين سورُ سَتِي، سانگو نہ رکن سر جو،
تِيئين مِليا مَحبوبَ سان، مَري مَحبتي،
جَن کي ذِني سَتِگُروءَ، سَچي رَهَتِ رَتي،
پائي پَرَمَ گَتي، سامي ماڻِنِ سيجَ سُکُ.

(۱۰۸)

تَنهِين سَبُ ڏِنو، جَنهين ڏنو مَنُ مُحَبوبَ کي،
اَودِيا پِرَمُ اَندرَ مون، سَبُ چِڪيءَ سانُ چِنو،
پاڻيءَ منجهه پِنو، جيئن ڪيلوٽو ڪَندُ جو.

# مَحبتَ (ب)

(١)

مَحَبتِنِ جو مَتُ، ڪامِلَ آهي ڪَهڙو،
سَچُ جائِنِ سائِينءَ کي، جائِي جوتِ جڳتُ،
سامي پُڄُ پَرِتيتِ سان، گورِکُ، نارِدُ، دَتُ،
ڇَڏي ويلُ، وَقتُ، لَنگهي چَڙهيا چِٽَ تي.

(٢)

ڪانئرِ ڪينَ اَچِي، مَحَبَتَ جي ميدانَ ۾،
ديهي جاڻِي پاڻَ کي، ڪيو ڪَڄُ ڪَچِي،
سامي چَئي ڪو سورَمو، رَهَسِي رَنگِ رَچِي،
جيئِين پَتَنگُ مَچِي، سَما ڏِسي سوجهرو.

(٣)

پيرُ پُرِجهي پائي، مَحَبَتَ جي مَيدانَ ۾،
ڏِسي اَڏَ مُنِ کي، مَتان پِوُ ڪائي،
آسَ اَنديشو ديهِ جو، جيئِندي جَلائي،
سامي سَمائي، تَڏي دَرِ دوسَنِ جي.

(۴)

بيحَدِ نا ٻولي، سامي حَدَ جي جيءَ سان،
سَمَرَ وَرِتِي وِڌِ وِيچارَ سان، اَنَ هوندِي اولي،
اَچي مِليو مَحَبتي، ڳوٺَ مَنجهون ڳولي،
تَڏي ٻَندِ ڪولي، جَڏي ڳاهڪُ ڏِسي گُڻَ جو.

(٥)

دوستَ ڏِني ديدَ، جَنهن کي پَرچي پانهِنجي،
مَرِي ٿيا سي مَحَبَتي، سامي سَڀِ شَهيدَ،
حاضُرُ رَهَنِ حَضورَ ۾، ماهِلُ مُلِ خَريدَ،
اَنِئي پَهَرَ عيدَ، مِلي ڪَنِ مَحَبوبَ سان.

(٦)

پَرَميسَرَ پَهَنِي، سامي سَنسو نَہ رهي،
اها ڳالهِ اَندَرَ ۾، ڪو مَحَبتي مَني،
پَرِچي لاهي پانهنجا، ٻيڙا سانُ ٻَني،
جِئين ڏَرِي ڏيانُ ڏَني، نا ڪُرَکي پيدا ڪَيو.

(٧)

جِئين ٻيڙيءَ جو پورُ، تِئين سَنگُ سَنسارَ جو،
هَلِيو وَڃي هيڪلو، پَلَ ۾ شاهُ مَزورُ،
سَمُجهي ڪو سامي چَئي، مَحَبَتي مَذَڪور،
سَٺي سَنسو سورُ، ماٺي سکُ سَروپَ جو.

(٨)

جِئين ٻيڙيءَ جو پورُ، تئين سَنگُ سَنسارَ جو،
سَمُجهي کو سامي چئي، مَحَبَتي مَذَڪور،
مِٺيو جَنهِن جي مَنَ مون، نِپَٽِ سَنسو سورُ،
حاضِران حَضورُ، سُتَهَ ڏِسي سپِرين.

(٩)

مَحَبَتي مَني، ڪو جِيئندي مَرَڻُ جڳَ ۾،
سامي جَنهِن کي سَبَقَ جو، پِيو پَرِلاءُ ڪَني،
سَمُجهي اِنهيءَ ڳالهه کي، ٻيڙو لاءِ ٻَني،
جِئَن ڏَري ڏِيانُ ڏَني، پَٿَرَ مون پيدا ڪَيو.

(١٠)

جَنهِن کي لوڙَ لڳي، پَڪي پيءَ پَسَڻَ جي،
سو مَحَبَتي مَلنگُ ٿيو، ڇَڏي ناهَ نَڳي،
سامي سَمِجهِي ساڌَ سَنگِ، نانا پِرانتِ پڳي،
اَنيَڪِ جوتِ جڳي، سُتَهَ ڏِٺائين سَرِبَ گتِ.

(١١)

مَحَبَتي مَلنگُ، ڪوڙِنِ ۾ ڪو هِڪِڙو،
جَنهِن ڏِٺي ڪَندِ ڪَلِپَ کي، ڪَيو ساڌوءَ سَنگِ سَنگُ،
اَندرِ ٻاهَرِ آتَما، ڏِسي عَينَ اَيَنگُ،
لُنوَ لُنوَ لائي رَنگُ، سامي لالُ گُلالُ ٿِيِي.

(١٢)

مَحَبتيءَ ماڻڪُ، لَڌو دِل دَرياهَ مون،
اَندَرِ ٻاهَرِ آتَما، هَردَمُ ڏِسي هِڪُ،
سَهَجي ٿِيو سامي چَئي، ڦُرني کون ڦارِڪُ،
لِنوَ سان ڪَڍي لِڪُ، پَلِ پَلِ پيئي پِريمَ رَسُ.

(١٣)

مَحَبتي مڳنا، پاسي ٿِيَنِ نَہ ٻيءَ کون،
ڇِترَ سِنگهاسَڻَ، راڄَ سکَ، تياڳي جن ڏنا،
جاڻن سَبَ سُپني جِي، نانا روپُ رَچنا،
ٻاڻي مَنجهه ٻِنا، سدا رهن سامي چَئي.

(١٤)

مَحَبَتي مَطلبُ، ڪنهن سان رکن ڪينڪي،
رَهي جَنِ جي روحَ ۾، راتِيان ڏيهان رَبُ،
چَڙهِيا ڦَهُ ڦَهُ ڪُندَ تي، ڪَٽي ڪَلپَ ڪسَبُ،
توڙي لائي لوڪ لَقَبُ، تان پي بِسَمَ رَهَنِ سامي چَئي.

(١٥)

محبتي مَڏِري، ٻاڻي ٻولِنِ بيحَدي،
وَتي جَنِ ويساهَ سان، گُرَ کون گيانَ گهري،
ڏِنائون آڪاسَ جان، تَنَ ۾ پَدُ تري،
مِيٺي ٻَلي ٻِري، ساماڻا سامي چَئي.

(١٦)

مَحَبتي مُشتاقَ، پاسي ٽِيَنِ نہ پيءَ ڪون،
ڏِٺو جَنِ اکِنِ سان، دَرسَنَ جو ديماڪُ،
سَدا رَهن سامي چَئي، پَرچِنا ڪون پاڪُ،
بولن اَنيَئہ واڪُ، عينَ اَيِيدُ اَنيِئي.

(١٧)

محبتي مَحَبوبُ، پائي وِٺا ڪَڇَ ۾،
سامي پَرچي پاڻَ ۾، نِتُ خِلوَتَ ڪَرِن خوبُ،
ليٽنِ لالَ پَلنگَ تي، ڪَري هِڪُ قَلوبُ،
مَمِتا سان مَطَلوبُ، رکَنِ نہ رَتيءَ جيترو.

(١٨)

لائي محبت موڪَ، جنهن پوڪ پچائي پنهنجي،
مٿيا تنهن جي من مون، سامي سنسا شوڪ،
چڙهيو چيتن چِٽَ تي، لنگهي تيئي لوڪ،
سودو روڪان روڪَ، ڪري سياوڪَ سيءِ سان.

(١٩)

چَوهَٿي چَرِسُ، مڙِي پيئِنِ محبتي،
تَنُ، مَنُ، ڌَنُ ڏيئي ڪَري، رکِي سِڪَ سَرِسُ،
نانا ڪون نِرباڻ ٿِي، ڏِسَنِ عينَ عَرِسُ،
دَهِ دِسَ دِبَ دَرِسُ، سامي ڪَنِ سَروپَ جو.

(٢٠)

مَحَبَتَ مَذَ پري، ڳالهِ ٻُڌائِي سَتِگُروءَ،
سَمُجهي مَنُ سيتَلُ ٿِيو، بيحَدِ جوتِ ٻَري،
سنسي جي سامي چَئي، ويئي تِـڪَرَ ٽَري،
طَمعَ تارِ تَري، پارِ ڏِٺو پيءُ پنهِنجو.

(٢١)

محبت مِٺائي، آئي ديسَ اَگَمَ کون،
پِريمي سَيِ پَرِسَنُ ٿِيا، خوشيءَ سان ڪائي،
صَدِقي ڪَيائون سڪَ تون، وائي وَڏائي،
سامي سَدائي، ماٺِنِ دَورَ دَرِسَ جِي.

(٢٢)

مَحَبتي مگَنُ، رَهَنِ پانهِنجي حالَ ۾،
پاتو جَنِ پَرتيتِ سان، گُهَرو گيانَ اَنجَنُ،
سامي ڏِسَنِ سَرِبَ گَتِ، پَرَميسَرُ پورَنُ،
ميٽي سَيِ مَنَ، مُشڪَنِ ڪُشِڪَنِ ڪِينَڪي.

(٢٣)

مَحَبتي مگَنُ، رَهَنِ پانهِنجي حالَ ۾،
پاتو جَنِ پَرتيتِ سان، گُهَرو گيانَ اَنجَنُ،
سامي ڏِسَنِ سَرِبَ گَتِ، پَرَميسَرُ پورَنُ،
ميٽي سَيِ مَنَ، مُشڪَنِ ڪُشِڪَنِ ڪِينَڪي.

(۲۴)

محبتي مُتِدڪِلِ، پاسي ٿِيَنِ نہ پيءَ ڪون،
ڪسي وتي خوشيءَ سان، دوستَ جَن جي دِلِ،
سامي آيا سَنسارَ ۾، سُياوَڪي سَئِلِ،
جَهڳمڳي جِهلِمِلِ، ڏِسَنِ عينَ اَنيئي.

(۲۵)

مَحَبتِ ميلاپُ، پَرچي ڪَيو جَنِ پانهنجو،
پِئَنِ پِئارِنِ پِريمَ جو، پِيالو عينَ اَماپُ،
لُنوَ لُنوَ لالُ گُلالُ تِي، جَپِنِ اَجَپا جاپُ،
ميٽي سَڀُ سَنتاپُ، سامي ماڻِنِ سانتِ سکُ.

(۲٦)

محبتي مَطِلَبُ، ڪَنهِن سان رکَنِ ڪِينَڪي،
رَهي جَن جي روحَ ۾، راتِيون ڏِينهان رَبُ،
سامي سدائي ڪَرِين، تَنِ جو عين اَدَبُ،
تہ ڏِوَ سان ڏيئي ڏِبُ، ڪَني پاڪُ پَنجَنِ ڪون.

(۲۷)

محبتي مُشتاقَ، پاسي ٿِيَنِ نہ پيءَ ڪون،
جَنِ ڪي جان جِگرَ ۾، ڪَيا سِڪَ سُلاڪَ،
سَدا رَهَنِ سامي چئي، پَرِچِنتا ڪون پاڪَ،
ٻولِنِ اَنيَئہ واڪَ، عينَ اَيِيدَ اَنيَئي.

(٢٨)

مَحَبتي مُشتاقَ، پاسي ٽِيَنِ نہ پيءَ کون،
ماري ڪَيا جَنِ مَنَ جا، خِيالَ سَيوئي خاڪَ،
سَدا رَهَنِ سامي چَئي، پَرِچِنتا کون پاڪَ،
حَدَ پَري اوطاقَ، آهي ٽَن جي اَنيَئي.

(٢٩)

محبتي مَقصَدُ، ڪَنهن سان رکَنِ ڪِينَڪي،
پِيتو جَنِ پَرتِيتِ سان، مُڪتو مَحَبتَ مَدُ،
ڪَٽِيائون ڪَلِپَتَ سان، دِلِ مون دُکُ دَرَدُ،
پائي پورَنُ پَدُ، ساماٽا سامي چَئي.

(٣٠)

محبتن مَرَٽو، سامي رکيو سِرَ تي،
وَدائون ويساهَ سان، ساڌوءَ جو سَرِٽو،
اِستِتِ ٽِيا آڪاسَ جان، چِڌي پانَ پَٽو،
جاٺنِ رَسُ گهٽو، سَتَهَ سِرِ سَماڌَ ۾.

(٣١)

مُنهَن سان مَها واڪَ، ٻُڌي ٻولِنِ ڪيترا،
سَمُجهِي ڪي سِيتَلُ ٿِيا، مَحَبتي مُشتاقَ،
ماري ڪَيا جَنِ مَنَ جا، خِيالَ سيئي خاڪَ،
پَرِچِيا رَهَنِ پاڪَ، سامي سُپيرِيَنِ سان.

(٣٢)

ڏِيئا ڏِسي پَتَنگَ، جَلِي جوتِ سَروپُ ٿِيا،
سَماٽا سامي چَئي، جَلَ ۾ جَلَ تَرنگَ،
تِئين مِليا مَحَبوبَ سان، مَحَبَتي مَلَنگَ،
سَدا اَليپُ اَسَنگَ، رَهَنِ بِديهي ديهِ ۾.

(٣٣)

ويدانتي سَڀ واڪَ، ٻولِنِ بيحَدِ ٻوڏَ جا،
سَمُجهي ٿِيا سامي چَئي، مَحَبَتي مُشتاقَ،
چَڙِهيا چيتَن چِٽَ تي، خيالَ ڪَري سَڀ خاڪَ،
پَرِچِيا رَهَنِ پاڪَ، پاڻُ وَرائي پاڻَ سان.

# عشق

(١)

پرچي ڏِنو پَھُ، مُرشِدَ خاصِ مُريدَ کي،
اُٿـندي وِهَندي عَشِقَ سان، اورَ اِنهيءَ ۾ رَهُ،
وَٺـي راهَ رِنديءَ جي، سَيَـکي سِرَ تي سَھُ،
تـہ اَچي پاڻَ اَلھُہ، مَطِلَبَ کَـندءِ مَنَ جا.

(٢)

هَرَ هَرَ هَٿُ مَ پاءِ، عَشقَ جي اِسرارَ ۾،
سِيائـپَ جِي سامي چَئـي، تَـپي ڪانهي جاءِ،
جي توکي پِياس پَسَـڻَ جي، تـہ مکَـڻَ سيکَ پچاءِ،
پِيد بِنان لِنوَ لاءِ، تـہ سَهَجِ مِلَني سُپرين.

(٣)

عَشِقَ پُڻيءَ آيو، عَقُلُ پيهي پاٺهي،
سورِجَ ساڻُ لڳو رَهي، جئين سورِجَ جو سايو،
مِلي عَشِقُ عَقُلَ سان، سامي سَمايو،
مَنَ مُرِچو لايو، سَمُجهِي پانهِنجو پاڻَ سان.

(۴)

عَشِقَ ساڻُ عَقُلُ، مِليو رهي مُنڍَ جو،
جِئين سُن آڪاس سان، پاڻيءَ مليو جل،
جيئن تيج اگن سان، مينگھ مليو بادل،
سامي چل اچل، پيئي روپَ پَوَن جا.

(۵)

اَچي عشق رکيو، زور جنهن جي جيءَ ۾،
تنهن چيتَ منائي چِتَ جي، چيتَنُ رَسُ چکيو،
سُته سِڌِ لکيو، سامي چَئي سروپَ کي،

(٦)

عاشِقَ ڪينَ لِڪَنِ، سورِجَ جان هِنَ لوڪَ ۾،
سَدا اَلبيلَنِ جا، رَتا نينَ رَهَنِ،
ڪانِ نہ ڪَڍَنِ ڪَنهن جي، سُوري پِرِ سَهَنِ،
اَنَئي پَهَرَ وِهَن، سامي سُپيرِيَنِ سان.

(۷)

جي توکي پياسَ پَسَڻَ جي، عاشِقَ اَلکُ تيءَ،
اَکِنِ جي اَلِڪَنِ ۾، جوڙي رکِين جيءَ،
لِنوَ لائي لُنؤ لُنؤ سان، پِريمَ پِيالو پيءَ،
تہ سامي چَئي سَديءَ، حاضر ڏسين هوت کي.

(٨)

عاشِقَ ڪُرلائي، پَسَڻَ ڏاڻ پِرِيَنِ جي،
دَردَ پِرِيون دانهان ڪَري، سَبَ ڪي ٻُڌائي،
ڪو ڪَري مِهر مُٺَنِ تي، سَجَڻُ مِلائي،
اهڙو ڪو آهي، جو تَپَت مِٽائي مَنَ جي؟

(٩)

بِرَهَنِ ڪُرلائي، وِڇڙي وَرَ اڳَمَ ڪون،
روئي رَتُ اکِنِ مون، دَرِ دَرِ واجهائي،
سامي چَئي ڪو سُپِرِين، آڻي مِلائي،
اِهڙو ڪو آهي، دَرِدَوَندُ داتارُ جَنُ؟

(١٠)

ويلو ۽ وَقتُ، عاشِقَ ڳُڻِنِ ڪِينَڪي،
موڙي ڪِيائون مَن کي، اَوِديا ڪون اُپَرتُ،
سُتَهَ آتمَ تَتُ، سامي ڏِسَنِ سَڀَ ۾.

(١١)

سِيڪو ڪوناني، منهِن سان عاشِقُ پاڻَ کي،
ڪو وِرلو پاڻُ پَتنگَ جان، جِيئَندي جَلائي،
جَنهِن کي لَڪائي، سامي دَرسَنَ سُپرِين.

(۱۲)

مگَن ٿيا مُشتاقَ، ڏِسي مُنهن مَحبوبَ جو،
دوسَن سَندي دَرَجي، نِتُ مَستڪَ لائِن خاڪَ،
پانڻ نِوازيا پاڪَ، سي خاصا خِلوَتدارَ ٿيا.

(۱۳)

چِٽڪَ پيئي چولي، عَجائِبُ عَشِقَ جي،
ڏَهَ ڏِسَ پِيئُسِ دوسَ کي، فِڪرَ سان ڦولي،
اچي چڙهيسِ اوچتي، حَيرَتَ هِندولي،
سامي سِرَ اولي، سَهَجي مِليا سپرين.

(۱۴)

پانڻ پِريَن کي ذاتِ، عَشِقَ مُڪائون ايلچي،
ريڙهي وِيو رَهَتِ سان، جَتي ڏينهن نَ راتِ،
مِٽي ويئي مَنَ مون، سامي چَئي سَبَ تاتِ،
عشق اِلاهي ذاتِ، ٿي ذاتِ سُڃاڻي ذاتِ کي.

(۱۵)

عَشِقَ جاڳايو، سامي سُمهي جيءَ کي،
جيئن چَقمَقَ لوهَ کي، چِتَ ري چِلايو،
اَگستَ جيان آچِمان ڪَري، ساگَرُ سُڪايو،
سورِجُ سِرِ آيو، اوِديا اوندَهِ نَ رَهِي.

(١٦)

عَشِقُ اِلاهي ذاتِ، سامي سَنسي ري اَتِي،
وَيِي پُڇ تَنِين کون، جَنِ اِهائي تاتِ،
لَڳا رَهَنِ لڪَ ۾، پُڇَنِ ڏينهُن نـَ راتِ،
درَسَنُ گهرَنِ داتِ، اَنئي پَهَرَ عَجيبَ کون.

(١٧)

عاشق ڪونائِين، تـَ صرفو ڇَڏِ سَريرَ جو،
ڏيئي سِرُ سَتِگُرَ کيء پيرُ اڳي پائين،
تَڏِي لِنوَ لائِين، سامي سُپيرين سان.

(١٨)

اَتِي کوهَ پِريا، پِرِينِ جي پَچارَ جا،
نانا واڪ وِصالَ جا، نِڪرَنِ اَنَ گهڙِيا،
بُڌي بِرِنِ ڪَنَن سان، تِيا عاشِقَ لوڪَ چَريا،
وَيِي سِيرَ چَڙهِيا، سامي سَنڌِ سهي ڪري.

(١٩)

عَشِقُ لايو جَنِ، سي ديوانا دوسَ جا،
بِنان سِڪَ سَڄَڻَ جي، بي ڳَلِي ڪانـَ ڏِسَنِ،
آڳيا نسانُ عَجيبَ جي، آيو يوڄَنُ ڪَنِ،
سامي سدا رهن، ديوانا دربارِ ۾.

(٢٠)

اَچي تـِيو مَعمورُ، عشق اَٽانگو جيءَ ۾،
تَنهِن سَڪَتِ سَڀَ ڪَسي ڪَري، ڪِيائِين چَڪنا چورُ،
ڪَنهِن ڪي سَلان سورُ، سامي سُپيرِيَنِ جو.

(٢١)

اَچي واءُ گُهلِي، اَزِغَيبي عَشِقَ جي،
ويئي تَنهِن جي تيجَ ۾، تون مان سَڀَ پِلي،
وَسيو ميگهه مِهرَ جو، پِيو چيتَنُ چَندرُ کُلي،
ميٺي ڪَلپَ ڪَلِي، سيتَلُ ٿِيو سامي چئي.

(٢٢)

جيئن ڪانيءَ گُهڻُ ڪائي، تِيئَن عَشِقُ لَڳو اَرواحَ کي،
سامي ريڙهي ويو سُنَ ۾، لِنوَ لاري لائي،
جِئين ڳهاڳهرِ لونَ جي، سِندُ ۾ سَمائي،
ساڳُرُ سُڪائي، اَتلَ جوتِ عَجيبَ جي.

(٢٣)

جِئين ڪانيءَ گُهڻُ ڪائي، تيئن عَشِقُ لَڳو اَرواحَ کي،
ڪَديائِين ڪَلپِتَ کي، لِنوَ لاري لائي،
تَنُ مَنُ لُٽائي، ساميءَ ڏِنو سَيُڪي.

(٢٤)

ڦُرني جو فَرياد، عاشقن کي اَندر ۾،
جَنِ کي آيو عشق کون، سامي چَئي سَواد،
دَرسَنُ پائي داد، پريتِ نہ مَنّنِ پانهنجي.

(٢٥)

اَنئي پَهَرَ اُداسَ، عاشِقَ رَهَنِ اَندَرَ ۾،
پَسَڻَ ڪاڻِ پِريَنِ جي، لُنوَ لُنوَ مَرَنِ پِياسَ،
سامي چَئي سَنسار جي، پوري رکن نہ پاسَ،
تي خِلوَتي خاصَ، مِليا محبوبن سان.

(٢٦)

راتيون ڏينهن رُئنِ، عاشِقَ ڪاڻِ عَجيبَ جي،
ڳالهہ نہ سَلِنِ ڪَنهِن کي، پانهِنجو پاڻُ ڪُهن،
ڏاريو سِڪَ سچيءَ سان، اهڙو حالُ مُئنِ،
اَچي مَنَ ڏُئنِ، سامي چَئي مُنهن سُپرين.

(٢٧)

عاشِق اَڌُ مُئا، سَدا تَڙڦَنِ تَنَ ۾،
جَنِ کي سِڪَ سچيءَ جا، اِهڙا ڦَٽَ هئا،
دَرسَنَ جي دُعا، سامي گُهرَنِ سَپَ ڪون.

(٢٨)

عاشِقَ کَنِ عَرِجُ، سَدا سِکَ سَچيءَ سان،
دَرسَنُ دَردَوَندن کي، ڏي نارائڻَ نِجُ،
اَوِديا اونده نـَ رَهي، ڏِسِي ساکِي سِجُ،
سَتّي وَيِي بِجُ، سامي چَئي سَنسارَ جو.

(٢٩)

تَـکِي پيئي تاءِ، اَچِي دَرِ دوسَنِ جي،
اَکِنِ ۾ عاجِزِ کي، جانيءَ ڏِني جاءِ،
کَري اَرِداسَ اَدَبَ سان، سامي پـولِي پاءِ،
پورِي پريت نباهِ، پاسي تيءُ نـَ هِڪُ پلُ پِي.

(٣٠)

تَـکِي پيئي تاءِ، مَمَتَ رهي نـَ مَنَ ۾،
جڳتُ ڏِٺو جڳديسَ ۾، جڳديسُ ڏِٺو جڳَ مانهِنِ،
ڳالِهِ چَوَڻَ جي نانهِ، چَوان ڪيئن زبان سان.

(٣١)

عاشِقَ تِيا اَتيتَ، پَسَڻَ کانِ پِرِيَنِ جي،
سَهَنِ سَدائي سِرَ تي، دُک سُک اُسَنَ سِيتَ،
ڦَنيا دَردَ فراقَ جا، گاوَنِ گَيبي گِيتَ،
جيتي پَنجَ اَجِيتَ، سامي مِليا سَروپَ سان.

(٣٢)

عاشِقَ سي چئجَنِ، جي سوري سَهَنِ سِرَ تي،
پانهِنجي هَٿَن پانهنجي، لاهي ڪَلَ ڏِئَنِ،
جِيَڻَ ائون مرڻ جو، سَنسو سوچُ نـ ڪن،
سَدا غَرقُ رَهن، سامي سارَ سروپَ ۾،

(٣٣)

عاشِقُ سَپِ مَجي، آکيا عَجيبَنِ جي،
سامي رَهني سِڪَ ۾، وَڃَنُ ڪينَ ٻيجي،
توڙي سِرُ وَڃي، تـ ٻي پيرُ نـَ وِجهي پوئتي.

(٣٤)

عاشِقَ جائَنِ اَڪُ، سامي سُڪَ جَهانَ جا،
مِلي تِيا مَحَبوبَ سان، ڦُرني ڪون فارَڪُ،
ٻولِنِ ٻوليءَ باهرون، لُنوَ لُنوَ عين الحَقُ،
ڏَهَنِ دَرَنِ کي ڏَڪُ، ڏيئِي وينا هِڪڙو.

(٣٥)

عاشِقَ عَشِقَ ٻَريا، مَست رَهَنِ مَهرانَ ۾،
سامي سُجائَنِ ڪِينَڪي، تَن کي لوڪَ چَريا،
سِيائَن سُجاڪَنِ جا، ڏِسي نينَ نَرِيا،
سُتَهَ ڪاجَ سَرِيا، سَچيءَ سِڪَ وارَن جا.

(٣٦)

عاشقَ اُگهاڙو، ڪنهن کي ڪرن ڪِينَڪي،
سامي ڏِڪن سڀ ڪي، رکي لُنوَ لاڙو،
ميٺي وِينا من مون، سنسو ۽ ساڙو،
چاڙِن ڏيهاڙو، مٿي اُتي موت جو.

(٣٧)

عاشِقَ تِينَ نـ ڏورِ، پَلَڪَ هِڪَ پِرِيَنِ ڪون،
چاڙِ وِڇائي پانهنجي، هَردَمُ رَهَنِ حَضورِ،
لائي وِينا ڏوڙِ، مَستَڪَ تي مَحبوبَ جِي.

(٣٨)

عاشق روپَ اَنيڪَ، ڌارِنِ بازِيگَرَ جان،
مَنَ ۾ مَحَبوبَنِ جِي، هِڪَ تِڪَ رکَنِ ٽيڪَ،
وَرتَنِ ساڻُ وِويڪَ، ساکي تي سامي چَئي.

(٣٩)

جنهن کي عَشِقُ لَڳو، اَچي عَجيبَنِ جو،
تَنهِنَ مِلي ساڌَ سَنگَتِ سان، سامي پِولُ پِڳو،
وِڪِٽي ڏورُ ڏِڳو، سُمهيو سکپت سيجَ تي.

(٤٠)

جَنهِن کي چَڙهيو اَمَلُ، اَچي عَشِقَ اَيـيدَ جو،
مِٽيو تَنهِن جي مَنَ مون، سامي سَڀُ خَلَلُ،
سُتَهَ سِڌِ سَروپَ کون، پاسي ٿِئي نـَ پَلُ،
اَٿَ ئي پَهَرَ اَچَلُ، رَهي پانهنجي حالَ ۾.

(٤١)

جَنهِن کي چَڙهيو خُمارُ، اَچي عَشِقَ اَيـيدَ جو،
سو سامي سُپيرِيَنِ ۾، وِٽِ نـَ پائِين وارُ،
سدائي گلذار، رهي پنهنجي حال ۾.

(٤٢)

جَنهِن کُنهي ڏيئي ڪَنُ، ٻُڌي ڳالهِ عشق جي،
سو سامي رِمِ جِهمِ ميگهه ۾، پسي ٿِيو پَرَسَنُ،
ڏَهَ دِسِ ڏِسي دوسَ جو، دُئيتُ بِنان دَرسَنُ،
ميٽِي سَڀُ مَنَنُ، چَڙهي وينو چوڏولَ ۾.

(٤٣)

جَنهن کي ڏيکارِي، عاشِقَ لَٽَـڪَ عَشِقَ جِي،
تَنهِن سامي سَٽِي سِرَ تون، خودي خُواري،
اُترِي ڪِنِهَ اکِن مون، جا خوش خُماري،
ڦِري نـ بيکاري، ٿِيي دِرِ دَرِ ڪارَڻِ دوسَ جي.

(۴۴)

جَنهنِ کي پيئي ٻانَ، اچي عشق اَيِدَ جي،
مِٿي تَنهِن جي مَنَ مون، سامي چئي سَڀَ ڄاڻَ،
پيءُ پَرچي ٿيو پاڻَ، تَ ٻ پيءُ پيءُ ڪَري پِيهِ ڄان.

(۴۵)

اَيِيدِي عاشِقَ، پِيدُ چَڏِي پَرِپورُ ٿيا،
پَرچي ڪَيا جَنِ پانهِنجا، خِلوَتي خالِقَ،
مُلڪُ ڏسَنِ مالِڪَ ۾، مالِڪُ مَنجهه مُلڪَ،
تان پِي رکَنِ سِڪَ، سامي ساڌَ سَنگَتِ جي.

(۴٦)

چَڏِي هَٺُ هيبَتَ، عاشِق چڙهيا اَڄَ تي،
جَتي ڪالُ نَ ڪَرَمُ ڪو، نَڪي مَمَتا مَتَ،
نَڪو ڏينهن نَ رات ڪا، نَڪو پَنج ٽَي تَتَ،
ڪَلپَتَ ري قُدرَتَ، سامي ڏِسي سَمَ ٿيا.

(۴۷)

ڪَدِي سَڀَ ڪَلپَتَ، عاشقَ چَڙِهيا اَڄَ تي،
ڪَنهن سان رکَنِ ڪِينَڪي، سامي موهُ مَمَتَ،
لنگهي پنجَ ٽَي تَتَ، اِستِتَ ٿِيا آرام ۾.

(۴۸)

دَمَ تي رکي قَدَمُ، عاشق چڙهيا اَڄَ تي،
جَتي ڏينهن نـ راتِ ڪا، نَڪو ڪالُ ڪَرَمُ،
نَڪو جيءَ نـ بِرَهَمَ ڪو، نَڪو پولُ پَرَمُ،
اَنيئِـ پَدُ اگمُ، سُتَهَ رَهي سامي چَئي.

(۴۹)

بانيَنِ جَنهِن بِڌا، اَنَيئِـ واڪ عَشِقَ جا،
پرچي ڪَئي تنهِن پانهِنجي، مَحَبتيءَ مُدا،
جانيءَ ڪون جُدا، ڪَڍِي تِئي ڪِينَڪي.

(۵۰)

عَجائِبُ آهي، تَختُ طائوسي تَنَ ۾،
سامي تَنهِن تي سُپرين، تـو عَدَلُ چَلائي،
اُلَٽي ڪَنهِن عاشِقَ ڏِٺـو، مُنهُن مَٽِهيءَ پائي،
چِنتا چُڪائي، نِتُ ڪَري دورَ دَرسَ جِي.

(۵۱)

اُلَٽي تـا سَلَنِ، عاشِقَ ڳالهِ عَشِقَ جي،
سامي چَئي سَنسارَ ۾، هُنرَ سانُ هَلَنِ،
سُتَهَ سِڌِ سَهي ڪيو، اِهو پيدُ پـلَنِ،
جاڳي ڏِٺـو جَنِ، پانهِنجي اکين پانُ ڪي.

(٥٢)

ڪو عاشِقُ جَنُ اَچِي، مُئَن جي مَجلَسَ ۾،
ڪَنيو خُلاصو ڪَري، جَنهِن ڪي شَونقَ سَچِي،
پَتَنگَ جان پانڌَ کي، ڏِسِي مَچُ مَچِي،
سامي رنگِ رَچِي، سُتَهَ سپِيرِيَنِ جي.

(٥٣)

عِشقَ جي اُلَتي، ڪُندي اَڙي قَلوبَ ۾،
تَنهِن سامي سُرت مچيءَ جِي، پيرؤن پاڙَ پَٽي،
هُئي اَوِديا جَلَ آسِري، سا ڪَدي سُڪَ سَٽي،
ڪَلِپَتَ سَڀَ ڪَٽي، رَهي نِربانَ نَگرَ ۾.

(٥٤)

عاشِقَن ڏَرِٺو، ڏِنو دَرِ دوسنِ جي،
سَمجهائون سامي چَئي، پوءِ اَڳي مَرِٺو،
ڪايا جو ڪَرِٺو، ميٽي وينا مَنُ مون.

(٥٥)

عاشِقَن اُتو، وَچَنُ هِڪُ ويساهَ جو،
مُئَنِ جي مجلسَ ۾، اَچي تيءُ اَچِتو،
بُندَنَ سان بانيَنَ چَئي، هِردي مَنجهِ ڪُتو،
پانڌُ چَڏي پَهتو، وَچي خِلوَتَ خاصِ ۾.

(٥٦)

عاشقن آڏيو، پريمَ پينگهوڙو گهرَ ۾،
پَسَڻَ ڪاڻِ پرينِ جي، ٻيو سڀُ ڪم ڇڏيو،
اَچي گڏُ گڏيو، سَڄَڻُ سِڪَ ڏِسي ڪري.

(٥٧)

عاشقن اِهو، ساڪي پُرسُ سِڌ ڪيو،
ٻاريو جنهِن ٻانيَڻُ چَئي، ڏيهيءَ مَنجهِ ڏيو،
رَهي پانهنجي حالَ ۾، سَدائين ڪيو،
پائي لِنوَ ليو، تَنهِن کي ڏِسي تَدروپُ تي.

(٥٨)

انيئي عاشِقُ، ڪوڙنِ ۾ ڪو هِڪڙو،
جَنهِن اَوِديا جو اَندَر مون، لَنؤُ سان ڪَڍيو لِڪُ،
سَهي ڪَيائين سُپرين، اَندرِ ٻاهَرِ هِڪُ،
ڦُرني کون ڦارِڪُ، سامي سدائين رهي.

(٥٩)

ڪي ڀِلي ڀوڳِنِ ڀوڳَ، سَتِ ڄاڻي سَنسارَ کي،
ڪي ڄاڻي جوتِ جڳتَ کي، ساڌنِ جَپَ تَپَ جوڳَ،
عاشِقَ رَهَنِ اَروڳَ، ٻِنهي کون ٻانيَڻُ چَئي.

(٦٠)

جا جانيءَ جي جاتِ، سا عاشقَنِ جي اکِّهين،
مِٺِي جَن جي مَنَ مون، سَڀِ ڀَرائي تاتِ،
سِيتَلُ ٿيا سامي چئي، دَرَسَنُ پائي داتِ،
جَتي ڏينهن نہ راتِ، تَتِ تڪيائون تڪيو.

(٦١)

پَڙهيا پُرجَهنِ ڪِينَڪي، ڏاها ڪِينَ ڏِسَنِ،
مَنجِهين خوابَ خِيالَ جي، ڪوڙا قِصا ڪَنِ،
هڪڙو اکَرُ پِريمَ جو، سامي رکَنِ نہ مَنِ،
پَتيو پِيتو جَنِ، سي ماهِلُ ٿيا مهران ۾.

(٦٢)

پڙهي ٿيا پَرِيَڪَ، عاشقَ اکَرُ پريمَ جو،
چَڙِهيا اَنيئہ اَڇَ تي، ويڙهي سَڀِ وَرِقَ،
پَلِ پَلِ ڏِسَنِ پورَبي، جَهگِ مَگاد جَهلڪَ،
بانيَنَ پائي بڪَ، ستھ پيا سَروپَ ڪي.

(٦٣)

پَڙهي ٿيا پَربِينَ، عاشقَ اکَرُ پريم جو،
سامي سُکَ اَندَرَ جو، ڪَنهِن کي سِلن ڪِينَ،
سَدا سُپيرِينِ جي، لنوَ ۾ رَهَن لِينَ،
جِيئِين جَلَ ڪون مِينَ، پَلَڪَ پَراهون نہ ٿِئي.

(٦٤)

پِرين بي پرواهَ، قِيمو ڪَنِ ڪُنِن ڪي،
سامي سِرُ صَدقي ڪَري، عاشِقَ ڪَڍِن نہ آهَ،
پَلِ پَلِ پيئن پريمَ رَسُ، اَندَرِ ۾ اَسِگاهَ،
سَلَڻُ ناهِ صلاحَ، متان ڇِلي ڇولَ ڇِلا ڪري.

(٦٥)

پَلي پاڙوسِي، عاشِقَ چَڙهيا اَڄَ تي،
ڪَڍي پُڇَنِ ڪِينَڪي، پَندِتَ ۽ جوشي،
مُکِ رکپائون مَنَ ۾، ڪِيما ڪاموشي،
ٿَڏي ۽ ڪوسِي، سامي سَهَنِ سِر تي.

(٦٦)

ڪري جُهدُ جَفا، عاشِقَ چَڙهيا اَڄَ تي،
ڪَنيائون ڪَلِپَتَ جا، ڪِنَ ۾ خيالَ خَفا،
سامي ڏِسَن صفا، اَندَرِ باهَرِ آتما.

(٦٧)

موركَ ناه مذاقَ، لائِنُ عَشِقُ اَلاهَ سان،
سامي سُپيرِيَنِ جي، اَتي سوريءَ تي اوطاقَ،
سِرَ سَٽي سودو ڪري، ڪي وِحي پَهتا پاڪَ،
خاڪي ٿِئَڙا خاڪَ، نورَ مَحَلَ جي نيوَ تي.

# عشق (ب)

(١)

عشقِ آسان نہ جانُ، سامي چَيو سَتِگُروءَ،
مَچيءَ، مرِگھ، پَتنورَ کون، پُڇي ڏِسُ پَرمانُ،
ڏِٺو ڏِسِي نہ رَهي، پَتَنگُ جَلائي پانُ،
چَڪَوِيءَ جو چَندِرَ سانُ، هَميشہ ئي هِتُ رَهي.

(٢)

چِتَ کي چڪايو، عَشِق چپاتو اوچتي،
بيهي وِچَ بازارِ ۾، سَڀُ کي لُٽايو،
سامي مِلِي سَروپَ سان، اَچِرجَ ۾ آيو.
نَکي وِڃايو، نَکي پاتو پانَ ري.

(٣)

جِئين ڪانيءَ کي گُهڻُ، تئين عَشِقُ لڳو اَرواحَ کي،
لُنوَ لُنوَ ۾ لڳو رَهي، راتِيون ڏيهَن رُڻُ جهڻُ،
سَمُجهي ڪو سامي چَئي، پِريمي پاڪي بُڻُ،
جَنهِين ڪُٺائي کُڻُ، ميلو ڪِيو مَحبوبَ سان.

(۴)

بيحَدِ بانُ لڳو، جَنهِن کي عَشِقَ اَگمَ جو،
مِلي تَنهِن مَحَبوبَ سان، پولو پَرَمُ پڳو،
ڳَٽي ڪينَ اَندرَ ۾، پَرِچِنُ پيچو اَڳو،
وِڪِٽي ڍورُ ڍڳو، سامي ماڻي سيجَ سُکُ.

( ۵)

اَچي عَشِقُ اُٺو، جاني تُنهنجو جيءَ ۾،
تَنهن حالون بيحالُ ڪَيو، وِجهِي پيرُ پُٺو،
کِهلي وِيو گُمَراهَ ۾، پُڇِي ڪِينَ ڪُٺو،
رَهَندين اَچا رُٺو، ڪي ڪَندين مِهَرَ مُنَنِ تي؟

(٦)

روئِي راتِيون ڏينهَن، عاشِقُ ڪانِ عَجيبَ جي،
دانهان ڪَري دَردَ سان، نِيو نِهوڙي نِينهَن،
جِئين بَنَ ۾ بَڪِري، کهيري ڪيهَرِ شينهن،
سامي چَئي سِريهَن، دَرَدُ نه مِٽي دَرَسَ ري.

(٧)

تُنهنجي عَشِقَ ڦُٽي، جاني جيءُ دُکي ڪَيو،
روئِي رَتُ اَکِنِ مون، راتِيون ڏينهَن رُٺي،
ڪَري مِهَرَ مُئِنِ تي، اَچي دُکَ ڪُٺي،
وِهي ڪِينَ سَٽي، سُتَتُ مِلُ سامي چَئي.

(٨)

ٻلٻلِ ڪَنِ پُڪارَ، ڦٿيا عَشِقَ فِراقَ جا،
سامي چَوَنِ مِلُ سپِرين، روئِنِ زارون زارَ،
لُنوَ لُنوَ مَنجھ لڳِي رَهِي تِکي تُنهنجي تارَ،
سُتَتُ لَه سَنيارَ، نَہ تَہ ڏِيون ٿا دَمُ دَردَ سان.

(٩)

ڪو اڳِي ٻِي عاشِقُ ٿِيو، ڪِي اسِين ٿِيا سي سُپرين؟
دَردَ ديرو ڪَيو دِلِ ۾، ياري پيچُ پِيو.
رُئندي رُئندي راتِ ڏينهَن، ٻُلي تَنُ وِيو،
اَچِي ڪو ٻِيو، سُڌِ لَهَندو سامي چَئي؟

(١٠)

پاڻَ عَشِقَ سوري، ڪَيو وَسِ ويساهَ سان،
ماسُ ڪاڏائِين مَنُ ڪسي، سامي سَبُ ڪوري،
باقي پولو پِڃرو، رڳان رُنيون تو ري،
آءُ پِرين اوري، نَہ تَہ ڏِيون ٿا دَمُ دَردَ ۾.

(١١)

مَنُ موهي مَڏُ ڪَرُ، جَنهِن جي عَشِقَ اَپارُ ڪيو،
لوڙِي لَڏو لِنوَ سان، دِلِ مون تَنهن دِلبَر،
ڪَنهِن ڪي سَلي ڪِينَڪِي، پائِي پِريمَ نگَرُ،
سَدا باغُ بَهَرُ، سامي رَهِي سَيباوَ ۾.

(۱۲)

عَجَبُ عَشق گُهتِي، پِيئندڙي مَن پَتيو،
اَوِديا اونده نَ رَهي، پورَبَ پِرهِ ڦُٽي،
سامي ڏِسي سَروپَ کي، اَنيڪ لَٿَ لُٽي،
سُتَهَ سِڌِ چِٽي، بَنڌَنَ پِيا بِيائيءَ جا.

(۱۳)

عاشِقَن اَصلي، پريتَمُ لَڌو پانهِنجو،
سِيتلُ ٿِيا سامي چَئي، مِيٺي ڪَلِپَ ڪُلي،
ماٺِن دَورَ دَرسَ جِي، خوشيءَ ساڻُ کُلي،
پَرمَ مَنجهِ پِلي، ڪَڏِي پَوَنِ ڪِينَڪِي.

(۱۴)

عاشِقَ سَڀِ اوري، ڇاڻِن سڪَ سَنسارَ جا،
سامي سُرڪَ لوڪ برهم لوڪ جا، سڪَ سَڀِي ڇوڙي،
گُرگَمَ چَڙِهيا چِيتِن تي، حَيرت هِندوري،
ڪائِنِ نِتُ پوري، لَڌون پِريمَ اَگَمَ جا.

(۱۵)

ڪو عاشق ڪُل اَلِپَتُ، رکي تارَ عِشقَ جي،
باهِرِ باقي ڪِينَڪِي، اَندرِ روئي رَتُ،
سامي لَڌائين سُپرين، سَچيءَ سڪَ سُتَتُ،
مِيٺي سَڀُ مَمَتُ، ماهِلُ ٿِيو مَهَراڻ ۾.

(١٦)

عاشِقَ سي چَئِجَنِ، سِڪَ جَني کي سَچَ جي،
لائي لِنوَ لالَنَ سان، هردي مَنجھ هيرَنِ،
سامي پَرچي پيءَ سان، مَنَ ۾ مَوجان ڪَنِ،
سَدائي گاوَنِ، بِلاوَلُ بيحَد مَنجھون.

(١٧)

عاشِقَ تي عاشِقُ، سُتَهَ رَهي سُپرين،
اِها ڳالِهِ اَنِپَتي، سمجھي ڪو سالِڪُ،
مِثيو جَنهن جي مَنَ مون، سامي ڦيرُ قارڪُ،
اَندَرِ باهَرِ هِڪُ، سورِجُ ڏِسي سَمَ جو.

(١٨)

هِڪَ چَپاٽَ هَنئين، جَنهِن کي عَشِقَ اَلاهَ جي،
سو سامي مَري نہ سورَمو، ڏَنڏا ڍيرَ ڏَنئين،
اُستَتِ نِندا لوڪَ جي، سِرَ تي سَہَ ڪَنئين،
وَنِي واٽَ سَنئين، پَهُتو پورَنَ پَدَ تي.

(١٩)

موركَ نانهه مَذاقَ، لائِنُ عَشِقُ اَلاهَ سان،
پُڇي ڏِس تَنين کون، جَنِ جي سوريءَ اُتي اُطاقَ،
ڪَلَ لاهي ڏِيَنِ پانهِنجي، طالَعِ وَندَ تَراڪَ،
توڙي تِيَنِ خاڪَ، تہ بہ سامي سنيارِنِ يارَ کي.

(٢٠)

بِنان خاش خَريدَ، تِنْي نـَ عَشِقُ اَلاهَ جو،
اِئين چَوَنِ تا٠ اولِيا، سامي سَڀِ شَهيدَ،
مَري جَنِ مُرشِدَ كون، وَتِي دَرِشَنَ ديدَ،
كَنِ اَيِيدِي عيدَ، مِلِي نِتِ مَحَبوبَ سان.

# عاشق

(١)

عاشِقَ سي چئِجَنِ، جَنِ تي عاشِقُ پاڻَ ٿيو،
جِتي ڏِسَنِ نينڻَ پَري، تِتي پِرين ڏِسَنِ،
اُتندي وِهَندي ننڊ ۾، سامي مِليا رَهن،
اَهڙي رنگِ رَچَنِ، سي عاشق معشوق ٿيا.

(٢)

عاشِقَنِ جي راهَ، جُدا سَبَ جَهان کون،
هَلَنِ هَٿُ چَڏي کري، بِنان چِنتا چاهَ،
ڪَنهِن جي رکَنِ ڪِينَڪِي، پِرينِ ريءَ پَرواهَ،
سَدا ڪَن سَلاهَ، سامي سُپِيرِيَنِ جي.

(٣)

پُرجهي پائِج پيرُ، عَشقَ جي آڙاهَ ۾،
سوکَمَ کون سوکَمُ ٿِي، سُپيريان جو سيرُ،
موٽي موٽيو ڪونڪو، غَيبي بُجهي گهيرُ،
جائِج ڦَندُ نَہ ڦير، اَتِي اُونهي غارَ عَجيبَ جِي.

(۴)

جِئين جَلَ ري مينَ، تِئين عاشِقَ مَرَنِ عَجيبَ ري،
سَچي سِڪَ اَندرَ جي، ڪَنهِن کي سَلَنِ ڪِينَ،
سَدا رَهَنِ لِنو لِينَ، سامي دَرِسَ ديدار ۾.

(۵)

عاشِقَ اُگهاڙي، ڳالهه نـَ ڪَرِنِ ڳُجَهـ جي،
ڪِيائون ڪَلِبَ ڪَڍي ڪَرَي، مُحَڪَمُ مُهاڙي،
لائي وينا لڪَ سان، سامي سَمَ تاڙي،
ڏِسَنِ ڏهاڙي، پانهنجي اکين پانَ کي.

(٦)

نهاري نيٽَنِ، لَڏو پيرُ پَلَڪَ مون،
ٻِنِ پَرِنِ وِچَ سير ۾، مِلي مَوجان ڪَنِ،
جَتي اَبوهيا لعل آهن، تَڪِيو ڪَري تَنهن ۾.

(۷)

نِتاري نيٽَنِ، لَڏو پيرُ پَلَڪَ مون،
نانا پانت چِڏي ڪري، حاضُرُ هِڪُ ڏِسَن،
مَحبوبَنِ جي مُنهن ڪون، پَلَڪَ نـَ پاسو ڪَنِ،
سدا غَرقُ رَهَن، سامي سارَ سَروپَ ۾.

(٨)

جِن کي لَڳا تِيرَ، اَٽيالا عشقَ جا،
سي پَسَڻَ ڪاڻِ پِريَن جي، ٿِيا قِرن فقيرَ،
ڪٽيائون ڪَلِپَتَ جا، جاڳي سَڀَ زنجِير،
سامي چڙهيا سيرَ، سَنَمک ڏِسَنِ سُپرين.

(٩)

پيهي ڏِٺو جَنِ، سامي سُپيريَنِ کي،
پَسي عَينُ اکِن سان، هِڪَ پَلَڪَ نہ پاسو ڪَنِ،
ڪَلِپَتَ ڪَدي جيءَ مون، سامي سَمَ رَهَنِ،
تان پي سِڪَ سِڪَنِ، توڙي واقِفَ ٿيا وِرونہ جا.

(١٠)

اَنيئي عاشِقُ، ڪوڙنِ ۾ ڪو هِڪڙو،
جو سامي ڏِسي سُپرين، اَندَرِ باهَرِ هِڪُ،
ڏيئي تَتُ تِلِڪُ، سيلُ ڪَري سَڀَ باغَ جو.

(١١)

بيهَنِ، ڪين ڀَڄَنِ، عاشِقَ اِڳيون عَجيبَ جي،
سامي رُکُ سَهي ڪَري، آڳِيا مَنجهِ رَهَنِ،
جِئڻَ مَرَڻَ دُکَ سُکَ جو، سَنسو سوچُ نہ ڪَنِ،
هلايا هَلَن، جاڻَ وِجائي پانهِنجي.

(١٢)

دولَتنِ جو دَمُ، بُجھو رَهي نہ بُوتَ ۾،
جاڳي ڪَيون جن زور سان، بَلائون بِسَمُ،
رکَنِ نہ رَتيءَ جيترو، ڪنهن سان گوندرُ غمُ،
سامي سڀ عالَمُ، مُئي پِري مُجرا.

(١٣)

بُڌي بيحد بِينَ، عاشِقَ سڀِ اَلڳ ٿيا،
ڏِسي مُنهن مَحبوبَ جو، مُشڪِنِ ڪُشڪَنِ ڪِينَ،
رَهَنِ پانهنجي حال ۾، سامي چئي لَئلِينَ،
جِيئِين جَل ڪون مِينَ، پَلَڪَ پَراهون نہ ٿِئي.

(١٤)

پاتي ٿا پَڙَنِ، عاشِقَ ڳالهہ عَشقَ جي،
سامي چئي سَنسارَ ۾، هُنرَ ساڻُ هَلَنِ،
سُتہ سِڌِ سَهي ڪيو، اِيهو پِيڌُ پَلَنِ،
جاڳي ڏِنو جَنِ، پانهنجي اَکئين پاڻَ کي.

(١٥)

پريتِ رکي پوري، عاشِقَ چَڙهيا اَچَ تي،
سامي ڪاڻِ سَجَڻَ جي، سَنائون سوري،
کَلَ لاهي ڏِينِ پانهنجي، هَٿين حَضوري،
نَئِنَنِ سان نوري، لَنَڪَ لائي لالُ ٿيا.

(١٦)

اَنيَئي عَشِقُ، لوري لَڳو جَنِ کي،
سي کَنهِن کي چَوَنِ ڪِينَڪِي، لِنوَ لَڀِيتِيو لِڪُ،
اَندَرِ باهَرِ هِڪُ، سامي ڏِسَنِ سُپرين.

(١٧)

عاشِقَ اَنيَئِـ دَڳُ، کُرَ کُمَ لَدو گهرَ مون،
تنهين ۾ تَدَروپُ ثي، پَرِچي رِکيائين پڳُ،
پَهُتو پورَنَ پَدَ ۾، سامي ثي سَرَبَگُ،
جاڳي ڏِنائين جڳُ، سامي سَيُ سُپني جو.

(١٨)

عاشِقَنِ اُجَڙُ، پانهنجو گهرُ کيو پانُهِين،
سَمُجهي ڏِنائون جيءَ ۾، ڪوڙو کَلِپَتَ مَڙهُ،
وَني وينا لَڙُه، سامي سَپيرِيَنِ جو.

(١٩)

پُڪاري پندِتَ، سارُ لَکائِنِ سَڀَ کي،
سمجهي کو سامي چَئي، عاشِقُ اِشارَت،
پورڻ جاڻِي پيءَ کي، ميٺي موهُ مَمَتَ،
سدا ڪري صحبتَ، سنتن سچارن جي.

(٢٠)

ڦِرني ڪَيا ڦوڪَ، ڦري جيءَ جهان جا،
پَوَنِ پَوَ ساگر ۾، مٿي پائي موڪَ،
ڪو عاشق چڙهيو اَڇَ تي، لَنگهي ٿيئي لوڪَ،
جَنهِن کي رمز روڪَ، سامي ڏِني سَتِگُروءَ.

(٢١)

ڦُرني ڪون ڦارِڪُ، سامي رَهي ڪو سورمو،
جَنهِن کي ڏِنو سَتِگُروءَ، عَينَ اَپيدَ عَشِقُ،
وينو اَنيئِہ تخَت تي، لائي تَتُ تِلڪُ،
هردم ڏسي هِڪُ، اَندر باهر آتما.

(٢٢)

ڦُرني ڦُري ڦوڪ، ڪِيا جيءَ جَهانَ جا،
پَرچَنُ جاٽي پانَ کي، سامي سَهَنِ سوڪَ،
ڪو عاشق چڙهيو اَڇَ تي، لَنگهي ٿيئي لوڪَ،
ماري وينو جهوڪَ، آدي اَنيئہ گهرَ ۾.

(٢٣)

عاشِقَنِ جهيڙو، سامي لايو يارَ سان،
وِجهين ڪوهُ ڪِچيءَ ۾، ڪوڙو بکيڙو؟
اسان ڪَيو تُنهنجو، ڏوهُ گُناهُ ڪِهڙو،
ويهي نِبيرو، سَنَمڪُ ڪَرِ ڪَنَن جي.

(٢٤)

عاشِقَنِ اُتَمُ، لَدِي سَندِ سَمُجَه جِي،
پاڻُ ڪَڍِي تِيا پاڻَ ۾، سامي چَئي سوڪَمُ،
چَڙهي وِينا چَوڏول ۾، لاهي گوندَرُ غَمُ،
دوسَتَ با جهون دَمُ، خالي ڪَٿِن ڪونڪو.

(٢٥)

عاشِقَ رَهَنِ غَرَقُ، سَدا پانهنجي حال ۾،
جاڳي ڪَڍِيائون جيءَ مون، سامي چَئي سَڀُ شَڪُ،
ڏيئي وِينا ڏَڪُ، ڏَهَنِ دَرَنِ کي هِڪڙو.

(٢٦)

بانيَڻَ ڪِينَ بُڌي، عاشِقُ اَوِديا سِندُ ۾،
جنهن جاڳي ڪَڍي جيءَ مون، غيرت سَڀ ڳُڌي،
اَنئي پَهَرَ لُڌي، پريمَ هِندوري پيءَ سان.

(٢٧)

محبوبن مُڪو، سُتَه سَنيهو سَچَ جو،
جاڻي جوتِ جڳَتَ کي، عاشِقَ سَتِنِ اُڪو،
سامي سَمُجهي نَ رهيو، مَنَ ۾ مَري چُڪو،
وِحي تِتِ ڏُڪو، جِتي تون مان ناهِ ڪا.

(٢٨)

پوَڻَ سَڀِ پئين، مورڪَ مُنا مَتِ ري،
سامي سُکُ سَروپَ جو، پاتو ڪِينَ ڪَهين،
اِستت رهي آڪاس جان، ڪو عاشِقُ اِڳهين،
جاڳِي ڏنو جَهين، پانهنجي اکئين پاڻَ ڪي.

(٢٩)

عاشِقَ رَهَنِ تتِ، جتي ڏينهن نَہ راتِ ڪا،
نَڪي پَنجَ تَتَ پِندُ ڪو، نَڪا اُپَتِ کَپَتِ،
نَڪو ويدَ پُرانُ ڪو، نَڪا سَتِ اَسَتِ،
ڪِدِي مَمَتا مَتِ، سامي مليا سَروپَ سان.

(٣٠)

عاشِقَ آرامي، رَهَنِ ديسَ مَلارَ ۾،
جاتي اُجَ نَہ بُکَ ڪا، نَڪا ڏُمَرَ ڏامي،
سَدائي سامي، سَنَمڪ ڏِسَنِ سُپرين.

(٣١)

عاشِقَ البيلا، ساڌو جَنَ سَنسارَ ۾،
ڪاڻِ نَہ ڪَڍَنِ ڪَنهِن جي، سَهجي سُهيلا،
گَڏيا گهارِنِ سپَ سان، مِليا اَڪيلا،
گُرو ۽ چيلا، سامي تِنڙا سَچَ جا.

(٣٢)

بيحد بيپرواهَ، عاشق اَنيئـِ ديسَ جا،
جَنِ کي پيالو پريمَ جو، ڏنو پاڻ اَلاهَ،
رکن نـہ رتيءَ جيتري، چتَ ۾ چنتا چاهَ،
ڪَري پاڪُ نگاهَ، سامي ڏسَنِ سَبَ کي.

(٣٣)

مورک جاڻن دورِ، نارائڻُ نئنَنِ کون،
پَوَنِ نتُ پلَنِ جان، دُکَنِ جي دَستورِ،
سامي عاشق اَنيئي، هردم رهن حَضورِ،
جنهن کي پَهلي پورِ، پارِ لَنگهايو پاتئيءَ.

(٣٤)

مَنجهون تارِ تَرِي، عاشق چڙهيا اَڃَ تي،
ديکيا داتِ گروءَ جي، هِردي مَنجهِ ڏَري،
سُتَهَ تيا سامي چئي، مَمَت مَنجهون مَري،
سَتي پرمَ پَري، پرچي ڏنائون پاڻ کي.

(٣٥)

پرچي جنهن پڪو، لَڌو پيرُ پريَنِ جو،
صدقي ڪَيو تنهن سک تون، تَنُ مَنُ سَبُ پَڪو،
سامي سدائي رَهي، تِرِتا مَنجهِ تَڪو،
گَنگا گيا مَڪو، پَوي ڪينَ پلنِ جان.

(٣٦)

پَڙهي ٽِيا پَرپَڪَ، عاشِقَ اڪرُ اَنيئِي،
رڪيائون رَهَتِ سان، ويڙهي سَڀِ وَرقَ،
خَلقَ ڏِسَنِ خالِقَ ۾، خالِقُ مَنجِهِ خَلقَ،
سامي ٽي سيوڪَ، رَهيا ساڌَ سَنگَتِ جا.

(٣٧)

عاشِقَ ڪِينَ ڇُپَنِ، سورجَ جان سَنسارَ ۾،
نينُ رَتا خُمارَ ۾، سَدا اَلبيلَنِ،
ڪانِ نَه ڪَدِين ڪَنهِن جي، سوري سَٺي جَنِ،
سَدا غَرقُ رَهَنِ، سامي سُپِيرِيَن سان.

(٣٨)

عاشِقَ لِڪَنِ ڪِيئَن، جَنِ کي سِڪَ اَندَرَ ۾،
بي بُگَلِهِ جاڻَنِ ڪانَ ڪا، نيا نهوڙي نيهن،
ڏِسن راتيون ڏِينهَن، سامي سُپِيرِيَنِ کي.

(٣٩)

عاشِقَ تانگهو تارِ، ٻُڏَنِ ڪِينَ اَندَرَ ۾،
لِنوَ سان لَڪُ ٻَنڌي ڪري، پَلَ ۾ لنگهيا پارِ،
وَڃي بيگمپور جي، بينا مَنجِهِ بازار،
ڪَري اَکيون چار، سامي مِليا سَروپَ سان

(۴۰)

پڙهڻ ڪون پُرِجَهڻُ، عاشق چائڻِ اڳرو،
پاتو تَنِ پرتِيتِ سان، سامي اَنيئَہ اَنُ،
ڪدي وِڏائون ڪَلپَ ري، مَهيءَ مَنجهون مڪڻُ،
اَچَڻُ ۽ وَيَڻُ، ڏِسَنِ ڪونہ آڪاسَ جان.

(۴۱)

ڏيئي دِلِ دَولت، عاشِقَ گَڏِيا اَلاهہ کي،
وَني نِتُ نيڻَنِ سان، لائي لِنوَ لذتَ،
سمجهي ڪو سامي چَئي، اَنيئي اِشارتَ،
ميڻي سي مَمَتَ، چڙهي وينو چَوڏول ۾.

(۴۲)

دانا ديوانا، يارَ مِڙيئي يارَ جا،
ڪي سَيلَ ڪَنِ سَنسارَ جا، نِرپکَ تي نانا،
ڪي ڏيئي ڪَندِ ڪَلپَ کي، اَندر اَلِسانا،
سامي سَمانا، رَهَن سَمَر سکَ سارَ ۾.

(۴۳)

طالـع مَنـدَ تَقَـديـرَ ڳـٹن ڪـانَ اَنـدر ۾،
پَرچي لَڏي جَنِ پانهنجي، پورَڻُ پاڪُ جاڳيرَ،
ماڻِنِ مَوجَ مُڪتِ جي، سامي چَڙهي سِيرَ،
سَبَ کي ڏيئي ڏيرَ، پارِ لنگهائن پاتِئي.

(۴۴)

عاشِقَ ڪِينَ ھُئي، سُوري جان سَنگرامَ ۾،
اڪيون اڪِن ۾ رکي، سَنمکُ چوٽَ چُٽي،
سامي لُٽِ لُٽي، رَمزَنِ سان سکَ سارَ جِي.

(۴۵)

عاشِقَنِ اکيون، پَرچي لايون پِرَ سان،
پَلِڪَنِ جي پَردي ۾، وينا رَھَنِ رکيون،
مِلي چارِ چراگُ تِيون، پورَنَ پريمَ چَکيون،
وِرلي ڪَنھِن لکيون، سُجاڪي سامي چَئي.

(۴٦)

عاشِقَنِ اَچي، پِرگھٽُ ڪَيو پَدُ پوربي،
سامي چَوَنِ سَڀ ڪي، ڪو رَنگُڻَ مَنجھ رَچي،
اِھا ڳالھ اَنيئي، سَمُجھي جنھن سَچي،
سو ناحقُ ڪِينَ نَچي، مَنَ جي مَحَلاتَ ۾.

(۴۷)

سائي سُرتِ سُجاڻَ، سامي سُڌِ ڪِي سَڌَ ڪري،
تُنھِنجي عَشقَ اَلَڪُ ڪَيو، ھُئي بيحَدَ ٻاڻَ،
اَچي ملِ مُنِ سان، نِمائَنِ جا ماڻَ،
تو بِنان ٻي تاڻَ، آھي ڪانہَ اَندرَ ۾.

(۴٨)

طالع مندَ توفيقَ، رکن سپ سامي چئي،
چڙهيا اَنيئہ اَچَ تي، لَنگهي لوڪان ليڪَ،
طالب ٻولِ ڪِينَڪِي، ڪنهن سان وَيحي وڙيڪَ،
نيٹن ڪون نزدِيڪ، سُتَمِ ڏِسَنِ سُپرين.

(۴٩)

تُنهنجي عَشقَ اَلکُ، مَنُ موهي ڪَيو سُپرين،
ڪيون وَيحي خاموشَ ڏي، پوءِ نہ وِجهي پکُ،
جاٽي بيحدَ بانورو، کِلي کِنجائِي جکُ،
سامي چئي سَهَرکُ، مِلِي ڏِئِي مُئيءَ کي.

(۵٠)

تُنهنجي عَشق ڦٽي، جاني جيءُ دکي ڪيو،
روئي رَتُ اکِن مون، راتِيان ڏينهن رَٽي،
اِيئِين اَڌ مُئِن کي، وينين ڪوهُ سَٽي،
مِلِي دُکُ ڪَٽي، سُتَتُ ۾ سامي چئي.

(۵١)

ڏيئِي لَٽِڪي لَتَ، عاشق عشق قَتَلُ ڪَيا،
سامي سي سوريءَ چڙهي، لُونءَ لُونءَ لَهَنِ لذتَ،
چَڙهي وينا چوڏول ۾، لَنگهي پنج ئي تَتَ،
جِتي سَکيون سَتَ، پرچي رَهيون پيءَ سان.

(٥٢)

عاشِقَنِ اَلکَ، لَڏو اَنيئِہ اُونگهہ مان،
جاڳَنِ ڪونہَ اَندَرَ ۾، پُرشارَتُ ۽ پڪَ،
جيئندي چِڙِي جَمَ سان، وِيڻا ڪَلِپَتَ ڪکَ،
بانِيَنَ پائي ٻکَ، سُتَهَ پِيا سَروپَ ڪي.

(٥٣)

عاشِقَنِ اوڳاه، ڪَنهِن ڪي ڪَيو ڪِينَ ڪي،
رکي سِرُ تَريءَ تي، هَلِيا اُلِٽو راهُ،
سامي سوريءَ تي وِجي، سَمَ ڪنيائون ساه،
عَجائِبُ اَسڳاهُ، پَدُ ڏنائون پِريمَ سان.

(٥٤)

عاشِقَ هَسِراري، ڪَئي جَنهِن ڪَلِپَتَ ري،
سو سادي ڳُڻي ڪِينَڪِي، پُرکُ ۽ ناري،
ڏِسي سَڀَ مورَتَ ۾، صورَتَ موچاري،
پائي پَدُ ياري، مست رَهِي مَهرانَ ۾.

(٥٥)

سڀ ڪي مَنَ ڪري، وڏو ڳُڻُ ڳِچيءَ ۾،
ٻوَنِ نِتُ ٻڏَنِ جان، جاڳي ٻيءُ ٻَري،
ڪنهن عاشق هَنيُسِ اَنيئِي، بيحَدَ باڻُ ٻَري،
سامي ڏِسي نَري، پانهنجي اکئين پاڻ کي.

(٥٦)

وِياڙِي يوتَ چَڏي، ساڌو جَنُ سنسار ۾،
مَت هِينَ ڪوڙين ڪيترا، عاشِقَ وِڏا اَڏي،
جي جِيئندي هَليا جَهانَ مون، لَتڪِي سانڍ لَڏي،
ڏسَنِ گيات گَڏي، اَندر باهر آتما.

(٥٧)

وَيجي لوڪ لَڏيو، سڪِٽو هِنَ سَنسارَ مون،
طاقَت رَهي نـ تَنهِن کي، جَنهِن کي ڪالَ سَڏيو،
بِلي جاڻي بانيَنُ چَئي، ڪو عاشِقُ چورڙُ چَڏيو،
جَنهِن کي گُرو گَڏيو، گورک جَهڙو گيانوانُ.

(٥٨)

توڙي لَڏو جَنِ، پَڪو پيرُ پِريَنِ جو،
سي سَدا رمِ جِهمِ بوندَ ۾، سامي پانڌُ پَسَنِ،
ڦُرني کون ڦارڪ ٿِي، مِلي موجان ڪَنِ،
رَتا رَنگ رَهَنِ، اَنَ ٻئي پهرَ اَندرَ ۾.

(٥٩)

عَشقَ جو نُقطو، سَمجهو جَنهِن سامي چَئي،
جِيئندي تَنهِن جَهانَ سان، ليڪو ڪيو چُڪِتو،
ڪَري مَنُ مُڪتو، سُمهيو سُکِيَتَ سيجَ تي.

(٦٠)

عَشقُ ڪمايو جَنِ، پُڇ تَنين کون خَبران،
تَہ جڳِتن سان جوڙي ڪَري، توکي ڏَسَ ڏِيَن،
چَنبو هَٿي شير جان، ماري مِٿي ڪَن،
تَنهن کون پوءِ پُڇَنِ، سامي سُدِ سَروپَ جي.

(٦١)

عَشقَ هسواري جَنِ، تَنِ کي اَٺَئي پَهَرَ مُشاهدو،
دِلِ سندي دَرياهَ ۾، تُبي ماري تَنِ،
هو نِتُ لَتاءُ پَسنِ، لوڪُ نَہ لکي تَنِ کي.

(٦٢)

لِنوَ جادو لائي، جانيءَ ڇَڏيو جيءَ کي،
سو اُتندي وِهندي گُهڻَ جان، چيتَ چِٽي ڪائي،
ڪَنهِن کي حال اَندر جو، بانيَڻَ بُڌائي،
وينو وِهائي، سَودو عشق اَييدَ جو.

(٦٣)

حَد بيحَدِ پَرپُورُ، ستت لڪائِنِ سُپرين،
اَلَـتِي ڪو عاشق ڏِسي، حاضران حَضور،
جَنهِن کي ڏِنو سَتِگُروءَ، سامي نِرمَلُ نورُ،
ڇَڏي ڪَلپَتَ ڪوڙُ، اِستِتِ تِئي آڪاسَ جان.

(٦٤)

سامي وِسَ وهِي، اَوديا جي آڙاهه ۾،
پورڻ جاڻي پيءَ کي، ڪو عاشق اَچَلُ رَهي،
جو ڪَٽي ڪَڙِڪَ ڪميا جو، پَنج ئي دُوتَ دَهي،
جيڪا اَچِي نَهي، سامي رکي سِرَ تي.

(٦٥)

اَڻَ هوندي حَرڪتَ، مايا رَچي راس ڪَئي،
تَنهِن ۾ لوڪَ لُڙهي وِيا، مورکَ مَنَ جي مَتَ،
عاشقَ چَڙهيا اَڄَ تي، لِنوَ سان هَٽِي لَتَ،
ڪَٽي سَڀَ ڪَلپَتَ، سِيتَلُ تِيا سامي چئي.

(٦٦)

ڇَڏي جڳَ جَنجالُ، عاشِقَ چَڙهِيا اَڄَ تي،
ڀورِي ڪيلَنِ پيءَ سان، لائي گِيانَ گُلالُ،
ٻُنڌَنِ نِتُ نِتَ ٻيائيءَ ري، سامي سَبَدُ رَسالُ،
ڪَنهِن کي چونِ نَہ حالُ، اَزغَيبي اِسرارَ جو.

(٦٧)

ڇَڏي لوڪَ لَجا، عاشِقَ چَڙهيا اَڄَ تي،
مَنيائون محبوبَ جِي، سامي سَڀَ رَجا،
ڪوڙي ڪاموشيءَ ۾، وينا ڏيانَ ڏَجا،
ملي ڪَنِ مَجا، سُتَه سِدِ سَروپَ سان.

(٦٨)

چَڏي لوڪَ لَجا، عاشقَ چڙهيا اَڄَ تي،
سامي سَدائين رَهَنِ، راضي مَنجهه رَضا،
مِلي ڪن مَزا، ستهه سپيرِيَن سان.

(٦٩)

لِڪَنِ لوڪَ لَجا، ڪوڙا جيءَ جَهانَ جا،
اِستَرِ جاڻي پاڻ کي، سَهَنِ نِتُ سَجا،
ڪي عاشق جاڻِي اَڪُ سَبُ، سنساري مَجا،
رَهَنِ سدا رَچا، آتمر سکَ اَپارَ ۾.

(٧٠)

پَرچي پئڙا پَندِ، عاشقَ سِڪَ سَچيءَ سان،
لَنگهيا پارِ سَمُندِ کون، بِنان ٻيڙيءَ ٻَندِ،
وَڃي سُوکَمَ ديس ۾، سامي هَنيائون سَندِ،
ڪيري ڪَلپَتَ ڪَندِ، سَنمکُ ٿيا سروپ جي.

(٧١)

سامي سَهارِي، جنهن ڪَسَوٽي ڪامِل جي،
پيئي پانهنجي گهر جي، تَنهِن کي سُڌِ ساري،
لَنگهي چڙهيو لڪَ تي، يَوُ ساگرُ ياري،
سَمَتا سَچاري، مکِ رکي مَوجان ڪري.

(٧٢)

سامي چڙهيو اَمَلُ، اَچي عَشقَ اَيِيد جو،
مِٽيو تَنهِن جي من مون، سَيو خِيال کَلَلُ،
سُتهِ سِڌِ سروپَ کون، پاسي ٿئي نہ پَلُ،
اَٿَئي پَهَرَ اَچَلُ، رَهي پنهنجي حال ۾.

(٧٣)

سامي کوهُ ڪَتي، جَنهِن کي عَشقُ اَندر ۾،
چَرخو پَچي چاهَ جو، وَحدت منجه وَتي،
جِتي رَهي تَتي، سَنمُکُ ڏِسي سُپرين.

(٧٤)

ساگَرَ کون نِياري، ڪانهي مَوجَ ساگَرَ جي،
سَمُجهي کو سامي چَئي، اُتَمُ اَڌڪاري،
جَنهِن کي عَينَ عَشقَ جي، چڙهي خُماري،
پَرِچَنَ پِندَ ساري، سَتي سَماڻو سَمَ ۾.

(٧٥)

جِيئندا جوڳُ ويراڳُ، تَپَ تيرٿَ ڪَنِ تَن سان،
سُتَهَ سِڌِ سروپَ جو، مُنِ لَڌو ماڳُ،
جاڳِي اَوِديا نِندَ مون، سامي ٿِيا سُجاڳُ،
ڦُرني بِنان ڦاڳُ، کيلَنِ نِتُ خِيال ري.

(٧٦)

دانا ديوانا، ڪوڙين ڳهمَنِ ڪيترا،
سامي مِلي سَروپَ سان، ڪي عاشق اَلسانا،
ميٺي وينا مَنَ مون، نِرپَکَ ٿي نانا،
پَرچي پَروانا، جيئين جليا جوت ۾.

(٧٧)

خاطو وَني خَطُ، آيو مَنَ موهَنَ جو،
تنهن ۾ لِکيو سِڪ سان، مُنِي ڇڏِ مَمَتَ،
پَرچي پانهنجو پاڻ ڪي، سامي ڏِسُ سُتَتَ،
ڪوهُ روئين ٿي رَتُ، اکِنِ مان عاجِزُ ٿي.

(٧٨)

چَريا سي چَئجن، جي پاڻُ پَڇاڻن ڪِينَڪِي،
ڳالهيون پِلَنِ جون ٻُڌي، مَرم نَه رکن مَنِ،
ڪانِ نَه ڪَڍَنِ ڪَنهِن جي، سُوري سَنِي جَنِ،
سَدا غَرقُ رَهَنِ، سامي سُپيرين ۾.

(٧٩)

جَنِي خَواهش خَريدَ، ٿئي تن عشق اَلله جو،
اِئين چَونِ ٿا اولِيا، سامي سَڀِ شَهِيدَ،
مَري جَنِ مُرشِدَ کون، وَدي دَرسَنَ دِيدَ،
ڪَنِ اَپيدي عِيدَ، مِلي نِتُ مَحبوبَ سان.

(٨٠)

جَنِ کي ڦَٽَ هُئا، اَگُ ئي عَينَ عَشق جا،
سي ڏِسي مُنهن مَحَبوبَ جو، جِيئندي جڳِ مُئا،
سامي چڙهيا چِٽَ تي، لنگهي پِٽَ دُعا،
ڪايا ۾ ڪِريا، جاڻِن سَڀَ مِٽيءَ جي.

(٨١)

مُئن جو مارگ، وَڃي پُڇُ مُئن کون،
جي جِيئندي تَنَ اَيمانَ کون، عاشِقَ ٿِيا اَلگُ،
سَهي ڪَيائون ساڌَ سَنگ، سامي سَجَڻُ نِڳُ،
جَنهِين سارو جڳُ، نِڳيو نِڳوريءَ سان.

(٨٢)

سَڀَ ۾ سُڃاڻِن، عاشِقَ پنهنجي يار کي،
اَندَرِ باهَرِ دَهَ دِسا، ساڻُ سَدا جاڻِن،
نَهن چوٽيءَ تائون چُورِ ٿِيا، بيڌِيا جي باڻِن،
سامي سياڻَن، اِهڙو پَدُ پَڇائيو.

(٨٣)

سُرِڳُ ۾ نَرڪُ، عاشِقَ جاڻِن ڪِينَ ڪي،
رَهَنِ سَدا سُنسي ري، ڳُڻن مَنجهِ غَرقُ،
اَندرِ باهَرِ هِڪُ، سامي ڏِسَنِ سِپِرين.

(٨۴)

جِيئين ڪانـي ۽ گُهڻ ڪائي، تِيئين عشق لڳو اَرواحَ کي،
پولو ڪَيائين پيرو، سَـپَ سَندَ سُـڪـائي،
اَڪِيون تَنهِن جِي آسِري، بينو پِرُ لائي،
مالِڪُ مِلائي، سُتَتُ گُرُ سامي چئي.

(٨٥)

اَڪيون ويئون پارِ، ڪي جو پَسي آئِيون،
پلئُ لَڳَنِ پِرِيَن جو، بيني منجھ بَزارِ،
سامي صفائيءَ جي، ڪَرِن سدائي ڪارِ،
توڙي اچن اُروارِ، تان پي غير نـَ ڏسنِ گِياتِ ري.

(٨٦)

اَچرَجَ اِلاهي، عاشِقَ ڏِسَنِ اَلاهَ جا،
سامي ڪـَـنِي جَنِ سَرِوگَت، ڦُرني جي ڦاهي،
رکنِ نـَ رَتيءَ جيتري، مَستي مَندائي،
سَدا نَهي نـاهِي، ماڻِنِ مَوجَ مُڪـتِ جي.

(٨٧)

انَنَ اُپاسَڪُ، پاسي ٿِئي نـَ پيءَ کون،
ماڻي دَورَ دَرِسَ جا، لِنوَ سان بَدي لَڪُ،
پِيئي پِيـئاري پِريمَ جو، پِيالو پـري اَٿـڪُ،
سَدا پاڪُ پَرِپَڪُ، سامي رَهي سِياوَ ۾.

(٨٨)

راتيون ڏينهن تَڪي، عاشق مُنهن مَحبوبَ جو،
رَهي اکنڌُ ڏيانَ ۾، سامي ڪِينَ تَڪي،
جانَ وِجائي پانهِنجي، لُنوَ لُنوَ رَسُ چکي،
بِنان مکَ بَڪي، چڙهي گَنبَ گگَنَ ۾.

(٨٩)

پَٽي دوسُ دَريون، سَنَمکُ وينو سَمَ تِي،
هَٽي نِتُ عَشقَ جا، بيحَد بانَ پريون،
صَدقي ڪَريان تَنهن سکَ جي، پَل تون حورپَريون،
سامي ڏِسِي نَريون، اکِيون عاشقَنِ جِيون.

(٩٠)

اکِنِ مَنجِهِ اکيون، اَنَئي پَهَرَ عَجيبَ جيون،
پَسي پاسو ڪِينَ ڪَنِ، رَهَنِ پِريمَ چَڪيون،
وَڃي پِڃُ تَنين کون، جوڙي جَنِ رکِيون،
اِها ساک سکيون، سامي ڏيندءِ سِڪَ جي.

(٩١)

عَشق اکِوائي، ڪيو جنهن گُرگِيات سان،
ڪَٽِي تنهن ڪُپَتِ جي، ڪوڙي ڪَهاٽي،
سَمُجهي تِيو سامي چَئي، پِيوتو پاٽي،
مَوجَ مِلي ماٽي، آدي سِڌِ آگاڏَ سان.

(٩٢)

عَشقُ اَيِيدَ ڪَماءِ، سامي چَيو سَتِگُروءَ،
اُلَٽي گَيانَ اگَنَ ۾، جيئندي پاڻُ جَلاءِ،
پورَڻُ جاڻي پيءَ کي، نَڪي ڪڏُ نَ پاءِ،
ياوين ڏُهُلُ وڄاءِ، ياوين رهُ سَماڌِ ۾.

(٩٣)

عَشقُ ناهي آسان، سامي چَيو سَتِگُروءَ،
پُڇُ تَني کون خَبران، جَنِ سَيِنڪي ڪَيو قُربانُ،
رکَنِ نَ رَتيءَ جيترو، اَندَرَ ۾ اِيمانُ،
توڙي جکي جَهانُ، تان پي مَستُ رَهَنِ مهَراڻ ۾.

(٩٤)

عاشِقَ اَڪالي، ڪاڻِ نَ ڪَڍَنِ ڪَنهِن جي،
مُکِيُ رکِيائون مَنَ ۾، کِميا خوشحالي،
وَرِتَنِ وَرِتَنِ وِڌِ سان، سامي سُکالي،
وِلايَتَ والي، پورَڻُ ڏِسَنِ پَدِرو.

(٩٥)

اکِنِ مَنجهه اکيون، تَنهِن ۾ اکيون اَنيئَي،
تَنهن ۾ اکِيون عاشِقَن، رمزَ ساڻُ رکيون،
ڪوڙِنِ مون ڪَنهِن هِڪِڙي، لکائي لَکِيون،
سامي جَنهن سکيون، پَنجَ ئي ڪِيون وَسِ پانهِنجي.

(٩٦)

دوستَ جو ديدارُ، ڪَيو جَنهن ڪَلپَتَ ري،
پُلو تَنهِن جي پاسَ مون، ڪامُ ڪِرودُ اَهنڪارُ،
سَدائين گُلزارُ، سامي رَهي سُپاوَ ۾.

(٩٧)

عَجَبُ عَشِقَ گُهتِي، پيئندَڙي مَنُ پَتِيو،
اَوِديا سَڀَ اندرَ جِي، لَحَظي مَنجهِ لُٽِي،
سامي پيو چُٽِي، جَنَمَ مَرَڻَ جي ڏُکَ کون.

(٩٨)

جَنهِن کي پيئي جاڻَ، اَچي عَشِقَ اُپيدَ جي،
مِٽي تَنهِن جِي مَن مون، راتيان ڏيهان تاڻ،
پِلي سَڀَ سنسارَ جي، سامي سُرتِ سُجاڻَ،
پيءُ پَرچِي تِي پاڻَ، تان پي پي پي ڪري پِيهي جان.

(٩٩)

جَنهِن کي بانُ لڳو، اَٽيالو عَشِقَ جو،
سو اُلَٽي اَنتر مُکُ ٿيو، چَڏي دورُ ڏِڳو،
سامي ملِي سَروپَ سان، پولو پَرمَ پڳو،
پيچو ۾ اڳو، ڏِسي نَ انيئِ پَدَ ۾.

(١٠٠)

جَنِ کي لَڳِي لورَ، اَچِي عَشقَ اَپيدَ جي،
پَرچِي ڪَئي تَن پانهنجي، ڳوٺَ اَڳمَ ۾ اورَ،
سامي خودِ خُدائي، ماڻِنِ درسَنَ دَورَ،
تان پِي اورِنِ اورَ، مِلي مهد جَنَنِ سان.

(١٠١)

جا جانيءَ جي جاتِ، سا عاشقَن جي اَکِيِن،
مِٽي جَنِ جي مَنَ مون، سَڀِ پَرائي تاتِ،
تَتِ ڪَيائون تَڪيو، جَتي ڏينهُن نَ راتِ،
پائي دَرَسَنُ داتِ، ساماڻو سامي چَئي.

(١٠٢)

پَندِتَ اَئون جوشي، رُڏا ليکي لُڙَ ۾،
عاشِقَ چَڙِهيا اَڄَ تي، ڇَڏي بي هوشي،
مُکِ رکِيائون مَنَ ۾، کِميا خاموشي،
تَڏي ۾ کوسي، سامي سَهَنِ سِرَ تي.

(١٠٣)

ليکِي وِڏو لُڙُ، سامي چَئي سَنسارَ ۾،
عاشِقَ چَڙهِيا اَڄَ تي، ڪَري پَنجَ ئي پُڙُ،
سَنمکُ سُپيرِيَن جي، لائي وينا جُهڙُ،
جيئن گنگو کائي ڳُڙُ، مُشڪي ڪُشِڪي ڪِينَڪِي.

(١٠٤)

ڇڏي لوڪَ لَڄا، رکي خواهش عَشقَ جي،
سَمَرَ سوِڪَمَ آڪاسَ ۾، ڪوڙِي ڏِيانَ ڏَڄا،
سامي سُپيرِيَنِ جي، رَهي مَنجهِ رَڄا،
تَنهن ڪون پوءِ مَڄا، ملي ڪري محبوبَ سان.

(١٠٥)

اکِن مَنجهِ اکِيون، تَنهن ۾ اکيون اَنيئي،
جوڙِي جڳِتِ اَنوپَ سان، پِريَن پاڻَ رکِيون،
ڪوڙِيُنِ مون ڪنهن هِڪِڙِي، لِڪائي لِکيون،
سامي جَنهِن سکِيون، پَنجَئي ڪَيون وَسِ پانهنجي.

(١٠٦)

عاشِقَ عينُ اکَرُ، پَڙهي ڪَري پَرِپَڪَ ٿيا،
سامي ڪَيائون صافُ سَڀُ، دُويتَ جو دَفتَرُ،
پَرچي لَڌائون پانهنجو، بيگمپُرِ شَهَرُ،
اولَهُ اَئون اويرُ، ڏِسَنِ ڪون اَڪاس ۾.

(١٠٧)

عاشِقَ اُڏارو، ڪنهن ڪان وَنَن ڪينڪي،
شاهُ ڪيائون سَتِگُرو، ياڳِيوانُ يارو،
آهي جنهن جي آسري، پورنَ پَسارو،
ڪولِي پندارو، سامي وينا سَمَرَ جو.

(١٠٨)

عاشِقَ اُڳهاڙي، اَلکَ لَکائِنِ اَنيَئي،
سَمُجهي کو سامي چَئي، لِنوَ سان مَنُ لاڙي،
پِرتکُ ڏِسي پيءُ کي، خِيالُ کَڻُ ڦاڙي،
صُفا سپ ساڙي،، اِستِتِ تِئي آ کاسَ جان.

(١٠٩)

مُنهن سان بَک مَ بَکُ، سامي خِلوَتَ خاصَ جِي،
عاشقَ عَجيبَن جو، هَردَمُ رکَن حَقُ،
اَنَئي پَهَرَ غَرقُ، رَهَنِ پَنهنجي حالَ ۾.

(١١٠)

پاتو جَنهِن مَرَمُ، پَرِچي جو پَرتِيت سان،
سي تُکري، پاڻيءَ، لُنگ جو عاشق رکَن نہ غَمُ،
دوستَ ٻا جهون دَمُ، سامي کٽن کونہَ کو.

(١١١)

کَنهِن کي جائِنِ کينَ، عاشِقَ بنان عَجيبَ ري،
جڳَتُ جوٺ ڏِسي کَري، ٿِيا لاهوتي لِينَ،
توڙي کَنِ کوپِينَ، تان ٻي راجا رانولَ ديسَ جا.

(١١٢)

عاشق آلبيلا، ڪانڌ نہ ڪَڏَن ڪَنهن جي،
مِلي ڪَنِ مَحبوبَ سان، مَمَتِ ري ميلا،
رَهَنِ پنهنجي حالَ ۾، سَدا سُهيلا،
گُرو ۽ چيلا، سامي مِليا سَچَ جا.

(١١٣)

عاشق اَنيئِي، ٻاڻي ٻولنِ بيحَدي،
سامي سَمُجَهن ڪينَڪي، وادي ۽ وِڪَئِي،
ڏيئي ڪَندِ ڪَلپِ کي، ڪنهن گاهَڪَ گرهَڻُ ڪئي،
لوڪ پرلوڪُ ٻئِي، لنگهي چڙهيا لڪَ تي.

(١١٤)

عاشق اَکيون چارِ، رکَنِ سِڪَ سمجه جون،
ڏِسَنِ مُنهن محبوب جو، ٻيٺا منجه ٻزارِ،
جاڻنِ ڀيدَ ڀرم ري، پورَنُ پارِ اُروارِ،
ٻانيڻ بارو بارِ، پِيئَنِ پيالو پريم جو.

(١١٥)

ڪاڳَرَ سَڀِ ڪوڙا، سِڪَ سَمُجَهہ ويساهَ ري،
اِئين چوَنِ تا اَنيِئِي، ڇَنيءَ جا ڇوڙا،
جيڪي ماڻنِ مَستِ تي، درسن جون دوران،
گهورنِ نِتُ گهوران، سامي ساڌ سَنگَتِ تون.

(١١٦)

سامي چئي سَوادُ، جَنهِن کي آيو سَهَجَ جو،
سي ڪَنهِن سان ڪَرن ڪِينَڪِي، وائي ۽ وِڪادُ،
هارَ جِيتَ ڏُکَ سُکَ کون، عاشِقَ رَهَنِ آزاد،
ڪري مُدعي ماد، مِليا سُتَهَ سَروپَ سان.

(١١٧)

فِڪر کون ڦارڪُ، عاشق ٿيا اتڪل سان،
جاڳي ڪَدياءُ جيءَ مون، لِنو سان اوديا لِڪُ،
اَندَرِ باهَرِ هِڪُ، سامي ڏِسَنِ سُپرين.

(١١٨)

عاشق پُڇَنِ نَہ اَڳهَ، دَرِ دَرِ ديوانن جان،
جَنِ کي ڏِني سَتِگُروءَ، سامي چئي سَبَ سگهه،
پانوين وَرتَنِ وِڏِ سان، پانوين رَهَنِ سنگهَ،
جَنگهه تي رکي جَنگهه، ماٺِنِ ڏورَ ڏَرِس جا.

(١١٩)

اِڇا ڪَيا عاجِزُ، اَندا جيءَ جهانَ جا،
لاهي سگهن نَہ لَڪَ ري، ڪوڙو ڪلپَ ڪَرجُ،
ڪو عاشِقُ چڙهيو اَڇ تي، ساڙي پيائيءَ پِجُ،
سامي سَمتا سِجُ، ڏِٺو جَنهن اَکِن سان.

(١٢٠)

عاشِقُ نِتَ اُداسُ، روئي رَتُ اکِن مون،
ڪَري سَڏُ سَڄَڻَ کي، سُڏِڪي پِري ساسُ،
لاٿو سَبُ لِڱَنِ تون، مَحَبَتَ ڪري ماسُ،
سَهي ڪَنِ سُواسُ، سُتَهَ مِلي سامي چئي.

(١٢١)

عاشقُ ڪونائي، ۽ سانگو رَکي سِرَ جو،
عجيباٺيءَ آگ ۾، پاڻُ نَ پچائي!
ريجهَ بِنان رائي، توکي پِرنِ ڪندا ڪِيئن پَنهِنجو؟

(١٢٢)

عاشقُ عَطائي، ڪوڙينِ ۾ ڪو هِڪڙو،
جَنهِن کي لَکَ اَلکَ جي، اَنيئَہ ۾ آئي،
ڪَري نَ ڪَتَرَ جيتري، وَري وَڌائي،
سامي سَيائي، رکي رَجاتَ هَرِ سان.

# عاشق (ب)

(۱)

اَچي اَچانڪَ، عَشِقُ جاڳائي جَنهِن ڪي،
تَنهِن ڪي پَهُچائي پَدَ ۾، لُٽي سانُ لَٽَڪَ،
سامي ٿِئي نَہ سَروپ ڪون، پاسي هِڪَ پَلڪَ،
وَجَنِ ڍول ڍَمَڪَ، تان پي مَستُ رَهَنِ مَهراڻَ ۾.

(۲)

بيحَدِ ڳالھ باريڪُ، آهي عَشِقَ اَگَمَ جي،
ڪورِڙِ مون ڪَنهِن هِڪِڙي، طالِبَ ڪِي تَحَقيقُ،
سَهَجي ٿِيو سامي چَئي، جَنهِن سان روحُ رَفِيقُ،
نَئَنَ ڪون نَجيڪُ، سُتَهَ ڏِسي سپرين.

(۳)

عاشِقَ اَنَڪَ جِڏي، هَرِدَمُ رَهَنِ حَضورَ ۾،
وينا دَرِ دَرويشَ ٿي، اَنيَہَ ڪُٽي اَڏي،
سامي ڪَيا سُپرينءَ، سَنَمڪُ پاڻَ سَڏي،
چارَئي نَئن ڳَڏي، پيئَنِ پِئارِن پريمَ رَسُ.

(۴)

اَرِغَئبي آيو، عَشقُ رَنگيلو ايلچي،
هَٽي چَماٽو هيڪڙو، اَڳيون تَنهن لايو،
مِلائي مَحبوبَ سان، سامي سَمايو،
اَڻَ وَيو آيو، جِيئن ڪَنگڻُ ڪَرَ جو.

(۵)

ڪَئي جو ڪِيتو، سامي پائِن تا سَيي،
ڪو عاشِقُ چَڙِهيو اَڃَ تي، موڙي مَنُ رِيتو،
پيالو پِريمَ اَگمَ جو، پَرِچي جَنهِن پِيتو،
جاڳي جڳُ جِيتو، ڏِسِي اَنيَڙِ آتما.

(٦)

ڪَري مُنهن جِهڪو، عاشِقُ چَڙِهيو چِٺَ تي،
جَنهِن کي ڏِنو سَتِگُروءَ، رَهسِي راجَ تِڪو،
سورجَ جان سَنسارَ ۾، رَهي ڪِينَ لِڪو،
سُندَرُ سالُ سِڪو، سامي چَئي سَڀَ ڪاٿَهين.

(٧)

ڪانيءَ گُهڻُ ڪائي، تِئين عِشقُ الله جو،
ريڙهي وِيو رَمزَ سان، پاڪوڙا پائي،
سُوڌي ڪَيائين سُڌِ مَنُ، چَلَ وَلَ چَڏائي،
پَدَ ۾ پَهچائي، سَماٽو سامي چَئي.

(٨)

ڪَري عينُ اَعتبارُ، عاشِقَ چَڙهيا اَڄَ تي،
ڪَٿي سَڀُ ڪَلپَتَ، جو، ڀيدُ ڀَرَمُ اَهَنڪارُ،
پرچِي پَرِچِنتا ري، ڀِئَنِ ڀيالو سارُ،
اَندرِ باهَرِ يارُ، سُتَهَ ڏِسَنِ سامي چَئَي.

(٩)

ڪَري عَشقَ اُمَندَ، عاشِقَ چاڙهيا اَڄَ تي،
سَنيائون سَمَرَتَ تي، پَرِچِنتا جي پَندَ،
ڀَرَنِ ڪِينَ ڀَلَن جان، ڏيهي ٻَٽِي ڏَندَ،
سَدا اَڀيدُ اَکَندَ، سامي رَهَن سُياوَ ۾.

(١٠)

خَلِقَ ۾ خالِقُ، خلقَ وَسي خالِقَ ۾،
ساکَ ڏِئي سامي چَئي، اَنَڀَئِي عاشِقُ،
ڏِنو جَنهِن آڪاسَ جان، هِردو سُوڌي هڪُ،
ميٽي ڦيرُ فرَقُ، ماٽي مَوجَ مَهَتُ تي.

(١١)

ناڪُرَ نَڪَ ناهِي، بيحَدِ بازي رَنگَ ڀَرِي،
سامي موهِي وِسُ سَڀَ، ڦاهيءَ مَنجهه ڦاهِيَ،
رَهِي اَليپُ آڪاس جان، ڪو عاشِقُ اَچاهِي،
پورَنُ پاتِشاهي، ڪَري ڦُرني فوجَ ري.

(١٢)

سُورَ ويرَ، ٻَلِي، سَڪِتا وِيا سنسارَ مون،
جَني پَنهنجي زورَ سان، ڌَرتي سَڀ مَلي،
سامي ڳالهِ سَهي ڪَئي، عاشِقَن اَصُلي،
مِيتي ٻُري پَلي، مِليا سارَ سَروپَ سان.

(١٣)

پَڙهي ٿِيا پَريَڪَ، عاشِقَ اَکَرُ پريم جو،
رَکيائون رَهتِ سان، ويڙهي سَڀِ وَرَقَ،
چَڙهِيا چيتَنَ چِتَ تي، لَنگهي اوٺَ اَنَڪَ،
پائي رَمجَ رَسَڪَ، سماٽا سامي چَئي.

(١٤)

پَڙهي ٿِيا پَرَپَڪَ، عاشِقَ اَکَرُ پريم جو،
سامي مِليا سَروپَ سان، ويڙهي سَڀِ وَرَقَ،
ماڻِن سُکُ سَمِتا جو، لائي لِنوَ لَنَڪَ،
اَندَرِ اونَ اَلَکَ، ڪَنهِن ڪي جاڻِن ڪِينَڪِي.

(١٥)

جَنهِن عاشِقَ لايو، سَچو عَشِقُ اَلاهَ سان،
جِيئندي تَنهِن جَهانَ جو، سَڀُ مَمَتُ مِٽايو،
جاڻي ڪونَ اَندَرَ ۾، پَنهنجو پَرايو،
سامي سَمايو، جَل پَپوٽو جَلَ ۾.

(١٦)

دانا ديوانا، عاشِقَ سَبِ اَللہ جا،
مِتِي جَنِ جي مَنَ مون، نانا، انانا،
سَدا رَهَنِ سامي چئِي، اُنَمَنَ اَلسانا،
جيئِين پَرِوانا، جَلِي جوتِ سَروپُ تِيا.

(١٧)

عاشِقَ اَلاهِي، هَرِدَمُ رَهَنِ حُضورَ ۾،
ڪَتِي جَن ڪِرِپا سن، ڦرني جي ڦاهي،
سامي ڏِين سک جي، اڱمَ اوڳاهي،
مَستِي داناهي، آهي جنهن جي آسري.

(١٨)

عاشِقَ اَلاهي، اِستِتِ رهن آڪاسَ جان،
سَمُجهي ڪو سامي چئِي، وِرلو ويساهي،
ڪَتي جَنهِن ڪَرِپا سان، ڦُرني جي ڦاهي،
مَستِي داناهي، جاتي مَوجَ دَرياهَ جي.

(١٩)

عاشِقُ اڳهورِي، پَلِ پَلِ پِيئي پريمَ رَسُ،
جَنهِن کي اَزِغَيِبي لڳي، لُنوَ ۾ لِنوَ لوري،
سامي لَڌي ساڌَ سَنگ، مَحَبَتَ جي موري،
هميشَ هوري، مِلي ڪَنِ مَحبوبَ سان.

(٢٠)

عاشِقَ اَليلا، ڪانِ نہ ڪَڍَنِ ڪَنهِن جي،
مَحَبَتَ جي ميدانَ ۾، مُڪتا ڪَنِ ميلا،
ڏِيَنِ ڏيهِ اِيمانَ ري، اَنيئہ اُتيلا،
گُرو اَئون چيلا، سامي تِيَنِ سَچَ جا.

(٢١)

عاشِقَ اَليلا، ڪانِ نہ ڪَڍَنِ ڪَنهِن جي،
لَنگهي چڙِهيا لَڪَ تي، ساگَرُ سُهيلا،
باهَرِ تون مان ۾ رَهنِ، اَنتَرِ اَڪيلا،
گُرو اَئون چيلا، سامي تِيَنِ سَچَ جا.

(٢٢)

عاشِقُ عَجائِبُ، موجان ڪَري مَمَتَ ري،
سامي ڪَيو جَنهِن سُرتِ کي گَگَنَ مَنجهہ گائبُ،
هَرِدَمُ ڏِسي هِڪڙو، سيکَ سَچو صاحِبُ،
جَنهِن جو مَنُ نائِبُ، حاضُرُ رَهي حُڪَمَ ۾.

(٢٣)

عاشِقَ عَجائِبُ، واکَ بولِنِ ويدانتَ جا،
چيٺي اَئون ڪُنچَرَ ۾، سمَ ڏِسَنِ صاحِبُ،
سَمُجهي ڪو سامي چَئي، تِي نيهي نائِب،
جو غيرتَ سَيَ غائِبُ، ڪَري گَيات گَگَنِ ۾.

(٢٤)

عاشِقَ عين اَصيلَ، پاسي ٽِيَن نہ پيءُ کون،
جَنِ کي ڏِني سَتِگُروءَ، رِيجهي رَمزَ رَنگيلَ،
پيئَنِ پٿارِنِ پِريمَ رَسُ، سامي صافُ سَبيلَ،
دِلِ جا سَبِ دَلِيلَ، مِٽائي ماهِلُ ٿِيا.

(٢٥)

عاشِقَ اَسِتامَلُ، لَکَ لَکائِنِ اَنِيئِي،
سَمُجهي کو سامي چَئِي، پِريتوانُ پَربَلُ،
ڏيئي کَندِ کَلِپَ کي، لَهِي مُکِتِ مَحَلُ،
کَري جَنَمُ سَقَلُ، اِستِتِ ٿِئي آکاسَ جان.

(٢٦)

عاشِقَ اَگهاڙِي، ڳالهِ نہ کَرِنِ ڳُجَهہ جي،
کَٿِي جَنِ کَلِپنا، سامي سَپاڙِي،
پوکي وينا پَدَ ۾، سُتَهَ سِدِ واڙي،
ڏِسَنِ ڏِهاڙِي، پانهِنجي اَکِئين پانَ کي.

(٢٧)

عاشِقَ اَگهاڙِي، ڳالهِ نہ کَرِنِ ڳُجَهہ جي،
کَٿِي جَنِ کَلِپنا، سامي سَپاڙِي،
لائي وينا لالَ ٿي، ٿُريا ۾ تاڙِي،
ڏِسَنِ ڏِهاڙِي، پَنهنجي اَکِئين پانَ کي.

(٢٨)

عاشقَ اَگهاڙي، ڳالهِ نہ ڪَرِنِ ڳُجَھ جي،
ڏِسَنِ منهُن مَحبوبَ جو، ڏَنبِ ري ڏِهاڙي،
لائي لالَ گُلالُ تِيا، تُرِيا ۾ تاڙِي،
سامي سَپاڙِي، ڪَدِي چِڏِيائون ڪَلپنا.

(٢٩)

نيڻَنِ جيءَ نِگاهَ، عاشِقَ ڪَنُا ڪيترا،
ڪُوڪَنِ ڪِنجَهنِ ڪِينَڪِي، رَهَنِ بي پَرواهَ،
اَنئي پَهَرَ عَجيبَ جِي، سَهَجي ڪَنِ صَلاحَ،
چِڏي چِنتا چاهَ، سامي چَڙِهيا سِيرَ تي.

(٣٠)

عاشِقَ مَها مَلَنگَ، ڪانِ نہ ڪَڍَنِ ڪَنهِن جي،
پِيتِي جَنِ پَرَتِيتِ سان، سامي سَمَتا پِنگَ،
سُمِهيا سُڪَپَتَ سيجَ تي، تَنگ تي رکي تَنگَ،
راتِيون ڏِينهان رَنگَ، مِلي ڪَنِ مَحَبوبَ سان.

(٣١)

عاشقَنِ اَصُلي، پِريتَمُ لَڌو پانهِنجو،
سيتَلُ تِيا سامي چَئي، ميٽي ڪلپَ ڪُلي،
ماڻِنِ دَورَ دَرِسَ جِي، خوشيءَ سانُ کُلي،
پَرَمَ مَنجِهِ پِلي، ڪَڏي پَوَنِ ڪِينَڪِي.

(٣٢)

مُئنِ جو. مارگُ، وَجي پُڄُ مُئنِ کون،
جي جيئنديِ تَنَ اَيمانَ کون، عاشِقَ ٿيا اَلڳُ،
سامي سُپيرَينِ کون، پوءِ نَ وِجهنِ پڳُ،
توڙي جڳي جڳُ، تَ يي مَستُ رَهَنِ مَهرانَ ۾.

# سهاڳڻ

(١)

سَيَئَا چِٽِي چِٽَ، تہ آءٌ سُهاڳڻِ شَهَ جي.
مَمَتا مِتائي مَنَ جي، ڪا وِرلي مِلي هِڪَ،
جَنهِن چَڙهي سکپت سيجَ تي، سامي لاٿي سِڪَ،
پيون سپ چِٽَنِ چِڪَ، سَمُجَهه ورائي سڪتيون.

(٢)

وِرلي ڪا ماڻِي، سُتَهَ سُکُ سُهاڳ جو،
جا ڪَري سُڌُ سَنبَتِ ڪي، اَدَبَ مَنجهِ آئي،
اَندَرِ باهَرِ سِپِرين، سانُ سَدا جاتي،
سُمهي پَٽُ تاڻي، سامي سکپتَ سيجَ تي.

(٣)

جَنهين مَنُ ڌيئي، پِرين رِيجهايو پانهنجو،
سا سَهَجي سُهاڳڻ تِي، پِريَنِ ڳَلِ پيئي،
مَنِ سانَ مَرمَ جي، سَرتِيون سيئي،
تاريائين بيئي. سامي پيڪ ساهُرا.

(۴)

پارِوَتي پَري، مورَئون تِئي نـَ مَهيسَ کون،
سِيتا سَدائي زامَ جا، هِردي چَرنَ ڌَري،
تيئين سُرت سروپ سان، جُڙي جَتَنَ ڪري،
تَڏِي ڪارِجُ سَري، سيوئي سامي چئي.

(۵)

سامي سائي جانِ، سُهاڳڻِ سَڄَڻَ جي،
جَنهن پَرچايو پِرينءَ کي، اَرپي پانهنجو پاڻُ،
سَنسي ري شيوا ڪَري، سِکَ صَبوريءَ سانُ،
پورِي تَنهِن جو پاڻُ، خاوندُ خالي نـَ ڪَري.

(٦)

پـڳونت کي پاڻِي، آءُ سُهاڳِڻِ سا چَوانِ،
رکِي نينَ نيڻنِ ۾، نِرکي نِماڻِي،
ساهرن اَئون پيڪن ۾، سَهَجِي سيباڻِي،
سا راڻين جي راڻي، سامي ماڻي سيجَ سک.

(۷)

پـڳِوَنت کي پاڻِي، تَنهِن سان دعويٰ ناه ڪا،
سامي مِلِي تَنهِن کي، پَٽ پَردو لاهي،
پائي سکُ سُهاڳَ جو، کِلِي ۽ ڪاڇِي،
سَنسو مِٽائي، جُهولِي جَهروکَنِ ۾.

(۸)

جا شَهَ کي رِيجهائي، مان سهاڳڻِ سا چوان،
اُتي ويهي آڳيا ۾، آڳيا ۾ ڪائي،
ڪڍي پاڻُ اَدَبَ سان، رَهي لِنوَ لائي،
سَهَجي سا پائي، سامي سکُ سُهاڳَ جو.

(۹)

جَنهِن ريجهايو ڪَنتُ، آنءُ سُهاڳڻِ سا چَوان،
چَڙهي سکپتَ سيجَ تي، کيلي نِتُ بَسنتُ،
پائي سکُ بي اَنتُ، سامي سَلي ڪِينَڪي.

(۱۰)

سُهاڳڻِ سائي، ڪانڌُ جَنهن جي ڪَڇ ۾،
مَمتا مَيل اَندَرَ ۾، رکي نَہ رائي،
سامي سَدائي، پاڻي مَنجھ پِني رَهي.

(۱۱)

سائي سُهاڳڻِ، ڪانڌُ جَنهِن جي ڪَڇ ۾،
سوگهي رکي ساهَ کون، سامي مَحَبَتَ مَڻِ،
اوري اور اُنهيءَ جِي، اَچي نِتُ آتَڻِ،
جهڙي سَمَ ساوَڻِ، تهڙي مانگه مَنگِهرَ ۾.

(١٢)

سُهاڳڻِ سائي، جا پِرَ پَرچِي ڪِي پانهِنجي،
بِنان هار سِينگارَ جي، ڪَسمَ ڪي ڀائي،
ڪيهِڙي ڳَنيان مُکَ سان، تَنهِن جِي وَڏائي؟
سامي سَدائي، مِلي رَهي مَحَبوبَ سان.

(١٣)

جيڪا ڪانڌَ ڪَئي، پرچي پانهنجي ڪَڇَ ۾،
سا ماڻي سُکُ سُهاڳَ جو، سَدا مَتِ مَئي،
ڪَنهِن کي سَلي ڪِينَڪِي، مُنهن سان ڳالهِ چَئي،
تاري کُلَ ڀَئي، سونهين سَرتيُنِ وِچَ ۾.

(١٤)

سُهاڳڻ سائي، جَنهِن کي پِر پانهِنجو ڪَيو،
سَنسو ڀَرَمُ ڇَڏي ڪري، اَدبَ ۾ آئي،
ڪائي ڪارائي سَڀَ کي، مَحَبَتَ مِنائي،
سامي سَدائي، سَنمکُ ڏِسي سُپِرين.

(١٥)

سُهاڳِڻِ سائي، جَنهِن کي سِڪَ اَندَرَ ۾،
جاڳي ڪَري جڳَ سان، جيئندي جُدائي،
ماري ڪَڍي مَنَ مون، ٻي سَڀ ٻيائي،
سامي سَدائي، مِلي رَهي مَحَبوبَ سان.

(١٦)

سُهاڳڻِ ڪا هِڪَ، ٻيون سَهسين ڪن سِنگارَ ٿيون،
سامي سُپيريَنِ جِي، جَنهِن کي سَچي سِڪَ،
پاتائين پَرچي ڪَري، آتَمَ سُکُ اَدِکَ،
ٻيون سَڀِ چِٽَنِ چِڪَ، ٿيون مرم ورائي مَنَ مُکيون.

(١٧)

سَهسين ڪَنِ سينگارُ، سُهاڳڻ ڪا هِڪڙي،
پاتو جَنهِن پَرتِيتِ سان، حليمِيءَ جو هارُ،
چَڙهي سکپت سيجَ تي، پِيئي نِتُ پِتارُ،
ٻيون سَڀِ تَيَنِ خُوارُ، سِڪَ وَرائي سکِٽيونْ.

(١٨)

پِتارَ کي پائِي، سا راٽِين جي راٽي تِي،
سامي مِلِي تَنهِن کي، وَڏي وَڏائي،
رِڌيون سِڌِيون پانهيون، سَڀِ ڪَرِنِ ڪَمائي،
سَجَڻُ سَدائي، نِهاري نينَ پَري.

(١٩)

سهاڳڻ سينگارَ، ڪري ڪينَ ڪَپَٽَ جا،
پَرچِي پانهنجي پيءَ سان، لاٿي جنهن لِنوَ تارَ،
اَنَئي پهر اَندَرَ ۾، سامي رکي سَنيارَ،
پوڳي پوڳَ پارَ، تان پِي رَهي اَليپُ آڪاسُ جان.

(٢٠)

ساراڻِن جي راڻي، جنهن لَڏو سُک سهاڳ جو،
ساهرن ۾ پيڪن ۾، سَهَجي سپاڻي،
سامي شَهَ پاڻي، سا پلڪ پراهون نـَ ٿِئي.

(٢١)

سهاڳڻِ کي سَتُ، سامي ڏسِيو سَتِگُروءَ،
ڇانءَ وِڃائي پانهِنجي، آڳيا مَنجهه وَرَتُ،
پاوِين ڪَتُ مَ ڪَتُ، پَرچِي رَهُ پِريَنِ سان.

(٢٢)

سَنسو ڪوه ڪري، سُهاڳڻِ ڏُکَ سُکَ جو؟
ڪانڌُ جَنهن جي ڪَچ ڪون، پَلَڪَ نـَ تِئي پري،
رکِي نينءَ نيڻَنِ ۾، سامي سَدا نـَري،
مَنجهين تارَ تَري، تـَ پِي لَهر نـَ لوڙي تَنهِن کي.

(٢٣)

اَدَبَ ريءَ اَجهاڳَ، ڪَنِ سينگارُ سَريرَ جو،
سَونبي سُبيرِيَنِ کي، ڪَنهِن وِرليءَ ڏِني واڳَ،
اَچي جاڳِيا جَنهِن جا، سامي پاري پاڳَ،
ڇڏي نانا راڳَ، ماڻي سُکُ سُهاڳَ جو.

(٢٤)

هُئي تاوَ تَتي، تَنهِن کي پِرَ پَرچي سيتَلُ ڪَيو،
تَپَتِ تَنِ تاپَنَ جي، رَهِي نَہ هِڪَ رَتي،
جانَ وِڃائي پانهِنجي، محبتَ مَنجهِ مَتي،
پائي پرانَ پَتِي، سامي لُڏي لاڏَ ۾.

(٢٥)

مِٺي پانُ مَ ڳَڻِ، مَتان ڏِسِين ڏُک ڏُهاڳَ جا،
پوئي پاءُ ڳِچيءَ ۾، سامي مَحَبتَ مَڻِ،
تَہ سَهجي سُهاڳِڻِ، پِرين ڪَريئي پَرچي.

(٢٦)

پِريَنِ ري پيئي، ڏُهاڳِڻِ ڏُکنِ ۾،
سامي سُهاڳِڻِ جا، وِيا سَنسا سَيئي،
تَنهِن کي پَئہِ ڪيهي، سَجَڻُ جَنهِن جي ڪَڇَ ۾.

(٢٧)

ڏُهاڳِڻِ کي ڏُکَ، وَرَ وَرائي ڪيترا،
سَجَڻُ جَنهِن جي ڪَڇَ ۾، تَنهِن کي ڏُکَ نَہ ٻُکَ،
نَڪِي ساڙي پارو، نَڪِي لڳي لُڪَ،
سَبَ مِٽائي جُکَ، سَنمکُ ڏِسي سپرِيَن.

(٢٨)

پرينءَ هَٿُ رکي، نِماڻي نِهالُ ڪِي؛
پَرچي ڪِيائون پانهِنجِي، سُهاڳِڻِ سکي،
آتمَ رَسُ چکي، سامي لُنوَ لُنوَ لالُ ٿي.

(٢٩)

پرچي جَنهن پَڪو، لَڌو پيرُ پرينِ جو،
سو رَهي پانهنجي حالَ ۾، راتيون ڏينهَن ٿَڪو،
پائي سُمِهيو ڪَڇَ ۾، سامي پارُ پَڪو،
گنگا گيا مَڪو، پَوين ڪِينَ پَلَن جان.

(٣٠)

ماڙيءَ سَتَ دريون، سَيِني ۾ ڏِسُ سُوجِهرو،
وينو ٿي تَنهِن مَحَلَ ۾، خاوندُ ڏِيرَ ڏَريون،
اُنهيءَ خِلوَتَ خاصَ ۾، ڪي پَهُچَنِ پريمَ پَريون،
سامي رَهنِ ٺَريون، پائي سکُ سُهاڳَ جو.

(٣١)

ڏهاڳِڻِ پيئي، وَرَ وَرائي ڏُکَ ۾،
چَپَ چِٿيندي راتِڙي، وِهامي ويئي،
سامي سُهاڳِڻِ کي، آهي پَئِه ڪيهي؟
جَنهِن تَنُ مَنُ ڏَنُ ڏيئي، پِرُ ريجهايو پانهنجو.

(٢٢)

سکيءَ کون سکي، پُڇي سُکُ سُهاڳَ جو،
مُشِکي کُشِکي کِينَکِي، تيڙِي رَمِزَ رکي،
سامي سِکَ سَچيءَ سان، سارِي لکَ لکي،
چاتِي جَنهِن چکي، ڳالهه نـَ ڳُجهي تَنهِن کون.

# سُهاڳڻ (ب)

(١)

پَرِڻيءَ کون ڪُنواري، پُڇي سُکُ سُهاڳَ جو،
هُنَ مُشڪي ڏِنو مَرمَ سان، بيحَدِ ڏِسُ پاري،
پَرِڻي پَوندءِ پائِهي، سامي سُڌِ ساري،
خِلوَتَ جي خُواري، بَتَندي نانهِ بَزارِ ۾.

(٢)

سُهاڳڻِ سينگارُ، ڪَيو سَمَ سَنتوکَ جو،
چَڙهِي سُکَپَتِ سيجَ تي، پيئي نِتُ پَتارُ،
ڪَنهِن کي سَلي ڪِينَڪِي، سامي چَئي سُکُ سارُ،
رِکي لوڪاچارُ، وَرِتي وِڌِ وِيچارَ سان.

(٣)

سُهاڳِڻِ سَچي، پاسي تَئي نَہ پيءَ کون،
سُمهي سُکَپَتِ سيجَ تي، چِڏي ڪَلپَ ڪَچِي،
وَرِتي سَمَ سَنتوکَ سان، سامي رَنگِ رَچِي،
آتَڻَ مَنجِهِ اَچِي، آدَرُ پائي اَڻَ ڳِڻيو.

(۴)

سُهاڳڻِ سَچي، پاسي ٿِئي نہ پيءَ کون،
سُمهي سُکَپَتِ سيجَ تي، ميٺي ڪَلپَ ڪَچي،
سُتَهَ سِدِ سامي چَئي، رَهي رَنگِ رَچي،
جِئين ڦَلُ پَچي، سُگَندُ سَوادي سو ٿِئي.

(۵)

ناري پيءَ پياري، پاسي ٿِئي نہ پيءَ کون،
جَنهِن کي سُکَ سُهاڳَ جِي، پيئي سُدِ ساري،
ڪَنهِن کي سَلي ڪِينَڪِي، بيحَدِ سُکُ ياري،
نَپَ جان نِياري، وَرتِي سَپَ وَهنوارَ ۾.

(٦)

سائي پِياري، نِرمَلَ نارِ پَتارَ کي،
حاضِرُ رَهي حُڪمَ ۾، سَچَ سان سينگاري،
ڪَري نہ ڪَتَر جيتِري، ڏنبَ سان ڏيکاري،
سامي سُکُ ياري، ماڻي سيجَ پَتارَ جو.

(٧)

سائي سُهاڳِڻِ جاڻُ، جَنهِن کي پَو پتارَ جو،
رکي نہ رَتيءَ جيترو، مَنَ ۾ مَمتا ماڻُ،
سُمهي سُکَپِتِ سيجَ تي، اَرپي پَنهِنجو پاڻُ،
صِدِقَ صَبوريءَ ساڻُ، سامي سَپَ سيوا ڪري.

(٨)

سُهاڳڻِ سائي، ماٺي سُکَ سُهاڳَ جو،
سامي جَنهن سيجا چڙهي، لِنوَ سَچي لائي،
رکِي سَمَ سَنتوکَ سان، سَنَمکُ سَدائي،
وائي وَڏائي، کَري نَه کَتَرَ جيتري.

(٩)

سُهاڳڻِ سائي، ماٺي سُکَ سُهاڳَ جو،
ميندي جَنهِين مَحَبَتَ جي، لِڳَنِ کي لائي،
سيجا سِيلَ سَنتوکَ جي، وِڌِ سان وِڇائي،
سا سامي سَدائي، ڪانڌُ وِهاري کَڇَ ۾.

(١٠)

سُهاڳڻِ سِياڻي، سيوا کَري سَپَ جي،
تورِي پيدَ پَرَمَ کي، پَرِتا کي پاڻي،
چَڙهي سُکَپَتِ سيجَ تي، تي راڻِنِ جي راڻِي،
سامي سماڻي، رَهي سَمِتا سُکَ ۾.

(١١)

ڪاڪِي کوهُ ڪَڏي، کَري سينگارُ سُهاڳَ ري،
چِڏي سِيلَ سَنتوکَ کي، بِپائيءَ مَنجهِ بُڏي،
ڏِسِي سا تَدَ روپَ کي، جَنهِن غيرتَ کَڍِي ڳَڏي،
سامي سَدا لُڏي، پِريمَ هِندوري پيءَ سان.

# ڇهه، اٺارهن، چار

(١)

اَٺَئي پَهَرَ اُچارُ، تا ويدَ ڪَرِنِ وِستار سان،
نانا روپَ رَچِي ڪَري، سيڪَ لڪائِنِ سارُ،
چيٽنيءَ اَئون ڪُنچَرَ ۾، اَٿي اونڪارُ،
سامي يڳت پندار، ڪن ياڳ پَريَن ياڳي پيو.

(٢)

چارَئي تا چوَنِ، هَلُ هيٺاهينءَ واٽڙي،
مٿاهينءَ ۾ مامرو، ڏاڙا ڏيرَ ڏوَنِ،
مَتا توهِي سا ڪَنِ، مَڏيءَ ڏِٺي مامرو.

(٣)

چوَنِ تا چارِي، هَلُ هيٺاهينءَ واٽَ تون،
مارِجَنِ مٿاهينءَ ۾، تا اُپرُ اَهنڪاري،
اَٿي خُدي خُواري، نِئُڙي وَنجِ واٽڙي.

(۴)

ڇھہَ اَنـارَھن چارِ، ٻَالهِ ڇوَنِ تا ھِـڪڙي،
دَرِ دَرِ ديوانَنِ جان، ناحَقُ ڪينَ نِهارِ،
گُرگمَ پانهنجي گهرِ ۾، غَيبي غوطا مارِ،
تَہ پورَنُ پارَ وارِ، سامي ڏِسين سُپرين.

(۵)

ڇھہَ اَنـارَھَن چارِ، ٻَالھ ڇوَن تا ھڪڙي،
دَرِ دَرِ ديوانَنِ جان، ناحَقُ ڪيمَ نِهارِ،
مِلي ساڌ سَنگتِ سان، بيحَدَ ڏِيئو بارِ،
تہ بيٺي منجھ بزار، سامي ڏسين سُپرين.

(٦)

ڇھ اَنـارَھن چارِ، ٻَالِهِ ڇوَنِ تا ھِـڪڙي،
سامي وَسي سُپرين، پرڇـنتا ڪون پار،
ھيڏي ھوڏي ھتڙا، ڀنان مرم نہ مارِ،
نرمل نيڻَ نِهارِ، تہ گھر ۾ ڏسين سوجھرو.

(٧)

ڇھہَ اَنـارَھن چارِ، ٻَالِهِ ڇوَنِ تا ھِـڪڙي،
يـڳتِ ڪَري يـڳوانَ جي، نانا يـرَمَ نِوارِ،
مِلي مايا موهَ سان، هيرو جَنَمُ نہ هارِ،
ساجُهرِ پاڻُ سَنيارِ، مَتان پوِين پوءِ ڏکَنِ ۾.

(٨)

رَهِيا سَبِ چَئِي، چهمَ اَنارَمن ڳالهِ هڪَ،
سامي اَوِديا جَلَ ۾، وِيَڙا مُوڙهہ وَهي،
تيناهون ڏُورِ رَهي، مورتَ مَحبوبَنِ جِي.

(٩)

رَهِيا سبِ چَئِي، چه اَنارَهَن ڳالهِ هِڪَ،
سامي اَوِديا جَل ۾، وِيَڙا مُوڙهہ وَهي،
ڪَنهن سُڄاڳِي سورمي، ڪَيَڙي ڳالهِ سَهي،
تنهن پنهنجو پاڻَ پَهي، ڏٺو اَنِيئِ آتما.

(١٠)

ويدَنِ ڪَئِي وادِ، جيوَنِ ڪاڻِ سَروپَ جِي،
ڏِٺائون جِيوَنِ ۾، اَوِديا جي اُپادِ،
ڏَسِيائون سامي چَئِي، يڳتِ ويراڳُ سَمادِ،
ڏِٺائون گهرُ يادِ، جو پوربُ پانهنجو هئُو.

(١١)

ويدنِ واڪُ چَيو، سَچو سَمَ ساکياتَ جو،
ڪَنهِن سُڄاڳِي سورمي، سامي سَهي ڪَيو،
جَنهِن پِيتو پيالو پِريم جو، اَڦُرُ اَڻَ مَيو،
چِڏي ناهُ نَهيو، پاڻُ وَرائي پاڻ سان.

(١٢)

ويدنِ جي واٽي، سارُ لکائي سَڀَ کي،
ڪوڙن مون ڪَنهن هِڪڙي، جانَ اِها جاٽي،
در دَرِ ديوانن جان، ڪري نَ ڪَهاٽي؛
پارو ٿيو پاٽي، سامي سورجَ سان مِلي.

(١٣)

ويدَ لکائِن واٽَ، تا آتَمَ پَدَ اَپارَ جي،
نانا روپَ رَسَ پَريا، گهڙِن اَنيڪ گهاٽَ،
هِڪَ هَٿ لَڏون لوپَ جو، ٻئي هٿ هٽن چِٻاٽَ،
لِکيو جَنهِن لِلاٽَ، تَنهِن کي سامي مِليو سَتِگُرو.

(١٤)

پِرين ڳالِهنِ کون پارِ، اَٿي ڳالِهنِ جي ڳوٺَ ۾،
اِئين چَوَنِ تا آدِ جو، چِهه اَنارَهَن چارِ،
سَمُجهِي تون سامي چَئي، نانا پَرَمَ نِوارِ،
بيحَدِ ڏِيو بارِ، تَ پَسَڻُ ٿِئِي پِرَ جو.

(١٥)

وِمَلَ ويدُ ڪَٿي، تو واٽيءَ ۾ نِرَوانَ کي،
سامي سُخَنِ سان ڪري، تو ڪَڍِي سارُ مَٿي،
ليکي لَٿي پَٿي، باقي سيکَ سَروپُ ٿِيو.

(١٦)

شاستِرَ ويدَ پُرانَ، سِدِ ڪَرِنِ ساڪيءَ ڪي،
جُڙيي ڪاڻِ جڳتَ ڪي، ڏسنِ جَپَ تَپَ دانَ،
سمجهي چَڙهيا سِير تي، ڪي سامي سَنتَ سُڄاڻَ،
ڪَلپِتَ رهي ڪانَ، تَنِين ۾ تِرَ جيتري.

(١٧)

سامي سِدِ ساڌَنُ، ويدَنِ ڪِيو وِيچارَ سان،
جَنِمَنِ جي هِنَ جيءَ ۾، آهي مَيلُ مَنَنُ،
تِيو نہ مَنُ اَمن، جُڳتِ بِنان جڳدِيسَ ۾.

(١٨)

ويدن جو وکاڻُ، سروتِن ڪِيو ساکِياتُ ري،
نيشِٺي ويدَ وِيچارَ ري، تارِيو پنهنجو پاڻُ،
سروتِي نيشِٺي، گِيانَوانُ ڪو سَيِني اَنگَنِ ساڻُ،
ڪوٺَنِ جو ڪلياڻُ، تنهن سامي ڪَيو شَڪتِ سان.

## (ب)

(١)

ڪَرَمُ، اُپاسَنا، گِيانُ، ڳالهِ چَونِ ٽا هِڪِڙي،
سَمُجهي ڪو سامي چَوي، نيهي نِرَ اَيمان،
ڏِنو جَنِ اکِنِ سان، اُلَٽِي اَنيَئِ يانُ،
پائي پَدُ نِرَبانُ، مَستُ رَهَنِ مَهرانَ ۾.

(٢)

گورَکَ، نارَدَ، دَتَ، لَکَ لکائي هِڪَڙي،
سَمُجهي ڪو ساميِ چَئي، عاشِق اِشارَتَ،
ماٽي دَورَ دَرِسَ جِي، ڪَٽِي سَڀِ ڪَلِپَتَ،
رَهي مَنجهِ جَڳَتَ، سَدا اليپُ آڪاسَ جان.

(٣)

چِئَ اَتارَهن چارِ، ڳالهِ چَوَنِ ٽا هِڪِڙي،
ڪَٿِنِ حَرَفَ حِسابَ ري، سَڀِ ٻِيجي جِي ٻارِ،
سامي سَمُجهِي ساڌَ سَنگِ، ڏِيرَجُ هِرَدي ڌار،
پَرِچي لَنگهي پارِ، اَنَ هوندي آڙاهَ ڪون.

(۴)

چَمَ اَنارَهَن چارِ، ٻَالِهِ چَوَنِ تا هِڪَڙي،
سامي هن سَنسارَ جو، ڏِلو سڀ وِسار،
ڏيکيا ڏاتِ گُروءَ جي، هَرِدَمُ هِرِدي ڌارِ،
دوستَ جي دَربارِ، پَهُچِي پورَنُ پاڪُ ٿي.

(۵)

چَمَ اَنارَهَن چارِ، ٻَالِهِ چَوَنِ تا هِڪَڙي،
هيڏي هوڏي هَتَڙا، بِنا مَرَمَ نَہَ مارِ،
سامي سَنتَنِ سان مِلي، مَنَ ۾ ڏِسُ مُرارِ،
شَهَرُ، بَحَرُ، بازارِ، آهي جَنهن جي آسِري.

(٦)

چَمَ اَنارَهَن چارِ، سامي لکائِنَ سارُ هِڪُ،
پورَنُ جاڻُ پَرَماتَما، نانا يَرَمُ نِوارِ،
مِلي مايا موهَ سان، هيرو جَنَمُ نَہَ هارِ،
ساڃهرِ پاڻُ سَنيارِ، مَتان پَوين پوءِ ڏُکَنِ ۾.

(٧)

چَمَ اَنارَهَن چارِ، ٻَالِهِ چَوَنِ تا هِڪَڙي،
سامي سُڄَ وَسَنوَ جي، ويهي ڏِسُ وِچَ ڪارِ،
ڪيرُ ڪَري سِڌِ سَڀَ ڪي، آهي ڪَنهن آڌارِ،
سَمُجهِي مَمِتا مارِ، تہَ ماڻين سُکُ سَروپَ جو.

(٨)

ڇَهِ اَنارَهَن چارِ، ڳالهِ چوَنِ ٿا هِڪڙي،
پُٺي ڏيئي پانَ کي، پَلِ پَلِ ڪيمَ پُڪارِ،
سامي ساڌَ سَنگَتِ جِي، ڏِيکيا هِردي ڌارِ،
واڄَ سَيائي وارِ، ليکڻِ وَٽِي لکَ جي.

(٩)

ٻاٽي لَکائي ٻوڌَ کي، سا ٻوڌَ سَروُپَ ٻاٽِي،
ٻاٽِيءَ اُتَنِ ٻِپوتَرا، سي ٻِپوتا ٻاٽي،
سامي چَئي ڪَنهِن سورمي، جانَ سَچي جاٽي،
موجَ مِلي ماٽِي، پانُ وَرائي پانَ سان.

(١٠)

ٻُڌي ويدَ وَچَنُ، مَچيو جَنهِن مَحَبتيءَ،
ويهي ڪَيو تَنهِن وِڌِ سان، نِرمَلُ نِدِ ڌِياسَنُ،
جاڳي ڏَنائين جوتِ ۾، پَرِميسَرُ پورَنُ،
سَدا مَستُ مگهن، سامي رَهي سُياوَ ۾.

(١١)

ويد چوَنِ هِڪُ واڪُ، عَينَ اَيدَ اَنيئي،
سَمُجهي ڪو سامي چَئي، مَحَبتي مُشتاقُ،
جَنهِن جا ڪَري سَتِگُرو، چَشمَ جڳائي چاڪُ،
پَرِچَنتا ڪون پاڪُ، پورَنُ ڏِسي پيءَ کي.

(١٢)

ويدَ چوَنِ هڪُ واڪُ، سَمِتا سُڪُ سڪيات،
سَمُجهي ڪو جَنُ سورَمو، ڪَري سَنتَنِ سان ساڪُ،
سُتَهَ تِئي سامي چَئي، پَرِچِنتا ڪون پاڪُ،
چِتّيءَ چاڙهي طاقُ، رَهي رَنگَ مَحلَ ۾.

(١٣)

ويدَنِ جي واڻي، سارُ لڪائي سَڀَ ڪي،
ڪوڙَن مون ڪَنهِن هِڪڙي، جاڻائيءَ جاڻِي،
مِٿي جَنهِن جي مَنَ مون، ڪوڙي ڪَهاڻي،
موجَ مِلي ماڻي، سامي سُپيرِيَنِ سان.

(١٤)

ويدنِ جي واڻي، سارُ لڪائي سَڀَ ڪي،
لَڌي ڪانڻِ خوشيءَ جي، ڪَنهِن پريتَمَ پُراڻِي،
ڪنهن ڪي سَلي ڪينَڪي، اَڪَهَ ڪَهاڻي،
مَوجَ مِلي ماڻي، پانڻَ وَرائِي پانڻَ ۾.

(١٥)

ويدَنِ جا مَها واڪَ، سُتَهَ لڪائِنِ سَمَتا،
سَمُجهي تِيا سامي چَئي، مَحَبَتي مُشتاقَ،
چَڙهِيا چِيتَنَ چِٽَ تي، سَٿي سَڀِ سَنگَ ساڪَ،
پَرِچِيا رَهَنِ پاڪَ، پانڻُ وَرائِي پانڻَ ۾.

(١٦)

ويدَنِ واڪُ چَيو، عينَ اَيِيدُ اَٿيئي،
ڪَنهِن سُجاڳِي سورِمي، سامي سبهي ڪَيو،
پانڌَ وَرائِي پانڌَ سان، ڇَڏي ناهَ نَهِيو،
اونهو اَنڌَ مَيو، ماڻِي سڪُ سَروپَ جو.

(١٧)

ويدَنِ وَچَنُ چَيو، سوڌو صفائيءَ جو،
ڪوڙِن مون ڪَنهِن هِڪِڙي، گاهَڪَ گِرَهَنڌ ڪَيو،
پيتو پِيالو پريمَ جو، عاشقَ اَنڌَ مَيو،
ڇَڏي ناهَ نَهِيو، سامي سارَ سَروپَ سان.

(١٨)

ويدَنِ واڪاري، پَڙو گُهمايو پِريمَ جو،
بُڌِي ڪو بانيَنڌُ چَئِي، ڏِيرَ سَچِي ڏاري،
پانڌَ وَرائِي پانڌَ ڪي، ڏِسي ڏيئو باري،
نانَتُ نِواري، ماڻِي دورَ دَرِسَ جِي.

(١٩)

شاستَر سُمرِتَ، ويدَ لک لِکائِنِ هِڪِڙي،
سَمُجهي تِيا سامي چَئِي، عاشِقَ عينَ اَيِيدَ،
ڪَرِنِ نَہ ڪَتَرَ جيتري، ڪَنهِن جِي وِڌِ نِکيدَ،
جاڻِنِ سِياهَ سُپيدَ، سَيِي رَنگَ رَنگِيءَ جا.

(٢٠)

سامي سَنتَ چَوَنِ، تا ڳالهِ مِڙيئي هِڪڙي،
جَنِ کي سِڪَ اَندرَ ۾، سي سودا سَمُجَهنِ،
اَنيَئِہ پَدُ پائي ڪَري، ڪَنهِن کي ڪِينَ سَلَنِ،
سَدا غَرَقُ رَهَنِ، پاڻُ وَرائي پاڻَ ۾.

# لَکشڻُ

(١)

مورکُ سو آهي، جو سَچُ سُتَخاڻي ڪِينَڪِي،
پاڻُ پانهِنجو پاڻَ ۾، وينو وِچائي،
سَمُجهَ ري سامي چَئِي، ڏِڪا نِت ڪائي،
جهاتي نَ پائي، گِهڙي پانهنجي گهرَ ۾.

(٢)

واڻيءَ پُلايو، وَجِي پِيو آڙاهَ ۾،
واڻيءَ ڏيئي هَٿَڙا، ساگَرُ لَنگهايو،
اِهو وَلُ اَلِوَلو، ڪو سَمُجهِي سَمُجهايو،
سَمُجهِي سَمائيو، تَڏِي سکي ٿِيو سامي چَئِي.

(٣)

وِرلو وِيچارِي، ڪو سامي سِڪُ گُروءَ جو،
پاتو جنهن پَرتِيتِ سان، يڳتُ پَدُ ڀاري،
ڪَندو ڪَٽي گِيانَ جو، مَمَتا سَڀَ ماري،
سَمُجهِي سَچارِي، چَڙهِيو اَنيِئي اَڄَ تي.

(۴)

سو پريمي پورنُ، سو جوڳي جيوَنِ مُڪتِ،
پاتو جَنهِن پِرتِيتِ سان، گهرو گيانَ اَنجُن،
اَلکُ لکِي سِندُ ۾، ڇڏي دَرسَ درسَنُ،
سدا مَستُ مگنُ، سامي رهي سياوَ ۾.

(۵)

سو پريمي پورَڻُ، سو گُرَمکُ سو گيانوانُ،
جو رهي پانهنجي حال ۾، سامي سدا مگنُ،
گهٽِ وَڌِ واٽيءَ واجَ کي، ڪَلپي ڏِئي نہ ڪَنُ،
ڪَڍِي ڪانو پَنُ، ڏِسي اَنيڪ اَنَ کي.

(٦)

سو پريمي پارکُ، سو گُرَمکُ سو گيانِ وانُ،
ڏيئي ڪَندِ ڪَلِپَ کي، لکِيو جنهن اَلکُ،
ڪاٽي ڏِسي ڪونَڪو، ڪَرِتا ٻا جهون ڪکُ،
سَدائي نِرپکُ، سامي رَهي سياوَ ۾.

(٧)

سو پريمي پريلُ، سو اَوڌُوتي آتما،
جو ماري سَيوئي مَنَ جو، سامي سارو دَلُ،
ويهي اَنيڪ تختَ تي، نِياءُ ڪَري نِرملُ،
جيئَين جل سان جَلُ، تيئَين مِلي مَحبوبَ سان.

(٨)

سو نيهي نِشڪامُ، سو اَوڌُوتي آتماُ،
جَنهِن سامي ساڌَسنگتِ ڪي، پَرچي ڪَيو پَرِٽام،
پاتائين پورَنُ تِي، اَنيَئِہ پَدُ انعام،
ڪري اَنَ آرام، سُمهيو سڪَپَتِ سيجَ تي.

(٩)

سو نيهي نِروِيرُ، سو اَوڌوتي اَنيئِي،
گهڙي لَڌو جنهن گهرَ مون، اَپيريءَ جو پِيرُ،
ميٽيائين مالُومُ تي، سَڀُ اَگيانُ اَنڌيرُ،
رائِي ۽ سُميرُ، سم جاڻي سامي چَئي.

(١٠)

سو نيهي نِرمَلُ، سو اَوڌوتي اَنيئي،
مِٽيو جنهن جي مَنَ مون، سامي سَڀُ خَلَلُ،
اَندَرِ باهَر آتِما، ڏِسي عَينُ اَچلُ،
پاسي تِئِي نہ پَلُ، ماٺي موجَ مَرمَ سان.

(١١)

سو نيهي نِربانُ، سو اَوڌوتي آتما،
ڏِنو جنهن اڪِن سان، اُلَٽِي اَنيَئي پانُ،
اَندَرِ باهَرِ نَيَ جان، سُته سِڌَ سَمانُ،
جاڳِي سَڀُ جَهانُ، لَئہ ڪَيائين لڪَ ۾.

(١٢)

سو نيهي نِرڌَڙِڪُ، سو اَوڌوتي اَنَيئي،
ڏنو جنهن آڪاسَ جان، خلق ۾ خالِقُ،
پيئي پيئاري پريم رَسُ، ميٺي سَنسو سَڪُ،
سدائي گَرِڪُ، سامي رهي سياوَ ۾.

(١٣)

سو بِرَهي بانڪو، سو اَوڌوتي آتما،
جيئندي ڪيو جنهن جڳَ ۾، مَري ميڙا ڪو،
ڪنهن کي ڏئي ڪِينَڪِي، فِڪرُ ۽ فاڪو،
دَهَ دِسان ڏاڪو، سامي وِجهي سَمَ جو.

(١٤)

سي نيهي نِرباڻ، سي ساڌو جَنَ سورما،
جيتيا جَنِ گُرگِياتِ سان، پَرچي پنج پَٺاڻَ،
ويٺا ڪايا ڳَڙهَ ۾، ڦيري اَنَيئِي آڻَ،
پاڻُ وَرائي پاڻَ، سَيُڪي ٿِيا سامي چَئي.

(١٥)

سو نيهي نِرڌَڙِڪُ، سو پيگتُ ياڳَوتي،
سامي جَنهِن کي سَتِگُروءَ، پاڙهي ڪيو پَرِپَڪُ،
وَرِتي سَبَ وَهِنوارَ ۾، ڦُرِني ڪون ڦارڪُ،
ياوين عينَ الحَقُ، ياوين بولي رام رام.

(١٦)

چڱا سي چَنجَنِ، چڱو جَنين جي چِتَ ۾،
بُرائيءَ کَنهن جيءَ ڏي، سامي ڪينَ ڏِسنِ،
ديا دِرشٽِ رکي ڪَري، سَڀَ تي ڪِرپا ڪَنِ،
سَدا سَمَ رَهنِ، اِستِٿِ آتمَ پَدَ ۾.

(١٧)

سوئي سَتِ سنگي، مَرمُ جنهين جي مَنَ ۾،
جاڳي ڪَديائين جيءَمون، سامي طَلَبَ تَنگي،
صاحِبُ سَرِبَنگي، ڏِسي پيدَ پَرَمَ ري.

(١٨)

سوئي جڳياسي، جو رَهي گُرگِياتِ ۾،
مايا پَڇاوي جان، جاڻي سَڀَ ناسي،
سامي بيگمر پور ۾، وَجي تِئي واسي،
اَنيئي آڪاسي، ڏِسي پَدُ اَکِنِ سان.

(١٩)

سَنگتِ سا پَرواڻُ، جا مَمَتَ مِٽائي مَنَ جي،
جڳتِ سان جوڙي ڪَري، پِرگهٽُ لکائي پاڻُ،
سامي رَهي ساڻُ، جِيئندي مُئي جيءَ جِي.

(٢٠)

سو دَرِٻاري داسُ، جَنهِن کي سَچُ اَندَرَ ۾،
سامي سدائين رهي، کَلِ کَلِ کون کَلاسُ،
ڏنائين گُرگِياتِ سان، اَنيئِي جو آڪاسُ،
جنهن ۾ پرم پرڪاش، سو ساکي سورج جان رهي.

(٢١)

مومِنُ مُسلمانُ، ڪوڙنِ ۾ ڪو هِڪڙو،
جو واصل وحدت ۾، ڪَڍي گَيرِ گُمانُ،
نورَ مَحَلَ جي نِيوَ تي، سَيل ڪري سُجانُ،
تَنهِن کي سَڀُ جَهانُ، ڄاڻي دوسُ خُداءَ جو.

(٢٢)

سهاڳڻ سائي، ماڻي سک سُهاڳَ جو،
ميندي جنهن محبت جي، لِڳنِ کي لائي،
ڪَري نَہ ڪَتَرَ جيتري، ڏاهِي وَڏائي،
سامي سَدائي، سيتَلُ رهي سُياوَ ۾.

(٢٣)

سهاڳڻ سائي، ڪانڌُ جنهين جي ڪيچ ۾،
رکي نَہ رَتيءَ جيتري، ٻُڌِ ۾ ٻِيائي،
ڏسي اَنيئي سُکَ جي، سُتهه صفائي،
سامي سَدائي، پاڻي مَنجهِ ٻِني رهي.

(٢٤)

سهاڳڻ سائي، ڪانڌ جنهين جي ڪڇ ۾،
ماٺي ڏور ڏرس جا، سامي سدائي،
ڏبڌا ڏرمت دل ۾، رکي نا رائي،
جاٺي سيائي، مهر مڙيئي مالڪ جي.

(٢٥)

سو اَپرس اَڇتو، ممت ڪڍي جنهن من مون،
پرچي پيرادن سان، پار وڃي پهتو،
سامي سدائين رهي، ڪمان منجهه ڪتو،
اِئين ويدَ اُتو، سمجهائي ساکِي تِي.

(٢٦)

سي اَتيتَ چئجن، جن سرب اَتيتُ سهي ڪيو،
تنوپي پائي سچ جي، سيلي سرت رکن،
ڏوٺي لائي ڏيان جي، ڪميا ڪٿني ڪن،
سامي سمَ رهن، اَڦرُ آتمَ پدَ ۾.

(٢٧)

سو گياني گيات گيئو، جو رهي سمَ سياوَ ۾،
سمجهائين سامي چئي، ياڳوتن جو پيئو،
ڏسي آتمَ ديئو، چيٽنيءَ ۽ ڪنچرَ ۾.

(۲۸)

سوگُرَمکُ گياني، سو اَودوتُ اَنيئي،
ڏِنو جنهن اکن سان، دِلِ ۾ دِل جاني،
ٻاٽي ٻولي ٻيحَدي، سيتَلُ شاهاني،
سَدا سَيلاني، سامي رَهي سياوَ ۾.

(۲۹)

سو گُرَمکُ گِياني، رَهي اَليپ ڪَنوَل جان،
جو ڄاڻي سکَ سنسارَ جا، سَڀِ ڦِڪا فاني،
سامي ڏِسي سَمَ تي، جانِ منجهه جاني،
هردم حَقاني، واکُ ڪَدِي ويدانتَ جو.

(۳۰)

سوئي پيارو، پريمي پرميشوَر کي،
پاتو جنهن پرتيتِ سان، ٻيحد پَدُ يارو،
سامي رَهي سَريرَ ۾، نَپَ جان نِيارو،
ڄاڻي جڳُ سارو، چِمتڪارُ چيتَن جو.

(۳۱)

ڪُوڙي کي ڪوتانءُ، ڏئي نہ واٽَ ويهَڻَ جو،
ڪنهن کي پاوين ڪِينَڪِي، جيئين ڪارو ڪانءُ،
سَچي کي سامي چئي، سَڏي سَڀُ ڳانءُ،
نارائڻ جو نانءُ، مکِ رکِي مَوجان ڪري.

(٣٢)

سي آتمَ درسِي، پاڻُ ڏٺو جَنِ پاڻَ ۾،
مورتَ مَحَبوبَن جِي، سَڀَ صورتَ منجهه پَرسِي،
تَنِين جي سَرسِي، نِتُ گاوَن ويدَ پُران تا.

(٣٣)

سوئي جاڻُ سُچيتُ، سامي ڄڻَ سَنسارَ ۾،
جو اُلَٽي رکِي آنَ کون، هَرِ يڳَتَنِ سان هيتُ،
ڪَڏي سَڀُ ڏُئيتُ، جاڳي پانهنجي جيءَ مون.

(٣٤)

بانيَڻ سو بِڌوانُ، ساڌو جَنُ سَنسارَ ۾،
ڏِٺو جنهن اکِنِ سان، چارِ اَکَرَ اَسمانُ،
جنهن ۾ سَمَ سيتل رَهِي، سَدا ساکي پانُ،
اِهڙو پَدُ نِرباڻُ، پائي پَرچو پاڻَ ۾.

(٣٥)

سو بانيَڻُ بِڌوانُ، جو آنيئہ سارُ سَهي ڪري،
سامي جاڻي جيءَ ۾، فاني سَڀُ جَهانُ،
چِنتا چاهَ ڪَڏي ڪري، ٿِئي نِرمَلُ نِرباڻُ،
دَرسَنُ پائي دانُ، سدا رَهي سَنتوکَ ۾.

(٣٦)

سامي سو بُڌوانُ، جو ڪَري سَنگُ ساڌنِ جو،
اَنيَئي واڪَ ٻڌي ڪري، ڇَڏي ديهِ اِيمانُ،
رهي ساوڌان، سَدائين سَروپَ ۾.

(٣٧)

سوئي جَنُ صَرافُ، سامي هِنَ سَنسارَ ۾،
جو پَرکي پانهنجو پاڻ کي، ٿيو سنسي کون صافُ،
مِلڪُ پائي معافُ، سيوئي ساکي ٿِي.

(٣٨)

سوئي سِياڻو، سوئي سُڄاڳو سورمو،
سَمجهي رکيو جنهن سِرَ تي، ڀڳوَتَ جو ڀاڻو،
سَدا رهي سامي ڇَئي، سَمَ ۾ سَماڻو،
ڪڏِي نَ ٿِئي ڪاٺو، دُويتُ وَرائي دِلِ ۾.

(٣٩)

سوئي شاهوڪارُ، جَنهِن کي دَولتَ داتِ گُروءَ جي،
جاڳي ڪَڏِيائين جيءَ مون، وِڌِ نکيڊَ وَهَنوارُ،
سَدائي گُلزارُ، سامي رَهي سُياوَ ۾.

(۴۰)

سوئي سَوداگرُ، جو پَري ڪيپَ ڪميا جي،
دَولتَ داتِ گُروءَ جِي، سامي رکي سُيَرُ،
لوڙي لهي لُنؤ سان، بيگم پور شهر،
گُهمي نہ گهرُ گهرُ، چاهَ مِٺائي چِتَ جي.

(۴۱)

پَٺي پڙهائي، سو اُستادُ اَنيئي،
سَمجهائي سَمَرَٿُ ڪري، لَڪُڙُ نہ لائي،
جَنمَ مَرَڻَ دُکَ سُکَ جو، سَنسو مِٽائي،
سامي لکائي، اَنيِئي جوتِ اکِنِ سان.

(۴۲)

سو اَوڌوتُ اُڌارُ، سو جوڳي جِيوَنُ مُڪِتِ،
جنهن ٿيو ساڌوءَ سَنگُ، سَمَ سَنتوکُ ويچارُ،
جاڳي ڏِنائين جوتِ ۾، سُپَنَ جو سنسارُ،
ٻَٽيءَ تي هشيارُ، سدا رهي سامي چئي.

(۴۳)

جَنِين پانهنجو پاڻ، سُڃاتو سامي چئي،
سي گُرمُکَ سي گِيانَ وانَ، سي جوگيسرَ جاڻ،
سي پَنڊِتَ اَوڌِوتَ، سي پريمي پَرواڻُ،
سي نِرگُنَ نِرٻاڻُ، سي ساڌو، سي سَتِگُرو.

(۴۴)

ڳُنگو ڳيانُ ڪري، ٻُڌائي ٻوڙي کي،
ڀِنگُ چڙهيو پربَتَ تي، اَندو ڏِسي نَري،
سَمُنڊُر سماڻون بوند ۾، جَلَ ۾ جوت ڀَري،
سَمُجهِي اَجَرُ جَري، سامي چَئي سو سَتِ گرو.

(۴۵)

اَنيَڪِ اُپَجائي، سوئي واڪُ سِرومَڻي،
سامي سَنگَتِ سا ڪَري، جا مَمتا مِٽائي،
اَوِديا پَٽُ لاهي، سوئي سَتِ گُرُ سورمو.

(۴٦)

سوئي ڪيپَ ڪَتي، سامي هِن سَنسارَ ۾،
جو وَنِي ڳُڻَ ڳُرَ ڳِياتِ سان، اَوڳُڻَ سَڀ سَٽي،
جاڻَ وِجائي پانهنجي، لُونءَ لُونءَ رام رَتي،
ڪَلِپَتَ سَڀَ ڪَٽي، جاڳِي اَوِديا نِنڊ مون.

(۴٧)

سوئي ڪيپَ ڪَتي، سامي هِنَ سنسارَ ۾،
جو مِلي ساڌ سَنگَتِ سان، سَڀِ سِياوَ مَٽي،
ڏِسي نيڻَ پَٽي، سَنَمڪُ شاهَ صرافَ کي.

(۴۸)

جو جَنُ سِدِ ٿيو، ساڌَنَ سڀِ سِدِ ڪَري،
سامي پَدَ چِنَ ماتَرِ جو، تَنهِن پَرلاءُ پِيو،
رهيو نـَ رَتيءَ جيترو، بِنان ٻودِ ٻيو،
وِڇائون وِيو، سَنسو آتَمَ جيءَ جو.

(۴۹)

سوئي نِرمَلُ نَرُ، سامي هِنَ سَنسارَ ۾،
جو ڪَري وس ويرِن کي، وَڃِي نِرتِ نَنگر،
ڪولي دَسوون دَرُ، سَنمُکُ ڏِئي سَروپَ جي.

(۵۰)

سوئي ساڌَنُ ساڌِ، سامي چيو سَتِگُروءَ،
جنهن ساڌِئي سُکُ سانتِ ڏِئي، مِٽِي سڀِ اُپاڌِ،
اُلَٽِي ڏِسي اَندر ۾، اَنيڙِي پُرُشُ اگاڌِ،
آدِ ۽ جُڳادِ، آهي جنهن جي آسري.

(۵۱)

سو ساڌو جَنُ ڄاڻُ، جو ساڌِي من سُڌِ ڪري،
دُکَ سُکَ لاڀَ الاڀَ ۾، رَهي ٿابوتيءَ ساڻُ،
سامي سَيَڪَنهِين جو، ڪيَوَل گُهري ڪَلياڻُ،
ڪَڍي پانهِنجو پاڻُ، پِئي پِياري رامَ رَسُ.

(۵۲)

سوئي ساڌُ سُگھڙُ، سامي هن سنسارَ ۾،
جو جِيئندي مَنَ مَواسَ کي، ماري ڪري مڙُ،
لوڙي لهي تَڙُ، اُلَٽِي آتمَ سَرَ جو.

(۵۳)

سوئي سپاهي، جو ماري مَنَ مَواسَ کي،
جوڌا پنج جِيتي ڪَري، گھوڙي جا گاھِي،
چَڙهي ٽِئي چَوڏولَ ۾، رامَ نگر راهي،
ڏَهَ دِس ڌُهائي، ڦيري ڦُرني فوج ري.

(۵۴)

سورمو سوئي، جو ڪٽي ڪَڙَڳُ ڪميا جو،
ماري ڪَڍي مَنَ مون، سَنسو سَيوئي،
ڦيري ڪايا ڳَڙه ۾، پيڳَوَتَ جي ڊوهي،
جيئَن رنگ رتي لوئي، تيئَن رَتو وَتي رَنگَ ۾.

(۵۵)

سُورو سو پَرڌان، جو ڪٽي ڪَڙَڳُ ڪميا جو،
ماري مَنَ مَواسَ کي، جِيتي سَڀُ جهان،
سدائين نِربَانُ، رهي ڪايا ڪوٽ ۾.

(۵٦)

سوئي جَنُ سُورو، جو جِيتي مَنَ مَواسَ کي،
سامي ڏِسي سَڀَ ۾، پَرَميسَرُ پورو،
اُوٽو اَڏورو، ڪاٽي جاٽي ڪِينَڪِي.

(٥٧)

چَئِجَنِ سي بِلِي، جَنِ جِيتيو مَنَ مَواسَ کي،
سامي ياڻِي رام جِي، ڄاڻَنِ سَڀَ پلي،
گاوَنِ رام ڪلي، سَٿِي پِندَ مَٿِي تون.

(٥٨)

موهِيا دَرَسَ دِيدارَ، عاشِق عَملي سَنتَ جَنَ،
رکَنِ نَہ رَتِيءَ جيتري، سامي سُرتِ سَنيارَ،
سدائِين نِرَدّار، رَهن پانهِنجي حالَ ۾.

(٥٩)

نِتُ عاشِقُ عَجيبُ جي، دَرسَنَ مَنجِهِ غَلطان،
پاڻُ ڪديو جنهن پاڻَ مون، سامي نانگو نِربانُ،
مُلان مَنُ مسيت، عين ڪَري اِيمانُ،
مَهر جَنهِين جي من ۾، سو داتا دياوان،
راڳِي گاوي ديپُ راڳُ، لائي اَنَهَدَ تانُ،
هوڪو ڦيري حق جو، صاحبُ سلطان،
سياهي هَلائي سَچَ جي، ليکڻ حقُ حقانُ،
سُورُ لڙي سِرَ کون پَري، جيتي سَڀُ جهانُ،
سَتِي سَمائي سَتَ ۾، پيتُ ڏِسي پَرِدّان،
بيو سَڀ اَنڌ اگيان، سَمجَهه ري سامي چَئي.

(٦٠)

ڪوڙين مانڪَ ڪَنِ، شيوا سُمَرَڻَ تَنَ سان،
سواسنِ سان سامي چَئَي، ڪي جڳياسي جُڙَنِ،
عاشقَ اڳاهون لَنگهي، اَنيئِہ رَسُ پيئَن،
جاڳي ڏِنو جَنِ، پانهنجي اکِيَن پاڻ کي.

(٦١)

مَحَبَتَ جَنِ جي مَنِ، سي پاٿهين پَڌِرا،
دَرِسَنُ پَسي دوستَ جو، راتيون ڏينهَن رَهِسَنِ،
پريا ساگر پريم جا، اَنيئِہ رَسُ چکَنِ،
سامي ڪين لِڪَن، ڏرتيءَ اَئون آڪاس ۾.

(٦٢)

سوئي سَنتُ پڳَتُ، سوئي پنڊت گيان وان،
مِرگَ تِرشنا جي جَل جان، ڏِٺو جَنهِن جڳَتُ،
مِنايائين مَنَ مون، سامي مَمَتا مَتُ،
اَنيئِہ آتَمَ تَتُ، پائي پَرچو پاڻَ سان.

(٦٣)

سوئي سنت مَهنتُ، سوئي سِڌُ گِياني تِي،
جنهن ڏِسي پنهنجو پاڻ کي، ڪيو اَوِديا جو اَنتُ،
سامي سدا بَسَنتُ، ڪيلي خوفُ ڪَڏي ڪري.

(٦٤)

سوئي سنتُ صَرافُ، سُجاڳو سامي چئي،
جو ڏِسِي لالُ اَنيئي، تِيو سَنسي کون صاف،
کَنهِن سان ٻولي ڪِينَڪِي، گهٽِ وڌِ خام خلافُ،
مُلڪُ مِڙِيوئي معاف، ڪائي سَمرَ سيتَلُ تي.

(٦٥)

سوئي سنتُ پيارو، پريمي پرميشور کي،
ڏنو جنهن اکِنِ سان، اَنيئِ اُجارو،
ڪري نَـ ڪَتَرَ جِيترو، دَنيُءِ ڏيکارو،
سدا مَتِ وارو، سامي رهي سياوَ ۾.

(٦٦)

لُنؤ لُنؤ جاپُ جَپي، پـڳَتُ سو پڳوَنت جو،
پيدُ وِجائي مَنَ مون، کَلپتَ کَندِ ٿَپي،
تِنِ تاپَنَ جي تاپَ ۾، سامي ڪين تَپي،
وجهي سِرُ ڪَپي، پَنجنَ ئي جو پَرتِيتِ سان.

(٦٧)

ويشنو سوئي، جو وياپَڪُ جاڻي وِشن کي،
مالها ساسَ اَساسَ جي، پائي ڳَلِ پوئي،
سامي مَنُ سُڌُ ڪري، سُمرَڻَ سان ڌوئي،
جيئَن رَنگَ رَتي لوئي، تيئَن رتو رهي رنگَ ۾.

(٦٨)

جَنهين پَهريو پوشُ، فارق فَقيريءَ جو،
سو ڳِلا اَئون ڳِيبَتَ کي، ڪڏي ڏِئي نـَ ڳوشُ،
ڪيائين ڪينو ڪڏي، ڪَلِ ڪَلِ ڪون خاموش،
ڏُئيتَ وَرائي دوسُ، سامي ڏِسي سڀ ۾.

(٦٩)

فَقيرَنِ فِڪرُ، ڪَڍيو سڀُ اندر مون،
جانِ وڃائي پانهِنجي، ٿيا بٽيءَ تي شاڪِرُ،
لُنؤ لُنؤ ڪن ذڪر، سنمک ڏسن سپرين.

(٧٠)

سو جوڳيسر جانُ، مُندرا جَنهِن مَرمَ جون،
سِڱي واهي سَهَجَ جِي، سَمَ رَهي سَپَ سانُ،
چيتِي ءِ ڪُنچَرَ ۾، ڏِسي پانهنجو پانُ،
پائي پَدُ نِربانُ، ماهل ٿيو مَهِران ۾.

(٧١)

سو جوڳيسر جانُ، مُندرا جَنهين مَرَمَ جون،
سِڱي وڃائي سَهَجَ جي، صِدِقَ صَبوريءَ سانُ،
ڏيئي دِلِ دِلِبَرَ کي، رکي نـَ پرچِنَ پانُ،
پائي پَدُ نِربانُ، سامي ماڻي سيجَ سُکُ.

(٧٢)

ورلو ڪو آهي، جوڳيسر جهان ۾،
جو مُندرا پائي مرم جون، سهج سِڱي واهي،
ترويٽي اَسر سير ۾، گرگم نت نائي،
تت تلڪ لائي، سامي جڙي سروپ سان.

(٧٣)

سَنياسي سيئي، جي آدَمَ ڪون اُڳي ٿِيا،
اوريان اورينِ عامَ سان، پَريان پَريئي،
تنين کي ڏيئي، باد وِڃايَمَ بِڪيا.

(٧٤)

سيئي سَنياسي، جي مَمَتَ نَہ رکَنِ مَنَ ۾،
سامي ڪَنياٺون سَمَ تي، ڦُرني جي ڦاسي،
حَدَ پري بيحد ۾، ويحي ٿيا واسي،
اَلکُ اَبناسي، ڏِسَنِ نتُ نِربَاڻَ تي.

(٧٥)

سوئي سنياسي، جو پِڳوا پَهري پاوَ جا،
لائي خاڪَ ڪِميا جي، ڪَٿي جَمَ ڦاسي،
ڪري نِتُ ڪَلپت ري، بِڪيا آڪاسي،
اَلکُ اَبناسي، سامي ڏسي سَيَ ۾.

(٧٦)

سوئي سَنياسي، سِيتَلُ رَهي سِياوَ ۾،
ڪَٿِي جنهن ڪِرپا سان، ڦرني جي ڦاسي،
سَمَرَ ڏسي سامي چئَي، اَلَکُ اَبِناسي،
گَنگا گيا ڪاشي، پَوين ڪِينَ پِلَنِ جان.

(٧٧)

سنياسي سيئي، پاڻُ ڪڍيو جن پاڻ مون،
سامي تَنِ کي پَدَ جِي، سَهجِي سُڌِ پيئي،
ساڌَن سيئي، اَرپيائون آرامَ ۾.

(٧٨)

وِرلو جَنُ وسي، سَناسي سَنسارَ ۾.
وَدو جَنهن پَنجَن جو، گُرگَمَ پَلُ کَسي،
مايا موه اَسارَ ۾، سامي ڪِينَ ڦَسي،
ڇَڏي پاڻُ رسي، اَنيئِ پَد اَپارَ ۾.

(٧٩)

سناسي سيئي، جي سَنسي ڪون صافُ ٿِيا،
ڏِسن پانهنجي ڏيلَ ۾، شِوَ شَڪَتِ بيئي،
بيا پُڻ سيئي، ٿا مٿي پائن منهن ۾.

(٨٠)

سُرِجهو سناسي، ڪوڙِنِ ۾ ڪو هِڪڙو،
سامي جَنهن ڳُرڳمَ ڏِني، ڪايا منجهه ڪاسي،
مَمَتَ وِڃائي مَنَ جي، ٿِيو نِرمَلُ نِراسي،
اَلکُ اَبِناسي، پيئي نِتُ پَرَمَ ري.

(٨١)

سوئي اُداسي، جو رَهي اُداسُ اَندَرَ ۾،
سِيلِي پُهري سَچ جي، ٿوپي آڪاسي،
ڪِميا جي ڪَتِّي ڪَري، ڪِٿي جَمَ ڦاسي،
اَلک اَبِناسي، سامي ڏِسي سَڀَ ۾.

(٨٢)

سوئي اُداسي، جو شيوا ڪَري سَنگَتِ جي،
سامي سدائين رَهي، دَرَسنَ جو پياسي،
ڪِٿي جَمَ ڦاسي، سَمُکُ ٿِئي سَروپَ جي.

(٨٣)

سامي سو سلطانُ، جو وِهي اَنيَءِ تَختَ تي،
ماري مَنَ مَواسَ کي، جيتي سَڀُ جَهانُ،
هوڪو ڦيري حق جو، نِياءُ ڪري نِربانُ،
سدائين وِدَمانُ، ڏِسي سارَ سروپَ کي.

(٨٤)

سوئي نِهَڪامي، سامي هِنَ سَنسارَ ۾،
جو ڪَنهِن جو تِئي ڪِينَڪِي، سَمُجهِي سَلامي،
سدا آرامي، رهي پد اَواچ ۾.

(ب)

سو پِريمي پَرِبَلُ، سو ساڌوجَنُ سورَمو،
ماري مَنَ مَواسَ کي، ڪَيو جَنهِن قَتَلُ،
اندَرِ باهَرِ آتَما، ڏِسي اَستامَلُ،
جِئين جَلَ ۾ جَلُ، سماڻو سامي چَئي.

(٢)

سو پِريمي پَرِبَلُ، سو ساڌو جَنُ سورَمو،
ڪَيو جَنهِن گُرگياتِ سان، جاڳي جَنَمُ سَڦَلُ،
وينو اَنيَئہ تَخَتَ تي، ميٽي سَڀُ خَلَلُ،
اَلَکُ اِستامَلُ، سامي سورَجَ جان ڏِسي.

(٣)

سو پِريمي پَرَبِينُ، سو جوڳيسَرُ جَڳَ ۾،
جَنهِن کي ڏِنو سَتِگُروءَ، پورَنُ پاڪُ يَقِينُ،
سَدا سُپيرينَ جي، لِنوَ ۾ رَهي لِينُ،
دَرِ ٻَرِ تَئي نہ دينُ، پَرِچِنِ جاڻي پاڻَ کي.

(۴)

سو پريمي پورَنُ، سو ساڌو جَنُ سورَمو،
پاتو جَنهِن پِرتِيتِ سان، گهرو گيانُ اَنجَنُ،
گِهري لَڌائِين گهرَ مون، اَنيَئِـ آتَمُ ڌَنُ،
ميٺي سَـبُ مَنَنُ، سامي ماڻي سانتِ سُکُ.

(۵)

سو پِريمي پورَنُ، سو ساڌو جَنُ سورَمو،
جو آڻي سِيتا سُرتِ کي، ماري مَنَ راوَڻُ،
کَڍي ڏيهِ ڏهيءَ مون، سامي مَتي مکَڻُ،
اَجَڻُ اَئون وَجَڻُ، ڏِسي کونہَ آکاسَ ۾.

(٦)

سو پريمي پانڊو، سو ساڌو جَنُ سورَمو،
کَنيو جَنهِن خوشيءَ سان، کِميا جو کانڊو،
ماري پِڳائِين مَنَ کي، پَرَمَ جو پانڊو،
کَري کَرَمَ کانڊو، سامي لڪائي سَمَتا.

(٧)

سو پِريمي پَنڊِتُ، سو جوڳي جيوَنَ مُکتُ،
ڏِنو جَنهِن ڏِئي جان، بِنان دُويتَ اَدُويتُ،
رکي نہ رَتيءَ جيترو، کَنهِن سان موهُ مَمَتُ،
رائِي اَئون پِربَتُ، سَمَ جاڻي سامي چئي.

(٨)

سو پِريمي پَنڊِتُ، سو جوڳي جيوَنَ مُڪِتِ،
ڏِنو جَنهِن ڏيئي جان، اَدُويتُ ديو دَتُ،
رکي نہ رَتيءَ جيترو، ڪَنهِن سان موهُ مَمَتُ،
رائي اَئون پَرِبَتُ، سَمَرَ چاڻي سامي چئي.

(٩)

سو پِريمي پِنگُلُ، سو اَوڌوتي آتما،
پَرِچي لَڌو جَنهِن پانهنجو، اَنيَڪ گهرُ اَصُلُ،
سامي چَئي سَنسارَ ۾، پُلي ڪِينَ اَپُلُ،
ڪَٽي ڪَلپَتَ ڪُلُ، اِستِتِ تيو اَڪاسَ جان.

(١٠)

سو پَنڊَتُ پُختو، سو نيهي نِربَاڻُ،
سَمُجهو جَنهِن سامي چَئي، نِرآڌارُ نُڪِتو،
جاڳي ڪِيائين جڳَ جو، ليکو سَڀُ چُڪتو،
وينو تي مُڪِتو، سُڃَ وَسَنوَ جي وِچَ ۾.

(١١)

سو نيهي نِرَويرُ، سو ساڌو جَنُ سورَمو،
گِهڙي لَڌو جَنهِن گهرَ مون، اَپيريءَ جو پيرُ،
سُمِهيو سُڪَپَتَ سيجَ تي، ميٽي سَڀُ اَنڌيرُ،
رائِي اَئون سُميرُ، سَمَرَ چاڻي سامي چَئي.

(١٢)

سو نيهي نِرَ بِنڌُ، سو اَوڏوتَ اَنيَئِي،
سَمُجهي جَنهِن سامي چَئِي، تاجيءَ پيئي تَندُ،
کَري نہ کَتَرَ جيتِرو، کَنهِن سان قِڪَلُ ڦَندُ،
سَپِ کي ڏِئي سِڳندُ، گُهَري گِيان گُلابَ جي.

(١٣)

سو نيهي نِرَ بَنڌُ، سو اَوڏوت اَنيَئِي،
مِٽيو جنهن جي مَنَ مون، سامي غيرت گندُ،
مِلي ڪري محبوبَ سان، اَنئي پهر آنندُ،
جِئين مصريءَ جو قَندُ، کَوڙو لڳي ڪينڪي.

(١٤)

سو نيهي نِرَڏَڪُ، سو اَوڏوت اَنيَئي،
ڏِيو ڏِنو جَنهِن ڏيهِ ۾، سَپَ جي پَرِ ڪاسَڪَ،
سَدا رَهي سامي چَئِي، ڦُرِني ڪون ڦارَڪُ،
يانوين عينَ الحَقُ، پوين بولي رامُ رامُ.

(١٥)

سو گُرَمُکُ گِياني، سو اَوڏوتُ اَنيَئِي،
جَنهِن کي ڏِني سَتِگُروءَ، سَمُجَه سُلطاني،
سامي ڏِنائِين سَمَ تي، دِلِ ۾ دِلِ جاني،
سَدا سَئِلاني، وَرِتي وِڌِ نِکيدَ ري.

(١٦)

سو گُرمکُ گِياني، سو اَوڌوتُ اَنيَئِي،
جَنهِن کي ڏِنو سَتِگُروءَ، نِرٻَؤ نِيشاني،
ڏِنائِين اَپيدُ تي، دِلِ ۾ دِلِ جاني،
سِياڻَپَ ناداني، کُوڙي جاڻي کَلِپَ جِي.

(١٧)

سو سُجاڳو سَيدُ، دُئيتُ نَہ رکي دِلِ ۾،
ڪَيو جَنهن ڪامِلَ پيرَسان، پَڪو پاڪُ عَهدُ،
ڏِسي سَڀَ پَيداش ۾، حَقُ نورُ ناپَيد،
رَهي سَدا لاقيدُ، سامي پَنهِنجي حالَ ۾.

(١٨)

ڪَرَمَ ڪاندُ ڪَرِتَوُ، شُڀُ ڏِسي سَنسارَ کي،
اُپاسِنا اَپِياسَ سان، روڪي مَنَ جو رَؤ،
سامي سَمَتا گِيانَ ۾، ڪونِهي پولو پؤ،
سوناري جو سَؤ، لاهارَ جو ڏَکُ هِڪِڙو.

(١٩)

مَري جَنِ مَحَبتَ، ڪَئي ڪَرِتا پُرکَ سان،
سي ساڌو سي سورَما، سي عاشِقَ اُپَرتَ،
چَڙهِيا اَنيَئِہ اَڄَ تي، لَنگهي پَنجَ ئي تَتَ،
گورِکَ، نارِدَ، دَتَ، ساکَ ڏِيَنِ سامي چَئي.

(۲۰)

جاڳيو ٻالَ جَتي، ڪوڙِن ۾ ڪو هِڪڙو،
جَنهِن ڦُرني کي فُرصَتَ ري، ڏِني ڦارَ ڪَتي،
ڪيرُ اَچي جَنَمِي مَري، ڪَنهِن جي گَڏهِ گَتي،
ميٺي مَنوَتِي، سامي مِليو سَروپَ سان.

(۲۱)

پَندَتُ تَنهِن کي ڄاڻُ، جَنهِن کي سُڌ سَروپَ جي،
اَٿَئي پَهَرَ سَروپَ سان، جُڙي سُ جوڳي ڄاڻُ،
سَنياسي سَنسي ٻِنان، سَڀَ ۾ ڄاڻي پاڻُ،
آتَمَ جَلَ ۾ اَپَرَسي، ڏوئي مَنُ سُڄاڻُ،
اُداسي اُداسُ تي، ڄاڻي جَڳُ مَهمانُ.
سو اَوڌوتي اَنيَئِي، ڪَٿي ويدَ پرِماڻُ،
وَئِراڳي پَنهِنجي پاڻَ کي، ڏِسَڻَ لاءِ حيرانُ،
نانگو ٿيو نِرٻاڻُ سو، پاڻَ ڪَڍيو جَنهِن پاڻُ،
مُلان مَنَ مسيت ۾، ڪَري دورُ قُرانُ.
مومِنُ ڄاڻي مَنَ ۾، آهي سَڀَ جاءِ ساڻُ،
داتا دَياوَندُ سو، جو ڪَري پاڻُ قربانُ،
راڳي ڳاوي ديپَ راڳُ، ڏِئو ٻَري تَنهِن ساڻُ،
سُلطاني صاحِبُ سو، جو نياءُ ڪَري نِرٻاڻُ،
سَچو لِيکو جو لِکي، شاهُ تَنهِن کي ڄاڻُ.

سُورو سَچو جاڻُ سو، جو جيتي پَنجَئي پاڻ،
گِرَهي گيانَ گُروءَ جي، رَهي ماڻُ نِماڻ،
سَتي رَهي پَتورِتَ ۾، اهو جاڻي چاڻ،
اِهي گُلِهيون پَرماڻُ، سامي جاڻي ڪو سچو.

(٢٢)

سوئي سَوداگرُ، ڪيپَ ڪتي گهرِ آئيو،
وَرِتو جَنهِن ويساهَ سان، دِلِ ڏيئي دِلبَرُ،
ڪَنهِن جو ڪَري ڪِينَڪي، نِهَچي نِرادَرُ،
جاڻي سَبُ گُذَرُ، سُپَني جو سامي چئي.

(٢٣)

سوئي سَچو سِياڻو، ساڌو جَنُ سَنسارَ جو،
ڏيڏو ڏاهَرُ وِڪِئي، ڪَري نِجُ ناڻو،
سامي لَڌو جَنهِن پانهِنجو، پِريتَمُ پُراڻو،
ڏيئي وِهاڻو، سُمِهيو سُکپت سيجَ تي.

(٢٤)

سو نانڪو نِربانُ، سو اَوڌوتي آتَما،
جو ڪَٿي ڦاسَ ڦِچيءَ مون، اَوِديا آسمانُ،
اَستامَلُ اَولي جان، ڏِسي اَنيَئِہ يانُ،
سامي سَبُ جَهان، آهي جَنهِن جي آسري.

(٢٥)

سو نِرَباڻُ نِهَنگُ، سو اَوڌوتي اَنيَئِي،
مِٽيو جَنهِن جو مَنَ مون، اَڻَ هوندو اَهنگتِ اَنگُ،
پائي پُورَنَ پَدَ ۾، ويٺو پريمَ پَلَنگُ،
بي رَنگيءَ جو رَنگُ، سُتَهَ ڏِسي سامي چئي.

(٢٦)

سَناسي سيئي، جي ويسُ وَٽائِن ڪينَڪِي،
ڏِسَنِ پَنهِنجي ڏيلَ ۾، سِوُ سَڪَتُ ٻيئي،
سامي سُمِهيا سيجَ تي، تَدَ تَڪِيو ڏيئي،
ٻِيا پڻ سيئي، تا مِٽي پائِنِ مُنهن ۾.

(٢٧)

سَنياسي سيئي، ماڻِنِ سُکُ سَروپَ جو،
سامي جَنِ جِي ساڌَ سَنگِ، مَمَت مِٽي ويئي،
پِيئَن پيالو پِريمَ جو، تَنُ، مَنُ، ڌَنُ ڏيئي،
دِرِشٽِ ڪُلي ٻيئي، سَهَجِي گُلَ گُلابَ جان.

(٢٨)

ويدانِتي وَڏيڪَ، ڪَنهِن سان ٻولِن ڪينَڪِي،
جَنهِن کي ڏِني سَتِگُروءَ، سامي سَيَ توفيقَ،
چَڙهِيا چيتَنَ چِٽَ تي، لَنگهي لوڪان ليڪَ،
نَئَنِ ڪون نَزِديڪَ، سُتَهَ ڏِسَنِ سُپرين.

(۲۹)

سوئي سَنتُ سُگهڙُ، سوئي عاشِقُ اَنيَئِي،
سَمُجِهيو جَنهِن سامي چَئِي، ويدَنِ جو وَکَرُ،
ميٺي مَستِ مگهنُ ٿيو، سَبُ ڦُرِني جو ڦَرُ،
بيحَدِ ٻُولِيندڙُ، پَرتکِ ڏِسي پِندَ ۾.

(۳۰)

سوئي سَنتُ مَهَنتُ، سِيتَلُ رَهي سُياوَ ۾،
جاڳي جَنهِن اکِن سان، پَرِپورُ ڏِنو پڳوَنتُ،
کَنهِن کي سَلي کِينَکِي، سامي سُکُ بي اَنتُ،
جِئِين کَچَ ۾ پائي کنتُ، سُمِهي سُهاڳِڻِ سيجَ تي.

(۳۱)

سو اَوڌوتُ اُدارُ، سو جوڳي جِيوَن مُکتِ،
اُلَٽِي جَنهِن اکِن سان، ڏِٺي سَنبَتَ سارُ،
رکي نَـ رَتيءَ جيترو، اَندَرَ ۾ اَهَنکارُ،
بَٺيءَ تي هَسوارُ، سَدا رهي سامي چَئِي.

(۳۲)

پيرُ پُرِجهي پائي مَحَبت جي ميدانَ ۾،
مَتان اَڏَ مُئَنِ کي، ڏِسِي پِوَءِ کائي،
پَرِچي پانهِنجي پاڻ کي، جيئندي کُهائي،
تَڏِي کونائي، عاشِقُ عينُ اَلاهَ جو.

(٣٣)

سامي چئَي سَرِسي، آهي تَنهِن عاشِقَ جي،
جولاهي رکي لِنوَ سان، ساڏوءَ اَڳيون سِسي،
وَنِي رِجهائِي رَنگَ پِرِي، اَنيَئِہ آرِسي،
پَنهِنجو پانُ ڏِسي، تَنهِين ۾ تَڏَروپُ ٿِئي.

(٣٤)

سامي سو شيوَڪُ، وهِي گُرَ گاديءَ تي،
جيڪو پَڻي پِريمَ جي، پَڙهي ٿِيو پَرِ پَڪُ،
رکي نہَ رَتيءَ جيترو، مَنَ ۾ سَنسو شَڪُ،
پَرِميسَرُ پالَڪُ، سُتَهَ ڏِسي سِرَ تي.

(٣٥)

سوئي جوگيسَرُ، مُندِرا جَنهِن مَرَمَ جون،
سِڱِي واهي سَهَجَ جِي، سامي سارُ سُيَرُ،
ڏَري ڏِيانُ اُنمُنِي، ڏِسي نِرتِ نگَرُ،
جَنهِن ۾ اَجَرُ اَمَرُ، پُرکُ وَسي پَرَماتَما.

(٣٦)

پَندِتَ ڪَري پُڪار، سارُ لِکائِن سَڀَ ڪي،
سَمُجهي سَچارِنِ جو، ڪُلِيو مُڪتِ دُوارُ،
ڏيهُو ڏِسي ٿِيا ڏيهَ ۾، بيحَدُ باغُ بَهارُ،
بَٽيءَ تي هَسوارُ، سَدا رَهَنِ سامي چئِي.

(٣٧)

لِنوَ جي لانگوٽي، پاتِي جَنهِن پَرتِيتِ سان،
ڪَڍِيو ڪَلبَ ڪُتيءَ کي، تَنهن هَٿي سَمَ سوتِي،
سامي ڪاٿي سارَ جِي، رَهَتِ سَچيءَ روتِي،
اَچي نَہ موتِي، گَرِبَ جُونِ جي غارَ ۾.

(٣٨)

ساڌُو جَنُ سُچِڪُ، ڪوڙَنِ ۾ ڪو هِڪڙو،
سُتَہَ سِدِ سامي چئي، لَکِيو جَنهِين اَلَکُ،
وَرتِي وِڌِ وِيچارَ سان، ڇَڏِي پَرِچَنُ پَکُ،
دکَرِتا با جهون ڪَکُ، خالي ڏِسي ڪونَڪو.

# فقير

(۱)

اَڻَ هوندي اوڀي، سامي لِڪو سُپرين،
لڌو سِڪَ سَچيءَ سان، فَقيرَن قولي،
ويهي وِچولي، پَلِ پَلِ پيئن پريم رَسُ.

(۲)

ڪَري فِڪرُ فَقيرَ، فارقُ ٿيا فڪرَ ڪون،
سامي سُپيرين جي، دل کي ڏيئي ڏِيرَ،
مِسُ کي جاڻِن مِصِري، ڇِيٿرا پَٽَ ڇِير،
رهن منجهه سرير، اَسرير آڪاس جان.

(۳)

جنين پَهريو پوشُ، فارقُ فقيريءَ جو،
سي اَندر باهر نيِ جان، دَهَ دِسِ ڏسن دوس،
ڪِنهن کي ڏين ڪِينَڪِي، گيان وَراڻي گوش،
ڪميا ۽ ڪاموش، ڪيائون ڪلپ ڪڍي ڪري.

(۴)

پَهريو جنهن چولو، فارَقُ فَقيريءَ جو،
ڪَڍيو تنهن اَندر مون، پَرِمَ جو پولو،
لَڌائين رَسُ رامَ جو، اَنيَـٔ امولو،
سامي ٿِيو گولو، سَنتَن ساپرسَنِ سان.

(۵)

فقيرن فريادُ، ڪِيو در دوسَنِ جي،
جَنِ وِڇوريو توکي، سي مُدعي ڪر مادُ،
پرچي پاڻ پرين ڪيو، دِلاسي سان دادُ،
سامي سَڀُ وِڪادُ، ميٺي ڪُيائون مُڪِتو.

(٦)

پائنا جي پولي، سامي لِڪو سُپرين،
لَڌي سِڪَ سَچيءَ سان، ڦقيرن ڦولي،
جَنِ ڪي عشقَ اَڳَمَ جي، چِٽِڪَ پَئي چولي،
پَٽُ پَردو کولي، ماڻِنِ دورَ درسَ جا.

(٧)

ڪري فقير فِڪرُ، فارقَ ٿيا فِڪر کون،
جَن کي ڏَسيو سَتِگُروءَ، ساڌَنُ سارُ صَبُرُ،
مِلي رَهيا مَحِبوبَ سان، جِڏي هَٽُ هُنُرُ،
اَندر مِ اِستُر، سامي رَهَنِ سُميرَ جان.

(٨)

ڦقيرَن ڦولهي، لَڌو ديسُ اَگمَ جو،
نڪو ڪوه نہ وکَ ڪا، اَڻ هوندي اولي،
سامي مِليو سَروپَ سان، پَٽُ پَردو کولي،
وينا وِچولي، پَلِ پَلِ پيئن پِريمَ رَسُ.

(٩)

فَقيرن فرمان، مَنيو محبوبن جو،
تن ڪوري ڪَڍي ڪَڍيو، اَندر مون اَيمانُ،
گهڙي لڌائون گهرَ مون، اَنيَـِ آتمُ گيانُ،
ٽيڙا سي پِروانُ، اَگيون عَجيبَنِ جي.

(١٠)

فَقيرَنِ فضُلُ، مِلي ڪَيو محبوب سان،
جاڳي ڪڍيائون جيءَ مون، سامي سَبُ خَلَلُ،
اَڳيون اکِنِ ۾ رکي، پاسي ٿين نَہ پَلُ،
سدائين سيتَلُ، رَهن پانهنجي حال ۾.

## (ب)

(١)

اَنَ هوندي اولي، سامي لِکو سُپرينِ،
لَڌو سِکَ سَچيءَ سان، ڦقيرَنِ ڦولي،
جَنِ کي عَشِقَ اگمَ جي چِڻگَ پيئي چولي،
پَٽُ پَردو کولي، ماڻنِ دورَ دَرِسَ جي.

(٢)

دَرويشَنِ جو دَرُ، وَتو جَنهِن ويساهَ سان،
مِٽيو تَنهِن جي مَنَ مون، سامي مَمَتُ مَڪَرُ،
پَرچي لَڌائين پانهِنجو، اَنيَئِہ آدي گهرُ،
جَنهِن ۾ اَجرُ اَمَرُ، پُرِکُ وَسي پَرِماتِما.

(٣)

فَقيرَنِ فِڪرُ، سَنَّي وِڌو سَپُ ساڌَ سَنگ،
پورَنُ ڏِٺو پَرِماتَما، جاڳي جَنِ ظاهِرُ،
مَنَ ۾ لوڪَ پَرِلوڪَ جي، طَمَعَ رکَنِ نَہ تِرُ،
سامي ڪَري صَبرُ، ماڻِنِ مُڪَتي مَوجَ کي.

(۴)

فَقيرن ڦِيٽو، جَنهن ڪي هَنيو حالَ جو،
تَنهن ٻُڌو سَروجُ صَبُر سان، جُهڳي ۾ جِهيٽو،
شَهَ جو تِيو سامي چئَي، لَتِڪي لَڪِيٽو،
پَرِچي پَتِيٽو، ڳالهِ نَ سَلي ڳُجهه جي.

(۵)

فَقيرنِ فَرِيادُ، اونهو ڪَيو اَندَرَ ۾،
پاتائون پَرِتيت سان، سامي دَرَسَنُ دادُ،
لُنوَ لُنوَ لالُ گُلالُ ٿي، وَنِن سارُ سَوادُ،
پَرِچِنتا پَرِمادُ، رکَنِ نَ رَتيءَ جيترو.

(٦)

فقيرنِ فِراقُ، ساڌَنُ ڏِسيو سُکَ جو،
سَمُجهي کو سامي چئَي، مَحَبتي مُشتاقُ،
سَٿيو جَنهن سَنسارَ جو، دلِ مون سَڀُ ديماقُ،
پَرِچِنتا کون پاڪُ، مِلي تِيو مَحَبوب سان.

(٧)

فَقِيرَنِ فَرِجُ، سَٿيو لوڪَ لَڪاوَ جو،
ملي ڪَنِ مَحَبوبَ سان، هَرِدَمُ هِردي حَجُ،
سامي لالَ گُلالَ ٿِيا، ڪَٽِي ڪَلپَ قَرِجُ،
بيحَدِ بيگَرِجُ، رَهَنِ پانهِنجي حالَ ۾.

# دردوَند

(١)

ڪَريان ڪهڙو حالُ، دَردَوَندنِ جي دل جو؟
ڪُنا ڪُچنِ ڪِينَڪِي، لِنوَ لائي تيا لال،
صدقي ڪَيائون سڪ تون، سامي تن من مال،
تن کي ڪوهُ ڪَريندو ڪالُ، جي مَرَڻ کون اڳي مُئا؟

(٢)

دَردَوَندَ داناءَ، چڙهِيا اَنيَءِ اَڃَ تي،
پُڇِي پيرادِنِ کون، رَهَت سَچيءَ سان راهَ،
سيتَلُ ٿيا سامي چئي، ميٺي چِنتا چاهَ،
پرينءَ ري پرواهَ، ڪَنهِن جي رکَنِ ڪِينَڪِي.

(٣)

دَردَوَندَ دبلي، مَحڪَمُ رکَن مت جي،
ڪَنهِن کي سَلنِ ڪِينَڪِي، پولِي پاءِ پِلي،
سَچيءَ سِڪَ وارَن سان، خِلوَت ڪَنِ کُلي،
ميٺي ڪَلپَ کُلي، سامي چڙهيو سير تي.

(۴)

دردَوَندَ دِيماڪُ، رکَنِ نـَ رَتيءَ جيترو،
سامي ٻولِنِ سَپَ سان، نِيوون نِرمَلُ واڪُ،
تَنَ جو ڪولي طاقُ، سَنمڪُ ڏِسَنِ سِپرِين.

(۵)

دردَوَندَ دَرويشَ، دعويٰ رکَنِ نـَ دَمَ جي،
سامي چائَنِ سِپِنو، ڪُٽنبُ قَبيلو خويشُ،
پَرچي لَذائون پانهِنجو، انـَيَـِ آدي ديسُ،
جَنهن جي سيس مَهيسُ، اُستتِ ڪَري اَپِيدُ تِي.

(٦)

دردَوَندَ ديرو، پانڻ ڪَدي ڪِيو پَدَ ۾،
پَلِ پَلِ ڏِسَنِ پيءَ جو، پَلڪَنَ سان پيرو،
جيئندي نِبيرو، جاڳي ڪِيائون جَمَ سان.

(٧)

مَحَبتي مُشتاقَ، ڪانڻ نـَ ڪَڍَنِ ڪَنهِن جي،
ڏِنائون ڏائِنِ ڏِسِي، طَمَعَ کي طَلاقَ،
سَدا سُپِيرِيَن سان، پَرِچِيا رَهَن پاڪَ،
ٻولِنِ بيحَدَ واڪَ، سُياوَڪ سامي چَئِي.

(٨)

ڏِسي نينڻَ نَـريا، دَرِسَنُ دَرِدَوَندنِ جو،
اُتائون اَنيئِـ جا، وَچَنَ مَدّ يـَرِيا،
سامي لوڪَ پرلوڪَ جا، ڪارجَ سَڀِ سَرِيا،
لَکين لوڪَ تَريا، داوَنَ لَڳِي تَنِ جي.

(٩)

پَلِ پَلِ ڪَنِ پُڪارَ، ڪُنا دَرَدَ فِراقَ جا،
پَسَڻَ ڪاڻِ پِرينءَ جي، رُئَن زارو زارَ،
سامي چَئي سَرِيرَ جي، رکَنِ ڪانَ سَنيارَ،
آءُ مِلُ جاني يارَ، نَـ تـ ڏِيون تا دَمُ دَردَ ۾.

(١٠)

رُئَنِ زارون زارَ، ڪُنا دَردَ فِراقَ جا،
سسي لاهي ڏَڙَ کون، ڪِيائون ڏارون ڏارَ،
هارَ جيت، سُکَ دُکَ جي، سامي رکَنِ نَـ سارَ،
رَهَنِ مَنجهِ خُمار، سَدا سُپيرين جي.

(١١)

لَتڪي ساڻُ لُتي، ساهُ ڪٽي وِيو سُپرين،
اَنَـ ئي پَهَر اکِنِ مون، پاڻي ڪينَ کُٽي،
ساڙي بِرَهَ پَسَمُ ڪيو، گهرَ ۾ گهٽ گهٽي،
باقي ڪِينَ ڇُٽي، سامي خاڪ خيال کون.

(١٢)

آءُ منهنجا سُپرين، تو بِن جيءُ جَري،
رڳان روئي تَڪِيون، تي لُنوَ لُنوَ دانهَن ڪَري،
نيٽُنِ نيرُ نہ نِڪري، روئن رَتُ پَري،
موهَنَ تِي مَري، درَسَنَ ڪارَڻَ دوسَ جي.

## (ب)

(١)

ڪَهڙو ڪَريان حالُ، دَردَوَندَنِ جي دِلِ جو،
جَنِ کي مِليو سَتِگُرو، دِينا ناٿُ دَيالُ،
سَدا رَهي سامي چئي، ڪِميا مَنجهِ خوشحالُ،
آڪاسُ اَئون پاتالُ، پوَنِ ڪينَ پلَنِ جانِ.

(٢)

ڪَهڙو ڪَريان حالُ، دَردَوَندَنِ جي دِلِ جو،
سامي جَنِ کي سَتِگُروءَ، ڪَيو نَظَرَ مَنجهِ نِهالُ،
ڳالِهيون ڪَنِ اَگمَ جون، راتيون ڏِينهَن رَسالُ،
خاوَند بِنان خِيالُ، رکَنِ نَہ رَتيءَ جيترو.

(٣)

دَردَوَند دُڪانُ، ڪَڍَنِ ڪينَ ڪَلِپَتَ جو،
جَنهِن کي ڏِنو سَتِگُروءَ، صِدقُ صَبوري دانُ،
پيهي ڏِنائون پانَ ۾، پيدَ بِنان پڳوانُ،
ڪَري اَمِرَتُ پانُ، سَماٽا سامي چئي.

(۴)

دَردَوَندَ دوکِي، ڪنهنِ جا ٽِيَنِ ڪِينَڪِي،
جَنِ کي ڏِني سَتِگُروءَ، اَنيئہ اَپَروکِي،
هارَ جِيتَ ري هَنسَ جان، چالِ چَلَنِ چوکِي،
سي سَدا سَنتوکِي، سامي رَهَنِ سُياوَ ۾.

(۵)

دَردَوَندَ داناهَ، رَهَنِ اَليپُ اَڪاسَ جان،
ڪَنهِن جا کَٽَنِ ڪِينَڪِي، ڏِسِي ڏوهَ گُناهَ،
سَبَ کي ڏِسنِ ڏِيهَ جي، رَهَتِ سَچِيءَ سان راهَ،
پُڇي ڏِسُ اوڳاهَ، سامي چَئي سِڌَ، ساڌَ، رِکَ.

(٦)

دَردَوَندَ داناهَ، اِسثِتِ رَهَنِ اَڪاس جان،
مِٽي جنهن جي مَنَ مون، سامي چِنتا چاهَ،
لَنگهيا پارِ سَمُندرِ کون، مِلي سانُ ملاحَ،
جاڏي ڪَنِ نِگاهَ، تاڏي سَچُ سامُهون.

(٧)

دَردَوَندَ دانو، سامي مليو سَتِگُروءَ،
تنهن لکائو لکَ سان، خالِصُ خزانو،
پائي مَنُ مکُنُ ٽِيو، گد گد گهِرانو،
سَتَهَ سَمانو، جَلَ پيپوٽو جل ۾.

(٨)

دَردَوَندُ دانو، ڪَلپَتَ رکي ڪانَ ڪا،
لَڌو جَنهِن گُرگَيات سان، خِلوَتي خانو،
سَدا رَهي سامي چئي، اَنَنَ اَلِسانو،
جئين پَروانو، جَلي جوتِ سَروپُ ٿيو.

(٩)

دَردَوَندُ داناهُ، سوڌو وَرِتي سَپَ سان،
جَنهِن کي ڏِنو سَتگُروءَ، سڪَ، سَمُجَهه، ويساهُ،
پاتائين پَرچِنَ ري، اَنَيَئِہ پَدُ اَسِگاهُ،
سَدا اَليپُ اَچاهُ، سامي رَهي سُياوَ ۾.

(١٠)

دَردَوَندَ داناهَ، دُويت نَہ رکَن دِل ۾،
ڏِنو جَنِ عَدالتي، سَچَنُ سانُ ويساهَ،
هَلَنِ هَٺَ هيبَتَ ري، سُوڌي سُندَر راهَ،
سَدا اَليپَ اَچاهَ، سامي رَهَنِ سُياوَ ۾.

(١١)

دَردَوَندُ دِلبَرُ، پِرَتکِ ڏِنو پانهنجو،
سامي سَنگِ ساڌوءَ جي، دِلِ جو کولي دَرُ،
ڪنهِن کي سَلي ڪِينَڪي، اَنيئِہ سکُ اَجَرُ،
ڪَري ڪِيئَن پَڌَرُ، نازِڪُ ڏاڍو نينهَن جو.

(١٢)

دَردَوَندَ دانهان، رَتِ روئي ڪَنِ راتِ ڏينهَن،
سَڄَڻَ سِڪَ سوڙهو ڪَيو، روڪي سَڀِ راهان،
ڏينِ سَنيها ڏيهَ کي، ٻَڌي نِتُ ٻانهان،
عينَ ٻُڌي آهان، سُتَتِ مِلُ سامي چَئي.

(١٣)

بِرَهِنِ ٻوراني، روڄي رَتُ اکِنِ مون،
سَنياري سامي چَئي، دِلبَرُ دِلِ جاني،
لَڳِي تُنهنجي عَشِقَ جي، ڪَليجي ڪاني،
مُشِڪِلُ آساني، مِلِيَ ڪَرِ مُئيءَ جِي.

(١٤)

موهي مُنهنجو مَنُ، سَڄَڻَ سِڪَ سوڳهو ڪَيو،
اکِئون لِنوَ لائي رَهِيون، تَڙِڦي سارو تَنُ،
ڀانئِين ڪِينَ ڀلو ٻرو، ڪُٽنبُ، قَبِيلو، ڌَنُ،
ڏکيءَ کي دَرِسَنُ، سُتَتُ ڏي سامي چَئي.

(١٥)

رُئَندِي رَتُ هُئي، سکيءَ سَنيهو ڏِنو،
تَنهِن کي ڏِسُ تَدَروپُ ٿِيِ، ڪَري ماڻ مُئي،
آهي جَنهِن جي آسِري، سامي سُميرُ سُئي،
دِلِ مون ڪَڍُ دُئي، تَہَ پَسَڻُ ٿيئي پِرَ جو.

(١٦)

دَرسِيو دَردَوَندُ، مِلي وِچڙي ڪِينَڪي،
سَمُجهِي جَنهِن سامي چَئي، تاجيءَ پيئي تَندُ،
بہَ ئي روپَ پوَن جا، اِسَپندُ اَئون نِسَپَندُ،
اَنيئہَ جو آنندُ، پائي وينو پَدَ ۾.

(١٧)

ڪَري ڪوهُ ڪَني، دَعويٰ دَردَوَندَنِ سان،
سامي جَنِ کي سَتِگُروءَ، مَحَبَتَ مَتِ ڏني،
چَڙهيا اَنيئہَ اَچَ تي، چِڪا سَپِ چِني،
توڙي پَرنِ پيٽ پني، تہَ بہِ سِيتَلُ رَهَنِ سُياوَ ۾.

(١٨)

ڪوهُ ڪَري قاجي، دعويٰ دَردَوَندَنِ سان،
مِني جَنِ جي مَنَ مون، مِنَتَ موتاجي،
سَدا رَهَنِ سامي چَئي، رجا منجه راجي،
اَنَ هوندي باجي، لَنگهِي چَڙهِيا لڪَ تي.

(١٩)

بِڌي ڪيو بانهون، مايا موركن كي،
كَسِي جامَ خِيالَ سان، كِمياخزانو،
سامي بِچِيو ساڌَ سَنگ، ڪو دَردَوَندُ دانو،
نِريئہَ نِشانو، ڏنو جنهن اَنيئي.

(٢٠)

دَردَوَندَ دُويشُ، ڪنهن سان رکَنِ ڪِينَڪِي،
سامي ڏسنِ سَبَ ۾، اَنيئي پرشُ اَليڪُ،
ڏاري آيو جڳَ ۾، بازيگرَ جو ڀيشُ،
اُوها وادِ وسيش، اُهو گيانُ گُروءَ جو.

(٢١)

اَلڪُ ڏاري اَوتارُ، سامي آيو سَنتَ جو،
ڪِيو پريم پرتيتِ سان، دَردَوَندَنِ ديدارُ،
چَڙهيا اَنيڪَ اَچَ تي، پائي سَمَ سڪُ سارُ،
سَدائي گُلزارُ، ڪُليا وَتَنِ خيالَ ۾.

# دَردَوَند (پويان)

(١)

اَهڙو ڪو آهي، دَردَوَندُ داتارُ جَنُ،
جو مُوڙهن کي ماڳُ ڏِئي، رُئندا رهسائي،
ڪوٺَ جَنَمَ جا وِڇڙيا، سامي مِلائي،
لَحظي مَنجهِ لاهي، اَوِديا ڪُلفُ اَندر جو.

(٢)

دَردَوَندَ داتارَ، لِڪَن ڇِپَنِ ڪِينَڪِي،
سامي جَنَ جي سِڪَ سان، لَنوَ لَنوَ ڪَري پُڪار،
بِنان عَشق عَجيبَ جي، رکَنِ ڪانهَ سَنيارَ،
رَهَنِ مَنجهِ دِيدارَ، جانَ وِڃائي پانهنجي.

(٣)

دَردَوَندَنِ جو دَرُ، وَني ويهُ ويساهَ سان،
پَرچي ڪَندءِ پاڻهين، سامي مِهَرَ نَظرُ،
ڏيکاريندءِ ڏيهه ۾، اَنيئڻ آدي گهرُ،
جنهن ۾ اَجَرُ اَمَرُ، پُرکُ وَسي پَرماتِما.

(۴)

دَردَوَندَ جو ديسُ، ڪاملَ آهي ڪهڙو،
سُکدائي سيتَلُ سَدا، سڀ جا خالِصُ خويسُ،
پُڇي ڏِسُ تَنين کون، جن پيهي ڪيو پَرويسُ،
ڪَٿي ڪلپَ ڪَليسُ، سامي مليا سَروُپَ سان.

(۵)

دَردَوَندَ جي دانهَن، سُته رامَ سهي ڪَئي،
ڪَڍي وڏائين ڪُنَ مون، ٻانيَڻَ ڏيئي ٻانهَن،
ڪيائين لوپَ لَهر جِي، مايا کي مَنانهَن،
ڇَـ رُتيون ٻاره مانهَن، سيتَلُ رهن سُياوَ ۾.

(٦)

دَردَوَندَ دولَتَ، رکن سمجه سَچيءَ سان،
چڙهيا اَنيئِـ اَڇَ تي، ميٽي سڀ مَمَتَ،
ڄاڻَن سکَ سَنسارَ جا، سَڀَ ڪوڙي ڪَلپَتَ،
مِلي ڪن محبت، سامي سلڏَ سَنگَتِ سان.

(۷)

دَردَوَندَ دُڪانُ، ڪڍن ڪينَ ڪَسَبَ جو،
چَڙِهيا حَقيقي حَدَ تي، ڇَڏي مايا جو گُذرانُ،
اَندَرِ ٻاهَرِ نَبِ جان، ڏِسَنِ اَنيئِـ يانُ،
سامي سڀُ جَهانُ، آهي جَنهن جي آسري.

(٨)

دَردَوَندَ دُڪانُ، ڪڍنِ ڪينَ ڪلپَ جو،
جَنِ کي ڏِنو سگترو، اَنيئي آتم گيان،
سُکي ٿِيا سامي چَئي، سَٽي سَبُ اَيمانُ،
توڙي جکي جَهانُ، تان بِي سِيتَلُ رهن سُياوَ ۾.

(٩)

دَردَوَندَ داتارُ، ڪوڙِن ۾ ڪو هِڪڙو،
ڏِنو جنهن اکِنِ سان، دوستَ جو ديدار،
کولي وِهي خوديءَ ري، اَنيئِ سارُ بِندارُ،
جاڳائي جَئڪارُ، سامي شيوڪ جو ڪري.

(١٠)

دَردَوَندَ داتارَ، ساڌو جَنَ سَمَدَرِسِي،
ديا ڌاري دِلِ ۾، سامي ڪَنِ اُپڪارَ،
ڏيئي هَٿَ هِمٿ جا، تارِنِ جيوَ اَپارَ،
هَردَمَ رَهَن هشيارَ، پيئن پيئارن پريم رَسُ.

(١١)

دَردَوَندَ ديدارُ، دَمِ دَمِ ڪَرِن دوسَ جو،
رکَنِ نَہ رَتيءَ جيترو، اَندَرَ ۾ اَهَنڪارُ،
سَهي ڪيائون سَمَ تي، سُپَني جو سَنسارُ،
باِنيڻ جيئن بارُ، مَنَ ڪون مُڪتو رهي.

(١٢)

دَردَوَندَ دُکو، ڏِنو شوقَ شَرابَ جو،
پِيئندڙي مَنُ پَتِيو، سَنسو پَرمُ چُکو،
اَچي گهرِ ڍُکو، سامي چَئي سُپرين.

(١٣)

دَردَوَندَ دکي، ڦٿي دردَ فراق کَيا،
پُچَنِ پُکارن سَڏَ کري، رُئن رَتُ رکي،
نِکري آيو نيڻ مون، جاني جيءُ جکِي،
سامي چَوَنِ سکِي، مِلي کر مئنِ کي.

(١٤)

دَردَوَندَ تي دينَ، ٻي ٻي کَنِ پَٻيهي جان،
ٻِنان چندٻ چَکور کي، سکَ سُهائِنِ کِينَ،
سامي مَنُ مِرگه جو، موهِيو بيحَد ٻِينَ،
جَلَ وَرائي مِينَ، تڙِقي ڇَڏي تَنَ کي.

(١٥)

دَردَوَندَ داناهُ دُويت نہَ رکن دِلِ ۾،
ڏِنو جَنِ عَدالَتي، سَچَنُ سانُ ويساهَ،
هَلِن هَٿ هَيبَت ري، سُوڌي سُندَر راهَ،
سدا اَليپُ اَچاهَ، سامي رهن سُياوَ ۾.

(١٦)

روئِن زارون زارَ، ڦُٽيا درد فراقَ جا،
سسي لاهي ڏَڙ ڪون، ڪيائون ڏارون ڏارَ،
هارَ جيتَ ڏُکَ سُکَ جي، رکَنِ ڪانَہ سنيارَ،
رَهَنِ مَنجهِ خُمارَ، سامي سُپيرين جي.

(١٧)

ڳالهيون ٻُڌي گنيرَ، دَردَوَندَ داناهَ ٿيا،
ڪَٽيائون ڪَلِپَتَ جا، جاڳي سڀ زنجيرَ،
رَهَن اَليپُ آڪاسَ جان، سامي منجه سَريرَ،
ڪائِنِ ڪَندون ڪِيرَ، ليٽَنِ لالَ پَلَنگَ تي.

(١٨)

ڪَهڙو حالُ ڪَريان، دَردَوَندَن جي دِلِ جو،
سَدا رَهَنِ سَنتوش ۾، محبت مَڌَ پيريا،
سياوَڪُ سامي چئي، ڏِسي نينَ نَرِيا،
لَکين لوڪَ تَرِيا، دامَنَ لَڳي تَنِ جي.

(١٩)

بِنان وِڌِ ويساهَ، ڪنهين پاتو ڪِينَڪي،
تورڙي لوڪَ لَکَ ٻَڌي، ڪَنِ اُپاوَ اَٿاهَ،
ساکَ ڏِيَنِ سامي چئي، دَردَوَندَ داناهَ،
پورَنُ پاڪُ نِگاهَ، جَنِ کي گُرَ گوبندَ ڏِني.

(٢٠)

آئي کي آدَرُ، دَردَوَندُ ڏِئي دِلِ سان،
جَنهِن کي پاڙهيو سَتِگُروءَ، پَرچي پريم اَکرُ،
ڏِسي عَينَ آڪاس جان، پورَڻ پَرميشورُ،
سَدا تَرُ تِيبَرُ، سامي رهي سياوَ ۾.

## (ب)

(١)

ڪَهڙو حالُ چَوان، دَردوَندَنِ جي دِلِ جو،
کُليا گُلَ گُلابَ جا، رَهَنِ نِتُ نَوان،
ٻولِن واڪَ ويدانتَ جا، سُتَهَ سِدِ سَنوان،
سامي سَرَنِ پَوان، تَہ پارِ لَنگهائِنِ پَلَ ۾.

(٢)

دَردوَندَ داتارَ، دَيا رَکَنِ دِلِ ۾،
جَنهِن کي ڏِسي سَتِگُرو، اَنيئہ مَتُ اَپارَ،
سوڌي ڪَنِ سڀَ جا، وَچَنَنِ سانُ وِڪارَ،
سَدا باغَ بَهارَ، سامي رَهَنِ سُپاوَ ۾.

(٣)

دَردوَندُ داناهُ، ڪوڙُ نَہ ڪَري ڪَنهِن سان،
جَنهِن کي ڏِني سَتِگُروءَ، سِکَ، سَمُجَه، ويساهُ،
سامي رَهي سَنسارَ ۾، سدا اَليپُ اَچاهُ،
رامَ نَگَرَ جو راهُ، سُوڌو ڏسي سَڀَ کي.

(۴)

دَرِدَوَنِدَ داناهَ، مَمَتَ نـَ رکَنِ مَنَ ۾،
ٻَلِ لائي ڪَنِ ٻُوتْ جو، ڏيئي سَمَ صَلاح،
مِلي تَنِ مَرِدَن سان، سَبَ چُڪائي چاهَ،
سامي سوکُم راهَ، اَتي پَدَ اَگمَ جي.

(۵)

دَرَدَوَندنِ کي دوکُ، مورکَ لائِنِ مَت ري،
جَنِ کي ڏِنو سَتِگُروءَ، سامي سَمَ سَنتوکُ،
ڏِسَنِ ڏيهِ اَيمانَ ري، اَنيَئـِ پَدُ اَپَروکُ،
مَمَتِ مِٽائي موکُ، سَبَ جو ڪَنِ سَمُجَهه سان.

(٦)

دَعويٰ ڪَري ڪيرُ، دَرِدَوَندَ داناهَ سان،
آدي، اَنيَئـِ گهرَ جو، گهِرِي لَڌو جَنهِن گهيرُ،
پائي پورنَ پَدَوي، ٿِيو نِرَيئو نِرَويرُ،
رائِي اَئون سُميرُ، سَمَ جاڻي سامي چَئي.

# اَوڏُوتَ (الف)

(١)

نَڪو ڪوهُ نہَ اَڏُ ڪوهُ، نَڪو پيرُ پَري،
جاني جَهرَوڪَنِ ۾، تُو سامي سَنڌَ ڪَري،
جَنهِن کي ڪَرَلُ ڪَنِ پيو، تَنهن ڏٺا نينڻ پري،
موهِي ذَوق ذري، سا پلڪ پراهون نہَ ٿئي.

(٢)

جَنهِن سَمُجهو سُوتُ، آتَمر ديوَ اَنُوپَ جو،
سو بِنان بيکَ پَيوتَ جي، سامي ٿِيو اَوڌوتُ،
اُتي اوديا پُوت، پَڳو تنهن جي گهر مون.

(٣)

اَلَبيلا اَوڌوتَ، عاشِقَ پاڪَ اَلله جا،
جَن پَنجَئي ماري پانهِنجا، ڪِيا اَگنِ ۾ آهوتَ،
مَحَبَتي مَضبوطَ، پرچا رهن پانَ ۾.

(۴)

اَوڌوتَن اُتي، مَٿي ڳالھ مَرمَ جي،
وِرلي ڪنهن کَرَمکَ جي، هِردي مَنجھ ڪُتي،
پرچي پاتي جنهن پريمِ جي، پيرَن مَنجھ جُتي،
ڪَڍي ڪَلپَ ڪُتي، سَمَ وَرتي سامي چئي.

(۵)

اَوڌوتي عينَ، واڪَ چَوَنِ ويدانت جا،
ڪو سُڄاڳو سورَمو، سامي سَمُجهي سَينَ،
سُتَهَ سَمَ سورِج ڏِسي، پَري نِرمَلُ نَينَ،
ڪَلپَتِ ڪارِي رَينَ، ڪَڍي اَياءُ اَندرَ مون.

(٦)

اَوڌوتَن کي آسَ، آهي ڪانَ اَندَرَ ۾،
سامي ڪَٽيائون سَمَ تي، سَبَ ڦُرني جي ڦاسَ،
رَهَنِ منجھ آڪاس، اَنَئي پَهرَ اَنَلَ جان.

(٧)

ديوانو داناھُ، ڪوڙِن ۾ ڪو هِڪڙو،
ڏِٺو جَنهِن اڪِنِ سان، پورنُ پاڪُ اَللهُ،
ڪَنهِن کي سلي ڪِينَڪِي، اَنيڪَ سڪُ اَٿاھُ،
سدا بيپَرواھُ، سامي رَهي سُياوَ ۾.

(٨)

اَوڏوتي اَچتا، سَدا رَهَنِ سَنسارَ ۾،
لوڪُ نہ لکي تَنِ کي، هو وَتَنِ مَنجهه مَتا،
اَندَرِ سيتَلُ جَلَ جان، ٻاهَرِ تاوَ تَتا،
رَهَنِ رَنگَ رَتا، سامي سپيرِيَنِ جي.

(٩)

اوڏوتِنِ کي آسَ، آهي ڪانہ اَندَرَ ۾،
جاڳي ڪَٽيائون جيءَ مون، سَبُ ڦُرني جِي ڦاسَ،
سامي ملِي سَروپَ سان، ٿِيا خِلوتي خاصَ،
رهن منجهه آڪاسَ، اَٿ ئي پَهَرَ اَنَلَ جان.

(١٠)

اَوڏوتَنِ آسَڻُ، پرچي ڪير تَنهن پَدَ ۾،
جتي تون مان نانهن ڪا، نَڪو جاتِ وَرَڻُ،
نَڪو اونده سوجهرو، نَڪو چُپِ چَوَڻُ،
ميٽي جَنَمُ مَرَڻُ، سِيتَلُ ٿِيا سامي چَئي.

(١١)

اَوڏوتنِ آسَڻُ، پرچي ڪيو تَنهن پَدَ ۾،
مِيٽيو جَنِ جي مَنَ مونِ، پولائو پَرَمُ،
سُتَهَ ڏِسَنِ سامي چَئي، پرميسر پورَڻُ،
رَتي ماسو مَڻُ، آهي جَنهن جي آسِري.

(١٢)

اَودوتَنِ آسَڻُ، پرچي ڪيو تَنهن پَدَ ۾،
جِتي تون مان نانءِ ڪا، نَڪو چُپ چَوَڻُ،
نَڪو ٻَندُ مُڪتِ ڪا، نَڪو تياڳُ گِرَهَڻُ،
پرميسر پورَڻُ، سُتَهِ رَهي سامي چَئي.

(١٣)

اَودوتنِ اَصُلي، پَرچي لَڌو گهرُ پانهنجو،
سامي جَنِ جِي ساڌَ سنگِ، اَنَيئہِ اَکِ کُلي،
سُپني جي سنسارَ ۾، يَوَنِ ڪينَ پُلي،
ميٽي ڪَلِپَ ڪُلي، سَدا ماڻِنِ سيجَ سُکَ.

(١٤)

اَودوتن اُتو، هڪُ هيڪِلو آتما،
وِرلي ڪَنهِن گُرمُکَ کي، هِردي مَنجهِ کُتو،
ليکو لاهي سَبَ سان، ڪيائين چَٽُ چُڪتو،
سامي وَيِي سُتو، سَدا سُکَپَتَ سيجَ تي.

(١٥)

اَنيَئي جو آرامُ، آيو جَنهِن اَودوتَ کي،
مِٽي تنهن جي من مون، ہي سَبَ خودي خامُ،
دَرِ دَرِ ديوانن جان، ڪري ڪينَ سلامُ،
سدائين نِهَڪامُ، سامي رهي سَياءَ ۾.

(١٦)

جا بَٽي سا واهَ، سامي رکيا سِر تي،
سَدا سُبيرينَ جِي، ڪري سَمَ صلاح،
اَتي اِها راهَ، اَصُلُ اوڏوتنِ جي.

(١٧)

سَڏِنِ سَودائي، اَنڌا اوڏوتَنِ کي،
جَنِ پاڻُ وَرائي پاڻَ سان، سُتَهَ لِنوَ لائي،
اَوِدِيا پَرَمُ اَندر ۾، رکن نَـ رائي،
وِڃائي وائِي، سامي چڙهيا سِيرَ تي.

(١٨)

اَوڏوتَنِ اَسيِدُ، ماري ڪِيو مَن کي،
سامي چڙهيا سيرَ تي، ڇَڏي وِڏِ نِڪيدُ،
ڪنهن کي سَلِنِ ڪِينڪِي، اَنَيِـٔـ سُکُ اَپيدُ،
جِيئَين ڇَئي گُرو ويدُ، تِيئين هَلَنِ حَليمُ ٿـي.

(١٩)

جيئين گُلابي گُلُ، ڏئي خوشبوءِ خوشيءَ جي،
تِيئين اَوڏوتَ اَنيِئِي، ڪَنِ اُپَديشُ اَصُلُ،
وَنِي ڪـو ويساهَ سان، ڏيئي محبت مُلُ،
ڪَٿِي ڪَلِپَتَ ڪُلُ، سامي سَمَ سيتلُ ٿِئي.

(٢٠)

سي اَوڏوتَ ٻَلِي، جَنِ جِيتيو مَنَ مَواسَ کي،
پاڻُ ڏنائون پانَ ۾، عَجائِبَ اَصُلِي،
نِت گاوَنِ رامَ ڪَلِي، سامي مِلي سروپَ سان.

## (ب)

(۱)

اَودوتِي اَپروکُ، ڏِسَنِ اَنيَئِہ آتَما،
جاڳي ڪَڍِيو جنِ جيءَ مون، اَڻَ هوندو ڏُتِيا دوکُ،
جاڻِنِ سَڀُ سُپني جو، ٻانَيَڻَ بَندَڻُ موکُ،
ڪَري سَمَ سَنتوکُ، سُمِهيا سَهَجَ آنَندَ ۾.

(۲)

اَودوتَنِ اَصُلُ، پَرچي لَڌو گهرُ پانهِنجو،
سُکي ٿِيا سامي چئي، ميٽي ڪَلپَتِ ڪُلُ،
ٻاڻي ٻولِنِ ٻيحَدي، عينَ اَيِيدُ اَمُلُ،
جِئين گُلابي گُلُ، ڏِئي خوشِبوءِ خوشيءَ جي.

(۳)

اَودوتَنِ اِئين، ڪَيو اُپَديشُ اَنيَئي،
پِيالو پِريمَ اَگَمَ جو، پُر ڪَري پِيئي،
رکي نہ رَتيءَ جيتِري، هارَ جِيتَ هِيئي،
جِئين جوتَئين، سامي ڏِسي سَروپَ کي.

(۴)

اَوڏوتَنِ اُتو، وَڃَنُ هڪُ ويساهَ جو،
وِرِلي ڪَنهِن گُرَمڪ کي، هِرَدي مَنجهِ ڪُتو،
ڪايا مايا ڪُلَ ڪون، اُلٽي ٿيو اَچُتو،
گگَنَ ۾ گُپِتو، سَيلُ ڪَري سامي چئي.

(۵)

اَوڏوتَنِ کي آسَ، ڪانهي ڪا تِر جيتري،
سامي جَنِ جي سَتِگُروءَ، ڪَٽِي ڪَلِپَتِ ڦاسَ،
پورَنُ جاڻي پيءَ کي، ٿِيا خِلوَتي خاصَ،
بيحَدِ ڪَنِ بلاسَ، رَهَنِ اَليپُ آڪاس جان.

(٦)

آچارِجُ اَوڌوتُ، بيئي رَهَنِ بيحَدِ ۾،
ڪو سَئلَ ڪَري ساکِي ٿِي، ڪو مَرِي ٿيو مابوتُ،
سَدا ڪَنِ سکَ سارَ جو، بِنان ڪَلِپَتِ قوتُ،
تاحيءَ پيٽي سوتُ، سَمَ ڏِسي سامي چئي.

(۷)

اَنَيَئِي اَوڏوتُ، ڪوڙَنِ ۾ ڪو هِڪِڙو،
سَمُجهِيو جَنهِن سامي چئي، تاحيءَ پيٽي سوتُ،
ڪَري نِتُ ڪَلپَ ري، بي قُوَتيءَ جو قوتُ،
سَدائي ثابوتُ، رَهي سُتَهَ سُياوَ ۾.

(٨)

جا بَٽي سا واهَ، سامي رکي سِرَ تي،
اَسِتِت رَهي آڪاسَ جان، ميٺي چِنتا چاهَ،
سُتَهَ سِدِ سَروپَ جِي، ڪَري سَمَ صَلاحَ،
اَتي اِها راهَ، اَصُلُ اَوڌوتَنِ جي.

(٩)

وَتا سَبِ تَڳِي، مِايا جيءَ مَمَتِ سان،
مَنزِلَ وِڌي مَنَ ڪون، ڪَنهِن اَوڌوتَ اڳي،
جِتي تون مان نانهِن ڪا، نَڪو ليپُ لَڳي،
جڳمڳَ جوتِ جڳي، سامي سَدا اَنيَئِي.

# ساڌُو جَنَ

(١)

ڪوهُ ڪَريان اُستَتِ، ساڌو جَنَ جِي مکَ سان،
مَنَ بُڌِ واڻيءَ کون پَري، پُهچِي سگهي نَ مَت،
ساڌو جَنِ جي گتِ، سامي جاڻي ساڌُ جَنُ.

(٢)

اِهَڙو ڪو آهي، ساڌو جَنُ سَنسارَ ۾،
جو اَوِديا ڪُلف اَندَر جو، لَحِظي مَنجِهه لاهي،
اَندر باهِرِ دَهَ دِسا، اَلَکُ لَکائي،
مَمَتا مِٽائي، سامي چاڙهي سِيرَ تي!

(٣)

اَوِديا پَندَ اُچلي، ساڌوءَ وِڌي سِرَ تون،
سامي جاڻي سپَنو، اُتپَتِ ۽ پَرِلي،
رکِي چاهَ اَندَرَ ۾، ڪَنهن سان ڪِينَ مِلي،
توڙي خَلقَ کِلي، تـ پـي سيتَلُ رَهي سُپاوَ ۾.

(۴)

گھنَ نِرمَلَ آھِينِ، ساڌو جَنَ سَنسارَ کون،
اوجَلُ آتَمَ گيانَ جِي، وَرِڪا وَسائِين،
اَوِديا مَئِلُ اَندَرَ مون، ڌوئي سَڀ لاھِين،
اَنيَڪِ اُپَجائِين، سامي سَھَجَ سَروپَ جِي.

(۵)

چَلَنِ اُلَٽي چالَ، ساڌو جَنَ سَنسارَ ۾،
لَنگھيا پارِ سَمُندَ کون، چِنَ ۾ ماري چالَ،
ميٽي ريٿا مَنَ مون، سامي سَڀِ خيالَ،
رَھَنِ لالُ گُلالَ، سَدا پانھنجي حالَ ۾.

(٦)

دانا ديوانا، تيا ساڌو جَنَ ڪيترا،
ھِڪڙا سانُ سَنگَتِ جي، ھڪڙا اَلسانا،
رھن سڀ سروپَ ۾، سامي سمانا،
ورتن ڌنانا، ساڪِي تي سنسارَ جا.

(۷)

ڌَڙ تون سِر لاھي، ساڌو چَڙھي سَنگرام تي،
وَجي پئي ويساھَ سان، ڪَلپَتَ ري ڪاھي،
ماري ڊُبڌا دَلَ کي، نَوبَت وَڄائي،
سامي جُھلائي، اَنيَڪِ ڇَٽُ مَٿي تي.

(٨)

مايا مَنجهِ اُداسَ، سامي رهن ساپُرِسَ،
جِيَڻَ، مَرَڻَ، ڏُکَ، سُکَ جي، مَنَ ۾ رکَنِ نـﮧ آسَ،
ساکي ڄاڻي سڀَ ۾، ٿيا داسَنَ جا داسَ،
ڪَٿي اَوِديا ڦاسَ، چَڙهيا اَنيَـﮧ اَڄَ تي.

(٩)

سوئي سِياڻو، ساڌو جَنُ سَنسارَ ۾،
جو ڏِڍو ڏاهَرُ وِڪِڻي، ڪري نِجُ ناڻو،
سامي رکي سِرَ تي، پِرڳوتَ جو پاڻو،
ڏيئي وِهاڻو، سُمهي سُکَپَتَ سيجَ تي.

(١٠)

سَدائِين نِرمَل، ساڌو جَنَ سَنسارَ ۾،
ليپُ نـﮧ لڳي تَن کي، جِئَن جَلِ رَهَنِ ڪَنوَل،
اَنـئي پهَرَ اَچل، اَنَلَ جان آڪاسَ ۾.

(١١)

سدائِين نِرمَلَ، ساڌو جَنَ سَنسارَ ۾،
ليپُ نـﮧ لڳي تَن کي، جِئَن جَلِ رَهَنِ ڪَنوَلَ،
سُوڌا وَرتَنِ سَڀَ سان، سامي بِنان خَلَلَ،
اَنيَـﮧ روپَ اَچَلَ، گهٽَنِ وڌَن کِينَڪِي.

(١٢)

ساڏو جَنُ ثالثُ، ڪوڙنِ ۾ ڪو هِڪڙو،
جو جاڳي چڙهيو چِٽَ تي، ڇڏي اُونگهہ آلِسُ،
رَهيو مايا موهَ کون، خُلاصو خالِصُ،
وِسُ جو هِڪُ والثُ، سامي ڄاڻي سُپرِين.

(١٣)

ساڏو سِياڻو، گُهمي آيو گهرَ ۾،
جُڙيو آهہ جَتَنَ ريءِ، پاريءَ تِڪاڻو.
مڪَنَ جو ماڻو، پائي ويٺو مُنهَن ۾.

(١٤)

هَرِ جَنَ ڪَڍِي هَٺُ، وينا سَودي سارَ جو،
سَمَرَ رکِيائون تِرڪِڙي، سَمَرَ رکيائون وَٺُ،
جيڪو جڳياسي اَچي، ڇڏي ڪوڙُ ڪَپَٽُ،
سامي سِر سان مَٺُ، توري ڏين تَنهِن کي.

# (ب)

(١)

مايا مَندِي مَندانُ، موهي ماري سَنيَ کي،
ڪَنهِن کي چِڏي ڪِينَڪِي، خالي خوشيءَ سانُ،
رَهي اَليپُ آڪاسَ جان، ڪو سامي سَنتُ سُجانُ،
پانَ وَرائي پانُ، جاڳِي ڏِٺو جَنهِن جوتِ ۾.

(٢)

جَنهِن ساڌوءَ کي سُڌِ، پيئي سُتَهَ سَروپَ جي،
تَنهِن جي دَرِسَ دَرياهَ ۾، بُڏي ويئي بُڌِ،
رَهي ڪِميا خُمارَ ۾، ڀانيِنَ بيخودِ خود،
جاڳِي جِيتي جُڌِ، چَڙهي ويٺو چَوڏولَ ۾.

(٣)

ڏِيپَڪَ مون ڏيپَڪُ، جاڳِي ڏِٺو تَنهِن جَهَڙو،
تِئِين مِلي ساڌوءَ سان، ساڌو ٿيو سيوَڪُ.
رَهيو نہ رَتيءَ جيترو، سامي ڦير فَرَقُ.
پاوين عينَ الحقُ، پاوين ٻولِي رامُ رامُ.

(۴)

مايا مَنجهِ اُداسَ، رَهَن ساڌو جَنَ سورما،
اَچِي اَزغيبِي لَڳِي، جَنِ کي پريمَ پِياسَ،
سامي مِلي سَروپَ سان، ٿِيا خِلوَتِي خاصَ،
بيحَدِ ڪَنِ بِلاسَ، چڙهي چيتَنِ چِٽَ تي.

(۵)

ساڌو جَنَ سگُمُ، مارگ ڏسِيو موکَ جو،
سامي سَمُجهي کو سورِمون، رکِي مَنِ مَرَمُ،
ڪَٽي سَڀ ڪَلپنا، جيتي اَمول جَنَمُ،
پورَنُ پرماتَمُ، جاڻي جاڻَنهارَ کي.

(٦)

ساڌو جَنُ سُچکُ، ڪوڙَنِ ۾ کو هِڪڙو،
اَسِتامَلُ اَولي جان، لَکِيو جَنهِن اَلکُ،
کَري نَہ کَتَرَ جيترو، ڪَنهِن سان پَرچِنِ پکُ،
تي پورَنُ پارکُ، سامي ڪيلي سَرِبَ گَتِ.

(٧)

ساڌو جَنُ سُچکُ، ڪوڙَنِ ۾ کو هِڪڙو،
ڏيئي کَبَندِ کُلَ کي، لَکِيو جَنهِن اَلکُ،
وَرتي وِڌِ ويچار سان، عينَ اَپيدُ اَپکُ،
سَٽي سوڳُ هَرَکُ، سامي ماڻي سانتِ سکُ.

(٨)

ساڏو جَنُ سُورو، لِڪي ڪينَ لَقاءَ ۾،
ماري جَنهِن مُدَعِنِ کي، ڪَيو چَٽُ چورو،
سُکي ٿِيو سامي چَئي، پائي پَدُ پورو،
شالَ، پَٽو، پورو، ڄاڻي اَنيَءِ اُنَ جو.

(٩)

ساڏو جَنُ سَچارُ، ڪوڙُنَ ڪري ڪَنهِن سان،
جَنهِن کي ڏِني سَتِگُروءَ، اَنيَءِ مَتِ اَپارُ،
سامي ڏِسي سَڀَ ۾، دوستَ جو دِيدارُ،
سَدا باغُ بَهارُ، رَهي سُتَهَ سُياوَ ۾.

(١٠)

ساڏو جَنَ سَچارَ، پورَنُ ڄاڻَنِ پيءَ کي،
ڪَڏِي ٿِيَنِ ڪِينَڪِي، دُکُ سُکُ پائي ڏار،
جاڳي ڪَنِ جڳَتَ جا، سامي سَڀِ وَهنوارَ،
هميشہِ هِڪَ تارَ، رَهنِ وديهي ديهِ ۾.

(١١)

ساڏو جَنُ سُجاڳو، ڪَري ڪانَ ڪَلپنا،
سامي جَنهِن جو سَربَ گَتِ، پَرَمُ پَؤ پاڳو،
باهَرِ تون مان ۾ رَهي، اَندَرِ اَنُراڳو،
پِڇو اَئُون آڳو، ڄاڻي سَمَ سَروپَ جو.

(١٢)

ساڌو جَنُ سُجانُ، اَچي مِليو اوچتي،
تَنهن پياري پريمَ رَسُ، ڪَيو ويدَ وڪِيانُ،
اُوِديا اوندَهِ نـ رهي چَڙهِيو چيتَـن ڀـانُ
سامي سڀ جهان آهي جنهن جي آسري

(١٣)

ساڌُو جَنَ سُجانَ، ڪَرِنِ ڪانـ ڪَلپنا،
جَنِ کي ڏِني ستگروءَ، پَڪي پِريتِ پَڇانَ،
سامي مِليا سَروپَ سان، ڪَٿي سَڀُ اُنمانَ،
رَهَنِ مَنجهِ جَهانَ، سَدا اَليپُ آڪاس جان.

(١٤)

ساڌو جَنُ صَرافُ، کوڙَنِ ۾ ڪو هِڪِڙو،
جَنهِن جاڳي ويدَ وِچارَ سان، ڪَڍِيو کوٽُ خِلافُ،
اَندَرِ باهَرِ آتِما، سامي ڏِسي صافُ،
مُلِڪُ مِڙيئي معافُ، پَرچي ڪائي پانَ سان.

(١٥)

سامي مَرِدَ مَلاحَ، ساڌو جَنَ سَنسارَ ۾،
اچي سِڪَ سَچيءَ سان، جيڪو ڪَري ڪاهَ،
تَنهن کي تارِنِ تارَ مون، ڏيئي سارُ صَلاحَ،
ميٽي چِنتا چاهَ، مِلائِنِ مَحبوبَ سان.

(١٦)

ساڌو سَيئي، آهِن ديسَ اَگمَ جا،
دانا ديوانا دَردَوَندَ، نِرَوِڪَلَپَ نيهي،
جَنِ ڪي اَلَڪَ اَيپوَ جي. سامي سُڌِ پيئي،
مِليا مَنُ ڌيئي، پانُ وَرائي پانَ سان.

# سَنتَ

(١)

اِهَڙو کو آهي، دَردَوَندُ داتار جَنُ،
جو موڙهَنِ کي ماڳ ڏِئي، رُئندا رَهِسائي.
کوٺَ جَنَمَ جا وِڇڙيا، سامي مِلائي،
لَحظي مَنجِهِ لاهي، اَوِديا کُلفُ اَندرَ جو.

(٢)

جيکو جڳياسي، اچي هن اَوسَرَ ۾،
تنهن کي پانهِنجي ديسَ جو، وَٺي کَريان واسي،
جاتي تون مان نانهِ کا، نَکو ڦند ڦاسي،
اَلَکُ اَبِناسِي، سُتَهِ رَهي سامي چَئي.

(٣)

سَنتَنِ جي اُستَتِ، کريان کوهُ زَبانَ سان،
جَنِ پَرچي پَرمارٿَ کيا، سامي نانا پَتِ،
جَپَ تَپَ ساڌَنَ،جوڳَ جڳَ، وَئراڳَ پڳَتِ،
پَهُچي سگهي نَ مَتِ، تَنِهين جي تَدَروپَ کي.

(۴)

اَهڙا پُرِکَ ڏيالَ، سامي اَتي سَنتَ جَنَ،
جي مِلائي مَحَبوبَ سان، ڪَٽِنِ ڏُکَ جنجالَ،
اَوديا جي اَندَرَ ۾، رکَنِ ڪانَ رَوالَ،
تِنئڙا لالَ گُلالَ، تَنِ سان مِلي ڪيترا.

(۵)

ٻولي ٻُڌائي، سَنتَ لَکائِنِ سَمَتا،
سامي ڏِسي ڪو سورَمو، گهرَ ۾ گُهتائي،
چڙهي ويهي چَوڏولَ تي، پورَڻُ پَدُ پائي،
جاڏي واجهائي، تاڏي سَڄَڻُ سامهون.

(٦)

ٻولَڻُ ۽ ٻُڌَڻُ، سَمُجَهه وَرائي سڪِٽو،
سامي چَوَنِ سَڀِ سَنتَ جَنَ، پائي پَدُ پورَڻُ،
مِٽيو جَنِ جي مَن مون، ٻولائو ٻِٽڪَڻُ،
اَچڻُ ۽ وَڃڻُ، ڏِسَن ڪونَ آڪاسَ ۾.

(٧)

بِنان اَنگَ اَکَرُ، سَنتَ لکائِنِ سَڀَ ڪي،
سَمُجهي ڪو سامي چئي، جاڳيو جوڳيشورُ،
ڏِنو جَنهِن اَپيدُ تي. بيگَمپُرُ شَهَرُ،
اولَهه ۽ اوڀَرُ، ٻَوي ڪينَ ٻِلَنِ جان.

(٨)

بيحد پَدْ ياري، سنتَ لکائن سڀ کي،
سمجهي ڪو سامي چَئي، اُتم اَدَڪاري،
گهڙي ڪِئي جنهن گهر ۾، ڪِڇ دم قَراري،
سَتي پِندَ ساري، سَنمکُ تِيو سروپَ جي.

(٩)

بيحد بيپرواهہ، سامي ڏنا سَنتَ جَنَ،
رکَنِ نہ رَتيءَ جيتري، چِتَ ۾ چنتا چاهَ،
چَڙهيا اَنَيَہِ اَچَ تي، رَهَتِ سَچيءَ جي راهَ،
جاڏي ڪَنِ نگاهَ، تاڏي سَجَڻ سامهون،

(١٠)

پيدَ بِنان پيگوان، سَنتَ لکائِن سَڀَ کي،
سمجهي تِيا سامي چَئي، مَحَبَتي مَستِانُ،
لَئہ ڏنائون لکَ ۾، جاڳي سَڀُ جهانُ،
ڪري اَمِرتُ پانُ، اِستَتِ تِيا آڪاسَ جان.

(١١)

ياري پوتُ پريتُ، لوپُ لڳو لوڪَنِ کي،
ڪايا مايا ڪُلَ سان، هَردَمِ رکَنِ هيتُ،
رَهي اُليبُ آڪاسَ جان، ڪو سامي سَنتُ سُچيتُ،
ڏنو جَنهِن اَدِويتُ، اَندر باهر آتما.

(١٢)

پـﭿـتِ پـاڳـوَتي، سنتَ لکائِنِ سَـڀَ کي،
سمجهي کـو سـامي چَئي، ماهِلُ مَحَبَتي،
مِٽي جَنهِن جي مَنَ مون، اَودِيا اَنَمَتي،
پائي پِرانَءِ پَتي، اِستَّتِ تـيو آنند ۾.

(١٣)

آيو ناگَرُ نَٿُ، ٻيکُ ڏَري بازار ۾،
کَڏي وينـو کَـرَمَ جو، سامي حَرکَتَ سَـ.
سَنـتِنِ ساپُرسَنِ کـئو، پَٿُ لاهي پِرِگَهٿُ،
تارازِي اَئون وَٿُ، کٿي سَتيائون سيرَ ۾.

(١٤)

سوئي سَنتُ مَهَنتُ، جو رکي سانتِ اَندَرَ ۾،
سامي ڏِسي سَـڀَ ۾، پيدَ بِنان پـگَوَنتُ،
گَاوي نِتُ بَسَنتُ، پَرچي پانهنجو پانءَ سان.

(١٥)

صُلحُ سيئي کَنِ، جَنِ تي کـامِلَ جو کَـرَمُ تِـيو.
هو مورَتَ مَحَبوبَنِ جي، سَـپَ صورتَ مَنجهه ڏِسَنِ،
مَنجهِي راجَ رَهَنِ، نيارا نِرپِکَ سَنتَ جَنَ.

(١٦)

اَنيَئِي اَتيتُ، ڪوڙن ۾ ڪو هِڪِڙو،
جنهن مِلي ساڌَ سَنگتِ سان، جِيتيو مَنُ اجيتُ،
سَمَ ڏِسِي سَڀَ ڪاٿَهِين، پِرين پَنهِنجو ميت،
سامي پاڪُ پَلِيتُ، آهي جَنهن جي آسري.

(١٧)

نانا روپَ ڌَري، سَنت لڪائن سارُ تا،
پئہ، دِلاسو، پاوَنا، وَچَنَ وِلاسَ ڪري،
ڪوڙنِ مون ڪو هِڪِڙو، سمجهي اَجَرُ جَري،
جنهن جو پَٽُ پَري، سامي ڪَري سَتِگُرو.

(١٨)

سنتنِ سانُ هَلِي، سامي سُپيرِينِ ڏي،
وَنِي راھ ويساهَ جِي، ڪٽِي پيرُ جَهلي،
ڪَري سُواري پريم جي، ٻَڌِي سَچُ پَلي،
اَچي پانُ مِلي، اِڪِيون تنهن سان سُپرين.

(١٩)

سنتنِ سانُ سِڪِي، سَنت مليا سَمَ دَرِسَني،
ڳالهيون پانهنجي ڳوٺ جون، لِنوَ سان ڪَنِ لِڪي،
سامي چڙهيا چِٽَ تي، رکي نِگاهَ جِهڪي،
پورِي ۽ اِڪِي، وينا ڳَنَّن وچَ ۾.

(٢٠)

اَنَيئِي اَتَڪَ، رکَنِ ڪانَہ اَندرَ ۾،
پورو اَکَرُ پريمَ جو، پڙهي تِيا پَرِپَڪَ،
ويڙهي سَبِ وَرَقَ، سامي چڙِهيا سِيرَ تي.

(٢١)

ساڳُ جائِنِ سيرو، سامي سَنتَ شَرَمَ جو،
ڦاڙِيائون ڳُرگِياتِ سان، چِنتا جو چيرو،
پائي هرِ هِيرو، سُمِهيا سُکَپَتِ سيجَ تي.

(٢٢)

آهن اوراڻا، وَچَنَ ساپُرِسَنِ جا،
وَجي پُڄُ تَنين کون، جَنِ جي مَنِ ياڻا،
بَلُ چِذي نِربَلَ تِيا، نيهي نِماڻا،
سامي سَماڻا، رَهَنِ پَدَ اَواچَ ۾.

(٢٣)

اَنَ ايڪانتِي، سامي ڏِنا سَنتَ جَنَ،
پاتِي جَنِ پَرتِيتِ سان، جُهڳي ۾ جهاتي،
مورَتَ مَحَبوبَنِ جي، سُتَهَ سيجاتي،
جاڳي جَمَ جڳاتي، ڪوڙو ڄائَن ڪَلِپَ جو.

(۲۴)

سنتن ساڻ مِلي، سَهَجي مَنُ سِيتَلُ ٿيو،
ڪٽي ڏنائون گهر جِي، سامي سمجه ڪِلي،
پيهي لَڏي پاٺي، اَنيَئہ نڌِ اَصلي،
اَوِديا رَنَ رِلي، ڪٽي يڳي يئہ ڪون.

(۲۵)

سنتن ساڻ مِلي، سَهَجي آيُسِ سانتِ ۾،
ڪٽي ڏنائون گهر جي، سامي سمجه ڪِلي،
پورڻ مليو پيءَ سان، خوشيءَ ساڻُ ڪِلي،
اَوديا رَنَ رِلي، ڪَٽي، يڳي يئہ ڪون.

(۲٦)

سَنتن سَهَجِ سُياءِ، وَرڪا ڪَئي، وَچنَنِ جي،
گِياتُ يوگُ وَيراگ سڀ، رکيائون پنهنجي جاءِ،
سامي سَپُ سَهي ڪري، مَمِتا موهُ مِٽاءِ،
لِنوَ تنهِين سان لاءِ، آهي جنهن جي آسري.

(۲۷)

سنتن سَپاڙِي، پَٽي پاڙَ پرَمَ جي،
سامي لَڏائون سَمَ تي، محبت جي ماڙي،
هورِي ڪيلَنِ هَرِ سان، ڏَرَ ري ڏِهاڙي،
سارِي وِسُ ٻَاڙي، ڏسَنِ گيان گُلال ۾.

(٢٨)

سَدائِي سِڪَ سانُ، هوري ڪيلَنِ سَنتَ جَنَ،
سامي پِيئَنِ رامَ رَسُ، ڪَڍي پانهِنجو پاڻُ،
سَمَ رَهَنِ سَيَ سانُ، لائي ڳيانُ گُلالُ سِرِ.

(٢٩)

هوري ڪيلَنِ سَنتَ، سامي سارَنگَ ڌَرَ سان،
لائي رَنگُ رَهَتِ جو، ڳائِنِ اَنيَڪِ ڇَنتَ،
ماڌو ۾ اوڌو مِلي، پَسَنِ محبتي مَهَنت،
پُڇَنِ اَليپُ اَچِنتَ، واتان سُڪَ سَروپَ جون.

(٣٠)

هوري ڪيلَنِ سَنتَ، سدا، سارَنگَ ڌَرَ سان،
لائي رَنگُ رَهَتِ جو، ڳائِنِ اَنيَڪِ ڇَنتَ،
مَوليا ڏسن موج ۾، سامي سَيَ جيءَ جَنتَ،
رَهَنِ اَليپَ اَچَنتَ، پِيَنِ پِيارنِ رامَ رَسُ.

(٣١)

هَميشہَ هوري، سامي ڪيلَنِ سَنت جن،
لَڳي جَنِ کي لَڪَ جي، لَنوَ لَنوَ مَنجهہ لوري،
ڪَڍيائون ڪَلپَتَ جي، چِتَ مون سَڀ چوري،
دَمِ دَمِ ڪَنوري، پِري پِيئَن پريمَ جي.

(٣٢)

هميشہ هوري، سامي کيلَنِ سَنتَ جَنَ،
ڪَڍي ڪَلپَتَ ڪوڙَ جي، چِتَ مون سَپَ چوري،
لائي وينا لڪَ سان، سَمَ سوکَم ڏوري،
اَنيَئہ اَگهوري، لُنوَ لُنوَ پيئَنِ پرِيمَ رَس.

(٣٣)

ڪُوڙو ڪري قرارُ، ڪَڏِي وِهي ڪِينَڪِي،
سَتِ جاڻي سنسارَ کي، کپي تَئي خُوارُ،
اِستِتِ رهي آڪاس جان، سامي سَنتُ سَچارُ،
اَندَرِ باهَرِ يارُ، پِرتکِ ڏِسي پانهنجو.

(٣٤)

هوندي پل نِربَلَ، سامي ڏِٺا سَنتَ جَنَ،
جَن ماري مَنَ مواسَ کي، جِيتيا پَنجئي دَلَ،
ڌَرتيءَ اَئون آڪاسَ جِي، رکَنِ ساري ڪَلَ،
ڪَڍي سَپِ خَلَلَ، نِيوان چَلَنِ نِيرَ جان.

(٣٥)

سَنتَنِ شُبُ ڪَرَمُ، سمجهي رکيو سِرَ تي،
سيلُ سنتوکُ نِرَوِيرتا، سيوا، دَيا ڌرم،
تَپَ تِيرٿ جَڳ هوم بِرتَ، سامي سِڪَ مرم،
مِيٺي پولُ پرم، کَنِ ڪِرتارٿُ ڪُلَ کي.

(٣٦)

سَنتَ دَيا ڏاري، سارُ لکائن سَبَ کي،
سوڌي لَهي کو سورَمو، وِڌِ سان ويچاري،
پرتک پورَڻُ آتما، ڏسي ڏيئو ٻاري،
ٻانَتَ نِواري، سکي ٿئي سامي چئي.

(٣٧)

سَنتَ چَوَنِ شابَسِ، سامي تنهن سُوريِ کي،
جو ڏيئي کَنڌَ کَلپِتَ کي، اُلَٽي چڙهيو آکاس،
ماٿي دورَ درسَ جا، سَمَ تِي ساسون ساسِ،
ڪارِجَ کَري راسِ، سُمهيو سکپتِ سيجَ تي.

(٣٨)

سدا ٻاغُ سائو، سَنتن ساپرشن جو،
کولي چَوَنِ خَلق کي، خوشيءَ سان کائو،
کنهن سان کَرِن کينَکي، دَرِدَمندَ دائو،
پنهنجو پَرائو، سَمَ جاڻن سامي چئي.

(٣٩)

پَسريو پَسارو، سَيو ڪارَڻِ سَنتَ جي،
ڏِسي کيلُ خوش ٿِئي، ساکيءَ جو سارو،
مِليو جاٽي سَبَ مِ، نِرمَلُ نِيارو،
تيلان پِيارو، پريتَمَ کي پِريمي لَڳي.

(۴۰)

پسريو پسارو، سيو ڪارڻِ سَنتَ جي،
آيو آتَمَ رامَ جو، پڳَتِ رَسُ پارو،
جاڙي پانهنجي جيءَ کون، پريتَمُ پيارو،
ڏنائين سارو، سامي حالُ هَرِجَنَ کي.

(۴۱)

چالي نِرالي، سَنتَنِ جي سَنسارَ کون،
ڪَنهِن جي ڊاهِنِ ڪِينَڪِي، حَضوري حالي،
سامي جاڻن سَڀَ ۾، خاوَند خيالي،
مَحَبتَ سان مالي، شيواڪن شيوَڪَ تي.

(۴۲)

آتِما اَندَرِ، سَنتَ لڪائِنِ سَڀَ کي،
موركَ ڍونڍين مَتِ ري، پيائيءَ سان باهَرِ،
آيو اَنيَئِي سوجهرو، ڪنهن نيهيءَ کي نَظَرِ،
سَدا تَپِرِ تَرِ، سامي رَهي سُپاوَ ۾.

(۴۳)

اَگمَ پَدُ سُکَمُ، سَنتَ لڪائِنِ سَڀَ کي،
سَمُجهي ڪو سامي چَئِي، مَحَبَتي مَرَمُ،
واريو جَنهِن وجودَ ۾، ديواني جان دَمُ،
توڙي ڪَري ڪَمُ، تان پڻ اِستِتِ رَهي آڪاسَ جان.

(۴۴)

عينُ ڏِسِي اَڏِڪارُ، سنت لڪائِنِ سَمَتا،
سامي سِرُ سَنّي ڪَري، پيئي پيالو سارُ،
مورِکَ مَتِ مَرمَ ري، دَرِ دَرِ تِيَنِ خُوارُ،
اَنڌَنِ کي اِتبارُ، ڪَنهن تي اَچي ڪِينَڪِي.

(۴۵)

گِياتِ روپُ گوپالُ، سَنتَ لَڪائِن سَبَ کي،
سَمُجهي ڪو سامي چَئي، رَهِتوانُ رَسال،
جَنهِن کي ڪيو سَتِگُروءَ، نظر سان نهال،
ڪَٽي ڪَلِپَتَ ڪالُ، ماڻي موج مُڪِتِ جي.

(۴۶)

ڪري ناچُ نٽِي، مايا موهي سَبَ کي،
ڇَڏي نَـ پيرَ فَقِيرَ کي، پاپِڻِ پاڙَ پَٽِي،
سَنتَنِ وِڏِسِ سَمُجهي، ڳِچيءَ ۾ ڳَٽِي،
وينا ڪيپَ ڪَٽِي، سُچَ وَسَنوَ جي وِچَ ۾.

(۴۷)

گهٽِ وَڌِ سَبَ گهوري، سَنتَنِ سَنّي سَمَ تون،
ڏِنائون اَنيَـۀ جي، ترِيا مجهہ توري،
سامي جاڻِن سُپرين، پورَنُ پَري اوري،
ڪائِنِ نِتُ پوري، لَڏون پريم اڳَمَ جا.

(۴٨)

پَلِ پَلِ پُڪاري، سَنتَ لڪائِنِ سَمَتا،
سَمُجهي ڪو سامي چَئي، هِردي مَنجهِ ڏاري،
ڪَڍِي سڀ ڪلپنا، تُوهَنِ تجان تاري،
جاڏي نِهاري، تاڏي سَڄَڻُ سامهون.

(۴٩)

پَلِ پَلِ پُڪاري، سَنتَ لڪائِنِ سَمتا،
سَمُجهي ڪو سامي چَئي، هردي مَنجهِ ڏاري،
جاڳِي سَپَ سُپني جِي، نانَتَ نِواري،
چَڙهي چوٻاري، ڏَهَ دِسِ ڏِسي دوسَ کي.

(۵٠)

پرتکُ پانهنجو پاڻُ، وِيو وِسَنِ کون وِسري،
ٻُڍِي ٻَوَ ساگر ۾، ڦولِنِ ڦُرني ساڻُ،
ڪَڍِي تين ڪِينَڪِي، نانَتِ کون نِرٻاڻُ،
مِلِي سَنتُ سُڄاڻُ، تـ سُتهِ ڏِسَنِ سامي چَئي.

(۵١)

سَپَ کي سَڌَ ڪَري، سَنتَ لڪائِنِ سَمَتا،
ٻُڌي ٻِنِ ڪَنَنِ سان، ڪو ورلو ويساهُ ڪَري،
پِيالو پريم اگمَ جو، پِيئي پاڪُ پَـري،
سامي ڏِسي نَـري، پرتک پورَنُ آتما.

(٥٢)

اَلَکَ لَکِيو جَنِ، سي سُکي تِيا سَنسارَ ۾،
پاپُ نَہ پِڙي تن کي، توڙي مَنجهي راڄَ رَهَنِ،
اوهي ٿا ڏيوُ ڏِسَنِ، ڏيهُ نَہ ڏِسي تَنِ کي.

(٥٣)

سامي سَنتُ سُجاڳُ، کوڙن ۾ کو هِکڙو،
مِٿيو جَنهِن جي مَنَ مون، گِرَهَڻُ اَئون تِياڳُ،
کيلي اَنيَئِہ ڦاڳُ، سَدا پانهنجو پاڻ سان.

(٥٤)

سَدا سَنتَ اَچاهُ، چاهُ نَہ رکَنِ چِتَ ۾،
پائي سُکَ سَروپَ جو، تِيا بانيَڻَ بي پَرِواهَ،
تَنِ کون سِکَ سچيءَ سان، وَٺُ شيوکُ تي صَلاحَ،
تَہ اُلَٽِي اَنيَئِہ راهَ، پَرچي ڏِيَني پَدَ جي.

(٥٥)

سَدائي سِيتَلُ، رَهنِ سَنتَ سُياءَ ۾،
تَپَنِ کَپَنِ کِينَکِي، ڏِسي مايا چِلُ،
سامي کائِنِ خوش ٿي، بوڏَ بِرِڇَ جو ڦَلُ،
اَنَئي پَهَرَ اَچَلُ، سامي ڏِسَنِ سَيَ ۾.

(٥٦)

سدائي وَئراگِ، رکَنِ سَنتَ اَندرَ ۾،
صافُ ڪِيائون دِل کي، لاهي دُنيا داگِ،
جاڳي اَوِديا نِندِ مون، سامي ٿِيا سُجاڳِ،
سَهجي کيلَنِ ڦاڳُ، چڙهي ميرَ مَحلَ ۾.

(٥٧)

سَنتَنِ سَپَ سَٽِي، وَڌائي اَوِچارَ جي،
راضي رَهَنِ رضا ۾، پڙهي پِريمَ پَٽِي،
ڪائِنِ خاصِ ڪَٽِي، خَرچِي پورَبَ ديسَ جيْ.

(٥٨)

پُرِجهي پرمارٿُ، سنتَنِ اَرٿُ سِڌِ ڪيو،
ميلُ وِڃائي مَن جِي، سامي ٿيا سمرٿ،
ليپُ نـَ لڳي تَنِ کي، توڙي ڪَٽِنِ اَڪَٿُ،
ٻئي کي ڏيئي هَٿُ، پارِ لنگهائن پاتڻي.

(٥٩)

اَنَ هوندي اَڳيانَ، رَچِي راندِ رَنگَ پري،
سَتِ جاڻي ٻسامي چَئي، نِرتِ ڪَنِ نادانَ،
مُشِڪِنِ ڪُشِڪَنِ ڪِينَڪِي، ڏِسي سَنتَ سجانَ،
رَهَنِ مَنجهِ جَهان، سَدا اَليپُ آڪاسَ جان.

(٦٠)

عجائبَ اوگاھَ، ڏٺا سَنتَ سَروپَ جا،
ساڪان ڏيئي سَچَ جون، تا سامي لائِنِ راھَ،
جوڙي پَنهنجو پاڻ سان، ڪَڍَنِ چنتا چاھَ،
تَنِ جي صِنَتِ سالاھَ، ڪَريان ڪري نہَ سگهان.

(٦١)

اَچرجُ اِلاهي، سنت لکائن سڀ کي،
سَمجهي ڪو سامي، چَئي وِرلي ويساهي،
ڪَٿي جَنهن ڪِرپا سان، ڦُرني جي ڦاهي،
سُتَہ نَہِي نـاهِي، ماڻي دَورَ دَرِسَ جا.

(٦٢)

اَچرج اِلاهي، تَتَ مَتَ سنسارُ سَڀُ،
سامي سَنتَ سچارُ ڏي، اوجل اوگاهي،
مِٽي جَنهِن جي مَنَ مون، بَدي بَدِ راهي،
دَيا دانـاهي، مکِ رکي موجان ڪري.

(٦٣)

شِوَ کون پاروَتي، پُڇي سَنتَن جون خَبران،
سامي تَنِ جو حالُ چَؤ، جَنِ کي رَهَتِ رَتي،
سي پَرِچا رَهَنِ پاڻَ سان، پائي پراڻ پَتي،
ڏُفَ سَنسو ڳِٽي، مِٽي تَنِ جي مَنَ مون.

(٦٤)

ويا سپ وِڪامي، ويرين هَٿِ ويچارَ ري،
رَهَنِ سدائين چاهَ ۾، سَنَمڪُ سَلامي،
ڪوڙنِ مون ڪو هِڪڙو، سَنتُ بَچو سامي،
جَنهِن کي آرامي، پرچِي پرميشور ڪيو.

(٦٥)

سَپَ سان سَنتَ سکِي، ڪَنِ سکاوَتَ سارَ جي،
ڪوڙنِ مون ڪَنهِن هِڪڙي، لَڪائِي لَکِي،
سُکي تِيو سامي چَئي، چيتَنَ رَسُ چکي،
جيئين اَنَلُ پکي، اُلَٽِي چڙهيو آڪاسَ تي.

(٦٦)

سَنتَنِ لِڪايو، گيانُ پَدارٿُ موڙهَ کون،
شيوَڪَ کي سامي چَئي، لَکَ سان لَکايو،
عَدلُ ڪَري اَدِڪارَ تي، سَڀَ کي سَمُجهايو.
سَمُجهي گهرِ آيو، تَنهِن حاضرُ ڏِنو هَٿَ تي.

(٦٧)

آتَمُ سَرُ سُيَر، سنت نَ چڏِن هِڪُ پَلُ،
موتي کائِنِ مُڪِتا، ميٺي ڏِکُ ڏَمَرُ،
پَلِ پَلِ جهولَنِ پريمَ سان، جاٽي پَنهِنجو گهرُ،
سامي اَجَرُ اَمَرُ، پُرکُ ڏِسَنِ پرماتِما.

(٦٨)

جَڏي لَهرِ چڙهي، مَهَدَ پُرکَ جي مَنَ تي،
تَڏي بيکُ ڏَري بيحَدَ جو، نِيوان سَبِ پـرِي،
ڪَڏي ڪوٺَ ڏَري، موتي مُلَه اَپارَ جا.

(٦٩)

هارَ جيتَ هَرِجَنُ، ڳَٽي ڪِينَ اَندر ۾،
ڏِنو جَنهن آڪاس جان، پرميسرُ پورنُ،
پيئي پِيئاري پريم رَسُ، مينٺي سَبُ مَنَن،
سامي تَنُ مَنُ ڏَنُ، صَدقي ڪَيائين سُکَ تون.

(٧٠)

هَرِجَنُ هنيلو، اَچي مليو اوچِتي،
ڪيو تنهن ڪِرپا سان، رَنگَ ۾ رنگيلو،
سُکي ٿِيو سامي چَئي، ڪُٽنَبُ قبيلو،
وِچَ ۾ وسيلو، رهيو ڪونَ ڪَلپَ جو.

(٧١)

جيڪو يڳتِ* ڪَري، سَنتَنِ ساپُرسَنِ جي،
سامي شرڌا پريتِ سان، تَنُ مَنُ ڀيٺَ ڌَري،
جانِ وِچائي پانهنجي، اَنيَهِ اَجرُ جَري،
سَهِجي سِندُ تَري، اَوِديا جي اَهنڪارَ جي.

(٧٢)

پـڱت جو ڳُ ڪَرَمُ، ڪوهُ ڇوَنِ تا سَنتَ جَنَ،
جُڳتنِ سان جوڙي ڪري، مَن کي ڏئَنِ مَرمُ،
ڪَڍي پول پَرَمُ، سامي چاڙهن سِيرَ تي.

(٧٣)

سَنتَ سَرَنِ آيو، سامي گهرَ گهمي ڪري،
تَنهن ڏِسي پِياسَ اَندرَ جي، ڳَلِ ڳچيءَ لايو،
ڪِيائِين ڪِرپا سان، ڪَري سَمَ سيتَلُ سعيو،
سَهجي سَمايو، وَيحي سِيندو سِندُ ۾.

(٧٤)

سَنتُ مِليو ثالِثُ، اَنيَئِ سُور اُدَءِ تيو،
رَهيو نـَ رَتيءَ جيترو، اَنڌيرو آلِسُ،
لَڌو نورَ مَحَلَ مون، خَزانو خالِصُ،
وِيحي تيو والِثُ، سامي پانهنجي گهرَ ۾.

(٧٥)

ڏٺا سَبِ ڏُکي، سانتِ وَرائِي جڳَ ۾،
گِياني ڏِياني گِرستي، مايا پاتَر مُکي،
ڪَنهِن کي ڇَڏي ڪِينَڪِي، ڇِنتا چاهَ ٻُکي،
تِئَڙا سَنتَ سُکي، سَنسي ري سامي چئَي.

(٧٦)

دُئيت منجهه اَدئيت، سنتُ لکائي سڀ کي،
ڪوڙِن ۾ ڪو هِڪڙو، تنهن سِڪ سچيت،
جاڳي اَنيڪ ڪيت، سامي مانڪَ ڏيهه کي.

(٧٧)

سامي ڪِينَ گَهُنجي، سِڪَ سَجَنِ جي مَنَ مون،
سِلَ اَلوڻي، سَمَ جي، ڏِني جَنِ چَٽي،
ڪَلپِتَ سَڀَ ڪَٽي، پرچا رَهَن پريَنِ سان.

(٧٨)

سامي ساپرسُ، وَرتي ويدَ وِيچارَ سان،
ديَا ڌاري دِل ۾، سَڀَ جو ميٽي ڏُکُ،
پِيئي پِيئاري پِريمَ رَسُ، ماڻي سَمَتا سُکُ،
سدائين سَنَمکُ، رَهي شُڌ سروپَ ۾.

(٨٩)

سَمُجهي جَنهِين سَينَ، سامي ساپُرسَنِ جي،
ڏِنا ديهِ اَيمان ري، نِنڙي تَنهِين نَئنَ،
بولي واڪَ بيحد جا، اَنيَئي عَينَ،
بِنان چاهه چَئنَ، رَهي سَدائي سَمَ تي.

(٨٠)

جَنهن کي لَتَ لڳي، سچي ساڌ سَنگَتِ جي،
سَهَجي تنهن جي مَنَ مون، سامي پِرانت پئي،
ڏنائين اکِنِ سان، اَنيڪ جوتِ جڳي،
ڪَري ڪينَ نڳي، ڪَنهن سان ڪتَرَ جيتري.

(٨١)

هَرِ جَنَ هَرِ ڏاتِي، ڪيلَنِ سَبُ خِيال ۾،
رهن اَليپُ ڪَنوَل جان، سامي سَجاتي،
ٻُڌي ڳالهِ تَنِين جِي، سيتَلُ ٿي ڇاتي،
جهاتي تَتِ پاتي، جَتِ چَوَنَ وارو ناهِ ڪو.

(٨٢)

هَرِجَنَ ڪيلَنِ ڦاڳُ، سدا مِلي هَرِ سان،
لائي رَنگُ رَهَت جو، ڳائِنِ اَنَهَدَ راڳُ،
ڌوئي ڏُنيا داڳُ، سامي پيئِنِ رامَ رَسُ.

(٨٣)

هَرَجَنَ ڪَڍي هَٽُ، وينا سَودي سارَ جو،
سَمَ رکيائون ساهِمي، تُلِ رکيائون وَٽُ،
وينو جو ويساهه سان، گهونگهٽُ کولي گهٽُ،
پرميشر پرگهٽُ، سُتَهِ ڏِسي سامي چئي.

(٨٤)

سامي سَنتَ چوَنِ، نامَ روپُ سَڀَ آتما،
پانهنجي اَکئين پارَ کي، جاڳي ڏٺو جَنِ،
ويسُ مَٿائِن ڪينَڪِي، نَڪي ڏکَ سَهَنِ،
مَنجهي راڄَ رَهَنِ، ڪيول ڪَنولَ جان سدا.

(٨٥)

لوڙي لَڌو جَن، پَڪو پير پِرِيَنِ جو،
اَندَرِ باهَرِ آتما، سامي سَمُجهو تَنِ،
ڦُرني مَنجهه اَڦُرَ تِي، ساکي سَمَ ڏِسَن،
لَهَرون لکَ اُٿَنِ، جيئين سَياوَڪَ ساگَرَ ۾.

(٨٦)

ڳالهيون ڳالهين جهڙيون، اوءَ اَتِ خُماري،
جيئين ڪَپڙو سپ ڪَپاهه جو، ڪو ڪو هَجاري،
وِرِلو وِيچارِي، سامي سَمُجهي سارَ کي.

(٨٧)

سَدائي پَرسَنُ، هَرِجَنُ پانهِنجي حالَ ۾،
اِستَتِ تيا اَگمَ ۾، پائي رامَ رَتَنُ،
سارُ ڏِنائون سَڀَ ۾، عَجائبُ اَنَنُ،
سامي تَنِ جو مَنُ، اَچَلُ چَلي ڪِينَڪِي.

(٨٨)

کيڏي وَڏائي، ڳَٽيان ساپُرسَنِ جي،
سَمَرَ دَرَسي سيتَلُ سَدا، سَڀَ جا سکَ دائي،
مَمَتا مَيلُ اَندَرَ ۾، رکَنِ نَـ رائي،
سامي سَدائي، کَنِ اُپکار اَچاهُ تـي.

(٨٩)

جاڳئي بِنان جڳَتُ، پُلي کِين پَرَمَ جو،
اِئين چَوَنِ تا اَنيَئِي، کري سنت سَپَتُ،
مِتِيو جن جي من مون، سامي سَڀُ مَمَتُ،
سدائي اَپِرَتُ، رَهَنِ نِتُ آکاسَ جان.

(٩٠)

گُڏِي،گُلامُ کري، مايا سَڀَ سنسار کي،
هَٽِي کَلِپَتَ کَرِڙا، کنهن کون کِينَ تَري،
سَنتن کون سامي چَئي، رهي کوهَ پَري،
جوتِ اَکَندُ ٻَري، سَدا جَنِ جي گهر ۾.

(٩١)

جئين پيڙيءَ جو پورُ، تئين سَنگُ سَنسارَ جو،
ساکَ ڏِئي سوڏِي سَچِي، سَنتُ سُجاڳو سُورُ،
سامي ڏِنو جنهن سپرين، حاضران حَضورُ،
جِيئين نَئَنَ ۾ نورُ، پَلَکَ پَراهون نَـ ٿئي.

(٩٢)

جيئين رُپي کي رَنڌُ، پيو سونارو سِڏِ ڪَري،
تيئين سَنگُ ساڏوءَ جو، ڪَڍي غيرَتَ گَنڌُ،
سَمُجهي ڪو سامي چَئي، توري طالع منڌُ،
بيحد نظر بُلَندُ، ڪَري مِلي ڪَرِتارَ سان.

# سامي لغات

(سلوڪن ۾ ڪم آندل ڏکين لفظن جي سمجهاڻي)

# سامي لغات

## ۾ پڃيءَ جو سڌاءُ

ا ب ٻ ڀ ت ٿ

ٽ ٺ ث پ ج

ڄ جھ ڃ چ ڇ ح خ

د ڌ ڏ ڊ ذ ر ڙ ز

س ش ص ض ط ظ ع غ

ف ڦ ق ڪ ک گ ڳ گھ ڱ

ل م ن ڻ و ھ

ء ي

## آ

آيا: جهلڪ، چمڪ، روشني، سندرتا.

آتارَڻُ: پار اڪارڻ، لنگهائڻ، ڏتارڻ، ريجهائڻ.

آتَرُ: پردو، ڍڪ

آتُرُ: بي صبر، ڏڪويل، گهبرايل، حيران.

آتَمُ: روح، آتما.

آتَمُ پَدُ: آتما جي گيان جو درجو، پاڻ سڃاڻڻ جو درجو، روحاني درجو، منزل، عرفان.

آتَمَ ڌَنُ: آتما جو ڌن، روحاني ڌن.

آتَمَ رَتُ: آتما ۾ رڌل، جنهن کي گيان حاصل ٿيو هجي.

آتَمَ سَرُ: آتما جو تلاءُ.

آتَمَ گيانُ: روحاني علم، پاڻ سڃاڻڻ جو علم.

آتَمَ وَتُ: آتما جهڙو.

آتڻُ: آيتَ ڪتڻ جي جاءِ، عورتن جي ڪتڻ جي جاءِ.

آچارَجُ: استاد، معلم (مذهبي ڳا
جو)، اپديش ڪرڻ وا

آچمان: پاڻيءَ جي لَپَ، چُرون، ڳر

آچَمَنَ: ڏسو "آچمان".

آد: آدِي، بنيادي، پهري
اصل، منڍ.

آد: مَنَ جي پيڙا، درد، د

آدِجُگادَ: زماني ڪان، جُڳن ڪ
اوائل ڪان.

آدَرُ: عزت، مانَ.

آدسَڪَتَ: اصلي شڪتي.

آدڪَ: وغيره.

آدِي: ڏسو "آدِ".

آديسُ: سناسن جو سلام،
نمسڪار.

آرائي: آرائين، باغائي، مالهي

آرجا: عمر، ڄمار، حياتي.

آرسِي: آئينو، دَرسني.

آڙاهُ: اونهي ڪَڌ، ڪُن، ا
پاڻي، اوڙاهَه.

آس: اميد، آسرو، پروسو.

بوراني: ٻاڳل، چريو. ڏسو "بانورو".
بُوند: مينهن جي ڦُٽي، ڦڙي، ڪٽي.
ٻُهَ: ڪٽڪ جو ٻاهيل سڪل گاهه.
ٻهَرُ: وسندڙ، ڦلندڙ ڦوليندڙ.
بي آرٿو: بي مطلب.
بي باڪ: بي خوف، بي ڊپو.
بِيتي: گذريل وقت.
بيحَد: بي انت، بي شمار، لاانتها.
بيڌَنُ: زخم ڪرڻ، وڍڻ، ڏکوئڻ.
بيراڳي: ويراڳي، سنياسي.
بيرَنگي: رنگ روپ کان سواءِ، لاثاني.
بيکَ: بکيا، پن، خيرات.
بَيکُ: ويس، پوشاڪ.
بيگَ: تيزي، تک.
بيگرجُ: بي غرضي، بي مطلب، بي طمع.
بيگمَ: پنهنجي چاڻ کان سواءِ.
بيگم پُور: اهو مڪان جنهن جي چاڻ (اندرين يا حواسن رستي) نہ پوي.
بِين: ساز جو هڪ قسم.

## ٻ

ٻاجهون: کان سواءِ.
ٻارِ: راهه، اَن جو ڍڳ، لئيل فصل.
ٻارِ: اونهو پاڻي (سمنڊ يا درياءَ جو).
ٻارُ: ننڍو ڇوڪرو، اَبهم.
ٻارَڪ: ٻارَ، ٻالڪ، شش، چيلو.
ٻاري: دَري، جاءِ، گهر، ٻن ٻارين جي وچ ۾ = ننڊ ۽ سپني، جي ٻنهي حالتن جي وچ ۾ يعني ٻنان غير.
ٻالا: ٻار، ننڍو ڇوڪرو
ٻال جتي = ٻاراڻي وهي.
ٻانيَڻُ: برهمڻ، هندن جي چئن ذاتين مان اُتم ذات، ڏسو "برهمڻ".
ٻاڻَ: سمجهه، تيت، ٻاڙ، لوڙ پياس.
ٻاڻِ: ٻاڻي، ڳالهه، ٻولي.
ٻاڻُ: تير.
ٻاڻُ / ٻاڻو: ويس، لباس، پوشاڪ.
ٻاوَن: ٻاڻي، اکر، ٻولي.
ٻاون ٻاهري = ٻوليءَ يا اکر کان ٻاهر.
ٻَٽُ: ٻَڙ جو وڻ.
ٻُجهائڻُ: وسائڻ.
ٻَجهڻُ: ٻڌجڻ، قابو ڪرڻ.
ٻُجهڻُ: سڃاڻڻ، پروڙڻ.
ٻُڌِ: ٻڌي، سمجهه، عقل.
ٻُڌوانُ: سمجهدار، عقلمند.

چڪر (جو پيشانيءَ مٿان
آهي) ڏسو "تربيٽي".
ترڪڙي: ساهمي، تارازي.
تَرڪو: سامان.
تَرنگَ: لهر، چولي، اُمنگ.
تَرنگُ: گهوڙو.
ترڻُ: ڪَکَ، گاهه جو تيلو.
تَروبٽي: ڏسو. "تربيٽي".
تُرهو: اها شيءِ (ڪکن، ڪانن،
ڪاٺين وغيره جي ٿهيل) جنهن
تي ترجي، وسيلو، آڌار.
تُري: ڏسو. "تُريا".
تُريا: چوٿين منزل، جتي پهچڻ
سان (هندن جي عقيدي
موجب) خدا سان ملي
سگهجي ٿو.
چار منزلون: جگرت، سوپَنَ،
سَشپتَ، تُريا.
تَڙُ: گهيڙو، گهاٽ.
تَسلو: تسلا، دلجاءِ.
تَقديرَ: مقدر، لکيو، قسمت، نصيب.
وري وري چوڻ جي حالت،
پڪ، بي شڪ.
تَڪيو: وهاڻو، آڌار، آسرو، آستان،
جاءِ.
تُلُ: برابر، مَٽَ، جوڙ.
تَلافي: عيوض، بدلو، پورائي.

تلڪُ: ٽڪو، نشان.
تَمُرُ: اونده.
تَنبورو: وڄائڻ جو هڪ ساز.
تَٽي: چڪي، ويڙهي، ڏسو "تاٽي"
توڏي: راڳڻيءَ جو نالو، تُوڏ
ڳائڻ = خوشي ڪرڻ.
تُورُ: ريت، نمونو، طرح.
توشا: قيمتي سامان.
تَوڪَلَ: خدا تي ڀروسو رکڻ.
تولَ: تورَ، وزن.
تياڳُ: دنيوي شين کي ڇڏڻ.
تياڳي: تارڪ، ويراڳي، ڏسو "تياڳ
تيبرُ / تيبَرُ: تکو، تيز.
تيجُ: چمڪ، روشني، تيزي.
تيرُ: ڪنارو.
تيرَٿُ: پوتر جڳهه، ياترا جي جا
تيکڻُ: تيزي.

## ٿ

ٿانءُ / ٿاءُ: آرام جي جاءِ.
ٿرُ: اسٿر، قائم، محڪم.
ٿرتا: اسٿرتا، بيهڪ، محڪمتا
ٿرداس: آرسي، سست.
ٿَنبُ: ٿنيو، جهلو، ٽيڪ.
ٿوڪَ: چيز، شيءِ، وَستو.

ٺُوهَرُ: ڪنڊن واري ٻوٽي جو قسم، زقوم.

ٽ

ٽالو: ٽارو، پاسو، گساءُ، ترٽي.
ٽَنُو: ننڍي قد وارو گهوڙو.
ٽُرَڻُ: هلڻ.
ٽُڪَ: ٿورو.
ٽُڪَدَمُ: ٿورو وقت.
ٽڪَرَ: شام، سانجهيءَ جو وقت.
ٽڪِڙي: ٽارازي، ساهمي. ڏسو "ترڪڙي".
ٽور: چال.
ٽولُ: چيز، شيءِ سنگت.
ٽوئي ۾: ڪڏ ۾.
ٽوبو: ڪَڏ.
ٽي تاپَ: آڌ، وياڌ، اپاڌ يعني سرير جا دک: شينهن، نانگن بلائن جا دک ۽ جِنَ ڀوتن جا دک. ڏسو "تاپ".
ٽيڏو: ڏنگو، ونگو.
ٽيڪَ: آڌار، سهارو.
ٽيڪڻُ: ڏرڻ، رڪڻ.
ٽي لوڪَ: ٽي جهانَ يا عالم: سرگ (بهشت). پرٿوي (ڌرتي، زمين)، پاتال (دوزخ).
ٽي ڏيو: برهما، وشنو، مهيش.
ٽيو: نشان، عادت.
ٽيئَرُ تَپُ: ۾ ڏينهن ڇڏي ٽئين ڏينهن ايندڙ بخار، تيڙتپ، ٻرو، مصيبت.

ٺ

ٺاٺُ: دٻدٻو، ڀيڪو، مانداڻ، اجايون سڪٽيون ڳالهيون.
ٺاڪُرُ: ديوتا، سامي، عزت جو لقب (هندن ۾).
ٺَٺُ: پاهريون ڏيک. ڏسو "ٺاٺ".
ٺَپُ: زخم.
ٺِڪَرُ: مٽيءَ جي پڪل ٿانءَ جو ڀِڳل ٺڪر، آدنا چيز، خسيس شيءِ.
ٺَگُ: دغاباز.
ٺگِوري: ٺگي، فريب، دغابازي.

پ

پاٻِربُون: ڪنول جون ڏوڏيون.
پاتالُ: زمين ۾ هيٺاهون ملڪ، ترو، دوزخ.
پاتشاهُ: حاڪم، بادشاهه.
پارُ: هن طرف.

پَٽُ: رستو، مارگ.
پٽَرُ: پهڻَ، پاهڻَ.
پَٽُ: پردو، ڪپڙو، روپ.
پَٽَ چيرُ: ريشمي ڪپڙو.
پٽَلُ: پردو.
پٽو: اوني ڪپڙي جو قسم.
پٽِي: ڦرهي.
پُنا: پٺيءَ طرف، پوئتي، پويان.
پنَڻُ: موڪلڻ، روانو ڪرڻ.
پَپوٽو: ڦوٽو، بوڙيو، حَباب.
پَپيهَہ: پاپيهو. ڏسو "چاترڪ".
پُجُ: پِنَ، ڌرم، ثواب جو ڪم.
پَچارُ: پچَر، تات، يادگري، ڳالهہ ٻولهہ، ذڪر.
پَچائڻُ: سڃاڻڻ، سهي ڪرڻ.
پچاڻُو: سڃاڻيندڙ، پارکو. ڏسو "پچائڻ".
پَچائون: پاڇائون، پاڇولو، پاڇو، ڇانءَ، سايو، اولڙو.
پَڇِمُ: اولهہ. هڪ صوفيانہ منزل جو نالو. ضد "پورب".
پڇو: پيڇو، پُٺ، پويون پاڳو. ضد "اڳ" يا "اڳو".
پَدُ: درجو، منزل، مرتبو، مانَ.
پَدُ تري: تر يا پک جنهن جيوَ ۽ برهم جو سنڌو نہ رهي.
پدارَٿ: چيز، وستو.
پَد اَسگاهُ: برهم پد. ڏسو "پد" ۽ "اسگاهہ".
پَد نِراس: اهو درجو جنهن ۾ ڪابہ آسَ نہ هجي.
پَذَرُ: پڌرو، ظاهر.
پِرُ: پرين، محبوب.
پُراتَنُ: پراڻي زماني جو، پراڻو، پراچين، آدي، اصل جو، آڳاٽو.
پراپَت: حاصلات، لاڀ، فائدو.
پَرَاُپَڪَارَ: ٻين جو ڀلو. ڏسو "اپڪار".
پرارَبد: نصيب، قسمت، ڀاڳ.
پرانُ: ساهہ، پساهہ، حياتي.
پِرانَ پَتي: ايشور، ساهہ جو مالڪ، خاوند، مڙس.
پِراني: ساهوارو، جيو.
پُران: قديم، پراچين.
پُراڻَ: هندن جا ڌرمي پستڪ جيڪي وياس گڏ ڪيا (ڪل ارڙهن آهن. ڏسو "آٺارَهن".)
پَربَتُ: پهاڙ، جبل.
پَربِينَ: هوشيار، چتر، پڪو، ڪامل، قابل، سياڻو.
پَربَلُ: طاقتور، سياڻپ.
پَربوڌَ: سمجهہ، سياڻپ.
پرِڀات: سوير صبح، اَسُر.
پَرڀاءُ: طاقت، اثر.
پرڀو: مالڪ.

قسم (جو ٻاهر جي روشنيءَ
تي ڦرندو آهي ۽ آخر ۾ ان
۾ وجي پوندو آهي.)
پَرواڻُ: ڏسو "پروان".
پَرواهَہ: وهَڪ، وهَڪرو.
پَرورتا: اصليت ڇڏي ٻيو روپ
وٺڻ، وهنوار.
پَروَسُ: لاچار، مجبور.
پِرولِي: ڳجهارت جو قسم، مام.
پَرويسُ: واسو، داخل.
پَرَهيجَ: پاسو، ڪنارو، تارو.
پِريتَ: جِنَ، ڀُوتَ.
پِريتَمُ: سڀ ڪان پيارو. ڏسو "اتم".
پريمُ نَگرُ: محبت جو گهر.
پَرِي: حسين عورت، اپسرا، اَپڇرا.
پِريمِي: عاشق، پريم وارو.
پَڙُ: ڍَڪَ.
پَڙو / پَڙهو: منادي، ڍنڍورو، اعلان
جو دهل تي ڪيل هجي،
وڏي واڪي ڳالهائڻ.
پَسارو: وِستار، بيان، اَپٽار،
ڊيگهه، نظارو، جنسار.
پَساڄُ: ڀُوتَ.
پُستَڪِي: مذهبي يا ڌرمي ڪتاب
جو ڇاپو.
پَسرَڻُ: پکڙڻ، ڦهلڻ.
پَسريو: جيڪو هرهنڌ پسريل يا
سمايل هجي يعني ڏٺي
ڏسو "پسرڻ".
پَسَڻُ: ڏسڻ، پالڻ.
پَسُون: چوپايو مال، جانور.
پَشاچُ: ڏسو "پساچ".
پُڪري: آواز، سَڏ، رڙ.
پَڳُ: پير.
پَڪُ: پاسو، طرف.
پَڪانُ: پکي.
پَلُ: پلڪ، گهڙي، لحظو، ڪَنَ.
پَلالُ: سارين جو سڪل گاهه.
پَلالِي: پَلالَ ڪٽيندڙ، مڪار،
ٺڳ، ڪوڙو. ڏسو "پلالَ".
پَلتارِجَڻُ: ڏنڊازجڻ، وڏيءَ آزمائش
هيٺ اچڻ.
پَلپَلُ: هر گهڙي، ذري ذري،
هرهر. ڏسو "پَل".
پَلڪَ: پَل، ڪن، لحظو، اک ڇنڀ
پلڪن جي پردي ۾ = اکين جي
ڇپرن ۾.
پُلڪَڻُ: گدگد ٿيڻ، خوش ٿيڻ.
پَلءُ / پَلوُ: پلاند، پاند، دامن.
پَلنگُ: ڇپرڪٽ، سيج. ڏسو
"پالڪي".
پَليدُ: ناپاڪ، اَپوتر، مٿي ميرو.
پَنِ: وڻ جو پن - پتو.
پُنُ: شُڀُ ڪَرمَ، ڏسو "پُڄ".

جڳ مڳ: چمڪندڙ.
جُڳادِ: اوائل اصل جڳن ڪان. ڏسو "آد".
جَڳتُ: ڏسو "جڳ".
جُڳتِ: ريت، نمونو، ڍنگ، حڪمت، تدبير.
جُڳتي: جڳت وارو، پرهيزگار، ڏسو "جڳت".
جَڳديشُ: جهان جو مالڪ، ايشور، ڌڻي.
جَڳمڳ: ڏسو "جڳمڳاتِ".
جِگياسي: ايشور جي ڪانڪي، ڌڻيءَ جو ڳولائو، طالب المولي.
جَلُ: پاڻي.
جُلاهو: ڪوري (ذات)، اشارو "ڪبير ڀڳت" ڏي.
جَمُ: ڪالُ، موت.
جم گڻ: لشڪر.
جَمراءِ: دوزخ (نرڳ) جو راجا.
جَنُ: ماڻهو، آدمي، مرد.
جَنَنِ: مهاتمائن.
جَنتا: ماڻهو، انبوهہ، ميڙ.
جَنترُ: جادو، منتر.
جَنترو: منتر. ڏسو "جنتر".
جَنتري: واڄو.
جَنجالُ: جنجل، ڏقيڙو، ڏوجهرو، تڪليف.

جَنَڪ: ماڻهوءَ جو نالو، مٿيالا جو راجا (سيتا جو پيءُ).
جَنمَڻُ: ڄمڻ، جنم، پيدائش.
جوت: روشني، چمڪ، پرڪاش.
جوتشي: نجومي. ڏسو "جوت".
جُوٽ: ڪوڙ.
جورُ: زور، زبردستي.
جوهيا: شڪست کاڌائون، زخميا.
جوڳُ: ڌيان، ميل ميلاپ، لائق، زهد، تپسيا.
جوڳي: ڌياني، تپسي، سناسي فقيرن جو قسم.
جوڳيسرُ: وڏو جوڳي، ڪامل درويش، زاهد، تپسي.
جولاهو: ڏسو "جُلاهو".
جُونِ: پيدا ٿيڻ جي جاءِ، پُنر جنم، تناسخ.
جَوهَرُ: اصل. ضد "عَرض".
جُوهَڻُ: تڪڻ، شڪست ڏيڻ.
جُوءِ: مڪان، هنڌ، ماڳ.
جَهاجُ: جهازَ.
جُهدُ: ڪوشش، سعيو.
جَئڪارُ: سوڀ، فتح.
جَيتَ: سوڀ. ضد "هار".
جِيوُ: آتما، ساهوارو.
جيءَ جنت = ساهوارا (رهندڙ).
جيوَنُ: زندگي، حياتي.

## ج

جارُ: وڏي چاري، ڦندو، ڦاهي.

## جه

جهارِ: پکين جو ولر جيکو پکل پوک کائي.
جُجُهہ: هک روپ.
جَهرُوکو: ڪڙڪي، دري، ٻاري، محلات، جاءِ.
جُهرَٽ: ڳرٽ، دکي ٽينٽ.
جهڪو: هيٺ، گهٽ، اداس.
جَهڳو: جهوپڙي، گهر، مڪان.
جُهلَٽ: لڏٽ، لهرٽ.
جَهلَڪَ: چمڪ، روشني.
جهلمل: جهرمر، چمڪ، چهچٽو.
جَهنڪلو: راڳڻيءَ جو هڪ قسم.
جَهنجهو: راڳڻيءَ جو هڪ قسم.
جُهولو: هندورو، پينگهو، پينگهه.
جُهومَرَٽ: ڪنڌ ڌوڻٽ.
جهونجهٽ: لڙٽ، وڙهڻ.
جهونجهارُ: جوڌو، پهلوان.
جِهيٽو: آهستو (آواز).

## چ

چاترڪُ: پپيهو پکي.
چاتَان: چوٽون، ضربون، تڪليفون.
چارِ: چار ويد. ڏسو "ويد".
چارِ: چار پهر ڏينهن جا ۽ چار پَهَر رات جا.
چارا: ڪوششون.
چاڪُ: خوش.
چاڪ: زخم، ڦٽَ.
چاهُ: مَن، اندرَ، دل.
چاهِنِ: سمجهن.
چَچُرُ: سياڻو، ٻڌوان، چالاڪ.
چُٽي: چوڙَ، در ڦرڻ واري جاءِ.
چَٽَ: حيرت پريو ڏيکاءُ، آڪاس.
چَٽَڪَ: چمڪ، چمڪاٽ، تجلو.
چٽڪي: چمڪو.
چُٽَٽ: نشانو هڻڻ، نشان تي پورو هڻڻ.
چِنو: اعمال نامون، پوتا ميلي ڪاغذ، ڪاغذ.
چَپَلَ: چنچل، چالاڪ.
چَپو: پيڙيءَ جو ڳن، هتيو - اولو.
چِدَ آڪاسُ: چيتن پرماتما جيڪو خالي جاءِ وانگر هر هنڌ آهي ۽ سڀ کان الڳ آهي، شُڌ برهم.

دَرويشُ: پهتل شخص.
دَستيِ: هتون هٿ.
دَسوودَرَ: ڏهون دَرَ (جو تارَونءَ وٽ آهي)
ڏهه در: ٻه اکيون، ٻه ناسون، ٻه ڪن، هڪ وات، گديا، اِندري ۽ ڏهون در آهي تارونءَ وٽ.
دِقَتَ: تڪليف، ڏکيائي، مشڪلات.
دُڪو: آني جي چوٿين پتيءَ جو وزن، تمام ٿورڙو.
دُڪدائي: ڏک ڏيندڙ.
دگڌُ: ڀسم، رک، خاڪ.
دَلُ: لشڪر، فوج، پنج دَلَ: ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهه ۽ اهنڪار.
دَلالُ: ٽياڪڙ، ثالث.
دلبَرُ: محبوب، سهڻو.
دَلَڻُ: مارڻ، دسڻ.
دَليلُ: ثبوت، ثابتي، ويچار، خيال، وهم، گمان.
دَمَ: ساهه، حياتي.
دَمُ: اندرين (حواسن) جو روڪڻ، پنهنجي جذبي کي ضابطي ۾ رکڻ.
دماڪُ: مغز، سمجهه، عقل.
دَنبُ:
دَنبُ: } پاکنڊ، ٺڳي، پيڪو.

دُوادَسُ: ڏهه ڏسائون، چوڏاري، چؤگرد.
دُوارُ: دَرَ، دروازو، هنڌ، جاءِ.
دُوارِڪا: هندن جي پاڪ شهر جو نالو (جو هندستان ۾ آهي.)
دُوتُ: قاصد.
دَورُ: حالت، موج.
دوسُ: دوست، سڄڻ، يار.
دوساتو: دوستاڻو، دوست جو، دوستي، سنگت.
دوکُ: دوش، ڏوهه، الزام.
دَوَلُ: نرمل، صاف.
دُويشَنَ: دويک، دشمني، وير.
دُويکَ: ڏسو "دويش".
دُوهائي: ڊوهي، قسم، سَنهَن.
دَهَ دسَ: ڏسو "دوادس".
دَهَ دِسا: ڏهه طرف، چارمکيه طرف: اتر، ڏکڻ، اوڀر، اولهه اتر اوڀر، ڏکڻ اوڀر، ڏکڻ اولهه، اتر اولهه.
ڏسو "دهه دس".
دَهَسيِ: سک.
دَهَڻُ: دسڻ، مارڻ، ساڙڻ، دُکي ڪرڻ.
دُئارو: مڙهي، ٽڪاڻو، گردوارو ڏسو "دوارو".
دُئيتُ: ٻيائي، دوئي.

ڏيرج: ڏسو "ڏير".
ڏيرڳ: وڏو.

ڏ

ڏاٽ: هوڙ.
ڏاجو: ڏاج.
ڏانور: ڪوريئڙو، ڏاور، عنڪبوت.
ڏائڻ: يوپي، جادوگرڻ، ہانپ.
ڏرڻ: ڊڄڻ، يؤ ڪرڻ.
ڏڪ: سڳن ساٺ.
ڏمر: ڪاوڙ، غصو، ناراضگي.
ڏنپ: پيڪو، پاڪنڊ، ڊونگ، ڏيکاءُ، وڏائي، مغروري. ڏسو. "دنپ".
ڏنڊ: جرمانو، سزا.
ڏنڊري: وڏن ڏندن واري، خوفناڪ، ڀيانڪ.
ڏنڊوت: آداب، سلام، نمسڪار.
ڏوتي: طاقت واري، مست.
ڏوروڻ: پري ڪان.
ڏهاڙو: ڏيهاڙو، روزانو.
ڏوهاڳ: بدقسمتي. ضد "سهاڳ".
ڏهڻ: مارڻ. ڏسو "ڏهڻ".
ڏهي: جهڻ ولوڙيل ڏؤنرو گهاتي لسي.
ڏيل: بدن، جسم، ديهہ.
ڏيوالو: ڪنل.
ڏيوالي: ڏياري.
ڏيورو: ڏسو "ديورو".
ڏيئو: چراغ.
ڏيهہ: ڏسو "ديهہ".
ڏيهہ: وطن، ملڪ. ڏسو "ديس".

ڊ

ڊاوان ڊول: درهم برهم، الٽ پلٽ، بگاڙيل، برباد، ناس.
ڊاءُ: ڊپ، يؤ.
ڊپ: اکين جو دارو، اکين جي دوا.
ڊوهہ: ٺڳي، فريب، دغا.
ڊوهي: ڏسو "دهائي".

ڍ

ڍپ: ڍونگ، ڍول، ريت، نمونو، هنر، لڇڻ، رسو، ڦاهي، ڦاسي.
ڍٽي: ترنناڪ، چالاڪ، چورٽي.
ڍڍو ڍاهر: اجايون شيون.
ڍڍي جا: بي ڍنگا ڍيک ويک وارا.
ڍڪ: ڍڳي يا مينهن جي رنب.
ڍڪڻ: پهچڻ، رسڻ، منزل ڪرڻ.
ڍڪو: منزل تي پهتو.
ڍلو: ڍرو، سست، غافل.

رَٽِڻُ: بار بار چوڻ، دهرائڻ، سمرڻ، پولڻ.

رَجَ: متي، ڌوڙ، خاڪ.

رَجا: رضا، ڀاڻو، مرضي، ارادو.

رُجاتَ: لاڙو.

رَجَڻُ: ڍاپڻ، ڍؤ ڪرڻ.

رُڄهه: رُڌل رهه، مشغول رهه.

رَچنا: جوڙجڪ، قدرت.

رَڇُ: ٿانءُ، چارو، رسي.

رِدو: هردو، هنيون، دل.

رِڏ: ڏنَ، دولت.

رَسَ: سَتَ، سارَ، مزو، لطف.

رس ڪس: خوشي ۽ ڏک، فائدو نقصان.

رِسالُ: رس ڀريو، مٺو، سُندر.

رَس بِينَ: وڄائڻ جو هڪ ساز.

رَسِڪَ: رسيلي.

رِشي: مُني، تپسيا ڪندڙ، بزرگ.

رَفِيق: ساٿي، سنگتي، مددگار.

رِڪ: رِشي. ڏسو "رشي".

رُڪُ: رُخ، مُنهن، طرف، پاسو.

رِڪَپُ: هڪ رشيءَ جو نالو.

رُکي: رکي، رکو، فقط، نلو.

رَلو: رولو، بڳاڙو، مونجهارو.

رِلي: رِلهي، اِڳڙين مان ٺهيل اوڇڻ.

رِلِي: ملي.

رَمتا: رمندڙ، هلندڙ، هر جاءِ حاضر.

رِم جِهمِ: برسات جي بوندن جو آواز، ڦڙ ڦڙ، ٽم ٽم (مينهن جي)، خوشي.

رِندُ: مست، بي پرواهه.

رَنَدُ: ويو، نشان، ايذاءُ، تڪليف، زخم، گهاءُ.

رَنگ مَحلَ: عيش منزل، اها جاءِ جنهن ۾ بادشاهه ۽ امير عيش ڪن.

رَنگِيلو: خوش مزاج، خوش طبع، عياش، پريمي، آنندي.

رڻ جهڻ: آهستي آهستي چرپر.

رَوالَ: ذرڙو، ڌوڙ، خاڪ.

رُوبَرو: مُنهان مُنهن، سامهون، مُنهن سامهون.

رُوپُ: صورت، شڪل.

رَوداسُ: هڪ مشهور ساڌوءَ جو نالو.

روزينو: ڏهاڙيءَ جي خوراڪ.

روسَ راڙو: دانهن ڪُوڪَ.

روڳُ: بيماري. ڏسو "اروڳ".

رُومُ: لوم، وارَ.

رُؤ: وهڪرو، وهڪ.

روما سَر: هڪ رشيءَ يا ساڌَ جو نالو.

رَهَت: رهٽي، سوڏي چال، سواءِ، بغير.

رَهتوانُ: رهٽيءَ وارو. ڏسو "رهت".

رَهَسُ: خوش، آنند، سُک، ڳجهو.

رقهسائي: خوش ڪري، آنند ۾ آڻي. ڏسو "رهس".

سانتِ: شانتي، ماٺ، چُپ، سڪون، دل جو آرام.
سانت سالي: سانت وارا، چپ رهندڙ.
سانجهو: سچار.
سانگو: خيال، لحاظ.
سانوڻُ: هندن جو پنجون مهينو (جنهن ۾ پاٽيءَ جو سخت چاڙهه هوندو آهي.)
ساوڌانُ: خبردار، هوشيار، سجاڳ.
ساهُرا: سس سهري جو گهر.
ساهمي: تارازي.
ساءُ: سواد، مزو، لذت.
سايو: پاڇو، بچاءُ.
سبَدُ: شبد، آواز، گيت، ڀڄن.
سَبيلَ: تمام گهڻو، جهجهو، جام.
سَبَلُ: سَبَرَ، سبِرَ، طاقتور، ٻلوان.
سَبَنگُ: ڏسو "سَربنگ".
سُپُ: سٺو، ڀلو، سدورو، سگورو؛
سُڀاءُ: مزاج، عادت، فطرت.
سُڀاوَڪ: سڀاويڪ، فطري طرح، لازمي. ڏسو "سڀارو".
سُڀَٽُ: بهادر، سڀاٽو.
سُڀُرُ: اوجل، صاف، چڱي طرح، ڀريل، ڀرپور.
سَتُ: سچ، عصمت، پاڪدامني، لَڄ.
سَتا: آتمتا، ٻل، شڪتي، طاقت.
سَت رَڇِي: ڪاڏي جا (مختلف قسم جا) ست ٿانءَ، ڀوڙ پلاءُ،
سَتِسنگُ: عمدو طعام. ڏسو "رڇ". سٺي سنگت، ڀلن ماڻهن جي صحبت.
سَتگُرُ: پورن گرو، ڪامل مرشد.
سُتُهَر: پاٽمرادو، پاڻهي، سڀاويڪ.
سَتي: مرد جي فرمانبردار عورت، اها عورت يا زال جيڪا پنهنجي مڙس جي لاش سان گڏ چڪيا تي چڙهي.
سَٽ: ڏسو "سارٽ".
سَپُ: نانگ.
سَپُ: ڇهڻ. ڏسو "پارس".
سِپُ: سپي، ڪوڏ، ڪَرڪٽي جو قسم.
سَپاڙي: پاڙ سوڌو، پاڙون، بنياد ڪان، چوئي ڪان.
سَپَتَ: قسم.
سُپَت: سچائي، ايمانداري.
سُپرين: محبوب.
سپن: سپنو، خواب.
سُپنو: ڏسو "سپن".
سُپيدُ: سفيد، اڇو، صاف، نرمل
سَجا: سزا، سيڪت.
سَجاتي: هڪ جاءِ (ذات) وارا ساڳئي ڪٽنب وارا.
سجاڪا: سجاڳ، بيدار، هوشيار

سياهُ: ڪارو. ضد "سفيد".

سياهي: مَسِ. ڏسو "سياه".

سيبڻ: وڻڻ، جڳائڻ، پسند پوڻ، سهائڻ.

سيتَ: ٿڌ، سردي.

سيتَلُ: ٿڌو، خوش، سکي.

سيتا: شري رامچندي جي ڌرم پتي.

سيرَ: تيز ۽ اونهو وهڪرو، گيان رُوپي وهڪرو.

سيرُ: رستو.

سيسُ: شيش نانگ، جنهن کي نانگن ۽ پاتال لوڪ جو راجا چوندا آهن.

سيباڪُ: باقي، بچيل وستو.

سيگهہ: جلدي، ترت، سگهو.

سيلُ: پاڀرو ڪندو، رَسي.

سَيلُ: شيلُ، سَيرُ هوا خوري.

سيلُ: سُتو گڻ، نيڪ اخلاق، خصلت، سچائي، سُپتيائي.

سَيلاني: سير ڪندڙ، گهمندڙ، رمتو.

سيلي: مٿي تي يا ٽوپيءَ جي چوڌاري ڌوري يا پٽي جيڪا فقير ويڙهيندا آهن.

سَيلي: سير ڪندڙ. ڏسو "سيلاني".

سينڌُو: سينڌو لوڻ، لوڻ جو ڳنڍيو.

سينگارُ: سجاوٽ، ناهہ نوهہ.

سيوڙا: جَين ڌرم جو فقير.

سيوَڪُ: شيوڪ، ٽهليو، چاڪر، نوڪر.

## ش

شاستَرُ: ڪنهن ديوتا يا مُني (رِشيءَ) جو ناهيل ڪتاب - پستڪ.

شاڪرُ: سنتوشي، شڪر ڪندڙ.

شاهُ: وڏو، بادشاهہ، مالڪ، آقا.

شَبدُ: آواز، ٻول، وچن.

شُبُ: سٺو، ڀلو. ڏسو "سُبِ".

شُڌُ: پاڪ، صاف، اُوجل.

شَرڌا: ڏسو "سرڌا".

شَريڪُ: مٽ، مائٽ، رفيق.

شڪت: شڪتي، طاقت، مايا.

شَنڪا: شڪ، ڀؤ.

شِوُ: مهاديوُ، ايشور.

شوڪَ: ڏسو "سوگ".

شَهہ: شاهہ، وڏو، پتار، پٽي، مڙس.

شَهہ رڳَ: وڏي رڳ، شريان، حبل الوَريد.

شَهيدُ: خدا جي راهہ ۾ بي گناهہ قتل ٿيل.

شيشُ: باقي ڏسو "سيسُ".

شَيلُ: ڏسو "سَيل".

شيوَڪُ: ڏسو "سيوڪ".

## ص

صَبوري: صبر، تحمل، تامَرِ.
صِدقُ: سچائي، خلوص، وشواس.
صَرّافُ: سون، چاندي، رپئي کي پرکڻ وارو، مرشد.
صَرفو: ڪفايت شعاري، خرچ ۾ ڪمي ڪرڻ.

## ض

ضابِطُ: سوگهو جهليندڙ، موت جو ملائڪ.

## ط

طالعُ مَندُ: ڀاڳ ڀريو، خوش نصيب، سڀاڳو.
طالعُ وَندُ: نصيب وارو.
طَلاقَ: ترڪ، ڪنهن کان آزاد ٿيڻ.
طَمَعِ: لالچ.
طَوقُ: ڳٽ.

## ع

عاجِزُ: (عاجز) بيوس، لاچار.
عالَمُ: جهانَ، سنسار، مخلوقات.
عَجائبُ: حيرت انگيز، عجيب.
عَدالَتَ: عدل، نياءُ، انصاف جي جاء
عَرِسُ: محبوب.
عَرِشُ: اها جاءِ جيڪا نائين عرش ڪان مٿي آهي (جتي خ جو تخت آهي.)
عَمَلُ: ڪم، اثر، جادو.
عَهَدُ: انجام، وعدو، ٻول، سخن.
عَينُ: نيڪ، پورو، صفا، صاف اڪِ.

## غ

غارُ: گم، غرق، تباهه.
غُبارُ: ڌنڌ، لٽاڙ، اونداهه.
غرقي: غرق ٿيل، ٻڏل، گم ٿ
غَفا: گُفا، چَرِ.
غلطانُ: خيال ۾ غرق، ٻڏل.
غوطو: ٽٻي، پاڻيءَ ۾ اندر وڃ
غَيبي: ڏسو ”ازغيبي“.
غَيرَتَ: شڪ، گمانَ.

## ف

فارَقُ: آزاد، واندو.
فارِقُ: فرق ڪرڻ وارو، پير سڄاڻ
فاضِلُ: عالم، هوشيار، وِدوان

ڪَرَتَوُ: فرض. ڏسو ”ڪرتب“.
ڪرِپا: ٻاجھه، دَيا، رحم.
ڪرِپَڻُ: ڪنجوس، بخيل، شوم.
ڪَرَڙو: پوائتو، سخت.
ڪَرَلُ: آواز.
ڪُرلائِڻُ: اوسارڻ، آلاپڻ، دانهون ڪرڻ.
ڪرمُ: مذهبي رسم، ڪم، اعمال.
ڪرم وڏي = ڀاڳ واري.
ڪَرَنيجو: هٿ جو نيزو.
ڪَرُنا: ٻاجھه، ديا، ڪَهل، رحم.
ڪرودُ: غصو، ناراضپو.
ڪَرُورُ: } ڀيانڪ، خوفناڪ.
ڪَروڙُ: }
ڪرِيا: ڪم، مذهبي رسم (هندو ڌرم جي)، فرض، ريت، رسم.
ڪريانِڌِ: مهروان، مهربان، ڪرپا جو خزانو.
ڪُريت: بڇڙي، خراب رسم، ڪُپَر.
ڪَسُ: ڪَٽ، زنگ، سياهي.
ڪَسَبُ: ڏندو.
ڪُسَت: خرابي.
ڪُسَنگُ: خراب سنگت. ڏسو ”سنگ“.
ڪَسوٽِي: سون کي پرکڻ جو پٿر، آزمائش.
ڪَسيو: ڪشيو، تيار ڪيو.
ڪَشَٽُ: تڪليف.

ڪَشي: چڪي. ڏسو ”ڪسيو“.
ڪَلَ: رمز، حڪمت. ڏسو ”ڪلا“.
ڪُلُ: ڪَرُ، ڪُٽنب، خاندان.
ڪَلا: هنر، گُن، گڻ، روشني، جوت، رمز، حڪمت.
ڪَلالُ: شراب وڪڻڻ - پيارڻ وارو.
ڪَلپُ: سنسو، ڀرم، ڀيائي.
ڪَلپِت: ڪُوڙو، جُڙتو.
ڪَلَپنا: من گهڙت ڳالھه، ڦرٽو.
ڪَلجُگُ: چوٿون جڳ. ڏسو ”جُڳ“.
ڪُلَڇڻُ: خراب عادت.
ڪَلَرُ: لوڻاٺيل زمين، زمين جو مٿيون ڪارو تهه.
ڪَلڪائڻ: تکو ڪرڻ، لائڻ.
ڪَلڪَل: ڪِرِ ڪِرِ رِنجھه ڪنجھه.
ڪَلَنڪُ: داغ، چٽو، نشان.
ڪَلورُ: ظلم، ڏاڍ، قهر.
ڪَلولَ: موج، خوشي.
ڪَلَهَ: وِواڌ، جهيڙو، لڙائي، گهيي.
ڪلي: ڪُنجي، چاٻي.
ڪَلِي: ڪل ئي، سڀ ئي، سموري.
ڪَلِيانُ: سک، هڪ راڳڻي جو نالو، سوڀ، ڀلو.
ڪَليجو: جيرو.
ڪَليسُ: ڏک، جهيڙو.
ڪمانو: ڪمانَ، سگَ.

مُريدُ: چيلو، ارادو رکندڙ.

مَڙُ: مَڙهه، مردو، لاش.

مَڙهي: جوڳين جي رهڻ جي جهوپڙي، ديهي، سرير، جسم.

مَنزَل: جاءِ، مکان.

مزور: ڏسو ”مجور“.

مزڏڪ: (اشارو مزدڪ ڏانهن) بي پرواهه.

مسُ: ڪٽڪ، جوَن، مَترن، چٽن وغيره جي گڏيل روٽي جنهن ۾ سڀ سواد هجن، گڏيل ڏاتو، ناپاڪ.

مَسانڻ: مڙدن، ساڙڻ جي جاءِ.

مُسڻ: تڪليف ۾ اچڻ.

مَستَڪ: مٿو، سِرَ.

مَسڪُولُ: مشغول، مصروف، رڌل.

مُسڪلو: ڪٽ صاف ڪرڻ جو اوزار.

مَسيت: ڏسو ”مِهجد“.

مِسيو تَسيو: الوٽو سلوٽو. ڏسو ”مِس“.

مَشال: (مشعل) ڏياٽي، شمع، بتي.

مُشاهدو: ديدار.

مُشتاق: شوق وارو، چاهڪ، پريمي.

مَشعال: ڏياٽي، شمع، بتي.

مَطلُوبُ: مقصد، مطلب.

مَعَلُمُ: معلوم، چاتل.

مَعمُورُ: آباد، پريل، جَڙيل.

مُڪتِي: رهائي، ڇوٽڪارو، نجات.

مَڪرَ: ٺڳي، دولاب.

مَڪو: مکو معظم (مسلمانن جو پاڪ شهر.)

مُڪَ: واتَ، مَنهن.

مَڪَڻُ: ڦٽي.

مُڪي: وڏو، پرڌان، پريو مڙس.

مَگَنُ: خوش، نشي ۾ چور، خماريل.

مَگهن: مست، نهال، خوش. ڏسو ”مگن“.

مَگٽهار: منگتو، سوالي، هڪ ذات.

مَلُ: بهادر، مَلهه.

مَلُ: مَرَ، مير، گَندَ.

مُلُ: وٽ، ويجهو، ساڻ.

مُلاجو: (ملاحظو) ڏسڻ.

مَلاحُ: ناکئو، ڪشتيبان.

مَلارُ: هڪ راڳڻي (جيڪا برسات ۾ ڳائيندا آهن.) ميگهه ملار.

پورب ديس ملار جو = اصل ديس خوشيءَ جو.

ديس ملار = برساتي ديس، جتي سدائين برساتي پوند ڪري ٿي، دَسوون ڏروار، سَهَسرچَڪر.

مَلَنگُ: مست. فقير جو هڪ قسم.

مَلمُ: مرهم، علاج.

مَمتا: دنيا جو پيار، موهه، وڏائي، پاٽپٽو.
مُموڪُ: مڪتي (ڇوٽڪاري) جو خواهان، آزاد، سنسار کان ڇٽل.
مَلينُ: گندو، ميرو، پليدُ.
مُنِ: مُني. ڏسو "مُني".
من منسا: پڏي.
منانهن: مَنعَ، روڪ، جهل.
مُنائِـڻُ: ڪوڙائڻ، وار لهرائڻ.
مَنَتُرُ: منڊ، ٽوٽو، ڦيٽو.
منتَ: ايلاز، عاجزي.
مَنحُوسُ: بدنصيب، نياڳو.
مُندرا: جوڳين جي ڪنن جا والا.
مَندو: ڍلو، ڍرو، خراب، بُرو، بدنيت.
مُنڌَ: عورت.
مَندانُ: ماندان، تڪساٽ، تاهه نوهه، ڏيکاءُ.
مَندنُ: تاهڻ. ڏسو "مندانُ".
مَنسا: (منشا) پڏي، اِڇا، خواهش، مرضي.
مَنصَبِي: جمع "مناصب"، نَصبَ = ڪڙو، سڌو ڪرڻ "جي" نسبت جي)، ممتاز درجي وارو، اعليٰ عهدي وارو، حاڪمي، حڪومت بادشاهي، صاحبي.
مَنگڻُ: گهرڻ، طلب ڪرڻ.
مَنگهر: هندن جي هڪ مهيني جو نالو.
مَنگهنُ: خوش، آنندي، ڏسو "مگن".
مَنمُکُ: جنهن جو مَنَ مُک ڏانهن هجي، ظاهر بين، زماني جو ماڻهو.
مَنَنُ: خودي، منهنجائيءَ جي ڪلپنا، سوچن - دليلن سان، اَنومانُ ڪيڻ.
مَنَنُ: مَڃڻ.
مَنوت: مَنهنجائي سمجهڻ، مَنَ جو ڦرڻو، ڌن دولت وغيره کي پنهنجو سمجهڻ، مَن جو چيو، مَنوتي.
مَنَهِي: پَنگي، جهوپڙي.
مُنِي: رِشي، تپشي، گياني، بزرگ، سَنتَ.
مَڻِ: قيمتي پٿر، جيڪو نانگ جي مٿي ۾ سمجهيو وڃي ٿو، جوت، روشني.
مَٽِي: مٿيو، زيور.
مَواسُ: مغرور، متڪبر، مست، مگنَ، بي پرواهه.
موٽناجي: غريبي، مفلسي، ڪاڻ.
موٿو: ٿلهو، ڀاري، سٿولَ، سوڪو.
مُوڍَ: موڙهل، بيوقوف، مورک.
مورُ: پنهنجي انهيءَ نالي جو مشهور پکي.
مُورکُ: احمق، بيوقوف.

موڙُ: چوٽي.
موڙُ: موڙو، نخرو، لچڪ، لاڙو، رمز.
مُوڙهو: موڙهل. ڏسو "مُوڙ".
موڪَ: چوٽڪارو، نجات، جهجهو، گهڻو، جام.
موڪُ: چوٽڪارو، نجات.
مولُ: قيمت، بَها، آگهہ.
مُولُ: جڙ، بنياد، اصل.
مولو: ميلو، ڳانڍاپو، ميلاپ.
موليا: هريا، ساوا، سرسبز، تازا.
مونَ: ماٺ، چُپ، خاموشي.
مُنڍيڪا: اصل جو.
موهُ: پيار، چٽَ.
موهَتُ: موهيل، موهي وڌل، چريو، مست.
موهَنُ: موهيندڙ، پيارو، محبوب.
موهڻي: موهيندڙ، پياري.
مَهاجَنُ: قابل تعريف ماڻهو.
مُهاڙِي: مُنهن، اڳ، مُهڙ، اڳيون حصو، وڏو.
مَهانگو: وڏي اگهہ وارو، گران. ضد "سهانگو".
مَهتاري: ماءُ.
مَهتامرُ: پنڪو، ڏڪ.
مَهتو: چڱو، پلو مرس، پل مانس.
مَهَدِجَنِ: ست، مهاپرش، ڏسو "هاجن".

مَهَراجُ: عزت ڏيڻ لاءِ "گرن" ڪ هندن جو خطاب.
مهرانُ: مها ساگر، وڏو سمنڊ.
مَهِما: جلال، بزرگي، عظمت مرتبو، شانَ.
مَهَنتُ: ساڌو، مَڙهيءَ جو وڏ جوڳي. ڏسو "مهتو".
مَهميزانُ: سزا، مار، چونگون، سختيون
مَهيشُ: شِوشنڪَر، وڏو ديوتا.
مَئِن/ مَئِہ: خودي، وڏائي، هٺ تڪبر، آپو.
مئميرو: دنيوي مستي، وڏائي هٺ، تڪبر.
ميا: رحم، ديا، ڪرپا.
ميتُ: دوست، پيارو، عزت، مائٽ
ميرُ: ميل. ڏسو "سَمير".
مَيخانو: ڪلال، شراب خانو مرشد جو اوطارو.
ميسارڻ: صاف ڪرڻ.
ميگهہ: بادل، ڪڪر.
ميلو: گندگي، خواري، خرابي، بدنامي
مِينُ: مڇي، هڪ بُرج جو نالو (جنه کي عربيءَ ۾ "حُوت" چون.)
ميندي: حِنا، ٻُوٽي جو قسم جنهن جي پنن ۾ رنگ ٿئي ٿو.
مينگهہ: ڏسو "ميگهہ".
مِينُ تہ ميڪُ: بنان شڪ، شڪ نہ شبهو.

آچل، اِستر.

نشچو: يقين، اعتبار، ڀروسو.

نِسَنگ: بي ڊپو، نڙيو، بي پرواھ.

نَسَڻُ: ناس ٿيڻ، ڀري ٿيڻ، ڀڄڻ.

نِشنِي: پڪو اعتقاد رکندڙ، پڪو يقين رکندڙ.

نشيدُ: بنان روڪَ ٽوڪَ.

نُڪتو: باريڪ سخن، ڳجھہ.

نُقطو: نشان، ٽِڪو.

نکيدُ: دکن ۽ دردن کان آجو.

نگرُ: شهر.

نلو: رڳو، فقط، محض، صرف.

نماٿو: ايمان رهت، بي وڏائي.

نَمکَ: ذري ماتر، ذرو، ڪڻ.

نَندا: گلا، شڪايت.

نواجا: نوازيا، ڪِرپا ڪئي.

نِوارڻُ: روڪڻ، هٽائڻ.

نِواسُ: واسو، بيٺڪ، جاءِ.

نَوبَتَ: نغارا.

نُورمَحل: اهو محل جنهن ۾ نُور ئي نور هجي، صاف ۽ اوجل دل.

نِهالُ: خوش، پرسن.

نِهائڻُ: وهنجڻ. ڏسو ”نائڻ“.

نِهچَلُ: آچَلَ، اِستِرَ، محڪم.

نِهچو: وشواس، خاطري، ڏسو ”نشچو“.

نِهسوکَ: شوڪ بنا، بي غم.

نِهڪامُ: ڪامنا يا خواهش کان ڇٽل، بي خواهش.

نِهَڪَپَٽُ: ڇَلَ بنان، سچيءَ دل وارو، سچو.

نِهَڪَمُ: اڪرما، ڪرم نہ ڪندڙ، ڪرم (فرض وغيره) پورا ڪري پر ڦل جي اِڇا (خواهش) نہ رکي.

نِهَنگُ: بي پرواھ، لاغرض، اڪيلو، الڳ.

نِهوڙَڻُ: مارڻ، ناس ڪرڻ.

نئنَ: ڏسو ”نينَ“.

نيارو: نرالو، الڳ، جدا، علحدو.

نيانُ: حوض، تلاءُ.

نِياءُ: نيت، ڌرم، ويچار، انصاف.

نِيتَ: سُئي هلت.

نِيتَ: جنهن جو پارَ ڪونهي، اَنَنتَ، پرميشور جو گڻ.

نِيتَ: ڀاڳ، قسمت.

نِيچُ: ڪميڻو، گهٽ، ادني.

نيرُ: پاڻي.

نيڙي: ويجهو، نزديڪ.

نيزو: ڀالو.

نشانو: نشان، هدف.

نيمُ: ريت، وهنوار، ڌرم جو ڪم.

نَينَ: نيڻ، اکيون.

نيوَ: بنياد، جڙ.

هندورو: پينگهو، ڏولي.
هُنڊِي: ناڻي جي چٺي، جنهن جي ڏيکارڻ ۽ ڏيڻ تي پيسا ملن.
هَنسُ: هنجھ پکي.
هَنڪَرَڻُ: غرور. ڏسو "اهنڪار".
هَنَمَئُن: آپو، خودي.
هوري: هولي، هندن جو وڏو ڏڻ.
هولِي: ڏسو "هوري".
هومر: هوَن يا يگيہ، ويد جي منترن سان ديوتائن کي بَلِ (قرباني) ڏيڻ لاءِ گيھ وغيره کي باھ ۾ وجھڻ.

هَيا: چنبَ يا تنبيهہ جو لفظ يعني "هئ! هوا! اوا!!".
هَيبَتَ: دهشت، خوف.
هيتُ: پيار، پريم. ڏسو "هت".
هيرَ: ڏسو "رانجهو".
هيرو: هڪ قيمتي پٿر.
هيڪاند: ملاقات.
هيڪلو: اڪيلو، هڪ ڇٽو، ڇڙو.

## ي

يوڌو: جَڌ کندڙ، پهلوان، بهادر.
يوگُ: ڌيان، ميلَ، ميلاپ.